ڪُليانِ احمد

(پاڱو پهريون)

مولوي احمد ملاح رح

تحقيق ۽ ترتيب

پروفيسر ضرار رُستماڻي

روشني

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ڪُلياتِ احمد

(پاڳو پھريون)

مولوي احمد ملاح رح

تحقيق ۽ ترتيب

پروفيسر ضرار رُستماڻي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2019ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No.765

ڪتاب جو نالو: ڪُلياتِ احمد
(پاڱو پهريون)
شاعر: مولوي احمد ملاح رح
تحقيق ۽ ترتيب: پروفيسر ضرار رُستماڻي
ڪمپوزنگ: مور ساگر جوڻيجو
روشني ڪمپوزرز اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ.
سنواريل ڇاپو ٽيون: © روشني 2019
قيمت:

KULYAT– E–AHMED
Part - 1
Poet ;Molvi Ahmed Mallah (R.A)
Research & Compiled by: Professor Zarar Rustamani
Composed by: Mor Sagar Junejo
Roshni Composer and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad.
Printed by: Fine Communication, Hyderabad.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro,Sindh.
Third Revised Edition©Roshni 2019

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.
پٺاڻي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد+حيدرآباد لا هائوس، سامهون حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ، حيدرآباد
ڪاٺياواڙا اسٽور، اردو بازار، ڪراچي.
حسين عامر نيوزايجنسي،مين بس اسٽاپ، سجاول+لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو
رابيل ڪتاب گهر،لاڙڪاڻو+رهبربڪ اڪيڊمي،رابعه سينٽر،لاڙڪاڻو.
مدني بڪ ڊيپو، لاڙڪاڻو+ نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه + رانوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ
سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو + مهراڻ بُڪ ڊيپو ڪپرو
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ.
العزيز ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ.
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو + مراد بڪ اسٽال، سيوهڻ
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين+ سوجهرو ڪتاب گهر، بدين
ٿر ڪتاب گهر، مٺي + ساگر ڪتاب گهر، مٺي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر
گل ڪتاب گهر، لک در، شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپورميرس
لغاري بڪ ڊيپو ٺري ميرواهه + مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

آئون پنهنجي هن ڪاوش کي
پنهنجي پياري والد **مرحوم علي اڪبر رُستماڻي**
ڏانهن منسوب ڪريان ٿو
جنهن جي بي پناهه محبت ۽ شفقت سان ڏنل تعليم
۽ تربيت سبب ئي هن علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ جي قابل بڻيس.

پروفيسر ضرار رُستماڻي

مولوي احمد ملاح رح جي ڪاتب حافظ نعمت الله هاليپوٽي جا لکيل هٿ اکر

عالم تان اونداهي ويئي جا ٿيو جڏهن مرسل مکي گم پاڻا گمراهي ٿئي آيو جڏهن عربي نبي
ڀاڄ هو لگو ڪفر کي اوجر ملي وا ايمان کي سجدو ٿيو سبحانکي آيو جڏهن عربي نبي
اظهار ٿيو اڳ ڪٿيون سو سونڪر سو ٿيو لٿو ملئو هين هيٺ هٿيون آيو جڏهن عربي نبي
آيو مِنو مرسل ميان قربان قدمن تان ٿيان جنکيا هدايت شاهيا آيو جڏهن عربي نبي
اڳ پڻ اڪابر انبيا پرورڳنا پيدا ڪيا سي سڀ نبي نائب ٿيا آيو جڏهن عربي نبي
اوڦوٽ عالم ڪل ڄماهه قربان قدمن تان وڃا امت ڪهو الکوا ٿيا آيو جڏهن عربي نبي
حور پريون پرهيون ماڻهو ملڪ ڪن شڪر شاد ٿيو هر ملڪ بينا قوهارٻي فلڪ آيو جڏهن عربي نبي
خوشبو ڪٿو رکيو خوبيون جنڪاريا عنبر عطر سيئي لٿا خوف وخطر آيو جڏهن عربي نبي،
هيرن ڪيون هبڪار ٿيو ونتيون گلن ڪمند ٿيو برسيا شهر بازار ٿيو آيو جڏهن عربي نبي
جا جي پلن جي ٻولهب تولڻ ڪيئين ڪوجها لڳب ناتر ٻولڻي هن سبب آيو جڏهن عربي نبي
آجي ڪئي ان ڳالهه ۾ سو ٿيئن سارئي سال ۾ هلڪو رهي هت حال ۾ آيو جڏهن عربي نبي
آتش اجهاڻي پارسي هئي جا اندر ونتا آرسي رحمت خدا هر جا رسي آيو جڏهن عربي نبي
الله جي وائي و ... ويئي هيائي ٿئي بدي سيني سدائين صف بڌي آيو جڏهن عربي نبي،
بيڪار بت هت جا ڳريل جن ۾ هو موتي نڙهيل ٿيا هر طرف ڪان سي تڙيل آيو جڏهن عربي نبي
ابليس اپ ڪان بند ٿيو انتي اماڻ رند ڪيو اي حال تمن هر هند ٿيو آيو جڏهن عربي نبي
چالون ردي جو گرد ٿيو ڪُهندا هوا ڪافر ڏٺو سي بند ٿيون بي درد ٿيو آيو جڏهن عربي نبي
گوڳٽا مخمور تان آجا ٿيا آزار ڪان سرڪا وهن سرڊار سان آيو جڏهن عربي نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

- ﮬﻲ اکر — خالد رُستماڻي — ١٢
- مهاڳ — پروفيسر ضرار رُستماڻي — ١٣
- خاتم الشعراءِ — محمد صديق 'مرهم' ملاح — ٢٣

باب پهريون: حمديه ڪلام

١. سوره فاتحه جو منظوم ترجمون — ٤٣
٢. ناهِ ڏٺيءَ ري ڪا درگاهه — ٤٤
٣. واهه! تنهنجا ڪم ڪمال — ٥٠
٤. قربان قدرت تان ٿيان — ٥٥
٥. تون هڪ، ٻيو نه ڪير — ٦٠
٦. خدا لاشريڪ — ٦٥
٧. الله الله تو ٿئي — ٧٠
٨. لا اله الا الله جي لات — ٧٣
٩. هر مهل جيڪي مڱو — ٧٦
١٠. آڏي، اسر ۾ ڪوٺيونس — ٧٩
١١. پنو جيڪي پنو — ٨٢
١٢. ٻانهان! ٻي در ٻاند مَ ڏار — ٨٦
١٣. نه ڪر وار ويچار، لا تقنطوا — ٩١
١٤. الله پلو يا اي پلا — ٩٥
١٥. لا تقنطوا من رحمة الله — ٩٨
١٦. اپايو پاڻ آهس — ١٠٢

باب ٻيو: نعتيه شاعري

١. بارگاهِ محمد — ١٠٧
٢. عجب شان محمد — ١٠٨
٣. پلا! تون پلين آئين — ١١٠
٤. سيد سردار محمد — ١١١
٥. صلوات برمحمد — ١١٢

٦. يا محمد مصطفيٰ ١١٣
٧. سدا سونهن سلامن هار ١١٤
٨. مٺو نالو محمد ١١٥
٩. اي پيلا آئين پلين ١١٦
١٠. صلوا عليہ وسلموا ١٢٠
١١. صلي الله عليہ ١٢٣
١٢. آيو جڏهن عربي نبي ١٢٦
١٣. سردار آيو منجهہ عرب ١٢٨
١٤. سدا توتي سيد! صلواتون سلام ١٣١
١٥. يا رسول الله رسيج ١٣٤
١٦. مدح خلفاءِ راشدين ١٤٠
١٧. منقبت صحابہ ڪرام ١٤٢

باب ٽيون: مناجاتون

١. ڏيهہ جو ڏاتار تون ١٤٧
٢. منهنجو اجهو تون ١٥٤
٣. مون مٿيءَ جي مٺ مٿي ١٦٦
٤. آئون احمد پانهڙو ١٧٠
٥. لطف مان لاهيان نہ آس ١٧٦
٦. سڻ عرض عالم جا ڌڻي ١٨٠
٧. پاڪ پالڻهار! ڌي ١٨٣
٨. يا الٰہ العالمين ١٨٦
٩. ڪر رحم رب العالمين ١٩٠
١٠. يا الاهي ١٩٤
١١. يا رب! ياري ڪرين ١٩٧
١٢. آئون ظالم زحمتي ٢٠٠
١٣. اي طبيبن جا طبيب ٢٠٤
١٤. امن ۽ ايمان بخش ٢٠٦

باب چوٿون: ٽيهہ اکريون

١. اسرارِ الاهي ٢١١
٢. الله اڪبر چئي اٿي ٢١٩

۳. الله بس، باقي هوس ۲۲۷
۴. هميراڻو حساب ۲۳۴
۵. مارئي ۲۴۲
٦. انت خير الفاتحين ۲۴۷
۷. هندستان ۲۵۴
۸. چار يار ۲٦۰

باب پنجون: چونڊ نظم

۱. مارئي ۲٦۵
۲. سهڻي ۲۷۰
۳. ڪافيون
ڪافي _______ ۱ ۲۷۵
ڪافي _______ ۲ ۲۷٦
ڪافي _______ ۳ ۲۷۷
ڪافي _______ ۴ ۲۷۸
ڪافي _______ ۵ ۲۷۹
ڪافي _______ ٦ ۲۸۰
ڪافي _______ ۷ ۲۸۱
ڪافي _______ ۸ ۲۸۲
ڪافي _______ ۹ ۲۸۳
ڪافي _______ ۱۰ ۲۸۴
ڪافي _______ ۱۱ ۲۸۵
۴. سنڌي سوهڻي ۲۸۷
۵. مهراڻ سنڌ ۲۸۸
٦. هو ڏنئي ۽ هي به ڏس ۲۹۱
۷. وني تپ تپي ۾ تپيدار ڪي ۲۹۳
۸. عزيزو عام جا عيوضي ۳۱۳
۹. جاڳ جاني ۳۱۵
۱۰. پرين پيغام ويا وسري ۳۱۹
۱۱. انسان ٿي رهون ۳۲۰
۱۲. ديک دنيا جي دوست دورنگي ۳۲۲
۱۳. اتفاق ۳۲۵

۱۴. اڄ نہ عالم ۾ ڏسان	۳۲۷
۱۵. مغربي تعليم	۳۳۰
۱۶. تہ ڇڏيو سندم قوم قرآن کي	۳۳۴
۱۷. اڄان ڦيربو ڪيئن فرقان کي	۳۳۹
۱۸. رب جي ڏني مان ڪجھ ڏنئي	۳۴۴
۱۹. اهڙاڻ آيا اوچتا	۳۴۶
۲۰. دنيا درگذر جو ماڳ	۳۴۹
۲۱. ڇڏيو خاڪ ڪائي مڙن جو مٿو	۳۵۳
۲۲. خان سڀ ويا خاڪ تي	۳۵۸
۲۳. گھڙيءَ سان گھڙي يارا! گھٽبي وڃي	۳۶۲
۲۴. ادا! عمر آئي چڙهي ڏسندي ڏسندي	۳۶۴
۲۵. سگھجي سڄاڻي هاڻ ڪيئن	۳۶۸
۲۶. حال ٿيو مون هاڻ هيئن	۳۷۲
۲۷. ايءُ آهِہ ماٿهويا متي	۳۷۶
۲۸. وڳھہ ڪوت	۳۷۸
۲۹. مرڪ ٿورو	۲۸۲
۳۰. عالم سڄو آخر فنا	۳۸۵
۳۱. سرڪار هيڪ	۳۸۹

باب ڇهون: واقعاتي شاعري

ا_ خلافت تحريڪ

(۱) ستا! ڪا سڌ اٿو	۳۹۵
(۲) تڪبير چئو تڪبير چئو	۳۹۷
(۳) وسارڻ ڪين تو سونهي	۳۹۹
(۴) عدالت تي ادا! راهي	۴۰۱
(۵) قابو قدم اسان جا	۴۰۳
(۶) ارمان ترڪيءَ جو	۴۰۵
(۷) اٿئون آس	۴۰۷
(۸) ظلم ۾ زور ٿيا آهن	۴۰۹
(۹) خبر ناهي ڪٿي سرڪار	۴۱۰
(۱۰) ڪلب والا جيلر تي ڇيل	۴۱۲
(۱۱) جي خدا گھريو	۴۱۳

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۲) چرخو ۴۱۴
(۱۳) فالله خير حافظا ۴۱۶
(۱۴) غازي مصطفيٰ پاشا ۴۱۸
(۱۵) ڪمالي مصطفيٰ پاشا ۴۲۱
۲ – آزاديءَ جي تحريڪ
(۱) ادا! گوري جو گولو ٿي ۴۲۳
(۲) انگريز حڪومت ۴۲۴
(۳) ڪوي ٿي بہ ڪڻ ۴۲۶
(۴) يلا! ڪر يلو دين اسلام جو ۴۲۸
۳– سفر حرمين
(۱) ڪير صاحب! توسوا ۴۳۴
(۲) پساءِ پٽ پاڪ پرور ۴۳۶
(۳) چند شعر ۴۳۸
(۴) عارف وري عرفات ۾ ۴۴۰
(۵) هو منارا مير جا ۴۴۲
(۶) اي شاهِ عالم الوداع ۴۴۳
۴_ ڄامشورو پل ۴۴۸
۵_ انحرافي ڪيئن ٿئي ۴۵۰
۶_ سريوال مان من! سري وال ڪو ۴۵۱
۷_ هڪ منٽ ۾ ۴۵۳
۸_ ڏيل ڏڪيو ٿا وڃن ۴۶۰
۹_ مولا! مينهن وساءِ (۱) ۴۶۳
۱۰_ مولا! مينهن وساءِ (۲) ۴۶۶
۱۱_ وڄڙيون وار.واري ٻي ولهار ۴۵۹
۱۲_ مهر ڪر مهراڻ جهل ۴۷۲
۱۳_ يا الاهي! الغياث ۴۷۴
۱۴_ وهہ واهہ جي واهر وري ۴۷۹
۱۵_هرڪو چوي مون کي ملي ۴۸۱
۱۶_لاهور وارن تي سلام ۴۸۳
۱۷_ واهہ ماني مير جي ۴۸۵
۱۸_ تو مٿي ڏمريو ڏسان ٿو ۴۸۹
۱۹_ جيس ڙيٰ منهنجي پيرل جي ۴۹۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۰_ عمر ڪوٽ ۴۹۳
۲۱_ پوپٽي ۴۹۷
۲۲_ واھ ٽيٽو تنھنجي ٽيٽ ۴۹۸
۲۳_ دنگ دنيا جو نہ ڪٽ ۵۰۰
۲۴_ ملان مشرڪ پڪا آيا ۵۰۲
۲۵_ مقالي اياز ۵۰۷
۲۶_ فتح مصنوعي حج لواري
(۱) پر امن ستياگرھ جو سڏ ۵۱۷
(۲) الله اڪبر ٽيو جڏھن ۵۲۰
(۳) حزب الله جو نارو ۵۲۵
(۴) حزب الله جو ھوڪو ۵۲۷
(۵) اسين قربان ڪعبي تان ۵۲۸
(۶) مرڻ منظور مذھب تان ۵۲۹
(۷) سرفروش سنيوڙا سويل ھيل ۵۳۰
(۸) سرگھور ۵۳۱
(۹) تہ موٽو پوئتي موٽو ۵۳۲
(۱۰) لواريءَ سندا لال! ور پوئتي ۵۳۵
(۱۱) جيئي جيڪو مري جاٽي ۵۳۷
(۱۲) پر ڳالھ توسان ٿو ڪريان ۵۳۹
(۱۳) چوھا خان ڪي چئجو ۵۴۱
(۱۴) مرحبا اي مسلمانو! آفرين ۵۴۴
(۱۵) صد مبارڪ ۵۴۵
(۱۶) ھت اچي ۵۴۶
(۱۷) اھو ٿو وڃي ۵۴۸
(۱۸) صحيح وارن جو سائو منھن ۵۵۱

باب ستون: متفرقات

۱. منظوم سوانح حيات مولوي احمد ملاح رحہ ۵۵۹
۲. آيت الڪرسيءَ جو منظوم ترجمون ۵۶۲
۳. التحيات جو منظوم ترجمون ۵۶۳
۴. درود شريف جو منظوم ترجمون ۵۶۴
۵. دعاءِ قنوت جو منظوم ترجمون ۵۶۵

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦. سيدالاستغفارجو منظوم ترجمون	٥٦٦
٧. نماز	٥٦٨
٨. مبارڪ ماهِ رمضان	٥٧٠
٩. روزيدارا! جاڳو	٥٧٣
١٠. ٿو سخي آن ڪي سڏي	٥٧٦
١١. نور ايمان	٥٧٨
١٢. ڪجاڙي لئي ڪيان ڪاسا ٻين جا	٥٨٢
١٣. سئو سڄي ۾ سئو ڪچي	٥٨٣
١٤. مولوي عبدالرحيم پچميءَ بابت	٦٠٠
١٥. ملڪ واليءَ ڏي ورو	٦٠٣
١٦. خلافت ملي خاص انسان کي	٦٠٥
١٧. ڇا تو نہ سئو	٦٠٨
١٨. تہ ايءَ ڪرٽي خدا جي اي ادا	٦١٥
١٩. تو ڏنو يا ڪنهن ڏنو	٦١٦
٢٠. ڇئو تہ پوندس ڇهنڊڙي	٦١٨
٢١. ڇئو تہ ڪانيءَ مان ڪين	٦٢٠
٢٢. سدا راضي رهي رحمان	٦٢٣
٢٣. مَر تي دلگير اي دلڙي	٦٢٥
٢٤. ڪير، ڪنهن ملهہ مٿي	٦٢٨
٢٥. سڳورو صفا ڏينهن سومار جو	٦٣٠
٢٦. ٽپائي ڇڏيائون مٿن جا مقام	٦٣٥
٢٧. اڄ سني ڪنهن کي سڏين	٦٣٢
٢٨. هيءُ ڪِ حج ناهي تہ ڇا	٦٥٢
٢٩. واصل وصالي ٽا وڃون	٦٥٣
٣٠. هيءُ ڪراچي، هو ڪلفٽن	٦٥٨
٣١. دين اسلام ڏس	٦٦٠
٣٢. ڳوٺ ونهيان! ڳالهہ سيان	٦٦٢
٣٣. پر نہ گهرجي گام ۾	٦٦٦
٣٤. سجاول جي سوغات	٦٧٠
٣٥. ساري سدا ساراهيان	٦٧٣
٣٦. حمد هر هر ڪيترا	٦٧٨
٣٧. واحد ڏٺي وهاب کي	٦٨٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورائتو

الله پاڪ جا اسان عاصين تي وڏا وڙ آهن جو هن اسان کي مولوي احمد ملاح رح جهڙي عظيم شخصيت جي شاعريءَ کي سهيڙڻ جي توفيق بخشي. هن ڪلام کي گڏ ڪرڻ ۽ ان ڪان پوءِ ان تي تحقيق ڪرڻ ۾ اسان جي ياءُ پروفيسر ضرار رُستماڻيءَ کي ٽيهن سالن ڪان بہ وڌيڪ عرصو لڳو آهي. انهيءَ دوران هو رات ڏينهن هڪ ڪري ڪيترن ئي عالمن ۽ لغت جي ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪندو رهيو آهي. هن کي ننڍپڻ کان ئي مولوي صاحب جي شاعريءَ سان جنون جي حد تائين لڳاءُ رهيو آهي ۽ اهو عشق ان مقام تي وڃي پهتو جو هو اٿندي وهندي، سفر ۽ حضر، هر محفل ۽ مجلس ۾ مولوي صاحب جي ڪلام کي پرسوز انداز ۾ ٻڌندڙن جي آڏو پيش ڪندو رهيو آهي. سندس هيءَ ڪيترن ئي سالن تي محيط محنت ۽ جاکوڙ اڄ توهان صاحبن جي سامهون ”ڪُلياتِ احمد“ جي صورت ۾ موجود آهي.

آئون انتهائي ٿورائتو آهيان، مولانا عبدالرحمان جمالي، سائين محمد صديق ’مرهم‘، سائين عبدالغفور احمداڻي، دوست محمد مگريو، سائين عبدالحفيظ احمداڻي، پروفيسرمحمد خان ابڙو، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ڪي.ٽي.اين جي رپورٽر فيض کوسو ۽ ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيي صاحب جو جيڪي هن مشڪل ۽ عظيم ڪم جي سرانجام ڏيڻ ۾ اسان جا ٻانهن ٻيلي رهيا آهن ۽ هر وقت رهنمائي پڻ ڪندا رهيا آهن. الله تعاليٰ شال هن ڪاوش کي قبوليت عطا فرمائي. آمين!

خالد رُستماڻي

چيئرمين

رُستماڻي ايجوڪيشنل سوسائٽي

ٽنڊو باگو ضلع بدين.

مهاڳ

خَلق ۾ خالِق ڪِيوئي، خاتمُ الشُعراءِ خاص،
هاڻ 'احمد!' آخرت سين، سِنڌ مَٿي سالار هُج.

صاحبِ نورالقرآن مولوي احمد ملاح رح جو مٿيون شعر جنهن ۾ خاتم الشعراءِ هجڻ جي دعويٰ، جنهن جو مطلب هيءُ ته شاعريءَ جو باب مولوي صاحب تي ختم آهي. هر خاص و عام لاءِ دعوتِ فڪر ته سندس ڪلام جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪجي ۽ منجهس صنفن، صنعتن، تجنيسن، تشبيهن، استعارن ۽ ٻين غير معمولي شاعرانه خوبين جو استعمال، جيڪو ڪيس سنڌي زبان جي شاعرن ته ٺهيو پر دنيا جي ٻين ٻولين جي شاعريءَ کان به امتيازي حيثيت ڏئي ٿو جو مڪمل جائزو ورتو وڃي جنهن تي هن قادر الڪلام شاعر جي دعويٰ جو مدار آهي.

شاگرديءَ واري دور کان وٺي هن وقت تائين مولوي صاحب جي شعر جو مطالعو جاري آهي ۽ اها ڪِرت هاڻ شوق، ذوق ۽ اُنس جون حدون اورانگهي عشق جي ڏاڪي تي پهچي چُڪي آهي. شب و روز شغل، نت نيون محفلون، قربائتيون ڪچهريون، رس رهاڻيون، برهه باتيون ۽ بيت بازيون، رڻن، ٽرن، برن، جرن، جهنگن، ڊورن، ڊنڊين، اڱڻن ۽ ايوانن ۾ قائم ۽ دائم رهنديون اچن، جنهن سان دل جي بي قراري برقراريءَ ۾ بدلجي ٿي ۽ روح کي راحت ملي ويندي آهي.

واهه 'احمد!' آفرين! شاباس تُنهنجي شِعر کي،
گُل قَرِين جُون ڪچهريون، ڪُل قَواليءَ لاءِ وَجهه.

واقعي شاعري ته مولوي صاحب اڳيان سندس ڄاتيءَ جي حيثيت رکي ٿي. ڪيس مٿان ايترو ته ملڪو ۽ قدرت حاصل آهي جو سندس شعر پڙهڻ سان ان جي تخيل تائين پهچڻ کان اڳي ئي سندس لفظن جي اڏرندڙ جهار، تجنيس حرفيءَ جي طوفاني رواني ۽ رشڪ آور اندازِ بيان ۾ انساني عقل جا تار اٽڪي پون ٿا ۽ هڪ سحر ۽ وجد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفيت طاري ٿيو وڃي ٿي، جنهن ۾ روح مدهوش ٿي ڪجهه گهڙين لاءِ هن عالمِ شهادت مان نڪري عالمِ ملڪوت جو سير ڪرڻ لڳي ٿو ۽ هڪ اهڙي مناس جو احساس ٿئي ٿو جنهن جو مثال هن دورنگي دنيا ۾ ملڻ محال آهي. بلڪل ايئن جيئن ملاح صاحب فرمايو:

ميٺ ڳالهين مُحب جي جو، مُون نہ ماٺيو ڪِنهن مَڪان،
ڪالهه اِن ڪم لئي وَريَس، خود حَوضِ ڪوثر ڪان لڳي.

روپا ماڙيءَ کان ميل بہ اوپر طرف رڻ ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو نالي ’ڪندو‘ جتي مولوي صاحب جي ولادت ٿي ۽ ڏکڻ ۾ واڪا ڪندڙ سُڃ ۽ رُڃ جا پوائتا منظر ڏسي انتهائي حيرت ٿئي ٿي تہ اهڙين اٿاهه اونداهين مان احمد ملاح صاحب جهڙي عظيم شخصيت جو علم و دانش جي آسمان تي هڪ تڙڪائو سج جيان ايرڻ هن سنڌي قوم مٿان رب پاڪ جو هڪ بي بها احسان آهي جيڪو ڳائڻ سان بہ ڳائي نٿو سگهجي، پل ڪٽي اسان کي جيئڻ لاءِ ڪيترائي جُڳ چو نہ جُڙن. بقول مولوي صاحب:

هِن هَزاري حُسن تان، صَدقي حَياتيون صَد هَزار،
هِڪ حَياتي هِت نہ ٿيندِي، حَق اَدائيءَ جو سَبب.

قرآن پاڪ جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمون هڪ عظيم الشان شاهڪار نانگيي ملاح جي سپوٽ فرزند مولوي احمد ملاح جو هڪ اهڙو بين الاقوامي ڪارنامون آهي جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان وڏن وڏن ڏات ڌڻين جون اکيون بہ ڪيريون ٿيو پون ۽ انهن جي عقل جا طوطا اڏامي وڃن ٿا. ڇا عربي زبان جي وسعت، ڇا ڪلام خداونديءَ جو جلال ۽ ڇا وري مولوي صاحب جو آياتِ الاهيءَ کي اشعار سان نيٺ سنڌيءَ ۾ سمائڻ ۽ ادا ڪرڻ. ڪيئن چئجي تہ اهو انساني ڪسب ۽ ذهني ڪوشش جو نتيجو آهي يا الله تعاليٰ جي طرف کان ڏات جي اترندڙ اوت. ڪجهه بہ ڪٿي چئجي پر اهو درخشان باب اسان سنڌ واسين لاءِ قدرت جي اها خاص عطا آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ کي سموري عالم جي افق مٿان هڪ سهڻي سانوڻي انڊلٺ جيان جرڪائي ڇڏيو آهي. مولوي صاحب جي هن شهه پاري جي اڳيان سچ تہ فردوسيءَ جو شاهه نامون ۽ مُلا فيضيءَ جو بغير نقطن وارو قرآن جو تفسير بہ شهه مات ڪائيندي نظر اچن ٿا.

اَحد جِي اِمداد سان، ’احمد‘ ڪهيو ڪو جو ڪلام،
شِعر ڏِسندي شَرط سو، شاباس شِيرازي ڪَئي.

مولوي صاحب جي شاعري ڪيترن صنفن ۽ صنعتن تي مشتمل آهي ان جو اندازو هڪ قاري پوري ڪُليات پڙهڻ کان پوءِ ئي ڪري سگهي ٿو. غزليات ۾ خاص طور تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڪٿي گهاڙيٽي ۾ تاجي پيٽي جو اهڙو استعمال ملي ٿو جنهن لاءِ صنعتن ۽ تجنيسن جا نالا اسان کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ ۽ ڪنهن شاعر جي ڪلام ۾ نظر نٿا اچن. اهڙي نئين رنگيءَ جو موجد مولوي صاحب پاڻ آهي يا دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب ۾ بہ اهڙا مثال موجود آهن ان لاءِ حتمي فيصلو علم معاني ۽ علم بديع جا ماهر ئي ڏيئي سگهن ٿا. هن مختصر مهاڳ ۾ اهڙن شعرن جا حوالا مضمون جي طوالت سببان ڇڏيا وڃن ٿا ۽ هيءَ ڪُليات پڙهندڙن جي نذر ڪيو وڃي ٿو تہ هو پاڻ ڪوشش وٺي ان ڏس ۾ اسان جي رهنمائي فرمائين.

نہ عاشِق ٻِئي مَٿي 'احمد' اکيون عالَمَ وِچان تو ۾،
مِٺا! ماڻهن ڪيَس مَشهُور، ڪُجهہ مَشهُور تُون پڻ ڪر.

مولوي صاحب جي شاعري الله تعاليٰ جي حمد و ثنا، مصطفيٰ محبوب جي مدح، مناجاتي گريہ و زاري، دنيا ۽ دهر جي بي دوامي، فطرت جي منظر نگاري، جمالياتي ذوق، انساني احساسن، آفاقي قدرن، حب الوطنيءَ جي جذبن، ثقافتي سرهاڻ، جهادي شعلن، سامراج جي مذمت، انقلابي سياست، ڪيپيٽل ۽ اشتراڪي نظام کي منهن ٽوڙ جواب، بدعت جي بيخ پٽڻ، وڏيرا شاهيءَ سان ويڙهہ، نجس نظريات جو رد، ٻُجي تي ٻچ، مچ تي رچ رندڻ، ستلن کي سجاڳ ڪرڻ، پتنگ تي پڙ وٺڻ، سالڪ تي سوري قبولڻ، برهہ بازي، نينهن نيازي وغيره جهڙن موضوعات سان آراستہ آهي. بس بات ڪرڻ جي دير آهي مولوي صاحب جو شعر موقعي تي ئي ذهن جي تختيءَ تي تري اچي ٿو:

ٻي عَقل جِي بات ڇڏ، ٻاقي نظم ۾ بي گُمان،
جابجا 'احمد' تي عاقِل، آفرينون ڪَن پيا.

مولوي صاحب عربي، اردو، فارسي، سرائڪي ۽ سنڌي زبان تي مُسلم دسترس رکندڙ هڪ غيرتمند عالم دين هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جي لاهہ چاڙهہ ۾ هڪ ڪڪائين جهوپڙيءَ ۾ رهڻ کان وٺي انگريز سرڪار جي جيلن تائين جا ڪٺن سفر بہ طئي ڪيا جيڪا جنگ ڌرتيءَ جي ڪنهن جوڌي ۽ جُنگ جي شايانِ شان آهي. پهرين جنگِ عظيم هجي يا تحريڪِ خلافت، جنرل ڊائر جو جليان واري باغ مٿان گولين جي وسڪاري سان ماڻهن جي ڪوس ۽ قتلِ عام وارو واقعو هجي يا مارشل ٽيٽو جو زهر آلود دهريتي بيان، چارلس ڊارون جا ميٽا فزڪس تي مبني بي بيناد نظريہ ارتقا جا نُڪتا هجن يا ماده پرستن جا بي ٽُڪا مفروضات، لُواريءَ جي مصنوعي حج جو مسئلو هجي يا بدعتين جي بد ڪرداري، وڏيرا شاهيءَ جي واهياتپائي هجي يا حڪومتي عملدارن جي حرام خوري، مطلب تہ هر اهڙي قسم جي بدمعاشي ۽ بد عنواني خلاف مولوي صاحب پنهنجي شعرن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لِلڪاريندي نظر اچي ٿو. اهڙي شاعرانہ جهلڪ مختصراً هيٺ ڏجي ٿي:

عَدالت ٿِي اَدا! راهِي، اَندر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا،
خِلافت جو خُدا واهِي، خَطر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

هُيَن آدمخوريءَ جِي اُڄ، ڪيئُون جَليانَ ۾ پَئي جُڄ،
سَٽي ڪَئِين سِر ڪَيائون سُڄ، صَبر جاڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

ٻَهر آهي اَڇي چَمڙي، نہ اَندر داد ڪِي دَمڙي،
ڪَميڻ ڪان نہ ٿي ڪَمڙي، قَهر جاڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

نہ ڪائي گورخر ڪو گورخر ڪي، پڻ نہ خَر ڪي خَر،
عَجب آهِہ تہ آدمزاد، آدمخور ٿيا آهِن.

سُڌارو دِين دُنيا جو، نہ دِلبر! ديس ۾ دُري،
لَڳين اِنسان اَڄ بُک ۾، اَوهين آرام ۾ ڪيسين؟

عَرض 'احمد' تہ آهي اَڄ، اَميري عام جي سُک سان،
سُڌاري ڏار سوِين جُون، سَڌون سِرسام ۾ ڪيسين؟

جَلائي جَڳ چِڏيو، جَليان واري ٻاغ جي بَغداد،
ڪَرايا خُون جِت خائن، خَيالي خام ۾ ڇا ڇا؟

جِن نہ ڪيڙيو ڪيٽ ڪوئي، سي ڪَري مان ڇا ڪَڻ؟
مَنجهہ ڏَنڊي دائم رَهن، سي دَم بَدم دَم ۾ ڏِسان.

وِيو هَٽي سُهٽي ڪَٽي، ساهڙ سَنجهي ٿي سِير مان،
غَم نہ غَيرت پڻ نڪو، تِنهن تان ڏَمر ڏَم ۾ ڏِسان.

پُون گُهمي پورا! ٻہ پيرا، واهہ ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!
هو جَڏهن گُم هوش تيرا، واهہ ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’شين‘ شاڪِرا ديک شِڪليون، شَڪ رَکي چا ۾ شَڪي؟
ڇَو ڀلا هِهڙي ڀُلي ڪِي، هِيءَ تو ڪِهڙي بَڪ بَڪي؟
ڪِنهن سَبب سَرڪارا تُنهنجي، سَوُ ڀُرون صُورت ٻَڪي؟
ڇو نه ڪائي ڳِهڻ ڳَهلا! مُدتون ٿيندي ٺَڪي؟
ڇو نه باندر تُون بَڻين، ڇِهرو ڀَڪي يا ڇِپ ڀَڪي؟
هِي ته ڪِنهن قَهار جا ڪَم ڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’ظوءِ‘ ظاهِر هَر ذَري مان، هَر ظُهُوري مان ضَرُور،
رَنگ ڏِيندڙ نيڪ روشن، رَنگ پُوري مان ضَرُور،
ڪِنهن جي ڀِرڪائڻ سان ڀِرڪي، باهِه ڪُوري مان ضَرُور،
تَند تُون ڇورين تَڏهن، ’تُون تُون‘ تَنبُوري مان ضَرُور،
پَر ڦِٽي عالَم سَڄو، عالِم اَڌُوري مان ضَرُور،
حِڪمتون سَمجهن به ڪي هوشيار، سَمجهي چا سَگهان!

لُڙهي ويو حَج لُواريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن،
ڦِٽو مَنڊل مَداريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اَي اَميرو! عام آهُون، رَنگ لائيندئون ضَرُور،
نِت نماڻِن جُون نِگاهُون، رَنگ لائيندئون ضَرُور.

مَوالي مُلڪ جا مِمبر، شَرابي شَهر جا قاضي،
نِياءُ ناٽي مَٿي نِيري، نه ٽاٽو ٽَر ٽيڙ وارو.

بهرحال مولوي صاحب جي شعرن کي ورجائيندي ورهه گذري ويا پر دل جي اها ديرينه خواهش رهي ته سندس شايع ٿيل ۽ اڻ ڇپيل ڪلام کي سهيڙي هڪ ڪُليات ترتيب ڏنو وڃي ته جيئن اهو علمي ادبي مواد ۽ سنڌ جو هڪ بي مثال ورثو محفوظ ڪري پنهنجي ايندڙ نسلن جي نذر ڪيو وڃي جيئن اهي هن ترقي يافته دنيا ۾ ايرندڙ علم ۽ ادب جي مقابلي ۾ سندن حصي ۾ آيل ميراث تي فخر ڪري سگهن. اهو ڪم نهايت ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو ۽ ڏکيو هو خصوصاً مون جهڙي ڪم علم ۽ سُست ماڻهوءَ لاءِ. بس پوءِ الله تعاليٰ تي توڪل رکي ملاح صاحب جي هيٺئين شعر جي مصداق ڪم شروع ڪري ڏنم:

عِشق جي آڙاهه ۾، اوڙاهه آڏا لک عَميق،
بار چاڙهي، رَب تي ڀاڙي، بَحر بَندر ڪان لنگهيَس.

هڪ هڪ شعر لاءِ مون کي هنڌين ماڳين وڃڻو پيو. هڪ ته ٿڪائيندڙ مهم، ٻيو طبيعت جي ناسازي ۽ ٽيون وري وسيلن جي اڻاٺ. ان حالت ۾ مولوي صاحب جو هيءُ شعر هميشه چِت چڙهي ٿي ويو:

اَندِيشو آهِه سُهڻ ڏي، وَڃڻ ۾ سِر وِڃائڻ جو،
ڪُچاڙو ٿيو ڪندي پَنڌ جي، وِڌم قافن قَدم ڇيري؟

مختلف شعر مختلف جاين تان مليا پر اجان به سندس ڪلام هزارين انسانن جي سينن ۾ گيتن، غزلن، مدحن، مولودن، ڪافين وغيره جي صورت ۾ محفوظ آهي جنهن جي حصول لاءِ وڏو وقت درڪار آهي. سندس شعر جو ڏس هاٺوڪي هندستان جي ڪجهه علائقن جهڙوڪ ڪڇ ڀُڄ، گجرات ۽ راجستان ڏانهن به ملي ٿو جيڪو ملڻ بعد ئي شايع ڪري سگهجي ٿو. تازو ئي مون کي ڪڇ ڀڄ جي ماڳ ٻني ڪان محترم ڪلاڌر متوا طرفان هڪ نظم مليو جيڪو واقعاتي شاعريءَ واري باب ۾ ڏنو اٿم.

سڀ تعريفون الله تعاليٰ جي با برڪت ذات کي جُڳائن، جنهن پنهنجي هن ناقص بندي کي اها توفيق بخشي ۽ سندس ئي امداد جي نتيجي ۾ مولوي صاحب جي شاعري ’ڪُلياتِ احمد‘ جي صورت ۾ توهان صاحبن جي اڳيان عرض رکجي ٿي، جيڪو ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي ۽ جنهن جي ترتيب ڪجهه هن ريت آهي: ـ

١ـ ڪُلياتِ احمد (ڀاڱو پهريون)

(١) باب پهريون	حمديه ڪلام
(٢) باب ٻيو	نعتيه شاعري
(٣) باب ٽيون	مناجاتون
(٤) باب چوٿون	ٽيهه اکريون
(٥) باب پنجون	چوٻند نظم
(٦) باب ڇهون	واقعاتي شاعري
(٧) باب ستون	متفرقات

٢ـ ڪُلياتِ احمد (ڀاڱو ٻيو)

•غزليات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون سڀ کان پهرين دعاگو آهيان مرحوم مولوي عبد الله جوڻيجي صاحب لاءِ جنهن مولوي احمد ملاح رح جي زندگيءَ ۾ ئي سندس ڪلام ترتيب ڏيئي ننڍين ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيو ۽ ستر جي ڏهاڪي ۾ 'ديوانِ احمد' ڇپرائي عوام آڏو پڌرو ڪيو. اهو سندن اسان تي وڏو احسان آهي جنهن سبب آئون هن ڪُليات کي ترتيب ڏيڻ جي قابل بنيس. الله تعاليٰ کيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين!

هن ڪم جي تڪميل ۾ منهنجي سڀ کان گهڻي مدد منهنجي محترم استاد ۽ سنڌ جي هڪ وڏي اديب ۽ محقق محترم محمد صديق 'مرهم' ملاح صاحب ڪئي. هن ڪُليات جي مواد جو وڏو حصو سائين جن کان سندن ئي هٿ اکرن ۾ عنايت ٿيو جيڪو اڳ ۾ شايع ٿيل نه هو. سچ ته مرهم صاحب مولوي صاحب جي شاعريءَ تي هڪ اٿارٽيءَ جي حيثيت رکي ٿو ۽ ان کي پڙهڻ، پروڙڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ سندس ئي ڳڻ ۽ خاصو آهي. کيس تحسين پيش ڪرڻ مون لاءِ واجب آهي. ٿورا لاهي نه سگهجن ته ڳائجن ضرور. مولوي صاحب جي ئي لفظن ۾ سندس ٿورا مڃيندي:

تُون چڱون، تُهنجون چڱايون، ساڻ چُڻ پُڻ ڳائيان،
پيچ پنڙيءَ رات تُهنجا، پال پُڻ پُڻ ڳائيان.

مولوي صاحب جي شاعريءَ جي اڻ ڇپيل مواد حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي خاص طور تي سنڌ جي ساحلي بيلٽ ۽ ٿرپارڪر جي ننڍين ۽ وڏن ڳوٺن ۾ وڃڻو پيو. هڪ هڪ شعر ڳولڻ لاءِ مون کي مختلف ماڳ ڏسڻا پيا. جهڙوڪ رڻ ڪڇ، ڪنڊو گام، روپا ماڙي، گولو منڊرو، لاکو پير، ڀهڊمي، احمد راجو جاتي، سجاول، نانگو شاهه، کورواهه، سيراٽي، ڪيڙ، علي بندر، رحمڪي بازار، شادي لارج، ونگو پٽڻ، پُراڻ ۽ پٽيهل جون ڪنڌيون، ڪيٽلاري، ويڙهيجهپ، ڏيپلو مٺي، چيلهار، ڏانو داندل، پالوا، ويرا واهه، پاري نگر، پوڏيسر، آڏيگام، نگرپارڪر، ڪاسبو چاچرو، ٿر نبيسر، چيل بند، ڊورونارو، عمر ڪوٽ، مُهراٽو مسڻ وغيره. مذڪوره ماڳن تي مختلف ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون جيڪي مولوي صاحب جي ڪلام جا وڏا مداح آهن ۽ انهن وٽ جيڪو سندس شاعريءَ جو مواد لکت ۾ موجود هويا بر زبان ياد هو منهنجي حوالي ڪيو جنهن لاءِ سندن وڏي مهرباني. انهن مهربانن ۾ ارباب عبدالجبار، پروفيسر مولا بخش محمدي، پروفيسر محمد خان ابڙو، عبدالخالق سومرو، خالد چانديو، مولوي محمد حسن لغاري، جُمون راجو عبدالقيوم راهو، پِريو پُوٽ، حاجن ٽالپر، محمد اسماعيل شورو، بشير احمد جوڻيجو وغيره شامل آهن. مولوي صاحب جي ڪلام کي جهر جهنگ ڳائڻ ۾ استاد مِنو ڪڇي ۽ سندس پوري خاندان ۽ ٻاريءَ جي راڳين جهڙوڪ استاد محمد هاشم ڪڇي، دين محمد ڪڇي، استاد

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

غلام قادر ڪيچي، ماستر ڪريم ڪيچي، خدا بخش ڪيچي، محمد رمضان چانڊيو، فقيرو مڱڻهار، استاد محمد ابراهيم شيخ، ڊاڪٽر ڏنو مڱڻهار ۽ محمد قاسم مڱڻهار پيش پيش آهن. ان ڪان پوءِ ان ڪلام کي فقير ذوالفقار لنڊ دنبوريءَ جي ساز تي هڪ نئين انداز ۾ آلاپيو آهي ۽ ان جي خوبصورت ايڊيٽنگ محمد صديق سمي ڪئي آهي.

آئون انتهائي شڪرگذار آهيان ادبي ذوق رکندڙ منهنجي هڪ دوست پوليس آفيسر ڊي ايس. پي دوست محمد مگريو صاحب جو، جيڪو هن طويل سفر ۾ رڻ جي شيخاڻي گهاڙيءَ کان وٺي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي شاهراهن تائين مون سان هم رڪاب رهيو ۽ هن مقام تي پهچڻ لاءِ منهنجي هر ممڪن مدد ڪئي. هن تحريڪ جا سيني کان وڏيڪ محرڪ پاڻ ئي آهن. الله تعاليٰ کيس اجر عطا فرمائي. ان کان علاوه وڏا وڙ سائين عبدالحفيظ احمداڻي صاحب جا، جيڪو ننڍي عمر ۾ هڪ وڏو ذهن رکندڙ انسان آهي، جنهن هن ڪم جي دوران هر لمحي مون سان سهڪار ڪيو ۽ هر موڙ تي پنهنجي علمي ۽ ادبي مشورن سان نوازيندو رهيو. جس لهڻي سندس ئي والد محترم سائين عبدالغفور احمداڻي صاحب، جنهن رات ڏينهن هڪ ڪري مولوي صاحب جي شعر جي لغت جي پيچيدگين ۽ ان جي بحر وزن کي حل ڪرڻ ۾ ڪماحقہ منهنجي معاونت ڪرڻ فرمائي. مولانا عبد الرحمان جمالي صاحب جي شخصيت کان تہ آئون هميشہ متاثر رهيو آهيان ۽ سندس ئي سرپرستي منهنجي علمي اوسر جو سبب رهي آهي. داد ڏيان ٿو هن ڪتاب جي ڪمپوزر مور ساگر جوڻيجو کي، جنهن هن ڪم کي منظرِ عام تي آڻڻ ۾ سچ پچ تہ کيس سونپيل ذميداريءَ جو پورو حق ادا ڪيو آهي. آئون انتهائي ٿورائتو آهيان ڪي.ٽي.اين جي نامور رپورٽر فيض کوسو صاحب جو، جنهن مولوي صاحب جي شخصيت ۽ سندس علمي، ادبي ۽ سماجي ڪارنامن کي ميڊيا تي آڻي سنڌي قوم کي سندن ئي تاريخ جي هڪ وسريل باب کان خوب آگاهي ڏني ۽ هن ڪم ۾ منهنجي وڏي حوصلہ افزائي ڪئي. مهرباني سنڌ جي محقق ۽ دانشور ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب جي، جنهن هن ڪُليات جي پاڳي ۾ مولوي احمد ملاحؒ جي غزليات تي هڪ جامع تحقيقي ۽ ادبي تبصرو لکي ڪري منهنجي نماڻي عرض کي مان ڏنو. آئون سنڌي ٻوليءَ جي ماهر، ڊاڪٽر الطاف محبوب جوکيي صاحب جو ذڪر ڪرڻ واجب سمجهان ٿو، جنهن ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جي پيچيدگين ۽ ڪافي ٻين ٽيڪنيڪي مسئلن ۾ منهنجي ڀرپور رهنمائي ڪئي.

مولوي صاحب سندس ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ کي جنهن حُسنِ بيان ۽ موزونيت سان ادا ڪيو آهي ان جي اوچائي ۽ گهرائيءَ کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ چرچي جي ڳالهہ نہ آهي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

هن کي سنڌي ٻوليءَ جو شهنشاهه سڏجي ٿو ۽ سنڌي ادب جي هڪ عظيم عالم مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اهو اظهار ڪافي موقعن تي ڪيو ته جيستائين مولوي صاحب جن حيات آهن تيستائين سنڌي جامع لغات مڪمل نٿي ٿي سگهي. حقيقت به اهائي آهي ته هن وقت تائين جيڪي به سنڌي ڊڪشنريز ڇپجي چُڪيون آهن اهي پنهنجي بي پناهه وسعت جي باوجود مولوي صاحب جي چيل لفظن جو احاطو نٿيون ڪري سگهن. ان مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هو نه صرف سنڌي زبان جي ماضي ۽ حال جي لغت ۽ ان جي لهجن تي مڪمل دسترس رکندڙ عالم هو بلڪ هن سنڌي ٻوليءَ کي هزارين اهڙا نوان الفاظ عطا ڪيا آهن جن جو جوڙيندڙ ۽ موجد هو پاڻ هو. سندس ڪلام کي سمجهڻ لاءِ سموري سنڌي لغت جي ڄاڻ هئڻ لازمي آهي. ان ڏس ۾ وڏي محنت جي ضرورت آهي ۽ اها ذميداري سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ تي عائد ٿئي ٿي ته هوءَ سنڌي لغت جي ماهرن جي مدد سان هڪ نئين جامع سنڌي لغات مڪمل ڪري شايع ڪرائي جنهن سان اسان پنهنجي ٻوليءَ جي انمول ٻولن ۽ انهن جي معنيٰ سان پوريءَ طرح آشنائي حاصل ڪري سگهون. مون پنهنجي حقير ڪوشش سان هيءُ ڪلام سنڌي قوم جي سامهون پيش ڪري ڇڏيو آهي. اميد ته اسان جا تحقيقي ادارا ۽ ڄاڪوڙي محقق مولوي صاحب جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي فن کي پنهنجي جستجوءَ جو موضوع بڻائيندا. سنڌ جي عظيم علمي درسگاهه يونيورسٽي آف سنڌ جي اختيار ڌڻين جي پڻ ذميداري آهي ته هو ان تاريخي جامع ۾ مولوي احمد ملاح چيئر قائم ڪري نوجوان نسل کي سندس مهان شخصيت ۽ ان جي علمي ورثي کان روشناس ڪرائين.

مولوي صاحب جي شاعريءَ جو هڪ عجب ڪمال هيءُ آهي ته هو شعر جي هڪ ئي سٽ ۾ هڪ قسم جا مختلف الفاظ زير، زبر ۽ پيش جي تبديليءَ سان استعمال ڪري ٿو جنهن جي تفهيم جي لاءِ اعرابن جو هجڻ انتهائي ضروري آهي. ٻي صورت ۾ قاريءَ کي سوچڻ جي لاءِ بار بار بيهڻو پوندو ۽ ان طرح هو شعر جي معنويت مان چڱي نموني لطف اندوز نه ٿي سگهندو. ان ڪري مون مولوي صاحب جي ڪلام کي وڌيڪ آسان بنائڻ لاءِ سندس شاعريءَ جي مجموعي ۾ هزارن جي تعداد ۾ حرڪات لڳايون آهن ۽ پنهنجي وس آهر لفظن جي تصحيح پڻ ڪئي آهي. جيئن ته ڪابه ڳالهه حرفِ آخر نٿي ٿي سگهي، ان ڪري تحقيق جو اهو ڪم جاري آهي ۽ انشاءَ الله زندگيءَ جي قائم رهڻ تائين جاري رهندو. پڙهندڙن کي گذارش آهي ته جيڪڏهن اهي ڪا ڪمي محسوس ڪن يا هن ڏس ۾ وٽن ڪا بهتر تجويز هجي ته هن طالبِ علم تي ضرور احسان فرمائيندا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مولوي احمد ملاح رح ۱۹ جولاءِ ۱۹۶۹ع ۾ چنچر ڏينهن شام جو ساڍي ٽي بجي رحلت ڪئي ۽ سندس مڙهه مبارڪ کي بدين شهر جي غريب آباد محلي ۾ فوجي ڪينٽ جي پر سان دفن ڪيو ويو. اِنا لِله وَ اِنا اِليہ راجِعُون.

اَڄ سُيا ’احمد‘ وَڃي، ٿيندو مِٽيءَ ۾ پيڙو مَگر،
اِي ۾ ٿي اَلفاظ رَهندا، ڪاڻ ياڙن يادگار.

ڪيس سنڌ جي شاعرن جهڙوڪ ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، مُبين پنائي، معمور يوسفاڻي، حاجي محمد حاڪم تالپر، علي بخش ڏورٽ، احمد خان آصف مصراڻي، مجاهد چانديو، رحيم بخش قمر، نياز همايوني، حافظ نظاماڻي، حليم باغي، محبوب درس، خليل ڪوسو وغيره پنهنجي شعرن ۾ زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ سندس عظيم شخصيت ۽ علمي ۽ ادبي جواهر پارن کي فخريہ انداز ۾ دنيا جي شاعريءَ کان متيرو رکيو آهي . اهڙن شاعرن جو ڪلام منهنجي ئي فرمائش تي سندم هڪ دوست مخلص چانديي صاحب تقريباً ٻن سالن جي عرصي ۾ سهيڙي ڪمپوز پڻ ڪرايو آهي، جنهن ڪتاب جو نالو ’سنڌ مٿي سالار هج‘ رکيو اٿس. انهيءَ ۾ پنجاهہ کان وڌيڪ شاعرن جو ڪلام ۽ سندن مختصر تعارف پڻ ڏنو ويو آهي. ان ڪتاب کي پڙهڻ سان اهو بلڪل واضح ٿي وڃي ٿو تہ سنڌ جو شاعر طبقو مولوي احمد ملاح سان عشق جي حد تائين محبت رکي ٿو ۽ ڪيس شعر جي دنيا ۾ پنهنجو استاد مڃي ٿو. مولوي صاحب جي اهڙن مداحن ۽ عاشقن ۾ هڪ اردو ٻوليءَ جو شاعر بہ آهي، جنهن ڪيس پنهنجي قصيدي ۾ شاندار خراجِ تحسين پيش ڪيو آهي ۽ جيڪو پنهنجي انداز ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. آخر ۾ ڪيس ڪهڙن لفظن ۾ مڃتا ڏجي ان لاءِ آئون پاڻ ڪجهہ پنهنجي لفظن ۾ چوڻ جي لائق نہ آهيان. ڪيس پيٽا سندس ئي هڪ شعر سان:

اَسان ڪان پوءِ بہ چَوندا اَهلِ اِنصاف،
تہ ’احمد‘ شِعر جو اُستاد هو ڪو!

پروفيسر ضرار رُستماڻي

ٽنڊو باگو ضلع بدين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاتم الشعراءِ

ابتدائي احوال: مولوي احمد ملاح جي پيءُ جو نالو ’نانگيو ملاح‘ هو. سندس ڳوٺ جو نالو ڪنڊو آهي، جيڪو ديهه لوهڻ، تپي چورهڏي، تعلقي بدين جي يونين ڪائونسل پڳڙا ميمڻ ۾ آهي. مولوي احمد ملاح پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي کي هڪ ڪان وڌيڪ شعرن ۾ ياد ڪيو آهي، مثال طور آزاديءَ جي تحريڪ واري نظم ۾ هو چوي ٿو:

اَحد ۽ اَحد ساڻ آرام مُون،
مَحِبو دِل مَنجهان دِين اِسلام مُون،
گُلن مِثل گُهٽا ڪنڊو گام مُون،
پَرُوڙِج پڙهي پَر پُڇين نام مُون،
تہ اَلحمد مان ڪَڍ اکر لام جو،
پَلا! ڳَر پَلو دِين اِسلام جو.

سندس جنم جي تاريخ ۾ سوانح نگارن ١٨٧٧ع تي اتفاق ڪيو هو پر هاڻ ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ جي جديد تحقيق موجب اهو سال ١٨٩٥ع بيهي ٿو جيڪو سئو في صد صحيح آهي. پاڻ ننڍ پڻ واري دور ۾ مال چاريندا هئا، جيئن هڪ شعر ۾ چيو اٿن:

پوءِ ڊوڙڻ، پوءِ ڊورن ساڻ مَنجهہ ڊورن ڏَنڊن،
وَس وَلهارن ۾ وَلر سان، گاهہ ڳولاڙا گُدام.

اها مال چارڻ واري ڪرت ١١ سالن جي عمر تائين جاري رکيائون. پوءِ کين اوچتو علم حاصل ڪرڻ جو اشتياق پيدا ٿيو جيئن اڳتي فرمايو اٿن:

ڊور چاريندي اَچي ويو، اوچتو مُون کي خَيال،
عِلم ري اِنسان کي، ڪُجھ ناهِ عِزت اِحترام.

اهڙي نموني مال چارڻ ڇڏي پاڻ علم جي حُصول لاءِ پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو هڪ مڪتب ۾ وڃي وينا ۽ ان بابت هن ريت فرمائين ٿا:

ياد آهِم، سال يارهين ۾ پڙهڻ ويٺس پَٽي،
ڏِينهن هِڪ ۾ باب پُورا، سال ۾ سَندس ڪَلام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم جي حاصلات لاءِ ڪيل جدوجهد:

سڀ کان پهريائين پاڻ ٻهدميءَ جي مڪتب ۾ حافظ عبدالله منڊري وٽ وڃي پڙهيو. ان بعد علم جي اُڃ اُجهائڻ لاءِ پڳڙا ميمڻ، بدين، سجاول، گهڙوءِ نانگو شاهه جي مڪتبن مان تعليم حاصل ڪيائين. انهيءَ علم جي حاصلات ۾ ڪيس ساڍا سترهن سال لڳا. سندس آخري استاد مولوي خير محمد مگسي هو جيڪو گهڙي جي مڪتب ۾ معلم هو. مولوي صاحب ڪيس خير محمد خِضريءَ جي لقب سان ياد ڪيو آهي. ان مڪتب ۾ تحصيل حاصل ڪيائين. ساڻس ٽي ٻيا به ساٿي هئا، جن جي ساڻس گڏ دستاربندي ٿي، جن ۾ مولوي عبدالجليل ڪٽي رهندڙ خان جو ڳوٺ تعلقو ٽنڊوباگو، مولوي محمد عمر ٽيٻو ڳوٺ رپ، تعلقو بدين ۽ مولوي محمد سمون ڳوٺ ڪرناليءَ لڳ ڪورواهه تعلقو شهيد فاضل راهو جا نالا اچي وڃن ٿا. انهيءَ موقعي تي گهڙي مڪتب جي سربراهه حاجي عبدالله ٽيٻو سندس دعوت جو عاليشان اهتمام ڪيو. جنهن دعوت جو ذڪر ڪندي مولوي صاحب لکي ٿو:

خُوب خُنچو ڪوليو، اَلحاج عَبدالله رَئيس،
مانيون، مِهمانيون، بِريانيون، طَهريون طَعام.

علم جي تحصيل کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ موٽي آيو ۽ ڳوٺ نور محمد منڊري، لاڪي پير ۽ ٻهدميءَ جي مدرسن ۾ معلم ٿي رهيو. ان بعد بدين جي مدرسي مظهرالعلوم ۾ معلميءَ جا فرائض بجا آندائين، جتي پاڻ ۱۹۳۲ع تائين رهيا.انهيءَ عرصي دوران مولوي صاحب بدعت جي رسمن، قبر پرستي ۽ غير اسلامي طريقن خلاف ڀرپور شاعري شروع ڪئي، ماڻهن کي جاهليت کان باز رکڻ لاءِ اهڙين غلط ريتن جي وڏي واڪي سخت مذمت ڪئي ۽ انهن کي هڪ الله تعاليٰ جي در تي اچڻ لاءِ پوڪاريو. جنهن لاءِ سندس ڪلام جي تقريباً سيني صنفن ۾ اهڙي موضوع تي شعر ملن ٿا. مثال طور جيئن پاڻ توحيدي نظم جي هڪ بند ۾ فرمائين ٿا:

پَرور هِي پُٽ ڪِير ڏِنان، تُون تو پُڪارين پير ڏِنان،
ڪَر نه اِهڙا ڪَلام ڪِنان، ڪوهِي رَب قَدير ٻِنان،
هِيءَ ٻِئي جي جوڙڻ جو جِنسار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڍار،
آڳو تُنهنجو عالَم پار.

مدرسي مظهرالعلوم بدين جي سربراهي ان وقت درگاهه شاهه قادريءَ جي سجاده نشين پير عالي شاهه وٽ هئي،سندس حمايتي حضرات ڪاوڙجي پيا. حق ۽ سچ لاءِ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هڪ مناظري جو اهتمام ڪيو ويو ۽ اهو ١٩٣٢ع جو سال هو. ان مناظري ۾ هڪ طرف پير غلام مجدد سرهندي، مولوي غلام علي گوپانگ، مولوي عبدالرحمان پُسيو ۽ ٻيا علماءِ ڪرام شريڪ ٿيا ۽ ٻئي طرف مولوي احمد ملاح، پير احسان الله شاهه راشدي جهنڊي وارو، مولوي عبدالرحيم پچمي، مولوي عبدالحق رباني نصرپوري ۽ ٻين عالمن شرڪت ڪئي. مخالف ڌر مولوي احمد ملاح جي طرف وارن مولوين جي ڪنهن بہ دليل کي تسليم نہ ڪيو ۽ پنهنجي هٺ ڌرميءَ کان ڪم وٺندي مولوي احمد ملاح سميت تيرهن ڄڻن کي سنڌن مسلڪ کان نيڪالي ڏني، جن ۾ مولوي احمد ملاح، مولوي عبدالوهاب لُنڊ، مولوي گل محمد خاصخيلي، مولوي آفتاب احمد سمون، مولوي عبدالڪريم سمون، حاجي حسين گوپانگ، حاجي حسين ملاح، پنيو نيرائي ۽ ٻيا شامل هئا.

مدرسي انوارالعلوم غريب آباد جو قيام:

مولوي احمد ملاح ان بعد مدرسي مظهرالعلوم کي ڇڏي، قاضيا واهہ جي اوڀر واري ڪپ وٽ هڪ زمين جو ٽڪرو وٺي اتي هڪ مسجد شريف ۽ هڪ مدرسي انوارالعلوم جو بنياد رکيو. پنهنجو گهر بہ اتي ٺهرايائين. پاڻ ان مدرسي جو هيڊ معلم ٿي رهيو. ان مدرسي ۾ مولوي عبدالغفور سيتائي، مولوي عبدالوهاب لُنڊ، مولوي گل محمد خاصخيلي، مولوي محمد هارون چنا ۽ مولوي عبدالله جوڻيجو معلم طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. ذوالفقار علي ڀٽو جي دورِ حڪومت ۾ مسجد ۽ مدرسي کي اوقاف جي تحويل ۾ ڏنو ويو. جن کي بعد ۾ اوقاف کان آزاد ڪرايو ويو. هن وقت اها مسجد، جامع مسجد مولوي احمد ملاح جي نالي سان موجود آهي ۽ سنڌس قائم ڪيل مدرسو هاڻي گورنمنٽ پرائمري اسڪول غريب آباد جي نالي سان معروف ۽ مشهور آهي.

لُواريءَ جي مصنوعي حج وارو معاملو:

ارڙهين صدي عيسويءَ جي نصف آخر ۾ لُواريءَ جي ڳوٺ ۾ هڪ نقشبندي بزرگ خواجہ محمد زمان پنهنجي درسگاهہ قائم ڪري هدايت جو سلسلو شروع ڪيو. هو تمام وڏو بزرگ هو. سنڌس هاڪ ٻڌي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي وٽس هلي آيو. ٻنهي بزرگن جي ڪچهريءَ جو احوال مختلف ڪتابن ۾ موجود آهي. خواجہ صاحب نقشبندي مسلڪ سان وابستہ هو ۽ شاهہ لطيف جو مسلڪ سهروردي هو. ان ڪچهريءَ کان پوءِ شاهہ لطيف بزرگ جي باري ۾ چوندو هو:

مُون سي ڏِٺا ماءِ، جِنين ڏِٺو پِرينءَ کي،
تِنين سَندي ڪاءِ، ڪري نہ سَگهان ڳالهڙي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

درگاهہ لُواريءَ جو پنجون سجاده نشين پير محمد سعيد ’سعيد‘ تخلص رکندڙ عربي ۽ فارسيءَ جو هڪ وڏو عالم ۽ شاعر هو. سندس فارسي شاعريءَ جو ڪتاب’ديوانِ سعيد‘ اشاعت جي زيور سان آراستہ ٿي چُڪو آهي، جنهن کي پسنديدگيءَ جي شرف سان نوازيو ويو آهي.

درگاهہ لُواريءَ جي ڇهين سجاده نشين پير احمد زمان جي وقت ۾ مصنوعي حج وارو سلسلو شروع ٿيو. ان جي شروعات ۱۹۳۲ع کان ٿي. هن پير جي وقت ۾ درگاهہ جي مريدن کي چيو ويو تہ اهي ۹ ذوالحج تي درگاهہ تي شريڪ ٿين. ان ڏينهن تي جيڪو شريڪ ٿيندو تنهن کي ناجي (نجات وارو) سڏيو ويندو. درگاهہ واري چشمي کي ’زم زم‘ قبرستان کي ’جنت البقيع‘ ٻاهر واري ميدان کي ’عرفات‘ جو نالو ڏنو ويو. ۹ ذوالحج تي جيڪي قصيدا پڙهيا ويندا هئا، انهن ۾ پير احمد زمان کي ’مهدي‘، ’رسول‘ ۽ ٻين لقبن سان سڏيو ويو. ۱۹۳۲ع کان ۱۹۳۷ع تائين اها رسم لڪ چپ ۾ ٿيندي رهي، اها ڳالهہ ٻڌي مسلمانن کي تمام گهڻو دلي رنج پهتو انهيءَ رسمن جي تحقيقات لاءِ ۱۹۳۷ع ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي پاڻ وڃي انهن رسمن جي ادائگيءَ کي ڏٺو. ۱۹۳۸ع ۾ حج جي موقعي کان اڳ مولوي احمد ملاح، مولوي خير محمد نظاماڻي ۽ ٻين مسلمانن کي انهيءَ رسم کي بند ڪرائڻ لاءِ ستياگرهہ (احتجاج) لاءِ تيار ڪيو. انهيءَ موقعي تي لکين شمعِ رسالت جا پروانا مٿي تي ڪفن ٻڌي بدين ۾ گڏ ٿي ويا. انهيءَ موقعي تي مولوي احمد ملاح جي شعرن باهہ ٻاري ڇڏي ۽ مسلمانن طرفان لُواريءَ ۾ شروع ٿيل فتني کي پنجو ڏيڻ لاءِ بدين کان لُواريءَ طرف پيش قدمي شروع ڪري ڇڏي. هزارين مسلمان سرڪاري فوج ۽ پوليس جي گاڏين اڳيان رستي تي سمهي پيا ۽ مولوي احمد ملاح جي هن شعر جي ساپيان بنجي ويا:

پلين سُتَلَن جي سِيني سِر، لَنگهائِن لارِيون موٽر،
ٿيا لِلّٰه گڏ لَشڪر، لُواريءَ کي لَٽڻ وارا.

ان وقت جي حيدرآباد ضلعي جي ڪليڪٽر جيڪو انگريز هو تنهن قلم ۱۴۴ نافذ ڪري انهيءَ فتني کي بند ڪري ڇڏيو. مولوي احمد ملاح کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. جنهن کي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آزاد ڪيو ويو. انهيءَ سجي ڪم ۾ ان وقت ٽنڊي محمد خان سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر مشهور وڪيل خالد اسحاق جي والد محمد اسحاق ڪليدي ڪردار ادا ڪيوجنهن صاحب کي خراجِ تحسين پيش ڪندي مولوي احمد ملاح پنهنجي هڪڙي شعر ۾ فرمائي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صَد مُبارڪ مولوي اِسحاق بَدرالدين کي،
جنهن تَدبُر ساڻ تازو، تاج ڪِيو تحسين کي.

هِن وِگوڙي وَقت وِچ ۾، وِير ڀِڙو جي نہ هوءِ،
سِنڌ کي صَدمون رَسي ها، جِيئَن چَڪر اَچ چِين کي.

شال! ٿِئي اُن کي عَطا، عُهدو اَجان اَعليٰ اُتم،
اِيءُ عَرض اَللہ کي، 'احمد!' چَئُج آمين کي.

ان کان پوءِ هر سال ۷ ذوالحج کان، ۱۳ ذوالحج تائين ۱۴۴ جو قلم لڳندو رهيو. اهي تاريخون لُواري شهر ۾ رهندڙن لاءِ جڻ ڪرفيو جي نفاذ جو ڏيک ڏيندي ويون.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ ۱۹۵۵ع ۾ درگاهہ لُواريءَ جي پير ۽ مريدن طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ويئي، پر هاءِ ڪورٽ سنڌ سندن اپيل رد ڪئي ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ طرفان لڳل ۱۴۴ قلم کي برقرار رکيو. ان کان پوءِ پاڪستان جي فيڊرل ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي ويئي، پاڪستان جي اعليٰ عدالت فيڊرل ڪورٽ بہ سندن اپيل رد ڪئي ۽ هاءِ ڪورٽ سنڌ جي فيصلي کي برقرار رکيو.

۱۹۵۸ع ۾ لُواريءَ جي سجاده نشين ۽ مريدن هڪ نئون ناٽڪ رچايو. ماڻهن کان هزارن جي تعداد ۾ صحيحون وٺڻ لاءِ دستخط مهم جو اجراءُ ڪيو ويو. اُنهيءَ درخواست ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ويو تہ اسان ميلو نہ لڳايون. ان ڪري حڪومت ميلي لڳائڻ جي اجازت ڏني. انهيءَ درخواست ۾ ميلي لڳائڻ جي تاريخ ۹ ذوالحج ڄاڻائي ويئي. ان صحيح واري مهم ۾ بدين جي بدعتي مولوين ۽ ٻين هزارن جي تعداد ۾ صحيحون ڪيون. ايتري قدر جو شاهہ قادري بدين جي سجاده نشين پير عالي شاهہ بہ ان تي صحيح ڪئي. اها خبر جڏهن مولوي احمد ملاح ۽ مولوي خير محمد نظاماڻي جن تائين پهتي، تہ وري انهن مسلمانن کي احتجاج جي ڪوٺ ڏني. سندن دعوت تي هزارن جي تعداد ۾ مسلمان غريب آباد ۾ گڏ ٿي ويا. لُواريءَ جي پير ۽ مريدن کي ان وقت جي حيدرآباد ضلعي جي ايس. پي عبد العزيز بروهي يقين ڏهاني ڪرائي هئي تہ احتجاج وارن مولوين ۽ ماڻهن کي آئون پوليس فورس جي مدد سان ڪُچلي ڇڏيندس. مولوي احمد ملاح ان وقت حالات جي نزاڪت کي نظر ۾ رکندي 'صحيح وارن جو سائو مُنهن' جي رديف تي ٿهيل هڪ نظم ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو جنهن مسلمانن جي دلين کي غيرتِ ايمانيءَ جي جذبن

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سان سرشار ڪري ڇڏيو. هزارن جي تعداد ۾ مسلمانن جي احتجاج ڪان ڊِجي ان وقت حيدرآباد ۾ قلم ۱۴۴ نافذ ڪيو ويو .ان وقت جو ڊپٽي ڪليڪٽر الهه بخش سرشار عقيلي هو. جيڪو نهايت هڪ فرض شناس, با اصول, حالات کان باخبر ۽ معامله فهم آفيسر هو. جنهن کي مولوي صاحب پنهنجي هن نظم ۾ خراجِ تحسين پڻ پيش ڪيو آهي. اهو نظم هو:

لُڙهي ويو حَج لُواريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن،
ڦِٽو مَنڊل مَداريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اِجازت مَس اَچان پَڪڙي، ته پيا سَپ بَر بَحر بِگڙي،
جُهڏو، ڊينگاڻ ۽ ڍِگهڙي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

سَڪر، سانگهڙ، سَماواتي، سِجاول، ساڪرو، جاتي،
چَئيهه لَکَن ڏِني چاتي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

بِروهي ڇيو پِلين حَضرت! وَهائيندس رَندن تي رَت،
کُهائيندس ڪَنڪ ڪَرٽ، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

هيءُ هڪ طويل نظم هو جنهن جا چند بند مٿي لکيا ويا آهن. انهيءَ کان پوءِ درگاهه لُواريءَ جي پيرِ ۽ مريدن ۾ ماٺار اچي ويئي. مولوي احمد ملاح ۱۹۳۸ع ۽ ۱۹۵۸ع جي موقعن تي لُواريءَ جي حج بابت جيڪي نظم لکيا. انهن کي ’فتح لُواري‘ ۾ گڏ ڪري ڪتاب ڇپايو ويو. ان ڪتاب جو نالو اسان مولوي احمد ملاح اڪيڊمي بدين طرفان بدلائي ’اسين قربان ڪعبي تان‘ رکيو جيڪو هن وقت دستياب آهي.

پندرهن سالن جي خاموشيءَ کان پوءِ ۱۹۷۳ع ۾ درگاهه لُواريءَ جي مريدن هڪ منظم انداز سان غريب آباد بدين ۾ غفور نيوز پيپر ايجنسي تي حملو ڪيو. اتي ويٺل مولوي احمد ملاح جي وڏي پٽ مولوي عبيد الله ملاح کي زمين تي ڪيرائي، سندس اڌ ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏي ۽ اتي پيل قرآن شريف ۽ ٻيا ڪتاب جلائي ڇڏيا. انهن ۾ علي مردان چانديو، معراج ڪيريو ۽ ٻيا موجود هئا. آئون انهن ڏينهن ۾ غريب آباد اسڪول ۾ استاد هئس انهيءَ واردات کان پوءِ ٻئي ڏينهن سجو بدين شهر بند ٿي ويو ۽ پلاند طور لُواريءَ جي مريدن جا دڪان سامان سميت ساڙيا ويا. ڪيترن مريدن کي مارڪُٽ ڪئي ويئي لُواريءَ جي پير جي اوطاق ۾ بيٺل ٽريڪٽر کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو. لُواريءَ وارن ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ڪيس داخل ڪرايو جنهن ۾ ٢١ ڄڻن ڪي ملزم ڄاڻايو ويو هو. انهن ايڪيهن ڄڻن ۾ منهنجو نالو بہ شامل هو. ٻين ۾ مولوي عبيدالله ملاح، زاهد ملاح، محمد عيسيٰ ملاح وڪيل، نور محمد گوپانگ، عثمان قريشي، الهورايو عمراڻي، شمس الدين نصرپوري، محمد جعفر سومرو ۽ ٻيا هئا. اسان جي طرفان داخل ڪرايل ڪيس ۾ لُواريءَ وارن جا نالا هئا. ڪورٽ ٻنهي ڌرين جي ملزمن جي ضمانت قبل از گرفتاري منظور ڪئي، آخر ۾ ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر سليم احمد ميمڻ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح ڪرائي ڪيس ختم ڪرائي ڇڏيا.

مولوي احمد ملاح جو حج ڪرڻ واسطي حرمين شريفين جو سفر:

مولوي احمد ملاح ١٩٢٠ع ۾ حج ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين جو سفر ڪيو اهو سفر هن ساموندي جهاز ۽ اُٺن جي قافلي ذريعي ڪيو. اهو سفر محبت، عشق ۽ جنون جو سفر هو. ان وقت سندس عجيب ڪيفيت هئي دل ديارِ حبيب ۽ خانہ خدا جي زيارت لاءِ بي چين هئي سندس تاثراتي ڪيفيت ڪهڙي حال ۾ هئي ان جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

ڏِسي خانہ خُدا ڪم خُوب ٿيندم، جي خُدا گُهريو،
مَنّي مِهراڻ مان مَطلُوب ٿيندم، جي خُدا گُهريو.

ڪعبتہ الله جي طواف ۽ گناهن جي مغفرت لاءِ آزي نيزاري ۽ عبادات کان پوءِ قافلي وارا محبوب مدنيءَ جي زيارت لاءِ مديني منوره ڏانهن روانا ٿيا. اهو سمورو سفر روئڻ، تڙپڻ ۽ ڦٿڪڻ ۾ گذريو. اکين مان لڙڪن جي برسات وسائيندا رسالت مآب جا پروانا محبوب جي سڪ جي سفر کي جهاڳيندا جڏهن مديني جي مضافات ۾ داخل ٿين ٿا تڏهن لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳن ٿا ۽ مديني جي منارن تي نظر پوڻ سان بي اختيار مولوي احمد ملاح جي زبان مان الفاظ ادا ٿا ٿين:

هُو مُنارا، هُو مُنارا، هُو مُنارا مِير جا،
اَڄ ڪيا اوڻيَن اِشارا، هُو مُنارا مِير جا.

هُوءَ نَبِيءَ جِي نِيل سوني، آهِ ٿِي نِڪري نِشان،
جِيئَن سُوهَن اُڀ ۾ سِتارا، هُو مُنارا مِير جا.

ديارِ حبيب جي دامن ۾ لڙڪن جو لارون ٻيٽا ڏناٿون. سڄا سارا اٺ ڏينهن ۽ راتيون محبوب مدنيءَ جي پيراندي ۾ عبادت ڪندي، ذڪر اذڪار ڪندي اک ڇنڀ ۾ گذري ويا. جانب کان جُدا ٿيڻ جي تصور سبب اکين مان لُڙڪن جون لارون جاري ٿي ويون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روئي رڙيِ موڪلايائون ان موقعي تي مولوي احمد ملاح هڪ رقت آميز موڪلاڻيءَ جي نعت لکي آهي جيڪا ۴۵ بندن تي مشتمل آهي اها روضي مبارڪ ۾ پڙهي روئندي موڪلايائين، جنهن مان ڪجھ بند پيش آهن:

حَضرت مُحمد مُصطفيٰ! اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!
سَردار سَڀني سَيدا! اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

مُنهنجو ٻَهر ٻيڙو ڪِجا، موٽي سَندم ميڙو ڪِجا،
’احمد‘ اَحد ٻيڙو ڪِجا، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

مولوي احمد ملاح جو خلافت تحريڪ ۾ خدمتون:

پهرين عالمي جنگ ۱۹۱۴ع کان ۱۹۱۸ع تائين هلي، ان جنگ ۾ هڪڙي پاسي برطانيہ، فرانس، روس ۽ ٻيا ملڪ هئا تہ ٻئي پاسي جرمني ۽ ترڪي هئا. انهيءَ لڙائيءَ ۾ جرمني ۽ ترڪيءَ کي شڪست ملي، ترڪيءَ جي سلطان وٽ خلافت جي پڳ هئي، سيوريءَ جي عهدنامي ۾ گهڻي ۾ گهڻو نقصان ترڪيءَ کي پهتو. ترڪيءَ جا علائقا روس، برطانيہ، فرانس، يونان ۽ اٽلي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا، عربستان وارو علائقو شريف مڪي جي حوالي ڪيو ويو عراق، اردن، شام، يمن، بحرين ۽ ٻيا ملڪ دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيا. انهيءَ جنگ ۾ ترڪن جو قتلام ڪيو ويو، سمرنا ۾ هزارين ترڪن جي قتل عام جون خبرون جڏهن هندستان ۾ پهتيون تہ مسلمان تڙپي اُٿياءِ هندستان ۾ ۱۹۱۹ع ۾ خلافت تحريڪ جو بنياد رکيو ويو. مولوي احمد ملاح سمرنا جي قتلِ عام تي هڪ غيرتمند مسلمان رهنما جي حيثيت سان تمام گهڻي ڏک ۽ درد وچان سندس ئي هڪ مشهور نظم ۾ دشمن جي وحشيانہ پن جي مذمت ڪندي چوي ٿو

سُڻا! ڪا سُڌ اَٿو، ٿيڙو سَمرنا، شام ۾ ڇا ڇا؟
لنگهيا ٿي ڪَمر، قِصا، اِن ڪوس ۽ قَتلام ۾ ڇا ڇا؟

ڪَرائِين ڪوس ڪَعبي وَٽ، جِتي وَڏجي نہ ڪَک ڪاتي،
رَهيو پوءِ حَرم جِي حُرمت، اَدب اِڪرام ۾ ڇا ڇا؟

ترڪيءَ سان ذلت آميز هلت سبب نوجوان ترڪ فوجي عصمت پاشا، مصطفيٰ ڪمال پاشا ۽ ٻيا تڙپي اُٿيا، انهن انگورا ۾ هڪ انقلابي حڪومت قائم ڪري انگريزن، يونانين ۽ اٽليءَ وارن تي حملا شروع ڪري ڏِنا جنهن ۾ ڪين ڪاميابيون نصيب ٿيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصطفيٰ ڪمال جي ڪاميابين تي هندستان ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي، مولوي احمد ملاح مصطفيٰ ڪمال پاشا کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو:

وِڌي سَٽ ڪُٽ ڪمين ۾، ڪمالي مُصطفيٰ پاشا،
جُهڳو يُونان جو ڏوتو، ڏَمالي مُصطفيٰ پاشا.

مولوي احمد ملاح جي باغيانہ شعرن سنڌ ۾ انگريزن خلاف نفرت جو طوفان کڙو ڪري ڇڏيو ان ڪري هڪ جُڙتو ڪيس ۾ ڪوڙا شاهد بيهاري مولوي احمد ملاح ۽ ٻن ٻين کي چار مهينا قيد جي سزا ٻڌائي ويئي، جيل ۾ اذان ڏيڻ تي جيلر ڪلب والا ڪاوڙجي پيو تنهن تي مولوي احمد ملاح هڪ شعر ۾ پاراتو ڏيندي چيو:

ڪلب والا تي ڪِري، وِچ قهر جي ڪَڙڪڙ ڪري،
پينگ ٿِي پُونگو سَندس، جو بانگ تي ٻَڙ ٻَڙ ڪري،

انگريزن جي وقت ۾ جيلن جي ڪهڙي حالت هئي ۽ سياسي توڙي مذهبي قيدين سان ڪهڙي قسم جو سلوڪ ڪيو ويندو هو، ان جو نقشو مولوي صاحب واضح لفظن ۾ پيش ڪندي چوي ٿو:

خَبر ناهي ڪُتِي سَرڪار، يا ٿِي خَصلتِ ڪوڙي،
نہ هِڪ لوڻي لَپي ٿي ڪانہ، ٻِي ريتي گَڏيل روڻي.

سَڳورو ڏِينهن صَفا آچار، عِيسائن اَگِيان آهي،
کُليو خَيرات جو خُنچو، نہ ڏِسجي ٻوڙ ۾ ٻوڻي.

قَبولِج ڪَرم سان قادِر! نمازُون هِن نماڻن جُون،
نہ هِت پُورو مِلي پاڻي، سَتر تي پڻ سُٽڻ چوڻي.

ڪَيون سِين عَرب لَئي آهُون، خَطا آهي نہ آهي اِيءَ،
اَسان هِن اَنگريزن ساڻ، ڪِهڙي جَنگ ٻِي جوڻي؟

اَحد ۾ آس ’احمد‘ کي، ڊِجي اُن جي عَذابان پڻ،
نڪِي پيو ڪم ڪمانيءَ ۾، نڪو ڏَپ داءُ ڏيوڻي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قرآن شريف جو منظوم ترجمون نورالقرآن :

نورالقرآن مولوي صاحب جو هڪ بي مثال ڪارنامون آهي جنهن جي ابتدا ۽ اختتام جي عرصي بابت پاڻ پنهنجي منظوم سوانح عمريءِ ۾ فرمائين ٿا:

پنجوَنجاهہ ڪان پوءِ پيَم پهہ، ترجمي سِنڌيءَ سَندو،
عُمر پُوري پَنجهٺ ۾، تَرجمون ٿيڙو تمام.

ڏهہ سال مسلسل جفاڪشيءَ سبب هو اڪثر ناچاڪ رهندو هو. انهن ڏهن سالن جي عرصي ۾ مولوي عبدالله جوڻيجو، عبدالمجيد ابڙو، منهنجو وڏو ڀاءُ الهہ جوڙيو ملاح ۽ الهورايو عمراڻي سندس ڪاتب هئا. جيڪي سڀئي وفات ڪري ويا آهن. نورالقرآن جي منظوم ترجمي جي تڪميل تي پهچڻ وقت سندس اها تمنا هئي تہ ان جي اشاعت الله پاڪ مون کي اکين سان ڏيکاري ۽ پوءِ پلي مون کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي، خداوند تعاليٰ سندس اها تمنا پوري ڪئي ۽ عَم جو پاره محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي قرآن پريس ۾ شايع ٿيو. ان بعد ارباب حاجي الهہ جوڙيو پنهنجي ئي خرچ تي سڄو قرآن شريف جو منظوم سنڌي ترجمون ’نورالقرآن‘ جي نالي سان ڪراچيءَ مان ڇپايو انهيءَ ڏڪ ڊوڙ ۾ مولوي عبدالله جوڻيجي سان گڏ الهہ جوڙيو ملاح سندس پانهن ٻيلي ٿي رهيو. نورالقرآن جي ڇپجڻ ۾ بہ ٽي سال لڳي ويا. ١٩٦٧ع ڌاري نورالقرآن ڇپجي سندس اکين اڳيان آيو پاڻ رب ڪريم جا لکين شڪر بجا آندائين جو سندس ڏهن سالن جو پورهيو تڪميل تي پهچي چُڪو هو. ان بعد هو اڪثر بيمار رهيو ١٩٦٩ع ۾ آئون بہ سندس پرائمري اسڪول غريب آباد ۾ پرائمري استاد طور بدلي ٿي آيس، ١٩ جولاءِ ١٩٦٩ع تي ڇنڇر جي ڏينهن شام جو ساڍي ٽي بجي پاڻ پنهنجو پساهہ ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو. **انالِله وانا اليہ راجعون.**

بَيت ’احمد‘ بات رَب جي، مانَ! مُصحف جي طُفيل،
مُلڪ ۾ مَقبُول ٿِي، شل! صاف سِنڌي سُوهڻي.

مولوي احمد ملاح حمد، نعت، مناجات، مدح، خُطبات، ٽيهہ اکري، بيت، ڪافي، مثنوي، نظم، قصيدو، غزل ۽ ٻين صنفن تي تمام گهڻي انداز ۾ شاعريءَ جا جوهر ڏيکاريا آهن ۽ لاجواب شعر لکيا آهن، نورالقرآن وارو منظوم ترجمون بيتن ۾ لکيو آهي، قرآن شريف ۾ ڇهہ هزار ڇهہ سو ڇاهٺ آيتون آهن، اها سڄي منظوم شاعري بيتن جي صنف تي مشتمل آهي، ان ۾ جيڪي وڏيون آيتون آهن، انهن جو منظوم ترجمون هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾ ڪيو ويو آهي، ان حساب سان بيتن جو تعداد ستن اٺن هزارن جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿو مولوي احمد ملاح ڪافيون گهٽ چيون آهن، جيڪي اڍايوٽي ڪافيءَ جي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رنگ ۾ آهن، هن قسم جي ڪافيءَ ۾ هرهڪ مصرع ادائي سٽن جي قافين تي مشتمل هوندي آهي، مثال طور سندس هڪ مارئيءَ جي ڪافي آهي:

صَبا! چَئُج سانگين کي ساري سَنيها،
تہ چِت ۾ چِتاءَ کان پيَم چاڪ چِيها.

کِوڙ ڪيل ڪاهُڙ، خطا ۽ خَتَن ۾،
وُٺو خَير کِيئن‌ءَ سين، خَبر اِيءَ خَطن ۾،
ويڙهيچا وَطن ۾، وَڪوڙين وِيها.

چون ٿا تہ اها مصرع جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم پڙهي تہ ڪيس ويها لفظ جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ آئي، پر جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو لفظ 'ويها' مان مراد ويها ڪتا آهي تہ لغت جو ڪم بند ڪندي چيائين تہ جيستائين مولوي احمد ملاح زنده آهي، آئون لغت مڪمل ڪري نہ سگهندس، لفظ ويها جي معنيٰ جڏهن مون ٽرجي هڪ عالم، اديب ۽ دانشور محترم پروفيسر مولابخش محمديءَ کان پڇي تہ اُن ٻڌايو تہ ڪتا ٿر ۾ گهٽو ڪري ميگهواڙ ڻاهيندا آهن، جيڪي سادا ڪتا هوندا آهن يا جن تي محنت گهٽ ڪبي آهي، انهن کي ڏها ڪتا چئبو آهي، پر جن تي تمام گهڻي محنت ڪبي آهي، اهي رڍن جي وارن جن کي 'اُن' چئبو آهي ۽ اُن کي تمام گهٽو ڪُٽي پشم وانگر نرم بنايو ويندو آهي، اُن مان جيڪي ڪتا ٺهندا آهن، انهن کي ويها ڪتا چئبو آهي. جيڪي تمام قيمتي هوندا آهن. ماڻهون پنهنجن پيارن ماڻهن کي اهي ڪتا تحفي يا سوکڙيءَ طور موڪلي ڏيندا آهن. مولوي صاحب مثنوي رنگ ۾ بہ ڪافي شاعري ڪئي آهي. نورالقرآن جي بيتن ۾ منظوم ترجمي جي اشاعت کان پوءِ پاڻ مثنوي رنگ ۾ منظوم ترجمون ڪرڻ شروع ڪيائين جنهن جا پنج پاره مڪمل ٿيا. جيڪي چويهہ پاره کان ٽيهہ پاره تائين هئا وڏيڪ زندگي ساٿس وفا نہ ڪئي، اهي پنج پاره مون مولوي عبدالله جوڻيجو مرحوم کي ڏنا هئا جيڪو مولوي احمد ملاح جن جو نهايت اعتماد جوڳو ساٿي هو. جنهن مولوي احمد ملاح جي ڪلام کي اشاعت جي زيور سان آراستہ ڪيو جنهن لاءِ مولوي احمد ملاح هڪ شعر ۾ چيو آهي:

آهِہ عَبدُ اللہ عالِم، نيڪ جُوڻيجي کي جَس،
پيو لِکيو پَٽ ۾ پَڪيڙي، نَظم نامان نيڪ نام.

مولوي صاحب مرحوم قصيده گوئيءَ ۾ بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن، پر انهيءَ صنف

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تي تمام گهٽ لکيو آهي. هڪ هجويہ قصيدي جو مون کي صرف هڪ بند ياد آهي پاڻ هڪ اهڙي شخص لاءِ لکيو جيڪو پير پرست ۽ قبر پرست هو ۽ مولوي صاحب خلاف گهڻ وڌ ڳالهائيندو هو ان هجويہ قصيدي ۾ مولوي احمد ملاح سندس چوڏا لاٿا آهن. جنهن ۾ پاڻ چوي ٿو:

ڏِٺم هِڪ هَنومان، هِن شَهر ۾،
شِڪل مَنجهہ شَيطان، هِن شَهر ۾،
بُرو پُوڪ بَيمان، هِن شَهر ۾،
نَچي نور نادان، هِن شَهر ۾.

ٻيو هجويہ قصيدو مولوي احمد ملاح شيخ اياز جي باري ۾ لکيو آهي. جيڪو ۵۰ بندن تي مشتمل آهي جيڪو هن وقت کان اڳي ڇپيل نہ هو پر هن ڪُليات جي واقعاتي شاعريءَ جي باب ۾ شيخ صاحب جي' ڀونر ڀري آڪاس' ۾ شعائرِ اسلام جي گستاخي ۽ مذهب اسلام جي بنيادي عقيدن جي مذاق اُڏائڻ جي جواب طور شامل آهي. جنهن ۾ مولوي صاحب ڏاڍي غيرتِ ايمانيءَ جو لاجواب اظهار ڪندي شيخ صاحب جي اسلام تي ڪيل اوڇن حملن جو ڀرپور مزمتي جواب ڏنو آهي. جنهن مان نموني طور اوهان جي آگاهيءَ لاءِ صرف هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو باقي سارو مضمون اوهين ڪتاب جي متن ۾ ڏسي سگهو ٿا.

اِها توڙ کان آهِہ تَعليم تِن،
خُدا پاڪ خود جي نہ تَعظيم تِن،
نِبِاپا نَبِيءَ جا نہ تَسليم تِن،
رَڳن ۾ رَڳو روڳ ۽ رِيمُ تِن،
مَجڻ جِي نہ مُجِ مَنجهہ ميچالي اَياز،
تِلهو شوخ ٿيو شيخ نالي اَياز.

مولوي احمد ملاح لُواريءَ جي مصنوعي حج جنهن جو ذڪر مٿي تي ڇُڪو آهي ۽ جنهن ڪتاب جو نالو اسان هاڻي بدلائي 'اسين قربان ڪعبي تان' رکيو آهي، ان ۾ 'مدحيہ' ۽ 'هجويہ' قصيده گوئيءَ جو رنگ موجود آهي. هجويہ رنگ، درگاهہ لُواريءَ جي پير ۽ سندن مريدن جي باري ۾ آهي ۽ مدحيہ رنگ، انهن غيرتمند مسلمانن لاءِ آهي جن انهيءَ فتني کي بند ڪرائڻ ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو.

مولوي احمد ملاح جي حمديہ، نعتيہ، خُطبات، مدحيہ ۽ ٽيهہ اکريءَ واري سموري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري گهڻو ڪري نظم جي صورت ۾ آهي ۽ اها شاعري بہ تمام گهڻي آهي، ان سموري شاعريءَ جو احاطو ڪرڻ هن مضمون ۾ مشڪل آهي تاهم سندس ڪلام مان چند مثال پيش ڪرڻ تي اڪتفا ڪجي ٿو:

حمديہ رنگ:

آهِہ اَللهُ عَرش، ڪُرسي، آسمانن جو ڌَڻي،
جِن، مَلڪ، ماڻهن، ڪِ ماڳن ۽ مَڪانن جو ڌَڻي،
پڻ زَمينن ۽ زَمانن، جَڳ جَهانن جو ڌَڻي،
مُشرڪن جو، مُلحدن جو، مُسلمانن جو ڌَڻي،
اُو ڌَڻي مالِڪ بہ مَحشر جو، پِنو جيڪِي پِنو.

نعتيہ رنگ:

سانجهي صُبح سَدائين، صَلوات بَر مُحمد،
صَدبار بارڪَ اللهُ، بَرڪات بَر مُحمد.
بُت بُت ٿلها ٻهانا، عِيسيٰ، عُزير ٻانها،
قادِر جا ڪارخانا، صَلوات بَر مُحمد.

ٽيهہ اکري رنگ:

’الف‘ اَوَل خواهہ آخر، مَنجهہ، ٻِهر اَللهُ بَس،
مُون مِٽي نالي سَندس ري، ڪِينَ ڏِٺي ٻِي چِيز چَس،
قُرب اُن جو قَلب تاري، قَلب لئي پيا قُرب ڪَس،
يو رُسي جيڪر، رُسڻ ڏي، رَب هُجي هِڪ شال! رَس،
چا ڪَندم پيا رَنج، رَس؟ اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

غزل جي شروعات فارسيءَ ۾ ٿي، عربي قصيدو جڏهن فارس ۾ پهتو تہ ان قصيدي جي شروعات وارن پنجن ستن بندن کي تشبيب چيو ويندو هو. ان تشبيب کي الڳ ڪري غزل جو نالو ڏنو ويو. پوءِ غزل جي صنف اردو شاعريءَ کان ٿيندي سنڌي شاعريءَ ۾ پهتي، فارسي زبان حافظ شيرازي، سعدي شيرازي، عبدالرحمان جامي، امير خسرو ۽ زيب النساءِ مخفيءَ جهڙا بهترين غزل گو شاعر پيدا ڪيا. اردو شاعريءَ ۾ مرزا غالب، داغ دهلوي، مير تقي مير، بهادر شاهہ ظفر، اقبال، عبدالحميد عدم، ساغر صديقي، فيض احمد فيض ۽ پروين شاڪر جهڙا باڪمال شاعر پيدا ٿيا. سنڌي شاعريءَ ۾ مير عبدالحسين سانگي،

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آخوند گل، مخدوم طالب المولي، مولوي احمد ملاح، شيخ اياز، استاد بخاري ۽ احمد خان مدهوش جهڙن شاعرن غزل جي آبياري ڪئي ۽ ان کي بلندين تي پهچايو.

فارسي غزلگوئيءَ ۾ حافظ شيرازي ۽ اردو غزلگوئيءَ ۾ مرزا غالب تمام ممتاز شاعر هئا. سنڌي غزل ۾ مولوي احمد ملاح سيني سنڌي زبان جي غزل گو شاعرن ۾ اعليٰ ۽ ارفع مقام جو صاحب آهي. پنهنجن شاعرن کي پڌائڻ ازروءِ انصاف درست نہ آهي، پر چا ڪجي سنڌس غزل گوئي کيس ان بلند مقام تي پهچايو آهي. سنڌس هر غزل لاجواب آهي، جنهن ۾ خيالن جي وسعت ۽ پرواز جذبن جي گرمائش ۽ احساسات جي تپش کان فڪر جي گهرائي تائين سڀ لوازمات ميسر آهن. هن جي غزل جي شاعريءَ ۾ تشبيهون، استعارا، ڪنايا، مجاز مرسل تمام گهڻي تعداد ۾ موجود آهن، بلڪ مولوي احمد ملاح غزل جي دنيا ۾ نوان تجربا ڪري سنڌي غزل کي حيات آفرين منزل تي چڙهيو آهي. فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي غزل گو شاعر تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين کي غزل ۾ پيش ڪرڻ سان گڏ تجنيسن ۽ صنعتن حرفي، خطي، تام، ناقص، زائد، مزيل، لف و نشر، مراعات النظير، حسنِ تعليل، ايهام، تجاهل عارفانہ مبالغو سوال جواب، قطارالبعيرين، مرڪب ۽ طرد و عڪس جا مثال غزلن ۾ ضرور ڏنا آهن، مگر ڪنهن بہ فارسي، اردو ۽ سنڌي زبان جي شاعر سواءِ تجنيس سوال جواب ۽ تجاهل عارفانہ جي ٻين تجنيسن ۽ صنعتن تي مڪمل غزل نہ لکيا آهن. امير خسرو ۽ حافظ شيرازيءَ جا سوال جواب تجنيس تي چيل غزل سندن ڪتابن ۾ موجود آهن. هت امير خسرو جي غزل جو مطلع ۽ هڪ بند پيش ڪجي ٿو:

گفتم کہ اي جانِ جهان يک بوسہ مي خواهم بده،
گفتا برو از پيش ما، گر بوسہ خواهي زر بده.

گفتم غريب و عاشقم، در کوئي خدمت خادمم،
گفتا ازين ها، فارغم، گر بوسہ خواهي زر بده.

مولوي احمد ملاح جي سموري شاعري تجنيس حرفيءَ تي چيل آهي، تجنيس حرفي سنڌس اسلوب يا لباس آهي، اها خصوصيت بہ ڪنهن شاعر کي حاصل نہ آهي، هن جا مختلف تجنيسن خطي، تام، مرڪب، زائد، مزيل، طرد و عڪس، لف و نشر، سوال جواب، تجاهل عارفانہ، ناقص، تي هڪ کان وڌيڪ مڪمل غزل موجود آهن جن کي ڪتاب جي متن ۾ڏِسي سگهجي ٿو. هتي صرف چند غزلن جا مطلع پيش ڪجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجنيس تام:

نہ دَر مَنجھہ چَڏين دوست! تہ بہ دَر نہ پُور،
ڪَريان پَل پَرِي ڪان پَسي مانَ! پُور.

تجنيس مرڪب:

پِرِيَم اَهنجي پَسڻ جا پُور، پِيا مَن تي، پَيامن تي،
وَري سِڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

تجنيس ذوقافيتين:

بَنايو هِن حُسن حاڪِم، هَزارن تي حَبين ڪي،
ڏِنم مَحبُوب جي مُنهن لَئي، مُنارن تي مُجين ڪي.

تجنيس خطي:

ڏي دِلاسو دوست دِلبر! دَرد ڪَئي دِل دَر بَدر،
ناهِہ زورِي، بَلڪہ زارِي، زير بارِي ذَر بَذر.

تجنيس مذيل:

ڪَيَم دِلبر بہ دِلبر ڪِهڙو؟ دِلبر دِلبرن ۾ مُڪ،
ڪَنيَم گوهر بہ گوهر ڪِهڙو؟ گوهر گوهرن ۾ مُڪ.

تجنيس زائد:

سَڄڻ! صُحبت سَوا تُنهنجي، نہ ساعت مُون سَري وِسري،
ڳَندين دِيدار ۾ ديرُون، تہ زَخميَل مَنجھہ ذَري ڳُذري.

تجنيس تجاهل عارفانہ:

يا ڏِينُو، يا ڏِينهن ٿِيو، يا گُل ٽِڙيو گُلزار جو،
يا قَمر، يا شَمس هِيءُ، يا مُنهن مُحب مَهندار جو.

مولوي احمد ملاح جا غزل هڪ اهڙي بحرِ زخار جي ساک ٿا ڀرين، جنهن مان پيياسا بار بار پيئڻ جي باوجود پيياسا ئي رهن ٿا. ڪجھہ مثال غزل جي شاعريءَ مان نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا:

سَڄڻ مُنهنجو سَدا سُهڻو، سِٽيءَ جو قُل اَهاهاها!
مِنو مَحبُوب مَن مُهڻو، مَٺيون بي مُل اَهاهاها!

لِڱو اِن حُسن جو هُلِ هُل، ڪِني قُو قُو، ڪِني قُل قُل،
پُرن بُلبُل، چوَن گُل گُل، سُخن صُلصُل اَهاهاها!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِنهيءَ ڪاڪُل ڪُندن پيچَن، ڪيَس قابُو ڪمندن سان،
وِڌيَس فِي الحال ڦاهيءَ ۾، فريبي زُلف ڦَندن سان.

اَجان اَرواح ’احمد‘ جو، نه جَهنم ڏي، نه جَنت ڏي،
پيَئين وارن جي پَرڀاسي، ٻِلاتو آهِه بَندن سان.

دوست مُنهنجي دوستيءَ ڪان، ديس بَدلائي ڇَڏيو،
ديس بَدلڻ ساڻ دِلبر، ويس بَدلائي ڇَڏيو.

مَنجهه قَيامت ڪَند ۾، پيو ٿي قَتل مُنهنجي جو ڪيس،
پَر ڪُنديَن ڪارئَن اَکيَن، ڪُل ڪيس بَدلائي ڇَڏيو.

دِل نه وَٺي، دِلبر نه ويو، آئون ڪيئن سَهان اِي سُور ٿَئي؟
خواهه ميڙين، خواهه مارين، مُون ڪيون مَنظُور ٿَئي.

عِشق ’احمد!‘ عُمر ساري، نِت رُناڙِيُم رَت ڦُڙا،
مُحب ۽ مَحبت ڪَڏيُم، ميثاق ڪان مَغرُور ٿَئي.

نه ڄاڻ مُون وَٽان ويندين، ته لالڻ! لَنئُون نه لايان ها،
مِٽن جي موڪلائڻ ڪان، ته مَهندئي موڪلايان ها.

هَلي وَس جي سَندم هِڪ وار، وارڻ يا وِهارڻ ۾،
ته ڪوهن تان ڪَنوائي ڪي، جَبل جهاڳي جهلايان ها.

گُلبدن! مُنهنجي بَدن ۾، باهِه پَرڪائيندو وَت،
ڪَر پَيي، ڪاني ڪَجل سان، ڪان ڪَرڪائيندو وَت.

ڪِنهن گَڏهه، گابي هَٿان، گُل باغ پيلائي نه ڪير؟
هي هَرڻ اکيون هِنيين ۾، وِير! وَڙڪائيندو وَت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِس خُلاصي خاص خِلوت، خار خَر! ڪاٽيندو وَت،
لَنئون لڳڻ ڪي وَئي لڳي، جيڪا لڳي لائيندو وَت.

مُنهنجو سِينون طُور سِينا، تُون تجلي نُور جِي،
بَلڪہ بِجلي، تَن تجَلي، تاب سان تائيندو وَت.

دَرد تُنهنجي دوست! دِل ۾، دَست اَندازي ڪئي،
دَم اَٿم ڪو دَم اَجان، تو دَم نہ دَمسازي ڪئي.

قُرب تُنهنجي، ساڻ ڪاٿيَن، قُرب وارن ڪي ڪُٺو،
شائقن سان شَوق تُنهنجي، شاهہ! شَهبازي ڪئي.

تُنهنجي جَلوَن ڪان جِسم ۾، جهور جهوران ٿي پَوي،
قَلب ۾ ڪُنڊيَن اَڳيَن جِي ڪور ڪوران ٿي پَوي.

مُون نہ مَرضيءَ سان مَٺو، ماريءَ اَڳيان مَنديو مَگر،
زُلف جي زَنجير ۾ دِل، زور زوران ٿي پَوي.

مولوي احمد ملاح رح جي شاعريءَ جي ياد حافظن نعمت الله هاليپوٽي ۽ عبدالمجيد ابڙي سندس زندگيءَ ۾ ئي وفات ڪئي، منهنجو وڏو ڀاءُ الهہ جوڙيو ملاح بہ سندس شاعريءَ جو حافظ هو سو جُون ٢٠٠٨ع ۾ اسان کان موڪلائي ويو ان ڪري هيءُ انديشو پيدا ٿي چُڪو هو تہ متان سندس شعر اشاعت جي زيور سان آراستہ نہ ٿي سگهي.پر قدرت الاهيءَ جا پنهنجا ڪرشما آهن. اڄ کان ڏهہ ٻارهن سال اڳ ٽنڊي باگي ۾ منعقد ٿيل مولوي احمد ملاح سيمينار جي صدارتي تقرير ڪندي محترم رسول بخش پليجي چيو هو تہ مولوي صاحب جي سموري شاعريءَ تي مشتمل هڪ ڪتاب 'ڪُلياتِ احمد' شايع ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، سندس شاعريءَ تي ڇپيل ڪتابڙا اُڄ اُجهائڻ لاءِ ناڪافي آهن. راءِ تہ مناسب هئي پر ان ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ نهايت ڪٺن ڪم هو. خداوند ڪريم ان نيڪ ڪم لاءِ ٽنڊي باگي جي علمي خاندان جي چشم و چراغ پروفيسر ضرار رُستماڻيءَ جو انتخاب ڪيو ۽ سندس دل ۾ جنون جي حد تائين

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مولوي صاحب لاءِ محبت ۽ عشق جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي.

پروفيسر ضرار رُستماڻيءَ کي ننڍپڻ کان ئي مولوي صاحب جي شعر سان محبت رهي آهي ۽ پاڻ ان کي نهايت سهڻي انداز ۾ عوام آڏو پيش ڪندو رهيو آهي. سندس شمار بہ مولوي احمد ملاح جي ڪلام جي حافظن ۾ ٿئي ٿو. الله تعاليٰ کي اهو تمام مشڪل ڪم سندس هٿان ئي پايہ تڪميل تي پهچائڻو هو سو رات ڏينهن هڪ ڪري مولوي صاحب جي ڪلام جي سهيڙڻ کي لڳي ويو. مون سان بہ اُن جو ذڪر ڪيائين. مون وٽ جيڪو اڻ ڇپيل ڪلام هو سو مون سندس حوالي ڪيو. هن مردِ مجاهد ڪلام جي حاصلات لاءِ سنڌ جي هر ڳوٺ، شهر، ٿر، بر جا طوفاني دورا ڪيا. ماڻهن سان ملاقاتون ڪري چڱو خاصو اڻ ڇپيل ڪلام هٿ ڪري ورتو ۽ اُن کي ترتيب ڏيڻ ۾ لڳي ويو. تڏهن سندس حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن هن ڏٺو تہ ڪتو ڪيل مواد ڏيڍ هزار صفحات کان تجاوز ڪري چُڪو هو. الله تعاليٰ تي توڪل ڪري پريس ڪاپي ٺاهيائين پر ڪيس اڳيان ڇپائڻ لاءِ مالي مشڪلات درپيش هيون. خداوند قدوس پوليس کاتي جي آفيسرن محترم خالد رُستماڻي، جو سندس وڏو ڀاءُ آهي، ۽ محترم دوست محمد مڱريو جيڪي ٻئي ڊي.ايس.پي رينڪ جا آفيسر آهن، تن سندس همت افزائي ڪندي هر قسم جي مدد ۽ تعاون جاري رکيو. اهڙيءَ طرح اهو ناممڪن ڪم ممڪن بڻجي ويو. هاڻي هيءُ 'ڪُلياتِ احمد' توهان پڙهندڙن جي سامهون آهي، اهڙيءَ طرح پروفيسر ضرار رُستماڻيءَ جي جنون آميز عشق ۽ سائين عبدالحفيظ احمداڻيءَ جي ساٿس روز و شب جي رفاقت ۽ سندس ئي والد سائين عبدالغفور احمداڻي صاحب جي سرپرستي هن خواب جي ساڀيان جو سبب بنجي ويا آهن. دُعا آهي تہ الله پاڪ کيس توفيق عطا فرمائي ۽ اها ڪاوش سندس بيماريءَ ۾ صحتيابي، عزت، احترام ۽ وقار سان گڏ آخرت لاءِ عظيم اجر جو سرمايو بنجي وڃي. آمين!

خَلق ۾ خالِق ڪِيوئي، خاتمُ الشُعراءِ خاص،
هاڻ 'احمد!' آخرت سِين، سِنڌ مَٿي سالار هُج.

محمد صديق 'مرهم' ملاح

بدين

١٩_ جولاءِ ٢٠١٣ع

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حمدیہ کلام

سوره فاتحه جو منظوم ترجمون

اَوَل نام اَللہ جو، جو ڏِيندڙ ڏيھ ساري،
ڏئي نہ پَچاري، مِڙنيان مِهربان گهڻون.

جُڳائي جَبار کي، سَڀڪائي ساراھ،
پالڻهار پرٿئين، هَردم هَميشاھ،
سَخي سَڀاجهو گهڻون، مالِڪ مَحشرگاھ،
توئي پُوڄيون، توهان ئي پنون، حِمايت هَرگاھ،
سُهائيون سَنئين واٽڙي، واٽ اُنهن جي واھ!
جِن کي توڙان توڙ ڪَئِي، نِعمتون نيباھ،
جِن تي ڪاوڙ ناهِ ڪا، نہ گَس ڪَنان گُمراھ،
آمين يا اَللہ! اِهو عَرض اَگهائِين.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا درگاهه

بِسم الله اَحد اَلله، حاضِر ناظِر سو هَرگاهه،
صَدقو تِنهن تان ساهه پَساهه، لائق صاحِب ڪي ساراهه،
وَهه واهه واحِد ڪي وَهه واهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

خالِق خَلقي خَلق سَمُوري، ماڻهون، جِن، مَلڪ حُضُوري،
اُپ، زَمينون، نَکٽ نُوري، ماڪ، موتي، مُشڪ، ڪٿُوري،
راتيون، ڏِينهن، مُندُون ۽ ماهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

عَجب اُپائي ڪَئِين اوپاج، دُر، ياقُوت، عَقيق ۽ عاج،
کِير، ڪَٺونبا، ڪُنبيون ڪاج، آمان، اَنب، اِنجير، اَناج،
وَڻ ٽِڻ، وَليون، وَونئڻ ڪَپاهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

آهِہ اَصل ۾ آب مَني، جِنهن مان گُل ٿيا گهوٽ وَني،
ڪي ڪي غُربا، ڪي تہ غَني، رَنگ بَرنگي جوڙ بَني،
صافي رَنگ سُفيد، سِياهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

عَربي ٻولي، عَجمي ڳالهه، لکين سِڪڻ ۾ جِنهن جي سال،
قادِر جا ڏِس ڪم ڪمال، جِهڙي مائٽ ڪَن مَقال،
تِهڙي وات ڳِڀورن ڳاهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

ڪَڪرن ڪي جَڏهن قادِر چوءِ، موجب حُڪم هَلن تا پوءِ،
وَسن وِلاتن وَجيو اوءِ، وَڏ ڦُڙي جو واڪو هوءِ،
تار تَرايون، تَڙ، تَلاهه، ناهِه ڏٺيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِهم جِهم جُهڙ وَسن جهالارا، ڪاريون، ڪُنڊيون ڪَن ڪُڏڪارا،
صَحرا، چَهرا سُونهَن سارا، اوپڙ ڪَن ٿا عَجب نِظارا،
گُلشن روشن، گَولُون، گاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

مَني ڪِنيءَ جُون ڏِس تُون موجُون، گادي چَڙهيو گُل ڪَري گوجُون،
شاهه سَڏائي، شامِل فوجُون، اَلله ڏِياريَس اِي سَڀ اوجُون،
قُدرت حَق تي ڪُل گَواهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

قادِر قُدرت جو ڪَلتار، مالِڪ مُلڪن جو مُختار،
ساري ڏيهه سَندو ڏاتار، بيشڪ بارِي آهِه يَتار،
سارو عالَم هِڪ آڪاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

مُشرڪ تي ڪا ناهِه مَيار، جيڪِي جوڙي هَٿ سين يار،
تِنهن جي تِيرٿ لاءِ تَيار، پَٿر پُوجي ساڻ پِيار،
ناهِس واحِد تي ويساهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

مُورت تي ٿيا مُشرڪ راهي، ڪَن نہ وَليءَ تي وَٽ وِراهي،
بَدن ڪَچيءَ ۾ ڪَٽ ڪِراهي، اِيءَ سَڀ گهوڙا ڙي! گُمراهي،
هَردم هادي هِڪ هَمراهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

ڪِهڙيءَ صُورت پُوڄين صُورت؟ صاحِب جوڙيَئي سُهڻي صُورت،
ماٽهو بَنيو موتي مُورت، پَٽڙي پاٽي پاتي پُورت،
لِک نہ لَحظي جِنهن ۾ لاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

جِنهن تي پاندي پَند پُوَن، ديکيئون دَرگاهه سُخن سُوَن،
حال ڪَهن ۽ رَڙن، رُوَن، اُن کي عَرب اِلہ چُوَن،
سو تان حاڪِم هيڪ اَلله، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلہ اِلا الله

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آدمؑ کان تا اَحمد تائين، جيڪي مُرسل مِير مُڪائين،
سَڀني هَٿ هِيءُ سَنيهو چِيائين، ناهِ سَوا رَب بيو ڪو سائين،
ڪُل جو پَروَر پاڪ پَناهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

سَئو ڳُڻ صاحِب رَب سَڳوري، هَرگز پُڇون هِڪ نہ ٿوري،
اُڇل عِنايت سَيڪا اوري، صَدقي صَدقي، گهوري گهوري!
آيمِ مِير مُحمد شاهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

مِني مُحمد مِير مَٺي، جَڏهن آيو وَحي وِير مَٿي،
تَڏهن خَلق سَڄي هُئي سِير مَٺي، تُربت تي، تَصوير مَٿي،
ڪارڻ ڪمِ ڪندا هُئا ڪاهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

پير مُبارڪ پرِيَن پاتا، وَحدت وائي واريئون واتا،
ناهِ ڏَٽيءَ ري بيو ڪو داتا، لات، مَنات، عُزا سَڀ آتا،
نِلها تہ نوڪِين ناهيا ناهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

پَروَر ڏِئي تو پُٽ ۽ ڪِير، تُون تو پُوڄين پِير فَقير،
وَرهن کان جي گُذريا وِير، ساهہ نہ آهي مَنجهہ سَرِير،
سي ڪِيئَن وِجهندا ٻِئي مِ ساهہ؟ ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

هُو جي جَڳ مِ جِيئرا تو جِيئَن، وِڏا قَبر مِ ڪانڌين سي ڪِيئَن؟
جِيئرن سان ڪو جائز اِيئَن؟ آيا چو نہ اَڱڻ اَڄ سِين؟
ڪَن عَزيز اُڪندِ مان آهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

هُو تہ پُڄائي پَنهنجا ڏِينهن، سُکي وَڃي ٿيا سالِڪ شِينهن،
جِن کي جِهڙا رَب سِين نِينهن، تِهڙا مَٿ مَرهہ جا مِينهن،
بَخشِين بارِي ڏوهہ گُناهہ، ناهِ ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلہ اِلا الله

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

پِنِ جِنهن جا پُٽ ۽ پوٽا، سي ڪِيئن ٽارِن ٽِئي تان ٽوٽا؟
سَپ خَيال خُدا ري ڪوٽا، ڪاوڙجي تُون ڪَيِ مَ اڪوٽا،
سَمجهي ويندين سَنجهه صُباح، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

حاجُون هَٿ ۾ هادي هيڪي، غَير گَڏيندا غافِل جيڪي،
داخِل دَوزخ ڪَندن ڏيڪي، سَنوان سُپاٽي ٿيندا سي ڪي!
لڳندن جَڏهن بَدن کي باهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

پِيرل کي تُون چَئُو پُوڄارِي! وارثي جِنهن جِي اَٿئي وارِي،
جوڙي ڳَئُون يا مينهِن موچارِي، اُو تان آهِن پاڻ اَپارِي،
جِن تي ڳوڙ ٻَڌن گُمراهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

پِيرل کي تُون چَئُو اَي پانڌي! ڪُونج ڪُنوار جا تو آندي،
چِلڪي چَمڪي وانگر چاندي، جوڙي هِهڙي حُور هيڪاندي،
پاٽئون ڏيئي پَر ۾ پَساهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

پِيرل کي تُون چَئُو پينار! جِنهن تي لاهين جَهنڊا وار،
جوڙ مِٽيءَ مان مُورت ٻار، جوڙون جوڙي جوڙڻهار،
ٻيو سَپ ڪُوڙ قِصو ڪوتاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

پِيرل مَهندان پاند پَڪيڙ، جاجي ماجي ميڙي ميڙ،
چَئُو ته بَدن ۾ پيَم بِگيڙ، آيو اَجل تِنهين کي ٿيڙ،
نِئيم نِهوڙي ٿو ناگاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

پِيرل مَهندان لاهِه پاڳ، جِنهن جا لازِم جاٽِين لاڳ،
ٻاغ بَنائي تُنهنجا پاڳ، ڪوڙهيا! اِي سَپ ڪُوڙا راڳ،
ڪانهي واحِد ڏاران واهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چَئو ڪو پِرتو پِيرا! پَساءِ، مُون ڪي دَعوا مَنجهه دَساءِ،
جوڙ مَلهاريون مِينهن وَساءِ، پوکن پاڻي جَلد رَساءِ،
وِهسن وِيءِ، وَليون، وَڻراهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

ڪوبه جَواب نه مِلندئي جاني! چَوندئي ظاهِر ساڻ زَباني،
ڪُلُّ مَن عَلَيهَا فاني، بِئي سان ٿِي مَ بَدل ۾ ڏاني،
وَٺ تُون هِڪڙي رَب جِي راهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

جِن، مَلائڪ، مُوسيٰ، عِيسيٰ، سَڀني خالي جاڃ ڪِيسا،
پَسِين تِنين وَٽ جيڪِي پِيسا، دَولت هيڪ ڏَٽيءَ جِي سا،
جِنهن جا دان مِثل دَرياهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

جِن، مَلائڪ، ماڻهون لَک، اُپري ڪِينَ اُنهن کان ڪَک،
جُڙندي مُور نه هِڪڙي مَک، ٿَهندو پڻ نه پَکيءَ جو پَک،
توڻي گَڏجي ڪَن گَجگاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

رِزق رَسائڻ ڪَم رَحمان، جِنهن جا عيوض بِنان اِحسان،
ڏاتيون ڏِئي جي موجب ڏان، قِيمت پُڇِي ڪِنهن کان ڪانه،
پاڌو تُنهنجو وَڌ نه پَنجاهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

اِن سُڪا جي صَدقي سانگ، پائين مِليَم مينهَن چانگ،
مُومل ماڻيئي، مُنهن تي مانگ، بَدلا چڙ اَي بُکيا پانگ!
کِهڙي پَرور ڪي پَرواهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

دانهڻ دَر ڏَٽيءَ ڪان ڏار، سي تان ڦُوڪُون مَنجهه ڦُلهيار،
موتِي پَونديون مُنهن ۾ يار! مِلندئي مَحشر ڏِينهن مَيار،
سَرندئي خُواري خواهه مَخواهه، ناهِه ڏَٽيءَ ري ڪا دَرگاهه.
لا اِلٰه اِلا الله

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِڪ ڏَڻيءَ جي چَڏي ڏَڻ، ڪَم وَٽي بيا ڪير ڪَڻ،
هيڏي هوڏي هَٿ هَڻ، تہ بہ ڏِهن زمينون، اُپ چَڻ،
آڳي ري يَر! سَڀ اُونداهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

فَرش ڪَنان تا عَرش سَڳوري، ڏيهہ سَجائي ڏِس تُون ڏوري،
چَڳَڻ مَنن ڪي ڏِس تُون چوري، ناهِہ اَجهو ڪو اُن کان اوري،
ٻِيَن سَڀِن جا طَبل تَباهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

شارِڪ! شِرڪ سَندا چَڏ شيوا، ڏاتر هَٿ ۾ ڏيوا ليوا،
ڪَر مَ سَوا رَب ٻِئي جي سيوا، مَهندان ماٽِن مَحشر ميوا،
جَنت مَنجهہ جُڙئي جاڳاهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

جيڪا تُنهنجي هَٿ ۾ هَڙ، سي سَڀ واحِد هِڪ جا وَڙ،
لڳ مَ لَتيا! ڪِنهن جي لَڙ، قادِر تُنهنجو ڪُل کان ڪَڙ،
ڏار مَ ڏارِيَن جو ڏَپ ڏاهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

مالِڪ هِڪڙو مُلڪ، مَلڪ ۾، خالِق سوئي خَلق، فَلڪ ۾،
هَٿ اُنهيءَ جو هَلڪ چَلڪ ۾، سَڀِن سَنيالي پَلڪ پَلڪ ۾،
مُلڪ سَڀِي تي مِهر نِگاهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

يَقُولُ لَہٗ ڪُن فَيَڪُون، قائم قُدرت جو قانُون،
جيڪِي جوڙون گُوناگُون، اِن حُڪم جي هيٺان هُون،
نَهن، قِتن سين امر اَللہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

آئون تہ ڏُهاري ڏُيرو ڏَم، قادِر! ڪَرين مُنهنجو ڪَم،
داور! لاهين دِل جو غَم، 'احمد' ڪي تُون آخر دَم،
نِعمت ڪَلمون ڪِج نِباهہ، ناهِہ ڏَڻيءَ ري ڪا دَرگاهہ.
لا اِلٰہ اِلا اللہ

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهه! تنهنجا ڪم ڪمال

حَمد هاديءَ جا هَزارين، هَر هَميشه ڪُل حال،
ٻادشاهن ٻادشاهه سِر، ٻادشاهي تِنهن ٻَجال،
جَڳ جُڳان جُڳ ساڻ جَڳ مَڳ، جوڙ جوڙي جَل جَلال،
نِت نَوان ڪَم، مَوت، جَم، موتي، مَٽيان، مَرجان، لال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

ٻَهر ڪا پَيدا نه ٻَهرين، ٻوءِ ٻاٽيءَ ۾ ٻُريون،
سَپ جُڙي جوڙون ويون، جِنهن پَر پَريان پَروَر گُهريون،
پير، هَٿ، ڪَن، وات، چَپ، نَڪ، نيڻ، نُهن، گوڏا، گُريون،
اَصل صُورت نَسل ۾، آواز، عُمريون، ٻول چال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

آدمي آدم مَنجهان، آدم وَٽان آدم جِها،
پير، هَٿ، نَڪ، نيڻ ساڳي، ڪُند! ڪَچا ڪَڍندين ڪِها؟
نَسل ساڳي، اَصل ساڳي، شَڪل ساڳي ڏِس اِها،
ڪير اُڪري آب تي، اَولاد مائٹ جي مِثال؟
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

تُنهنجون قادِر قُدرتون، ڪيڏي قَدر ڪوڙين قِسم!
پَر اَسين اُن مان ڏِسُون، جِن کي ڏِنئي جوڙي جِسم،
جِن، مَلڪ ۽ اُپ، هَوا، اِي پڻ ٿلها ناهِن اِسم،
پَر اَسان لئي آهِ ڪو، تِن کي ڏِسڻ ڏُکيو سَوال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهہ ڪي سَپڪو مَجي ٿو، آهِہ مَگر ڏِسجي نہ مُور،
ساهہ سَپڪنهن جي اَندر، پَر ساهہ ڏِيندڙ ڏُور ڏُور،
ساهہ ڏِيندڙ ساهہ ڪان، صَدبار آهي صاف نُور،
اُو اُتاهُون عَرش ڪان، هِي هِت ٻَڌن ٿا ٻائتال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

اُو اُتاهُون عَرش ڪان، تِنهن وِچ زَمينون آسمان،
لَوح، ڪُرسي ۽ قَلم، لاهُوت، لاحَد، لامَڪان،
اک ڏيکارڻ اِيءُ ڏِسڻ، جِنهن سان گُهرن ٿا بي گُمان،
يا ڏيکارڻ سان ڏِسڻ، تِنهن ڪي جِنهين ڪَل سان ڪُلال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

ڏُوڙ ۾ داڻا ڇَٽيون، ڪانبا پَري ڪَڻ ڪَڻ ڪَري،
اِيئَن وِجايون جِيئَن وَري، ميڙيو نہ مَڻ مان ڪَڻ وَري،
پوءِ ٿِيَن ساوا سُڪل، داڻي مَنجهان ڏَرتي پَري،
مُلڪ مالا مال مالِڪ! مَوج ۾ مَوجُود مال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

ڪي ڪَهن ٿا ڪِينَ پَيدا، پاڻ ڪَئي هِيءَ پِرٿِي،
ڪِينَ وارا ڪِينَ آهِن، ڪِينَ ڪان گهَٽ ڪِين ڪَٽي،
چو نہ ڏيکارِين ٿاهي، ڪِينَ مان پوءِ ڪِي ڪَٽي؟
هِي تہ ڪَم ڪِنهن ڪارگر جا، ڪِينَ ڪي ڪِهڙي مَجال؟
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

جي نہ گُڻ ڳائِنِ، تِن جو چيٽ چَٽ ۽ ڪُٽ ڪَٽي،
ڏَونر، مَهلو هَر مَهل، ڪِيڙو، مَڪڙ، رُوڙو، رَتي،
خاڪ ڪَٽيو ڪي وِجهن، ۽ ٻيا دَوا ٻاريو ٻَتي،
مال خَرچي مال ماريَئون، پوک ٿيئي پائمال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهِہ موڪل ماهِرن کي، جيترا مَنجهہ لوڪ لَک،
لَک مِلي ڪو ڪَک بيهارِن، جيئَن بيهاريا اُپ اَلک،
ڪُجهہ ڪَري سَگهندا نہ ڪُوڙا، ڪِک بَدن ٿا مُفت ڪَک،
جي پَسهہ پَنهنجو پَسن، ايندي نہ ويندي جَم وِصال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

ٻاڦ اُپ تي تُون اُماٽين، ڏَنڊ دَرياءَ مان ڏَٽي!
سا صَفا پاڻي ٿِئي، پاڻهين ٻنان چاڙهي چَٽي،
جَبل بَرفن جا ٻَڻ اُت، پوءِ پِچن بادل ٻَٽي،
تَڙ تَرايون تار، تازي ساڻ سَيڪَنهن سال سال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

بَرف جي جَبلن مَنجهان، پَرجي ٿِيَن بادل قَطار،
سَر سُڪا ساوا ڪَرِين، ساڻ صَحي صاحِب سَتار!
پوءِ ڦُڙن مان ڦُل وَهن، ڏَرتيءَ مَٿي دَرياءَ تار،
هَر جَڳهہ لاتون لَڳهہ، پَڳ پَڳ پَڳهہ، پوکُون ٻَجال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

مُلڪ سارو مِلڪ تُنهنجي، ڪو نہ پَنهنجي سِرڪَپار،
تُون اُپائين، تُون نِپائين، پڻ اُپت تُنهنجي اَپار،
ڪَڻ ڏِسان، يا وَڻ ڏِسان، چا ڏَڻ ڏِسان، چا رَنگ پار!
ڪاڪَڪي، ڪارِي، ڪُندي، گوشي، گُجر، چوڙي، ڪِ چال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

جي ڦُڙن بَدران وَسائين، پُونءِ مَٿي پَرِيَل ٻَجر،
تان سُڪيءَ لئي سَپ سِڪن، ڪَر لوڪ لَحظي ۾ لَهر،
ڏَرتي ڦِري دَرياءُ ٿِئي، سِير وِچ سارا شَهر،
پَر وَسائين وِرچ سان، نَوڪَند نِبيري سان نِهال،
واهہ! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهہ! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳَون، ميٺهُون، ٻَڪرون، رِڍُون، هاٿي، ڪِ اُٺ، گهوڙا، ڳَڏهن،
سي اَسان لئي تو اُپايا، ٿا رَهن تابع تَڏهن،
مَک، مَڪڙ، ڀُڪڙ، پاڪوٽي، پَل هُجن هِيٺان هَڏهن،
تِن جي جُلهن کي جهاڻ جي، ڪِنهن ڏِگهي وَٽ ناهِ ڍال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

ديک ديکيون دَور دَوران، ناهِ ڪِٿ دُنيا جو دَنگ،
جِنس جيڪا ئي ڳَڏيون، اُن جو لِپي آخر نه اَنگ،
سو وَڃي نابُود ٿِي، جوٿي ٻه جو تو ساڻ جَنگ،
جِيئَن فَنا فِرعَون ٿيو، جَهٽڪه ڪَر هو ڪِينَ ڪال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

اُپ ٻجا تُنهنجي اَمر سان، نه ته چَپر پَوندا چِٽي،
تُون جَهلِين ڌَرتي ڌُٻڻ کان، نه ته چَڏي هينان هَٽي،
وَهر واحِد! تو ٿِئي وَر، نا ته وَڃنيَئون واءُ کَٽي،
جئين اَڳي ٿيو عاد سان، يا ڪَم ثَمودي قَوم نال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

بِالخُنَسِ الجَوَارِ الڪُنَس، اِي عَجب آهِن اَپار،
اُڀرندان اُڀرن نه اُٿلي، پڻ لَهن اوپر جي پار،
اُلهنديان پڻ اِن طرح، پَيدا ڪِنهن پَل، ڪِنهن نه پار،
ڪي هَلن ڪِنهن طَرف تارا، ڪي سَدا بيٺل ٻَجال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

لِيک پَهرين لوڪ تي، اَڏ گول ٿِئي تائين ڏَهين،
رات ساهِي صاف روشن، چَنڊ جيڪر چوڏهين،
قُطب کي ڪَتيون قِرن، اُڀرن لَهن پڻ اوڏهين،
ڏاکڻيون گُم ڏيهه کان، ساڄي ڪُلهي قُطبِ شُمال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪَمال.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُون ڪَميني ڪِينَ جِهڙي، سان ڪَرم تُنهنجا ڪِروڙ،
آهين 'احمد' ۾ اَحد تُون، اَحد! اَحمد ڪي نه توڙ،
موڙ ٻيا گهُرجن نه مُون ڪي، موڙ مُنهن تو ڏانهن موڙ،
ڏِج مَرڻ جِي مَهل مُنهن ۾، پاڪ ڪَلمي نال ڳال،
واهه! قادِر تُنهنجي قُدرت، واهه! تُنهنجا ڪَم ڪمال.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قربان قدرت تان ٿيان

صُبح ۽ سانجهي سَدا، تُنهنجو مِٺو نالو نِيان،
تُنهنجي نالي ساڻ مارين، پڻ جِيارين جان جِيان،
تُنهنجي هَٿ، هَٿ، پير مُنهنجا، ڪَن، اکيون، هَڏ، چَم، هِنيان،
تُون سَنڀالين سَربسر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

ڪِنَ جي ڪُن مان ڪَيئي، ’ڪُن‘ ساڻ ڪَئِين ڪَون و مَڪان،
جِن، مَلڪ، ماڻهون، مِرُون، ڪِنهن ۾ ڪَمي ڪَک جِي بہ ڪانہ،
بَحر، بَر، بُستان، بَستيون، شَهر، بازاريون، دُڪان،
ڏِينهن، راتيون، پَل، پَهر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

عَرش سان ٿي آب نهڪيو، ڪَئِين زَمانا، ڪِنهن زَمان،
پوءِ اُپائِي آب مان، اِي اُپ، زَمينون، آسمان،
نُور مان، ڪي نار مان، پُونءِ مان بَشر ڪي بي گُمان،
تِنهن ڪي بَخشيَئي بَحر بَر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

ٻَائي ٻَاياں ڪيترو، ڏاتار! تُنهنجون ڏاتِيون،
مِينهن وَسائي مُند تي، داتا! اُپارين ڏاتِيون،
ذات ذاتيَن مان نهي، جِنهن مان جُڙن ڪَئِين ذاتِيون،
خان، خادِم، خَير، شَر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

خاص آدم کي اُپايو، تو مَنجهان ڪِنهن مُٺ مِٽي،
آب اُن جي ۾ وَري، صُورت سَندس سارِي ڇِٽي،
سَئو پُريون گُذريون ڪِ گُذرن، تہ بہ نہ صُورت سا ڦِٽي،
پيو وَجي پيءَ تي پِسر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پَس پِدر پهرين تپاسي، پوءِ پَس تُنهنجو پِسر،
نَقل ساڳي، عَقل ساڳي، شَڪل ساڳي سَربسر،
پير، هَٿ، نُنهن، وات، نَڪ، ڪِنهن ۾ نه ڪوڏيءَ جي ڪَسر،
واهه! قادِر ڪارگر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

پيٽ ۾ جيڪِي پَوي، پهرين مَري سو گوگِ ٿِئي،
پوءِ پاڻي، پوءِ پَتيون، ڪو ڦُڙو، ڪو ڦوڳ ٿِئي،
سو ڦُڙو جنهن کي، ڏِسڻ سان آدميءَ کي اوڳ ٿِئي،
سو بَنائيِ گُل، گوهر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

ڏينهن چاليهه سو ڦُڙو، ٻِئي چاليهي ۾ ڊِگ نِهار،
ٽِئين ۾ پُوري ۽ اَڌُوري، ٿو بَني بوتي بيهار،
پوءِ هَڏ ۽ پوءِ هَڏن تي، ماهه مَڙهجي ماهوار،
ڏينهن ٻَٽيان ڳِهڻ ۾ گِر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

آڱريون، گوڏا، ڳريون، هَٿ، پير، هَڏ، چَم، هَند هَند،
هيڪ ٻِئي سان سَپ ڪَيئي، سوڳها سَلهاڙي سَند سَند،
رُوح رَت لئي تِن وِچان، تاهيئي رَڳن سان رَند رَند،
جي بيهن دَم، دَم گُذر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

پوءِ پَيدا نَو مَهيني، نار يا نَر ناتَوان،
تان وَني سو طِفل طاقت، جُنگ ٻَنجي سو جَوان،
ڪو اَوهان مان اَڳ مَري، پوڙهو ٿِئي ڪو پهلوان،
گُم سَتر ۾ سُڌ سَتر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

ٻار ٿيو ٻاهِر نه ٻهڪن، ٻَنگلا ۽ ٻُونگڙيون،
لوڏ ۾ لاڻ لُڏي، پوءِ هَنج ۾ ڏِئي هُونگڙيون،
مائٽن ۾ صَد مُبارڪ، سُوکڙيون ۽ سُونگڙيون،
ڪُجهه عَطائون، ڪُجهه عَطر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذاتي ٻي ٻيءَ جا ٻُبا، ساڍيون ٻه سالُون سو صَغير،
پوءِ وڌِي، ۽ پوءِ سُري، پوءِ پير پائي دِلپذير،
ٻار سُريو، گهر ڦُريو، نِروار آهي اِيءُ نَظير،
نوڪ ٺڪرن تي ٺِڪر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

مائٽن جِي مَعرفت سان، ٻاجهه سان پالِن ٻَچي،
عَقل اَوَل ۾ اَڌُورو، پوءِ پُورو ٿو اَچي،
سال سَترهن گهٽ ۽ وَڌ سِين، مور پيو موري مَچي،
مَرد بَڻيو مُعتبر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

پوءِ ڪَري ٿو ڪِهر ڪُونڌر، ٿِيهه سالُون ٿِڌ ٿُور،
ڪو ٻَڻاڪي، ڪو ٻَٽيهه لَکڻو، نه ڪو ٻالڪ ٻَٺُور،
ڪِنهن اَندر خوشبُوءِ ڪَٿُوري، واهه! اَکڻو ڪو ڪَٿُور،
مُفتخر، ڪو مُفت خَر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

چال چَهريءَ سان چَليو ته ٻه، چاليهن ڪان پوءِ چُڪو،
وَئي ٻَهاري باغ مان، بُلبُل پَکا، گُل گُل سُڪو،
لَب لَڙي پيا، نَڪ نَمي ويو، ڪان جِهڙو قَد ڪُڪو،
سَربسر سائو نه سَر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

مُنڍ ۾ ماڻهو مِٽيءَ مان، پوءِ ڦُڙو، پوءِ وَر، وَني،
ذات ٿِيئي ڍِگ وَري، ٻيهر چَڀڙ ٻوٽي ٻَڻي،
پوءِ ڍَڪايو تو هَڏن کي، گوشت رَب، غالِب، غَني،
ڦَر ٿِيي ويو ڄَر اَندر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

مُٺ مِٽيءَ جِي کي ڪَٽي، ماڻهو بَڻائي مِهربان!
ڏَند موتي، وات سِپ، لَب لَعل ۽ مِٺڙي زَبان،
ڪان جِيئن قَد، وار ڪارا، گُل تي سُنبُل سائبان،
ڪَر قَمر تان ڪو ڪَڪر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ڪيئي پَيدا ڦُڙي مان، ٻاجهه سين ٻِي شَيءِ ٻِهار،
پير، هَٿ، نُنهن، آڱريون، نَڪ، نيڻ نازن سان نِهار،
تُون وَڏو بَرڪت پَريو، ٿَر بَر بَنائين تُون بَهار،
ڪارسازن ۾ ڪَسر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

تِنهن ڦُڙي مان ڦُل بَنائين، جِن جا طَرحين رَنگ رَنگ،
چِين، اَفريڪا، عَرب، يا رُوم، فارِس ۽ فَرنگ،
آب مان اُپ پُون بَنيا، جِن جو ڏِسڻ ڪان دُور دَنگ،
دُور ڏِسندڙ دَربدر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

چِپ مِني، ڪاري سَندي، نَڪ ڏِئي ڪِني، سُرهي جِي ڪَل،
گرم توڙي سَرد شَيءِ جِي، پَئي خَبر ٿِي ساڻ ڪَل،
ڪَل اکيَن جِي ڪوهه ڪن تان، مَغز ۾ چاپي شِڪل،
مال، ماڻهون، نار، نَر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

هَٿ ڏِنان تو هاج لئي، جِن سان ڏِجي وَٺجي وَکر،
مارجي يا ميڙجي، لِکجن اُنهن سان اَنگ اکر،
جي وَجن وَڍجي نه پوءِ، ڪِيئَن ڪائجي سَٽيو سَکر؟
پيٽ توڙي پاٽ سِر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

پير بَخشيئي پَنڌ لئي، جِن سان گُهمون گُلزار ۾،
ٿَر گُهمون ۽ بَر گُهمون، بَرسيو گُهمون بازار ۾،
پڻ وِچِيڻءَ ويلي هَلُون ٿا، هِير ۽ هُبڪار ۾،
گام گُهمندي گُم گَهنگهر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

اِي اکيون اکڙوٽ جِيئَن، جِن سان سُجاڻون سَپ صَحي،
خَط لِکُون، لِک پَڙهه پَڙهُون، پڻ وَرق وانچيون ۽ وَهي،
نُور نِڪري جي وَجي، پوءِ ڪَر صَفا ويو سِج لَهي،
پَئي کُڌ نڪا کَڌ جِي خَبر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نَڪ نيلوفر جو نمونو، جِنهن سان سُونگهيون گُل گُلاب،
هِن اَندر خوشبُوءِ ڪَٿُوري، هُن ۾ بُوءِ بِلڪُل خَراب،
دَم چَڙهي ۽ دَم لَهي ٿو، هِن ڪِ هُن شَيءِ سان شِتاب،
اِيءَ نه اَگرو، اُو اَگر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

هِي پَريون حُورُون هِنيين ۾، ٿيون هَٽن هُوندُون هُونهين،
حَمد هاديءَ کي جُڳائي، جِنهن بَنايا جڳ ڏُونهين،
تار تَن مَن ۾ تُنهين تُون، تُون تُنهين تُون، تُون تُونهين،
تُون اَندر ۽ تُون ٻَهر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

اَج اَدا! تُون تو ٿِئين، جِنهن شِڪل تي شَيدا فِدا،
سا به پَيدا تِنهن مَنجهان، جِنهن مان ٿِئين پيدا اَدا!
ٿَڙ ٻِن جِي ٿِيهه سالُون، سُونهن نه هِيءَ هُوندي سَدا،
پوءِ وَٺن نفرت نفر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

وَڻ قَلم، ڪاغذ زَمين، دَرياءَ مِڙئِي ٿِئِن مَس،
ته به کُٽن اَڳ، تان اَچي، تُنهنجي ڪَمن، ڪَلمن کي ڪَس،
توءِ تِن جهڙي مَدد ٻِي، آڻجي ڪا ته به اَوس،
ڪَس قَلم کي، ڪم ڪَسر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

تُون وَڏو، تُنهنجي وَڏائي، وَر ڏِيو واڪاڻِيان،
تُنهنجي اَعليٰ شان ۾، ڪِهڙا اکر آئون آڻِيان!
جو اَچي مُنهن ۾ چوان ٿو، مَن مُرادُون ماڻِيان،
قُدرتون ڪيڏي قَدر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

آهِه اَوَل ۾ اَحد، آخر به 'احمد!' سو اَحد،
سو هُيو، هُوندو هَميشه، لوڪ سارو مَنجهه لَحد،
حِڪمتون جِنهن جُون هَزارين، هَر طرف جِنهن جِي نه حَد،
مُنهنجو آخر ۾ اکر، قُربان قُدرت تان ٿِيان!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تون هڪ، ٻيو نہ ڪير

تُون تُنهين تُون، تُون تُنهين جِي تار، تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير،
تُون سَدا جِيئرو، سَنڀاليدار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير،
تُون سَچو سائِين، سَدا سَرڪار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير،
دَر دُعا جو تُون ڏَڻي! دَربار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.

هَر زَماني، هَر زَمين ۾، ڪارگر قابِل ڪِروڙ،
ڪَئِين شَيون ميڙِي، مِلائي، ڪا جَڏي جوڙِين جوڙ،
ڏَهہ دَفعا ڏِينهن ۾ ڦِٽي، ٺَخِتو نہ ٺَختي ساڻ توڙ،
ڪِينَ مان 'ڪُنْ' سان ڪَرين، ڪَم ڪار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.

ڪِينَ مان 'ڪُنْ' سان ڪَيا تو، اِي زَمينون آسمان،
تِن زَمينن ۾ زَمانن ڪي جُڙيي ٿيا ڪَئِين زَمان،
تہ بہ سَندن سِينگار ساڳيو، ڪَر بَنيا اَج بي گُمان،
واهہ! جوڙون، واهہ! جوڙڻهار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.

آدمي آدم وَٽان، هَليا اَچون سالن هَزار،
پوءِ مُرادن لاءِ ماٺهن، سِر مُٺن ٺاهيا مَزار،
هُو تہ حالت زار ۾، زائر رُوئن جِت زار زار،
تہ بہ نہ تِن تان هَٽ ڪٽِين هيڪار، تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.

حال هِڪ تي تُون، ٻِيَن جُون حالتون ڦِرنديون رَهيون،
ڳَپ ڪَڏهن، ڳَپرُو ڪَڏهن، دَم ڳَرِٿ، دَم ڳاڙهو وَنهيون،
دَم مَٺان، دَم هيٺ سِج، دَم سيج تي سُونهي سَنيون،
تو جُڳائي جِيئَن ڪَرين، جَبار تُون هِڪ، ٻيو نہ ڪير.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آئون نِپٽ نيپاج تُنهنجو، ٻِئي جي نالي مُون نه ڪَر،
تُنهنجي ٻاريءَ ڪان ٻَھر، هادي! هَڪالي مُون نه ڪَر،
آئون سَچو تُنهنجو سَچڻ! ٻِئي جي حَوالي مُون نه ڪَر،
هَڙ حَوالي تو، حَواليدار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

تو سَوا غَمخوار ڪِهڙو؟ جيڪڏهن مُون غَم پُڄي،
تُنهنجي طاقت ڪان سَوا، قادِر! نه مُون ڪان ڪَم پُڄي،
دَم هَٽان، پڻ دِل هَٽان، دَم تي مَتان مُون دَم پُڄي،
تُون بَچائِين پڻ ڪَرين بيمار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

ڪِينَ جي ڪُن ۾ هُئس، آئون اَڳي ڪوڙين ڪَساب،
ڪِينَ مان ’ڪُن‘ ساڻ مُون ڪي، جَهٽ پَٽ وِڌئي جوڙي جَناب!
بُود مان نابُود پوءِ، مُون ڪي نه ڪَر والي وَهاب!
تُنهنجو آئون، مُنهنجو تَلهيدار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

تُون نِسورو نُور، مُون ڪي مُٺ مِٽي مِسڪين ڪَئي،
آئون ڏِسي تو ڪي سَگهان، اِهڙي سَندم اک ڪِين ڪَئي،
پَر توکي مالِڪ! مَڃڻ ڪان، مُون نه مَن نابِين ڪَئي،
نِت وَسين وَڻ ٽِڻ، وِندر، وَڻڪار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

چا هُئس! چا آهِيان! چا آهِه حالت اَڳيري!
ڏي دِلاسو ٻي دِلي ڪي، دِل دَليلن سان پَري،
ٻَر وَڏو، ٻَر ۾ ٻَلائون، بار ٻيا ٻَرسر پَري،
بار ٻارِي! ٻَخش، ٻَخشڻهار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

اَڄ وَڏي وَڏپڻ ۾ وِنجهلان، نَنڍپڻ ساري نِپاڳ،
اَي سَتر وارا! سَتر تي، دِل سُتل ٿِئي مَس سُجاڳ،
عُمر ۾ اَوَل ۽ آخر، آفتون آهِن اَجهاڳ،
تار ويروتار، سامهين تار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪو پَرِيَن جو بادشاهه، مَلڪن اَندر مُختار ڪو،
ڪو سُونهي تارن ۾ سِج، ۽ قَوم جو سَردار ڪو،
پَر نه آهي پَرپرو، نالو سَندن نِروار ڪو،
مُلڪ ساري ۾ مَگر، مُختار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

ڪِنهن جي بَر تي بادشاهي، بادشاهه ٻيو بَحر ۾،
شاهه هِڪ، هِڪ شَهر ۾، ۽ شاهه ٻيو، ٻِئي شَهر ۾،
هِڪ مَٿي ڀَرو هِتي، پَيدا نه سو ٻِئي پَهر ۾،
عَرش توڙي فَرش ۾، اِظهار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

چا هُئس! چا آهِيان! ۽ چا وَري ٿيندس اَڳي!
ڏُوڙ ۾ ڏَڙ، ڳڏ نه ڏوڙِي، ڏي دِلاسو دِل پَڳي،
ماڳ جهڙي واڳ وارِيان، واٽ تي وِيري وَڳي،
پاڪ رَب! پَڪ مُنهنجو ڀَريدار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

هِت وَڏا ڪي فَخر ٿي، فِرعَون ۽ نَمرُود ڪِيا،
ڪِينَ جانچِيئُون، ڪِيئَن ناموجُود مان مَوجُود ٿِيا،
تُنهجي هِڪ چُوءَ ساڻ چُوتا، سَڀ مَري مَردُود وِيا،
ڪُل مَٿان ڪَلتار، ڪَلنگيدار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

بادشاهن بادشاهه تُون، بادشاهه ڪِهڙا ٻيا،
هيڪڙو حاڪِم هِتي، ٻِئي هَند ٻيا حاڪِم ٿِيا،
تَخت تي هِڪ ڏِينهن، ۽ ٻِئي ڏِينهن تَختي تي پِيا،
توڙ تائِين تَخت تي تَڪرار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

ٻيا پَلين ڪي بَحر بَر تي، بادشاهي ٿا رَکن،
نه به سَنڀالڻ لئي سَندن، سَئُو سَئُو سِپاهي ٿا رَکن،
ٻيا وَجن ماري مَٿان، واري تي واهي ٿا رَکن،
ٻي ڏِپو اَوَل ۽ آخرڪار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

www.sindhsalamat.com　　　　books.sindhsalamat.com

آئون اَڇڻون آهِيان، تو ڏي ڪَري اَللهُ توهار،
هِڪ ٿَپيءَ ۾ هيڪلو، ويجهو نه ڪو وارِث وَهار،
پاءُ نه پيڙو پُونءِ اَندر ڪو، دوست سَپ دَر ڪان ٻَهار،
يار ٻيا اَغيار، يا رَب! يار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

اُپ زَمين جِي عُمر جو، ڪوبهي سَڳورو ڪو صَحي،
سَٺ سَتر تِن وِچ رَهي، ڪيڏانهن ويا ڪامِل ڪَهي؟
نه ٻه اڳيان پويان سَندن، آباد عالَم آهِه هِي،
سَپ چَلائين چِٽ چَلٽ چَوڏار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

هِي قِلعا ۽ ڪوٽ جِن، تِن جا قِصا ڪَريان ڪِها؟
ڪا مَهل ڪَن مُلڪ ۾، مَوجُود مَوجُون مُون جِها،
دَم مَٿ وَس، دَم ۾ ٻي وَس، دَم وَسن واريون وِها،
هَر هَميشه حال تي هَموار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

شُڪر لازِم شَڪ نه ڪو، ڏاتار! تُنهنجي ڏات ۾،
ذات هَر ڪِنهن ذات جِي، داتا! رَکي تو ڏات ۾،
ڪَئين زَمانا ٿيا، نه پيو ڦيرو ذَري جو ذات ۾،
جوڙِيِن هَر جِنس ۽ جِنسار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

هيڪ صاحِب تَخت جو تَختي مَٿي، ٻيو تَخت تي،
اِئِن پَلارن سان پَلايون، ۽ بَلا بَد بَخت تي،
چا ڪَريان آئون نظر، سَڪرات ساعت سَخت تي!
غَم اِهو غَمگين ڪي، غَمٽار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

سَخت دَم سَڪرات جو، ڪَر ساهه واري لاءِ سِير،
مُون ڏِٺا مَرندي مَهل، ڪي پِير ۽ مَخدُوم مِير،
ساهه اوري ۽ پَري، ويجها ويهن ڪَئين وِچ وِير،
ويجهيان ويجهو وَفاتيءَ وار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَڀ وَهي ويهي وِچايمِ، واٽ وِٺو ٿو ڏِسان،
ڪي سِناٽي سُڃ ۾، ڪِن سان ساٿ وِٺو ٿو ڏِسان،
نُور تُنهنجي جِي لَڪن ۾، لاٽ وِٺو ٿو ڏِسان،
تُون هِتي ۽ تُون هُتي، هَر پار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

پير پازيءَ جا پِٺون ٿيا، مَنجهه چِپر توڪان چِنبي،
مِهر جا ڪي مِينهن وَسائين، مَوت جي بادل ڦِٽبي،
ڇا وَهي ۽ واپري ٿو، ڏونڻ پَٽ ۾ ڏَڪ ڏِنبي؟
ڏِيڏ ڪَنان اڳ ڏَيڏ ڏِيِن، ڏاتار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

مَنجهه مِٽي پُوربي پُڄاڻان، پَنڌ پَرين جا پَيام،
وَقت تو وَٽ هِڪ هَميشه، پَر اَسان وَٽ ڪَئِين اَيام،
ڪيترا ڏِينهن قَبر ۾ ۽ ڪيترا آڏا قَيام،
ڄاڻندڙ آهين اِهي اِسرار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

يار ٻيا يا رَب! ڇُڪا، بي يارڙو يارين گهُري،
غَرق غَم ۾ جِندڙو، غَمگين غَمخوارين گهُري،
دِل دَليلن ۾ دُکي، دِلگير دِلدارين گهُري،
دِل دِلاسو ڪو ڏِيِن، دِلدار تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

بادشاهه بَر بَحر جا، آهينِ پَهري هيٺ پاڻ،
ڇو نه مُون مِسڪين ڪي، گهُرجي حِفاظت تُنهنجي هاڻ،
رُوح 'احمد' جو اَحد! ڪَج، قَبض ڪَلمي پاڪ ساڻ،
هِت هُتي مُنهنجو اَجهو آڌار، تُون هِڪ، ٻيو نه ڪير.

*

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

خدا لاشريڪ

ڪڏهن پاڻ جوڙيئين اُڀ آسمان،
جڏهن پاڻ جوڙيئين زمينون زمان،
نه هُئي تڏهن ڪا ڦُٽي تي ڪمان،
ڪيا ڪم سمُورا سڌا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

ڪيئين پاڻ اِيجاد آدم جڏهن،
نه هو ڪو خُدا ساڻ خادِم تڏهن،
فرشتن چيو هِيءُ فسادي هَڏهن،
بَنايو مگر مُقتدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چوَن پَن، پَکي هَر پَلڪ وَحدهٗ،
چوَن جِن، ماڻهون، مَلڪ وَحدهٗ،
چوَن بَر بَحر ۾ بَلڪ وَحدهٗ،
چوَن مَنجهه نَديَن ناخُدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

ڏَٺيءَ ري بَقادار ڪِهڙو بيو؟
نہ مَرندو ڏَٺيءَ ڏار ڪِهڙو بيو؟
سَنڀالي ٿو سَنسار ڪِهڙو بيو؟
نہ پيڙا ڪَري ڪي بَندا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

ڏُٺي ڪِنهن بہ دَرويش ڪي جي ڏَٺي،
مَگر هيڪ مَک ڏِئيس خَلقڻ ڪَٺي،
نہ سَگهندو وِجهي ساهہ تِنهن ۾ ٺَٽي،
اِهي قُدرتي ڪَم سَندا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

وَڏي ڪِنهن وَليءَ ڪي وَراڻي وَري،
تہ پُٽ جوڙ هِن لئي ڪِ پَٽ مان پَري،
ڪَندو ڇا ويو جو اَندر ڳُجهہ ڳَري؟
پُڇائي ٿو مَن جِي مُدعا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

جَٽيندا نہ طِلسم تَماشا اِهي،
نہ پُوڄا جا گهُرجن پَتاشا اِهي،
نہ لاچار لاهِنِ لاشا اِهي،
نہ پيڙا ڪَري بُت ڪَدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِڙني جي مِڙن مُلڪ مَيدان ۾،
گُهرن حاجتون هيڪڙي آن ۾،
نه مُورهين مُنجهن گوڙ گهمسان ۾،
سَين جِي سُٺي گڏ صَدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

سَچو قَول قُرآن سوچيو صَحي،
نه اُپ يُونءِ تي رَک جي بِيَن جِي رَهي،
نه ڦاٽا ڦِٽا ڏير ٿيا سَپ ڏَهي،
گَڏي ڪِيَن گولا گَدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

نه ڏِئي ڪير اُپ ڪي ڪِرڻ ڪان ترِي،
بِهاري نه بيو بَحر وِچ پُون پَري،
مَلڪ، مال، ماڻهون، پَکي، جِن، پَري،
سَنپالي ٿو جوڙون جُدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

پَلي ڪي پُليا پِڙ تي پيڙا ٿِيَن،
مُقرر مُقامن تي ميڙا ٿِيَن،
نَمي هيڪ کي نيڪ نيڙا ٿِيَن،
سَندو نِينهن نَعرو نِدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

سُٺي سَڏ سَين جا ڏَٺي ڏار ڏار،
پَلايون پَلائي پَلو بار بار،
ڪَري وَصف هَر وار ۾ وار وار،
نه هَرگز ٿِئي حَق اَدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪٽي پيٽ پيٽو پَچن سِر پڙن،
نہ چُم چانٺ ٻِئي جِي، چوِين تان چِڙن،
ٻنان مُلهہ ڏِئي مال مالِڪ مِڙن،
اُڳاڙي نہ بَدلا بَدا لاشريڪ.
ٻيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

نڪو مِينهن مَندل مَچائي ٻيو،
نہ پاڻي، نہ پوکُون پَچائي ٻيو،
ٻُڏڻ کان نہ ٻيڙا بَچائي ٻيو،
ڪري پار ڪِشتيون اَدا! لاشريڪ.
ٻيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

سَجي ڏيهہ کي ڏِئي ڏِينهان رات ڏات،
چِٽي چِٽ ٻِنان پِت نوان پات پات،
وَڏيون ۽ نَنڍيون عُمريون ذات ذات،
مُقرر ڪَري ٿو مُدا لاشريڪ.
ٻيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

نہ عاجِز! عُمر ڳار اَرمان ۾،
اُٿل پَنهنجي اَللهُ ڏي هَر آن ۾،
فَفِرُوا اِلَي اللهِ فُرقان ۾،
سَڏي ساڻ سُهڻي اَدا لاشريڪ.
ٻيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

خُدائي خُدا جِي نَظر نيڪ ۾،
هَڪل هيڪڙائيءَ جِي هَر هيڪ ۾،
هَلين حَج، ٻُڌين ٻانگ، لَبيڪ ۾،
اِهائي هَڪل مَنجهہ هُدا لاشريڪ.
ٻيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَحد ساڻ ’احمد‘ سِبيو ساهه ڪي،
وِسارِيان نه صاحِب جِي ساراهه ڪي،
گَواهي هُجي هَر گَدا، شاهه ڪي،
نه چَئي تو فَلاڻو فِدا لاشريڪ.
بيا لاش لاشڪ، خُدا لاشريڪ.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

الله الله ٿو ٿئي

هَر طرف، اولهه، اُتر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي،
مَنجهه اَوَل، آخر اکر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

جِن، مَلڪ، اِنسان، عالَم، عَرش، ڪُرسي، اُپ، زَمين،
جابجا آذي، اَسُر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

سِر سَجدي ۾ سَين جا، سَر سَچي صاحِب اڳيان،
سُج، وَسيون، سانجهي، سَحر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

مَسجدُون، مِحراب، مِنبر، پڙ مُصلا ۽ مَڙهيون،
ماڳ، ماڙيون مِڙ مَڪر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

مَنجهه بِهشتي باغ توڙي باهه دوزخ ۾ بَحال،
باغ، بُستان، بَحر، بَر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

جِن، مَلڪ، ماڻهون، مِرُون، مَڪ ۽ مَڇر، ماڪوڙِيون،
مُلڪ سارو مُعتبر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

ڪُونجڙيون، ڪانگا، ڪَبڪ، قُمريون، ڪَبُوتر ڪَن ڪَرِيم،
ڪول ڪَن، تان ڪُن ڪَپر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

قافلا،ڪوهه قاف،ڪَچ،ڪَڪراڙ، ڪاچو،ڪيچ ڪُل،
قُرب مان ڪيڏي قَدر! اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

حَق سَندي تارن کي تارِي، هيڪ تاڙن ۾ تَنوار،
قُطب، ڪَتيون، سِج، قَمر، اَلله اَلله ٿو ٿِئي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

طُور ۽ وادي طُويٰ، تِن تي تَجلا نُور جا،
جُملي عالَم، جِن، بَشر، اَللهُ تو ٿِئي.

بي پَساهن کي بِلاشڪ، بادشاهه باري سو ياد،
بي زَبانن جي به پَر، اَللهُ تو ٿِئي.

وَڻ ٽِڻ، ڪَک پَن، پَکي، پَرندا، پَريون ڪُل مَنجهه پَچار،
پيش ۽ پَس هَر پَهر، اَللهُ تو ٿِئي.

جاءِ، جُوءِ ۾ جوت جِنهن جِي، جابجا سوئي جَبار،
جَر، جَبل، جَهنگ، جانوَر، اَللهُ تو ٿِئي.

لات، عُزا ۾ به لاشڪ، لات سَندي لاشريڪ،
مَوج، دَريا، لُڙ، لَهر، اَللهُ تو ٿِئي.

ڪَک، ڪَندا، گُل، ڪِرِجهه، ڪانيون، قُرب مان قُربان ٿِئِن،
لفظ ٻُوڙن ڪان ٻَهر، اَللهُ تو ٿِئي.

سَپ شَيون شَب روز شامِل، ڪَن شُڪر حَق صُبح شام،
ٿَڻ، ٿُوٽِيون، ٿَر، ٿُوهر، اَللهُ تو ٿِئي.

ڏي قَلم، مَس ڏانهن ڪَن، ڪاتِب! ته اُو چا ٿا ڪَهن؟
ذِڪر ڪاغذ ۾ ڪَٿر، اَللهُ تو ٿِئي.

وَصف مَنجهه وَلرن، وَلهارن، گاهه، وَلِيَن، وَڻ، پَنن،
خود ڪَڙن ۾ خُوبتر، اَللهُ تو ٿِئي.

وات نانگن خواهه نانگن، نِت سَندس نالو مِنو،
مَنجهه حَضر، سُج، رُج، سَفر، اَللهُ تو ٿِئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَنجهه بُت، رَڳن ۾ رُوح ۾، رَب لئي رِهُون راتو ڏِينهان،
ساهه، سَنڌيون سَربسر، اَللہ ٿو ٿِئي.

مِينهن ڦُڙن، ميگهن مَلهارن، پڻ مَنگها ۽ ماڙيون،
واءِ، وِڄڙيون، ڪَس، ڪَڪر، اَللہ ٿو ٿِئي.

گاهه، گولاڙا، گُلن ڪي، نِت غَني غفار ياد،
گُلشنن ۾ ڪَر گُذر، اَللہ ٿو ٿِئي.

بُلبُلن ۾، گُل ڦُلن ۾، سُنبُلن ۾ سُڌ سَتار،
نَرگسن ۾ ڪَر نَظر، اَللہ ٿو ٿِئي.

شاهه شاهن ۾ وَڏو، پڻ آهِ شاهُوڪار شاهه،
اِن طرح سان بَر، بَحر، اَللہ ٿو ٿِئي.

ذِڪر ذاتي نِت رُڳو، ذاڪِر نه ڪَن ٿا سِين زَبان،
ڪُل جِسم تِن جِيءَ، جِگر، اَللہ ٿو ٿِئي.

پرهه ٿِي اُٿيا پَکيئڙا، تُون به ڪَر ڪا پَل پَچار،
فاختن ساريو فَجر، اَللہ ٿو ٿِئي.

چوڙ آرس کي اُٿي، آيو اَسُر ويلو اَدا!
عَرش، فَرشن ۾ اَپر، اَللہ ٿو ٿِئي.

پاڻ وانگر ويسلو، وينل نه وَڻ ٽِڻ ڪوبه سار،
هَر طرف ۾ هوش ڪَر، اَللہ ٿو ٿِئي.

مِير مِيرن جو مَچون، بيو مَچ نه ميڙن تي وَچون،
روز 'احمد' جي اَندر، اَللہ ٿو ٿِئي.

*

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

لا اِلٰهَ الا الله جي لات

ٻَحر ٻَر ۾ ٻات، لا اِلـہ اِلا الله جِي،
ٻاغ سِر ٻَرسات، لا اِلـہ اِلا الله جِي،
وائي وَڻ ٽِڻ وات، لا اِلـہ اِلا الله جِي،
لات ڀَچ، پَڙهہ لات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

اِنَمَا اللهُ اِلہٌ وَاحِدٌ اَلله هِڪ،
ڏُور دَرگاهُون ٻيون، ڌُر ڪان ڏَٺي دَرگاهہ هِڪ،
مَرد ماڻ ڪي ڏيکاري، مِير مُرسل راهہ هِڪ،
هُونگ مَنجهہ حُجرات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

ٻيو ڏَٺي ناهي سَوا اَلله، ڪَلمي ۾ پَچار،
نَوڪندين نِروار ٿيو، نِرمل نَبيءَ جو نامچار،
پوءِ ڪاهيو ڪُفر تي، سَيد وَٺي ساٿي سَچار،
هُونگ مَنجهہ حَضرات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

ڪَک نہ ڪوئي پَن چُري، ڌُوڻ سَوا داور دَيان،
لا تَتَحَرَکُ ذَرَةٌ اِلا بِاِذنِ اللهِ بَيان،
آيتون اَلله جُون، اُپ، پُون، سَجو عالَم عَيان،
فَرض ٿِي فِڪرات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

پاڪ پَيغمبر جِي پيئي، فَوج چَوڏاري چَڙهي،
مَسجدُون هَر ماڳ وُنيون، ۽ ڦِٽا مَندر مَڙهي،
پاڻ پُوڄارين هَٿ سان، ٻُت ڀَڳا اَشهد پَڙهي،
لات خود مَنجهہ لات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُون پَڙهين اُٺيو اَسُر جو، مُرشدن جي مَدحيات،
هُو هُئا مُحتاج حَق جا، هِت هُئا جاسين حَيات،
قُل هُوَ اللهُ اَحد بَس، وِرد ٻيا ڇَڏ واهِيات!
پَڙهہ پَٽي پِرِيات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

تُون ٻنين پُٽ ٻِير پُورِيَل کان زَمانا مَنجهہ زَمين،
مُئو مُدت کان ڇا مَدد ڏِئي؟ پُڇ ڪِنهين عالِمِ اَمين،
رَحم پيو رَب کي تَڏهن، هِت رَحمة اللعالمين،
موڪليئِين سَوغات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

ٻيو ڏَٽي ناهي مَگر، اَلله ڳَلمي ۾ چَوين،
پوءِ ڇو سائِڻءَ سَوا، سائل! ڳَرين سيوا سَوين؟
ٻِير پُوڄين ڪِينَ ڪِنهن پَر، جيڪڏهن پَرچي پَوين،
نَفي ۽ اِثبات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

هِي قُبا هُوندا ڪِٿي، پاهڻ جَڏهن ٿيندا پَٽي؟
اُپ اُڦٽ ڦاٽي پوَن، تارا ڳَتيون پَوندا ڇَٽي،
سَپ ڳَڏي دَرياءَ، هِڪ دَريا ڳَندو داور ڏَٽي،
هَر طرف حَرفات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

هُئا سُليمان جا سَلامي، آدمي، پَريون، پَکي،
اَڄ نہ جِهرڪي ٿِي جُهڪي، لوڪان جَڏهن لَڏيو لَڳي،
پوءِ پُوڄاري! ڪِيئَن اَڏِي تو، ٻِير پُورِيَل تي پَکي؟
لات ڀَڄ، لَنوَ لات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

ڇا نَبي حَضرت سُليمانان، بہ وَڌ تُنهنجو وَلِي؟
ڏُر ڏَٽيءَ جي کان ڦِري تو، دوست! دامن جِنهن جهَلي،
مُفت مُفتي ۽ مُجاور، اِيءَ ٺڳي ٺاهِي ٺلي،
ڏيهہ سَپ تي ڏات، لا اِلـہ اِلا الله جِي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

چَنڊ، سِج، تارا حُڪم ۾، آب، اُپ، پُون، ڏِينهن، رات،
سَپ جِياري سو جي ماري، مَهل جِنهن تِنهن مَهل مات،
سَندس نِپنو، اَنَا رَبُڪُمُ الاَعليٰ، ڏِس ٿيو فِرعَون فات،
زار والي ذات، لا اِلہ اِلا الله جِي.

جِنهن طرح سِج ساڻ ساهو، چَنڊ سان پاڻيءَ جو پُور،
ناهِہ جِيئن هِڪ ديس جو، ٻِئي ديس ڪان ڪو واءُ دُور،
اِن طرح اَلله جو، چَمڪي چِٽو چوڏار نُور،
جابجا جَذبات، لا اِلہ اِلا الله جِي.

عَرض 'احمد' جو اِهو، سانيَم! سَفر ڪِج سَهل مُون،
قَهر تُنهنجي پَر ڪَنبان ٿو، ڪا پوَئي شل! ڪَهل مُون،
مِهر سان ميٽج مَدايون، ڏِج مَرڻ جِي مَهل مُون،
مُنهن اَندر ميوات، لا اِلہ اِلا الله جِي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هر مهل جيڪي مگو

رَب، غني، غفار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو،
ذات، ڏيهه ڏاتار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

دَولتون ۽ دان، دَف وارن تي، ناهِن يَڪ دَفعي،
بَلڪه بارو بار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

ڇا سَخي ساراهِيان! صُورت سَخا جي ڇا چوان!
سَڏ ڪريو سَتار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

سَئو صَغيرا، سَئو ڪَبيرا، سِر ڪٽيو جي سَڏ ڪَريونس،
ڪرمِ سان ڪلتار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

عَقل، عِبرت، عاقِبت ۽ عَفو، عِزت، عافيَت،
اُو اَڙين آڌار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

دَولتون، دانائيون، دُنيا، دَوائون، دان، دِين،
دَر مٿان دادار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

فَهم، فَهمائش، فَضيلت، فَيض، ۽ فَضل و فِڪر،
عِلم ۽ اَذڪار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

مِهر، مَددُون ۽ مَعافيون، ماڳ، ماڙيون، مِلڪ، مال،
نِعمتون نِروار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

خَيريَت، خَيرات، خوش طبعي، خوشي، خوشبُوءِ، خَير،
اَمن ۽ آڌار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَگو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زور، زَر، زينت، زَمينون، زال، زَن، زيوَر، زَريون،
شان شاهُوڪار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

پَٽ، پَٽوريون، ڪِير، پُٽ، پوڪُون، پَليون، پاٽِي، پَلر،
پاڻ پالڻهار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ٻار، ٻارا، ٻِج، ٻَنيون، سُڌ ٻُڌ، ٻُڌڻ، ٻاجُهون ٻيون،
گُل، چَمن، گُلزار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ماڻڪن جا مِينهن وَسائي، سِر مَڱڻهارن مُدام،
ڏيهہ جو ڏاتار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

پِنڙياتن تي پَدم، پالوٽيون پَل پَل پَسو،
بَخششون بِسيار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

لَک پَلايون پال، بَدڪارن مَٿي ٻُونڊُون ڪَري،
عَفو آخرڪار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

رَحمتن جا گوڙ، گَجگاهُون، گُنهگارن مَٿي،
ياد ڪَريو يار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

نيڪ بَختن خواهہ بَد بَختن تي، بَخشش بي گُمان،
دانهن سين دِلدار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

جي جَهليون جهولِي تہ، جَهٽ پَٽ جوهرن سان پُر ڪَرِس،
ڏِس جَڏهن جَبار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

هُو چَيو چَوندي ڪَري، تِنهن جو چَيو بَرچشم چَئُو،
طَرف ڪان تَڪرار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حُڪم کان ٻاهر هَلڻ، هِهڙي حَياتيءَ کي بہ حَيف،
هُو جَڏهن هَر پار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

اَمر کان اُبتڙ وَجڻ، اَفسوس جِهڙي آهہِ ڳالهہ،
ڪُل جَڏهن قَهار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

اُن جِي مَرضيءَ کان مُخالف، وِک بہ مِڙئي مَوت، مَرض،
مُلڪ جو مُختار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

اُن جي دَر تان دَم ڪِسڻ، دَوزخ چَوان ٿو دائمي،
مَن گُهريو مَنثار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ٿا مَڃون مالِڪ مِٺو، ماڻهو مِٽيءَ مان جِنهن ڪَيو،
جِسم کي جِنسار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ٿا مَڃون خالِق خُدا کي، خاڪ جِنهن خاقان ڪِيو،
هار، سُونهن، سِينگار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو،

ٿا مَڃون حَق جا حُڪم، جِنهن هَٿ حَياتي، مَوت پڻ،
دِين ۽ دِيدار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ٿا مَڃون صاحِب سَچو، جِنهن جي سَدائِين صاحِبي،
عِلم ۽ اِسرار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

ٿا مَڃون اُو هِڪ اَحد، اَللہ ’احمد‘ چَئي اَسين،
مَنجهہ اَندر اَنوار ڏِئي ٿو، هَر مَهل جيڪِي مَڱو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آڏي، اسر ۾ ڪونيونس

آهه الله هيڪڙو، آڏي، اَسُر ۾ ڪونيونس،
وَڻ، پهڻ، وَڻڪار، واديون، وَس، وَڳر ۾ ڪونيونس،
يا سَچا سُبحان چَئي، سانجهي، سَحر ۾ ڪونيونس،
هَر پَسهه ۾، پَلڪ ۾، پَل ۾، پَهر ۾ ڪونيونس.

ڏُر ڏَڻيءَ جهڙي نه ڪا، دائم اَسان دِلبر لَڌي،
لُطف لِڪ لِڪ چا لِڪُون! ليڪي ڪان لڪ لڪ ويا وَڌي،
حال جِي ڪَريون حَقيقت، ساڻ هادي هَٿ ٻَڌي،
زارِيَن سان زار روئي، ڏَربدر ۾ ڪونيونس.

دَر ڌَڻيءَ جي آهِه دائم، دَرد جِي دارُون دَوا،
حُجتون چا ساڻ حاڪِم؟ جِنهن هَٿان حاجُون رَوا،
واقِعن ۾ ناهِه وارِث، وَهر واحِد ڪان سَوا،
هَر گهَڙي گهوڙا ڪَريو، گُوندر، گهنگهر ۾ ڪونيونس.

چانڻ چَشمن ساڻ چُميو، چورِيان چَپ، ’چُپ‘ حُڪم،
حال ڪَريان هَٿ ٻَڌيو، اِيئَن آهِه هاديءَ جو حُڪم،
ٿو اُميدن ۾ وَڏائي، اَمر اُدعُوا رَبڪُم،
ويڙهه ۾، وَڻڪار ۾، وَس ۾، وِندر ۾ ڪونيونس.

مَنجهه طَلب تِنهن جي وَڻَن، تَهليل تَسبيحُون اَسان،
’رَب ڌَڻي رَحمان تُون‘ اِي رُوح ۾ رِهُون اَسان،
ٿو قَبولِي پوءِ قادِر، قُرب مان ڪِهُون اَسان،
نِت چَني ۾، چانوَ ۾، چولِي، چَپر ۾ ڪونيونس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻانهڙا آهيون، پِنون ٻاجُهون، ٻُهون ٻانهُون ٻَڌي،
جو ڏُٽيءَ جو دَر مَٿي، دِل اُن دِيواني جِي اَنڌي،
ڪَم اَسان قادِر تي رَکيا، سو ڪَندو پاڻهين ڪَنڌي،
قافلي ۾، قاف ۾، ڪُن ۾، ڪَپر ۾ ڪونيونس.

جِيئن گهُري تِيئن جوڙ جوڙي، يَفعَلُ اللهُ مَا يَشاءُ،
مُشڪلن ۾ هَر مَهل، مَن ياد سو مُشڪل ڪُشاءُ،
بادشاهن جو ٻه ٻارِي، آهِه بالم بادشاءُ،
گام ۾، گهَر ۾، گَسن ۾، رَهه گُذر ۾ ڪونيونس.

ناهِه مِڙئي مُلڪ جو، مَعبُود مولو تِنهن سَواءِ،
غَم سَلي ٻِئي سان نه هِيءُ، غَمگين گولو تِنهن سَواءِ،
آهِه عالَمُ جو اَجهو، آڌر نه اولو تِنهن سَواءِ،
عاقِبت ۾، عافيَت ۾، ۽ عُذر ۾ ڪونيونس.

ياد ’يا رَب‘ نِت ڪَجا، ياور اَٿان يارا! نه ٻيو،
ڪو اَحد اَللهُ جِيئن، ڪٿندو اَسان آرا نه ٻيو،
دوست دُنيا آخرت ۾، هِڪ ڏُٽيءَ ڏارا نه ٻيو،
ٿا سُڪيءَ ۾، سِير ۾، سُج ۾، سَفر ۾ ڪونيونس.

ڪَم اَحد اَللهُ ري، آخر نه اِيندو ڪير ڪونه،
مِٽ نه تِنهن جو مُور، پڻ مَٽ، مِثل ٿِيندو ڪير ڪونه،
هِڪ ڏُٽيءَ ڏاران دِلاسو، دوست! ڏِيندو ڪير ڪونه،
هَول ۾، هَر حال ۾، هُل ۾، حَشر ۾ ڪونيونس.

زور، زوري هِت ذَري جو، ناهِه زاريءَ کان ٻُگر،
عِجز وارِي آهه زارِي، اِنتظاريءَ کان ٻُگر،
هِت نه پيٽي پَروسو، بي مِثل باريءَ کان ٻُگر،
باغ ۾، بُستان ۾، بَر ۾، بَحر ۾ ڪونيونس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهِہ ’احمد‘ ڇَئي اَحد ڪي، عُمر ساري عَرض مُون،
فَضل فائق ڪان پِنڻ، فَرمان ڄاتو فَرض مُون،
ڪَرمِ ڪَلمي لِڳ ڳَندو، ڪونهي مَٿس بيو قَرض مُون،
قَبض ويلي ۾، قَيامت ۾، قَبر ۾ ڪونيونس.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻنو جيڪي ٻنو

اِسم چَئي اَللهُ اَڪبر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو،
بادشاهہ آهي بَحر بَر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو،
جِت خَزانو گَنج گوهر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو،
نامِ دائم آهِہ تِنهن دَر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو،
رَحم وَڏ رَحمان رَهبر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو.

آهِہ اَللهُ عَرش، ڪُرسي، آسمانن جو ڌَڻي،
جِن، مَلڪ، ماڻهن، ڪِ ماڳن ۽ مَڪانن جو ڌَڻي،
پڻ زَمينن ۽ زَمانن، جَڳ جَهانن جو ڌَڻي،
مُشرڪن جو، مُلحدن جو، مُسلمانن جو ڌَڻي،
اُو ڌَڻي مالِڪ بہ مَحشر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو.

ٻاجهہ وارو هِڪ ٻُجهان، ٻيو ناهِہ ٻانهَن جو ڌَڻي،
خان ۽ خاقان، آهي خاندانن جو ڌَڻي،
پڻ زَميندارن، زَمينن ۽ زَمانن جو ڌَڻي،
خَلق جو خالِق خُدا، اَڻ کُٽ خَزانن جو ڌَڻي،
اُت نہ اَت زَر، سِيم، زيوَر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو.

غافِلو! غَفلت ڇَڏي، گُهرجَو غَني غَفار کان،
ڪِيرتون آن کان، ڪَرم قادِر، قَوي، ڪَلتار کان،
ڏِس ڏُهارين تي ڏِهاڙي، ڏات ڏيهہ ڏاتار کان،
ٿيون مِلن آن کي مَعافيون، مُلڪ جي مُختار کان،
مَر هُجي ڏوهہ قَدر ڏُونگر جو، ٻنو جيڪِي ٻنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال سارا ويا لنگهي، ته به ڪوهه سونڪن ۾ سڙو؟
ڪِينري وارن کي قادِر، ڪونه ڳالهائي ڪڙو،
عَرض آڳي ڪي ڪريو، تان ڪوهه اُهڪيءَ ۾ اَڙو؟
لُطف لئي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله ڏي لڙو،
هيءُ پڙهو هَر پار پرور جو، پِنو جيڪِي پنو.

اَور عادت رَب سَندي، عادت عُبيدي ناهه هِت،
ڪِينري وارو ڪڏهن، ڪِنهن قَول قَيدي ناهه هِت،
ڪَئِين پَلائيءَ جا بَنيا، گُل باغ بيدي ناهه هِت،
نِعمتن لئي سِر نَمائي، نا اُميدي ناهه هِت،
عَرض آن کي عَفو اَڪثر جو، پِنو جيڪِي پنو.

ڏات ڏيهه ڏاتار ري، بيو ڪو ڌُهارين کي نه ڏي،
اُو سَخين کان وَڏ سَخي، وَهه واهه! سَخا صاحِب وَڏي،
ڪير سائِلُ کان سَوا، هِن پَر سَوالين کي سَڏي؟
خَلق جو والي نه خالي، ڪِنهن سَواليءَ کي ڇڏي،
ڪم ڪري ڪِهڙو به مِهتر، جو پِنو، جيڪِي پنو.

سِر پَلن جي پال، ۽ پُلين مَٿي پالو سَندس،
آڳ کان اڳرو چوان ٿو، آهه اوپالو سَندس،
عَرضدارن کي اَصل، آهي نه اُو پالو سَندس،
وِهه ويهڻ وِيهن دَرن تي، ويهه وَٽي نالو سَندس،
آهه سو آرام اَندر جو، پِنو جيڪِي پنو.

اَي دُهل وارا! دُهل دَر دَر سَٽين چو دَم بَدم؟
آءُ لَڙيي لاشڪ ڏَٽيءَ ڏي، لاڳ جِنهن جا لَک پَدم،
اُو قَطارن جُون قَطارُون، ڏِئي قطاريو پَر قدم،
خَلق واليءَ کان نه خالي، ڪو ٿِئي خادِم خَدم،
مَرض، مُشڪل لاهي مُضطر جو، پِنو جيڪِي پنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا اَچن اَڌ رات جو، آواز اِي ڪَئون آسمان،
اَي مَگڻهارو! مَگو، مِلندا مَگڻ وارن کي مان،
ڀانئجا بيحد ڀَلايون، ڀال بَخشش بي گُمان،
حاجتون حاجت وَندن جُون، هِت، پُڄن مَنجهه هَر زَمان،
دِين، ڏَن، دارُون، دَوا، دَرجو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

جي اَچو اَللهُ ڏي، اَهنجو وَڏي اِقبال ڪُل،
باهِہ دَوزخ کان بَچو، ماڻيو ڀَلايون ڀال ڪُل،
هَٿ ٻَڌي، حُجت ڇَڏي، حاجت وَندا! چَئو حال ڪُل،
رِزق مالِڪ کان مَگو، پُٽ، زال، مَڏيون، مال ڪُل،
دَر جَهلي رَب جو، نہ ڊِيگر جو، ڀِنو جيڪِي ڀِنو.

دانهن جا دَربار ۾، دِل جو عَرض دِلگير! چَئي،
رَب تَعالىٰ جي طَرف، تَوبہ ڪَري تَقصير چَئي،
مِهر مالِڪ کان مَگو، بَرڪت مُحمد مِير چَئي،
تَند ڪا توَحيد جِي، طالِب! هَٺو تَڪبير چَئي،
تَرڪ فَرمائي تَڪبر، جو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

بَحر بَر جو بادشاهہ، بِلڪُل نہ ٻاريءَ کان ٻگر،
مُلڪ ۽ مَلڪُوت جو، پڻ آهِہ مالِڪ هِڪ مَگر،
جَهٽ مِلي جَبار تِنهن کي، جو سَڏي سان جِيءُ جِگر،
دان دانا! دِين جو، دُنيا توڙي دَولت دِگر،
يا مَزو مَحشر مُقرر جو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

خوش خَزانن ۾ خُدا جي، خَلق سارِي خاص عام،
دَر سَخي سُلطان جي، سَرها سَوالي صُبح شام،
نِت گُهرو تِنهن کان ٺَماٺا! نِعمتون، نامُوس نام،
مَرهه مَديَن، يا مَدد ٻِي، يا مَديني ۾ مُقام،
سو سُونهارو شَهر سَروَر جو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

ڪِينري وارا! وَتو ڪوهه، ڪِيرتون ٻِئي ڪي ڪَندا؟
هَر حِمايت، حَق هِدايت، ٿِين حاصِل هِن هَندا،
ڀان ڀَڏ ٿِي بادشاهه ڪان، بَخششون گُهرجا بَندا!
حَج گُهرو يا حاج ٻِي، حُجت چِڏي، حاجت وَندا!
يا ڀلو ڀاڙو ڀيغمبر جو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

آچ ’احمد‘ جي اَڻان، ڪَريو اَحد کي اَختيار،
رَب تَعاليٰ ڀاڻ بَخشي، تاج توڻي تَخت يار!
بادشاهه باريءَ ڪَنان، ڀانيو ڀلايون بَخت يار!
سُک گُهرو سَڪرات جو، جا آهِه ساعت سَخت يار!
جام ڪلمي ساڻ ڪَوثر جو ڀِنو، جيڪِي ڀِنو.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ٻانهان! ٻئي در پاند مَ ڊار

اَللہ جَل جَلالہٗ، اَڪبر عَم نَوالہٗ،
قادِر قَام ڪَمالہٗ، داور دام جَمالہٗ،
مالِڪ مُلڪن جو مُختار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَم پار.

زَمن زَمين ظُهُور ڏَٺيءَ جو، سِج سُهائو نُور ڏَٺيءَ جو،
اِسم غَني غَفُور ڏَٺيءَ جو، حاصِل ڪَر حُضُور ڏَٺيءَ جو،
ٻِئي ڪان گوشي يار! گُذار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَم پار.

پاليو جاڙي بَر بَحر ۾، ساريو پُهچي سُج شَهر ۾،
عام عِنايت اَندر ٻَهر ۾، لُطف ڪَنان سَپ لوڪ لَهر ۾،
ڪانهي ڪَرمن ڪَنڌي ڪِنار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَم پار.

مِير مُحمد نُور نَبي، نُور نَبيءَ تي راز رَبي،
راز رَبي سو اَفضل عَربي، اَفضل عَربي مِير مُربي،
مِير مُربي مُلڪ مَدار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمَ پار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي آب اِهو اِنساني، جِنهن مان جوڙيَئين توکي جاني!
وَهہ واهہ! جَلوو جوت جَواني، اِيءُ سَڀ توتي رَنگ رَباني،
وِلها! تِنهن جا وَڙ مَ وِسار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

ڇا توتي اِهڙي وار نہ هُئي؟ جَڏهن تُنهنجي تار تَنوار نہ هُئي،
رَفتار نہ هُئي، گُفتار نہ هُئي، ماءُ کي سار سَنڀار نہ هُئي،
تہ پيٽ اَندر ڪِيئن پَلجي ٻار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

جوڙيَئين تُنهنجي شِڪل شِڪم ۾، قادِر هِڪڙو تُنهنجي ڪَم ۾،
حاڪِم ڪُلي سَندس حُڪم ۾، پوءِ رولو وِجهہ مَ رَقم ۾،
ڀانئي ٻِئي کي ڀائيوار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

ڪِٿان ڪِٿان ٿو ڪَرين ڪاهُون، ڏيکين ڏُور وَڃيو دَرگاهُون،
ڀورا! ڀُوڄين ٻُت ۽ ٻاهُون، ڀَرور ڀَنهنجو ڇَڏين ڀاهُون،
ايڏو يار! اَنڌير نہ ڏار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

ڀَروَر هِي ٻُت ڪِير ڏِنان، تُون ٿو ڀُڪارين ڀِير ڏِنان،
اِهڙا ڪَر نہ ڪَلام ڪِنان، ڪونهي رَب قَدير ٻِنان،
هِيءُ ٻِئي جي جوڙڻ جو جِنسار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

صاحِب جي سَگهہ ٻِئي جِي سارڻ، ڪاهي ڪاهي ڪُنيون ڪارڻ،
نِوڙي نِوڙي نَذر سُپارڻ، واحِد پاڪ وِڇان وِسارڻ،
بيشڪ اِيءَ ڪُفر جِي ڪار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمُ پار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تُنهنجي مِلڪيَت، تُنهنجو مال، سَڏجن تُنهنجي نوَڪر نال،
هُوند ڳَري سا لڳنئي ڳال، قادِر جا هِي ڪَم ڪَمال،
ٻِئي جي نالي پوءِ مَ پُڪار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

پَروَر پاڪ ڪَري سَڀ پُوري، پُنيان نِڪري پيرن پُوري،
تِنهن مان ڪَرين تُون بہ ڪَدُوري، اِيءَ سَڀ پاڪ ڏٺيءَ سان دُوري،
جِنهن جي دَم دَم ۾ دَرڪار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

مالِڪ کان گُهر مِهر نِگاهہ، گَڏڻ خُدا سان غَير گُناهہ،
پَروَر ري ڪو ناهِہ پَناهہ، لا اِلٰہ اِلا الله،
تِنهن جِي مَعنيٰ مَن ۾ وِهار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

مُلڪ خُدا جو آهِہ خُلاصو، تِنهن ۾ مُور نہ ٻِئي جو ماسو،
ڪوهہ ڪَڍين ڪِنهن ٻِئي جو ڪاسو؟ پُرجهي ڪَر اِن پَر کان پاسو،
گُهرجي واحِد سان وَهنوار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

مالِڪ هِڪ جو مُلڪ سَجوئي، پائنج پائيوار نہ ڪوئي،
ڪارائي پَر ڪائي نہ سوئي، ڏاتر هَٿ ۾ ڏيهہ جِي ڏوئي،
سَپِني پالي پالڻهار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

خَلقت سارِي، سَگهہ سَتارِي، سَگهہ سَتارِي بي شُمارِي،
بي شُمارِي بَخشش بارِي، بَخشش بارِي پيچ بَهارِي،
پيچ بَهارِي بار و بار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَم پار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خَير ڪَري ڪو خان خَزانو، ماڻهو ماڻهو ڏِئي جي آنو،
تان پي خالي ٿيندس خانو، ڏِئي چا بيلي! ٻانهَن ٻانهو؟
ڏِئي مَر ڏيهه ڪي، ڏيهه ڏاتار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

مَولا جِي ڏِس مِهر مُهائِن، دَريا دَريا بَخش وَهائِن،
روزيءَ وِگهيو ڪِنهن نہ رَهائِن، لوڪ گُٽن سان سَپ ڳهائِن،
مِڙئي مُلڪ مَلير مَلهار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

ڏِيو ڏِيو ٿو ڏيهه کي ڏي، خالِق خالي ڪِنهن نہ ڇڏي،
صاحِب صُبح شام سَڏي، سَچ پَچ، چاڙهيون سِج وَڏي،
جِن جو بارِي هِڪ تي بار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

پينون تِنهن جا پير، فَقير، مَگَڻان جِنهن جا مِير، وَزير،
سيوا مَنجهه صَغير، ڪَبير، ڪُل سين ڪَرم قَدير ڪَثير،
ناهِه عَطا جو اَنت شُمار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

نَبي وَلي سَپ نُور نِسورا، آهِن سُونهان ساٿ سَڳورا،
گَس اِنهيءَ جا گوهر گهورا، واٽ پَلن جي پُل مَ پورا!
رَههُ ٿِي تِن جو تابِعدار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

جان تو گُهرجي جَنت جاني! تان مَڃ پاڪ رَسُول رَباني،
جِنهن جي مُنهن ۾ نُور نِشاني، سِيرت، صُورت سَپ سُلطاني،
سَرور سَڀني جو سَردار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڏار،
آگو تُنهنجو عالَمَ پار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نِعمتُ اللهؔ[1] تي نِعمت تُنهنجي، عَفو ڪَرين اُن عادت اَهنجي،
آخر تو ڏي آوت مُنهنجي، سائيَمِ! ساعت سا ڪَج سَهنجي،
ڪَلمي سين ڪِج قَلب قَرار، ٻانهان! ٻِئي دَر پاند مَ ڊار،
آڳو تُنهنجو عالَمِ پار.

*

[1] مولوي صاحب جو ڪاتب حافظ نعمت الله هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نه ڪر وار ويچار، لا تقنطوا

گِرفتار! ٿِي تار، لا تقنطُوا!
گُنهگار! خوش گهار، لا تقنطُوا!
لذي سار سَتار، لا تقنطُوا!
نه دِل ڏار دِلدار! لا تقنطُوا!
نه ڪَر وار وِيچار، لا تقنطُوا!

ڪَري ڪير ڪِنهن جِي ڀلا ڀَچڪڙي،
ڀَلين ڀَچڪڙي سا هُجي هيڪڙي،
هُجي هيڪڙي، پڻ هُجي هَلڪڙي،
نه لاشڪ لڳائيس قابُو ڪَڙي،
نه ٻوليس ٻيهار، لا تقنطُوا!

ڀَجي راج ميڙي ڀَلي بَختيار،
نه مَرهي نه مَرهيس مَهندان مَيار،
مَٿي جِنهن مَيارُون سَوين سَخت يار!
پُڪاريس پَروَر ٿو ڏيئي پِيار،
غَم ڪَر نه غَمخوار! لا تقنطُوا!

پَسو لوڪ سان لُطف اَللهُ جا،
نه گهاٽا گُنه جِنهن به گُمراهه جا،
نه ڏِئي ٿو سَنيها صَحي واهه! جا،
نه اَللهُ مان آسرو لاهِجا،
ڀَلين بار بِسيار، لا تقنطُوا!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَٿِ ساڻ هَٿ، پير ٻِڌا ڪيَم،
چَمن ۾ چَگَّان چاڳ چِيرا ڪيَم،
ڪَڇهريون ڪيَم، ڪَئين ڪَيرا ڪيَم،
سَوَن ڪان سَوايا ڦَغيرا ڪيَم،
اَٿم هاڻ آڌار، لا تقنطُوا!

خُدا خاطِرَ ڪان نہ آهي خَفا،
ڪَيا جام جِن جور، جاڙون، جَفا،
مُڪو ميڙ تِن ڏي مِنو مُصطفيٰ،
سُڻايو سَڳورن سَنيهو صَفا،
ڏِنون خط خَبردار، لا تقنطُوا!

گُنهگار، بَدڪار، ٻُڇڙو بَندو،
ٻَندو رَب سَندو آهِہ آسروَندو،
ڪِروڙين ڪَرم تِنهن، ڪَرم سو ڪَندو،
سُونهي ڪِين سِينگار سَهوَن سَندو،
هِنيين جو ڪيَم هار، لا تقنطُوا!

چَڏي حَرف هادي هيڪاندا هَزار،
تہ هِڪ ڏوهہ هِڪ ڏِينهن تہ ٻيو ڏوهہ ٻيهار،
ٻيا پڻ ڪَري گُڻ گِڻُ ڪان ٻَهار،
اِنهيءَ نا اُميديءَ ڪان نِرتُون نِهار،
اکر صاف اِظهار، لا تقنطُوا!

خُدا خاص مُرسل مُڪا ميڙِيون،
تہ واري وَسائي وَطن ويڙِهيون،
خُدا پاڪ ڪَمندئي ڪَيون ڪيڙِيون،
نہ هِڪ، ٻَلڪہ ٻَديون سَپئي پيڙِيون،
نہ ڪَن تان ڪِنان! ٿار، لا تقنطُوا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِٿي آسرو جي هُجي مَنجهه حُضُور،
رُڳو ڏوهه هِڪ جِي مَعافِيءَ جو مُور،
نه ڊوڙِي پڄو ٿا ڪَنان پَنڌ ڏُور،
هيڪاندا هِتي بَخش ڪوڙين قُصُور،
پڄي پُهچ بَدڪار! لا تقنطُوا!

ڏِسين ڏيهه ۾ ڪوبه ڏاتار بِيو،
نه پاپِنَ پُڪاري سَندس پار پِيو،
وَٽس جي لنگهي ڪو گُنهگار وِيو،
لَنگهي آئيو سو لَنگهي پار ٿِيو،
سَرِيَس هار سِينگار، لا تقنطُوا!

عَجب آهه تِن عاصِيَن جو عَجب،
نه رَب طَرف رَحمت سَڏي روز شَب،
نه الله ڏي ٿا اَچن سين اَدب،
گهڙي هَر گهڙي ٿا گهِڙن مَنجهه غَضب،
پَڇن حُڪم هيڪار، لا تقنطُوا!

چوَن ڪي نه آهِن اَسان ڪِيا اَنڌير،
نه ڪَئي سُون ڪَندي سِر ڪان ڏَڙ ڏار دير،
بُتن، تُربَن جِي به سيوا سَوير،
وَري پوءِ اَسان سان ڪَندو ڪَرم ڪير؟
تِنين پار ٿِئي تار، لا تقنطُوا!

لِکِيم هِيءَ حَقيقت هِنين سانڍ هاڻ،
نه اَڄ ڪالهه ڪِنهن سان وِڃي ڪوبه ڪاڻ،
نه ميڙي چڱان مُڙس مَعافِيءَ جي ڪاڻ،
پُڪاري ٿو رَب پاڪ پاپِيَن کي پاڻ،
ڏِسو ذات ڏاتار، لا تقنطُوا!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اُنهن لاءِ اَفسوس، اَفسوس ۾،
نہ فائق سَڏي ڪِنِ فِردوس ۾،
جِتي فَرش فانوس، فانوس ۾،
اُهي آس لاهيو ڪِرن اوس ۾،
نہ آهِن اُميدار، لا تقنطُوا!

اُنهن لاءِ اَرمان آهِن اَپار،
نہ پَروَر پُڪارِن پيو پَنهنجي پار،
سُڻُ ڪان سَتيائون ڪِپهہ مَنجهہ ڪپار،
نہ اوڙاهہ اُڪرڻ جِي ڪَن آرپار،
نہ ڪَن گوش گُفتار، لا تقنطُوا!

لاڳاپا سَپئي لوڪ جا لاهِہ،
نہ رِڻ روهہ ۾ پاڻ کي راهِہ،
يَڪو قافلو قاف مان ڪاهِہ،
خُدا ۾ وَڏو آسرو آهِہ،
اَندر مَنجهہ اَذڪار، لا تقنطُوا!

رَکي آس اَللہ دَر جي اَچن،
نہ بِلڪُل ڪَنان باهِہ دوزخ بَچن،
نَرن تِن مَٿان، مَهند جي مَچ مَچن،
اِهوئي ويڙهيچن سين وِچ ۾ وَچن،
ڪَيو قول ڪَلتار، لا تقنطُوا!

دِلاسا ڏِيَن دوستن جا دَتا،
رَڳُون رُوح ڪُل ساڻ ڪَلمي رَتا،
خُدا شال! خاطيءَ کي بَخشي خَطا،
رَکي چو نہ 'احمد' اُميدُون عَطا،
ڏِٺي لُطف لَلڪار، لا تقنطُوا!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

الله ڀلو يا ائي ڀلا

ساراهه صاحِب ڪي گهڻي، جي ڪِيا خُدا خاصا ڪَٽي،
تِن تي گهَڻي رَحمت ڏَٽي، تَڙيَل وَڻن ٻي جا ٽَٽي،
هَرگز اُنهن جا هَٿ ٿَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

اُو جِنهن اُپايا اُپ زَبر، پڻ پُون بَنائي با خَبر،
لاٿئين اَوهان لئي مان اَبر، پاڻي ڀَلر مَنجهه بَحر بَر،
مَندبل مَلهاريون بَرملا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

اُو جِنهن اُپاڙيا اَن اَپر، گُل ٻاغ چا چا مَنجهه چَپر!
پاڻان اُپاڙيو ڪِنهن ٻه پَر، واڙيَن اَندر ڪو وَڻ پِپر؟
ڪانهي اَوهان ۾ سا ڪَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

يا جِنهن بيهاري پُون پَري، واهُڙ وِچان واهيَئِن وَري،
ڪيڏا جَبل ڪاريگري! دَرياءَ ٻه تِن وِچ ۾ ڏَري،
ڪا جَهل ٻُجهي جَل و عَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

۽ ڪير اُپ پُونءِ مان عَجب، روزِي اَوهان ڏِئي روز شَب؟
هاڙهي هُجو يا مَنجهه حَلب، ٻيو آهِه ڪو رَب ساڻ رَب؟
چا ڪَئون گَڏيو تِنهن سان گَلا؟
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

يا جو اُونداهيَن مان اُپر، بَر، بَحر ۾ يا چَر، چِپر،
ڪَنڌي ڪَنيان مان ڪُن ڪَپر، ڪو آهِه پَرور ساڻ پَر؟
ڪر ياد تُون قالُوا بَليٰ،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

۽ ڪير واري واءَ وَس؟ رَحمت سَندس اڳيان اَوَس،
بادل بِشارت لاءِ بَس، ڳَڻ ڪو ٻيو ڏاتار ڏَس،
جيڪو ڀَلا ٽاري بَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

بَخشينيان پُون سَربسر، واري وَٽيءَ سان وَقت سِر،
اُن سان ڪو پيڙو جِن، بَشر؟ ٽورو ٽِئي اُن کي اَٽر،
چالاڪ! چَڏيو اِيءَ چَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

چَئو جي سَچا آهيو صَحي، واحِد وَٽان آيَل وَحي،
آڻيو ڪِتابت ڪا ڪَهي، جائز جِنهِن ۾ جاٽ هِي،
وِرسيا وَتو اَي وِسلا!
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

ڪو آهِه ٻيو اَلله ڳَڏ، مَنجهه هِن ڪمن هَمراهه هَڏ؟
نانگا گهٽان نادان نَڏ، ڪَن پيا سَوَن سائِنَ کي سَڏ،
تِن کي هَڪل ڪر تُون هَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

يا جو ٻُڌي ٻاڪار ڪِنهن، لاهي سَندا لاچار ڪِنهن،
وينت ڪَري ٿو وار ڪِنهن، سِڳهڙي لهي ٿو سار ڪِنهن،
لاهي مَلامت ۽ مَلا،
اَللهُ ڀَلو يا اِي ڀَلا؟

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

اڪيون ٻئي ڪوليو ڪٽي، ڇا ڪو ڏٽيءَ سان ڳڏ ڏٽي؟
اُٺلو وڳڙ اُن ڪي وڙي، ٻيڻا بَرابر ٻيا ٻَٽي،
ٿُلڪن ٿِياڪر تي ٿَلا،
اَلله ڀلو يا اِي ڀلا؟

اَلله ٿيو تِن ڪان اُٺ، جي ڳڏ ڇوَن مَنجهه ڪار ڪم،
ڦِرين ڪري پَيدا پَدم، جوڙي دوٻاره جِنهن ٻه دَم،
اُپڙن جِيئن صُورت سَلا،
اَلله ڀلو يا اِي ڀلا؟

’احمد!‘ ڀلو اَلله هِڪ، هَر حال ۾ هَمراهه هِڪ،
ڇڏ دَر ٻيا دَرگاهه هِڪ، ڪُل لاءِ ڪلمون واهه هِڪ،
دِل تان نه لاهِج لفظ لا،
اَلله ڀلو يا اِي ڀلا؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لا تقنطوا من رحمة الله

سَدا اَللهُ ئي، اَللهُ، اَللهُ،
اُهو اَللهُ آهي واهِرُو واهہ،
جَهلي دانهين ڏَٽي داور جِي دَرگاهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ اللهُ.

سَجي دُنيا ڏِنم دَرياهہ دَرياهہ،
سَفر سارو سُڃون، صَحراهہ صَحراهہ،
نہ عاصِي! آسرو اَللهُ مان لاهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ اللهُ.

گُهرن ماڻهون چڱان ميڙي مَعافي،
سَڏي سائين نہ بَخشي بَرخلافي،
گُسائن چو گُناهہ بَخشڻ کان گُمراهہ؟
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ اللهُ.

مُڪو رَب ميڙ مُرسل مُصطفيٰ کي،
نہ لاهي لوڪ تان ليکي صَفا کي،
پَجن بَخشش ڪَنان بي دِين بي واهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ اللهُ.

مُڪائين ميڙ مَعافيءَ جي وَنڻ لئي،
ڪَرم جا دَر کُلِيَل ڪِهڙي ڪَنڻ لئي،
اکيون کولي پَسن اِحسان اَللهُ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ اللهُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻَندن ٻُچڙن جي بَد ٻَختي ڏِسُون چا!
سَخي رَب سان سَندن سَختي ڏِسُون چا!
ڪِبر ڪان مَنجهه ڪَيرن ڪاهه تي ڪاهه،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

اُنهن عاصيَن اَبوجهن جو عَجب آهِه،
وَڏيو غَفلت سَبب جِن کي غَضب آهِه،
وَٺن چو ڪِينَ رَب جي رَحم جِي راهه؟
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

هَزارين حَرف هيڪاندا چَڏي ڏي،
چَڏي ڏي، سُک سَوين سائين سَڏي ڏي،
ڪَڍو سائِنءَ سَوا پَر جِي نه پَرواهه،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

ڪَرم قِسطُون ڪَرڻ اَلله لئي عَيب،
گَڏو گَڏ عَيب بَخشي عالِمُ الغَيب،
سَدا مَنجهه مِهر جي مِهراڻ مَئي آهه،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

ٻَديَن ڪان پاڻ پائيَم ٻَند قيدي،
نِهوڙيَس نِت نِسوري نا اُميدي،
نَوازش تي نِگهه پَئي مُنهنجي ناگاهه،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

خُدا هِڪ جي خُدائي، بادشاهي،
نه ٻيو واحِد سَوا واهر نه واهي،
نَوازش جُون نِگاهُون گاهه، ٻي گاهه،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُجن جِن گُنهہ گهاٽا ۽ گهڻيرا،
مَنجهن پڻ عَيب اَوگڻ اَڻ ڳڻيرا،
پَسن دَعوت ڏٺيءَ جِي طرف دَرگاهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

پَلين پيٺيون بُتن ۽ تُربن کي،
چُٽيون بَديون، جَڏهن ڇڏيئون بُتن کي،
ٿِيَن سي عَفو ڪان آگي جي آگاهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

پَلين ڪِنهن تي هُجي هِڪ حَرف صافي،
تہ مَعافيءَ لاءِ ميڙي راج ڪافي،
سَوَن حَرفن جي هُوندي ديک هَمراهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

ڪَري مَخلُوق ڇا ڪان مُفت ماڻان؟
جَڏهن پَرور پُڪاري ڪيس پاڻان،
بَديون بَخشائيو پانيو نہ پَئو باهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

سَڏيندي جو نہ صاحِب ڏانهن موٽي،
ڪَڏون ڪوٺو ٿو پَنهنجي لاءِ ڪوٽي،
ٿِيي ٿو باهِہ ۾ پاڻهين پَچي پاهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

عَفو عِصيان ڪيئين آدم صَفيءَ کي،
مَڇي پيٽان ڪَڍيئين يُونس نَبيءَ کي،
سَندس ڪُل قَوم پيئي پيش اَلله،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿيا آباد اِبراهيمؑ پڻ نُوحؑ،
نَبي مُوسيٰ ۽ عِيسيٰ، رَب سَندو رُوحؑ،
گُهريئون ٻَئي جِي نہ هَمراهي هَميشاهہ،
پَڙهي لَا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

جَڏهن مُشرڪ مَڪي جا ٿيا مُسلمان،
تہ سَڀ اَللہ بَخشيَن عَيب عِصيان،
پَڳائون بُت مَنجهان بي ساهہ وِساهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

ڏَٽي داتا دوئي ڏِئي شَل! مَ دِل ۾،
مِلي 'احمد' اَحد کي ساڻ ڪَلمي،
ڪَري سائين سَبب سَولو وَجي ساهہ،
پَڙهي لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اپايو پاڻ آهس

سَچو عالَم اُپايو پاڻ آهِس،
بَحر بَر ڪي بَنايو پاڻ آهِس.

سَندس نِعمت نَندِن توڙي وَڏن تي،
نَوازي نِت نِپايو پاڻ آهِس.

پَسو ڏَر پاڻ پاڙيءَ تي پَڪيڙي،
ٿنڀن ري اُپ اَڏايو پاڻ آهِس.

لَهن اُپرن، بِنان اَرواح چَنڊ سِج،
اِهو رَستو رَکايو پاڻ آهِس.

ڏِسو هِي خان ۽ هِي خاندانان،
مِٽيءَ ڪي ڪِيئَن مَٽايو پاڻ آهِس!

ڪَنڻ ڪاني هُئي جا ڪالهه بيئل،
اُنهيءَ مان ڦُل ڦُٽايو پاڻ آهِس.

ڪَري ساوَڻ سِيارا هيڪ ٻِئي مان،
عَجب پرتو پَسايو پاڻ آهِس.

ڪَري ڏِينهن رات مان ۽ رات ڏِينهن مان،
عَجب وارو وَٽايو پاڻ آهِس.

اَمر آڳي جي موجب ٿِين آڳم،
گوڙن ڪي گَجايو پاڻ آهِس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اُتر پاسي اُهاءَ آهِنِ اَڄ پڻ،
اِنهيءَ ڪُڻ ڏي ڪِوايو پاڻ آهِس.

وَسي ڪاڏِي مِينهن ٻِئي مُلڪ تي موٽ،
وِڇڙِيَن ڪي وَرايو پاڻ آهِس.

رَکي ڪَڪرن تي ڪَم قادِر قَدر سان،
وَري جُهڙ ڪي جِهمايو پاڻ آهِس.

ڪَٿا ۽ ڪِير خالِق خَلق ڪي ڏِئي،
پوکن ڪي پَچايو پاڻ آهِس.

تِنهِين ڏاران تڳاءُ تاريءَ نه تَحقيق،
بَحر بَر ۾ بَچايو پاڻ آهِس.

سَلو داڻي مَنجهان دانا بَنائي،
وَري تِنهن ڪي وَڌايو پاڻ آهِس.

ڪَندو ڪانيءَ مَنجهان قادِر ڪَري پاڻ،
خاصو گُل کِلايو پاڻ آهِس.

نه ٻِئي ڪي عالَمَن ۾ اِختياريون،
اُپايو ۽ کَپايو پاڻ آهِس.

وَهيا ريلا، لَڳيون ريلُون رِڻن ۾،
وَلهارن ڪي وَسايو پاڻ آهِس.

اَسين بَندا، اَسان جو بادشاهه اُو،
حُڪم چوڌَس چَلايو پاڻ آهِس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ذَرو ظاهِر ڪيَل ٻئي جو نہ ٻُجھہ تُون،
مَندبل مِڙئي مَچايو پاڻ آهِس.

ڳَڻي ڳڻيان سَندس ڳُڻ ڳالهيون ڇا!
مَٿي ٻَندن ڀَلايو پاڻ آهِس.

مِٿي مُرسل مُحمد مُصطفيٰ کي،
هِدايت لئي هَلايو پاڻ آهِس.

اُنهيءَ جي آل ۽ اَصحاب ڪُل کي،
مَنجهان رَحمت رَچايو پاڻ آهِس.

ڪَري مَنان کي مِنت مِيان! جو،
عَرض اُن جو اَگھايو پاڻ آهِس.

اَحد اَللهُ مَجيو آهِہ 'احمد'
نہ ڪِنهن ڄايَس، نہ ڄايو پاڻ آهِس.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نعتيه شاعري

بارگاهِ محمد

منم چاڪرِ بارگاهِ مُحمد،
اِلاه است مارا اِلاهِ مُحمد.

نبي ڪَريمِ است، خلقش عَظيم است،
رهِ مُستقيم است، راهِ مُحمد.

هَمہ ڪاميابان، بَخششِ شِتابان،
بلولاڪِ تابان، ڪُلاهِ مُحمد.

تنش عِطر بُوءِ، چون وَالشمس رُوءِ،
شب قدر مُوءِ، سِياهِ مُحمد.

سپهرِ ڪَمال است، مهرِ جَمال است،
بشهرِ جَلال است، شاهِ مُحمد.

منم رُو سِياهے، فتاده بَراهے،
ببا بست گاهے، نِگاهِ مُحمد.

ببخشاءِ اِيزد، دُعايم مَڪُن رَد،
بيا موز ’احمد‘ بجاهِ مُحمد.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عجب شان محمد

اَللهُ ڪيو آهِ عَجب شان مُحمد،
قُربان ڪريان جان، وَڏو مان مُحمد.

بي حال بَندن نال ٿيا ڀال ڀلي جا،
اَللهُ جو، اَللهُ جو، اِحسان مُحمد.

هَر قومِ سَندا ڏار نَبي هُونِ هَزارين،
سَڀ مُلڪ جو سَردار ۽ سُلطان مُحمد.

هو نُور نَکت ۾ نہ اڳي نُور نَبيءَ کان،
ڪَن شَمس، قَمر، قُطب تہ قُربان مُحمد!

تَوحيد جي تَحميد ٿيئي عِيد اَچڻ جِي،
هَر شَهر شُغل، شادِيون، شُڪران مُحمد.

وَالشمس صِفت صُورت، وَاللّيل سَندن وار،
دَندان دَهن دُر ۽ مَرجان مُحمد.

ڄائو بہ جَڏهن گهوٽ، ڪِريا ڪوٽ ڪُفر جا،
بَر بَحر ڪيا باغ ۽ بُستان مُحمد.

لَت لات جَهلي رات، ويئي عِز عُزا جِي،
بَرباد ڪيا بُت ۽ بُتخانہ مُحمد.

اَفلاڪ ڪنان خاڪ، نَبي پاڪ جو نَعرو،
اَللهُ اَحد آهِ جو اِعلان مُحمد.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پَريون بہ پَريشان مَٿي شان مُحمد،
حُورُون بہ ڪَيون حُسن تي حَيران مُحمد.

مُوسيٰ جو قَدم طُور تي، عِيسيٰ بہ رَسيو اُپ،
مِعراج مَٿي عَرش ڪَنان مان مُحمد.

مومن ڪي مُبارڪ تہ مُحمد جي اَچڻ جِي،
ڪافر ڪي ٿيو قَلب اَندر ڪان مُحمد.

عاقِل تہ عَجب ڪِيِنِ پَڙهيو آيت،
قابِل بہ قَبولِنِ ٿا قُرآن مُحمد.

جِنهن ڏِينهن ڪَندا ڪُل نَبي نَفسي نَفسي،
اُمت جو اُتي 'احمد!' اَرمان مُحمد.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻلا! تون ٻلين آئين

ٻلا! تُون ٻلين آئين ٻرجهل ٻلارا!
سَدا جِيءُ سَچا شاهه سَيد سُونهارا!

سِسي، ساهه، سامان، جِگر جِيءُ جِسم جان،
ڪَريان توتان قُربان، قُريشي قَرارا!

سَجڻ! تو ساماٽي، مُلڪ عَيش ماٽي،
ڪَريان حَمد هاٽي، هَزارين هَزارا.

ٻُنيون مَن مُراديون، ٿيون شُڪر شاديون،
گُلن ساڻ گاديون، تہ تولئي تَيارا.

جِيَس آئون جاني! مَجيان مِهرباني،
توسين سُونهن ۾ ثاني، نہ سِج، چَند، سِتارا.

سَچا شاهه سائِين! صَلواتون سَدائين،
هُجن حَشر تائين، توتي تاج وارا!

سَندئي دِين دائم، ڪَيو رَب قائم،
ٻلين شاهه آئم، اَندر ڪَر اوتارا.

اَٿم سِڪ اَوهان جِي، صُبح شام سانجهي،
مُون کي ميڙ مانجهي! مُحمد موچارا!

مِنا مِير مُحمد! عَرب ڪوٺ ’احمد‘
مَنجهان سِنڌ سَيد! سَڏائج سَچارا!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سيد سردار محمد

چَئو صَلِ عَليٰ سَيدِ سَردار مُحمد،
اَڄ آهِه ڪَئي دِين جِي دَربار مُحمد.

اَصحاب سِتارا تہ قَمر شَمس قُريشي،
هَر پاڪ نَبي گُل، گُلِ گُلزار مُحمد.

مِسڪين وَٽن دِين جِي تَلقين نَبيءَ ڪان،
ٻولي ٿو عَجب سِر ۽ اِسرار مُحمد.

دَرگاهہ وَڏي جاهہ سين اَلله اَحد جِي،
دَعوت ٿو ڏِيي دِين جِي دِلدار مُحمد.

ڏِينهن رات ٻُڌَن ٻات هُجي وات ٻِيَن جي،
اَلله ۽ اَلله جو اَذڪار مُحمد.

قُرآن دُر مَرجان، مِثل جان جِسم لئي،
گُلزار گُل و گوهرِ گُفتار مُحمد.

چَڙ جاٽ ٻِيَن، واٽ ٻِيَن، ناٽ ٻِيَن جا،
مَجرُوح! رَکج رُوح ۾ رَفتار مُحمد.

آرام صُبح شام، اَحد نام سين ’احمد‘
صَلوات پَڙهان سَئو سَئو صَدبار مُحمد.

*

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

صلوات بر محمد

سانجهي صُبح سَدائين، صَلوات بَر مُحمد،
صَدبار بارڪَ اللهُ، بَرڪات بَر مُحمد.

هَر پار هُل هُلن ۾، صَدبار بُلبُلن ۾،
گُلزار گُل ڦُلن ۾، صَلوات بَر مُحمد.

گهوريان هَزار گوهر، دِل جان نِثار جوهر،
جِيئن مِينهن مَلهار موهر، صَلوات بَر مُحمد.

ڪُل مَحفلُون مُقرر، ڪُل مَجلسُون مُنوَر،
دَربار دوست دِلبر، صَلوات بَر مُحمد.

حاضِر حُضُور ۾ دِل، پُرنُور نُور ۾ دِل،
ساري سُرُور ۾ دِل، صَلوات بَر مُحمد.

تَوحيد جُون تَڳائُون، لَت لات کي لَڳائُون،
بُت بُت ڪَري پَڳائُون، صَلوات بَر مُحمد.

بُت بُت ٺلها بَهانا، عِيسيٰ، عُزير بانها،
قادِر جا ڪارخانا، صَلوات بَر مُحمد.

سَجدا ڏِجن نہ سِج کي، وَڻ، پَهڻ، باهہ نہ وِج کي،
اَي لوڪ! چَڏ نہ لَج کي، صَلوات بَر مُحمد.

قُرآن ڪَلام صاحِب، آيت عَلام صاحِب،
آيا سَلام صاحِب، صَلوات بَر مُحمد.

’احمد‘ چَوي اِلاهي! صاحِب! لهي سِياهي،
ساريو پَڙهي سِپاهي، صَلوات بَر مُحمد.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

يا محمد مصطفيٰ [1]

يا مُحمد مُصطفيٰ! مَٿ پَنهنجو آهين مِير! خود،
وير اُهڪيءَ جي وَرين، واڪن تي مُنهنجي وِير! خود.

حُب هِنيين آن ڏي هَميشه، هِت لِڪيي راهيَس حَبيب!
قَيد قِسمت جو قَوي، جَڙيَس جُسي جَنجير خود.

سِنڌ سِڪنديون چا لڳي؟ ساجن سَفر ڏاري رَهن،
تِن جِي طالِع اِيئن هُئي، تَحَقيق ڪا تَقدير خود.

سُور سَنڌيون ڏيئي سِڏا، سِيني وَٽان سامهُون چَڙهيام،
تانگهه تُنهنجي ڪان لڳم، تَن ۾ تَراريون، تِير خود.

مَن مُرادُون هِي هُيَم، تان مانَ! مِهراڻان لنگهيان،
دوست! دَرياءَ ۾ پَئِي، دِلڙي ٿيم دِلگير خود.

وِير! وِيرُون سِر تي وَرِيَم، وات واڳُن ٿو وَجان،
تار ۾ ڪاٺي تَرڻ جِي، تو بِنان تَدبير خود.

جي ڪَري پانيَم ڪَسيون، سي ٿيم ڪارُونپار ڪُن،
ساهه ۾ سِيرُون پيَم، ثابِت لنگهاءِ سِير خود.

رات سُهڻي ۾ سُتي، سُهڻا! ڏِٺم ساڻي وِصال،
مانَ! سُپرين! ٿِئي سَچو، تِنهن خواب جو تَعبير خود.

قَيد قِسمت جو لٿو، قادِر ڪَيا پَنهنجا ڪَرم،
هير هِيڻي جي طرف، آئي حِجازان هِير خود.

عَرب ۾ آخر اَچي، اَرواح 'احمد' چَئي پُنم،
مَڙهه مَديني ۾ ڏِٺم، مِليو مُحمد مِير خود.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سدا سونهن سلامن هار

سَدا سُونهَن سَلامن هار، سِر سَيد مُحمد جي،
سَدا صَلوُا عَليٰ سِينگار، سِر سَيد مُحمد جي،

مُبارڪ مَرحبا گهوري! صَدق آيم سَجڻ اوري،
ڪَريان گهورُون گوهر گلزار، سِر سَيد مُحمد جي.

مَلهاريون مَعرفت لايون، بَهاريون بَخشش آيون،
ڪَئي رَب رَحمت وَسڪار، سِر سَيد مُحمد جي.

ڦِٽي هَرجا بُتن بازِي، طَلب تَوحيد تِي تازِي،
لِڳا ڪلمون پَڙهڻ ڪُفار، سِر سَيد مُحمد جي.

ڏَٽي آئون هيڪڙو آهيان، ڏِيان اِنعام، ڏُک لاهيان،
مُڪو پيغام پالڻهار، سِر سَيد مُحمد جي.

حِجازي هوت جُون حَجرن، ڏِنيون ٿي شاهِديون شَجرن،
بُتن اِيمان آندو بار، سِر سَيد مُحمد جي.

يَتيمن ساڻ ٿِي ياري، غَريبن ساڻ غَمخواري،
پيا ڪي بيوَهن جا بار، سِر سَيد مُحمد جي.

شَفاعت ساڻ اُن مَهندا، نه اَڙيا اُمتي رَهندا،
جِنين اِيمان آندو يار! سِر سَيد مُحمد جي.

چِڱن چارئي ڏِسيون واسيون، پَسي 'احمد!' پُنيون آسيون،
صَدق صَدقي، صَدق صَدبار، سِر سَيد مُحمد جي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مٺو نالو محمد

مِٺو نالو مُحمد جام اَحمد،
اکيَن، اَرواح جو آرام اَحمد.

مُحمد نام ظاهِر رُوءِ زَمين تي،
مَٿي اُپ عَرش چُونس عام اَحمد.

اَحد ۾ مِيم آڻي سان بَني ٿو،
بَني اَلحمد مان ري لام اَحمد.

سَوين سالُون سَندن تشريف ڪان اڳ،
چَيو عِيسيٰ، نَبيءَ جو نام اَحمد.

سَندن تَعريف مَنجهه تَوريت، اِنجيل،
مِليو اَللهُ ڪان اِڪرام اَحمد.

مُحمد رَحمة اللعالمين آهِه،
سَجي عالَمَ مَٿي اِنعام اَحمد.

بيهي هُت حَوضِ ڪَوثر پاس حَضرت،
پِياري جام، جَنت جام اَحمد.

نه مُورت مُقبرا مَقبُول تِنهن وَٽ،
اَٿو اَللهُ اَحد، اِسلام اَحمد.

اَلف اَللهُ اَڪبر جو اِشارو،
مُحمد مِيم سَمجهي مام اَحمد.

مَديني ۾ مُحمد مُصطفيٰ ذي،
پَڪيئڙا! وَڃ ڪَٽي پيغام 'اَحمد'

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اي ڀلا آئين ڀلين

سَئو شُڪر اَلحمدُ لِلّٰه! سال ٿيا سالِمِ سُڪار،
ڏِينهڙا ڏولاءِ جا ويا، ڏُور ٿيا ڏيهہ تان ڏُڪار،
مَرحبا! آيو مُحمد، ويا مَري مُلحد مَڪار،
ٿيا شُروع نَوبت نَغارا، اَي ڀَلا آئين ڀَلين!

تُون ڀَلين آئين، تو آئي عالمَن ۾ عِيد ٿِي،
دِين ماٺيا دَور، ۽ دُنيا سَڄي ۾ دِيد ٿِي،
شِرڪ تَڙيو توڙ ڪان، تَڙ تَڙ طَلب تَوحيد ٿِي،
وَڻ ڀَهڻ ڀيئي ڀَچارا، اَي ڀَلا آئين ڀَلين!

فَيض جا ڪُليا فَوارا، فَرِح فَلڪن کي مِلي،
صَد مُبارڪ جِن، ماڻهون، مُلڪ، مَلڪن کي مِلي،
خوش خَبر خَيرُالبشر جِي، ڪِير خَلقن کي مِلي،
ٿيا شُڪر ۾ شَهر سارا، اَي ڀَلا آئين ڀَلين!

شاهہ شافِع! ڄائين تُون، مَنجهہ شُڪر شادِيَن شَهر ٿيو،
باغ، بَر، بازار سَڀ، بَرڪت سين ڀَلٽي بَحر ٿيو،
ڪوٽ ڪِسرا جو ڪِريو، ڪُل ڪافرن سين قَهر ٿيو،
تِنهن سَندا ڪِريا ڪِنارا، اَي ڀَلا آئين ڀَلين!

هِيءُ ڏِنو خاتون خَديجہ، پاڪ خاصو خُوب خواب،
تان مُبارڪ گهر سَندس ۾، ماڳ ڪيڙو ماهتاب،
ڪانڌ ڪَٿيو تو قُريشي، اِيءُ جُڙيَس تِنهن جو جَواب،
نيڻ تِنهن جا ٿيا نِهارا، اَي ڀَلا آئين ڀَلين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَلله جا اِحسان ٿيا، عالمَ اُجاريا تو اَچي،
سَئو قِبَل سالن سَندا، سَرورَ! سُڌاريا تو اَچي،
مُون جِها جاهِل جَڏا، جانِب! جِياريا تو اَچي،
تو جِيارِيَس جِيءَ جِيارا! اَي يَلا آئين يَلين!

تُون رَسُول الله رَهبر، رَحمة اللعالمين،
سَيدا! سامائي تو، سِينگار ڪِيو ساري زَمين،
ٿيا عِنايت جا اوهيرا، سِر اَسان عَربي اَمين!
بِيا وَسن بُوهل بِپارا، اَي يَلا آئين يَلين!

تُون مِنا مُرسل! جَڏهن آئين، مَنا مُنڪر مُنا،
سَيدا! سامائي تو، ٿيا سَڀ جَهانن جا سُتا،
بَحر، بَر، باغن مَٿي، بَرڪت سَندا بادل وُٺا،
ويا لهي سَختيون سِيارا، اَي يَلا آئين يَلين!

بادشاهه باري چَوايو، وَٺ بِهشتي هِيءُ بُراق،
آءُ عَربي! عَرش تي، تُنهجو اَسان کي اِشتياق،
تُون چَڙهيين فَرمان سين، فِي الحال فائق! ويو فِراق،
هَر طرف نِروار نارا، اَي يَلا آئين يَلين!

وِئين يَلي بَيتُ المقدس، اَي يَلارا! پال مِ،
فَرق فُرصت ڪانه ٿِي، فائق! رَسيين فِي الحال مِ،
اَنبياءَ آيا مِڙيي، اُن وَقت اِستقبال مِ،
ٿِي سَمهُون بينا سَوارا، اَي يَلا آئين يَلين!

چاڳلا! اُپ ڏي چَلين پوءِ، چُست چابُڪ سان چَڙهي،
اَسپ موچاري مَٿي، جِنهن زِين موتِيَن سان مَڙهي،
ڪَئين مَلڪ مَنزل بمنزل، ٿي مِليا مَدحُون پَڙهي،
ٿيا سَلامي سِج سِتارا، اَي يَلا آئين يَلين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿِي سَندي جِبريل جاني! اُپ سَتين تي اِنتها،
سو رَهيو سَيد سَچا! جِت آهِه سِدرة مُنتها،
پوءِ قَدمن هيٺ ڪُرسي، ڪَئي بَهادُر بي بَها!
حَمد ڪِيا ٿي تِنهن هَزارا، اَي پَلا آئين پَلين!

تو مِليو جائز جُتيءَ سان، پاڪ ڪُرسيءَ تي قَريب،
مَرتبا ايڏا مُحمد! تو ڏِنان مالِڪ مُجيب،
پوءِ عِزت ساڻ آئين، عَرش تي عَربي عَجيب!
اُت بہ ٿيا نُوري نِظارا، اَي پَلا آئين پَلين!

عَرش کان عَربي! لنگهي، اوڏو رَسيين آگي عَلام،
ڪَرم قادِر جا مَجي، ڪامِل! شُڪر جا ڪَئي ڪَلام،
پاڻ صاحِب سَيدا! توتي صَحي واريو سَلام،
ٿيو چوڻ پَروَر جي پارا، اَي پَلا آئين پَلين!

مَرحبا مَحبُوب مُرسل! مُون مَحبت ساڻ تو،
بُڌ خَبر خَيرُ البشرا ڪُل خَلق خَلقيَم ڪاڻ تو،
هاشمي! هَر دو سَرا جو، حُڪم بَخشيَم هاڻ تو،
تَخت لائق هي تُمهارا، اَي پَلا آئين پَلين!

مَرحبا آئين مُحمد! ماڳ مَسنَد ڪَر مِيان!
خُلق تُنهنجو خَلق ۾، خوش خُوب ڏِسيو خوش ٿِيان،
موڪليَم تو ڏي مَلڪ، تان مُلڪ مِڙئي تو ڏِيان،
پير پائي ويهه پِيارا! اَي پَلا آئين پَلين!

اِن طرح اِسرار سوئي، پَر نہ اُو آواز سان،
رات ۾ وِئين، رات ۾، رازِق کان موٽيين راز سان،
موٽندي سَيد سُئي، سَپڪنهن هَندان سَڏ ساز سان،
ويهه قُريشي قُرب وارا! اَي پَلا آئين پَلين!

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

هِڪ سَچو صِديق، ٻيو فارُوق اُمت جو اِمام،
اَولياءُ عُثمان ٽِيون، چوٿون عَلي حَيدر هُمام،
ٻيا بہ تابع تو سَندا، ٿيا ڪَئين تَواضُع ۾ تَمام،
هُئا سِڪيو چَوندا سَچارا، اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

مَرحبا مَحبُوب مُنهنجا! مَرحبا صَد مَرحبا!
مُصطفيٰ تُون، مُجتبيٰ تُون، يا مُحمد مَرحبا!
ساهہ صَدقو تو مَٿان، سَردار سَيد مَرحبا!
مَرحبا مانجهي مَتارا! اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

مَدح مُنهنجي جو نہ تُون، مُحتاج آهين مُصطفيٰ!
هِن سَبب سَيد! ڪريان، آئون صِفت تُنهنجي صَفا،
تان جِسم تان مانَ جاني! مُون لهن جور و جَفا،
شاهہ! مِلنم چوٽڪارا، اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

مَدح مُنهنجي جو نہ تُون، مُحتاج مُرسل! آهِيين،
بَرڪتن جا بَحر تُون، بيشڪ بَرن ۾ واهِيين،
سُونهن ۾ سِج چَنڊ جُون، سَيد! سِڪُون تُون لاهِيين،
بَلڪہ تُنهنجو تُل نہ تارا، اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

دَر جَهلي دِلدار! وينس، دَم نہ ٿيندس دوست! دُور،
لُطف هاديءَ جا هَزارين، هاڻ حاصِل ٿيو حُضُور،
نار نيڻن جا ٿو تارين، يا نَبي الله نُور!
دِل دُکي هُئي اڳ تو ڏارا، اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

روز 'احمد' چَئي اَسان جي، رُوح تي رَحمت رَهي،
ذِڪر ذاتي ٿيو زِيادہ، ظُلم زَحمت ويا لَهي،
قُرب مان ڪامِل قُريشي! تو مَٿي ڪَلمون ڪَهي،
صاف ڪِياسُون قَلب ڪارا، اَي ٻَلا آئين ٻَلين!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

صلوا عليه وسلموا

مَنجهه اِنتها ۽ اِبتداءِ اَلله اَڪبر چئو اَدا!
ساراهه صاحِب ڪي سَداءِ آيو مُحمد مُقتداءِ
ڪُل مُلڪ جو مَهندار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

آيو مُحمد مُصطفيٰ، وارِث، وَسيلو، با وَفاءِ
لاثئين جَهانن تان جَفاءِ سُهڻو سَين صِفتن صَفاءِ
سَيد اَچي سَردار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

آيو مُحمد عِيد ٿِي، تَعريف مَنجهه تاڪيد ٿِي،
تَڙ تَڙ طَلب توحيد ٿِي، تَسبيح ۽ تَحميد ٿِي،
تَهليل جو تَڪرار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

آيو مُحمد مُجتبيٰ، ماٿيئين مَٿاهان مَرتباءِ
دَهشت اُٿي پيا دَبدباءِ مِليو مُنوَر مَرحبا!
نَعرو سَندس نِروار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

آيو مُحمد مان سان، اُمت ڪَڍي اَرمان سان،
عالَمُ رَتئين عِرفان سان، اِن شاهه شاهي شان سان،
واهر اَچي وِينجهار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

نالو مِنو مُحمد سَندس، اُپ ۾ اِسم اَحمد سَندس،
مَولي ڪيو مَقصد سَندس، مُنهن صاف، سُهڻو قَد سَندس،
ڪامِل قَمر رُخسار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آيو مُحمد مُحترم، ٿيڙو دَفع دَوزخ گَرم،
بارِي رَکيو بَندن ڀَرم، قادِر ڪَيو ڪيڏو ڪَرم!
عَربي اَچي آڌار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

مَڪو مَدينو شَهر ٻَئي، بَرڪت ڪَنان ٿيا ٻَجر ٻَئي،
اُپ سان لڳائن لَهر ٻَئي، واسيا وَسيلي وَهر ٻَئي،
عَرب ڪُل اُبڪار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

مِلت مُحمد شاهہ جو، سِينگار تِنهن ۾ ساهہ جو،
اِحسان وَڏو اَللهُ جو، داور سَندي دَرگاهہ جو،
سو دادلو دِلدار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

ناتو لڳم اِن نام سان، وارِث وِلهيَن وَريام سان،
آيو وَڏي اِنعام سان، آباد عَربي جام سان،
وَڻ ٽِڻ، وِندر، وَڻڪار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

مَولي مُحمد شاهہ کي، مِعراج بَخشيو ماهہ کي،
رَهبر ڪَڀي ويو راهہ کي، عَرشان لنگهي اَللهُ کي،
اوڏو اکيَن جو ٺار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

مَنزل بمنزل لَک مَلڪ، حاضِر حُڪم ۾ هَر پَلڪ،
لاشڪ لَنگهيو ڪَئِن هيٺ لَڪ، فِي الحال پُهتو سَر فَلڪ،
اُن تي عَيان اِسرار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

خاتمِ نَبي خَيرُ الوَرا، ڪِيو ٻَجر بَرڪت جي ڀَرا،
هادي ڏِنس هَر دو سَرا، سَپڪي سَرِيَس صاحِب دَرا،
ڪُل ڏيهہ جو ڏاتار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گُلبن بَنيو بُستان ۾، نُوري نَکتُ نِيشان ۾،
جايون ڏِيان تِنهن جان ۾، اَڏ رات عَربستان ۾،
اُن جو عَجب اوپار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

واسيئين عَرب توڙي عَجم، جانِب اَڳيان ڇا جام جَم؟
آهي نَبي نُوري نَجَم، ڄامن مَنجهان ٿيو ڄام ڄَم،
سالِمِ نَسب سالار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

’احمد‘ نَبي اَڪسير تي، ويسهہ رَکيو تِنهن وِير تي،
دَولت وَري دِلگير تي، ڪَلمون مُحمد مِير تي،
دِل سان پَڙهيَم دِيدار ٿيو، صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

صلي الله عليه

رَب نه والِد ڪِنهن وَلد جو، پڻ نه واحِد والدَيه،
لِڪ لِڪي تِنهن کان نه لاشڪ، لوڪ حاضِر سَڀ لَدَيه،
هيڪ مالِڪ مُلڪ جو، مِڙني سَندو مَرجع اِلَيه،
ٿيو مِڙيوئي مُلڪ جو مَهندار، صَلَي الله عَلَيه.

مَرحبا! آيو مُحمد، مُلڪ تان ماتمِ لٿا،
ٿيو قُريشي پاڻ ڪافِي، ڪاهِلن تان ڪَم لٿا،
ويو گُنهگارن جو گُوندر، غافِلن تان غَم لٿا،
لوڪ ساري تان لَٿو لاچار، صَلَي الله عَلَيه.

آهِه سو حَضرت مُحمد، مِير مِيرن جو به مِير،
عالِمن مان سو اُتمِ، هو عالمَن کان اڳ اَمير،
خاڪ خوشبُودار مان، خَلقيو خُدا تِنهن جو خَمير،
واسيَئين وَڻ ٽِڻ، وِندر، وَٽڪار، صَلَي الله عَلَيه.

شَمس شَرمايو، قَمر پڻ، شاهه شافِع جي شُعاع،
شاهه شافِع مُذنبين جو، شان وَڏ شيرِ شُجاع،
سِر مِني نالي مُحمد، گهوريان مَڏيون، مايا، مَتاع،
ساهه سِر صَدقو ڪَريان صَدبار، صَلَي الله عَلَيه.

آهِه حَضرت هاشمي، هِمت اَندر حاتمِ مَٿان،
اَمر عَربي ڄام جو، آهي سَڄي عالمَ مَٿان،
نُوح، اِبراهيم، عِيسيٰ، اِرميا، آدم مَٿان،
سَمجهه سَردارن جو سو سَردار، صَلَي الله عَلَيه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرزمين ثَقلين ۾، سَروَر ڪي سَرداريون سَريون،
حُسن حَضرت هاشميءَ جي، هيٺ ڪِيون حُورُون پَريون،
جِسم جو جِنسار آهِن، زيب زينت، زَر زَريون،
آهِہ سَيد ساهہ جو سِينگار، صَلي الله عَلَيہ.

ٿيا مُحمد مِير کي، مَهندان مَلڪ مِعراج رات،
مَرحبا صَد مَرحبا پَئي، مَرڪ مَنجهہ مَلڪُوت لات،
سُونهن پَريي سَردار تي، سَڀڪنهن هَنڌان آئي صَلوات،
عَرش، ڪُرسي، آسمان اَذڪار، صَلي الله عَلَيہ.

آهِہ هَر ڪِنهن دَرد لئي، دافِع دَوا دارُون دُرُود،
آيَت ۾ آهِہ آيو، وِرد اِنهيءَ جو وُرُود،
رَک صَلواتن جو سَدا، دِل ساڻ سَنڌيَن ۾ سُرُود،
بات پائنج اِيءَ پَلي بِسيار، صَلي الله عَلَيہ.

پاڻ مالِڪ ءِ مَلڪ، تِنهن مُلڪ جي مَهندار تي،
سَئو صَلواتون ٿا پڙهن، سَيد سَچي سَردار تي،
اَمر آهي مومنن تان، اِن اکيَن جي ٺار تي،
عِشق مان اَڪثر پڙهن اِظهار، صَلي الله عَلَيہ.

بَحر بَر بَرڪت سَبب، بيشڪ بَلا ٽاري صَلوات،
آهِہ مُصحف ۾، مَٿي مَحبُوب موچاري صَلوات،
ڏَهہ دَفعا سائين سَچو، تِنهن تي پڙهي ساري صَلوات،
جو چَوي حَضرت مَٿي هيڪار، صَلي الله عَلَيہ.

ٿِي مُحمد مُصطفيٰ جِي، مَدح مَنجهہ مُصحف مَتين،
چِيو رَسُول الله کي، رَب رَحمة اللعالمين،
شاهہ شاهي شان سان، شافِع شَفيع المُذنبين،
سو اَٿم آذار آخرڪار، صَلي الله عَلَيہ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهہ عَربي آلِ اِسماعيلؑ اِبراهيم جو،
حَل هِنيين ۾ هاشميءَ جي، هو حَرف حاميم جو،
سِر تي چِٽ صَلُوا عَلَيہ وَسَلِمُوا تَسليم جو،
روز تِنهن ڏي رَحمتون رَهوارِ، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

جو پَڙهي ساري صَلواتون، ساڻ دِل سالِمِ صَفا،
بِن جَهانن ۾ جِسم تان، اُن لهي جور و جَفا،
هَٿ مَٿس مَحشر ڏِينهان، رَکندو مُحمد مُصطفيٰ،
ٿيو شَفاعت ساڻ شاهُوڪار، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

ديس ڏاران دوست جي، دِل ۾ ڏُکن ٿا داغ داغ،
جِت شَهر بازار ۾، کِليا بِهشتي باغ باغ،
لِک دَفعا لَبيڪ چيو، لاشڪ لَمَن ٿا لاغ لاغ،
چاهہ مان چَوندا اَچن چَوڌار، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

ديس ڏاران دوست جي، دَم تان نہ ڏارين ديهہ ٽِڪان،
مُون لَٿيون لاڙيون لِڳن تان، لُطف ۾ لُچيو لِڪان،
سُونهن پَرپي سَردار ڪي، ساريو سَنپاريو ٿو سِڪان،
مَن! ٿِئي دِلدار جو دِيدار، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

ڳالهہ هِن ٻانهي ٻُڌي، ٻانهي ٻُڌائي يا خُدا!
تُون خُدا ڪُل خَلق جو، تُنهنجي خُدائي يا خُدا!
لاهِہ جِيءَ تان ٻِن جَهانن جِي، جُدائي يا خُدا!
مُون مُحمد ساڻ ميڙِي مار، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

يا اِلاهي! تُون اَگهائين، عَرض 'احمد' عَيبدار،
پاڪ پَيغمبر جو پاڙو، ٿو پِنان پَروَردگار!
ڪَر قُريشيءَ پار قِسمت، ساڻ ڪَلمي ڪَردگار،
دَم ڏِيان مَنجهہ دوست جي دَربار، صَلَي اللهُ عَلَيہ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آيو جڏهن عربي نبي

عالَم تان اُونداهي ويئي، جايو جَڏهن مُرسل مَڪي،
گُم پاڻ گُمراهي ٿيئي، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

ڪاڙهو لڳو ڪُفران کي، اوجر مِليو اِيمان کي،
سَجدو ٿيو سُبحان کي، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

اِظهار ٿي ويون اڳڪٿيون، سَئو سَئو شُڪر سوڙيون لَٿيون،
مِليون هِنيين هِيٺ هَٿيون، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

اُو ڪهوٽ عالَم ڪُل ڄَڃان، قُربان قَدمن تان وَڃان،
اُمت ڪِهو اُلڪو اَڃان؟ آيو جَڏهن عَربي نَبي.

خوشبُوءِ ڪَٿُوريون خُوبتر، ڇَٽڪاريا عَنبر عَطر،
سَپئي لٿا خَوف و خَطر، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

هِيرن ڪَيون هُبڪاريون، وَرتيون گُلن گلزارِيون،
بَرسيا شَهر بازارِيون، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

حُورُون، پَريون، ماٺيون، مَلڪ، ڪَن شُڪر شاديون هَر پَلڪ،
بينا فَوارن تي فَلڪ، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

ڪِيو سَير اُپ اَفضل اُمي، گوهر ڏِنا گُلشن گُهمي،
مِليا مَلائڪ هَٿ چُمي، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

گولا گهٽان غمخوار تان، آجا ٿيا آزار کان،
سَرڪا ويهن سَردار سان، آيو جَڏهن عَربي نَبي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

زير و زَبر ظالِم ٿيا، سَرڪش وَري سالِم ٿيا،
اَڻ چاڻ مان عالِم ٿيا، آيو جڏهن عَربي نَبي.

چوڏس چڱيري چال ٿِي، خَلقت سَڀي خوشحال ٿِي،
اَعليٰ عَرب جِي ڳال ٿِي، آيو جڏهن عَربي نَبي.

صَدقا، صَلواتون، صَوم سَڀ، قائم ٿيون مَنجهه قَوم سَڀ،
آسيون پُنيون اَليَوم سَڀ، آيو جڏهن عَربي نَبي.

آتِش اُجهاڻي پارسي، هُئي جا اَنڌن لئي آرسي،
رَحمت خُدا هَرجا رَسي، آيو جڏهن عَربي نَبي.

عِصيان ۾ عاصِي بَندا، حَيران موڙ هَر هَندا،
غَم غَرق ٿيڙا تِن سَندا، آيو جڏهن عَربي نَبي.

آڳي وَڏا اِحسان ڪِيا، مُشڪل مِڙن آسان ٿِيا،
’احمد‘ مَٿان اَرمان وِيا، آيو جڏهن عَربي نَبي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سردار آيو منجهه عرب

سَئو شُڪر صاحِب سَندا، سَردار آيو مَنجهه عَرب،
حَمد هاديءَ کي، هِنيين جو هار آيو مَنجهه عَرب.

ڪُل نَبي جِنهن نُور جُون، خَبرُون ڪَندا ويا خَلق سان،
سو سَچو سَيد ڪَري، سِينگار آيو مَنجهه عَرب.

شاهه سُهڻي شِڪل سان، شافِع شَفيع المُذنبين،
مَرڪ ساري مُلڪ جو، مَهندار آيو مَنجهه عَرب.

بي بَها دُر، اُو بَهادُر، بي مِثل، بالا بَشير،
هَر دو عالَم جو اَجهو، آڌار آيو مَنجهه عَرب.

مُهڙ مِڙني مُرسلن، مَحبُوب، مُشفق، مِهربان،
مِير مُرسل مُصطفيٰ، مُختار آيو مَنجهه عَرب.

جِن، مَلڪ، ماڻهون مِڙن ۾، اِيءَ مُبارڪ ٿي مِلي،
هوت حَضرت هاشمي، هوشيار آيو مَنجهه عَرب.

پِيو اُهاءُ عالَم سَڄي تي، ٿي اُپن پُونئَن ۾ عِيد،
دوست، دِلبر، دِلربا، دِلدار آيو مَنجهه عَرب.

ڪوٽ ڪِريا ڪُفر جا، ڪَرڳَل ڪُفارن ۾ پِيو،
ٿي ڪَهِيَئون، هِيءُ ڪير ڪَلنگيدار آيو مَنجهه عَرب؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اڳي اڳواڻ ڪان، عالَم سَچو اُونداهه هيٺ،
اوچتو نُوري نڪٽ، نِروار آيو مَنجهه عَرب.

مَهند مُحمد مِير ڪان، هو مُلڪ مَوجن ۾ مَلُول،
تان وَني تُرهو طَرف، تِڪ تار آيو مَنجهه عَرب.

هو ڳهٽِيَن واٽن سَبب اَڳ، ڳَس ڳنان ڳُمراهه جَهان،
پوءِ سُونهون ٿِي ڪاڻ سَڀ، سَرڪار آيو مَنجهه عَرب.

مُلڪ سارو سوڪ ۾ هو، اَڳ ڳنان جاني جَناب،
تان ڪَڪر رَحمت ڪَري، ڪَس ڪار آيو مَنجهه عَرب.

هِڪ طرف ڳجگاهه ڳوڙهَن، ٻِئي طرف ڪِوٽِيَن جا ڪيل،
لائي بادل بُوند، بارو بار آيو مَنجهه عَرب.

بَر وَٺا ۽ ٿَر وَٺا، اَڄ سَر وَٺا، اَوسر لَٿا،
ميگهه مِينهن مانداڻ سِين، مَٽِيهار آيو مَنجهه عَرب.

ساوڪُون صَحرا ڏِسي، ٻَئي يُعجِبُ الزُراع ياد،
سَڀ جَماعت سان جُڙِي، جِنسار آيو مَنجهه عَرب.

مُند مِڙوئي مِينهن جي، جِنهن دَم وَسي، تِنهن ويل وَس،
لائي جُهڙ ڦُڙ جابجا، جُوبَنهار آيو مَنجهه عَرب.

آهه اُو ٻِن عالَمَن جو، اَوّل ۽ آخر اِمام،
ڪِيَن ڪو چَمڪي رُڳو، چوڏار آيو مَنجهه عَرب.

ٿيو مُلاقي سان مالِڪ، مُصطفي مِعراج رات،
دَم اَندر اُونهان ڏِسي، اِسرار آيو مَنجهه عَرب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خُوبصُورت خَلق ۾، جِهڙس نه خَلقيو ڪِٿ خُدا،
اُو اَمانت جو اَمُلهه، اِظهار آيو مَنجهه عَرب.

آسِيون ’احمد‘ رَکي، آخر هَليو پاسي عَجيب،
پير پِنبڻِنَ کي ڪَري، پينار آيو مَنجهه عَرب.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سدا توتي سيد! صلواتون سلام

سَدا شُڪر سُبحان جو صُبح شامر،
هَلڻ تِنهن جي ٻاهِر حُڪم کان حَرام،
ڪيئين توکي عَربي! اَسان جو اِمام،
لَنگهياسُون لَڪن مان لڳي تُنهنجي لامر،
پِلي ڪِيون پِلايون، پِلين جائين جام!
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلامر.

شُڪر ٿيو ته آئين تُون شافِع شَريف!
هِنيين تان لٿا هور هِڪدم حَريف،
ته جاڳيو ضَعيفن جو ضامِن ظَريف،
ڪِيت وَئي ڪَچي، ٿِي خوشي خاص عامر،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلامر.

گهڻن جا دُنيا ۾ وَڏا دَمر ڏِنمر،
اَجهو شِيش، اِدريس، آدمر ڏِنمر،
تو وَٽ خَلق سَڀ خاص خادِمر ڏِنمر،
ڏِنمر مُلڪ ۾ مَٽ نه تُنهنجو مُدامر،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلامر.

پِلن ۾ پِلارو، پِلو جامر تُون،
اَسان جو وَڏو وِير وَريامر تُون،
اَسان جي اکين، دِل جو آرام تُون،
اَسين تُنهنجي دَر جا دَوامي غُلامر،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلامر.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جَڏهن ٿي وِئين وِير! وَڻڪار ۾،
تہ وَڻڪار واسيَئي ٿي تِنهن وار ۾،
پَچارُون پيون وَڻ، پَنن، ڏار ۾،
ڪَيائون مَنجهان سِڪ ٿي سَهسين سَلام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

پَلا! تُون پَلين جائين عَربي اَجها!
جُدا ڏِينهن مَ لاءِ جاني! جَجها،
سِکهو موٽ مُرسل! مَديني مَنجها،
اِنهن آسرن ۾ اَٿم ٿيا اَيام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

پَلا! تُون پَلين جائين جاني جَناب!
تو سامائي سَروَر! پَئي سُڌ ثَواب،
اَچي عاصيَن تان اُٺاءِ عَذاب،
جُڙن جاڳهون تِن کي جَنت ۾ جام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

اَٿم سُڌ پوءِ تان سُڻيا رَب سَميع،
ڪَندو شاھہ! شافِع اَوهان کي شَفيع،
نہ جُرئت اِها بِئي کي جَڳ ۾ جَميع،
ڏِنون اِيءُ اِذن توکي آ گي عَلام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

شَفاعت جو شافِع! اَوهان ڇَٽ ڍَڪيو،
ڏِسيو ڏوھہ وَجي ڏِيل مُنهنجو ڏَڪيو،
هَڪل ساڻ حَضرت! وَنج هَٿ هَڪيو،
مَٿم ڪَج قُريشي! ڪَرم ڏِينهن قِيام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏَٺيءَ دَر گُهري ڪا دُعا مُستجاب،
ڪِجا هوت! هِيٺي جو هَرڙو حِساب،
جُدا هِيءُ جَڏو چِڏ نہ جاني جَناب!
مَديني مُنوَر ۾ ٿِئي مُون مُقام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

اَلِڳ ٿِي مَ اَحمد! عَرضدار کان،
ڏِيارينم هِيءَ ڏات ڏاتار کان،
تہ دِلبر! ٿيان ڌار هِن دار کان،
ڪَري قَلب، چِپ ساڻ ڪلمون ڪلام،
سَدا تو تي سَيد! صَلواتون سَلام.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

يا رسول اللهﷺ رسيج

حَمد هاديءَ جا هَزارين، حُڪم جِنهن هَرجا هَلي،
هُو غَني حاڪِم هَميشه، ٻيو نه هَرڪو هَٿ ٿَلي،
بادشاهي بادشاهه جِي، بادشاهن مَنجهه ٻَلي!
پوءِ لِڪان پَيغام نامون، پاس پَيغمبر پَلي،
ٿو لِڪان مَحبُوب مِهتر! يا رَسُول الله رَسيج!

طرف حَضرت هاشميءَ جي، حال هاڻي ٿو لِڪان،
عاجزيون، آزيون اکيَن مان، آب آڻي ٿو لِڪان،
ماهيَت تِنهن ڏانهن مَرض جِي، جام چاڙي ٿو لِڪان،
سُڌ اَسان جي سُور جِي، سَروَر سُڃاڻي ٿو لِڪان،
ٿو لِڪان سَردار سَروَر! يا رَسُول الله رَسيج!

ٿو لِڪان هِيءُ حال هِيڻون، هاشمي حَضرت طَرف،
شاهه شافِع! ڪَر شَفاعت، آهِه شاهي تو شَرف،
مِير! ميرائَن سَندو، آهيان مَجيندڙ مُعترف،
هَڙ هَٿان هاري ويِم، هاڻي حَيا ڪُڇندي حَرف،
ٻيا ٻه ڪَئِن مُون ڳوڙ ڳُوندر، يا رَسُول الله رَسيج!

ٿو لِڪان ڪامِل قُريشي، ڪُڙم وارا! ڪَرم ڪَر،
دوست! هِن دِلگير تان، تُون دَفع دَوزخ ڳرم ڪَر،
بَخش ٻاريءَ ڪان ٻِني، مُنهنجو ٻَلا! ڪو ٻَرم ڪَر،
ڪا ڳُهري دِلبر! دُعا، دَرگاهه مان دِل نَرم ڪَر،
آئون ٻُليَس بيشڪ اَندر ٻَر، يا رَسُول الله رَسيج!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رُوح راحت ڪَئي ڦِٽي، جيسين رَهيَس رَفتار ۾،
مُون ڏِٺو گِرداب گهوڙا! اِن گَندي گُفتار ۾،
چَوطرف طُوفان اُٿيا، تِڪ هَٽِن ٿا تار ۾،
پُهچ پُوڪارُون ٻُڌي، اَي پاتِڻي! پاتار ۾،
ٿيون لڳن لَهريون لَڳوتر، يا رَسُول الله رَسيج!

هِڪ ٻَلائون، ٻيو ٻُڪُون، ٽِيون بار، چوٿون بَر وَڏا،
هاءِ! حَيوانن حَوالي، ٿيا هَزارن جا هَڏا،
ڪِيئن جَبل جهاڳي سَگهن، جاني! اَسان جِهڙا جَڏا؟
لُڪ لِڳَن لُوساڻيو، لَڪ ۾ وِڏم لاهي لَڏا،
پيَم رِڻ ۾ رات رَهبر! يا رَسُول الله رَسيج!

نَفس، شَر، شَيطان، شَهوَت، ساڻ شيري ٿا وِڙهن،
شِينهن، ٻَگهڙ سامهان ٿيو، ساڻم سُپيري ٿا وِڙهن،
راهه سَروَر! مُون سَندي، سِرهيو سَويري ٿا وِڙهن،
واٽ تي واڍوڙِيَل سان، وِير! ويري ٿا وِڙهن،
ٿا وِڙهن واسينگ وِسيَر، يا رَسُول الله رَسيج!

هَي! ڪَيرا ڪَئِن ڪَيَم، جِنهن ڪَر دُعا ڪانهي قَبُول،
تُون مُحب! مَقبُول آهين، رَب سَندو رَهبر رَسُول،
هَٿ کڻي هِيٺي جي حَق ۾ مانَ! ٿِئي حاجت حُصُول،
ڪَر مِنٿ مالِڪ کي مُون لئي، تان چُٽي ماندو مَلُول،
گُهر دُعا ڪا دوست دِلبر! يا رَسُول الله رَسيج!

پيش آڻي ڪَڄ اَسان جُون، سَرد آهُون آتشي،
غَم چَئُج غَفار کي، گوڙي لهن غوغا غَشي،
ٻيو نه سائِينءَ ساڻ سُونهي، سائلن جِي سَرڪشي،
خواب ڪِهڙا خُوبصُورت؟ ڪيڻ چا؟ ڪِهڙي خوشي؟
مَنجهه گَهنگهر گهاريان ٿو گوهر! يا رَسُول الله رَسيج!

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

هاشمي حَضرت! رَهن ڪو، هوت! تو ري هِت هِنيان؟
ديس تُنهنجي ڏار آئون، دوست! دَرماندو ٿِيان،
ڪَر مِنٿ مالِڪ اڳِيان، سَڏيو مَديني مُون مِيان!
لال لُڙڪن سان اکيَن جي، خَط لِکي لاشڪ ڏِيان،
پوءِ ڪريان قاصِد ڪبُوتر، يا رَسُول الله رَسيج!

پاڪ پيغمبر طرف، پيغام پَر مِ موڪليان،
دَستخط ڏانهن دِلبرن، ٿو دَم اَندر مِ موڪليان،
پائي سُورن جُون صَحيون، ساٿي سَحر مِ موڪليان،
مُعتبر ماڻهو، مَديني جي شَهر مِ موڪليان،
موڪليان پُرزو پيمبر! يا رَسُول الله رَسيج!

واسطا ڏاڍا وِجهي، واري لِکيم وَريام ڏي،
عَرض رَکيم عاجزي، اَرواح جي آرام ڏي،
موڪليَم ماڻهو مِني، مُرسل مُحمد جام ڏي،
گَس پُڄائيندو گھٽيون سو، ويو گوهر جي گام ڏي،
اَڄ رَسيو دانهين مَٿي دَر، يا رَسُول الله رَسيج!

يا رَسُول الله رَسيلا! ٿِي رُڃن مِ مُون رَفيق،
خان تُون سَڀ خَلق جو، تُون خُلق مِ خاصو خَليق،
شاهه! شاهي شان تُنهنجو، تُون شَفيع، شافِع، شَفيق،
سَڀ صَحابي تو سَچا، تِن مِ صَدر صادِق صِديق،
واسطي اُن يار اَڪبر، يا رَسُول الله رَسيج!

ٿيو عُمر اِسلام مِ، عادِل اَميرُالمومنين،
جِنهن مَچائي ساڻ مَردي، مُلڪ ڪِيا ٿي مُسلمين،
عالمَن مِ عَدل سان، اِهڙا لَين ٿورا اَمين،
سَچ تہ سِينگاري ڇڏي، سَردار اُن سارِي زَمين،
واسطي بانڪي بَهادُر، يا رَسُول الله رَسيج!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِيرا! مِيريءَ هيٺ تُنهنجي، مُلڪ ٿيو مَا زاغ جو،
دُور دُشمن ڪَر ڍِڪي، مُون نِت لَڙيي ٿو لاغ جو،
دوست! دارُونءَ سان دَفع ڪَر، دَرد دِل جي داغ جو،
موٽ بَرڪت ٿِي پَلي، جو گُل بِهشتي باغ جو،
واسطي عُثمان اَنور، يا رَسُول الله رَسيج!

رَس رَسُول الله رَسيلا! راهہ رَستو گُم ڪيَم،
حال حَيرت کان حَشر جي، هَول هَيبت کان پيَم،
تُون آهين وارِث وَسيلو، وَس وَراڪا ٻيا ويَم،
هِيءَ مُحابي مُرتضيٰ جي، مُصطفيٰ! مِنت چيَم،
واسطي هوشيار حَيدر، يا رَسُول الله رَسيج!

مَنجهہ هِنيِن هَردم رَهن، حَضرت حَسن، حَضرت حُسين،
ٿِي هَٿائي حاڪِمن، حِشمت حَسن، حِشمت حُسين،
هَٿ نہ هِيٺي تان کڻج، حُرمت حَسن، حُرمت حُسين،
تُون بَديون بَخشاءِ مُون، بَرڪت حَسن، بَرڪت حُسين،
واسطي شَبير، شَبر، يا رَسُول الله رَسيج!

عَرش، پُون، وِچ آسمان، اَلله ڪيو اَرباب تو،
هَر دو عالَم جي حُڪومت، هَٿ ڪَئي هَر باب تو،
چا پَلايون پال ڪوليان! اَي پَلا! دَر باب تو،
ميڙ آندم تو اڳيان، اَصحاب تو، اَحباب تو،
واسطي ڪُل آلِ اَطهر، يا رَسُول الله رَسيج!

عَرض ڪَر اَلله اڳيان، آلِ اَشرف واسطي،
رَحمدِل رَحمان کان، گُهر رَحم رَف رَف واسطي،
ڪَر مَديني لَڱ مَدد، مَڪي مُشرف واسطي،
ڪَر مِنٿ مالِڪ کي مُون لئي، مُحب! مُصحف واسطي،
واسطي مُصحف مُنوَر، يا رَسُول الله رَسيج!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پِيڙ پِتيين بار بيحد، پَئو اَٿم اِن بات جو،
پِنبڻيَن مان مُون پِرين! پاڻي وَهي پِرپات جو،
ووءِ واويلا ٿيا، ڏِينهن وَقت، ويلو رات جو،
ساهہ سَندَيَن ۾ سُڪو، سَونڪو اَٿم سَڪرات جو،
تُون اَچِي اُن وَقت آخر، يا رَسُول الله رَسيج!

مَرتبي پَهرين مِنو، مَحبُوب مارِيندو جَهان،
سال چاليهہ ساهہ ري، سُج ۾ سُمهارِيندو جَهان،
پوءِ ذَرا پُرزا مُئن، جوڙي جِيارِيندو جَهان،
ٿامڻي پُونءِ ۾ پَري، بارِي بيهارِيندو جَهان،
تِنهن مَٿي مَيدان مُقرر، يا رَسُول الله رَسيج!

سو سَفر ساٿي سَنپُوڙا، ساڻ تِن سَمر و ثَواب،
مُون نہ ساڳيو، نہ سَمجهيو، پڻ نہ سَريَس بَرصواب،
نِت ٿِمن ٿا نيڻ هاڻي، يا نَبي الله نَواب!
جِيءُ جَلي ڪامي، تہ چا جَبار کي ڏِيندس جَواب؟
تُون پَچاڙيءَ وَقت پَروَر! يا رَسُول الله رَسيج!

تِر نہ طاقت تَن اَندر، تان ڪو سَهان تَڪليف تاب،
ڪِي عَفو جو آسرو، ڪِي آهِہ اوسيئڙو عَتاب،
گُهر خُدا خالِق ڪَنان، سَودو خَطائيءَ لئي خِطاب،
ڏِينهن قَيامت ۾، ڪِراماً ڪاتبين ڏِيندا ڪِتاب،
دوست! کُلندي وَقت دَفتر، يا رَسُول الله رَسيج!

ڀاءَ بِرادر دوست ڏاريان، دَم جِنهين ٿِيَن ڏار ڏار،
يار اُو ياري نہ ڏِيندا، جِن چَوان اَج يار يار،
ڪِنهن ذَرو زوري نہ اُت، جِت زار رُوئندا زار زار،
اُن وَڏاندر واقِعي ڪان، مُون ڪَنبن ٿا وار وار،
تُون مَدد سان وَقت مَحشر، يا رَسُول الله رَسيج!

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

هَول اُٺيا آخرت جا، اِن ڪيَم اَندر عَليل،
ڏي دِلاسو دوست دِلبر! لاهِه دِل تان ڏُک دَليل،
خَط پَڙهي ڏي خاطري، مُون ۾ خَلل، تُون پڻ خَليل،
ڪِن مِلي جَنت جَڏهن، ڪي نِئي جَهنم ڏي جَليل،
وِک وِجهي اُن وَقت واهر، يا رَسُول الله رَسيج!

مُون لِکيو تو ڏانهن خَط، مَحبُوب مُنهنجا مِهربان!
مَغفرت مُون لاءِ مَگ، مَرغُوب مُنهنجا مِهربان!
ڪار مَولي ڪان پِني، مَسبُوب مُنهنجا مِهربان!
پيش مالِڪ ڪِج مِيان! مَطلُوب مُنهنجا مِهربان!
هِيءُ سُٽي مُون حال هيڪر، يا رَسُول الله رَسيج!

ڪِج اَحد اَلله ڪي، 'احمد' جي پاران آزِيون،
تان لهن بَديون بَدن تان، بُغض نِڪرن بازِيون،
نِينهن جو ناتو لڳي، نِڪري وَڃن ناسازِيون،
پاڪ ڪَلمي سان ڪَري، پويون پَسهه پَروازِيون،
خَط خَتم ٿيو خُوب خوشتر، يا رَسُول الله رَسيج!
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مدح خلفاءِ راشدين

اَوَل پاڪ اَللهُ واجب وُجُود،
جو ڪَلتار ڪُل تي جَهاندار جُود،
ڪَريان حَمد هاديءَ جو وَر ڏِيو وُرُود،
مِني مِير مُرسل تي دائم دُرُود،
ڪَريو توڙ تَڪرار پَل پَل پَيام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

خَليفا سَندس خاص ساجن سَجن،
ڀَلارا ڀَلن ۾ سَچا مَنجهه سَچن،
چُمي بَرچشم چار چوڪا مَڃن،
مَٿيرن مَٿان ساهه صَدقي ڪَجن،
غُلامن سَندو ٿيَڻ گُهرجي غُلام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

صِدقدار سالار صادِق صِديق،
اَبو بَڪر اَڪبر عَطائي عَتيق،
سَندو پاڪ سَردار سُهرو شَفيق،
گوهر غار جو يار راسِخ رَفيق،
نَبيءَ بَعد نَواب اَڪمل اِمام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عُمر جام عَلامِ عالمَ اُجار،
اَجهو دِين اَبرار عادِل اَپار،
مَجي اَمر شَرعي مِني مُختيار،
ڪُنئين پُٽ پَنهنجو ڪَڍيائين نه پار،
فِڪر ساڻ فُرقان نُوري نِظام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

اَپر شان، عُثمان عاقِل عَفان،
ذُوالنُورَين زاهِد ضَعيفن ضَمان،
ڪَرامت ڪَري جَمع ڪَئين قُرآن،
سَخا ۽ صَبر ۾ نِشانبر نِشان،
ڪَجي وَصف وَر ذِڪر سَندس صُبح شام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

ڪيهر شِينهن ڪَرار حَيدر عَلي،
مِنو مُرتضيٰ مُحترم مُنجلي،
وَجيو جنهن وَليءَ ڪان وَنن وَٽ وَلي،
اِمامن جِي 'احمد!' ڀَلائي ڀَلي،
شَهادت جو شاهن پيتو جوپ جام،
سَدا پَڙهه صَحابن تي سَهسين سَلام.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

منقبت صحابه ڪرام

جن پَلن جِي بات، بِسمِ اللهِ الرَحمانِ الرَحيم،
پڻ سَندن اوطاق، اِهدِنا الصِراطَ المُستقيم،
قُل هُوَ الله اَحد، هو قُوت قَلبي تِن قَديم،
وَ هُوَ مَعكُم اَينَ مَا كُنتُم، قُرب بَخشيَن تِنهن ڪَريم،
يَذڪُرُونَ الله زاهِد، زُود ذاڪِر ٿو چَوان.

ڏِينهن هِڪڙي مِهت ڏي، ماٺو مُڪو مَل مِير جام،
مَنع مَولا ٿو ڪَري، پڻ مَلڪ ۽ مومن مُدام،
ڪِيئن سَچي صِديق هُوندي، ٿِئي صَحابي بيو اِمام؟
پوءِ ڪَئي اَڪبر اِمامت، تِنهن پُنيان بينا تَمام،
پَنج وَقت پاڙهِي پِريَن جِيئَري، اِنهيءَ پَر ٿو چَوان.

آبرُو اَعليٰ اَپر، عادِل عُمر آڏار جو،
فِڪر مُصحف جي مُوافق، مُلڪ جي مُختار جو،
دِين دَونڪيو، بيو دُنيا تي، دَبدبو دِلدار جو،
ڪارٽي پائي ڪَرايون، ڪَنڌ پَڳو ڪُفار جو،
ٿي ڪَنبيا تِنهن ڪِهر پَر، ڪِسرا ۽ قَيصر ٿو چَوان.

عِلم شاهه عُثمان ڪي، اُونهون ڏِنون آگي عَليم،
جِنهن سَندو سَردار سُهرو، سِر سَخا، سائِين، سَليم،
حَرف مُصحف جو نه هِڪ، ڦِريو هَٿان حاذِق حَليم،
جاءِ جُڙيَس جَناتُ عَدن ذالِڪَ الفَوزُ العَظيم،
سو سَخي سالِم صَفا، سالار صابِر ٿو چَوان.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شاهہ عالَم جو عَليؑ، عالِم وَڏو، عالي تَبار،
سَوٽ نُوراني نَبيءَ جو، پڻ نِياڻو نامدار،
دِين جو دانا وَڏو، دِلدار دُلدل جو سَوار،
لقب اَسدُ الله اُن جو، هَٿ ۾ حَيدر ذُوالفقار،
تِنهن لنگهي ڪاهُو ڪَٿيو، پوءِ خُوب خَيبر ٿو چوان.

چار سَهڙيا ٿي سِپاهي، پيش سَيد سَڀ ڄَمار،
ٿيا خودي ڪائي خُدا سين، هُونِ خِلوت جو خُمار،
تِن ڀلارن جِي ڀَلائي، آهِہ بي حَد بي شُمار،
جو مَجي مُلحد نہ تِن ڪي، موچڙو مَضبُوط مار،
لَعنتون ليڙپ تي لائق، لَک لَڳوتر ٿو چوان.

آهِہ اَڪبر ڏي اِشارو، اِذ هُمَا فِي الغَار جو،
رَب سَچي صِديق ڪي، صاحِب ڇَيو سَردار جو،
فَضل وَڏ فُرقان ۾، فارُوق فائق يار جو،
عِلم ۾ اَعليٰ قَدر، عُثمان عِزتدار جو،
سُورهيائي شِينهن مَٽ، سَرتاج صَفدر ٿو چوان.

مَنجهہ اُحد، نالي اَحد جي، شاهہ حَمزو ٿيو شَهيد،
سَيدُ الشُهداءِ سَڏيَس، سَردار عالَم جي سَعيد،
آبرُو عَباس جو، اَعليٰ اڳيان هادي حَميد،
تِن وَڻايا دِين ڪي، دُنيا اَندر دِيدار دِيد،
تِن ڪي عارِف اَولياءَ، اَبرار اَنوَر ٿو چوان.

هاشمي جِن جي هِنيين جو، هار آهِہ حَضرت حَسن،
پڻ ڀلو حَضرت حُسين، ٻَئي هَنج حُورن جي هَسن،
راتڙيون، ڏِينهن، پهر، ساعت، ماهہ، صَديون، سال سَن،
رَحمتون رَحمان جُون، شل! روز راڻن تي رَسن،
ٻَئي جِگر زَهرا سَچيءَ جا، جان جوهر ٿو چوان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عِلم ڪِيو عالَمَ اَندر، اِظهار بِي بِي عائشہ
حَق حَديث ۾ هُئي، هوشيار بِي بِي عائشہ
مَهند مَحبت ۾ مِني، مُختار بِي بِي عائشہ
ڪِينَ مُنڪر جو مَجي، مَهندار بِي بِي عائشہ
سو مُنافق، مَٿ گُهرو، مُنهن ڪار، مُنڪر ٿو چوان.

وَهر ڪَر واحِد سَچا! واڳُون عَرب ڏي وارجينم،
جَڳ سَندي جِنسار جي، جِيئري زِيارت ڪارجينم،
مِهرباني ءَ ساڻ مَولا! مَنجهه مَديني مارجينم،
اُمتي عَربي نَبي، آخر ڪَري اُٿارجينم،
پڻ سَري پينار ڪي، پاڙو پيغمبر ٿو چوان.

آهہِ 'احمد' جو تہ اَج، اِيءُ عَرض توکي اَي عَلام!
نِت غَني غَفار تُون ئي، لاهِہ گولَن غَم غُلام،
هاڻ ڪِيرت ٿو ڪَهان، قادِر! قَبولج هِيءُ ڪَلام،
دَم پُڄي شل! دِين تي، داخِل ٿيان دارُالسَلام،
پاڪ ڪَلمي سان پِيان، پُر جام ڪوثر ٿو چوان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مناجاتون

ڏيهه جو ڏاتار تون

دانهن تو دَر، تون ڏَٽي، دَرگاههِ تُون، دَربار تُون،
تُون سَدا، تُنهنجي سَدائِين صاحِبي، سَرڪار تُون،
تُون هُئين، آهين ٻه، هُوندين، هُوند جو حَقدار تُون،
تُون اَوَل، آخر ٻه تُون، اِسرار تُون، اِظهار تُون،
جوڙ ۾ جوڙو نه تُنهنجو، جوڙ جوڙڻهار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

تُون هُئين، آهين ٻه، هُوندين، اوجهه پيا ڇا ۾ اُجهي؟
ساهه، واءُ، وِڄ، گوڙ، گرمي، ڳالهه ڪِيئن ڳوڙهن ڳُجهي؟
سي مِڙئي مَچيا وَڃن، تُنهنجي مَچڻ ۾ پيا مُنجهي،
صُبح ناهي سج سَوا، اِيءَ ثابتي سَيڪنهن سُجهي،
تُون نِشانِيَن سان نِشانبر، نُور تُون، نِروار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

تُون هُئين، آهين ٻه، هُوندين، ٻيو سَڄو عالَم عَدم،
تُون خُدا، تُنهنجي خُدائي، ڪَن خودي ڇا تي خَدم؟
ڇا ڪُڏن ڪلنڪين قِلعن تي، مَنجهه قَبر جِن جا قَدم؟
دِل وَڃي دَهشت کان دَهليو، جي ڇِنين تُون دُور دَم،
تُون نه ڳارين، ڪير ڳاري؟ هَر گهڙي گَڏ ڳار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُون خُدا، تُنهنجي خُدائي، ٻيون خُديون خالي خُمار،
لاڏلا لاڙي چڙِين، چاڙهي چڙِين ڇُهڙا ڇمار،
ڏِينهن راتيون ڏوهه ۾، جاٽي وِڃائي مُون ڇمار،
سِر بَندي بَديَن تي بَديون، بَخش بَديون بي شُمار،
تُون نه بَخشين، ڪير بَخشي؟ بَخش بَخشڻهار! تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

سَتَ سَترَ ڪان اڳ نه مُنهنجي، ڪِنهن ڪي ڪَر مَنجهه ڪاروان،
ڪِينَ مان تو ڪِيئَن بَنايو، پوءِ نُطفو ناتَوان!
پوءِ ڳُجهو ڳَپ، پوءِ ڳِيڙُو ڳِرَٽ، پوءِ ڳُوڙهو جَوان،
قُوت، قُوَت ڏِنئي ڪَيَس، تو پاڻ پالي پَهلوان،
تُون نه پالين، ڪير پالي؟ پال پالڻهار! تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

آفرينون تو کي آهِن، ڪِيئَن اُپايو تو اُپِن!
ڪِيئَن بيهاريئي خال خاليءَ ۾ بِنان ٿُوٽي ٿَنِين!
خال خالي جِنهن چوَن، خالِق! نه هُو لامون لَپِن،
لَک لِقائون لوڪ جِنهن ۾، ڪير ساريندو سَپِن؟
بيا سَنڀالي چا سَگهن؟ سَڀ جو سَنڀاليندار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

تُون سَنڀالين تِن سَڀِن کي، آئون ٻه ٻانهون تو سَندو،
جهڙو تِهڙو آهِيان، ته ٻه تو سَندو گولو گَندو،
تو تي بارِي! بار ڪِهڙو؟ لَک بَندن مان هِڪ بَندو،
تُنهنجي ٻانهي ساڻ ٻاجُهون، ڪير ٻيو قادِر! ڪَندو؟
پاڻ پَنهنجا تُون نه پارين، ڪير پاري؟ پار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامِ مُنهنجو شامِ سين مَس، صُبح تُنهنجو، شامِ تو،
سَتَ سَترَ گُذري پُنيان، رَهندو وَڃي رَب! نامِ تو،
جامِ جامان تو ڏِڪايا، جامِ پِيتمِ جامِ تو،
صُبح توٽي شامِ آئون، شامتن ڪان شامِ تو،
شامِ تُون جَهل، شامتُون پَل، شاهه شاهُوڪار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

پِيرِ، پَٽڙن جا پُڄاري، وير وَحدت تان رَکن،
مُدعي، مُنڪرِ، مَداري، وير وَحدت تان رَکن،
شِڪمِ شَهوَت جا شِڪاري، وير وَحدت تان رَکن،
مُفت مُون سان ڪي مَڪاري، وير وَحدت تان رَکن،
تُون نه مارين، ڪير ماري؟ مارِيَن ڪي مار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

مُنهنجو ٻاجهارو ڌَڻي تُون، آئون ٻانهو تو سَندو،
عُمر سارِي آسري ۾، آستانو تو سَندو،
آبرُو توڪان عَطا ٿيو، آب دانو تو سَندو،
ڪِنهن کُٽل ڏِيندي نه کُٽندو، ڪو خَزانو تو سَندو،
لاڳ گهرندي پيا لِڪن، لايو اَچين لَلڪار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

تو ڌَڻي دانا! ڏِنون مُون، آب داڻو، دِين دان،
خاڪ مان خاقان چايان، خان چايان خاندان،
تو نَوازي ڪِيو نِذر، نادان ڪي نادِر نِڌان،
ٻاجهه سَڀ تُنهنجي ٻُڄهان، ٻيا ڪير تان ٻانهُون ٻڌانِ؟
جِن، مَلڪ ڪُل مِلڪ تُنهنجي، مُلڪ جو مُختار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هيڪ تُون حاڪِم هَميشه، هِڪ ٻه ڏِينهن حاڪِم هِشام،
هيڪ ٻِئي پُنيان هَزارين، شاهه ٿيا مَنجهه رُوم، شام،
سَبق مُون سُبحانَڪَ اللّٰهُم وَبحَمدِڪَ صُبح شام،
شام جِن جو شام هِڪ، ڪي شُوم پَوندا تِن جي شام،
آئون تابِعدار تُنهنجو، مُنهنجو تَلهيدار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

آسري تُنهنجي ٿو اَڏيان، توڪي سَڏيان، سَڏ سُڻيج،
توڙ تائين تو نه ڇَڏيان، توڪي سَڏيان، سَڏ سُڻيج،
غَير گَند تو سان نه گَڏيان، توڪي سَڏيان، سَڏ سُڻيج،
لَڏ جِتي لاهيان ڪِ لَڏيان، توڪي سَڏيان، سَڏ سُڻيج،
تُون نه سُڻندين، ڪير سُڻندو؟ سَڏ سُڻج سَتار! تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

ڪِينَ مان تو ڪَئِين ڪَيا، قُربان قُدرت تان ٿِيان!
ڪِنهن اُپايو، ڪِنهن نِپايو، تُنهنجو نالو ٿو نِيان،
ڏيهه جو ڏاتار تُون، جيڪو پُڇي تِنهن ڏَس ڏِيان،
قَهر تُنهنجي پَر ڪَنبان ٿو، مِهر تي مُرڪان مِيان!
تُون نه لاهين، ڪير لاهي؟ لاهِه سَپ لاچار تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

قَهر تُنهنجي پَر ڪَنبان ٿو، قَبر ڪارُونپار ڪُن،
مُون گَنو مُونون تو مَهندان، مُون گَني مَهندانءِ مُن،
پَنهنجي بَندي جي بَدن مان، ڪَدِ بَديَن جِي بيخ بُن،
تَن سَجو تُنڪن سان تُن تُن، ۽ نه تَنها هِڪ ٻه تُن،
مِهر جو مَرهم ڏِيِن، مَرهينم مَرهمطار! تُون.
تُون نه ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهه جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏِسِن جو جيڏانهن ڏسان ٿو، باغ، بازاريون، بهار،
اُپ مَٿان اُپ، پُونءِ پِران پُون، گُوٿ گِٽان ئي بِهار،
ڪُلَ يومٍ هُوَ فِي شَانٍ، اِهو بَس اِشتهار،
نِت نِرالا نَقش چِٽِين، نِت نِهاريان، ڪُجهه نِهار،
تُون نہ ڪندين، ڪير ڪندو؟ ڪَر سَندم ڪم ڪار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

رات ۾ روشن سِتارا، ڪَر قِنديلن جي قطار،
چَنڊ چقمق تي چَلي، تارا مِڙئي مَنجهہ هيڪ تار،
بُرج بارهن بُرج ۾، بارين ٻَٽيون ٻَٽِين ٻَتار!
سارِيان، ساراهِيان، سُبحان سَگهہ تُنهنجي سَتار!
ساهہ پڻ تُون ساهہ ڏِيندڙ، ساهہ جو سِينگار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

لَک ڏِيئن سان، ڏيهہ نہ سارو، رات ڦيرڻ ۾ ڦَبي،
تُون سَجڻ! هِڪ سِج ڪَڍين، ساهو سَجي ٿَهڙو ڪَبي،
ڏُونهن ڏيهان ڏيهہ ڪَن، تہ بہ رات ڪارِي ڪم نہ ٻي،
جِيئن گُهرين تُون، تِيئن ٿِئي، مَر ڪو چِڙي، پيو چَپ چَبي،
حُڪم تُنهنجو، تُنهنجي حِڪمت، حَڪم تُون، هوشيار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

تُون سَچو سائين، وَٽِي تِنهن کي سُجون، سائو ڪَرين،
ڪي پُڇڻ جهڙا پُريندي، ڪِن کي پَچ ڏائو ڪَرين،
ڪِن کي لَڙ لائين تہ ڪِن لئي، لُڙ اَندر لائو ڪَرين،
ڏِک وِهارين، ڏُک بہ ٽارين، ڏُور ڏولائو ڪَرين،
وَس ٻِيَن جي وار ناهي، وَس مَٿم هَر وار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

تو سَوا ڏاتار ٻيا، ڏاتار! تُنهنجي ذات تي،
لات تُنهنجي لُطف جِي، نِت لَت لڳايم لات تي،
ناهِہ زاريءَ ري ذَرو، ڪو زور تُنهنجي ذات تي،
ڪَم ڪَميني جا ڪِنان، ڪَر تُون ڪَرم ڪَمذات تي،
تُون نہ ڪَندين، ڪير ڪَندو؟ ڪَر ڪَرم ڪَلتار! تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

ذِڪر ذاتي ذَوق وارو، فِڪر فَيض اَندوز ڏي،
شُڪر وارو ساز سائيم! صَبر وارو سوز ڏي،
دَر لَنگهي آيو لَنگهو، تِنهن لَعل ڏي، فيروز ڏي،
تُنهنجي روزيءَ ڏار روزو، روز نئُون نئُون روز ڏي،
ڏِينهن سُکيو ڏِينهن ڪان، ڏُکيو نہ ڏِينهن ڏيکار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

سِر مَٿي سارنگ، مارڳ مِ مِرُون ڪَئِن ماڳ ماڳ،
ٻَر، ٻَلائون، پولڙا، چِيٽا، ٻَگهڙ ڪَن چاڳ چاڳ،
ڪِيئَن وران پاڻُون؟ اَچن آواز ٻيٺا آڳ آڳ،
دِل دَليلن مِ ڏُکي، دَوزخ ڪَري ٿو ڏاڳ ڏاڳ،
تُون نہ ٿاندو ٿارِين، ٻيو ڪير ٿاري؟ ٿار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

ڪُن مَنجهان 'ڪُن' سان ڪَڍي، تو ڪِي ٻَنايو ڪِين ڪي،
مُعتبر ماڻهو ٻَنائي، مُٺ مِٽي مِسڪين ڪي،
ڳائي چاتَم ڳُڻ نہ تُنهنجا، غَم اِهو غَمگين ڪي،
قَلب مِ قابُو رَکج، تُنهنجي طَلب تَلقين ڪي،
ٻَر وَڏو ۽ بار ٻَرسر، لاهِہ بارِي! بار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل دَليلن ۾، دِلو دَرياءَ ۾، دَهشت دُور دُور،
پار هِڪ ڪان پار ٻِئي، پَل پَل پَئي ٿو پُور پُور،
ڪِنهن بہ سَختي سِير جا، سامهان سَراسر سُور سُور،
هَر مَهل مِهراڻ جُون، مَوجُون مُنجهائن مُور مُور،
تُون نہ تارين، ڪير تاري؟ تار تِڪ مان تار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

يار يا رَب! هيڪ تُون، ٻيا سَڀ زَباني يار يار،
بار بارِي! ٻيا نہ ڪٽندا، آزمايم بار بار،
دوست ڇا؟ هَٿ، پير، سِر، ذَرّ ذُوڙ ۾ سَڀ ڏار ڏار،
قَبر ڪارُونڀار پَر، مُنهنجو ڪَنبي ٿو وار وار،
تُون نہ سارين، ڪير ساري؟ سِير ۾ لهہ سار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

صُبح سانجهي سَبق مُون، سُبحانَ رَبيَ العَظيم،
ڇا ڳَڻهان تُنهنجون ڪِروڙين قُدرتون قائم قَديم!
عَرض 'احمد' جو تہ آگا! اِهدِنا الصِراطَ المُستقيم،
جِيءُ سُکيو، جيسين جِيارين، پوءِ ڳَلمي سان ڪَريم!
ڳَڏِ قَبر مُنهنجي مَنجهان، ڪا هِير جِي هُٻڪار تُون.
تُون نہ ڏِيندين، ڪير ڏِيندو؟ ڏيهہ جو ڏاتار تُون.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منھنجو اجھو تون

سُبحانڪ، سُبحانڪ، سُبحانڪ سائين!
سيوا تو سَوا ٻئي جِي، سُونهي ڪِينَ سَدائين،
ٻئي ڪان نہ مِلي مُور، مَدد مَحشر تائين،
دانهي ڪو ٻلي وَقت ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَڻي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اَللہ اَحد، عَز عَليٰ، جَل جَلالا،
مَحفُوظ رَکج مُون کي، مَديءَ کان بہ مَلالا،
خوراڪ ۽ پوشاڪ، مِلي رِزق حَلالا،
ڪِج دُور مَرض، قَرض، مَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَڻي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اَللہ تَعاليٰ! تُون تَونگر، تُون تَوانا،
قُرآن ۾ ڪَلمي جي، مِلي ماهيَت مَعنيٰ،
داور کان ذَڻيءَ ذار، دِگر ناهِ ڪو دانا،
ڪِهڙا بہ ٻَلين هُونِ ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَڻي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رَحمان، سَندم رَب، نَبي ڪير؟ مُحمد،
ويرين سين ڪري وَڙ، نہ وَني وير مُحمد،
مُوڙهن بہ لڌي واٽ، وَني پير مُحمد،
تنهن سَبق ڏنم صَلِ عَليٰ، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

مَذڪُور مِٺا! تُنهنجو مِڙئي مُلڪ مَلڪ ۾،
فرمان فَرشتن تي، هَلي فَرش فَلڪ ۾،
’ڪُن‘ سان تو ڪيا ڪِينَ مان، ڪونَين پَلڪ ۾،
جِن، اِنس، پَکي، روجهہ، پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

پاڻي تُون ڏِيين پَرور! تُون پوک پَچائين،
ميوَن کي مِٺا مالِڪ! ڏيئي رَنگ رَچائين،
مِهراڻ وَهن موڪ، مَندل مِينهن مَچائين،
تَڙ تار، تَرايون بہ تَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

سُلطان گهُرن شان، سَڌر، سيٺ تُنهين کان،
ماڻهون، ڪِ مَلڪ، جِن، مِڙئي هيٺ تُنهين کان،
ڪم ڪار چِٽي قادِر! ڪُل نيٺ تُنهين کان،
پُڇي نہ غَرض غَير مُلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ ناهِه سِڏارت، سِڪندر نہ سُليمان،
جِن پيش مَگَڻهار وِيا ٿي، تہ مِلي مان!
مَقصُود سَدا تو کان ٿِيَن، تو کان مِلي مان،
ٻِئي جُون نہ سَخائون، نہ صَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

تو ري نہ واهر واهِہ، نہ وارِث، نہ وَسيلو،
حُجت نہ حِمايت ۽ هَمراهِہ نہ حِيلو،
مَنجهہ قَبر اَچي ڪَمِہ، نہ قَرابت، نہ قَبيلو،
ڪِنهن کان نہ ٿِيَن وَر نہ وَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اُپ، پُونءِ تي اَمر تُنهنجو، نمن آب، هَوا تو،
سَنسار سَنڀالي نہ سَگهي، ڪير سَوا تو،
هِيءُ راڄ رَکڻ، رِزق ڏيَڻ، رَب! رَوا تو،
پوءِ ڪوهہ گَڏيان غَير گَلا؟ مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

مَخلُوق مَسيحا تہ، مُحمد بہ بَندو تو،
مَنجهہ مِلڪ، مَلڪ، فَلڪ، مِڙئي مُلڪ سَندو تو،
جو ڪِيَنَ مَجي قُدرت، سو ڪوهہ ڪَندو تو؟
تو پيش جَٽيندس نہ جَهلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فِرعَون ڪَيا فَخر، فَنا زُود ويو ٿِي،
نمرُود ڪَيا ناز، نه نابُود ويو ٿِي،
مُردار مَچيو ڪِين، نه مَردُود ويو ٿِي،
ڪَم جا نه ٿيَن ڪوٽ، قِلعا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

پالين، تُون سَنڀالين، تو پُڄاڻان نه ٻيو ڪو،
سائين تُون سَپِن هيڪ، سُڃاڻان نه ٻيو ڪو،
ڪُل ڪَم تُون ڪَرين قادِر! ڄاڻان نه ٻيو ڪو،
اَي رَبِ سَماواتِ عُليٰ! مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اَللهُ تُون عالَم جو پَلا، هِي ٻه ٻَندو تو،
سائل، ڪِ سَلامي، ڪِ سِپاهي ٻه سَندو تو،
گولو، ڪِ گداگر، ڪِ گُناهي ٻه گندو تو،
تو ساڻ اَٿم چاڳ چَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

مُرسل ڪِ مَلائڪ، تُون مَددگار سَپِن جو،
اِنسان ڪِ حَيوان، تُون آڌار سَپِن جو،
خاقان توڻي خان، تُون ڏاتار سَپِن جو،
آڌار اَڙيَن اَهل و اَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تو ذاتهن وَرڻ واتَ، وَهي آهہِ اِهائي،
سَروَر جي سُنت پاڪ، صَحي آهہِ اِهائي،
ڏِينهن رات مُون کي رُوح، رَهي آهہِ اِهائي،
ناهہِ ڪو بِلو بَخش پَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

وِڏواند چوَن مُون کي، وَهابي ڙي وَهابي،
مَنجهہ خَلق پَکيڙي تو، خَرابي ڙي خَرابي،
اِن کان تہ چَڱون شُوم، شَرابي ڙي شَرابي،
مَرڪن نہ ڪِلاخور ڳلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ڇا خاص خُدا هيڪ چُوَڻ، اِيءَ ڪِ خَرابي؟
باريءَ جو بَندو نيڪ هُوَڻ، اِيءَ ڪِ خَرابي؟
ٻِئي پيش اُنهيءَ ري نہ پُوَڻ، اِيءَ ڪِ خَرابي؟
داقِنِ پَلي دُزد دَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اَللہ سين اَغيار ڳَڏڻ، اِي ڪِ حَقائق؟
ڏارِيَن کي ڏَٽيءَ ڏار سَڏڻ، اِي ڪِ حَقائق؟
خود سُنتِ سَردار ڇَڏڻ، اِي ڪِ حَقائق؟
اِن ڏَرم مَٿي ڏُوڙ ڏَلها، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پُٽ، ڪِير پِنڻ پِير ڪَنان، ڏِين اِهو چُون،
پُٽ، ڪِير مُئل پِير ڏِنان، ڏِين اِهو چُون،
سَپ قَرض، مَرض مِير چِنان، ڏِين اِهو چُون،
اِيءَ جَنگ ٻَڌن جَهنگ ٻِلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اَخلاق نهن ڪونه، جَجهي جهور جُبن تي،
فَتوا سين فَنا ڏِين، جي ٿِئي ڪُفر قُبن تي،
جِت راڄ رَنن رول، بيهي پِيڙ ٻُبن تي،
چِيچاٽ جُتِيَن، چِيچ چَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

مُردي ڪي ٻَلا مُردو، اُٿاري سو ڏيڪارِين،
سِڄ چَندٻ اَمر ساڻ، اُپاري سو ڏيڪارِين،
مَنجهہ پيٽ سَنهان طِفل، سَنپاري سو ڏيڪارِين،
چو ٿِين ٿِياڪر تي ٿَلا؟ مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ٻوڙا نہ ٻُڌن بانگ، چَڏي جوش جَلالت،
جِنهن ۾ نہ مِني مالِڪ جِي، مَذڪُور مَقالت،
اَللهُ جي آذار، مُحمد جِي رِسالت،
هَر وَقت ٿِئي حَيَ عَليٰ، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ٻَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَللہ سين اَور جا، اِقرار پَلين ڪَن،
ٻانهن جي ٻَهُون ٻانهپ، ٻَڪرار پَلين ڪَن،
تَوحيد مَثان تڙتِيل، تَڪرار پَلين ڪَن،
ڦاڙين گُنهگار گلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ڪِن جُون نہ پَٽر پاس، پُڪارن تي پُڪارُون،
ڪِن جُون نہ قَبر پاس، قَطارن تي قَطارُون،
چَئي، هِي نہ لهن روز، سَنيارن تي سَنيارُون،
اِيءَ لوڪ چَلامان چَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

پُهچي جو پَٽر ڪان، ڪِ اَدا! اَهلِ قَبر ڪان،
ٿيندو ڪِ پَلا سو نہ، خُدا زور زَبر ڪان؟
اَحوال لِڪل ناهِہ اِهو، اَهلِ خَبر ڪان،
اَللہ مَٽيُئون ڪوهہ اَلا؟ مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

آيت نہ رِوايت مِہ، اِهو آهِہ اَمر ڪو،
پُوڇيو نہ پَٽر خواهہ قَبر، شَمس، قَمر ڪو،
ناهيا سي سُڃن سانگ، سَري مانَ! سَمر ڪو،
ڪَلمي جِي لِڱن قَلب نہ لا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪوڙهيا سي ٻڌن ڪُوڙ نلها، ڪوءِ ڪرين ڪوءِ!
مَهندار مَگر مُنهنجو، مُحمد مَدني هوءِ،
ڪِنهن کي نہ ڏٺيءَ ڏار سَڏيو، سوئي ڇَپيو ڇوءِ،
رَد ٻيا تہ سَڀئي رَند رَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

آدم نہ عَرض حال، اَڳيان غير گُذاريو،
يُونس نہ مَڇي پيٽ ۾، ڪِنهن پير پُڪاريو،
يُوسف ٿي اَندر کُوهہ، خُدا خاص سَنڀاريو،
سَڀڪنهن ٿي پڙهيا عَرض اَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ڏاتار مَٿي آهي، هِتي هيٺ ڪُجهاڙو؟
ٻئي جِنهن کي پُڪارين، اُهو پَنهنجو ئي پاڙو،
ماڻهن کي اَدا! آهي لڳو مُفت مُونجهاڙو،
ٻُولين ٻُنهير ڳوت ڳلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

وَهہ واهہ! جَڏهن آهہ سو وَهاب تو نالو،
تان ناهِہ وَهابيءَ ۾، مُون کي عَيب اوپالو،
مَردُود مُخالف کي، لڳو مغز ۾ پالو،
پيا خَصم خُدا جي کي ڪَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَهاب ڏٺي نام، وَهابي ۾ اُنهيءَ جو،
مَذڪُور مِڙئي نُور، اِنهيءَ قَول ڪُنهيءَ جو،
غفار! تو تي بار، گرفتار گُنهيءَ جو،
ٿيا ڏوهه مَٿم ٿوهه ٿَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ماڻهون نہ مَدد ڪَن، نہ مَلڪ، ديوَ، نہ ماتا،
لوڪان نہ مِلن لاڳ، نہ لاتا، نہ مَناتا،
داڻهون تُون ٻُڌين هيڪ، ڏٺي، داور و داتا!
اِنعام سَندا عام صِلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

تو ساڻ تَواضُع جو، سَين آهِہ تَعلق،
مَرهين نہ ٿِڙن مُنهن مِڙن، مِهر سين مُطلق،
جي ڪَرم ڪمائيءَ تي ڪَرين، تان نہ ڪِنهين حَق،
ري ڀال ڀَليرا نہ ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

تِن ڪان نہ مِلي ڏاج، ڀَلا ڏاج ڀنن جي،
تِن ڪان نہ ٿِئي حاج، ڀَلا حاج ڀنن جي،
تِن ڪان نہ گُهران ٻاجهہ، ڀَلا ٻاجهہ ڀنن جي،
پَر وَس نہ پِريَم! ٻائي ڦُلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏٺي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِيءَ خَلق تہ سَڀ خالِق جِي، مَخلُوق سَندو ڇا؟
مُحتاج جِي مُحتاج، ڀلا حاج ڳندو ڇا؟
اَللہ جو ڪم ڪار، سَنڀاليندو ٻَندو ڇا؟
جِنهن جا تہ قَبر پاس ڪِلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

تو ري تہ هَمہ بيا، نہ هُئا اَگ ٻہ، نہ هُوندا،
خاقان توڙي خان، وَڃي خاڪ ۾ پُوندا،
سُڃ ۾ ڪي سُتا سال رَهن، حال ڇا چُوندا؟
ڪِن جا ڪي رَهن نام ٿلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

تُون پاڪ ذَٽي، جِنهن جو ڪِٿان پوٽ نہ ڪوئِي،
قادِر! تُون ڪَرين ڪم، جِنهن کان فوت نہ ڪوئِي،
جيئرو تُون سَدا، جِنهن جي مَٿي موت نہ ڪوئِي،
ٻِئي ڪِنهن کي ڏِيان دانهن دِلا؟ مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

اِسلام جي اِنعام عَطا، ڪِن تي ٿِئي ٿِي،
سي ٻيا نہ ٻُجهن، ٻاجهہ خُدا جِن تي ٿِئي ٿِي،
جي غَرض گهُرن غَير مُلا، تِن تي ٿِئي ٿِي،
هَر پار هَڪل، حَيف، هَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو ڀلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ذَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تُون ڏيھ جو ڏاتار، مَگھار قِسم مُون،
پَرورَ! تو وِڏو پيش، تُنھنجو پاڪ اِسم مُون،
جَھنم جي ٻُڌيو ڳالھ، جَلي جان جِسم مُون،
لاھينم مَٿان جان جَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
ڪو ڪِنھن جو ۽ ڪو ڪِنھن جو پَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنھنجو اَجھو تُون.

مُون ڪي نہ ھُنر ھَٿ، نہ وَري ھاج ٽِڻي ڪا،
ٻانھي تي ڏَٽي! ٻاجھ سَنداءِ ٻاجھ ٽِڻي ڪا،
تَوفيق طَلب تُنھنجي، سَندي تاج ٽِڻي ڪا،
مُون ۾ نہ ڪمائي نہ ڪلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
ڪو ڪِنھن جو ۽ ڪو ڪِنھن جو پَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنھنجو اَجھو تُون.

غَفار، غَني! غَير جي، ڏِج مُون نہ گھڙي ڪاڻ،
لَھرِيَن مان لَنگھائيج، لُطف ساڻ لَڙي پاڻ،
ٻانھي جي ٻَني ٻاجھ سين، ٻُوڙي تي چڙھي ھاڻ،
سي ڪار سَندم سار سَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
ڪو ڪِنھن جو ۽ ڪو ڪِنھن جو پَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنھنجو اَجھو تُون.

تُون ڪَرم ڏَٽي، ڪِنھن جو ڪَڙو پوءِ نُڪايان،
سائِين تو سَوا ناھِ، سَوَن سِر نہ جُھڪايان،
سِر، مال ڏِنم تو ڪي، مَگر مُلھ نہ چُڪايان،
بيڪار ٻَنديءَ باب ٻِلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
ڪو ڪِنھن جو ۽ ڪو ڪِنھن جو پَلاءِ مُنھنجو اَجھو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنھنجو اَجھو تُون.

قَيوم! ڪَميني تي ٿِئي، ڪَرم ڪَرامت،
سُبحان! ڏِئي سوپ، سَفر ڪار سَلامت،
سِر مُنهنجي گُذِري مَوت، قَبر، روز قَيامت،
ٿيندا بہ جِتي ڏِينگ ڏِلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

سِيٽاهہ ڪٽي سِير ۾، سَنبريا جي سَويري،
اَسباب جَهلياڻون ڪي پيا، تُنهنجي اَجهي ري،
گهاتُو سي هَنيا گهور ۾، گِرداب جي گهيري،
دَهشت سين پَکِن دَور ڏِلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

ڪَلتار تُون، ڏاتار تُون، آڌار تُون اَللهُ!
تو ري نہ اَجهو ’احمد‘ نہ اولو، نہ اَمن گاهہ،
ڪوتينم جَڏهن قادِر! ڪَلمي سين ڪَڍج ساهہ،
مُون نال ٿِئي پال پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
ڪو ڪِنهن جو ۽ ڪو ڪِنهن جو پَلا، مُنهنجو اَجهو تُون.
جَبار، ڏَٽي جَل وَ عَلا! مُنهنجو اَجهو تُون.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مون مٺيءَ جي مٽ مٺي

يا اِلاهي! عالمَن تي، عام اِنعامون اَٿي،
آئون بہ سائلڙو سَدا، طامِع سَندو تُنهنجي سَٿي،
مُون ڪَري مان ٻاجھہ جي، خالِق! مَ ڇَڏ خالي ڪَٿي،
صُبح سانجهي سَڏ ڪَريان، ساعت بَساعت سِج لَٿي،
مِهر ڪَر مالِڪ سُونهارا! مُون مِٺيءَ جِي مُٺ مَٺي.

ڪَرم سان ڪيڏو قَدر ڏِئي، پوءِ نہ قادِر! ڪيرِيِنم،
حُسن بَرحق سين هِنيون، هادي! هَميشہ هيرِيِنم،
بَخش محَبت پَنهنجي مالِڪ! مال ڪان مُنهن ڦيرِيِنم،
سَير بَخشي سِر سَمائن، ساهہ صاحِب! سيرِيِنم،
ڪَر تَماشا طُور وارا، مُون مِٺيءَ جِي مُٺ مَٺي.

مِهربانيءَ ساڻ مُشڪل، ميٽ مُون مُحتاج جو،
توڙ ڪان طالِب آهيان، تَحقيق واري تاج جو،
هَٿ ٻَڌي هادي! ڪَيو مُون، حال پَنهنجي حاج جو،
رَک نظر هَردم هَميشہ، ٻانهڙي تي ٻاجھہ جو،
ڪَر عِنايت جا اِشارا، مُون مِٺيءَ جِي مُٺ مَٺي.

بادشاهي تُنهنجي بَرحق، بادشاهہ مَنجھہ بَحر بَر،
جِن، مَلڪ سَڀ مِلڪ تُنهنجي، مُلڪ مالِڪ مُعتبر،
ڪَر ڪَرم ڪَلتار! مُون تي، ٿِيَس قابُو مَنجھہ قَبر،
سُور سانجهي ڪَئي مَٺم، سائِين! اُپارين سِج صَبر،
ڪَڍ سَندا تَوفيق تارا، مُون مِٺيءَ جِي مُٺ مَٺي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تو سَري سَيڪنهن سَوا، تو ري نہ سَيڪنهن ڪي سَري،
تو طَرف مُحتاج ماڻهون، جِن، مَلڪ، حُور و پَري،
تُنهنجي بَخشش ساڻ بيشڪ، ٿا تِڳن بَحري، بَري،
مُنهنجي داور! دانهن توسين، ڪِيمَ ڏِڪ دَر تان وَري،
ڪير ڏَرندو هَٿ تو ڏارا؟ مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

ڪا گَهڙي هُئي گُفتگُو، پَنهنجي اَندر روزِ اَلست،
تُون ٿِئين مَستُور موتي، آئون اِنهيءَ ساڻ مَست،
دير دُوريءَ ۾ وَڌي ٿِي، ٿو وَنين داور! نہ دَست،
اِن خَيالن يا خُدا! خاطِر سَندم ڪَئي آهِ خَست،
ويا بَري بارڻ ٻِپارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

ڪَرم تُنهنجا ڪيترا، قُربان قُدرت تان ٿِيان!
مَنجهہ عِنايت عامِ تُنهنجي، عُمر آگا! تو نِيان،
تو هَٿان پوشاڪ پايان، تو هَٿان پاڻي پِيان،
تو سَوا ٻِي خَلق جو، خالِق! نڪي کوهيان، ڪِيان،
مُفت نہ بہ هِي مُلڪ مارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

مُون لهي هِڪ دَم هِنيين تان، ڪِيَن هادي! تو حُضُور،
آهِ مَنجهہ اَرواح مُنهنجي، آهہ آڏي ۽ اَسُور،
لاهِ ڏَڙ تان ڏار ڏَڙ سِر، پَر دَران تُون ڪَر نہ دُور،
پاڻ مُون سان ڪَر مَدد، تان ڪو سَگهي ماري نہ مُور،
خواهہ وَرن ويري وِهارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

مَنجهہ جَبل جَبار! واهيان، جَر اڪيَن مان جال جال،
هَي! حُضُوران دُور پَئجي، ٿيم هِهڙا حال حال،
هَمدمي تو ساڻ هادي! هَردمي هوءِ شال شال!
تو سَوا سائِين! ٿيم، سَئُو سُور ڪِيندي سال سال،
ڪي وَصل جا وار وارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَنجهہ گَسن گُمراهہ ٿيو، گھاٽيون ڪِيان گوهيون گھُٽُون،
پَهڻ ۾ ناهِہ پَتو، تو ساڻ ڪِيئن پَرندم پَٽُون؟
سال سارا ويا لنگھي، صُحبت ڳنڍين سائيَم! نہ تُون،
مَوت جُون مُون کي لڳن ٺيون، هاڻ موچاريون مَٽُون،
ٿيا گھَنگھر تو ري گُذارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

نَفس، شَيطان، شَهوَتون، مُون ساڻ شامِل صُبح شام،
ٿيَم ناڪاريءَ سَبب، نُقصان مَنجهہ نامُوس نام،
عَرض سُڻ، اِحسان ڪَر، اَللهُ! عالَم جا عَلام،
ميٺ مَديون، نہ تہ ڪَندو ميوو نہ مُنهنجو وَڻ مُدام،
جي پيا هِن طرح پارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

پُهچ پَروَر! ڪَئس پَهڻ، پوت پُرزا پائمال،
تُون مِلين مالِڪ مِٺا! ٻيو مُون نہ گھُرجي مِلڪ مال،
ڪَڍ ڪَچائي قَلب مان، ڪُل قُرب ڏي قادِر! ڪَمال،
جِيءُ جُدائيءَ ۾ جَليَم، ڏيکار ڪو جَلوو جَمال،
لاءِ نُوراني نِظارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

مَنجهہ سُڪي ۾ سِير تو لئي، ساهہ صاحِب! ڏِئي سَٽون،
ڳَهلڙي جِي ڳالهہ ٻُڌ، جِنهن ڳَل ڳِچي ڳانا ڳَٽون،
پيڙ پِتيَن لاهِہ بارِي! جِت پِٽن جِي پَر پَٽون،
هِڪ لَتوڙيون لوڪ جُون، لاشي تي لاشڪ ٻيون لَٽون،
اُت ڪَپي پارت تو پارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

تُون سَڄي عالَم کي آگا! ٿو نِڀائين نِت مِيان!
ڏات مُون هِڪ تي نہ، تو ڏاتار ڏاڍي ڏِت مِيان!
هَٿ نہ هِيٺي تان ڪَڍج، هادي! هُتي ۽ هِت مِيان!
تو بِگر بِلڪُل نہ مُنهنجو، پَروسو ۽ پِت مِيان!
لُطف تُنهنجا لَک هَزارا، مُون مِٽيءَ جِي مُٺ مَٽي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دِل مَٿان داور ڏَٽي! ڪَر ڏُور دَرماندائيون،
وَڍِ وِڇوڙي ڪي وِچان، ڏي وَصل جُون واڌائيون،
تو اَڳيان اِظهار مُنهنجون، عاجزيون اَپرائيون،
اَي سَڃن ڏاڍن ۾ ڏاڍا! ڇَڏ ڏَمر ڏاڍائيون،
ڦَهر ڪِهڙو؟ ڪَهل وارا! مُون مِٺيءَ جي مُٺ مَٺي.

عَرض ’احمد‘ تو ڪَري، اَلله! اُهڪي لاهِہ مُون،
يا قُريشيءَ پار قادِر! ڪَڍ ڪَندي تان ڪاهِہ مُون،
روز وَٽ روضي رَسُول الله يا رَب! راهِہ مُون،
ڪوٽ ڪَلمون ڪَر قَبر ۾، ڪَم قُبن سان ناهِہ مُون،
ڇا ڪَندا ماڙيون مُنارا؟ مُون مِٺيءَ جي مُٺ مَٺي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آئون احمد ٻانهڙو

خَلق ڪي خالي لڳو آهي خودي خَفخانڙو،
خاڪ جو خاڪي، سَڏائي خان، ڪو خاقانڙو،
دَرحقيقت آهِ هِڪ، ٻيو هِيءُ هُونهين حَيرانڙو،
ناهِ سِج اَڳيان نَکٽ جو، نام ۽ نِيشانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

حَمد هادي! توکي هَردم، هَر هَميشه ڪُل حال،
مَٽ نه تُنهنجو ڪو مُدامي، پڻ مِٽي تو سان مَحال،
بادشاهي تُنهنجي باقي، بادشاهن تي بَجال،
خاڪ مُٽ خاقان تو وَٽ، خان گهٽ، گَهٽ خانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

آئون ٻانهون، ٻار ٻانِهي، تُون ڪَرين ٻانهي تي ٻاجهه،
رَک مِنا مالِڪ! مَعافِيءَ جو مَٿي مُحتاج تاج،
هَر دو عالَم جِي پُڄائين، هِت هُتي تُون پاڻ حاج،
پوءِ اَڳيان تُنهنجي عَطا، چا آهِ مُون اَرمانڙو؟
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دِل سَندم دَر ڏانهن تُنهنجي، دَم بَدم دائم ڇِڪي،
ڪِيمَ دُوري ڏي ڏَڻيم! دَرگاھ پَنهنجي کان ڏِڪي،
ساھ سائلڙي سَندو، تو لئي سَدا سائِن! سِڪي،
مَنجھ پَچارن پيو پَچي، ڪامي پَتنگ پَروانڙو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڏِڪ دَربانڙو.

بَند مَ باري! بَخششون، بيڪار بيحالي مَٿان،
تُنهنجي دُوريءَ کان ڏَڻي! ڇِڏجي بَدن ٻالي مَٿان،
مال مايا گهورِيان، تُنهنجي مِني نالي مَٿان،
ساھ سِر صَدقو ڪَريان، صَدقو ڪَريان سامانڙو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڏِڪ دَربانڙو.

تُون قَوي، قَيوم، قادِر، آئون ڪاھِل پُر قُصُور،
تُون ڏَڻي، دَيان، داور، ڪَر مُون کي دَر کان نہ دُور،
تُون غَني، غَفار، غافِر، غَيب دان، غالِب، غَفُور،
آئون گولو، گولپيءَ جو، مُون ڪِڇيءَ ۾ ڳانڙو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڏِڪ دَربانڙو.

تُون قَوي، قَيوم، قادِر، قُدرتون تُنهنجون ڪَمال،
ٿا قِرن سَگهہ ساڻ تو، سِج چَندِ ساعت، ماھ، سال،
تُون بِلاشڪ بادشاھ، مَنجھ بادشاھن بي مِثال،
آئون آدم جي مَنجهان، اَولاد هِڪ اِنسانڙو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڏِڪ دَربانڙو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تُون ڪَرم وارو قَوي، ڪِيا ڪِينَ تي چِٽ ڪِلڪ تو،
تُون مِيون مَعبُود مالِڪ، مُلڪ مِڙئي مِلڪ تو،
تُون سَچو سُبحان سائِين، ساھ مُون مَنجھ سِلڪ تو،
تُون مِنو مَحبُوب، آئُون مَحبتي مَستانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئُون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

صاحِبي صاحِب! تو هِڪ جِي، وِچ سَماءَ ۽ سَرزمين،
آئُون رِڻ روھ ۾ رَهيَس، ڪَر رَحم رَب العالمين!
ڪا قَوي ڪَلتار! قُوَت، بَخش مُون ڪاهِل ڪَمين،
تو سَوا حَق تي هَلي ڪِيئَن، هَي! هِتي حَيوانڙو؟
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئُون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

ڪُند نَصيحت ڪي نہ نائي، نَفسڙو نادان نور،
مُون ڏِسيو بي زور، لائي زور چوريءَ لاءِ چور،
شامتي شَيطان جو، سِر تي مَتم شَر شور زور،
شال! شامِل تُون رَهين، ٻيو چا ڪَندم شَيطانڙو؟
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئُون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

ڏي ڏَڍي دانا! دِلاسو، دِل سَندم ٻَڌ دِين سان،
ڪِينَ آهيان، ڪِينَ چايان، ڪِينَ مُون ڳڌ ڪِين سان،
پاڻ مالِڪ! تُون مُدامي، ڪَر مَدد مِسڪين سان،
نہ تہ ٻِهوڙي مُون ڪي ٿِئي تو، نَفسڙو نادانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئُون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هاءِ! هَٽ آنديمِ نه ڪا شَيءِ، ڇا هَلايان مَنجهه حَشر؟
خَير ڪر خالِق سَندم! خاطِر نَبي خَيرُ البَشر،
شامتي شَيطان مُون تي، ٿو مَچائي شور شَر،
تُون ڏَٺي دانا! بَچاءِ، ديوَ کان ڏِيوانڙو.
تُون اَحد اَللہ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

سَڌ ڪريان ساعت بَساعت، صُبح، سانجهي، سِج لٿي،
هَڏ، هِنيون، رَت، ماهه مُنهنجو، حُڪم ۾ هادي! اَٿي،
ٿيو مَديءَ کان مُنهن وارڻ، سَخت مُشڪل مُون مَٿي،
تو اَڳيان اَللہ سائين! ڪم اِهو آسانڙو.
تُون اَحد اَللہ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

دان بَخشي دِين جو، تُون دِل ڏِئين داور! چِٽي،
مُلڪ مالِڪ! تو ڏِياريمِ، مِلڪ مُنهنجي نه تہ مِٽي،
رَحم لئي رِهُون ڪريان تو، رُوح مُون راحت ڦِٽي،
بَخش جو هيرِيَل بيهي ڪِيئن، پال ري پَٽ پانڙو؟
تُون اَحد اَللہ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

مِهر ڪر مَولا! مَناين جِي مَعافي ٿو مَڱان،
مَنجهه ڪَشالي ڪاف ڪوهن، قُرب ڪافي ٿو مَڱان،
نام صَدقي صادِقن جي، صِدق صافي ٿو مَڱان،
تو ڪَنان توکي مَڱان، تو ري آهيان تابانڙو.
تُون اَحد اَللہ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهه ڪر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جو اڳيان مَولي مُحابو، نِبي مُحمد مِير جو،
تِنهن سَفر سُهکو ڪَري، سائين سَلامت سِير جو،
مُون وَسيلو آهِہ وَرتو، وِير ۾ تِنهن وِير جو،
چا ڪَندو تَحقيق هاڻي، تار تِک طُوفانڙو؟
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

ڏي خُداوند! مُون کي خاصِي، خاص خِلوت ساڻ خُوءِ،
جَڳ جَهانان مُون ڪَڍي، جَبار! ڪَر جَبرُوت جُوءِ،
ڇَڏ بَدن بَدڪار جي ۾، بُود ٻُڇڙي جِي نہ بُوءِ،
نيستي مُون لاءِ نافِع، نَفس ۾ نُقصانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

مِهرباني ڪَر مَٿم، مَدين کان ماندِي دِل ٿيَس،
غَم گهڻون گهوڙا! اَٿم، غَفلت ڪَري غافِل ٿيَس،
اَڳ مِٽيءَ مان تو اُپايو، آدمي عاقِل ٿيَس،
هاڻ ماڻهوءَ مان مَ ڪَر، مُون کي مِرُون ٻي مانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

لَک لُڪون لِک لِک لَڳن، تہ بہ دِل نہ لِک ۾ لاهِي،
رُوح وِيندي سِين روهن ۾، ساڻ تو رَب! راهِي،
تُون سَدا، تُنهنجي سَدائين، آهِہ صاحِب! صاحِبي،
آئون مُجرم مُٺ مِٽيءَ جِي، مَهل ڪا مِهمانڙو.
تُون اَحد اَللهُ اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجهہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حُب نہ آهِم هَٿ ڪَرڻ جِي، حَلب هِندستان ڪي،
بَلڪہ پانيان بي بَقا، هِن باغ ۽ بُستان ڪي،
مَعرفت سان مَست رَک مُون، مُلڪ جي مَستان ڪي،
دُور دُنيا کان رَکج، جا دام وِچ تي دانڻو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.

عُمر سارِي مَنجھہ عَمل، ’احمد‘ ڪي آگا! رَک نہ سُست،
ڪَر چَڱاين تي چَڱيءَ پَر، چِت سَندم چالاڪ چُست،
دَر ڏَٺي اَکيَم دُعا، دِيدار ٿيو دِل کي دُرست،
ڪاتجي ويو ساڻ ڪَلمي، قَلب تان ڪُفرانڙو.
تُون اَحد اَلله اَڪبر، آئون اَحمد ٻانهڙو.
ٻانهڙي تي ٻاجھہ ڪَر، دَر تان مَ ڌِڪ دَربانڙو.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لطف مان لاهيان نه آس

يا اِلاهي! يا اِلاهي! آهه تو کي اِلتماس،
آئون نه مِهڻيدار، مُنهڙو مَنجهه مَدي، هَر ماهه ماس،
مَنجهه بَدن بَدبُوءِ بَدِيَن جي، هَڏ ڪِنون، مُردار ماس،
وَٽ مِلي ڪا تو وَٽان، جِنهن سان لهي وَڃنم وِماس،
لائي مَن لا تقنطُوا کي، لُطف مان لاهيان نه آس.

آب اَپري مان اُپائي، تو ڪيَس آبائتو،
تو ڪيَس آبائتو، پَر ٿِي پيَس عَيبائتو،
زارِيون مُنهنجون، نه توسان زور ڪو زيبائتو،
عَفو ڪَر عَيبائتي کي، لاهِه غَم غَيبائتو،
آئون خالي مِثل ڪوکي، لُطف مان لاهيان نه آس.

تُون بَرابر بار بَخشڻهار، بارِي! بار بار،
زور زاريءَ ري نه ڪو، ذَر ذَر رُوان ٿو زار زار،
عَيب اَڳلايون سَندم، اَنبار آهِن ڏار ڏار،
سَئو ڪَبيرا، سَئو صَغيرا، بار سِر تي، ڪاربار،
ڪَڍ گُناهن مان گنو کي، لُطف مان لاهيان نه آس.

ميڙ آڻ ڪَم اُنهن جو، جِن ڪَيا جور و جَفا،
پَر ٿِيي خالِق نه، خاطِيَن جي خَطائُن کان خَفا،
پاڻ پايِيَن ڏي مُڪائِين، مِير مُرسل مُصطفيٰ،
جو چَڱن مُڙسن جي چوٽي، چَنڊ چوڏهين، سِج صَفا،
ميڙ سا مَنظُور مُون کي، لُطف مان لاهيان نه آس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ميڙ آڻ ڪم اُنهن جو، عَيب جن ۾ عام ڏِس،
پَر اَسان عاصين مَٿي، اَلله جي اِنعام ڏِس،
لاءِ مَن لا تقنطُوا، اَلله جو اِلهام ڏِس،
پاڻ پاپين کي مُڪائين، مِير مُرسل جام ڏِس،
خُوبصُورت خابرُو کي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

ديس هِڪ جي، ديس ٻِئي ۾، هِت هَوا هَردم هَلي،
صُورتون ۽ سَڏ سُڻُون ٿا، سَئو ڪوهن تان ڪل جهلي،
ڪِيئن لِڪايا پوءِ لِڪن، جيڪي گُنهہ گولن گَلي؟
آئون اُميدُون آسرا، سَگهندس نہ پرور مان پَلي،
خواهہ ڇڏيم پاپ پوکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

ڪوپ واري قَبر پڻ، ڪاري قيامت ڳالهہ ڳَچ،
سَخت دَم سَڪرات جو، مَهندان ٻَرن ٿا مُور مَچ،
آئون پيادو، پَنڌ گهڻون، ٻي پُڇ کي پَرور! پُڇ،
سونُ صافي مُون نہ سَوديو، ڪُل ڪمايم ڪُوڙ ڪَچ،
ڪم نہ چانديءَ ساڻ چوکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

تُون قَوي، ڪلتار، قادِر، آئون ڪُچاڙو آهِيان؟
ڪُجهہ نہ ٻَنيس، ٻَلڪہ ٻَنيل ۾ ٻگاڙو آهِيان،
مَنجهہ حُڪم تُنهنجي، هَٿين پيرين سَتاڙو آهِيان،
ڪِيمَ ڪَر اُپٽار عَيبن، آئون اُگهاڙو آهِيان،
ٻاجهہ سان سِينگار ٻوکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

اِيءُ نہ وَڙ تُنهنجو تہ بَخشين، ڪي ڪَڏهن ۽ ڪي ڪَڏهن،
بَلڪہ بَخشين ٿو هَزارين، حَرف هيڪاندا هَڏهن،
مِهر سان مَرهينم مَديون، جِنهن مَهل موٽان جَڏهن،
لائي مَن لا تقنطُوا، تو ڏي لَنگهي آيَس تَڏهن،
جان مَنجهہ جَنجال جوکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هاءِ گهوڙا! هَر گهڙيءَ، مُون ڪِيا گُناهن تي گُناهہ،
ٿو پِنان تُنهنجو پَناهہ، اَي بي پَناهن جا پَناهہ!
آهِہ اَندر ۾ اُٿيءَ، ويٺيءَ، سُتي اَللهُ! آهہ،
تو سَوا اَللهُ! ٻِئي ۾، آسرو اُميد ناهہ،
چو چَڪاسيان چارسُو ڪي؟ لُطف مان لاهيان نہ آس.

آهِہ خالِق ساڻ، خَلقيَل جِي خودي خالِي خُمار،
نَفس اَماري نِهوڙيَس، ڪَم ڪَرائِين مَوتمار،
ري چَڱائيءَ، ڪا چَڱائي، ڪانہ ڄاتم سَپ ڄمار،
مُون پُليي سان اَي پَلا! ڪيئي پَلايون بي شُمار،
پَر نہ سَگهيَس پاڻ موڪي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

تو سَوا ٻيا پِير پُوريَل، ڪِنهن پَراهين پَنڌ تي،
مَوت مُرڳو ويجهڙو، هَر مَهل قابُو ڪَنڌ تي،
ٻوڙجي ڪِنهن ڏير تيءَ، تہ ٻہ رات رَهڻو رَند تي،
هَر هَميشہ حال پائيءَ، هيڪ تُون هَر هَنڌ تي،
چو ڪٿان پوءِ ڏُور ڏوکي؟ لُطف مان لاهيان نہ آس.

ميڙ آيو مُصطفيٰ، مُون ڪي مِنت مَنظُور مُور،
آئون عاصِي آهِيان، غَلطيَن اَندر غَرقُور مُور،
چَوطرف چانگو چَلايم، اَڄ چُرڻ ڪان چُور مُور،
آسرو تو ۾ اَٿم، دَر ڪان نہ ٿيندس دُور مُور،
مَن! پَوي ڪا مِهر توکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

ميڙ آيو مُصطفيٰ، پَيغام پَروَر جو ڪَٽي،
عاصيَن ڏيءَ، عُمر جِن گُذري گُناهن ۾ گهَٽي،
لاءِ مَن لا تقنطُوا، چا ٿو چَوي داتا ڏَٽي؟
آسرو اَللهُ ۾ رَک، وَڙ ڪَندو واحِد وَٽي،
دَر نہ مَٽ، ڪِنهن ساڻ دوکي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حَيف ٿِي ساري حَياتي، حَق! هِدايت هاڻ ڪَر،
اَي ڀَلا! آهيان ڀُليو، بَخشي ڀُليي کي ڀاڻ ڪَر،
مُنهنجو لائق ڪَر نہ مُون سان، پَنهنجو لائق پاڻ ڪَر،
سَئو ڪَبيرا، سَئو صَغيرا، بَخش ڪَلمي ساڻ ڪَر،
تُنهنجي ’احمد‘ آرسُو کي، لُطف مان لاهيان نہ آس.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سڻ عرض عالم جا ڏڻي

بِسم الله، بي پَرواهه تُون، آهين اَحد اَلله تُون،
هادي! سَندم هَمراهه تُون، وَهه واهه! مُنهنجو واهه تُون،
تُنهنجي وَصف آهِه وَڏي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

دَولت پنان ٿو دِين جي، توڪان طَلب تَلقين جي،
ڪِيرت سُڄ ڪِي ڪِين جي، مُفلس بَندي مِسڪين جي،
پَروَر! اَٿئي پارت گهڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

هِيءُ حال هِيڻون مُون هَڏهن، ڪانهي ڪَندي تو ري ڪَڏهن،
ڪُل تي آهين قادِر جَڏهن، آزيون ڪَري آئون تَڏهن،
دَر تي پيَس داور! ڇڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

ڪلتار تُون، قَهار تُون، سَتار تُون، غَفار تُون،
مُختار تُون، مَنتار تُون، پاتار مان ڪَر پار تُون،
تو ڪان سَوا ڪانهي تَڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

ڪَم هِن ڪَميني ڪونه ڪِيو، وو وو! اَجايو وَقت وِيو،
هاڻي رُوان حَيران ٿِيو، وارِث وَسيلو ناهِه بِيو،
تو دَر تَڏهن آيَس تَڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

غافِل نه ڪَج مُون غَير تي، پُورو بيهارج پير تي،
ثابِت اُپن جي سَير تي، تُون وار خَر ڪِي خَير تي،
جو ڪائي ڏهه مَڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وو وو! ڪڏهن ٿيندو وَصل؟ اَرمان آهِهِ اِيءُ اَصل،
چارِي مَٿم چارئي فَصل، اَحوال مُون عَورت مِثل،
رِڻ ۾ هَلي جا هِڪ جٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

آيس نَوازش لئي نَمي، تُنهنجي ڪَرم ڪانهي ڪَمي،
ٻِئي غَير مان جاڳيم غَمي، شل! راهه تُنهنجي تي رَمي،
پَروَر! ٿيان پُرزا پَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

هَمراهه تو ري هُت نه هِت، بَر بَحر ۾ پيٽي نه پِت،
ڪِج پال پِتيَن پيڙ جِت، پايان پُڇيءَ ۾ پاند نِت،
پَروَر! پِنان ٿو پَنج ڪَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

ڏاتار! لاهين ڏاڻ تُون، سِر عَرش مُون کي آڻ تُون،
آٽينم عِزت ساڻ تُون، باقي بِلاشڪ پاڻ تُون،
بِي بات مُون باطِل ڳِٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

هادي! هِدايت ڪَس نه مُون، مَولا! گُسائج گَس نه مُون،
تُون پاڻ آهين، پَس نه مُون، تو ري وَصل ۾ وَس نه مُون،
هَي هَي! مَٿا بينس هَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

مالِڪ! نه ڏِج مُنهن مال ۾، حامي رَهج هَر حال ۾،
بيحد اُميدان پال ۾، آگا! سَندم اِقبال ۾،
آخر نه ڇڏ آڏِي اَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

مالِڪ مِٺا! مَقصد ڪَرين، بَخشش مَٿم بيحد ڪَرين،
شافِع سُپا سَيد ڪَرين، رَب! ساڻ رَحمت رَد ڪَرين،
جيڪا بَدي مُون لئي ٻَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَٽي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خالِق! تو خَلقي ڪُل خَلق، فَرمان سين چِيرين فَلق،
اِنسان جوڙين مِن عَلق، هَرگز لهي هِڪڙو نه حَق،
توڙي لُٽايان لَک ڪَٽي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

’احمد‘ مَٿي اِحسان ڪَر، اُهڪي سَندم آسان ڪَر،
آخر عَطا اِيمان ڪَر، ڪَلمي مَٿان قُربان ڪَر،
رويو پِنان رَحمت گهَڻي، سُڻ عَرض عالَم جا ڌَڻي!

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ٻاڪ ٻالڻهار! ڏي

دان داڻو ڪير ٻيو، داتا ڏَٽي! تو ڌار ڏي؟
تُون مَدد بَرڪت مُحمد مُصطفيٰ مَهندار ڏي.

ڪُوڙ ڪي ڪاتيون ڀوَن شل! قَلب قادِر! صاف بَخش،
سِر تو تان صَدقو، صِدق صَدقي سَچي سَردار ڏي.

ڪَر مَدد مُون ساڻ تُون، بَرڪت مُحمد مِير جي،
گَنج خاني مان، غَريبن کي غَني غَفار! ڏي.

ڀوڪ داڻو دوستي، دِل ۾ سَندم، ڏي دان دِين،
عافيَت، خوش عاقِبت، پڻ عِلم ۽ اِسرار ڏي.

تو سَوا ڪانهي ٽَٽي، تَحقيق تُون هِڪڙو ڏَٽي،
بَخش ٻُڇڙايون سَندم، بارِي! شَفا بيمار ڏي.

آهِہ تُنهنجو ڪِٿ اَسان سين، مَنجھ عَطا اِنڪار ڪونہ،
اَمر تُنهنجي ۾ اَسين پڻ، عَدل ۽ اِقرار ڏي.

عَرض آهِہ عُمر سارِي، پَر اَدب ۽ عِجز سان،
آڳ ڪان آزاد ڪَر، اَڳتي نہ ٻيا آزار ڏي.

آهِہ مُون پاسي مِڙئي، مِهڻن مَيارن مارِيَس،
هاڻ مَدِيَن جِي مَعافِي، مُلڪ جا مُختار! ڏي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَڳ نہ سو سَمجهيو اَٿم، پڻ سَگهہ نہ آهِہ سَمجهہ جِي،
پِيرِ ڪَنِ، اڪيون ڪَرم سان، اَي قوي ڪلتار! ڏي.

ويو سَنجهو آيو صُبح، سائل ڪَري سارو سَوال،
پِرهہ ويلي پاند جهليَم، پاڪ پالڻهار! ڏي.

حُجتون هاريان هَنجن ۾، حاجتون هادي! پُڄاءِ،
آستاني تي اَسُر جو، عَبد ٿو اُڇنگار ڏي.

نَفس، نَفسيءَ ۾ وِڌس، ۽ ناس ٿيس ناسُوت ۾،
ڪڍ جَبل مان، جاءِ مُون، جَبرُوت ۾ جَبار! ڏي.

ٻِي ٻيائي ٻولِيَن کان، ٻانهڙي جي ٻُتِ زَبان،
عُمر سارِي مُون اَندر ۾، آيتون اَذڪار ڏي.

هاءِ! ڪَثرت جي قِلعي ۾، ڏِينهن قَيدن ڪاٽِيان،
عَرش جي اِسرار کان، اَرواح کي اَخبار ڏي.

ووءِ! مَنجهہ وَيران دُنيا، واجهہ وَسنديءَ لئي وِڄهان،
ڪڍ جُدائيءَ مان، جِياپو جان جو جُونجهار! ڏي.

روز دانهو دانهن مُنهنجي، دُور دَوزخ کان رَکيج،
کا بِهشتن جي بِشارت، هِن بَندي بَدڪار ڏي.

ٻاهِہ کان بَندو بَچائج، سانڻ بَخشش بي شُمار،
جَنتون، جاگيرِ، جوهر، جائيون جِنسار ڏي.

مِهربانيون موڪ ڪَر، موڪل مَعافيءَ جِي چِٽي،
رَک گهنگهر گُوندر کَنان، ۽ گُل، چَمن، گُلزار ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِت عَمل ۾ عُمر راهِجِ، عِلم ۽ عِرفان سان،
مَنجهہ حَشر حُورُون، هِندورا، هار ۽ سِينگار ڏي.

مَر تہ هِيءَ مِصرعہ هوءِ، مُلڪن اَندر مَشهُور زور،
اَي اَحد! ’احمد‘ بَندي کي، عَفو جو آثار ڏي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

يا اِلـٰہ العالمين

جِن، مَلڪ، اِنسان، عالَم، عَرش، ڪُرسي، اُپ، زَمين،
ڪو اُپايو ڪونہ اِن ۾، تو مِثل عَربي اَمين،
تِنهن مُحمد مِير لِڳ، موٽاءِ هِيءُ مِسڪين ڪِين،
ميٽ مُذنب جِي مَلاهي، يا اِلـٰہ العالمين!

نُور تُنهنجي ساڻ چَمڪن، عَرش، پُونيون، آسمان،
وَڻ، پَهڻ، بَر، بَحر ۾، اِيءَ باهِہ پڙڪي بي گُمان،
ٻَئي هِنيين تي هَٿ ٻَڌي، هادي! چَوان ٿو هَر زَمان،
لاهِہ اَحقر تان اُونداهي، يا اِلـٰہ العالمين!

مِلڪ تُنهنجي مُلڪ سَڀ، مالِڪ سَوا تو ناهِہ مُور،
ڪَئي دَغا مُون ساڻ دوئي، دَر سَندئي نِت ناهِہ دُور،
حُڪم تُنهنجي هيٺ هَرڪو، آهِہ حاضِر مَنجهہ حُضُور،
تو سَندي نِينهن جِي نَواهي، يا اِلـٰہ العالمين!

تُون مِٺو مُختار مالِڪ، تو ڪَيو مَوجُود مُون،
مُور تو ري ڪو مُدامي، ناهِہ ٻيو مَعبُود مُون،
تُون مِيان! مَعبُود مُون، مَسجُود ۽ مَقصُود مُون،
تُنهنجي پَروَر! مُون پَناهي، يا اِلـٰہ العالمين!

آئون عاجِز عَبد آهيان، تُون سَندم عالَم اِلـٰہ،
آئون بَدڪِردار بَندو، تُون بِلاشڪ بادشاهہ،
آئون پاڙي، آئون پينون، تو پِنان پَروَر! پَناهہ،
آئون گولو، آئون گُناهي، يا اِلـٰہ العالمين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَرم ري ڪَک جيتري، ڪَلتار! ناهي مُون ڪَلا،
رَک بَدن مُنهنجو بَديءَ کان، بوجهه ٿارج تُون ٻَلا،
ٻادشاهه ڪُل ٻادشاهن جا ڀَلائي ڪَر ڀَلا!
تُنهنجي باقي ٻادشاهي، يا اِلـه العالمين!

مُون مَٿي شَر شور لايا، نَفس، شَيطان، شَهوَتن،
روڪ تِن رَحمان! مُنهنجي روز وَنيو رَهه وَتن،
جي ٿيون مُون کان مَدايون، مِهر سان ڪَر مَحو تَن،
وَڍِ وُجُودان وَهم واهي، يا اِلـه العالمين!

ڏِين سان دوئي رَکيو، دُشمن هَٽن ٿا دَم وَڏا،
ٿا ڪَهن ڪافر، اَسين ڪَريو سَگهون ٿا ڪَم وَڏا،
اَي غَني غَفار! ڏي، تِن غافِلن کي غَم وَڏا،
آڻ تِن جي گهر تَباهي، يا اِلـه العالمين!

سِر قِلعي ڪاهي پيا، ڪَريو ڪَٽڪ ڪافر ڪَٽا،
جاهِلن جي جنگ ڏادي، آهِه ڪَئي جَڳ ۾ جَٽا،
ٿا وِڙهن ويري، وَري ڪا وَهر واحِد! تو وَٽا،
ڀَڄ ڪَٽي جِي ڪَڄ ڪَلاهي، يا اِلـه العالمين!

ڪِن وَٽن مَڇ، ڪِن وَري، ويسهه رَکيو آهِه سِر وَٽن،
مُون سَدا وَحدت جي وائي، ڪِنَ ٻيا واحِد! وَٽن،
حَق تُون هادي! هيڪڙو، ٻيا هَند پيا هُونهين هَٽن،
آهِه تُنهنجو شان شاهي، يا اِلـه العالمين!

ٻادشاهي تُنهنجي باقي، ٻي بَقا آهين ٻيا،
مُون ڏِنا جِنهن مال تي، ٿي مالِڪن مارا ڪِيا،
ويڙهه لائي، وير پائي، هيٺ وارِي ڪُل وِيا،
وارِثن پوءِ وَٽ وِراهي، يا اِلـه العالمين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آئون سائل، چا تو سائينءَ ساڻ سِينون ساهِيان!
وينتيون ڪريو وِهاڻي، رَت وَنِيَن مان واهِيان،
آئون بَندو بي ڪمون، بَدڪار بيشڪ آهِيان،
تہ بہ نہ آهِم آس لاهي، يا اِلہ العالمين!

هاءِ گهوڙا! مُون گُذاريا، ڏِينهن گُناهن ۾ گهٽان،
ڪُل ڪيرا ٿيا هَٿان مُون، ڪَند مَٿي ڪِهڙو ڪٽان؟
هاڻ ڏِسيو حال هادي! هَٿ هِنيين تي ٿو هَٽان،
ڪَڍ گُناهن کان گُناهي، يا اِلہ العالمين!

مَن ٿيو قارُون فِڪر کان، فِسق ۾ ڦاسِي پيَس،
وِک وَجي پيئي وِنگيءَ ڏانهن، وَس وَراڪي کان ويَس،
ڪَم ڪميني نفس جي، قابُو ڪمندن ۾ ڪيَس،
ڪَڍ ڪَنڌان مُون فِسق ڦاهي، يا اِلہ العالمين!

آئون آهيان ڪاهِل ڪمينو، ڪَم سَندم ڪوليان ڪها؟
ووءِ! وِڃايم وِسلو، وِساڳ ويهي پڻ وِها،
مَرد مُرڳو ٿاهِيا هِن ماڳ تي ڪَئِين مُون جِها،
ٿيا وَني رِڻ راهہ راهي، يا اِلہ العالمين!

هاءِ! غافِل ڏِينهن گهاريم، ڪَم ڪيَم گهوڙا! گَندا،
هِيءُ هِتي جو هِت ڇڏيو، هَرڪو هَلي پيو هِن هَندا،
سِر سَفر ڪٽيو سَمر، ساٿي وَڃن سَڏڙا ڪَندا،
مُون نہ ساري ڪَئِي سَنباهي، يا اِلہ العالمين!

مَنجهہ قَبر غالِب غَني! غَم ڪو مَ سَٽ غمناڪ تي،
بار مُون بَدڪار جو، بَر ۾ تو بارِي پاڪ تي،
خود سَڳا وَرندم خُدايا! خاڪ واري خاڪ تي،
ڪو وِهي وارِث نہ واهي، يا اِلہ العالمين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ذِڪر ذاتي ذات سين، پُر ذَوق زاهِد تو ڪيا،
مَنجهه وَٽِن وَحدانيَت جا، وِسِ واحِد! تو ڪيا،
پَنهنجي شَوڪت شان ۾، چَندِ شَمس شاهِد تو ڪيا،
ڏِين ٿا ڳُل قُل گَواهي، يا اِلـہ العالمين!

ڪَڍِ هَٿن سان مُون کي هادي! هِن هُنَءَ جِي هَئي مَنجهان،
قُرب پَنهنجو بَخش قادِر! ڪَرمِ سين ڪُل شَئي مَنجهان،
مَست مُون کي رَک مُدامي، مَعرفت جِي مَئي مَنجهان،
بَخش ساقي ٿِي صُراحي، يا اِلـہ العالمين!

مَن گهُريا مَحبُوب مُنهنجا، مَنجهه مَديني جي رَهن،
قُرب جِن قُرآن سان، ڪُل وَقت ۾ ڪَلمون ڪَهن،
عُمر 'احمد' کي اکيَن مان، آب اُن لئي ٿا وَهن،
ميڙ مُحبن سان مَداحي، يا اِلـہ العالمين!
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر رحم رب العالمين

اَللهُ تُون، آئون بَندو، بَندو گدا گولو گندو،
قادِر! وَتان ڪُوڪُون ڪَندو، مَرهينم مَولا! ڪَم مَندو،
تو ري ڪَنڌي ٻِي آهِ ڪِين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

اَي خَلق جا خالِق خُدا! پاڻان مَ ڪَر مُون پَل جُدا،
هَمراهه ٿِي هادي هُدا! ٻِئي مُلڪ سين ناهِم مُدا،
تُون مَن مُدعا مالِڪ مُبين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

سُبحان تيري صاحِبي! دِل ڪِينَ تو دَر ڏاهِبي،
نہ آس لُطفئون لاهِبي، تُنهنجا وَڏا وَڙ واهِبي،
رَک شَرم سَندو شَرمگين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

اَللهُ عالَمَ جا ڌَڻي! مُون تي ٿِئي غَفلت گهڻي،
تو دَر پيگس دانهُون ڪَڻي، تو ڪان سَوا ڪانهي تَڻي،
تُون بَحر تارين بِاليَقين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

داوَر تُون ئي دارَين جو، قادِر قَوي ڪونَين جو،
آئون اُداسي عَين جو، دانهُون ڪَريان ڏِن رَين جو،
دِل بَخش دِلبر! دُوربين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَي هَي حَياتي هِن مَٿي، پُليس مَرڻ پانيم نٿي،
ساري پيَم سُڌ سِج لٿي، پَرور! پَرن هاٽي اَٿي،
مُون تان ڪَمايو ڪِي بہ ڪِين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

سانيَم! تڳان تُنهنجي سَني، تُنهنجي پَناھہ، تُنهنجي پَني،
ٻيو ڪير هِيٺن هَٿ وَني؟ تُون ساڻ مُون جِهڙي مَني،
مِهرُون ڪَرين مالِڪ مُعين! صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

شَيطان آهِن شور ۾، دُشمن هَلن دَم دَور ۾،
هاريان هَنجُهون ٿو هور ۾، وِجهہ زور مُون بي زور ۾،
تان هِي لَٿيان سي لُڄ لَعين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

تُون چانءَ چَنون، تُون تُون چَپر، تُنهنجي عَطا آهي اَپر،
پَردو ڍَڪڻ پَروَر! تو پَر، مُون تي ڪِريو ڪَنڌ تان ڪَپر،
ڪَر ڪَرم سِين ڪاهِل ڪَمين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

مُنهنجا مُدامي ڪَم مَدا، توکي سَڏيان سائِين! سَدا،
تُون رَب غَني، آئون گَدا، مُنهنجي سُٽِج صاحِب! صَدا،
لاهِج غمي گولي غَمين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

هَي هاءِ مُنهنجي حال کي، هاريَم هَٿان سَڀ ڳال کي،
هاٽي ڪَڙهان ٿو ڪال کي، مُنهنجي چَڱون ڪَر چال کي،
ڏي مُنهن مُنهنجو مَنجھہ مَتين، صَدقي مِني مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آگا! نہ وِجھہ مَنجھہ آڳ مُون، بالا بُلند ڪَج پاڳ مُون،
مَنجھہ مَعرفت ڏِج ماڳ مُون، هُو هُو وَتي رُڻ راڳ مُون،
پانيان بَچان بمَ زير بِين، صَدقي مِنِي مُرسل اَمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

داور! نہ دَر کان دُور ڪَر، مُنهنجي مِنت مَنظُور ڪَر،
دِل پِرت مان پَرپُور ڪَر، نازِل مَتھ نِت نُور ڪَر،
ڏي جوت جَلوا مَنجھہ جَبِين، صَدقي مِنِي مُرسل اِمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

فائق! سُڻي فَرياد ڪي، بَخشي بَديون بيداد ڪي،
ڪاهِل ڪَنيزڪزاد ڪي، عالِمِ ڪَرين اَولاد ڪي،
مَشهُور تائين مُلڪ چِين، صَدقي مِنِي مُرسل اَمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

هادي! سَدا وَس مَنجھہ هِنيِين، هَر حال ۾ حامي ٿِيِين،
فِردوس ۾ فَضلان نِيِين، داور! دِلاسو ڪو ڏِيِين،
لَک هَول وَريا سِر حَزِين، صَدقي مِنِي مُرسل اَمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

حاڪِم هَزارين هِت هُئا، سَردار سُهڻا ٿي سُئا،
پُريا پَدم جِن لَک پُئا، آخر اُهي مِڙ ئي مُئا،
پيا مَنجھہ مِٽي مَسنَد نَشِين، صَدقي مِنِي مُرسل اَمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

لاشڪ هِتان وَڃبو لَڏي، ٿو مَوت سَپڪنهن کي سَڏي،
آئون وِرهہ وَرتس وَڏي، آخر اَمن اِيمان ڏي،
صاحِب! مَ ساڙج مَنجھہ سِجين، صَدقي مِنِي مُرسل اَمِين،
ڪَر رَحم رَب العالمِين!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حاڪِم مَٿي ۽ هيٺ تُون، باقي بِلاشڪ نيٺ تُون،
مُون کي ڏِيِن ٿو ميٺ تُون، فائق! نہ تَڙ ڇَڏي ڦيٺ تُون،
آگا! مَگان ٿو آفرين، صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

مُون کي مِٺا مالِڪ! مَ مَٺ، پُهچاءِ پينون پاڻ وَٽ،
پَڃ جاهِلن جو زور جَهٽ، قادِر! ڪُفر جِي پاڙ پَٽ،
مُحڪم سَدا رَک مُسلمين، صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

يا رَب! رُوان ڏِينهن رات ٿو، ساريو ڪَنبان سَڪرات ٿو،
مارِيِ غَم غَمرات ٿو، خالِق! پِنان خَيرات ٿو،
ڪَر خَير خَيرُ الراحمين! صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

جِنهن مَهل پُونءِ پيڙو ٿِيان، مُون کي مَٺان مَٿين مِيان!
ٿارج قَبر وارا ڪِيان، خوش عُمر جَنت ۾ جِيان،
حاصِل اَگيان ڪِج حُورِ عِين، صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

آهيان بَدِيَن جي بَحر ۾، لوڏا ڪِيان لَک لَهر ۾،
توکان پِنان هَر پَهر ۾، مُون کي مَديني شَهر ۾،
داور! ڪَرين داخِل زَمين، صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

آئون بَندو، اَللهُ تُون، ’احمد‘ سَندي بُڌ آهہ تُون،
ميڙين مُحمد شاهہ تُون، ڪَڍ ساڻ ڪَلمي ساهہ تُون،
دُنيا مان لَڏيان ساڻ دِين، صَدقي مِٺي مُرسل اَمين،
ڪَر رَحم رَب العالمين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا الاهي

اِلاهي! يا اِلاهي! يا اِلاهي! سَوا هِڪ نُور تُنهنجي سَڀ سِياهي،
ڪِنين بَخشين تُون بيشڪ بادشاهي، نہ ٻيو وارِث وَسيلو وَهر واهي،
اَسان تو مان نہ آهي آس لاهي،
نہ آهي آس لاهي، يا اِلاهي!

تُون حاڪِم حاڪِمن هادي هُدا تُون، خُداونديءَ جو لائق هِڪ خُدا تُون،
نہ ڪِج پَنهنجي جَماعت کان جُدا تُون، مَدد جي وِچ مَ وِجهہ مالِڪ! مُدا تُون،
مُيَسر جَلد ڪَر مَن جي مُدعا تُون،
اڳهائج عُذرخواهي، يا اِلاهي!

تو ري بارِي! نہ ڪِنهن تي بار باور، يڪو يا رَب! آهين يار ياور،
ڏَٺي دارَين جو دادار داور، اَسان کي دِين خاطِر ڪَر دِلاور،
هَلي پَروَر سَندي پاران ڪو پاور،
نہ ماڻيون شان شاهي، يا اِلاهي!

ٻَلا حاڪِم هُجي جِيئَن زور وارو، سِپهہ سالار تِيئَن سُورهہ سَگهارو،
اَسان جو بادشاهہ پَروَر! تو پارو، ٿِئي پو ڪِيئَن هِنيون هِيڻون هَمارو؟
سِگهو ئي ناس ٿيندو شل! نَصارو،
وِنگي جِنهن واٽ واهي، يا اِلاهي!

ڪُڏيا نَمرُود تي نوڪر اُنهيءَ جا، ڪُڏيا فِرعَون خاطِر قَر اُنهيءَ جا،
ڪُڏيا اَبرهہ مَٿي اَفسر اُنهيءَ جا، ٻَڳَي هِيڻن هَٿان هَٿ هَر اُنهيءَ جا،
نہ ٿينداسُون قِياماً ڪَر اُنهيءَ جا،
گَهٽَن کي اِيءَ گَواهي، يا اِلاهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَٿي لَندن سَندن ليڊر ڪُڏن ٿا، چَڙهيو مَيزن مَٿي ميمبر ڪُڏن ٿا،
غَرض ڪي ڪِن ته ڪي ڪِن سِر ڪُڏن ٿا، تُنهنجي قُدرت مَٿي قادِر! ڪُڏن ٿا،
چوَن آهيون اَوَل نمبر ڪُڏن ٿا،
سَچا صابِر سِپاهي، يا اِلاهي!

مَچر مَردُود جي پيو مَنجهه ميڃالي، چَڏيئِن نمرُود جُون نايُون نِڪالي،
اِهوئي ناز حاصِل تُنهنجي نالي، ڪَيوسُون پاڻ هادي! تو حَوالي،
وِجهين رَهزن ڪي رولو مَنجهه رِسالي،
ڦِٽي شِيراز شاهي، يا اِلاهي!

رُوان ٿو دوستن سين داستانو، ته آيو زور زوريءَ جو زَمانو،
ڦِري ويو اَڄ فَلانو ۽ فَلانو، وَڏو هِيءُ خان وَڏ هُو خاندانو،
وَٺون بَندُوق لئي باطِل بَهانو،
طَمع نِيا مَنجهه تَباهي، يا اِلاهي!

زَميندارن ڏِسي ظاهِر زَمينون، مَڪو مَٿيو، مَٿي چَڏيئُون مَدينون،
رَکن قُرآن وارن ساڻ ڪِينون، ڪَرائِن ڪيس ڪُوڙا ٿي ڪَمينون،
سَڙيا سَرڪار تي ساهِن سِينون،
مِلن مَرڪن مُباهي، يا اِلاهي!

مُنجهايو مُلڪ کي مُلا سِڪُولن، جُهڪايو جَوف ڪي سِر جِن جُهُولن،
لَنگهي لالچ ڪَر لوءِ لاءِ لُولن، طرف پُورن پَلو ڪِيو بالفُضُولن،
مَٿي مُصحف سَندي مَعنيٰ مَلُولن،
ٺڳيءَ جي ڳالهه ٺاهي، يا اِلاهي!

وَجن نَوڪر بہ ڪي ناحق نِهوڙيا، لِکي قُرآن پوءِ جِن ڪيس جوڙيا،
خَطا ڪِهڙيءَ ۾ خِيمان خام کوڙيا، ويچارن پيٽ لئي پاٽي وِلوڙيا،
گَواهيءَ لاءِ گوري پاس ڊوڙيا،
گيهرجي ٿيا گُناهي، يا اِلاهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيا چو پيٽ لئي آهِن پَريشان؟ خُدا وَٽ آهِہ مانيءِ وَٽس مان،
اَچو گڏجي گهُرُون سَڀ اُن ڪان اَمان، اَٿم اَندر اَپر اَفسوس اَرمان،
نہ هَي! هِي مَذهبي پائر مُسلمان،
تُون ڏي پُشتي پَناهي، يا اِلاهي!

اَسِين گورن جي هَٿ ڪِيئَن ٿا گُذاريون، وَٺي ڏهہ، پَنج پَيسا پيٽ پاريون،
ڪڏهن مومن مَڪي ۾ مُفت ماريون، ڪڏهن قُرآن تي پيا ڪيس ڪاريون،
اِنهيءَ ڏَپ ڏُوس ۾ دَم دير ڏاريون،
نہ جَهٽ پَٽ جيل راهي، يا اِلاهي!

اَسان لئي ٿا چوَن آزادگي اِيءَ، اَسان سان ٿا هَلن اُستادگي اِيءَ،
بَني بَرسر بِنهہ بيدادگي اِيءَ، وَڏي اَفسوس جِي اُفتادگي اِيءَ،
ڪڏهن ڪهڙي ڪنيزڪزادگي اِيءَ،
نہ تو ري بيو تَلاهي، يا اِلاهي!

خُدايا! هِن خُواريءَ کان ڇڏائين، غُلامي غَير واريءَ کان ڇڏائين،
ڪڏهن مُنڪر مَڪاريءَ کان ڇڏائين، اَمن ڏيئي اِنتظاريءَ کان ڇڏائين،
پَکي مِسڪين ماريءَ کان ڇڏائين،
ڦِٽي ڪَر لاهي ڦاهي، يا اِلاهي!

اِلاهي! عام ڪَر اِسلام فاتِح، سَدا تِنهن جو سَڳورو نام فاتِح،
مِنو مُرسل مُحمد جام فاتِح، وَحيدُ الدين خان وَريام فاتِح،
اِهو عادِل اَمير عام فاتِح،
ڪَنان مَهتاب ماهي، يا اِلاهي!

اَحد! ’احمدؔ‘ مَٿي ڪَر عَفو اِرشاد، بُڌج فائق! سَندس فَرياد فَرياد،
عِراق و عَرب ڪُل آزاد آباد، پَلو بَيتُ المقدس، بَصرو بہ بَغداد،
ڪَرين اِسلام کي اِنعام اِمداد،
بَحر بَر بادشاهي، يا اِلاهي!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

يا رب! ياري ڪرين

اَسان ساڻ يا رَب! ياري ڪَرين،
قَتل پاڻ قومن ڪُفاري ڪَرين.

مَددگار ٿِي مومنن سان مُدام،
ڪَڙي ڪافرن تي ڪَٽاري ڪَرين.

سَدا رَک صَبر ساڻ ثابِت قَدم،
بَهادُر تي بَخشيش باري! ڪَرين.

دُعا دِيندارن جِي داور! سُڻج،
قَوي دِين ۽ دِينداري ڪَرين.

پِرهه وَقت پَرهيزگارن جي وات،
پِرين! بَخش پَرهيزگاري ڪَرين.

فَقيرن جو فَرياد فَانصُر فَتاح!
مَٿي دُشمنن دِل ڪَراري ڪَرين.

وِڙهن دِين تي ٿا دِلئون دِيندار،
سِکُو فَوج سا فَتح واري ڪَرين.

گُهرن دِين کي ڪِينَ دُشمن دَيُوث،
تِنين تان خَلق ۾ خُواري ڪَرين.

پَچيو حُڪم، حاڪِم سَڏائِين هِت،
تِنين جِي تَلف تاجداري ڪَرين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چَڙهيو شُڪر، شَڪر مَٿي شَوق ڪَن،
مَٿ ڪِير ۽ ڪَنڌ ڪاري ڪَرين.

مَٿيو تو کي مالِڪ! جِنين مال تي،
سَندي توف تِن تي تَياري ڪَرين.

قَوي ڪَر اَسان کي تہ ڪافر کُهون،
عَطا شير، بِي شَهسواري ڪَرين.

مَدد ڏي مُدامي مَددگارِيون،
عَطا چِشمتون هوشياري ڪَرين.

اَسان کي مَٿي دِين جي دُشمنن،
سَدا سوپ سَرسي سَواري ڪَرين.

قِلعا ڪوٽ پائي ڪَيو ڪُفر جِن،
وَري وات، مُنهن تِن جو واري ڪَرين.

بِنان توءِ بي زور بِلڪُل اَسين،
سِکُهو يار! ڪا يادگاري ڪَرين.

فَتح بَخش فَتّاح! فِي الحال رَس،
جُهُودن سين تُون جَنگ جاري ڪَرين.

دِليري ڏَئيم! دِين جي پار ڏي،
عَطا حُڪم حَملو هَزاري ڪَرين.

بَدين مُون کي يِران ڪَيو، بَخش هاڻ،
بَدن ٻال سان گُل بَهاري ڪَرين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڀَڃي ڀال، ڀالا ٻَچائيم ڪِيم،
گُهريمِ نام نُوري، نه ناري ڪَرين.

مِيان! ڪَر مُون ڪي مَرد مَيدان جو،
قَوي ساڻ قُدرت قَهاري ڪَرين.

اَحد! بَخش 'احمد' کي عادت عَجيب،
ڀِهُون فتح ٻانهي ٻِپاري ڪَرين.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آئون ظالم زحمتي

ڪِين مان تُون ڪئين ڪرين، ڪُن، ساڻ قادِر قُدرتي!
جَبل ۾ جَبار! تُون، جوڙين جواهر زينتي،
مَنجهه عَجب آئون پوان، اِسرار ڏِسيو عِبرتي،
آهِه تو ڪي هَر هَميشه، حَمد هادي حِڪمتي!
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

بي مِثل دانا ڏٺي تون، ڪِٿ نه ديرا ديس تو،
وَصف وَالعِزت وَ عَظمت، آهي واحِد! ويس تو،
تُون خُدا، تُنهنجي خُدائي، خود خودي پڻ ڪيس تو،
حُڪم تُنهنجي ۾ هَلن ٿا، هيٺ حاڪِم حِشمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

راز ۾ رازِق! سَڀِن کي، روز روزانا رَسن،
چو رَکن عاصِي نه آسيون، جي عَطا ايڏي پَسن،
ڪَرم تُنهنجي جا ڪَڪر، ڪُل وَقت قادِر! ٿا وَسن،
موڪ نِت مانداڻ تُنهنجي، مِهرباني بي مَتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تُون سَخي سُلطان هيڏو، تُنهنجو سائل سَيڪوئي،
مُون سَندئي دَر جِي شِڪايت، ڪِنهن نه سائل ڪان سوئي،
اُو رَهن نِت روز ڪِلندا، جي رَسيا تو دَر روئي،
باقِيَن جي بَخت مان، بِلڪُل نه وَئي بَدقسمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

تُون سَڏاور تِن جو سائين! مُون سَڏي ڪَر سَرفراز،
تو نِسورو ناز سُونهي، مُون ڪماڻي هَٿ نِياز،
آئون بَندو، تُون بِلاشڪ، بادشاهه بَنده نَواز،
تُون خُدا! خالِق خَلق جو، آئون خاڪي خِدمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

چاٽندڙ! چاٽاءِ سَنئين، نه ته ڏوهه جَٽ تي ٿو جَمي،
رَب سَچا! ڪَر رَهبري، تان راهه تي پانهون رَمي،
هِيءُ نِپاڳو نَفس ڪو، مُنهنجي نَصيحت ڪي نَمي؟
جِنهن وِڏا اُبتڙ اَمر ڪان، شاهه آدم عَصمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

بَخش باري! تو بِگر، بيا پَروسا پيٽيون پِڳا،
مُون جِها لورا لَنگها، ڪُل لُطف جي دامن لڳا،
بِي نه تُرهي توهه جِي، تِن تار ۾ تاري تِڳا،
صُبح سانجهي سو سَنپاريان، سَبق سَبقت رَحمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چا لِکان ليکيان وَري، چا لُطف تُنهنجا لَک پَدم!
ڪَرم جِي ڪَثرت ڏِسي، قادِر! پَري آيَس قَدم،
دَر جَهليو دانهُون ڪَريان، دَر تان نه ٿيندس دُور دَم،
خواهه شامِل شَرع سان، خواهه شامِل شامتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

ڪا گهَٽي ڇَڏيَم نه گهوڙا! ووءِ! گُناهن گهيريَس،
ڪُنگرن تان ڪَند پَر، ڪيري ڪَيرن ڪيريَس،
بَخش بارِي بادشاهه! بِلڪُل بَچايس پيريَس،
تُون تُسي ڪَر توهه مَٿم، تَحقيق آهيان تُهمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

ڪَر دوئيءَ ڪي دُور داور! ميٺ دِل جو دوست! داغ،
پَنهنجو بُلبُل مُون بَنائج، بي بَقا دُنيا جو باغ،
ڏَڙ اُنهن جا ڏُوڙ پَريا، جِن مَٿس ڌاريو دِماغ،
ويا نِپٽ ٿِي ناس نازُڪ، ناز وارا نِعمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

خَلق ڪارائِين سَڄي، پَر مَنجهه خَزاني تو نه ڪوٽ،
ڪَر مَٿم قائم ڪَرم، پَنهنجي سَندو ڪَلتار! ڪوٽ،
سِين مُعافِي مُون مَٿي، بَرڪت مُحمد گهوٽ موٽ،
جو ضَعيفن جو، ضَعيفيءَ وَقت ضامِن ذِمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِيءَ غَرض ناهِہ تہ آئون، عَيب آلُودو رَهان،
رَک اَمن اِيمان ۾، تان عُمر آسُودو رَهان،
سِر سَڳوري شَرع ثابِت، سِر ڏيَڻ سُوڌو رَهان،
ڪَم ڀَلي جي باب ۾، بارِي! مَ ڏِج بي هِمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

پيا پُسي سامان سارا، مُون سُڪي پَٽ ۾ صَفا،
سِر مَٿي وِيرُون وَريَم، ڪَر وَهر واحِد با وَفا!
ماڳ محَشر ۾ مُحابي، مِير مُرسل مُصطفيٰ،
مُون بَندي بَدڪار جِي، بارِي! مَ ڪِج بي حُرمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

بي ڪَنڌي تو ري نہ ڪا، ڪيڏانهن قادِر! ڪاهِيان؟
لُطف تُنهنجا لوڪ تي لَڪ، لِک نہ آسيون لاهِيان،
تُون ڏَڪائج اڳّ اُگهاڙا، اڳ اُگهاڙو آهِيان،
پاڪ ڪَلمي سان ڪَرم جِي، بَخش ڪُڙتي قِيمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

ڏي دِلاسو ڏيهہ ڏَٽي! ڏانهُون سُٽي دِلگير ڪي،
بَند بَندي تان تُون مَ بارِي! بُوءِ بِهشتي هِير ڪي،
اِيءَ اَٿم مِنت تہ محَشر ۾ مُحمد مِير ڪي،
ڏي ڳڏي اُن ڏِينهن، اُمت ساڻ ’احمد‘ اُمتي،
آئون جاهِل، آئون ڪاهِل، آئون ظالِم زَحمتي،
تُون مَٿم ڪو رَحم ڪَر، رَحمان، راحِم، رَحمتي!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اي طبيبن جا طبيب

مَرض بيا جاڻن نہ مُورا، اَي طبيبن جا طبيب!
سُور لاهِج تُون سَمُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

حاڪِمن جا زورحاڪِم، اَي حَڪيمن جا حَڪيم!
جابجا تُنهنجا ظُهُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

عَرض عاجِز جو اگهائي، ڪَر اگهي جو ڪو عِلاج،
بَخش طالِب کي طَهُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

مَرض ماريو آهِيان، مَرضي مُبارڪ آهِہ ڇا؟
پُڇ نہ تہ ٿيا پَهر پُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

خود نُمائيءَ کان ڪَڍج، هِن ناخُدا کي يا خُدا!
خود خوديءَ تي ٻار ڪُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

فَرق ڦَڪين ڪِينَ ڪِيو، فارِق ڪَيَس ڦيرن فِراق،
حاج حاصِل ڪَر حُضُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

ويڇهڙا ئي ڪونہ وياسُون، پَر ديکيندي دَر سَندئي،
ڏي شَفا ڏاتار! ڏُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

هَفت خورش مان تہ هَفتو، هِڪ بہ ڍائو ڪِينَ حِرص،
تُون طَمع کي چاڙهہ تُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

دَرد ڏاران ڪو نہ ڏانهي، دَر جهليو ڏانهُون ڪَريان،
وات وائِم وا ٿُبُورا، اَي طبيبن جا طبيب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَڙ حَڪيمن جِي ڪُٺي، هِهڙو اَجان مُنهنجو ته حال،
ڏِينِ آڏر چا اَڏُورا؟ اَي طبين جا طبيب!

بي اَثر بِلڪُل هِتي، بَگريون ٻين جُون تو بِگر،
ڦَٿ تي ٻاجهئُون هار ٻُورا، اَي طبين جا طبيب!

مُفت مُفتي عافيَت جا! مَرض جو مَرهم ڏِيار،
هَٿ اَسان ناهِن اُجُورا، اَي طبين جا طبيب!

ساهه سالن جي مُئن کي، ٿو ڏِين صاحِب سَتار!
مُون کي قادِر! ڪَڍ قُبُورا، اَي طبين جا طبيب!

وَالفَجر ويلي فَجر، واحِد! وَسيلو وِچ وِڌوم،
مُون کي فائق! ڪَڍ فُجُورا، اَي طبين جا طبيب!

ڪِج مَثم فَرمان فَردا، وَادخُلِي جَنَتي،
اِيئن ڪَريان ٿو سَڌ سَحُورا، اَي طبين جا طبيب!

جانِ جانان! جانِ عالَم خانِ خانان! خانِ خَلق،
سُرَ صَدا صَدرُ الصُدُورا! اَي طبين جا طبيب!

آس 'احمد' چَئي نه لهنديَم ياد آهِم يا خُدا!
قَول ڪَانَ الله غَفُورا، اَي طبين جا طبيب!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

امن ۽ ايمان بخش

اَي اَحد اَللهُ اَعليٰ! عِلم ۽ عِرفان بَخش،
اَي سَچا سُبحان سائِين! سِڪ سَمر سامان بَخش.

ماريو آهِيان مَدائِن، ٿو پِنان مَددُون مُدام،
ڪاڻ ڪافر جي قَتل، قُوَت، ڪَمانيون، ڪان بَخش.

سِر ڏيَڻ سُوڌي سَچائي، اِيءُ سَدا ڪَريان سَوال،
سِر جُھُودن مَنجھه جِهادن، جُرئتون، جَولان بَخش.

قَيد ڪِيني جي ڪَنان، قادِر! ڪَڍج هِن ڪِينَ ڪي،
شير مَردي مُون ڏيئي، مَردن سَندو مَيدان بَخش.

صابرن مان صَبر ڏيئي، ڪَر شاڪِرن مان شُڪر ڏيئي،
نيڪ بَختن ۾ نِهايت، نام ۽ نِيشان بَخش.

نَفس، شَيطان، شَهوَتون، هِي دِين جا سَپ دَرد چور،
سَبب ڏاڙي دُشمنن جي، دِل مَٿي دَربان بَخش.

سِر سَندم سان سَهنج ڪَر، هوءِ سَدا ٿان مَنجھه سُجُود،
قَلب قُربيءَ جو ٿِئي، قُدرت مَٿان قُربان بَخش.

ڪَر اکيون اِهڙيون عَطا، جي آخرت تائِين رَسن،
وات وائي وَحدهٗ، وَسندي توڻي وَيران بَخش.

پير اِهڙا ڪَر عَطا، جِيئَن عَرش ٿِئي اورانگهه جِن،
فِڪر پُورو، پَر فَقيرن، فَيض ۽ فَيضان بَخش.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

بَندخاني ڪان بَدين جي، ڪَڍ بَدن بَندي سَندو،
فَضل سان پُوري فَضيلت، فَهم ۾ فُرقان بَخش.

تُنهجي مَرضيءَ کان مُخالف، مَرض ٿيو مُون کي وَجِڻ،
دِين تي دائم رَکي، داور! دَوا دَرمان بَخش.

هَٿ ٺلها هادي! اَٿم، دَم دَم رُوان هِن دَر مَٿي،
مَعرفت جا مُون مِيان! موتي، مَٽيان، مَرجان بَخش.

هَٿ ٻَڌيو هادي! ٻُڌايان، حال ۽ هاريان هَنجُهون،
مَچ مِنٿ مَعذُور جِي، ۽ مَعذرت کي مان بَخش.

مُلڪ والي! مُون سَوالي، مُون مَواليءَ کي مَ مَٽ،
هِمتون، هَمراهِيون، هِت ۽ هُتي هَر آن بَخش.

دَم بَدم او دَر ڌَڻي! دَر تي گهڻون دانهي فقير،
آهِ اِيءُ اَحوال مُون، تان عَيب ۽ عِصيان بَخش.

دان ڏُهرا دَر ڪَنان، دَف واري نِيا اڳيئن دَفعي،
مَنگتو مالڪ سَچا! موتي ٿيو مِهمان بَخش.

شاهه دِل سَرها ٿِين، ٻانهون سَڏائيندي سَندئي،
گولڙي کي گوليءَ جو، تُون ٻِڇيءَ ۾ ٻَان بَخش.

جَهل جَهنم جي ڪَمن کان، جِسم کي جَبار! تُون،
عِشق، اُلفت ۽ اَمانت، اَمن ۽ اِيمان بَخش.

هِن سَواليءَ جِي صَدا، والي! نه سائين تو سَوا،
دَم بَدم دَرپيش دانهيان، دِين، دَولت، دان بَخش.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِهر ڪَر ڪا مِهر ڪَر، اَي ماءُ کان وَڌ مِهربان!
ٻال پَنهنجي سان ٻِهشتي، باغ ۽ بُستان بَخش.

خَير ڪَر ڪو، خَير ڪَر ڪو، خَير خَيرُ الراحمين!
شَهد، شَربت ۽ شَهادت جو، شَرف ۽ شان بَخش.

رَحم ڪَر ڪو، رَحم ڪَر ڪو، رَحم رَب العالمين!
رُوح رَک راضي رَضا تي، روضَتُہ الرَحمان بَخش.

سِنڌ ۾ سالُون سَڄيون، سِر تي سَتم سائين سَچا!
عَرض آهِہ، ماڳ آخرڪار عَرستان بَخش.

اَي اَحد! 'احمد' کي قائم، رَک اَلستي عَهد تي،
قَبض ويلي ڪَرم سان، ڪَلمون ذِڪر قُرآن بَخش.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيهه اکريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارلس ڊارون جي نظريه ارتقا جي رد ۾ چيل

اسرارِ الاهي

’الف‘ اُپ، پُونيون عَجب اِسرار، سَمجهي چا سَگهان!
ڪَئين قِسم جُون قُدرتون ڪَلتار، سَمجهي چا سَگهان!
صُورتون سُهڻيون، سَوين سِينگار، سَمجهي چا سَگهان!
چَنڊ، سِج، چَوڏس چَمڪ چَمڪار، سَمجهي چا سَگهان!
جَهنگ، بَرپٽ، جَر، جَبل جِنسار، سَمجهي چا سَگهان!
گاهه، گُلُون، گُل، گوهر، گُلزار، سَمجهي چا سَگهان!

’بي‘ بَنائِين بَحر، بَر، بُستان، بَستيون بي شُمار،
جِن، مَلڪ، ماڻهون، مِرُون، مَڇيون، ڪِ مانگر، مور، مار،
روجهه، ڦاڙها، رِڇ، بَگهڙ، هِي شِينهن خُوني پُر خُمار،
ڳَئون، مينهُون، ٻَڪريون، رِڍُون، گهوڙا، ڪِ اُٺ، هاٿي، حِمار،
جِنس سَپڪا جوڙو جوڙو، فَرق جاڄ وِچ ڄَمار،
عُمر گهَٽ وَڌ ۾ وَڏا وِيچار، سَمجهي چا سَگهان!

’تي‘ تَپاسي ڏِس طَبيعت، تُون ٺِئين چا مان تَيار،
باهِه، پاڻي، واءُ، مِٽيءَ مان، ريخت تُنهنجو رَخت يار!
ڏِس پَلي جا پال، اُپ پُونءِ ۾ بَنيين تُون بَختيار،
چَنڊ تارا تُنهنجي تابع، توکي بَخشيو تَخت يار،
اَختياريون اُن جُون آخر، تُون اَوس بي اَختيار،
تہ بہ ڏِسان تو ۾ تَڪڙ تَڪرار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

’ثي‘ ثَنا ثَقلين ڪَن، سُبحان تيري صاحِبي!
رات ڏِينهن ۾، رات ۾ ڏِينهن، سَگهه عَجب ساراهِبي،
تو ڪَيا ڪوڙين، نه ٻِئي ڪوڙين ڪان ڪِيڙيي ٿاهِبي،
ڪَل نه سِج جِي ڪَهربا جِي، ٻِئي ڪِنهين ڪان ڪاهِبي،
ٻِئي طَرف تارا هَلن، ڪِي اَڪ نه اُن مان لاهِبي،
اَڪ اُنهن ۾ آهِه آخرڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’جيمَ‘ جوڙڻهار جوڙيا، جِنس جوڙا جوڙ ۾،
ڏِينهن وِيامڻ جا ٻه گهَٽ وَڌ، فَرق توڙا توڙ ۾،
ڪي اُڏامن، ڪي سُرن، ڪي سَربسر ڊُڪ ڊوڙ ۾،
ڪي چَرن ءِ ڪي چُٽن، ٻوڙيي ٽُڪر ڪو ٻوڙ ۾،
گهَر اَندر، ڪو گُر اَندر، ڦَر ۾ ڪِيُون، سَپ ڦوڙ ۾،
رَنگ توڙي پار ڏُر ڏُر ڏار، سَمجهي چا سَگهان!

’حي‘ حَڪيمن هيل تائين، هَٿ هَنيا، هَٽندا رَهن،
ڪَئين ڪِروڙين مَيل ماپيئُون، تَڙ نه ٿيو، تَٽندا رَهن،
اُپ اڳاهان ڪِي اَجان، خِيمان ڪَٽي ڪَٽندا رَهن،
سِج چِڪي پُونءِ ڪي ٻيهاريو، نه ته چَپر چَٽندا رَهن،
وِيءَ وَلهارن ۾ وَجان، وَڻ ٽِڻ، وَليون وَٽندا رَهن،
واءُ ڪَڏهن ڪوسو، ڪَڏهن ٿَڌڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’خي‘ خَبر وَٿ تُنهنجي خَلقڻ تي، ٿيو چا خَرچ خام!
پير، هَٿ، هَڏ، چَم، هِنيون، نَڪ، نيڻ، ناليون نيڪ نام!
واءُ، پاڻي، باهِه، ٻِجلي، اَج وِڪامن عام جام،
رَت پَرائڻ جِي رَقم پڻ، خُوب جاڻن خاص عام،
پوءِ سُٽاءِ صِرف توتي، صَرف ٿِئي چا صُبح شام؟
ڪَس ڪِروڙن ۾، ڪَسر ڪَم ڪار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ڊال‘ ڊِلبر! ڏيک ڊَريائن جِي ڊَهشت ڏُوم ڏام،
هِڪ سَدا ڪاري جو ڪارو، ٻيو مِنو پاڻي مُدام،
ٻِن مَنجهان خوراڪ ڪائن، خان ۽ خادِم، خُدام،
جَر جُدا جاني! نه ٿِئي، توڙي ڪٽي گَڏجن گُدام،
هِت نه هِيءُ هُن سان مِلي، وِچ ۾ ڪو دائم آهِه دام،
لَک وَره لَڳ پَڳ لڳي لَلڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’ڌال‘ ڌَرڙا بي پَسه، جِهڙا اَندر جِيئري ڪِ موءِ،
جانوَر، بي جان، جِن، اِنسان، جَر، پَٽ، جَهنگ، جوءِ،
ڪِيئن پَسه پَهرين پيو؟ پَهري ويو ڪِنهن پار پوءِ؟
بي پَسه ۾ ساهه ڪِنهن، بي ساهه ڪان بِلڪُل نه پوءِ،
ساهه ڏِئي يا ساهه نِئي، سو ساهه صاحِب هيڪ هوءِ،
ساهه خود چا؟ سوچيَم سَئُو وار، سَمجهي چا سَگهان!

’ري‘ رِعايت روشنيءَ ۾ ڏِس، اکيون اُپ ۾ اَڙاءِ،
سِج جِهو گولو نه گهڙبو، پَر گهڙي ڪو، تان گهڙاءِ،
چَنڊ تارا چَوطرف، تِنهن کي جَواهر جِيئن جَڙاءِ،
آڻ اُپ جيڏو جَهنڊو ڪو، تِنهن جِي چوٽيءَ ۾ چَڙهاءِ،
پوءِ ڪَٿ قِيمت، ڪِ ڪاريگر ڪان پُڇ، ڪَلمون پَڙهاءِ،
ڏِينهن ڏيهه تي ڏات ڪِيو ڏاتار، سَمجهي چا سَگهان!

’زي‘ زَبانون ڪيتريون، عَربي، ڪِ اُردو، فارسي،
سُگهڙ سالن ۾ سِکن، سي عُمر لائن آرسي،
پَس پَڙهڻ ري پُٽ پيو، ڳالهائي پيءَ جِيئن پارسي،
ٻار لئي ٻولي وَڏن جِي، جِيئن وِياءَ لئي وارثي،
اِي مِڙئي اَللہ جا ڪَم، جَهل اکِيَن تي آرسي،
جِنس سَپڪنهن جِي جُدا جُهونگار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

’سين‘ سَئو لک سال ساڳي، هَر سَلي جو سِلسلو،
اُو زَمانا، اُو زَمينون، اُو ظُهُورو زِلزلو،
اُو وَلد والِد جِها، اُو مَنجهه وَلهارن وَلوَلو،
اُو ڪِوڻ ڪِليو چَوي، اِيءُ ڪَم خُدا جو ڪُل ڪُلو،
پيو بَني بُنياد موجب، باز، ڳيرو، بُلبُلو،
ڪِنهن نه ڦَر ۾ فَرق، ڦير و ڦار، سَمجهي چا سَگهان!

’شين‘ شاڪِر! ديک شِڪليون، شَڪ رَکي چا ۾ شَڪي؟
ڇَئو ٻلا هِهڙي ٻُليي ڪي، هِيءَ تو ڪِهڙي بَڪ بَڪي؟
ڪِنهن سَبب سَرڪار! تُنهنجي، سَئو پُريون صُورت ٻڪي؟
ڇو نه ڪائي ڳِهڻ ڳهلا! مُدتون ٽيندي ٽَڪي؟
ڇو نه باندر تُون بَنيين، ڇِهرو پَڪي يا ڇِپ پَڪي؟
هِي نه ڪِنهن قَهار جا ڪَم ڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’صاد‘ صاحِب صُورتن ڪي، رَنگ ۾ پاهيو پَڪو،
ڪو اَڇو، ڳاڙهو، ڪو سائو، سُرخ، ڪو ڪارو، ڪَڪو،
حَقاً وَ مَن اَحسَنُ مِنَ اللهِ صِبغَةً ثاني نه ڪو،
هِت نه هَٿ ٻوڙي هُونهِين ڪو، هُت نه پَرٽو هِڪ ٽَڪو،
هِيءُ نه ڏونرو ڏُوپ ٻِن سان، رَنگ گُل، گوهر ٻَڪو،
سونُ، چاندي، چَنڊ، سج ڇوڏار، سَمجهي چا سَگهان!

’ضاد‘ ضِد ظاهِر ڏِسڻ ۾، آب، آتِش، واءُ، مِٽي،
سَڀ سَنيالي گَڏ سَدا، سُبحان سُهٽي سِٽ سِٽي،
ڏِينهن ٽِئي ڏيهه تي ڏِهاڙي، رات چانڊوڪي ڇِٽي،
ڇا حِصو هِن جو ڪِ هُن جو، ڪيتِري ڪِنهن ۾ ڪِٽي،
رَک فَهم ۾ ڪوهه ڦُل، ڪي پيا ڦُٽي، ڪي ويا ڦِٽي؟
دَم بَدم دُنيا اَندر دِيدار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’طوءِ‘ طوطا ءِ تِتر، تاڙا، تَلُوريون، تُور، هَنجهہ،
تُون تہ ٿوريءَ مِ ٿڪين، هُن کي نہ ڏورڻ ڏيهہ ڏَنجهہ،
صُبح نِڪرن سائيريا ڪان، هِت رَسيا هِي سار سَنجهہ،
تيل ري طاقت سَلامت، سَئو پُريون پرواز مَنجهہ،
ڪِيئن ڪُڪڙ کي وَقت جي، ري واچ پَئي ٿي سُڌ سَمجهہ؟
هَر پَهر پويان پَوي پُوڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’ظوءِ‘ ظاهِر هَر ذَري مان، هَر ظُهُوري مان ضَرُور،
رَنگ ڏِيندڙ نيڪ روشن، رَنگ پُوري مان ضَرُور،
ڪِنهن جي پڙڪائڻ تي پڙڪي، باهِہ کُوري مان ضَرُور،
تَند تُون چورين تَڌهن، ’تُون تُون‘ تَنبُوري مان ضَرُور،
پَر ڦِتي عالَم سَچو، عالِم اَڌُوري مان ضَرُور،
حِڪمتون سَمجهن بہ ڪي هوشيار، سَمجهي چا سَگهان!

’عين‘ عاقِل عَطر ناهي، وِڪڻندا تو وَٽ وَتن،
سَڀ وَني سَگهندا نہ سي، تہ بہ ڏِينهن بہ ني تيزاب تَن،
پَر ڪٿُوريءَ مان خَتم، ٿيڻي نہ خوشبُوءِ مَنجهہ خَتن،
خُوب خوشبُوءِ سان ڪِڙن ٿا، وَڻ، وليون پَنهنجي وَطن،
واس واٽن تي وَنن، تِن جو تَونگر يا ٽَتن،
لنگهہ جِتان هِڪ هِير، بيو هُبڪار، سَمجهي چا سَگهان!

’غين‘ غافِل ٿِي مَ، عاقِل! ڳالهہ عَينڪ ري عَيان،
صُبح ڏِئي تو ساک سِج جي، ڏُونهن لئي ڪُجهہ دَرميان،
ڪوٺ شاهِد ڪارگر جو، ڏُر چِڪائي پيو ڏِيان،
چِٽ چِٽيندڙ جو چِٽو ڏِس، گُل بَڪاريءَ جو بَيان،
ڪِيَن سَمجهي ڪان ڪان ڪو، اُپ زَمين وارو زِيان،
ڪِيئن هَلن پاڻهين بہ هُرلا، نار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فَصل جا فَيصلا، اکيَن ڏِسان عِبرت جِها،
چيٽ، آڏائون، ڪَتي، قُدرت ڏيکاري ڪَم ڪِها!
چا وَنگا، چانهيون، ڪِ گِدرا، گول ميوا، مَڪ، مِها!
ٻِج، سَلو، ڪاني، ڪِ ڪِيرو، آهِہ آپُونءَ ۾ اِها،
جَو، جُواريون، ڪَٽڪ، ٻاجهر، ڪي پَڪيون، ڪِن تي ٻِها،
لال، سُڳداسي، ڪِ سيگُهو چار، سَمجهي چا سَگهان!

’قاف‘ قُدرت قاعِدي سان، آهِہ قائم تا قَيام،
ساڳيا سانوَڻ سِيارا، سِنڌ، سَرحد، تا سَيام،
واءَ ساڳِيءَ وَقت وَس جا، ڏِين پِيڙهيَن کان پَيام،
روز ڪي ڪوڙين خِيمان، ڪِن ڪَنيا خِيمان خَيام،
ٻِج پَچڻ جا ڏِينهن گهَٽ وَڌ، فَرق عُمريَن ۾ اَيام،
نِندِ نَسل تي، پڻ سُجاڳي سار، سَمجهي چا سَگهان!

’ڪاف‘ ڪَل ڪَئميرا جِي، ڪَم ڪَما حَقہ ڪَمال،
هِڪ وَني هَر هِڪ نہ سَگهندو، ٻيو پَنجين ڏِينهن پائمال،
پَر اکيون اَﷲ بَخشيون، جِنس جُملي جو جَمال،
مَغز ۾ چاپِين چا چا! دُور پَنڌان ڏيئي ڏَمال،
جَٽڪ مَهندئي مَغز ۾ هو، مَيل تي ماٺو ڪِ مال،
مُنهن، مَٿو، هَٿ، پير پُورا پار، سَمجهي چا سَگهان!

’لام‘ لِڪ ۾ لُڪ، نہ لِڪ ۾ هِير، لِڪ ۾ لَٽ لَڳهہ،
جَڳ بَڻي ڪَئين جُڳ ٿيا، جَڳ مَڳ اِهائي هَر جَڳهہ،
اُو پَلر پالوٿيون، پوڪُون، پَڪي، پَڳ پَڳ پَڳهہ،
بَحر، بَر، پُون، اُپ بَجا، وَيران وَرهن کان وِڳهہ،
مُفت موتي هِڪ طرف، ٻيو گَڙ نہ چا ڪائِن ڳهہ،
بَخششون بِسيار بَخشڻهار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ميمَ‘ مالِڪ مال بَخشيو، مَل مَهيندن سان مينهُون،
ڦُل، مَنڊي، نيٽو، نَهيرو، سَپ سَنپالي وَس ويهُون،
واهه ڙي! ڳُوها ڳُجر جا، ڳيهه ۾ ڳوهن ڳيهُون،
ڏُوبڏُو ڏُونهيون ڏُڪن، ڏُڪ ڏُور ڏيکيندي ڏيهُون،
مُرٽ، مانڊاٽا، مَنڊيئڙا، ڏُڌ، مَکڻ، مَکٽيون، کيهُون،
مُلڪ رَڱيا مُلڪ جي مُختار، سَمجهي چا سَگهان!

’نونَ‘ نِت نِت دَور نئُون، نئُون عُمر ناهي، اَرٿ نئُون،
ڳَپ ڳيهڻ ۾، پوءِ ڳَپرُو، پوءِ ڳاڙهو ڳَرٿ نئُون،
پوءِ ڪَرڙوَڊِ، پوءِ ڪُراڙو، پوءِ ڪَنڌ تي ڪَرٿ نئُون،
سَرس ته ٻه سَٺ سال، تِنهن ۾ دَم صِحت، دَم سَرٿ نئُون،
ڳُم پَروڪا ڳاهه، ڳُل ڦُل، پير، ٻاجهر، ٻَرٿ نئُون،
هيڪڙي جِي هار، ٻِئي کي هار، سَمجهي چا سَگهان!

’واوُ‘ ويڄن واءُ لَهريون، پَرکيون پُرزا پَسي،
پَس ٻه پيتيءَ ساڻ پُوتل، لَهر ۾ لوهي لَسي،
پَنڌ لِک ۾ مَيل هِڪ لَک، وَڌ هَزارن چااَسي،
لَک ڪوهن تان ڪَل تي ڪُڇ پُڇ، رُوبرُو وانگر رَسي،
پاڪ مان ناپاڪ ٿِي، نِڪرن پيهُون، پاٽي، پُسي،
وات هِڪ، نيڪال جا ڪَئِين نار، سَمجهي چا سَگهان!

’هيُ‘ هَزارين خَرچ ڪائن، هِي هَوائي آڙماڙ،
پوءِ ٻه ٿورو ٿيو ته، ڪِرندي ڪِينَ ڏِسندا لاڙ چاڙ،
پَر پَکي پَکٽڻ پَسُون پيا، اُڏرندا آڳڙ پَچاڙ،
خَرچ وارا خُون ڪَن، ٻي خَرچ ۾ ڪونهي ٻِگاڙ،
پَک هَوا ۾، پير پَٽ تي، پيٽ پَر، پاٽيان پَراڙ،
روز رَمزُون، راز مَنجهه رَفتار، سَمجهي چا سَگهان!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

'لام' لاشڪ اَج هُنر ۾، لک سَڏائن لاشريڪ،
لک مِلي مَر مَک بَنائن، ڪَک بَنائن، يا وَڏيڪ،
لک حَياتيون، مَوت هَردم، هِڪ خُدا جي هَٿ وَسيڪ،
ڪُوڙ ناهي، ڪوڙ ڏاهي، ڪوڙ ٺاهي نِيڪ نِيڪ،
ڦَهڻ پاٽيءَ مان بَنائي، لوڪ ڪان نِڪري نہ لِيڪ،
ٻاڦ، مُند، مِينهن، ماڪ جا مِعيار، سَمجهي چا سَگهان!

'الف' 'احمد!' ڏِس عَجب، ڦُل، ڦَر، نيلوفر نِت نَوان،
اَڪ، اِڪڙ، اڪڙوٽ، اِلسي، اَنب، آمان اَرغَوان،
مِرچ، مُوري، مُڱ، مَٽر، ميٿي، چَٽان، چَونرا چَوان،
سَرهه، سِرڳُهو، ساڳ، سِرڪن، سَينر، ساريون، سَر سَوان،
نِم، ڪِ ڳَم، ڳَنڊير، ڳاڳيون، چا ڳَٽي پُوري پَوان!
ٿوپ، ڏَپ، مُڇ، ٿُوهر، ٿالهيون ٿار، سَمجهي چا سَگهان!

'يي' يَقيناً سوئي يَڪسر، يار ياور پڻ يَڪو،
ٻيا ڏِني تي ڏِين، هُو ڏِئي، ڏيهہ کي ڏيٺو نہ ڪو،
سِج هَلائڻ تي هُجي، ڪُل جَڳ تہ ٿوريءَ تي ٿَڪو،
سَپ سَنپالي هيڪ هُو، جِيئن تُنهنجي هَٿ ۾ هِڪ ٽَڪو،
ڪُوڙ ٻيا ڪوڙين نہ ٻُڌندس، قَلب ۾ ڪَلمون پَڪو،
قَلب ۾ ڪَلمون پَڪو، ٻِي ڪار، سَمجهي چا سَگهان!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلم امت لاءِ بيداريءَ جو نظم

الله اڪبر چئي اٿي

’الف‘ اکيون عَين جُون ڪَر، آرسي اِسرار ٿِي،
جانچ جيڪِي جابجا، اَج جامِ جَم جِنسار ٿِي،
هَر هَندان هيڏيون هَلائون، حال تي هوشيار ٿِي،
رَب تَعاليٰ تي تَوڪل، هَر طَرح تَيار ٿِي،
مَرد ٿِي مَيدان ۾، نہ تہ ٿو مَرين مُردار ٿِي،
صِف بَڌي سالار ٿِي، اَلله اَڪبر چَئي اُٿي.

’بي‘ بَندو آهين بَرابر، بيو نہ پانئج ڪُجھہ پُلي،
رُوس جِيئَن رَب کان نہ ڦِر، نہ تہ روھہ ۾ ويندين رُلي،
اَج خُدائي خود خُدا جِي، خُوب خَصمن تي کُلي،
باھِہ، بَمَ، بارُوت وِچ ۾، بُت سَندن بَنيا ٻُلي،
لاش لينن سِر ڪُلھن، لَڪ تان لَڙن لاچار ٿِي،
تُون نہ تِن جِيئَن خُوار ٿِي، اَلله اَڪبر چَئي اُٿي.

’تي‘ تَبارڪ رَب تَعاليٰ، شل! نہ توڙان ڪِنهن تَڙي،
رَب تَڙي چَڏيو تہ، اَج پيو رُوس رِڍ وانگر رَڙي،
بي پَسھہ کان بي پَسھہ ۾، ڪِيئَن پَسھہ پَوندو اَڙي!
تُون تہ جِيئَرو ڪو جِيارِيَئي؟ جُت جَڙي يا بُت گھَڙي،
مُفت مُلحد کي مَجي، مَهندان نہ تُون مُنهن ڪار ٿِي،
بَلڪہ مُنڪر مار ٿِي، اَلله اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

’ثي‘ ثَنا سُبحان جي، جنهن جي ثَنا ثابت ثَواب،
جِنس جوڙي جِنس ري، هَر جِنس جوڙو لاجَواب،
آدمي آدم مَنجهان، آدم پُنيان آدم نَواب،
هَر سَلي جو سِلسلو، سَئو سال سالِمِ بَرصواب،
قُرب مان قُربان تُون، قُدرت مَٿان ڪلتار ٿِي،
غَير کي ڇَڏ غار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’جيم‘ جوڙڻهار جوڙون، جوڙيون جوڙا ڪَري،
ڪَئين ڪُنواريون، ڪَونر ڪِهڙا، ڪِيئن هَلن ڪوڙا ڪَري،
مُنهن، مُهاندا جن وِجهن، مُلهه موتيَن موڙا ڪَري،
ٻيو سَگهي ٿاهي نه ساڳي، سَئو ڪٽي سوڙها ڪَري،
پوءِ قِري فَرمان ڪان، قُل مان نه تُون قَلهيار ٿِي،
گُل مَنجهان گُلزار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’حي‘ حُڪم، حِڪمت، حُڪومت، حاڪِمي حَنان جي،
مُلڪ مالِڪ جو، مَلڪ، جِن، مِلڪ سَڀ مَنان جي،
صاحِبن تي صاحِبي، صاحِب سَچي سُبحان جي،
ڪُل رَعيَت سان رِعايت، روز شَب رَحمان جي،
غَير غالِب سان گَڏي، غافِل! نه غارت غار ٿِي،
غار جو غَمخوار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’خي‘ خُدا جي خاطري، تِنهن ۾ خَطا خطرا، خَيال،
هِي هُجن ءِ هُو نه سَمجهن، تِن هَيَن قِريو حَيال،
قُل هُوَ اللهُ اَحد بَس، اُن جو نه ٻيو اَهل و عَيال،
ڏيهه کي ڏاتار ڏِئي ٿو، ڏوهه ڏيوَن تي ڏَيال،
خود بَنايل ڇا بَنائي؟ ٻيو نه بُت تي بار ٿِي،
بار جو بَردار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’دال‘ دِل مان ڪَڍ دَليلن، دوست دِلبر! مَج ڏَٽي،
خَلق خالِق پاڪ خَلقي، خال خاليءَ مان ڪَٽي،
نُور پَھرين پوءِ پارس، پوءِ ٿيو پاٽي بَٽي،
پِرٿٽي جِنھن مان بَٽي، سي بي پَسھ پُرزا پَٽي،
اَمر ٿيو اَللهُ جو اُن ڪي، ته عُنصر چار ٿِي،
ذُر بَنو سَت ذار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’ذال‘ ذَرڙن مان ٿيا، ظاهِر زَمين و آسمان،
زورِيون، ڪَمزورِيون، مَٿ سَٽ زَمين تي هَر زَمان،
بي پَسھ، بي رُوح جا، اِي ڪَم نه بِلڪُل بي گُمان،
ڪان واري ڪان اُڇليو، ڪان اُڇلي ڪِيئَن ڪَمان؟
غَور ڪَر، وِيچار ڪَر، ور ور نه بي وِيچار ٿِي،
گوش مَنجھه گُفتار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’ري‘ رَھين ٿِي راج راڻا!، جِنھن به راجا وَٿ رَھين،
مُنھن ذرو موڙين نه خود، مَعلُوم مَھندان ڇا لَھين؟
قُدرتون ڏِسندي به قادِر لاءِ، ’ڪونھي‘ ڪِيئَن ڪَھين؟
سَچ، سَزا اِن سَرڪشيءَ جِي، سَنجھه صُباح سِر تي سَھين،
بَند تائب لئي نه تَوبه، تُرت تابِعدار ٿِي،
مَنجھه حُڪم هَر وار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’زي‘ زَمانن ڪان زَمين تي، رَنگ ساڳيان ٿا رَچن،
جِن نه جِن، ماڻھون نه ماڻھون، فَصل پَنھنجي پَر پَچن،
مُنڍ مادي بي پَسھ ڪان، هِي مَندبل مُشڪل مَچن،
بَلڪه اَفلاطون اَٽڪن، ته به نه اَٽڪل تي اَچن،
هِيءَ خُدائي خود خُدا جِي، خاص خِدمتگار ٿِي،
ٻيا نه ٻولِ ٻار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’سين‘ ساٽي جِن سَندو، سُهڻو سَچو سانئم سَتار،
سي قَصر ڪِسرا ۽ قَيصر تي ڪَري نِڪرن قَطار،
ٻاغِ يا باغي مِلن تِن، ٿِين ٻُورين جا ٻِتار،
تَخت يا تَختي مَثي، طَرفان مِلي بي تَند تار،
جَلد مَنجهه جنات تَجرِي، مِن تَحتِهَا الاَنهار ٿِي،
مَرحبا! مَهندار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’شين‘ شاهي يا شَهادت، شَرط شيريءَ سان مِلن،
پَر نه گاديون هِڪ گهڙي، گِدڙن ڪي گيريءَ سان مِلن،
سَرفروشي فَرض ٿِي، فَتحُون نه ڦيريءَ سان مِلن،
دوست! دُنيا، دِين ۾، دَرجا دِليريءَ سان مِلن،
تَرڪ تورا ڪَر نِدورا! تُنهنجو ڪَم تلوار ٿِي،
رَک هَنون هَسوار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’صاد‘ صاحِب ري سَلامي، اِيءُ نه اِسلامي اُصُول،
ڪُوڙ، ڪُلفت، بَد ڪَلامي، اِيءُ نه اِسلامي اُصُول،
ري عَمل عِزت عَلامي، اِيءُ نه اِسلامي اُصُول،
غَير مُسلم جِي غُلامي، اِيءُ نه اِسلامي اُصُول،
خان آهين، خان ٿِي رَهه، خان خود مُختار ٿِي،
سِر ٻِنَ سَرڪار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’ضاد‘ ضِد ڪي ڇَڏ ضَرُوري، هِيءُ ضَرُورت جو زَمان،
ٻُل مَ ٻاءُ! ٻانيان ته اَڄ، اُڀ ٻُون بَدلجن بي گُمان،
ناهِ ڪَم جِي ٻي ڪَمائي، قَوم جِي وَٿ تُون ڪَمان،
مَر نه مارين مَوت خود ڪي، ناهِ مَرڻو مُسلمان،
مَر نه بِهشتي ٿِي، ٻَلا جِيءُ، بادشاهه بَختيار ٿِي،
ڪِنهن طَرف تَڪرار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’طوءِ‘ طَيارا، تارپيدو، تِير، توبون چا چوان!
بَحر، بَر، توڙي هَوا ۾، ڪيا هَوائن سِڙهہ سَوان،
تُون نِدورا! نِند ۾، تو سِر نَغارا نِت نَوان،
هُن نَوايا نَر نَوان، تُون نات سُوڌو ناتَوان،
قافلو قابُو ڪرائي، قافلي سالار ٿِي،
راست مَنجهہ رَفتار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئِي اُٿي.

’ظوءِ‘ ظُهُورو آهِہ ظاهِر، رُوءِ زَمين تي ظالِمن،
ڏِس بَلا سين پيا بَدلجن، بَخت بالا بالِمن،
عالَمن تي آفتون، آرس اَسان جي عالِمن،
سوپ سَعيي سان بَدَل، سُستي نِئي سِر سالِمن،
خواب ناهي خُوب اَڄ، خالي ڪَنان خُومار ٿِي،
وَجهہ وَني وِينجهار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئِي اُٿي.

’عين‘ عِبرت ۽ عَجب جي، ڳالهڙي آهي اِها،
تُون مَرڻ کان ٿو مُڙين، مُشرڪ بہ ماڻهون تو جِها،
تُون صَمد کان سِر رَکين، پاريا صَنم سان هُن سِها،
هُو ڪمائن ڪِيميا سَڀ، تُون ڪرين ٿو ڪم ڪِها؟
اَڄ بہ بِگڙي جي بَنايو، هِڪ بَنو سَڀ يار ٿِي،
ساڻ يارن يار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئِي اُٿي.

’غين‘ غَم غَم تي ڪٽين، غازي! غَزا لئي ڪُجهہ نہ ڪَئي،
جان جاني! ڪَئي مِني، جَنت جَزا لئي ڪُجهہ نہ ڪَئي،
راڄ سَڀ راضي رَکين، رَب جي رَضا لئي ڪُجهہ نہ ڪَئي،
بَحر ۽ بَر ۾ بَچاءُ، فوجي! فَضا لئي ڪُجهہ نہ ڪَئي،
بي سَبب بِستر مَٿي، بَندا! نہ ڪِر بيمار ٿِي،
بَحر بَر بَمبار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئِي اُٿي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فَرض ٿِي سَرفروشي، دَمِ فَراموشي خَراب،
خَصمِ تُنهنجي خُون ۾ خوش، خان! خاموشي خَراب،
دوست چاٽي، دُشمنن سان، دوش ٻادوشي خَراب،
چاڻ هاٿُو ڪو هَٽڻ، هاٿي هَمِ آغوشي خَراب،
خَير، توسان خاص بينو، خارجيَن کي خار ٿِي،
خَر پيا خُونخوار ٿِي، اَللہ اَڪبر چَئي اُٿي.

’قاف‘ قِسمت ۾ قَضا، هَر قَوم لئي هِڪڙو قَلم،
مُلڪ مُشرڪ پيا وَٺن، توکي مِلي مُشڪل مَلم،
ٻيا اُڏامن اُپ مَٿي، تُنهنجو اَدل! اُونڌو عَلم،
فَرق، عامِل لئي اَميري، بي عَمل لئي غَم اَلم،
هُو قَضا، تُون پڻ قَضا، موجب قَضا ڪَلتار ٿِي،
قاتلِ ڪُفار ٿِي، اَللہ اَڪبر چَئي اُٿي.

’ڪاف‘ ڪَلمي گو ڪِروڙين، سَٺ سَتر ٻُڌجن صَحي،
تِن مَنجهان ٿي راج راڻا، راج پڻ راجن ٿَهي،
اَنگريزن هيٺ اُن مان، اَڌ ٻہ وَڌ وانچيَم وَهي،
چَئو نہ ڪِهڙي هِيءَ قَيامت؟ قَوم آهيون يا ڪَهي؟
جَنگ جا جُونجهار! وِئِين تُون، ڪِيئن جُري مان جهار ٿِي؟
جهار مان جُونجهار ٿِي، اَللہ اَڪبر چَئي اُٿي.

’لام‘ لَڇڻن ساڻ لَڇمي، ري لَڇڻ لَڇمڻ لُڇن،
وَڃ پَڇي، پَرواهہ نہ ڪَر، پَروان پاڻهين پِڙ پُڇن،
ڪوهہ ڪُسڪين ٿوڪُسڻ تي؟ ڪِهر ڪُسندي ڪِيئن ڪُڇن؟
مَر نہ ميڙهي، ٻَلڪہ ماري، مِير ٿِي موڙهي مُڇن،
نَر ٻَٽي، نيزو کَٽي، نَعرو هَٽي نِروار ٿِي،
ڪَر کَٽي ڪَرار ٿِي، اَللہ اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ميم‘ مُشرڪ جو نہ مَولا، ڇا مَدد ڏِيندس مَزار؟
مومنن جو آهہِ مَولا، خود خُدا خوش دِل گُذار،
هِڪ ڏهن، سَئو ٻِن سَوَن تي، ٻِن هَزارن تي هَزار،
هاڻ هِن مان هِڪ اڳيان، هَي هَي! هَزارين حال زار،
زور وَٺ، زاريون نہ ڪَر، تُون زير فَرمان زار ٿِي،
زار مان زَردار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’نون‘ نَصراني بہ نِت، نيزن سَمهُون نِڪرن نَچي،
دَهرين جِي ڏار ويئي، دَهريَت لئي ڏَم مَچي،
بُت پُڄاري باهِہ وِچ مِ، تُون وِئِين باقي بَچي،
بي اَمن اِسلام اَڄ، اِسلام مِ ڇا ڪَئي اَچي؟
دِين جِي دَعوا نہ ڪَر، يا دُوبدُو دِلدار ٿِي،
ڏوڪ ڏوڪڻهار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’واو‘ وَڃڻو وَقت ڪونهي، پَر وَڃڻ ڪي تُون مَ وَڃ،
پَڇ نہ، پيٽيون جي پَڇن ٿا، تِن جُون پيٽيون تُون بہ پَڇ،
ساز ۽ سامان سان، سامهن ڪي سامهِين سِينگ سَڄ،
مَوت حَق تان مَوت ناهي، پَر مُدامي عَيش مَڄ،
هَنج حُورُون، هَنڌ هِندورا، هَي نہ هاريا! هار ٿِي،
هار سان هُونهار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’هي‘ هَزارين سال تُنهنجي، حاڪِمن مِ هاڪ هُئي،
دوست! تُنهنجي دُوبدُو، هِت ڏوڪ ڏوڪان ڏاڪ هُئي،
خَلق سَڀ خاقان سُوڌي، خاڪ پيرن خاڪ هُئي،
تُنهنجي اڳين جي اڳي، اڳري ڳري اِملاڪ هُئي،
تُون ڦِرين وانگر ڦِري، ڦَٽڪين بہ ڦارو ڦار ٿِي،
حَق مَ ڇڏ حَقدار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’لامُ‘ لاشو ٿِي مَ لاشڪ، لَشڪرِ اَبرار ٿِي،
قُل هُوَ اللهُ اَحد چَئي، اَندر اِنهيءَ اِقرار ٿِي،
تور تَڪ چَڙه، تَڪ بَتڪ جو، تَڪ ڏَٽي تَڪرار ٿِي،
ڪِيئن بہ هِن آزار ڪان، آزاد ٿِي، اَحرار ٿِي،
قَومِ جِي سَرڪَردگي ڪَر، ڪُرد مَنجهہ ڪِردار ٿِي،
سَرد مان سَردار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’الفَ‘ ’احمد!‘ ٻُڌ اَحد جو، قَول اِحدَي الحُسنَيَين،
حُسن سَعيي ساڻ حَسُنت، يا حُڪومت هِت مِلين،
يا هِندورا هَنڌ هُوندن، هُوند جِيئن حَضرت حُسَين،
فَرق ري فُرقان اَندر، سَرفروشي فَرضِ عَين،
ٻُزدليءَ ڪان باز اَچ، بازيءَ ڪَنان بيزار ٿِي،
بي خَبر! بيدار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

’يي‘ يَقيني فَرض دِيني، ساڻ ياور ياوري،
بار رَک ٻاريءَ مَٿي، يَڪبار چَڙه ٻي ٻاوري،
ڀال ڀالي چُهنب ۾، ٻُختي ڀَلا، ٻَختاوري،
ڏارِيَن ڪان ڏار ٿِي، دائم ڏَٽيءَ جِي داوري،
ڪارگر وَٿ ڪار ۾، ڪارو نہ ڪارو ڪار ٿِي،
پاڪ ڪَلمي پار ٿِي، اَللهُ اَڪبر چَئي اُٿي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اللہ بس، باقي هوس

’الف‘ اَوَل خواهہ آخر، مَنجهہ، پَهر اَللهُ بَس،
مُون مِنِي نالي سَندس ري، ڪِينَ ڏِئي بِي چِيز چَس،
قُرب اُن جو قَلب ٺاري، قَلب لئي بيا قُرب ڪَس،
پيو رُسي جيڪر، رُسڻ ڏي، رَب هُجي هِڪ شال! رَس،
ڇا ڪَندم بيا رَنج، رَس؟ اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’بي‘ بَرابر تو بَناس، ڪِيئَن بَنائِي سو بَيان،
اَگ هَوا، پوءِ عَرش تائِين، آب دَريا دَرميان،
اُن مَنجهان اُپ، پُون بَنائِي، ڏِين دانا ڪو ڏِيان،
رُوح اَوَل، پوءِ مَلڪ، جِن، پوءِ اَسين آهيون عَيان،
ڏِينهن بہ ڏيهہ مِ، پوءِ نہ ڏَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’تي‘ تَونگر رَب تَعالٰي! توکي تَعريفون تَمام،
تُون اُپائِين، تُون نِپائِين، ساڻ اَعليٰ اِهتمام،
آهِہ اِيءُ آدم، نہ آ دَم، دَم مَٿي ڪِهڙا دَمام؟
هيڪ ٻِئِي پُٺيان هِتان، هَليا وَڃن حاذِق هُمام،
ڏَڙ دَفن، دَس بَعد دَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’ٿي‘ ثَنا سُبحان جِي، سَپ شَيءِ مَنجهان جِنهن جو ثُبوت،
قُوت، قُوَت ڏِئي سَپن کي، پَر نہ ڪيٽس ڪاڻ قُوت،
بَلڪہ اُن جي مِلڪ سَپ، ماڻهون، مَلائڪ، جِن پُوت،
آهِہ هُو، هُوندو هَميشہ، هُوَ حَيٌّ لَا يَمُوت،
بيا مِڙئي وانديار وَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’جيم‘ جُڳ ٿيا جَڳ جُڙيي کي، هَر جَڳهہ جَڳ مَڳ نئين،
پَڳ پُراڻيءَ جو نہ پَٽ ۾، پِرٿي پَڳ پَڳ نئين،
لَڪ لَڌي ويا لوڪ مان، لَڪ ڏيڊ جي لَڳ پَڳ نئين،
ڏَڳ اَچڻ جو، ڏَڳ وَڃڻ جو، ڊوڙ ڊُڪ ڏَڳ ڏَڳ نئين،
واڳ ڪِنهن، پَنهنجي نہ وَس، اَللہ بَس، باقي هَوَس.

’حي‘ حَياتي، مَوت ٻَئي، هِڪ ٻِئي پُٺيان جِيئن ڏِينهن رات،
واءُ ٽِڪو، تُرهو تَوائي، مَنجهہ فَنائي جي فُرات،
تَخت ٻِئي جو، تُنهنجو تَختو، پَل نہ هوءِ شَب بَرات،
جانچ قَبرن جُون قَطارُون، وَڃ هَليو تائين هِرات،
هيڪ اوسر، بيو اَوَس، اَللہ بَس، باقي هَوَس.

’خي‘ خُدا ڏي وَر، خودي ڇَڏ، خاڪ مان تُنهنجو خَمير،
اَڳ نہ هُئين، پوءِ نہ هُوندين، اَڄ پَلين آهين اَمير،
ڇو اَڏيئي مارڳ تي ماڙيون؟ ماڳ تُنهنجو مَهند مِير!
ڪَئين عُمر جي ڪوٽ ۾، آيا ويا راڻا هَمير،
ٿُل مَٿي ٿلهيون بہ لَس، اَللہ بَس، باقي هَوَس.

’دال‘ دِلبر! هِن دُنيا کي، ڪَئين لنگهي ويا دَور دَور،
رُوح اَوَل، پوءِ مَلڪ، جِن، دَور هَرڪو اَور اَور،
دَور آخر ۾ اَسان جا، هِن زَمين تي زور شور،
زور زاريون ڪُجهہ زَمانا، پوءِ پُونءِ ۾ پور پور،
چاڻ ڪَر چائو نہ ڪَس، اَللہ بَس، بِاقي هَوَس.

’ذال‘ ذاتيون ڪيتريون، گُذريون اِرم، عاد و ثَمود،
کي اِنهيان ئي اڳ تہ ڪِن جو، بَعد ۾ هو باش بُود،
ڪِن مَٿان وِيرُون وَريون، ڪِن جا وِلوڙيا واءُ وُجُود،
پَئي لَڳو تِن تان لَڳو لَڳ، واءُ زَبر زَنگ زُود زُود،
اَٿ نِپاڳا ڏِينهن نَحس، اَللہ بَس، باقي هَوَس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ري‘ رَهي نالو ڏَٽيءَ جو، ٻيو نہ ڏُونهيون ڏَڻ ڏَراڙ،
خواهہ ساهڙ، خواهہ سُهڻي، سَڀ وَڃي پُهتا پَراڙ،
ٻول ٻيلائِن نہ ٻُڌجن، ٻڙ نہ ڪاهن کي قَراڙ،
ڪُلُ نَفسٍ ذائقة جو، نَقش هَر ڪِنهن مَنجهہ نِراڙ،
پَر نَحس! توکي نہ حَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’زي‘ زِيادہ وَقت کان، آهِن زَمينون آسمان،
ٻِگڙنديون، بَنديون رَهن ٿيون، بادشاهيون بي گُمان،
سار آدمِ کان اَميريون، اَڄ ڪِ تا آخر زَمان،
ڪو زَمانو ظُلم جو ۽ ڪِنهن زَماني ۾ اَمان،
ڪو ڪَسر ٿيو، ڪِنهن کي ڪَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’سين‘ سانجهي صُبح سُهڻا، جي هَليا ٿي هِير ۾،
قَيد ڪِيائون ڪيترا، زُلفن سَندي زَنجير ۾،
تِن لَتون ڏِنيون لَتيائون، ڪِنهن لَتي ۽ لِير ۾،
وَر ڪَرين تہ بہ هُو نہ وَرڻان، ويا اَچي ڪِنهن وِير ۾،
جِن ڪَڏهن ڪائو نہ ڪَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’شين‘ شاهي شَهر ڏِس، دَرياءُ ڪِيا جِت دَور دَور،
دَور دَرياءَ ويا ڪَٽي، بَنگلا پَڃي ٿيا پور پور،
سِنڌڙيءَ ۾ سُڃ وَسي، گُذريون اَوليون مَنجهہ اَلور،
رِڻ، وِڳهہ، رُوپا، مُحمد طُور، ديوَل ۽ پَنيور،
لَک لِڱَن کي ڏِني لَهس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’صاد‘ صابُڻ سان صَفايون، ڪِنهن مَهل تائِين مِيان!
مَرڳ مُرڳو ڪَند تي، پائِين تہ جان ڪِي تان جِيان،
هيڪ روئي، ٻيو چَوي پيو، ڏي تہ ڏاڍا ڏَک ڏِيان،
ڪَرم قادِر شل! ڪَري، نہ تہ قَبر ۾ ڪِيندا ڪِيان،
نانگ، ماڪوڙيون، مَکس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ضاد‘ ضِد ڪي ڇَڏ ضَرُوري، ضُعف پَنهنجو ڏِس ضَعيف!
ڇا هَلن تُنهنجون هَلائون؟ ويا هَليا تُنهنجا حَليف،
حَرف سَڀ هيڏي، نہ هَلندئي حَرف هُت هَرگز حَريف!
ڇيٽ ڏاري ڇوٽ توکي، يا خَرابي مَنجهہ خَريف،
خاڪ ۾ خاصو ڪِ خَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’طوءِ‘ طِلسم طائفا، سَرڪس، سَينيما صُبح شام،
شام شَهرن ۾ گُهمن، شَوقين جِهڙا شاهِہ شام،
شام جي خود شاهہ تان، وِڃهندا صُبح يا شام شام،
ڪير آهي جو اَجل کان، پوءِ جَهلي تا شام شام؟
پيءُ نہ ماءُ، سُهرو نہ سَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’ظوءِ‘ ظاهِر تي مَ لڳ، ظاهِر بَظاهِر ڪُجهہ زَمان،
پوءِ نڪِي شِڪرا شِڪاري، پڻ نہ شاديون شادمان،
باغ ۾ ’ٻُون ٻُون‘ نہ ٻَونرن، ٻور ٻُون، اَڌ آسمان،
خاڪ ۾ خود خان، خادِم، خاندانان، خان مان،
رَد رِهاٽيون، راڳ، رَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’عين‘ عِبرت وَٽ اَدا! اَحوال اَڳين جا ڏِسي،
ڪالهہ ڪَپڙا قِيمتي جِن، اَڄ ڪَفن ويڙا ڪِسي،
ڏار سِر ڏَڙ ڏُوڙ ۾، دَهشت ڪَنان ٻَئي دِل ڦِسي،
پير هِت ۽ هَٿ هُتي، ڪَرنگهو ڪِٿي ۽ ڪِٿ سِسي،
هِيءَ هَنجهي، هُو هار هَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’غين‘ غَفلت ڇَڏ ڪٺي، جَهل ٻير، جوڀن ڏِينهن ڪو،
ٻيا وَڃن جاني جِتي، نيٺ لڳائي نِينهن ڪو،
مُلڪ مِڙئي ماڪ ٿيو، موڳا! مَ ٻانئج مِينهن ڪو،
مَوت خود موتي مَحل ۾، شاهہ ٻُنيان شِينهن ڪو،
گوڙ گهَر ۾، بَند گَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فَرض ڪَر، جي هَزارين سال هَلندي عُمر هِي،
تہ بہ سَتر ڪان پوءِ سَتر جِي، سُڌ نہ رَهندي ڪا صَحي،
پاڻ پَسندين پيو تہ پَٽ ۾، پُورجن پيا پُٽ پِهي،
بات گُگ گُگ، وات ۾ گِگ، ڏَند ڏاڙهُون ويا لَهي،
پوڙهپڻ جا پار پَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’قاف‘ قابِل! قابليَت، ڪيتِري ڏيکارِيِن؟
سُور هَر صُورت سَمهان، صُورت پَلين سِينگارِين،
پاڻ سَئُو ڪان پوءِ نہ سُڌندين، ڇا سَبق سيکارِين؟
ڪِنهن بہ خَفقاني پُنيان، ڇو ڏِينهن خالي ڪارِين؟
ڏُوڙ ۾ دُشمن ڪي دَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’ڪاف‘ ڪافيون، راڳ، رانديون، شور شَر هَر شَهر ۾،
پَهر هَر ڪِنهن پَهر جو، گهٽجي پيو هَر ڪِنهن پَهر ۾،
عُمر آهي ڏِينهن مُقرر، پَئي لُڏي سا لَهر ۾،
جاڻ بيڙي ٿِي بُڏي، ڪِنهن ڪُن ڪَلاچي قَهر ۾،
ماڻِ، مَڇ، مانگر مَنجهس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’لام‘ لاشڪ لاش ڪي، لَشڪر سَندئي ايندا لَٿي،
مِٽ ڏِڪيندئي نيئي مِٽيءَ ۾، پوءِ ڇَڏيندا مُنهن مَٿي،
ڇَٽ پيو پَٽ، خان ڪَٽ تي، ڇيهہ ٿيو ڇيهي ڪَٿي،
لِڪ نہ سَرندئي لَڪ مَنجهان، جهلين اکيان پوءِ مَنجهہ اَٿي،
ويو ڇَٽي ڪو تُنهنجو تَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

’ميم‘ مائٽ مِٽ مِڙئي، سامهُون ويهن سَڪرات ۾،
سَڌ ڪَندا سُڌڪا پَريو، فارِق فَنا فِڪرات ۾،
پَئي وِڇوڙو ڪو وَڏو، سا ڪا لهي سِڪ رات ۾؟
هِيءُ هِتي جو هِت ڇَڏيو، ويندين هَليو هِڪ رات ۾،
جاڳ جاني! جاڳ جَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’نون‘ نازُڪ! ناز ڇڏ، تُنهنجا نہ هِي ناڻا نَديون،
مال جا مالِڪ ٻيا، تو نال نيڪيون يا بَديون،
هيڪلو هَلڻو اَٿئي، وِڇڙن اَدا توڙي اَديون،
ڪوهہ چاڻان مَنجهہ قِيامت، دير ساعت يا صَديون،
ڏِينهن جَبرو سو جيڪس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

’واو‘ وَهہ واهہ! واءَ وُني جاءِ وَل وَلاڙا مَنجهہ وَلهار،
ڇَلهہ وَڏي ڇالُون ڇلڙ ۾، ڇِل وِلاڙا ڏِينهن چار،
هُو چَرن ٻِٽ تي ٻِٽاريون، ٻَل ٻَلاڙا مَنجهہ ٻَهار،
باغ بُلبُل، گاهہ گُل ڦُل، گُل گُولاڙا دَم گُذار،
سَر سُجان سَڀ پيش پَس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

’هي‘ هِتي هَر جنس جِي، مُدت مُقرر ڏار ڏار،
ٻِيرسن ٻَنجاهہ ٻُڇاڻان، سال ٻارهن ٻار ٻار،
ٽِيهہ ٻَتيهہ وِچ ۾ وَهي، تِنهن ۾ ٻہ مَرضن مار مار،
مَوت ماڻهوءَ تي ڪَري ٿو، اوچتو ڪِنهن وار وار،
پوءِ نہ دَم جِي دَسترس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

’لام‘ لا اِلہ اِلا الله جِي، لَنگهہ ڪِيَن لام،
سَڀ فَنا فاني، مَگر مَوجُود هِڪ آڳو عَلام،
مَوت مُشڪل آهي مَنزل، لاهي مَولا شل! مَلام،
ساهہ وِئي ڪان پوءِ سُڃ ۾، سال سِڪندين ڪي سَلام،
قَبر قابُو ڪو قَفس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

’الف‘ آڳو اِيئن ڪندو، جِيئن اڳ هَواءِ هو پوءِ آب،
جِن، مَلڪ، ماڻهون، مِرُون، تِنهن جَر مَنجهان جوڙيا جَناب،
پُون پَڇي توڙي تَڪر، واهُڙ ڪندو واحِد وَهاب،
عَرش تائِين آب دَرياءِ لَهرِيون لڳنديون شِتاب،
خَلق سَڀ خاشاڪ خَس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’يي‘ يَقينئون يَڪ بَيَڪ، جَر مان وَري جوڙي جَبار،
پَل نہ، اُپ، پُون، آئون، تُون، چا سان بَدلجون بار بار،
آهِہ ’احمد‘ چَئي اَسان جو، آخرت تي اِعتبار،
بَر وَڏو ۽ بار بَرسر، هيڪ تو باريءَ تي بار،
ڪاٿ ڪَلمي ساڻ ڪَس، اَللهُ بَس، باقي هَوَس.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هميراڻو حساب

’الف‘ آهي ڪو اُتاهُون، عَرش ڪان عالي جَناب،
اُپ، زَمينون، عَرش وِچ ۾، بيا به ڪَئِين عالَم عُجاب،
جِن، مَلڪ، ماڻهون، مِرُون، آبادِيون، دَريا، آب،
خاڪ سين، اَفلاڪ ڪان، شاهي حُڪم پُهچن شِتاب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه چاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’بي‘ بَرابر پُونءِ مَٿان، هِڪ ٻِئي مَٿان سَت آسمان،
اَڻ لَکا لَک لوڪ سَپ، تِن ساڻ پَرِيَل بي گُمان،
جِن، مَلڪ ۽ رُوح، واءُ، ڏِسجن نه ظاهِر مَنجهه زَمان،
تُون ڏِسي تِن کي سَگهين، تُنهنجي اکِيَن ۾ سو نه تاب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه چاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’تي‘ تَپاسي ڏِس ته تُنهنجو ساهه، سو ڪو تُون ڏِسين؟
يا اکِيَن سين واءُ کي، جِنهن ساڻ پَرِيَل پُون ڏِسين؟
مُنهن مُقابل پُڇ ڪِنهين مَعذُور کي، ڪو مُون ڏِسين؟
تُون اَوَس آهين، مَگر آهي اَنڌي جِي اک خَراب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه چاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ثي‘ ثَمود و عاد جُون، ذاتيون زَبر ذاتُ العِماد،
جِن جِهو جُڙيو نہ ڪو، فَرمائيو رَبُ العِباد،
ياد ڪَر قُرآن، لَمَ يُخلَق مِثلُها فِي البِلاد،
اَج سَندن اَحوال جِي، ڪِنهن کي خَبر ڪا پڻ نہ خواب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاٽان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’جيم‘ جِيئرن ۽ مُئن وِچ، وَئي لڳي ڪا تار تَند،
تار سَنهڙي وار کان، دِيدار ۽ گُفتار بَند،
ٿِي مَري ٿُون موءِ جِهڙو، پوءِ پَراهُون ناهِہ پَند،
رُوح جِهڙس ساڻ پيڙو، پير رَکيو مَنجهہ رِڪاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاٽان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’حي‘ حَقيقت ياد ڪِنهن کي؟ حال جِي ٻِئي حال ۾،
تُون هَوا وانگر هُئين، ڪَئين سال خالي خال ۾،
پوءِ بَنيين ماڻهو مِٽيءَ مان، مَست مايا مال ۾،
اَج اڳيين اَحوال پَنهنجي جِي، اَٿئي ڪا سُڌ صَواب؟
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاٽان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’خي‘ خُدا توکي چَيو، ڇا رُوبرُو روزِ اَلست؟
سَئو صِفن مان ڪِهڙي صِف ۾، دوست! هُئين تُون دَست بَست؟
تُون ڪِٿان بيٺل، ڪِٿان ٻيا، پڻ زَبر تا زيردست؟
ڇا سَبب، ڪِنهن وير وَرتو، واعِدو واحِد وَهاب؟
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاٽان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’دال‘ دُنيا، آخرت جي وِچ ۾ ويچو وار جو،
هيڪ ڦُوءَ سان هِت تہ، ٻِي ڦُوءَ سان پَڪي ٻِئي پار جو،
چار ڏِينهن هُوندو نہ هُوندو، يار کي غَم يار جو،
پوءِ نہ ڪو نالو نِشاني، مَر هُجي ڪيڏو نَواب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’ذال‘ ذَرڙن جي قَدر، آدم سَندو اَولاد سَڀ،
جوڙِيا هِڪ ٻِئي پُنيان، اَللهُ آدمزاد سَڀ،
واعِدو وَرتئِين سَڀِن کان، اَڄ قِصو ڪو ياد سَڀ؟
آهِہ ڪو هِن حال ۾، هُن حال وِچ حائل حِجاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’ري‘ رَهن ٿا رُوح ڪِهڙي ماڳ، موئي کان پُڇاڻ؟
خاڪ خاڪي، رُوح باقي، اِئين چوَن ٿا سَڀ سُڄاڻ،
جو ڪَري اِنڪار اِن کان، سو عَقل جو اَڻ سُڄاڻ،
پَر پَساهن جي پَسڻ کان، آهِہ نيڻن کي نِقاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’زي‘ زِياده ڇا چوَان! آهِن اکيون، ڪَن ڪافرين،
پَر لڳي پَردا ويا، مَخفي مَٿي مَن ڪافرين،
ڏاتِيون ڏاتار ڏِئي، ڏيوَن مَٿي ڏَن ڪافرين،
ٻيو اکيون ڪِيئن ٻُوٽجن؟ يا غَرق ٿيندو ڪِيئن غُراب؟
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’سين‘ سَڏ ۽ صُورتون، سَئو ڪوهه تان سُونهين سُڻين،
پوءِ پَروَر کي پَري ڪِيئن، پاڻ ڪان پانيو پُڻين؟
ساهه پَنهنجي کي نه سَمجهين، پاڻ کي دانا ڏُڻين،
اُپ سَچا سَمجهين سُجان، اِهڙو نه ڪو ڪُوڙو ڪَذاب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’شين‘ شاهِد آڻ، ڪِيئن پُٽ پير جوڙيو پيٽ ۾؟
ڪِيئن قَبر مان ڪَم ڪَري، تُنهنجا ڪَتي ۽ چيٽ ۾؟
پير تُنهنجو پيش پَروَر، آڻ پيٽا پيٽ ۾،
تان وَجيو جِنهن وَٽ وَڃائين، روز رَب چَڏيو رَباب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’صاد‘ صاحِب گڏ سَين سان، پاڻ لاشڪ لامڪان،
واءُ وِلاتين واءُ سان، جِيئن آهه پيڙو بي گُمان،
ڪَل مَٿي سَڏ سان مِلي سَڏ، دوست! وِچ ۾ دير ڪانه،
واءُ ۽ واحِد ڏِسڻ ۾، پَر نه ٿِئي ڪَل ڪامياب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’ضاد‘ ضِد مان جي چوَن، الله اوهان جو عَرش تي،
ڪِيئن اوهان سان گڏ اُهو؟ ڪِيئن ڪَم هَلائي فَرش تي؟
ناهِ پَروَر سو پَري، جِنهن جي پَلين پَرورش تي،
ڪَرم سان توکي ڪَيائين، آب مان عِزت ماب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’طوءِ‘ طِلسم سان چِڪين ٿُون، سَئو ڪوهن تان صُورتُون،
پوءِ پَروَر ڪي پَري، مُورک! مَ پانئج مُور تُون،
لهريون واءُ جُون ويهارج، مَغز ۾ مَغرُور! تُون،
پاڻ وَٽ ڏُوران ڏِسين؟ جِن سان ڪَرين ڪَل تي خِطاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڄاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’ظوءِ‘ ظاهِر جَهل نہ ڪا، ڪاري، مِني دَرياءَ وِچ،
لَهر ٿهڪي لَهر سان، ڳِچ وَقت ڪان ڳِچ ساڻ ڳِچ،
سَئو لکين سالُون لَنگهيون، تہ بہ هِيءُ نہ ٿِئي هُن ساڻ ڪِچ،
شور دَريا هِڪ طرف، ۽ ٻِئي طرف شِيرِينَ آب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڄاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’عين‘ عاقِل جي هِتان هُت ويا، نہ هَرگز ڏِنِ حال،
جِيئن مَثنيٰ حَسن تي، وِيني سَندس ٻِي ٻِي ٻَجال،
ڪانڌ ڪامِل ڪُجهہ نہ ڪِيو، ڪو حال ساڻس مَنجهہ سال،
آسرو آخر پَلي، لاهي هَلي تَنبُو طَناب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڄاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’غين‘ غازِيَن جَنگ ۾، ماڻيو شَهادت جو شَرف،
ٿيا جَڏهن حُورن حَوالي، پوءِ چيئون ڀِهڙا حَرف،
هُوند هِي ڪِيرُون ڪَٽي، پُهچائي ڪو پوئِن طَرف،
رَب چِيو آئون ٿو رَسايان، ساٿِيَن ڪي سُڌ صَواب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ ڪان جَواب،
ڪوهہ ڄاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com　　　　　　　　books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فَضل سان فَيصلو، فائق مُڪو فُرقان ۾،
ياد ڪر يَستَبشِرُون، آيت شَھيدن شان ۾،
چي، مُبارڪ مومنن کي، جي مَرن مَيدان ۾،
موڪ ميوا مُلڪ ۾، اِنجير، آمان، اَنب، عُناب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ کان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’قاف‘ قادِر قَبض ڪاريو، رُوح عِبرت لئي عُزير،
سَئُو وَرهيه بي ساهه سُج ۾، پيو رَهيو مُرسل مَثير،
پوءِ پُڇيَس پَروَر ته لائي، ڪيتِري هِت دوست! دير؟
ڏِينهن ڪِ ڏِينهن جو ڪُجهه حِصو، هُوندس سُتو موجب حِساب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ کان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’ڪاف‘ ڪامِل ڪَهف ۾، ٿي سَئُو، مَٿي نَو سال پيا،
چي، ڏِينهن ڪِ ڏِينهن مان،ڪُجھ سُتاسُون، ڏِين هِڪ ٻِئي حال پيا،
جي سُتان پوءِ سُڌ سَچن کي، چو چوَن اِن چال پيا؟
مُئو، سُتو ٻَئي ڳالهه ساڳي، مَنجهه قادِر جي ڪِتاب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ کان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’لام‘ لا اِله اِلا الله، لاشڪ لاشريڪ،
قُل هُوَ الله اَحد چَئِي، وَچ ۾ ويڳاڻا! وَڏيڪ،
هِت نه حُجت ڪِنهن جِي، هَر حاجت اُنهيءَ جي هَٿ وَسيڪ،
خاڪ اَندر خواب ۾ ڪي، ڪِن تي ڪَلنگيون ڪِيمخواب،
هَي! هِتان جي ويا، نه آيو ڪِنهن به جانيءَ کان جَواب،
ڪوهه جاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ميم‘ مَحشر ۾ جڏهن، اَللهُ عِيسيٰ کي چيو،
تو ڪِ ماڻهن کي چيو؟ مُون کي ۽ مائم پُوڄيو،
پَڪ سَين کان پاڪ تُون، توڙان نہ تُنهنجو تُل پيو،
مِٽ چوَن يا مَٽ چوَن، سي غَرق غائب مَنجهہ غَياب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’نون‘ ناهِہ حَق چوَڻ جو، حَق! چوان سو ڪِيئن وَري؟
جي چيو هُوندم تہ هُوندي، سَڀ خَبر توکي ڪَري،
پَڪ سَين کان پاڪ تُون، تُنهنجو نہ مَٽ ماڻهو، پَري،
مُون مَگر تِن کي چيو، مُون کي چيو جيڪِي جَناب!
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’واو‘ واحِد! جان هُئس، هو تِن مَٿي مُنهنجو نَظر،
پوءِ جڏهن پُورو ڪيَئي مُون، آهِہ دُنيا دَرگُذر،
پوءِ نہ جاڻان ڪِنهن کي پُوڄيئون، ڪِنهن جي ناليِ تي نَذر،
توکي سائيم! سُڌ سَمُوري، هِن بَندي تي بَند باب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’هي‘ هُتي جو حال روشن، هاڻ هَر هَمراهہ کي،
ڪي قَيامت ۾ ڏِنئون، ويندا وَڳر مان باهہ کي،
پوءِ اَدب مان عَرض ڪِيو، عَربي نَبي اَللهُ کي،
ڪِيئن وَڃن مَنجهہ آگ آگا! اِي سَندم ساٿي صَحاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ جاڻان ڪوٽ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’لام‘ لالڻ! تو پُڇاڻان، هِي ڇَڏي ويا ڌَرم دِين،
جي ڪيائون ڪم اُنهن جِي، ڪل اوهان کي آهِ ڪِين،
پوءِ عِيسيٰ اِبنِ مَريمِ، جيئن اُتو عَربي اَمين،
هِي بَندا تُنهنجا، وَٺي ڪَر عفو يا اُن کي عَذاب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’الف‘ ’احمد!‘ عُمر فاني، نِت اَجل جو اِنتظار،
ڏِينهن هِڪ هُن ڏيهہ جو، ڪو سال، ڪو پَنجاهہ هَزار،
هِت حَويلِيون، هُت حَوالاتن حَوالي حال زار،
بَخش بَخشڻهار! بَخشش تُنهنجي بيشڪ بي حِساب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

’يي‘ يَگاني رَب سَندو، يَڪدل رَکڻ گُهرجي يقين،
آهِ هُو، هُوندو هَميشہ، بيو مِڙوئي ڪِي بہ ڪِين،
مِلڪ اُن جِي مُلڪ سَڀ، جِن و مَلڪ، زَمن و زَمين،
پاڪ ڪلمون پڙهہ تہ پَڪ، ٿيندين فَضل سان فَيضياب،
هَي! هِتان جي ويا، نہ آيو ڪِنهن بہ جانيءَ کان جَواب،
ڪوهہ ڇاڻان ڪوٺ ۾، ڪِيئن ٿيو هَميراڻو حِساب!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مارئي

’الف‘ اَڄ اَڄان سين نہ آسيون لَٿم،
ڪَندو مِهر مالِڪ مُلڪ جو مَٿم،
وَڃي راڄ سين رَس رِهاڻيون رَٿم،
سَنجهي ڪان سَنگهارن ڪي ساريو اَٿم،
مِلان ڪِيئن؟ اِنهيءَ مَرض ماريو اَٿم.

بَدن ’بي‘ ٻِلاتو پيو بَند ۾،
رَهيَل، دِل ڦَٿيَل، ديس دِلبند ۾،
حَياتي ٿيم حَشر هِنِ هَند ۾،
ڏُکيو گُوندرن ۾ گُذاريو اَٿم.

تَندو ’تي‘ نہ تَڪرار جو تو ڇڏيو،
گَهنگهر ساڻ گُذران مُنهنجو گَڏيو،
صُبح ويل سَتار ڪي مُون سَڏيو،
وَڏو ڏيھ ڏٺي ڏِي ڏِياريو اَٿم.

ثَمر ’ثي‘ ٿيا سال ساڻيھ پاس،
وَليون، وَڻ ڦُلاريا، ويا سَپ وِماس،
اکيون آس پَريون، اَندر ٿِي اُداس،
سَنگت سانگين جو سَنپاريو اَٿم.

جِيئڻ ’جيم‘ جيڏين سَوا جاڙ ٿيوم،
اَچي مَنجھ عُمرڪوٽ آڪاڙ ٿيوم،
سُيَم ڳالھ سانوڻ، صَبر ساڙ ٿيوم،
پَڇي، پِس، پَلر لئي پَچاريو اَٿم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حُڪم ’حي‘ هَلاءِ نہ هيڏا هَمير!
اَٿئي آخرت ڏِينهن اڳيان ٻيو اَمير،
مُون کي ڇڏ تہ موٽي وَڃان مُلڪ مِير!
تو رَت ڪوهہ روئي رُواريو اَٿم؟

خَبر ’خي‘ خُدا لڳ سُڄ ڏيئي خَيال،
تہ ٿيو جهانگين ري جهڪو مُون جَمال،
ڳُجهي ڳوٺ سين ڪا رَهيَم ڳالهہ حال،
اِهو ڏُک نہ توکي ڏيکاريو اَٿم.

مَتان ’دال‘ دَولت تي ڏارين دِماغ،
بَقا پاءُ! ڪَندا هِي نہ بُستان باغ،
رَهي دُور دُنيا، دُکي پوءِ داغ،
تَڏهن ڪوٽ تُنهنجو ڪُواريو اَٿم.

ذَرا ’ذال‘ مُنهنجو جِسم جان ٿيو،
هِنيون پَئي حَويلينَ ۾ حَيران ٿيو،
اَچي ڳُوندرن ساڻ گُذران ٿيو،
ڏِهاڙي ڏُکن ڏِيل ڏاريو اَٿم.

رَتي ’ري‘ نہ راحت رَهيَم مَنجهہ رَتول،
هَميشہ هِنيين تي لَڪين هور هَول،
ڪُنيَس آئون قيدن، ڪَڙيَس مَنجهہ ڪَڙول،
گهَڙي خوش بہ گهوڙا! نہ گهاريو اَٿم.

اَٿم ’زي‘ زِيادہ ذِڪر سِر زَبان،
تہ شَب روز آن کي سِڪان ٿِي شَبان،
مَٽيو مُون مَ مارُو، مِيان مِهربان!
پِرهہ کان اِهو پار واريو اَٿم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سُتي ’سين‘ سُهڻو ڏِنم سَچ صَحي،
نہ مارُو مِليَم، مامرا ويا لَهي،
ميها موڪ ماڻيم، مِليَم پڻ مَهي،
پَلر، پِس پَنوهارن پِياريو اَٿم.

شُڪر ’شين‘ مَنجهہ قَيد ڪَريان تَمام،
چَڱون ڪوٽ تُنهنجي ڪَنان قَيد جام!
ڪِيئن ڪاج تُنهنجو خَطر آهِہ خام،
نہ سو پِس، پُسيَن ساڻ پاريو اَٿم.

صَفا ’صاد‘ سُک ويو، سَهان هاڻ سُور،
ڏُکيا ڏِينهن ٿيا، ڏيهہ کان هاڻ ڏُور،
لِپي ڪو نہ مارُن مَنجهان هاڻ مُور،
گهڻون نيڻ نائي نِهاريو اَٿم.

ضَبط ’ضاد‘ ڪَر مُون جَٽيءَ کي نہ جام!
اُها آئون آهيان تہ اَڳ ڪي اَيام،
مُون ٿي مُلڪ ۾ مال چاريا مُدام،
تَسارِيَن کي تَڙ تَڙ تَنواريو اَٿم.

عُمر! ’عين‘ آهِہ اَندر مَنجهہ اُڪير،
سَدا سارِيان سيڻ سانگي سُڌير،
مَزيدار هُو مُلڪ مُنهنجو مَلير،
قَضا ڪوٽ ۾ قَيد ڪاريو اَٿم.

غَرض ’غين‘ مُنهنجو گِلم ساڻ ڪونہ،
سُونهَن ٿيون سَهيليون سَوا سِيم سون،
وِچاڙو مُون واريءَ سَوا ويڙهہ سُئو نہ،
گِلم تُنهنجي بيٺون تہ ٻاريو اَٿم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فِڪر ’فِي‘ لهي مانَ! ڦوڙاءِ جو،
مَٺي مُون وَسي مِينهن ميڙاءِ جو،
ٺِئي بَند لَس لُڙڪ لوڙاءِ جو،
ٻاٻاڻن سَندي ٻاڙ ٻاريو اَٿم.

قَضا ’قاف‘ چيلن جا چانگا چِنم،
اکيون آب سان مِٿل بادل پِنم،
لِکي ڪانگ کي ڪالهه ڪاغذ ڏِنم،
اُهو ڏانهن اَباڻن اُڏاريو اَٿم.

ڪَنديَس ’ڪاف‘ ڪَپڙو بيو ڪو نه اَڄ،
رَهي لال لوئيءَ اَندر شال! لَڄ،
سَڙيَم سَت رَکڻ لئي سُونهن مِٿل سِڄ،
اِهو دِل مَٿي دَرد ڏاريو اَٿم.

لِکيا ’لام‘ هِي لَفظ لويارِيَن،
نه مارُئي! گَنديئي دِل وَجي ڏارِيَن،
ڪَر ويٺين وِساري وَطن وارِيَن،
نئُون ڏُک نَوشتي اُٿاريو اَٿم.

مِيان! ’ميم‘ ڪِيا مِينهن مَندل مَنجهه مَلير،
پَلر پَٽ پَريا، ٿيا پَدم پِس پَنير،
کِيئن ڪاڄ گَڏجيو ڪَٺيرا خَمير،
تو ڪوهه کِير ڪان خان! ڪاريو اَٿم؟

نَوان ’نون‘ مِليَم نِياپا نِبار،
اِنهيءَ ڳالهه تي رَک عُمر! اِعتبار،
سُٽي ڪي سَنيهڙا وَڌيَم غَم غُبار،
ڪَلامن نڪِي قَلب ٺاريو اَٿم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وَجيو ’واو‘ وَڙڪن وِڄُون مَنجهہ وَلهار،
مُنگها، مُرت موريا، مَندل ڪِيا مَلهار،
لَسن پاس لاڪيون ٿيون لوڏِينِ لار،
جَهري، جهير جِيئڙو جِياريو اَٿم.

هَٽيو هاءِ! ’هي‘ هَٿ هَنجُهون هارِيان،
ويهڻ جِي نہ وائي هِتِي وارِيان،
سَڄي رات سانگي سَڌر سارِيان،
وِڃهل تِنهن وَطن جِي وِڳاريو اَٿم.

وَڏي ’لام‘ لَڄ آهِہ لوئيءَ جِي لِيرَ،
مَٿي مِير! ڪَريان نہ تُنهنجا مَلير،
مَٿو مُون نہ ويڙهيو مِيان! ري مَلير،
نہ سُرمون، نڪو سِر سَنواريو اَٿم.

’الف‘ آس ’احمد‘ ڪي آهي اِها،
تہ وَڃبو وَطن ڏي وَري مَنجهہ وِها،
جِتِي موڪ مَڪ، مُرت، مَڪٽيون، مِها،
قَلب ڪاڻ ڪاهُڙ خُماريو اَٿم.

اَٿم ياد ’يي‘ جيڏيون مَنجهہ جِگر،
سَمر سان سَهيليون سُونَهن وِچ سَگر،
نہ مُون مُرت ميڙيا، نڪا مَڪ مَگر،
قَلب ساڻ ڳَلمي قَراريو اَٿم.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پهرين جنگِ عظيم بابت

انت خير الفاتحين

’الف‘ اُلفت ڏي اَسان، اَللهُ اِلٰہ العالمين!
ظالِمن جي ظُلم سان ٿِي، پُر زَماني ۾ زَمين،
ڪَڍ ڪَنڌاري قَهر وارِي، قَتل ڪَر ڪافر ڪَمين،
اِيءَ مَدد مالِڪ! مَڱان، بَرڪت مِنّي مُحمد اَمين،
فَتح ڏَہ فَتّاح مارا! اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’بي‘ بَرابر توتي بارِي! بار بارانا ٻُتا،
ڪَڍ سِگهو سِج سوپ جو، سانجهي ٿيئي مانجهي سُتا،
خَلق ۾ پَکڙِي خَبر، خِيمان خَبيش جا ڪُٽا،
ڪَڍ ڪَنڌاري قَهر وارِي، قَتل ڪَر ڪافر ڪُتا،
ڪُهہ ٻَچن سُوڌا ٻِپارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’تي‘ تَبارڪ رَب تَعالِيٰ! تَرڪ تُرڪن ڪِيم ڪَر،
تِير بازي، توف جِي تُون، ڪا ڪَٽڻ تَعليم ڪَر،
تَخت تابِع، بَخت طالِع، تِن عَطا تَعظيم ڪَر،
عَدُوءَ جي آفيسرن تي، آفتون آفيم ڪَر،
وِجهہ مَنجهن ڪي مَوت مارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ثي‘ ثَوابن تي سَندا تِن، رَک سَدا ثابِت قَدَم،
اُن جِي دَهشت سان دِليون، هَرڻ دُشمنن جُون دَم بَدَم،
هِڪ هَٿان ليٿاءِ لاشا، مَنجهہ لَڙائي لَڳ پَدَم،
تِن ڪَٽاءِ خَير سان، جي خاص ٿِيا خادِم خَدَم،
پَردو رَک پَروَردگارا! اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’جيمَ‘ جُرئت ڏي اَسان کي، سِر جُهُودن مَنجهه جِهاد،
ڪَڍ وِچان فائق! فِرانسي ۽ فَرنگيءَ جو فَساد،
مُشرڪن کي مار مَولا! اِيءُ اَٿم مَطلب مُراد،
صادِقن کي بَخش صاحِب! سوپ صَدقي نُون، صاد،
ڪَر قَوي اِسلام وارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’حيَ‘ حَرف هيڏانهن لَڪ، تہ بہ هاڻ هادي! هَٿ نہ لاهِہ،
آسرو اِسلام وارن، تُنهنجو اَي اَللهُ! آهِہ،
واٽڙيَن تي ويريَن جي، رَت جا واهڻ واهِہ،
ڪافرن تي قافلا، نِڪتا اَسان جا ڪالهہ ڪاهِہ،
توکي پِريَمِ! سي پِيارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’خيَ‘ خَليفو خَلق جو، خاڪي طبع خاقان رُوم،
خاندانون، خاص بانهون، خانِ خانان، خان رُوم،
اَج سُپاٽِي سوپ ڪَر، صاحِب! سَندي سُلطان رُوم،
سِر فَرنگي ڦير فائق! فَتح سان فَرمان رُوم،
ڪُل نَمائي ڏي نَصارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’دال‘ دِل کي ڏي دِلاسا، لاهِہ دِلگيرن دَليل،
يُورپيءَ جِي ذات کي، رَک زير زَنجيرن ذَليل،
جي اَنڌا اُونڌا وِڙهن ٿا، ساڻ اَڪسيرن عَليل،
جَلد ڪَر جَڳ مِير پَنهنجا، ساڻ جاگيرن جَليل!
پاڻ ٿِي پَنهنجن جي پارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ذال‘ ذاتي مَسڪنت، ذِلت ذَليلن کي ڏِيار،
دُشمنن جِي دِل مَٿي، دِلت دَليلن کي ڏِيار،
عَرض عاجِز جو سُڻي، عِلت عَليلن کي ڏِيار،
ڪَڍ ڪَٿاري ڦَهر جِي، قِلت قَليلن کي ڏِيار،
ڏِينهن ۾ ڏيکارينِ تارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ري‘ رَسُولي رَسم ڪَم ٿِي، ٿا ڪَريون روئي رَڙيون،
گوڙ گُمراھن مَچايو، ٿيون گَھنگر گھوڙا! گهڙيون،
يا اِلاھي! يا اِلاھي! لاھِہ اَيرن کي اَڙيون،
پاڻ قادِر! ڪافِرن کي، نوڪ قابُو هَٿڪڙيون،
ڪَيِ تِنين ڪوٺن مَنجھارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’زي‘ زِياده زور زوري، ناھِہ زاريءَ ري ذَرو،
ڏي سَندو تَوفيق تُرھو، تار جو وَرنُم تَرو،
شام سارو سام تُنھنجي، رَک سَلامت تِن سَرو،
مُشرڪن ۽ مُلحدن کي، چَئو تہ اَي مُنڪرا! مَرو،
هَٿ اَٿان خالي خَسارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’سين‘ سِيني دُشمنن جي، سوڙ، سَٽ، ساڙا ڏِيار،
ڪَيِ ڪَٽاري قَهر وارِي، ڪُفر کي ڪاڙها ڏِيار،
هار نِت رَت رَهزنن جا، رات ڏِينهن راڙها ڏِيار،
فَوج تُرڪيءَ کي فَرنگي، فِرق جا ڦاڙها ڏِيار،
سوپ وارا ڪَر سَوارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’شين‘ شامِل پاڻ ٿِي، وِجھہ شامتَن تي شام زور،
آئون گُهران ٿو عاقِلن جو، عاقِبت اَنجام زور،
نيڪ بَختن جو نِهايت، نَوکنڊن ۾ نام زور،
ڪَر اَسان جو عالَمن تي، اِسم ۽ اِسلام زور،
زيرِ مَسنَد مُلڪ سارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’صاد‘ صاحِب صاحِبن جا! صاحِبي توکي سُنهائي،
سَنئان اَسان جا ڊار ڊارا، ڊوھہ وارن کي ڊُھائي،
ڪَيِ ڪَٽاري قَهر وارِي، ڪاھِلن کي وِجھہ ڪُھائي،
ڪُفر وارن کي ڪَفن جو، ڪِيمَ پَٽ ڪَپڙو ڪُھائي،
ڪَر سُجان اُن جا اوتارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ضاد‘ ضِد جيڪي رَکن، تِن کي ضَرر ۾ سَٽ ضُرُور،
غَرض غالِب بادشاهہ! اِن غافِلن جو ڀَڃ غُرُور،
سَرڪشن جا سِر سَٽائي، بَخش سَرهايون سُرُور،
شَرعِ وارن جو شَرم رَک، شِرڪ جو ڪَڍ شَر شُرُور،
سوپ ڏي صاحِب سُونهارا! اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’طوءِ‘ طَبع مُنهنجي سَندي، طِب ڪَر طَبين جا طَبيب!
حال جِي هَرڪا حَقيقت، تو اَڳيان حاضِر حَبيب!
وِجهہ لَکا لِک جِي نہ تِن، لِلّٰه لَڙن ٿا جي لَبيب،
رَب تُون، ٻيا راب، رابت، ڪي رَبيبت، ڪي رَبيب،
پوءِ ڪِٿي دانهيون تو ڏارا؟ اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ظوءِ‘ ظُلم آهِہ ٿيو، ظِلُ الله سين ظالِم وِڙهيا،
پوءِ ٻَڍي ٻينيون ٻَهادُر، ٻي ٻَها بالَم وِڙهيا،
عَورتون، اَولاد، عالِم، خواهہ اُت عالَم وِڙهيا،
سَڏ سَوالن ري نہ مُون وَس، هُت سَچا سالِم وِڙهيا،
سَرس ڪَج تُون سي سَچارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’عين‘ عَربي خواهہ اَعرابي، ۽ عَجم اِيران، عِراق،
اَهل ڪُل اِسلام جا، اُن کي عَطا ڪَر اِتفاق،
طاقتون بَخشين تازيون، ڪَر نہ تِن کي طاق طاق،
اِن فَريقي جِي فَتح ڪَر، وِجهہ فَرنگين ۾ فِراق،
ڏي اَجل کي اُو اِشارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’غين‘ غَم آهِہ نہ غافِل، عُمر عاقِل نِين پيا،
هاءِ! هِن ٻي دِين ٻَدران، پُوڪ پيڙا ٿِين پيا،
دِين جي دُشمن کي ڏَن ڏِيو، دُز وِجائن دِين پيا،
عَدُوءَ کي اِسلام جي، آڏار اوڏر ڏِين پيا،
مُنهن سَندن ڪَر جَلد ڪارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فِڪر لاهِه فقيرن، فَتح ڏي فائق فَتّاح!
پاڻ ٿِي حامي حَقيرن، فَتح ڏي فائق فَتّاح!
عَرض آهِه سين اُڪيرن، فَتح ڏي فائق فَتّاح!
سِر صَغيرن ۽ ڪَبيرن، فَتح ڏي فائق فَتّاح!
ڏي مَجائي مَل مَتارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’قاف‘ قادِر! بَخش قُوت، تان ڪَريون ڪافر قَتل،
قَوم اُن جِي تي قَتل ڪان، ٿِي ڪَڙي پوءِ ڪَتل،
راهه حَق جي رَهزنن جو، بُت ڪَرين رَت سان رَتل،
مُشرڪن جو مومنن سان، آهِه مارو مَچ مَتل،
تِير پُهچن تِن تُمهارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ڪاف‘ ڪافي ڪاف روڪ، ڪافرن جا قافلا،
آهه اُبرن جِي سُطح، اَحزاب لَڳ، اَحقاف لا،
سَڏ سَدا مُنهنجا سَدائين، سوڀ صافي صاف لا،
نَوڪندِن مِ نِت نَمون، رَک نَمازُون نافلا،
پڻ گُهران سِند جا سُذارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’لام‘ لَشڪر لَک لڳا، لاشڪ لَڙائي آهِه ٿِي،
چَڙهه چَڙهايون ويون چَڙهي، چَوڏس چَڙهائي آهِه ٿِي،
پَهلوانن پڙ ڪَڍيو، پَڌري پَڙائي آهِه ٿِي،
بار بارِي! تو مَٿي، اِيءَ بَڙ بَڙائي آهِه ٿِي،
نِت نَوان نوبت نَغارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ميم‘ مَولا! مُشرڪن تي، مَعرڪن سان موٽ ڪَر،
قَبض ڪاري رُوح تِن، قَبضي اَسان جي ڪوٽ ڪَر،
اَهل جي اِسلام جا، اُن ساڻ آڌر اوٽ ڪَر،
مُلڪ جو، مالِڪ مِنا! مَهندار مَهدي گهوٽ ڪَر،
حال سُڻ هادي! هَمارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

’نون‘ نَوڪر، بَلڪہ نَوڪر، نَوڪرن جو نام مُون،
تو اڳيان آزيون ڪَندي، آگا! اَچي آرام مُون،
تُون مِنو مالِڪ سَندم، مُرسل مُحمد جام مُون،
خاطري خاطِر اُنھيءَ ڏِج، لاھہ خَطرا خام مُون،
سَنئان اَسان جا ڏار ڏارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’واو‘ واحِد! وَھر ٿِئي، ويري مَٿم ڪُجھ ويا وَڏي،
روڪ يا رَب! رَھزنن کي، دِل رَنجاڙي ۾ رَڏي،
تُون ٿِئين ساٿي تہ سائِين! ڪير سَگھندو ٻيو سَڏي؟
دانھن ٻُڌجئين، توسين ٻَڌلن جي، ٻَنڌڻ جِي ٻَند ٻَڌي،
وِجھ اِنھن جي گھر کي گھارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’ھي‘ ھِنيون حَيرت ھَنيَم، ھَمراھہ ھادي! ھاڻ ٿِي،
پَلٽيون پَلٽيون پَٽن تي، پَل نہ پاسي پاڻ ٿِي،
مُسلمانيءَ کي وَڏائج، مُسلمانن ساڻ ٿِي،
پاڻ قاتِل، پاڻ ڪاتي، ڪافرن جي ڪاڻ ٿِي،
ڪَر بہ اَڏ اُن آشڪارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’لام‘ لاشا ٻيا تہ لاشَيءِ، تُون تہ لاشڪ لاشريڪ،
جِن، مَلڪ، ڪُل مُلڪ مالِڪ! مِلڪ تُنھنجي، تُون مَليڪ،
وَھر وَھلُو ٿِئيج واحِد! ڪَر نہ ويرين کي وَڏيڪ،
قَوم ھَلڪيءَ جِي ھَلاڪي، ھيڪ تُنھنجي ھَٿ وَسيڪ،
ٻيا ھُوَن توڙي ھَزارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

’الف‘ اَللّٰھُمَ اِنا نَستَعِينُڪَ اَي عَليم!
سُڻ اَسان جو عَرض، اِھدِنا الصِراطَ المُستقيم،
ڪَر مَدد تِن جي مُحابي، جي مَديني جا مُقيم،
سوڀ ڏي صاحِب سُونھارا! تو سَوا آھيون سَقيم،
پال ڪَر ديکي پَلارا! اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ٻي‘ يقينئون يڪدلو ڪَر، ياوري يَزدان! ڏيئي،
آخرت ’احمد‘ جِي آجي، ڪَج اَمن اِيمان ڏيئي،
دِيندارن جو قَوي رَک، دِين، دانا! دان ڏيئي،
مُشرڪن کي مار مَولا! مومنن کي مان ڏيئي،
ساڻ ڪَلمي ڪَر ڪَرارا، اَنتَ خَيرُ الفاتحين.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هندستان جي آزاديءَ بابت

هندستان

’الف‘ اَللهُ! لاهِين اَرمان هِندستان ڪي،
يا اِلاهي! ڏي اَمن اِيمان هِندستان ڪي،
عافيَت ڏي، ڪَر عَفو عِصيان هِندستان ڪي،
تُنهنجي ڪارڻ پيو ٿيڻ قُربان هِندستان ڪي،
سوپ ڏي صاحِب سَچا سُبحان! هِندستان ڪي.

’بي‘ بَنائين بُزدلن ڪي، تُون بَهادُر بي بَها،
ڏي اَسان آزادگي، آزار جِي ڪَر اِنتها،
تُون مَدد سان مَرد ڪَريِن، نہ تہ اَسين مَندڙ مَها،
هوءِ پَڃڻ پيٽي پَلا، تان بَند ڪَر پَريون نہ ها،
پَر ضَعيفن نِيئُون وِجهي زِندان هِندستان ڪي.

’تي‘ تَوڪل تو مَٿي، ۽ تو سَندي تارِي تَگُون،
تُنهنجي هَٿ هادي! مَٿو ۽ مال چوٽيءَ جُون چَڳُون،
ناھِہ ٻيو اَللهُ پوءِ، ڪِنهن جي اَجهي اولي لَڳُون؟
ٽِيپ جُون ٽوپيون اَسان تان، لاهي پَروَر! وِجهہ پَڳُون،
ڏي مُحمد جي مُحابي مان هِندستان ڪي.

’ٿي‘ ثُبوتي حَق مَٿان، سَرڪار ڏِئي ٿِي اَج سَزا،
رَهہ مُسافر مُلڪ ۾، مَغرُور ٿيا ماٽي مَزا،
جيل ۾ جَهليَل وِڌائون، تِن مِلي جَلدي جَزا،
غَم رُوئڻ تو ساڻ غالِب! اِيءَ غَريبن جِي غَزا،
ڏي سَدا سَرسيءَ سَندا سامان هِندستان ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’جيم‘ جابِر جي چَنبن مان، ڪَڍ ضَعيفن جان، مال،
پاڪ جاين تان پَليتن، کي پَري ڪَر پائمال،
ڪَم ڪَمينن جا ڪَرين، قادِر! اَٿئي قُدرت ڪمال،
جَلد جَمهُوري جَهانن، وِچ ڪَرين جَلوو جَمال،
گڏ عَرب، اِيران ۽ اَفغان، هِندستان کي.

’حي‘ حُڪومت هِن اَسان کي، حال ڪان حَيران ڪِيو،
هِڪ قَلم جو ڏوهه ڪِنهن، جو قَول مَنجهه قُرآن ڪِيو،
بيو مَڙهي مَحصُول بيٽان، مُلڪ مِڙ مَيدان ڪِيو،
ٿِيون هُنر هَر فَن وِڃائي، هِند کي حَيران ڪِيو،
تُون ڪَرين اِنسان عاليشان هِندستان کي.

’خي‘ خَليفي جِي خِلافت، خَلق ۾ خوش خُوب ڪَر،
تِنهن مُجاور حَرمِ مَڪيءَ جا، مِڙئي مَطلُوب ڪَر،
مومنن کي مُتفق، مُنهنجا مِنا مَحبُوب! ڪَر،
عَدُوءَ جي اِقبال کي، مَولا! سِگهو مَغلُوب ڪَر،
فَتح کي موڪل ڏيئي فَرمان هِندستان کي.

’دال‘ دُشمن ڪَن دَخل، دانا ڏَٽيم! جي دِين ۾،
قَيد ڪَر قُرآن تان، تِن کي هَٽي ڪُن ڪِين ۾،
عاجِزن جو اِيءُ عَرض، آگا! اَچي آمين ۾،
رَک مَٽيا مَرديءَ جي مَولا! مُلڪ هِن مِسڪين ۾،
تو سَوا سائيم سَچا! سَگهه ڪانهه هِندستان ۾.

’ذال‘ ذِلت خواهه عِزت، آهِه تُنهنجي اَختيار،
ڪِن ڪَرين بَد بَخت بُڇڙو، ڪِن بَنائين بَختيار،
ڪِن نِئين تَختي طَرف، تَيار ڪِن لئي تَخت يار،
سَخت دِل سَرڪار سِرهيو، هِن اَسان کي سَخت يار!
تُون پَسين شل! رَحم سين رَحمان! هِندستان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ري‘ رَھي آھِہ ڪا نہ، رَعيَت جي رِعايت راج ۾،
ٻول تاجِر، تاجوَر جا، ٿيا تَلف تاراج ۾،
مَنجھہ سَزا سَرڪار ٿِي، سَعيو ڏِسي سوراج ۾،
هَٿ ٻَڌيو هادي! پِنون، هَردم حِمايت حاج ۾،
ڪَڍ مَنجھان مُشڪل سَندي مَيدان هِندستان کي.

’زي‘ زَبردستي نہ مُنهنجي، پَر ڪَندس زاري ضُرُور،
ڏي شِڪستي شَرمندن کي، جي مَچائن شَر شُرُور،
ٻَج غَني، غُفران، غالِب! غَير قَومن جا غُرُور،
تُون پَناھہ، تُون پُشت، تُون پَروَر! ڏِين پُوري پَرُور،
ڪَر سِگهو آزاد سين اِحسان هِندستان کي.

’سين‘ سائيَم! تو ڏِسين، سَرڪش سَندي هِيءَ سَرڪشي،
قَوم ڪَلمي جِي سَمهُون، قابُو ڪَمر ڪَمتر ڪَشي،
مَنجھہ زَبوني زُود آڃ، زور تِنهن ۾ زَرڪشي،
خُوب قائم ڪَر خِلافت، ڪَس خَصم کان هَر خوشي،
لاهي چِڏ گُوندر سَندا گُذران هِندستان کي.

’شين‘ شاهي ڏي شَريعت کي، شِڪستيءَ کان رَکيج،
هَولناڪي، هِن هَلاڪي، حَيف هَستيءَ کان رَکيج،
هَر زَمين و هَر زَمن ۾، زيردستيءَ کان رَکيج،
مَعرفت مالِڪ مِٺا! ڏِج، مال مَستيءَ کان رَکيج،
دِين دُنيا جا ڏَٽي! ڏِج دان هِندستان کي.

’صاد‘ صَدقو ڇا ڪَجي، ڇاتان؟ صَحي صُورت سُڃاڻ،
مال سِر تان، سِر لَڄ تان، لَڄ فِدا تان دِين ڪاڻ،
ڪُجھہ پَسند پاڪن نہ ايندو، دِين پاڪيندي پُڄاڻ،
دِين خاطِر، ديس خاطِر، حَرم تي هَرجاءِ هاڻ،
جوش جَذبا جاڳيا جَولان هِندستان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ضاد‘ ضامِن تُون ضَعيفن جو ضَرُورت ۾ زَمان،
تُون بَچائين تان بَچون، ڪونهي بَچاءُ بيو بي گُمان،
فَرش تُنهنجا، پڻ فَرشتا، عَرش تُنهنجا آسمان،
رَک اَمن اِيمان ۾، اَمن سَپا کي اَلاَمان!
ڏي دَوا دارُون ۽ پڻ دَرمان هِندستان کي.

’طوءِ‘ طَبيعت کي طَلب، تَوفيق، طاقت توڙ ڏي،
جَلد جَمهُوري جَماعت کي، جَميعت جوڙ ڏي،
عام اِسلامي اُخوَت جِي، اَندر ۾ اوڙ ڏي،
خَيرخواهيءَ جو خَزانو، خَيريَت جو کوڙ ڏي،
لاهِيين نالي مِٺا! نُقصان هِندستان کي.

’ظوءِ‘ ظُلم کي ظالِمن جو، پاڙ پَٽ، خود ڇاڙجو،
ظُلم، شاهيءَ جِي شِڪستي، شَڪ نہ شُبهو آڻجو،
ڏيئي مُصيبت کي مَٺا، مَقصد مَٺاهان ماڻجو،
وِرهہ سَپ ويندا لهي، وِيا خُدا واڪاڻجو،
ياوري پاڻهين ڪَندو يَزدان هِندستان کي.

’عين‘ عالِم عِلم جا، عالي، عَلي پائر بَڻي،
اَڄ اُٿيا اِسلام لئي، اَللهُ اَڪبر اُو چَئي،
ٿِي دِليرن دِين جي ڪان، دُشمنن دَهشت دَئي،
بادشاهہ بي تاج بَنديا، پاءَ پُورن پَر پَئي،
ڏي ڪَري آزاد اُو اَڳوان هِندستان کي.

’غين‘ غَلطيءَ کان غُلاميءَ ۾ گُذاريوسُون گهڻون،
هاڻ هِندستان ۾ هَي هَي! ٿا حَقن لئي هَٿ هَڻون،
هَٿ هَڻڻ مان حُج نہ حاصِل، بَلڪہ هادي! هَٿ کڻون،
حَق مِلڻ لئي حَق تعاليٰ! بَس تُون هادي هِڪ ڄڻون،
ڪِينَ گُهرجن بِيا طَبل طُولان هِندستان کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’فِي‘ فَتح ۽ فاتِحہ لڳ، فَتح ڏي فَتاح! تُون،
ڏي فَلڪ جيڏِي فَلڪ، يا فالِقُ الاصباح! تُون،
مُلڪ ساري جِي رَکِين، مالِڪ مِٺا! مِفتاح تُون،
ڦُوڪ آزاديءَ جو آڳا! اگهن ۾ اَرواح تُون،
ڪَڍ غُلاميءَ مان غَني غُفران! هِندستان کي.

’قاف‘ قَيدي قَيد مان ڪَڍ، قَول قادِر! ڪَر قبُول،
هارِيَم حُجت هَنجن ۾، ڪَر هَمہ حاجت حُصُول،
حَق حُريَت جا مِلائين، حُرمتِ حَضرت رَسُول،
ڪَر عَطا آزادگي، اِسلام جي موجب اُصُول،
ڏي ڇڏائي قاعِدا قُرآن هِندستان کي.

’ڪاف‘ ڪُلفت پاڻ ۾، ڪَريو نہ ڪَلمي جا مُريد!
هيڪ مالِڪ، هيڪ مُرسل، هيڪ پڻ مُصحف مجيد،
هِڪ وَجو ٿِي، تان اَوهان تي، هُونِ هَٺ هادي حَميد،
مَهند ئي پَنهنجي مُخالف، ٿِي وِيئي مُدت مَزيد،
مُفت ڪاڏو پِئي مِيان! مِهمان هِندستان کي.

’لام‘ لَنگهي ڳالهڙي وَئي، ڇا لِکُون ڇا ليکِيون!
دَم بَدم دُشمن ڏيکائي، ڏُوم ڏيکا، ڏيکِيون،
غَور ڪَندڙ تُون غَريبن، غَم ٻيو ڇا کي کِيون؟
دانهن مَنجھہ دَربار تُنهنجي، دَر طرف ٿا ڏيکِيون،
داد لئي ڪوٺاءِ مَنجهہ دِيوان هِندستان کي.

’ميم‘ مُلڪ ۽ جِن، مَلڪ، مِڙ مِلڪ ۾ مالِڪ سَچي،
خود ٻَندا ٻارِي ٻَنايا، ڇا پُنيان باقي ٻَچي؟
اِيءُ مِڙئي مَعلُوم ٿيندو، مَهل جِنهن محَشر مَچي،
ڪِينَ اُمرائن اَميريءَ جو اکر آخر اَچي،
جِن مَڃايا مُلڪ ڪَئين مَستان هِندستان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’الف‘ ’احمد‘ جي اِسم ۾، اِسم تو آهي اَحد!
اِسم تُنهنجي اِسم سان، جِيئن واسجي واحِد وَحد!
ذات جا جَلوا جِسم ۾، تِيئن مِلائين مومن مُوَحد،
هِڪ مَجيندن تي رَڪج هَٿ، حَمد تُنهنجي جِي نه حَد،
ڪَر نه تَثليثيَن هَٿان تاباں هِندستان کي.

’بي‘ يَڪو تُون يار ياور! ياوري تُنهنجي يَڪي،
ٿوپ ڏي ٿوري هَٿيڪو، پير پيا ٿَر ۾ ٿَڪي،
ڏِينهن ڏُکيا ڏاتار! لاهين، ڏيهه ويا جِنهن پَر ڏَکي،
مَدد ڪَر مالِڪ مِنا! مُحابي مِني مُرسل مَڪي،
ساڻ ڪَلمي ڪَڍ ڪَنان ڪُفران هِندستان کي.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

چار يار

’الف‘ اَڪمل اَولياءَ، اَخيار اَطهر چار يار،
اَوَل و آخر اَجها، آڎار اَنوَر چار يار.

’بي‘ بَشيرن کي بِشارت، بِهشت جي بيشڪ جُڙي،
بَر بَحر ۾ بَخش ڪَن، بِسيار بِهتر چار يار.

’تي‘ تجَلا تخَت تي، ڪَن تاج پايو تاجدار،
تُرت تاريندم تُرها، تَهدل تَونگر چار يار.

’ثي‘ ثَنا ثَقلين ڪَن، ثابِت ثَوابن لئي سَندن،
ثانِيَ اثنَين سُڻ ثَنا، سَپ وار صابِر چار يار.

’جيم‘ جانِب يار جاني، جِيءَ جَڙيا، جِيءَ جا جِيار،
جَنتُ الماويٰ سَندا، جِنسار جوهر چار يار.

’حي‘ حُڪومتدار حاڪِم، حِڪمتي حاذِق حَڪيم،
حَشر ڏِينهن حامي، حِمايتدار حاضِر چار يار.

’خي‘ خَليفا خاص ٿيا، خَيرُالوَرا جا خَيرخواهہ،
خوش لِقا، خوش خُلق، خوش گُفتار، خوشتر چار يار.

’دال‘ دِلبند، دِلپسند، دِلدار، دِلبر، دِلقرار،
دِين جا، دارَين جا، دادار داور چار يار.

’ذال‘ ذاهِن ذَوق مان ڪَن، زُهد ڪارڻ ذُوالجلال،
ذِڪر ذاتيءَ جا زَرين، زَردار ذاڪِر چار يار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ري‘ رَسيلا رَحم وارا، رَحمتي راحِمَ رَحيمَ،
راھہ ۾ ڪَن رَهبري، رَهوار رَهبر چار يار.

’زي‘ زِياده زور، زوراٿا زَماني رُوءِ زَمين،
زِرهہ پاتل زيب، زينتدار زيوَر چار يار.

’سين‘ سالِمُ با سَلامت، سَلمَ جا ساقي سَليمَ،
سَرفراز و سَرزمين، سَردار سَروَر چار يار.

’شين‘ شاهي شَرف شاهن، شَهنشاهہ چارئي شَهيد،
شُڪر تي شَرقين، شَوڪتدار شاڪِر چار يار.

’صاد‘ صُوفِي صافتر، صاحِب صَفائيءَ جا صَفي،
صِدق صادِق ويا ڪندي، صَدبار صادِر چار يار.

’ضاد‘ ضامِن پيا ضَعيفن جِي ضَرُورت ۾ زَمان،
ضِد مِٽِئي ضايَع ضِدان ڪَن، ضاد ذَر ذَر چار يار.

’طوءِ‘ طَريقت کي رَسن، طالِب خُدا تِن جي طُفيل،
طَلب ۾ طَواف ڳَڌ، طَيار طاهِر چار يار.

’ظوءِ‘ ظُلم جِي پاڙ پٽيئون، ظالِمَن کي ضَبط ڪيئون،
ظُلمتون نِيو زيب ڪَن، ذِيشان ظاهِر چار يار.

’عين‘ عالي جاهہ، عالي شاهہ، عالي بارگاهہ،
عالمَن ۾ ڪَن عَطر، اُپڪار عَنبر چار يار.

’غين‘ غازي مَنجهہ غَزا، غالِب گهڻون، غَلبي ڏٽي،
غور سان غَمناڪ جا، ڪَن غار گُوندر چار يار.

’في‘ فَنا فِي الله فائق، فَيض بَخشيندڙ فَياض،
فَلڪ تي فِي الحال، فَرماندار فاخِر چار يار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’قاف‘ قادِر قُرب مان، قُرآن ۾ ڪوڏائيا،
قَدر تِن قُدرت بُجهي، قَهار قاهِر چار يار.

’ڪاف‘ ڪافر ڪُل ڪَنبائون، ڪوٺ ڪُفراني ڪِريا،
ڪَرم ڪَن ڪَرمي، ڪَرامتدار ڪَوثر چار يار.

’لام‘ لِلہ لڳ چَڙهيا، لُطفئون لَڙائيءَ تي لَطيف،
لاهِيَئون لَينون ڪَريو، لَلڪار لَشڪر چار يار.

’ميم‘ مانجهي مَرد، مَرڪايا مُحمد مُصطفيٰ،
مُهڙ مِڙني مِهربان، مَهندار مِهتر چار يار.

’نون‘ نُوراني نَبيءَ جي، نُور مان پُر نُور ٿيا،
نامَوَر نَعرو هَڻي، نِروار ٿيا نَر چار يار.

’واو‘ وِلايت جي، وِلاتن جا وَلي والي ٿيا،
وَڻ لڳا وَهہ واهہ ڪَرڻ، وِينجهار واهر چار يار.

’هي‘ هَمہ هَمراهہ هُئا، هَمدم هَميشہ هَم رِڪاب،
هاشميءَ سان هوشوَر، هَسوار هَر هَر چار يار.

’لام‘ لالن لال ڪِيا، لائِئون نہ لالائي لِڳن،
لُطف جُون لَهرُون هَڻن، لَڪ وار لَڪ سِر چار يار.

’الف‘ ’احمد‘ تي اَچي، اِحسان ڪَن اَصحاب شال!
عِيد اکڙيون ڪَن پَسي، اِسرار اَظهر چار يار.

’يي‘ يَڪي سِر ساڻ يارا! ياوري ياري ڪِجا،
ياد ڪَلمون مُون ڏِجا، يا يار ياور! چار يار.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چونڊ نظم

مارئي

پسند پٽ پنوهارن پيارن سندو

لٿو شَوق جِن ڪي شِڪارن سَندو،
پَسند پيَن پيشو پِچارن سَندو،
ڏَٺي دوست اِن ڏِيندارن سَندو،
پَناهہ پاڻ پَرهيزگارن سَندو،
سَدا شان وَڌ شُڪر وارن سَندو.

رَهان مَنجهہ رَتولن، رُوان نِت رَتن،
ڪَهان قَيد ڪَثرت ڪي، وَحدت وَطن،
سَنديون ويڙهہ وانديون وَسيَن ۾ وَتن،
ٿيو قُل هُوَ الله اَحد قُوت تَن،
پَلو پاڳ پانيان پَلارن سَندو.

پَکو پَر پَنوهارن، پَچر يا پِهو،
وَٽيو جُهوپڙو مُون، جِهو جي تِهو،
وِنجهل ۾ وَلهارن، وِهايان وِهو،
قِلعو ڪوٽ تُنهنجو قَبوليان ڪِهو؟
پَسند پَٽ پَنوهارن پِيارن سَندو.

تُون سَمجهائين سُومرا! چا سِني؟
ڪَڙيون، بَند بازُو پَچان تو بِني،
نہ مَحبت مَٿيان ساڻ مارُو مِني،
اَٿم ڏُک نہ ڏادا ٿيم ڏِينهن ڏِني،
ڏُکيم داغ دِل تي ڏَنارن سَندو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُون هِيٽيءَ سان هاٽون ڪَيو هاڻ تو،
دُعا ڪانه دائم ڪَنديَس ڪاڻ تو،
پَرُوڙيو نه پاڙو سَندم پاڻ تو،
سَچي ڳالهه سُڻ سُومرا! ساڻ تو،
سُونهي ڪِينَ ٿو سَگ سَنگھارن سَندو.

سِگَر سيڪَيَل ساٿِنَ وَٽ سَٿا،
لُڏيو لاڏ ڪَن، لَهر لوڏا لَٿا،
لَٿا مِحنتون، مَرض مارُن مَٿا،
ڪَڌهن سوڙهه ساٽيهه سَنپرُون نَٿا،
سَدا سال سَپڪو سُڪارن سَندو.

ڪَچو ڪونه مارُو ڪَهن ڪو ڪَلام،
سَلامُ عَليڪُم، سَندا جِن سَلام،
مِڙئي اُت رَکيا عَيش آگي عَلام،
مَنجهان مُلڪ ئي ويا مَلامت مَلام،
نڪو نام ڏيهه ۾ ڏُڪارن سَندو.

نِيَر ۾ نِياپا نَوان سِر نَوَن،
اَچي چَڪ چِيڙ چيٽ جا، ٿا چَوَن،
سُني ساڌُهيَن مَڪ، سِگَر ٻيا سَوَن،
پَنوهارن جي پاڙي نه پارا پَوَن،
نه سا لُڪ، نه سَونڪو سِيارن سَندو.

ڪُنڀيون، ڪِير ڪاهُڙ، ٻيون ڪيرِيون،
ٻُڏيون ٻُور مان ٻاوريون، پيرِيون،
هِنيون هِير طالِب، نه هِت هيرِيون،
جِتي ڦوڳ ۽ ڦُل، اُتي ڦيرِيون،
سُنو سِيم ۾ سُر سَنپارن سَندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺَڏا ٺاڪ ٺَر جا، جِتي ٺِيڙِ ٺوڪ،
رَهيا راڄ، راڄا! رَهي ڪا نہ روڪ،
لَڪين قِسمِ لايون، لُٽن پوک لوڪ،
مَٿي مِينهن مارُن وَسن اوڪ موڪ،
پَڄي ڪِينَ پيرو ٻَهارن سَندو.

چَرن چيڪ چُلنگار چيلا چُٽا،
اُتي مال مارُن مَڇي ٿيا مُٽا،
ڪَٿا، ڪِير، ڪُنيون نہ ڪاهُڙ ڪُٺا،
گُوها، گَونر، گولُون، گيهہ گُل ڦُٽا،
وَري ٻيو وَرن ٿيو وَلهارن سَندو.

جَلان هُونِ جُوءِ ۾ جَهري، پُور، جهير،
لَڳي ڪَن چَندٻيندي چَنن پاس چير،
هَڪل هِڪ ٻُڌي مُون هِتي هاڻ هير،
هَليا ماڻڪي! مور! 'مان مانُ' مَٿير!
اِهو سَڌَ سَنگهارن سُونهارن سَندو.

وُني وَقت وانديون وِهارين ٿا،
نَوان گاھہ نِت نِت نِهارين ٿا،
پِٽن پاس پُونگا پيهارين ٿا،
ٻَهڻ لاءِ پيريون ٻُهارين ٿا،
تَڙو تَڙ تَماشو تَنوارن سَندو.

سُونهي ڪا نہ ساٽيهہ سَچ سِير ري،
نہ شَربت، نہ شِيرا وَٽن شِير ري،
ڪَپي مُون نہ، مارُو مِٺي مِير ري،
هَلي ڪانہ تَدبير تَقدير ري،
اَگهي عَرض مَن! عَرضدارن سَندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍيءَ ڪان ڪُهرُون ڏَرم ڏِيني اَسان،
رَهي دِل اَندر دُور ٻِيني اَسان،
نہ گڏ گنج، گوهر، نہ ڳِيني اَسان،
نہ پوري وِجهون، پَر نہ پِيني اَسان،
نہ هِيءُ هار پايان هَزارن سَندو.

هِتي هار پايان نہ هِيرا ٻَئي،
رَڳيندِيَس رَتولن مِڙئي رَت رُئي،
هَلان ڪانہ حاڪِم! هِتي اڳ هُئي،
ڪنئي آئون هِڪ، سانگين مان سُئي،
لڳم جام! طعنو چَمارن سَندو.

ڪَڙهان ڪوٽ ۾ ٿِي، ڪُنيَس ڪونئَن،
لُڪن آهِہ لُوساٽيو لونئَن،
نہ اَحوال وَرتو اَجان اونئَن،
جُڪس ٻاڻہ مُون ڏي ڳِٽي ڳونئَن،
اَٿم مامرو اِن مَيارن سَندو.

رَهن رات ۾ رُوح مُنهنجي رِيهان،
اُٿي بَند ۾ ٻُوند خاطِر ٻِيهان،
سَدا وَس وَطن ۾ واڌاٽان وِينهان،
عُمر! ڏيهہ اَسان جي تي سَپڪنهن ڏِينهان،
مَندبل آهِہ ميگهن مَلهارن سَندو.

وَطن، ويڙهہ، واديون، وَليون، وَڻ وَسن،
لُلر، لَنب، لاٽا، لِچڙ مَنجهہ لَسن،
دَڙن تان چَڙهيو ڏَڻ جَڏهن ٿا ڏِسن،
تہ ڪَئين پَرٻَٽان پيا پَراهان پَسن،
نَظر دُور اُن جي نِظارن سَندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏُران تان نہ ڏارين دُنيا دُني،
نہ پَٽ چَٽ، نہ چاندي، نہ چِٽيل چُني،
اَدا! آهِيان آئون اُڪندي اُني،
مَنگهن هيٺ ماڙيون، مَنهہ وَٽ مُني،
اِهو ڳوٺ ڳُوڙهن ڳَنوارن سَندو.

عُمر! ڪِينَ آرام ايندم اِتي،
جِياپو سَندم جان، جهانگي جِتي،
ڪَڏهن تَڙ تَنوارِن تَساريون تِتي،
هَڪيو اَڄ بہ حاڪِم! پيَم هَٿ هِتي،
صَحيح سان صَحيفو سَنگهارن سَندو.

ڏِسيو هَنڌ، حَويليون، هِنيون مُون هَٿي،
وِهان مِير! ماڙيَن، نہ مارُو مَٿي،
گهَڙي ڪِينَ گُوندر، گهَنگهر، غَم گهَٽي،
ڪَڏهن قَيد قِسمت قَضا جا ڪَٽي،
پَسان مانَ! پاڙو پَنوهارن سَندو.

سَدا عَرض 'احمد' اَڳيان رَب عَليم،
رَساڻيم مَنجهہ راڄ، راحِم رَحيم،
ڪُنجُون قُفل ويا، ساڻ ڪَلمي ڪَريم،
ڪَيو ڪَرم ڪَلتار، قادِر، قَديم،
لٿو قَيد ڪوٺن قَهارن سَندو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سهڻي

حَمد هاديءَ ڪي هَميشه، هَر زَمان هَرگاهه جو،
آهِه مالِڪ مُلڪ جو، مُختار مَحشرگاهه جو،
رَب رَسُول الله ڪي ڪِيو، راست رَهبر راهه جو،
سارِيو ساريان سَدائين، ساٿ سَروَر شاهه جو،
دِل دَليلن ۾ پيئي، دَورو پَسي دَرياهه جو،
سِير ۾ ساھڙ! رَسج، چَڏيَم سَبب سِيڻاهه جو.

مَوج ماڻي مَوج ۾، مَحبت سَندو مِهراڻ مَست،
جُنجهه جَهازن ناهِه جِت، تارُو بہ تِنهن ۾ تَنگدست،
دوست دُنيا جا ٿِيَن، سي دَور ڏِسيو دِل شِڪست،
آر اوپارا سَهي، اُڪرن اُهي عاشِق اَلست،
لاهي لاڳاپا رَکيو، جِن آسرو اَللهُ جو.

ڪَن مَٿي ڪَرڳل ڪُنن جا، ٿو ڪَري ڪَڙڪا ڪَپر،
واءُ ڇُهو، چَمڪي اُتر، چانئون، چَڙُون، ڇوليون، ڇَپر،
آر اوپارا عَميقن، اَهڙ اوڙاهُون اَپر،
پاڻي ڪِهڙا پُڇايان؟ پِرت وارن اِيءَ نہ پَر،
ڏُو ڪَري دَرياءَ مان، دَرسن ڪَنديَس دِلخواهه جو.

ٿو ڪَري ڪَڙڪا ڪَپر، ڪَرڳل ڪُنن جا ڪَنڌ تي،
ويو هَلي هَٿ ڪان هَٿيڪو، ناهِه هِينئڙو هَنڌ تي،
پُور پُورن تي پوَن، پُوريندَيس تِنهن پَنڌ تي،
صَبر ساعت ڪِيئن سَهان؟ ساھڙ سَڏي هُن سَنڌ تي،
تِن سَڏن سَرتيون! ڪَسي نِيو، صَبر مُنهنجي ساهه جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پِرت جُون پينگهي ڳنان، پاڙيچيون! مُون کي پِڪُون،
سِرجندي ڪان ساهيڙيون! مَنجهه ساهه ساهڙ جُون سِڪُون،
سَهنديَس ڏَمِ جا ڏَمر، پڻ چينپ چِڙبوتا چِڪُون،
ڪِيئن وِهان؟ ڳَن تي پوَن، ڳُن پاس ڳُنديَن جُون ڊِڪُون،
ڪِيو اَثر آواز اِن، مُنهنجي بَدن تي باهه جو.

باهِه پَڙڪي سِر بَدن، ڀَيڪيو بَجر ڀيريون پَچي،
مُنهن ڳنديَس مِهراڻ ڏي، مُڙندِس نڪا مِنت مَچي،
ويندڙيَس وَعدي مَٿي، سِر خواهه وِيرَن ۾ وَڄي،
صَبر ساعت ڪِيئن سَهان؟ هَٿ سامُهون ساهڙ سَڄي،
اِن اِشارن آنديَس، اُونهي مَٿي اُونداهه جو.

ڪُوڪ ڪارِي رات ڄِي، ڪانهَن ۾ ڪارُونپار ڏي،
تُرت ڪِيو تَيار مُون کي، تِن تَنوارن تار ڏي،
مِهر سين مَن! واٽ ڏِئي، مِهراڻ ميهر يار ڏي،
پُور پُورن تي پوَن، پُوريندِيَس پاتار ڏي،
رات ۾ ٿينديَس رَواني، رَب وَسيلو راهه جو.

ڳَن تي ڪُوڪارُون پوَن، ڪانهين ۾ ڳُنديون ڦِريون،
جِيئن لار لَس پاسي لُڏي، مُون کي بہ لوڏا لَهِريون،
ڳُن لنگهي ڳنديَس قَربن سان، ڳَڇهريون ڇَهِريون،
ڳَر رِهاٽِيَن راتڙيون، اَي ڏيهه ڏَٽي! ڏَهه ڦَهِريون،
ڏَمِ سُتو ڪو دَمِ رَهي، جو بَڪ بَڏي بي گاهه جو.

سِر ڪِلن وَڇڙيون ڳُڏن، پاڏا پَسارا ڳَن پِڙن،
مَنجهه چلڙ چِيها چَريو، چالُون وَڏي چَلهه سان رِڙهن،
ماهِرُو ماهيءَ جُون مينهُون، مَهل بي مَهليون مِڙن،
خُوب چِينگاريو چَڙن کي، گاهه ۾ گُجريون ڪِهڙن،
چَنگ واڏائي وَڄايو، ٿو وَٽي مُون واهه جو!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿيون پَراڙان روز پَهرن، گهڙڪ گجريون اَڻ ڏُڏيون،
جام سيڙهن جُون صَلاحُون، مُون ٻِنهي ويلن ٻُڌيون،
ڍَئو ڏَراڙن دِل تي ڪِيا، ڏَونري ۾ مَٽ ديڳيون رُڌيون،
ٽِن وِيئن مان وَر ڏِيو، کِليو مِڙن ڪَٽرُون ڪُڏيون،
ڪُوپ آهي ڪانهِيَن ڏي، ڪاهه پُنيان ڪاهه جو.

سُونهن ساهڙ رات سَندي، سِير سِڪ اَڳيان سُڪو،
مُنڌ! مَهل مَٿيِن مَتان، اَڄ پڻ ميهر چائي مُڪو،
دوست ڏِسندي، دوست لئِي، پاٽي نہ دَرياءَ ۾ دُکو،
چِت ڪيَم چوري چَريو، پِيتم چَرُوڙيءَ مان چُڪو،
نارِيَئِن اولا اَکِين، اُلڪو لٿو اوڙاهہ جو.

ڏِينهن ڏِني ڏاڍا ٿيا ڪي، مارِيَس ٽِنهن ڏُک ڏَنجهي،
ڪِڙڪ ڪُن پاسي ڪُنديءَ ۾، ٿِي وَڃي وانگي ڪَنجهي،
صَبر ساعت ڪونہ ساريان، سِير ۾ ڪِهڙنديَس سَنجهي،
تَرنديَس تانگهو ڪِ اُونهون، چا ڪَريان وِيرن وَنجهي؟
مُنهن، لنگهي مِهراڻ پَسنديَس، مُحب ماهي ماهہ جو.

مُند سِياري، سَخت پارا، سِير سامهين، سِيءَ گهٽان،
سِير ۾ ساهڙ ڪي سامهين، هَٿ ڪَٽان ۽ هَٿ هَٽان،
ناهِہ تُرهو تار ۾ ٻيو، تُنهنجي تارِي ٿِي ٽَٽان،
مَوت لئي مَوجن جَهليَس، موٽِج ميهر موتي ڪَٽان!
اَڏ گهڙو ٻيگاهہ ٿيو، ٻيو غُلغلو گَجگاهہ جو.

سَئو دَفعا لنگهيَس سَلامت، اَڄ نہ جاٽان ڪوهہ ٿيو،
ٻَر چَڏيو ٻانهُن، ٻُڏان ٿِي، ڪُن ڪوهن جا ڪوهہ ٿيو،
سِر لِڳن لُهڙون لَپيٽيون، لُڙ ۾ لاشو لوهہ ٿيو،
ٿِي ڪَريان دَرياءَ ۾ دانهُون، دوست! مُون سان ڊوهہ ٿيو،
مَن! رَسي آواز اوسِين، عِجز وارِي آهہ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيون لڳن لَهرُون لَڪين، لَهوارِيون، اوپارِيون،
ڪُن ڳهَٽان، ڳهمسان ڳهاٽو، ڳُهور، ڳهمرا، ڳهارِيون،
ڳهارِيون ڳهيريو وَجن، ڳهوڙا ڙي ڳهوڙا! ٻارِيون،
دِل دِلي ڪان اڳ پَڳي، دِلدار! ڏِج دِلدارِيون،
مُون تان لُطفئون لَهر لوڏو، لاهِہ لاهو لاهہ جو.

لَهر لاهو لاهہ جِي، لَلڪار لاتو لات ۾،
ننڊ نِيَم نِينڊُو نِهوڙي، نَنگ ناتو نات ۾،
راج رَسمُون گهورِيون، رَمندياس راتو رات ۾،
وِير ۾ واڳُون ڪٽي، ويندياس واتو وات ۾،
ڳڏ هَڪل هَمراهہ ٿِي، هَمراهہ! ٻي هَمراهہ جو.

ڪَنڌ تي ڪاوڙجي رَکي، ڏَم ڪاتِيَن تي ڪاتِيون،
ٻَڪ نہ ٻُڌنديَس ٻي فِڪر ٿِي، ٻاتِيَن تي ٻاتِيون،
هُت رَهي ٿو رُوح مُنهنجو، راتِيَن تي راتِيون،
اِن چُرِيَن، چِيرن ڪي ڏِينديَس، چاتِيَن تي چاتِيون،
ڪِيئن هَٿان حِيلو ڪَري، پوءِ هَڏ، هِنيِن، چَم، ماهہ جو؟

چَٽ ٿيئي سا چاڪرِي، سارِيَم چُڪي جِي چاش چاش،
دَور دَرياءَ ۾ دِلو، پُرزا پَچي ٿيو پاش پاش،
سِر لِڳَن لُهڙون لَپيٽيون، لَهرِيَن ۾ لاش لاش،
ڪير تَهدل تو سَوا، تِڪ تار ۾ ڪَندو تَلاش؟
واهِرُو! رَس واهہ تي مُون، واهہ ٿِي ٻي واهہ جو.

چَٽ ٿيئي سا چاڪرِي، پانيَم چِٽن تي جِنهن ڪي چُونڊ،
ڪَن، مَٿو، هَٿ، پير، هَڏ، چَم، هاڻ سَپ چوليءَ ۾ چُونڊ،
وات واڳَن ڪي وِيا، ڪَن ۾ وِڏو سَينسار سُونڊ،
تہ بہ اَجان سُهٽيءَ سين ساهڙ! پيو ڪَري سَختيون سَمُونڊ،
تِنهن دِيواني ڪي ٿِي، دَڙڪو تُنهنجي دَرگاهہ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ ڏِلو ٿيو، ڏِل ٻہ اَڄ ٿِي، رَحم سان رَب! ريڙِهين،
ٻاجهہ سان ٻُڌندين ڪي تارين، ٻيو نہ ڪَم سان ٻيڙِين،
يا اِلاهي! ڪُن اُڪاري، عَرب 'احمد' نيڙِين،
مِهر سان مالِڪ مِٺا! مُون ڪي مُحمد ميڙِين،
قُرب قادِر! بَخشِين، ڪَلمي ڪَلام الله جو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافيون

ڪافي (۱)

سِڱهو موٽ سوڍل! سِياڻا ساماڻا،
پَلنگ ٿيا پَئي، تو پُڄاڻا پُراڻا.

اَڇي مُنهن نہ موتيو، نہ ماڪي، نہ مِصري،
پيا دَرد دِل ۾، هَٽي ناٺ نِسري،
ويَرِ هاڻ وِسري، وِهاڻا وِڇاڻا.

اُٿيَن ٿا اَندر مَنجهہ، اَڌ رات اَندوهہ،
ڪَمينيءَ ڪَنان ڪانڌ! ڪِهڙو ڏِنئي ڏوهہ؟
رُسي رات وِئين ڪوهہ، راڻا! نہ ڄاڻا.

اکيَن مان ٿيَن آب اوتُون مِثل مِينهن،
نِهاريو نِهاريان، نِهوڙي نِيَس نِينهن،
ٿَري ويامِ ٿي ڏِينهن، ٿاڻا ٿِڪاڻا.

مَنجهان قَلب 'قاضي[1]' چَوي ڪَڍ ڪَدُورت،
نہ مَٽ مُور تُنهنجو، موهيَس تُنهنجي مُورت،
سَوَن مان بہ صُورت، سِياڻا! سُڄاڻا.

*

[1] مولوي صاحب پنهنجي چند ڪافين ۾ سندس دوست قاضي محمد يوسف جو تخلص استعمال ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ڪافي (٢)

چَنيسر! چُڪم چاڳ، چايو ٿِي چايان،
پَلا! رَک پَرم پاڳ، پايو ٿِي پايان.

چُري ڪِينَ چَرخو، ڏِنم چاڳ مان چاڪ،
مِڙئي مُلڪ تي مِينهن، مُون تي وَسي ماڪ،
مَٿو اَڄ مَٿي خاڪ، لايو ٿِي لايان.

قِصو هِن قُصُورن جو، ڪِهڙو ڪَريان ڪاند!
هَٽان هار هاوِي، هُجان هُوند هيڪاند،
پِريَم! هيءُ پَلئو پاند، پايو ٿِي پايان.

هَلي ڪانه تَقدير سان توڙ تَدبير،
وِلهي وَلوَلن ۾، وَرج وَر! وَلها وِير،
نَظر نُور مان نِير، نايو ٿِي نايان.

ڪَئِين ڪَرم ’قاضي!‘ هُئا ڪانڌ جا ڪال،
مُلاقات، ميوات، موتي، مَٽيان، لال،
ڳُڻن جي اِها ڳال، ڳايو ٿِي ڳايان.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ڪافي (٣)

سِگھو لھہ سَڄڻ! سار، ساريان سَنپاريان،
گَھنگھر ۾ گِرفتار، گھاريان گُذاريان.

ڪَٿن ڪي لڳي ڪيھہ، ڪوءِ! ڪَٿُوري،
سَڄڻ ري سَڄي رات، ٿِي سيج سُوري،
مَنجھان پِرت پُوري، پَچاريان پُڪاريان.

ڪَمينيءَ مَٿي ڪانڌ! ڪَڏھن ڪَرم ڪِج،
ڪَنڌيءَ ڪاڪ ڪَرھل کي ڪاھي قَدم ڏِج،
اِنھن آسرن سِج، اوپاريان، اولھاريان.

سُمھان جي تہ سَئُو سُور، سامھان سُمھڻ ساڻ،
پَلاٽي پِريَم! آءُ، تہ پَرچون وَري پاڻ،
هَنجُون هيج مان هاڻ، هاريان نِھاريان.

مَٿان ڪانڌ قُربئون، ڪَريان جان قُربان،
اَچي مانَ 'احمد!' لھن اَھنج اَرمان،
شَھر ۾ شَمعدان، ٻاريان ٻُھاريان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (۴)

وَطن شال! وَران، پانوَر پَٽ پَران،
مارُئِن مَنجهه مِيان! مُنجهيو مُنجهيو مَران.

پرهه پَچارُون لايون، پانوَر پار پَکين،
عُمر! اَباڻن ڏي، اَڄ پڻ آر اکين،
پيرُڙي ٿَر ٿِيان، ڏُکن مَنجهه ڏَران.

مارُئي مارُئِن ۾، مارُن تي ڪي مِينهڙا،
ڏِني تِن ڏوٿِيَن کي، ڏاڍا ٿيم ڏِينهڙا،
هِت ٿِي جاڙ جِيان، ساريو سُور چَران.

آب اُڪير اَندر، اکيَن اَرتو اوتيا،
مَوت بَرابر موتي، مُور نه گهُرجن موتيا،
پَلر پاڪ پِيان، ڳاڳِيَن لاءِ ڳَران.

هِيٺيون چُٽيون هاٽي، هاڻ پُنڙي حَد،
هَردم ڪَر حُضُور ۾، ’احمد!‘ حَمد اَحد،
صَدقو ساهه ڏِيان، ڏِسيو ڏيهه نَران.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (۵)

نِڌر نِندِ نِپاڳي، ڪا جا ڪار ڪيئي،
سَنجهي ساٿ ويو، مُون صُبح سار ٿيئي.

وَٽي ڪا بَلوچن کي، پيري پَچڻ جي،
مَگر آس مُون کي، مِنت جي مَچڻ جي،
نہ آهي وَچڻ جي، اَجان وار ويئي.

هُجي ڪيچ ۾ ڪانڌ، تہ ڪاچي وَڃي ڪير؟
چَپر ڪَن نہ چانئون، چِپن ۾ چِنان پير،
ڏُکيءَ کي ويا ڏير، ڏُهہ ٿار ڏيئي.

پُنهُونءَ ساڻ پاريان، نہ آدم بَنيءَ کي،
وَڃڻ کي وَجان ٿِي، مِلي وَر وَنيءَ کي،
هَنيو نِينهن نِيءَ کي، نِگُوسار نيئي.

قَطاريو نہ ڪيچِيَن، ڪُنل کي ڪُچائي،
لَڪن تان لَنگهي ويا، لُڪن ۾ لُچائي،
پُچائي پُچائي، وَڃي پار پيئي.

مَنجهان ڪوڏ 'قاضي!' ڪَندِس ڪوهہ ۾ ڪاهہ،
ٿيان رُوءِ روئي، لنگهي روهہ مان راهہ،
جِنين سان سِبيَم ساهہ، لهن سار سيئي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (٦)

مِٺن مارُئن سان، مِلان شال! موٽي،
رَجهي ڪِينَ راجا! ٻِيَن ساڻ ٻوٽي.

لِڱن تي لڳي ٿِي، لوئي لال لاڪي،
مَهيءَ مارُئن جِي، مِٺي ميٺ ماڪي،
پِيان شال! پاڪي، لَسي لاهِه لوٽي.

مِلڻ لاءِ مارُن جي، ماندِي مَري ٿِي،
ڏِسيو ڏِس اُنهيءَ ڏي، ڏُسڪا ڀَري ٿِي،
وَطن ڏي وَري ٿِي، ڪِوڻ ناهِه ڪوٽي.

هِتي باس هِيرن، هُتي واس هِيرن،
جِسم مَنجهه جَنجيرن، اَندر مَنجهه اُڪيرن،
ڳَنڍي دِل ڳَنڍيرن، وَلِيَن ۾ وَروٽي.

ڪيَم سوڳ ساڻيهه، لوئي نه لاهيان،
ڪَنڌيون ڪِير ڪاهُڙ وَجهڻ سان وِرهايان،
اَباڻن جِي آهيان، ڇَڳَن ساڻ ڇوٽي.

وَجي رات رَت سان، رَتولن رَڱڻ ۾،
ڪَنديَس عِيد ’احمد!‘ اَباڻي اَڱڻ ۾،
مَعافي مَڱڻ ۾، اَٿم جاٽ جوٽي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (٧)

جَڏيءَ ساڻ جيڏيون! جَتن ڪيئي جيڏِي،
هَليا هوت هاڙهي، هَٽي هوڏ هيڏِي.

ٻُڪون، ٻَر، ٻَلائون، ٻِرهمڻ سين پيچي،
ڪٽي پير پَسنديَس، پُنهل يار پيچي،
رَسيا ڪيچ ڪيچي، ڪيئون ڪار ڪيڏِي!

پَنيوران ٻَرن مِ، پَلو موت ٽِيندم،
هَڪل ساڻ هَڪيو، هَلي هوت اِيندم،
پُنهل پوت ڏِيندم، اَٿم آس ايڏِي.

ويا ساڻ هِيٺي، ڪَري هوت هاٽان،
نه سَمجهيَم سَنجهي ڪو، نه سَنبرن سِياٽان،
پَرُوڙيَم نه پاٽان، ٻَلوچن جي پيڏِي.

وَري وَر ٻِنان ڪِيئن، ڏُونگر ڏِسي هِي؟
ڪَنديَس ساهه صَدقو، سَسُئي چَئي سِسي هِي،
گَسن تي گِسي هِي، تُري ڪابه تيڏِي.

صُبح سان سَنياري، سَسُئي ٿِي سَجائي،
اَسان لاءِ 'احمد!' اِها جاٽ جائي،
عُمر مُون اَجائي، کِلڻ مَنجهه ڪيڏِي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (٨)

مَنجِ ڪِينَ مُون سان، مِٺا يار! يارِي،
اَٿمِ تانگھہ تُنھنجي، طَلب تار تارِي.

نَوان ناز نازُڪ، بَدن نُور ۾ نُور،
پِرينءَ جي پَسڻ لئي، پوَن پُور ۾ پُور،
سَنڌيَن مان ڪَڍي سُور، سُٽ سار سارِي.

سَري مَن! سَڄڻ سان، صُحبت سَڳورِي،
گھَڙِي گڏ گُذر ڌار، گھوڙا ڙِي! گھورِي،
نڪو زَر نہ زورِي، رُوان زار زارِي.

گھَڙِي يار! گڏ گھار، غمخوار! غم ٽار،
وِرُونھن وار، ڏيکار دِيدار دِلدار!
لَھج سار اِن پار، نِت آر آرِي!

اڪيون روز ’احمد!‘ اِلاهي اَبر ۾،
سَري اَڄ صُباح شال! صُحبت صَبر ۾،
سَندو بِرھہ بَر ۾، ڪنيَم بار بارِي.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (٩)

چَنيسر چِڙيي پيو، چُڪو چاڳ مُنهنجو،
ٻَلا ڪِيئن ٻِري سو، ٻَرم ڀاڳ مُنهنجو؟

لَڳي ڪانڌ لِيلان، مَٽيي تي مَٿايو،
ڪَرم ڪانڌ ٻَنهنجو، گُجر تان گهَٽايو،
حَرف اِن هَٽايو، لَقب لاڳ مُنهنجو.

مَٿي ڪَنڌ ڪِهڙو، اَڳيان ڪانڌ ڪاري؟
پريَم! ڪَڻ مَ پَردو، پُڪاريو پُڪاري،
اُڪاريو اُڪاري، اَندر آڳ مُنهنجو.

قَدم پَر، ڪَرم ڪَر، وَرم! وَر، حَرم سَر،
گهَنگهَر گهَر، ٻَگم اَر، بَدن سَر جِپيون جَر،
اَچي ڪَر مُنوَر، مُحب! ماڳ مُنهنجو.

ٻِني عَفو ’احمد‘ اَحد ڪان اَدب سان،
اَپر عام تُنهنجون، عَطائون عَجب سان،
سُٽج ڪِنهن سَبب سان، رُوئڻ راڳ مُنهنجو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (١٠)

ڏاتر! لاهين ڏُک، ڪي ساڻيهہ سَنپران سُک،
ماڙيَن مارِي آهيان، ميڙين مارُو مُک.

گُل ڦُل، گولُون، گاهہ گَسن تي، گَجگاهہ لايو گوڙ،
مُنگها، مَنديئڙا، مُرٽ، مانداٽا، ڪِرڙ ڪَڪوريا ڪوڙ،
ڪَٽا، ڪَٿونبا، ڪُنپيون ڪَئين، ڪيهہ ڪِوايون ڪوڙ،
جيڏيَن ڪَيا ڪي جوڙ، لٿي جَڳَن تان جُک.

راڄا! آئون روڄ نہ جَهليان، جاسين راڄ رَسان،
پانوَر پَنهنجو رَک تُون پانهُون، پانوَر شال! پَسان،
ويڙهيچن وَٽ، ويڙهيجهپ ۾، ويکي ويڙهہ وَسان،
آسيون پُڄن اَسان، دِل تان لهَنم دُک.

پيري پيري بُوند پِٽن تي، بادل پيچ پِنان،
ڪاٽيان آئون ڪوٽن ۾، جيڪِي ڏاتر ڏِينهن ڏِنان،
پَنهنجي پَروَر پاڪ ڏَٽيءَ ڪان، پَردو پاند پِنان،
ڏَئو نہ گُهرجي ڏول ٻِنان، پَلي پَرم جِي ٻُک.

ڪِينَ پَنوهارڻ پُوري پَوندي، ويريءَ ساڻ وَڳي،
سائين! ميڙين سَهنج سَبب سان، سانگين ساڻ سَڳي،
’قاضي!‘ ڪوٽ عُمر جو ڪِريو، بيشڪ پير پَڳي،
هِينئڙي هِير لَڳي، لَٿي لِڱَن تان لُک.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪافي (١١)

صَبا! چَئج سانگين ڪي ساري سَنيها،
تہ چِت ۾ چِتاءَ ڪان پيَم چاڪ چِيها.

اَديون! اِي اولاڪا، اَجائي اَڳهڻ ۾،
ڳَهٽي ناهِہ ڳهوڙا! ڳَهنگهر روز ڳهڻ ۾،
لَنگهايِم لَنگهڻ ۾، ٽيئي چَنڊ ٽِيها.

ڇَڏيَم ڇاهہ ڇُوڙن، ڇُوها ۽ ڇَندن جا،
سَنڌيَن ۾ سَنڌا سُور، سانڍڻ سَندن جا،
بَدن تي بَندن جا، ڳَهُون، ڳاٿ، ڳِيها.

ٻِيَر ۾ ٻماٽي، رَهي رُوح ۾ ريل،
ڦَٽي رات ڦوڙاءِ، آئي اَسُر ويل،
ڇوَن ڪي ڇَتُون ڏيل، ڇَندُول ڇِيها.

ڪِوڻ ڪيل ڪاهُڙ، خَطا ۽ خَتن ۾،
وُنو خَير ڪِيئنءَ سين، خَبر اِيءَ خَطن ۾،
ويڙهيچا وَطن ۾، وَڪوڙين وِيها.

ڪَندا ماڙ مارُو، مَنجهان مِهر مُئيءَ تي،
سُٽي ٻالهہ سانگين، سُڪم هَٿ سُئيءَ تي،
نهن لَک لُئيءَ تي، سَندا لاک لِيها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَڃي ويڙهه وَر ڪو، ڏَونرن کي ڏِينديَس،
ڪَٿا، ڪِير، ڪُنپيون، ڪَٿونبا ٻه ڪِينديَس،
وَطن آئون وِڃنديَس، اَٿم آس اِها.

عُمر ڪوٽ ’احمد!‘ آهيان عُمر اَرهي،
ٿيان شال! ساٽيهه، سَڳر ساڻ سَرهي،
اَٿم ٻاڙ ٻَرهي، ڳَريان پِي ٻه پِيها.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي سوهڻي

سَنئون سِڌو ساراهِيان ٿو، تُنهنجي صُورت سُونهڻي،
ڇو ٻَڌان سِسي سَسُئيءَ سان؟ خواهه سورٺ، سُوهڻي.

جِنس جا جَذبات آهِن، اِن سُرن ۾ سَربسر،
تِنهن ڪَري موهِين مُومل، مارُئي مَن مُوهڻي.

هِير تي هَرڪو ٿو هِرڪي، لوڪ لِيلان ۾ لِڪي،
مَنجهه هِنيِن هِيرا پيا ڪي، هِير ڪي هَٿ ڇُوهڻي.

هِي نِپٽ نالا ٿلها، ٻالا پَرِيَل ڪي ٻيءَ پَران،
ڳالهه هِڪ ڳائِنِ گهِلا، ٻِي ڪِنهين مان ٻُوهڻي.

شِعر ۾ شاعِر گهڻان، جوهر جَوانيءَ جا پوَن،
نانگ آهي نِينهن نانگو، ڪِينَ پانئج ٻُوهڻي.

خال خَط مُشڪِ خَطا ڪوئيَم، خَطا ڪاڌم وَڏي،
چَک چَپن جِي چاشني، ڏِينهن چار چَنٽي ڇُوهڻي.

تِنهن ڪَري تن تَرڪ ڏيئي، تِيار ڪِيو مُون تَرجمون،
پيا قِصا ڪُوڙا ڪَري، ڪا قَوم ناهي ڪُوهڻي.

بَيت 'احمد' بات رَب جِي، مانَ! مُصحف جي طُفيل،
مُلڪ ۾ مَقبُول ٿِئي، شل! صاف سِنڌي سُوهڻي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مهراڻ سنڌ

ساڻ بِسمِ الله بَرڪت، باغ ۽ بُستان سِنڌ،
اَنب آُمان عام ٻيا، اَنبار ۾ اَرزان سِنڌ،
چا ڳڻي ڳائي سَگھي! اَلله جا اِحسان سِنڌ،
دَور ڪَئِين دَرياءَ ڪَن، پَر مُعتبر مِهراڻ سِنڌ.

هِڪ اُچو آهي جَبل، جو بَرف پَرِيَل پاڻجي،
ڪيترِيَن چوٽِيَن سان چوٽي، پَل نہ اُن جِي پاڻجي،
مِينهن بَدران بَرف سان، چيڙي ٻَچيڙي چاڻجي،
مانسروَر ڍَنڍ آهي، تِنهن اَندر مِهراڻ سِنڌ.

تِنهن مَنجهان ٽوڙيو ٽَڪر، پوءِ ٿو لَهي لَداخ ۾،
پوءِ گِلگت ۾ گِهڙي، ڪَشمير، ڪابُل شاخ ۾،
پَنج نَد وَٽ پَنج ٻيون، گَڏجن نَديون گُستاخ ۾،
تِن مَنجهان پَر ڏِيو پَري ٿو، باغ، بَر مِهراڻ سِنڌ.

وَر وَڪڙ ڪائي وَهي، سائو سَڳورو سيگهہ ۾،
مَيل وَڌ گَهٽ، مَيل اَرڙهن سَئو، سَراسر ڊيگهہ ۾،
هِڪ ٽِڪو، ٻيو تار ٿِي، جا مَئي ڪَري ٿو ميگهہ ۾،
اَج بہ تازي تار ٿِي، اُٿليو اُتر مِهراڻ سِنڌ.

گَس اِنهيءَ گِرداب جا، آهِن سَوين، ناهِن سَوان،
پارڪر، ڪَنپات، ديبل، سَپ سَندس بَندر چَوان،
بَند ٽوڙي، هَند ڀوڙي، رَند جوڙي ٿو نَوان،
وِير وِڳهہ وَقت سِر، پَنپور پَر مِهراڻ سِنڌ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِن جي شاخن شَهر ڪَئين، عالي عَجب آباد ڪِيا،
ڪي اَجان آباد آهِن، ڪي بِنهه بَرباد ٿِيا،
ڪي ويا وِسرڻ ڪي وِسري، ڪي اَجان ڪِن ياد پِيا،
ڪيٽي، عَلي بَندر، وَنگو، پارِي نَگر مِهراڻ سِنڌ.

پِيا هَلن واپار جا، تِنهن پار ۾ بيڙا گهڻان،
صُبح سانجهي سَير لئي، ماڻهون مَشِس ميڙا گهڻان،
پِيا هَوائُن تي هَلن، بُلبُل ڪِ گُل پيڙا گهڻان،
ڪوٽ وِيرا ڪَپ مَٺي، سيوَهڻ، سَکر مِهراڻ سِنڌ.

نار، نارو، خواهه نِيرو، ويو بہ ڪيسانو ڪِسي،
دِل وَجي دَهشت کان دَهليو، دَور دَرياءَ جو ڏِسي،
نانگ جِيئن نِڪريو ڪِٿان، وَجيو ڪَدي ساهُو سِسي،
اَڄ بہ ايندئي ڪَئين نِشانيون، مَنجهہ نَظر مِهراڻ سِنڌ.

سَرسر سَرسبز ٿِئي ٿِي، سِنڌ سارِي تِنهن مَنجهان،
رِڻ لِڳي جا رُوبرُو، سا ريڻ جارِي تِنهن مَنجهان،
هاڪڙو ۽ ساڳرو، پَٽيهل، پِڇارِي تِنهن مَنجهان،
ڪي ڦِٽا، ڪِن ڦاٽ ڦاڙيا، مَنجهہ مَجر مِهراڻ سِنڌ.

ڪَئين ڪوهَن تائِين ڪو هِن تي، خَرچ ڪاٿي ڪِي بہ ڪِين،
هيٺ لهندي ساڻ حاڪِم، هيڪ ٻِئي جو حَق چِڪين،
هيڏي هوڏي، يا ڪِ هيڏي، پاڻ ۾ پاٽي تَڪين،
تان ٿَڪا ڏيئي ڏِنون، ڪِنهن کي نِڪر مِهراڻ سِنڌ.

ڪيترا ڪامي، پَروڙيءَ وَقت، بَندن تي ٻِيهن،
جابجا مَزدُور، مُقدم، وِيهہ ڪِٿي ٽولا ٽِيهن،
موٽرن جِي ڊوڙ ڊوڙان، رُوڻ ٿيندي مَنجهہ رِيهن،
ڄامشورو شور ۾، پَڄ ڪول دَر مِهراڻ سِنڌ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سِير اِن جي ۾ وَجي، سُک ٿي سُتا سُهڻي ميهار،
هِير رانجهي هيڪ ٻئي سان، حال ڪِيا ٿي بَرڪِنار،
اِن مَٿي سَسُئي پُنهُون، ڏوتا ٿي ڪَپڙا دِلقرار،
هو ڪَڏهن ڪِنهن ڏِينهن، سَندن گهر ڪان گُذر مِهراڻ سِنڌ.

سي ٿيا خالي ڪَنڌر، جِت ڪِير ڪاڏئون ۾ ڪَنڌُون،
پَڌ سي پاڻي نه پَڌرا، تان ڪِرن مِينهن جُون چَنڊُون،
مُنهن مَٿي مِهراڻ ويو، خالي رَهيا ڍورا ڍَنڍُون،
ڏِس هَلي مَنڇر، مَڪي، ڪَلري، ڪِينجهر مِهراڻ سِنڌ.

مُنهن ڪَنان مِهراڻ تي، ڪَئين شَهر شاهي شاهُوڪار،
باغ، بَنگلا بِهشتي، بيلا، چَمن، چَهرا چَنار،
هِڪ نَميو نِڪري هُتان، ٻيو هِت نَئين سِر نار نار،
پوءِ ڪاري سان کِليو، ڪائي ٿَڪر مِهراڻ سِنڌ.

ڊُوبڊُو دَرياءَ ٻَئي، دَريا بَدريا تار ڏِس،
اَڻ لَڳي آڏِي اِنهيءَ ۾، تَند ڪائي تار ڏِس،
هِيءُ نه هُن سان ٿو مِلي، ’احمد!‘ اِهو اِسرار ڏِس،
هُو ڪَڙو هِڪڙو نه، هِيءُ شَهد و شَڪر مِهراڻ سِنڌ.

*

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

هو ڏنئي ۽ هي به ڏس

اَج بہ ساڳيا اُو اَنڌيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس،
سَڀ سَڌر سَنبريا سَويرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

ڀَج ڪِنهن جا پُٽ تہ ڀَڄئي، پَيچ پَنهجي پيءَ سَميت،
ڪِل خوشيءَ ۾ خان ڪيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

ڇا سَچڻ! سَمجهون تہ هو گهر، سَر سَجي ۾ هيڪڙو؟
يا ڳِهي ويا باز ڳيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

تَڪ ڏٺي تَڪ تي تہ، تَڪ مان ڪير ڪندو تور تَڪ؟
مَر جَلن ڪِنهن جا بہ جيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

آهي ظاهِر زور، يا زَر، يا زَمينداريءَ مَٿي،
پاءَ بيهن پيڙا پَليرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

جانچ واٽون ووٽرن جُون، موٽرن تي اوٽ موٽ،
گَهر ڪي گهوڙن ساڻ گهيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

ڪِٿ بہ اِنجڻ تان مَنجڻ تي، ڪَن پيا ڪَل تي ڪلام،
راڄ تيرا، راڄ ميرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

آڇ، ڪاوڙ، ڪِيرتون، قُرآن پيڙو ڪَڇ اَندر،
واهہ! ناٽڪ، واهہ! نِيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

رُعب، رُشوَت ۽ رِيا، زَر، زور ۽ زاريون ضَرُور،
ڏِينِ ڪِيئَن هارِيَن کي هيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي بہ ڏِس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

زور، زَر ري ٻيا ڪَجِن، ڪِيئَن ڳَڻ ته جِن جي ڳوٺ ۾،
گهڻ سَندن پڻ گهٽگهُريرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

ڪِنهن ته ڏاڏس کي ڏيکاريا، وَڻ وِندر، وَڻڪار جا،
پيا ڪَٽَن پُنيانس پيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

ساک سيريءَ تي نه ڏِئي ڪو، سُڌ وَني سَرڪار جي؟
نه ته ڏيهن جا ڏُول ڏيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

اڳ اڳوڻن جا وَسائي، سا به ساري ڏيهه ڏِني،
پاءَ! نه ڪائو پُل به پيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

پَينچ جانچي پاڻ کي، پوءِ پير پِڙ ۾ پائجو،
جانچ ۾ جَهلبا جَجهيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

راز ريبي راج ڪان پُڇ، ڪَرڪ ڪِنهن پَر ٿا ڪُوهن،
سيٺ، واپاري، وڏيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

چَئي اِها 'احمد' اَسان کي، ڇا ڪَپي اَڄ ڪال ڳال؟
جَس جَزاڪَ الله خَيرا، هُو ڏِنئي ۽ هِي به ڏِس.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ونئي تپ ٽپي ۾ ٽپيدار ڪي

وَنئي تَپ ٽَپي ۾ ٽَپيدار ڪي،
گُهمي شَوق سان شَهر بازار ڪي.

ڪِٿي مَنزلُون ڪَن نہ مُختيارڪار،
ڏُکيو جَهنگ ٿيو جُنگ جُونجهار ڪي.

ڪَليڪٽر قِلعي ۾ ڪَنين پيا ٻُڌون،
ٻَلا گَشت بالا عَملدار ڪي.

نَنڍا يا وَڏا گَشت جاڻن گُناهہ،
سُپارِنِ ڪَم ڪار ڪوتار ڪي.

نہ ڊِپٽي ڊِويزن جو دَورو ڪَري،
ڪَري جان قَبضي ڪَمين ڪار ڪي.

هَليو حَد مَٿي سو پِيادو سَوار،
لِڪيائين ڪَري وَونئڻ وَٽڪار ڪي.

ٻَلي ڪو هُجي ڳوٺ سَئُو سال جو،
مَنجهس فَصل سالِم لِڪيئِين سار ڪي.

جَماعت ڪَيو جَمع بَنديءَ ۾ بَست،
مَڪرِ مان مُڪي پيا ڪَڍن وار ڪي.

نہ آباد، آباد لِڪجي ويو،
غَلط ڪير چَئي پوءِ غَلط ڪار ڪي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عَرضدار آيو عَريضي ڪٺي،
نه دَر بَند دُولهه جِي دَرٻار ڪي.

نه لالچ لُچن جِي لِڪل لوڪ ڪان،
صَدر تائين سُڌ سار سالار کي.

وَزارت ڪَنان اڳ وَهي هَر وَزير،
رَهي يادگيري نه پوءِ يار کي.

نَندن تي وَڏن وَٽ پُڪارين نه پَڪ،
ٻَڌن، پَر ٻُڌن ڪِينَ ٻاڪار کي.

ڪِنهين تار پُوڪار مان پَڪ پُڄن،
عَبث آهِه اَحوال اَخبار کي.

سَندي سَرد مُهري ڪَچهري رَکي ڳَالهه،
چوَن ڏوهه عَين جِي اُپٽار کي.

مِلي ڪُل مَعافي، مَگر تِنهن مَنجهان،
ڪُتو اَڌ ڪَپي خان ڪينپار کي.

مَهانگو مِلي فَندُ، ريفنڊ ڪو،
حِصي سان حِصو هَر حِصيدار کي.

ٿِئي داد دَرخواست جو دير سان،
وَڏي عُمر ڳُهرجي عَرضدار کي.

مَري مَهند جي ويو نه پوٽا ۽ پُٽ،
ٻُڌن نيٺ اِقرار، اِنڪار کي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

عَرِيضيون وَجي جانچ آڪاس ۾،
نہ ٿِئي دِل نشين دير دِلدار ڪي.

پَناهہ پاند پاٿارين جو پوليس،
چَڪاسيو پُٽن چور چَوڌار ڪي.

نہ پيو چور جي هَٿ نہ چاڪي سَهي،
سَچو سَمجهہ اِن نَقل نِروار ڪي.

ٿِيَن ڏِينهن ۾ چورِيون چار پَنج،
وَجي پير پُهتا پَرِين پار ڪي.

پَنجين ڏِينهن پَتو پيو پَتڻ پار پياء،
گهڙيو گهاٽ غارت گَرن غار ڪي.

دِڄن ڪِينَ ڏاڙيل دَڙڪن ڪَنان،
يَڪا يَڪ لِڳا يار يَلغار ڪي.

خَزانو کُليو، ٿيا خَفا خُون خان،
جَميعت مِلي وَئي جَمعدار ڪي.

چَڪاسيو پُٽن چور چارئي پَهر،
لِڳي شل! مَ اڪ لوڪ لاچار ڪي.

وَڏي واٽ ويندي مَيي جي مَهار،
جَهلي جاڳندو جَت نہ جُهونگار ڪي.

ڊَڊو، يا ڏِڳو، يا وَڳو، يا وِڳوڙ،
نہ پاندي چُٽي تِنهن مان پَرمار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وَڏو ڏوهہ جِيئَن، تِيئَن وَڏو جهٽ سَندن،
خُدا ڪان گهُرن خُون تڪرار ڪي.

نِگهبان اِهڙا تہ بيگاهہ گاهہ،
گُناهن جي رُخصت گنهگار ڪي.

بَلي! راڄ بي تاڄ بيراڄ جو،
وَجڻ ساڻ ڪر ڪار وَهنوار ڪي.

هُجي پاند پَيسو تہ ڀرين پَتڻ،
اُڪارينِ پيا يار اَغيار ڪي.

نہ هُوندئي تہ ويندئي ڪَڇي گام گهر،
پيو مار ڪَٽڻ مَٿي ڪار ڪي.

ٽَنو ڏِس، ٻَنو ڏِس، ڪَنو ڏِس، ڳَنو،
ڪَدڻ، ڪانڙي، ٻار، ٻهنوار ڪي.

وَطن ۾ وِلاتي وَسايا وَڃن،
هِتي جا هَلن هاڻ هالار ڪي.

ڪَڇي ڪُوهہ ويا، پَٻ، مُهاڳا، مُقام،
ٻَڌي چيلهہ چَل چيل چيلهار ڪي.

لڳا ساڻ لاهور واڪا وَڃي،
لنگهيا چار آچار، آچار ڪي.

ٿيو سِنڌ صُوبو ڀَڪو جو شِڪار،
وَٺي ديک نارو، وَٺي نار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَلا ڪير آيا ڪوهن تان ڪَهي؟
ڪَڍڻ لڳ ٽيڪٽر ڪَڍن ٽار ڪي.

نہ سَمجهن سِنڌي ٺوڪ سي سِنڌ ۾،
گُلن هار سَمجهن ڳِلا ڳار ڪي.

اَچي ويو اَلڙ آر، سِي، ايس، ڪو،
ڪَڍيائون ٽڙي تَجربيڪار ڪي.

ضِلعو ۽ ڊِويزن، ٽَپو، تَعلقو،
ڏِسي ڇَڏ نَموني نَمودار ڪي.

وَهن ڇا مَنجهان واهہ؟ ڪاٺي نہ خَير،
وِجهن پيٽ ۾ پاڻ پاٽار ڪي.

هَزارن جو نِيڪو نہ سَئو ڪن جو سار،
وَٽي ديک گهاڙِي، وَٽي گهار ڪي.

لَپي پُوچڙيءَ ۾ نہ پاٽيءَ جِي لَپ،
وَهي ٽار پيو، موڪليَئون ٽار ڪي.

حِصا هيڪ ٻِئي سان مُقرر مُدام،
پَرن پَت پَتي ڏيئي پَتيار ڪي.

اڳي اَڏ ڪَنان واهہ ريٽيا وَڏيڪ،
پَلي مَرد ماپين مِقدار ڪي.

پَري نہ ٻہ نہ چوڙين ڇِرڪن ڇُڳير،
نہ ٻوڙي نہ ٻيڙي نہ ٻَنگار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَگر مَهندِيَن لاءِ مَوجُود مَوج،
بُڌن پَڪ نہ پوِيَن جِي پُوڪار ڪي.

وَڏايون وَڏايون ڪندا پيا وَجن،
نہ پارِين واعِدو ڪِنهِين وار ڪي.

پُڇي سوڪ هِيءَ ڪير ڪِهڙِي سَبب؟
مِني مات هَر مَرد مَهندار ڪي.

طَبيبن جِي تَعريف ڪِهڙِي ڪَجي؟
ٻُڪي ٻاجهہ، ٻِي مار بيمار ڪي.

وَجي ٿيا ٻُري اگهہ اگهن جا عِلاج،
نہ پائِي بہ مَنجهہ پاند پينار ڪي.

سُجان سُور ڪائِن سُجاڻپ سَوا،
نہ ديري دَوا ۾ دُنيادار ڪي.

حُڪم ڏِينِ هَفتِي تہ حاضِر ٿِئي،
ڏُکيو ڏِينهن اَڌ ڪو تپُجي تار ڪي.

اَدا! پُڇ مَ اَوقاف کاتي جو حال،
نہ ڪِيئَن ٿا سُڌارِينِ ڪِردار ڪي.

هُجن مَسجدُون يا مَدرسا، مُقام،
کَپِن سار لئي سال سالار ڪي.

مَدد مَدرسن جي گُهري مُدتون،
لڳَن ڏِينهن لِڪ پَڙهہ لڳاتار ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ روزو رَکن جي، نہ سَنبرن نماز،
چوَن وَقت گَذجڻ جي گُذ مار ڪي.

ڦِٽن مَسجدُون يا ڦِٽن مَدرسا،
نہ نُقصان ڪِھڙو نِگھدار ڪي؟

ٿِئي دِين جو دُک بہ ڪِنهن دِيندار،
نہ دُک دِين جو دِين کان ڌار ڪي.

ڪٿي پَڙ، مِنايون ڏِنائون مَٿو،
مُجاور مَوالي مَڪَّھار ڪي.

هُجي حَيدرآباد يا هُجي تَر بَدين،
لڳا خان سَپ خواب خُومار ڪي.

عَدالت جِي آفيس آقاس ٿِي،
اُجارِنِ پيا عَدل آچار ڪي.

ڪُٽل ڪيس ڪُوڙي ۾ قاسِي چَڙهن،
رَضا خُون مان صاف خُونخوار ڪي.

نہ سَمجهن سَچڻ ڪو سَچي ڏِينهن ۾،
بيھڻ بار بيمار بيزار ڪي.

رَکن جي بہ رَکپال رُشوَت مَٿان،
نہ اُٿلو وَڏائِنِ آزار ڪي.

وَنن رُشوَتون، رُشوَتون ٿوڙ آڳ،
ٿِنهان پوءِ بَدن دوست دَستار ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِلِيَن مال جو پاڻ کي تِنهن ڪَنان،
گهٽون گهٽ مِلي خود گِرفتار کي.

وَڏيون بَند ڪِيئَن ڪَن وَتَن جي وَڏيڪ؟
پَلي آزمائن بہ اوزار کي.

ڪَجن ڏِينهن مِ ڏيهہ جا ڏوهہ گڏ،
کٽن اُت نہ عَين جي اَنبار کي.

اَمن عام جو نام اِسلام آهِہ،
بَنائي چڏي نيڪ نيڪار کي.

اَسان جو تہ اِسلام آهي عَيان،
نہ ڪِنهن پاڪ پارس جي پُڇ پار کي.

مِڙئي مُلڪ پاڻهين چوين پاڪ پَڪ،
ڏِسين قوم جِي هُوند ڪَر ڪار کي.

فَرنگي فضيلت، فَرنگيءَ جو فَيض،
نہ تَعليم بِي ڪا طَلبگار کي.

مُخاديِم، مَخدُوم سَڀ مِير، پِير،
رَکيائون اَنگريزيءَ مَٿي آر کي.

اَلف اَنب ءِ بي بَلاءِ پي پَلو،
پَڙهائِن پَنهنجي ٻَچي ٻار کي.

اَدب عادتون چا سِکن مَنجهہ سِڪول؟
کٽي جانچ اَخلاق اَطوار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ مَردن کي مُنهن ۾ سُونهاري صَفا،
صُبح وار ڪَن ٿا صَفا وار کي.

ڪُلها، ڪَنڌ اُگهاڙا، اُرهہ جو بہ اَڌ،
مَٿاهُون ٿا ڪَن مَرد مِعيار کي.

چِڪيَل تَنگ جِيئَن تَنگ لاڳُ لِباس،
صَفا صاف ڏِس صُوف اَنار کي.

حَيا ۽ حَقيقت هَليا هاڻ وِيا،
وَٽي ديک دامن، وَٽي ڀار کي.

صَفا رِڻ سَفيرن، وَزيرن ٿيو،
هَليون بالِغُون بَلخ، بَلغار کي.

وَڏايو نَسل کي، نَبي اَڳ چَيو،
جَجها ٻار اَڄ ٻار دَربار کي.

گهَٽان ٻار گِهر گهُري جو نہ گهوٽ،
مِلي خاص چارِي خَريدار کي.

اِنهيءَ اَنگريزي پَڙهڻ کان پُڇاڻ،
مِلي واڳ ٿِي ڪِنهن بہ واڳار کي.

اِهي ٿيا اَسان جا عَملدار اَڄ،
رَکن دِين اِسلام کان عار کي.

مِلي ٻانگ، بيو ٿيو سَينيما جو سَڏ،
وَجن ڪِٿ چِڪي چانگ چُلنگار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گُھمن اَڌ اُگھاڙا اَميرون، اَمير،
ڪڍن ھِير تي ھار ھُبڪار ڪي.

اَڳي مَنجھ اِسلام ھو جو حَرام،
رَوا دِين ۾ دَستبردار ڪي.

زِنا چُوٽ ۽ زال تي بَند،
پَڄائڻ جِي بَندش نہ بَدڪار ڪي.

رَوا چار نارِيون تہ چو چار نَر،
نہ جائز زَناني زِناڪار ڪي؟

مَنجھان ھيڪڙي مَرد ساوِن سَوين،
ڪُڄاڙو ڪَنديون پَن چَرُو چار ڪي؟

سَوَن لاءِ ھِڪ سانُ ۽ ھِڪ لاءِ سَئو،
نہ سُھڻا لڳن ڪِنھن بہ سِينگار ڪي.

نہ اِسلام ۾ آھِہ وَنڊُو وِياج،
ڇَھہ سَئو تي رَوا سُود سَرڪار ڪي.

رَوا اڳ نہ ھُئا راڳ، رانديون، رَباب،
مَگر اَڄ اِجازت طَبل تار ڪي.

جائز ھُئا اڳ نہ شِيشا شَراب،
مَگر اَڄ مُبارڪ مَزو يار ڪي.

نہ اِسلام ۾ آھِہ مَنظُور مُور،
نِيابت نَبيءَ جي نَشيدار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪُڻن ڪِينَ ڪِي پڻ ڪِٽراڳ راڳ،
رِڏن مَنجهه ريڊيو ۽ ريڊار ڪي.

تَرقي تَنزل کي سَمجهڻ لڳا،
چوَن عَيب اِسلامِ اِظهار کي.

پُڇائِنِ پَرويز جِهڙا پَڙهيا،
نہ ڦيرِنِ آڳي جي اَذڪار کي.

وِجهڻ فَرق فُرقان ۾ ٿا گُهرن،
مِلائِون مِلي ڪِنهن ۽ مَڪار کي.

ڪَري ڪير قُرآن ۾ ڦير گهير،
نہ هَڻ ڪَنڌ ۾ ڪُند ڪَنڌار کي.

نہ فُرقان ۾ فَرق وِجهندا سَگهي،
لِڪن لَک دَفعا بَحث بيڪار کي.

چوَن ٿي نمازُون ۽ روزا رَسمِ،
پَڪيڙِنِ پَرچن ۾ پَرچار کي.

پَڙهيا پَنج سَروَر، ۽ ساٿِيَن سَندن،
اُنهن تي نہ اِيمان عَيار کي.

هَلي جِنهن تي اُمت سَڄي، پڻ اِمامِ،
غَلط سو لڳي هِڪ ۽ غَدار کي.

پَلا پوءِ قُرآن ڪِنهن کان مِليو؟
مَڃو جي نہ اَصحاب اَخيار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شِيعا خواهه سُني پڙهن پنج وقت،
ڏِنئون اُن مٿي آل اَطهار کي.

سَدائين سَدن پُٺ، سَڌائن مٿي،
نہ اِسرار مَعلُوم اَسرار کي.

اڳي اُپ ٿيو ڏار ڏَرتيءَ ڪنان،
جُدا جِيئن ڪجي ڦار ڪان ڦار کي.

وَني هيڪ ٻِئي کان اَٿر اُپ زَمين،
هَمہ حال مَعلُوم هوشيار کي.

ڪڏهن آب اُپ ڏي چڙهي ٻاڦ ٿِئي،
بَنائي جَبل بَرف بِسيار کي.

وَسائي وَري ٻاڦ مان سو ٻيهار،
تلاءَ پار پُهچن بہ پاتار کي.

اَسين ڏُوڙ پَرتُوءَ ۾ داڻا چڻيون،
ڪٽون تِنهن مَنجهان خاص خَرار کي.

اُنهيءَ ساڻ اوپڙ اُپاڙي عَجيب،
کُنپيون ۽ ڪٽونبا، کَٽهار کي.

پَلر مان پيئي پوک، سِج تي پَچي،
وَني چَندَ مان سُونهن سِينگار کي.

اِنهيءَ طرح اُپ يُون پَچن پاڻ ۾،
خَبردار جاڻن خَبردار کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَسان لاءِ آهِن اُپايا اَللهَ،
نکٽ، چَنڊ، سِج چَرخ چوڏار ڪي.

مَنجهان چَنڊ چُونڊڻ چڱايون چڱون،
پِلي آزمائن ٻہ اَفڪار ڪي.

مَگر شَرط آهي اِنهيءَ ۾ اِهو،
نہ غافِل وِسارِن غفار ڪي.

سيڪاري ويئي سَمجھ سَڀ ڳالھ جي،
اَوَل مَنجھ آدمِ عَقلدار ڪي.

نہ مَلڪن کي مَعلُوم سو مام مُور،
ڪيائون اَدب ساڻ اِقرار ڪي.

اِهو عِلم وَڌندو رَهي روز روز،
اَچي تان سَندو اِن سَماچار ڪي.

اُپِن تي اُڏامڻ نئين ڳالھ ناهِہ،
اِها سَگھہ سِرِڻ، ڳجھہ، جُري، جهار ڪي.

فَلڪ تي ڪِ فِرعَون ڪاهيو نہ ڪالھہ؟
نہ ڪاهي ڪِنهِين پَر قَهار ڪي.

هَليو ٿي هَوا ۾ سُليمان شاهہ،
وَٺي جابجا فَوج جَرار ڪي.

ڪِٿي ساڻ حِڪمت حُڪم سان ڪَئي،
مِليو مُعجزو مِير مُختار ڪي.

اِنهيءَ ڪاڻ ڪِنهن قوم ڪافر نہ اَڳ،
مَڃيَئون پَنهنجي مُرسل مَٽيادار کي.

نہ پيرن جي پُوڄا ڇَڏي نات نُوح،
ٻَڇا ٻار ويا سَڀ ٻُڏي ٻار کي.

مَٿي هيٺ ڪِيا ويا فَجر ۾ فُجار،
نہ سُئو جِن سَندي لُوط لَلڪار کي.

اَٿئي ٻيا بہ عالَم اَڳاهان اَپار،
سَگهي ڪير ساري نہ سَنسار کي.

ڏِسي ڪَم خُدا جا، خُدا ڏي وَرو،
ڇَڏيو دوست! دَهريَت جِي دَرڪار کي.

ڏِسُون جيئَن بہ ڪَم ڪار ڪِنهن جا وَڏيڪ،
نہ واڪاڻيون وِير وِينجهار کي.

عَجب جيئَن عَجائب اَڪين سان ڏِسي،
ڦِري ڪَم نہ اِيءَ ڦُوڪ ڦُلهيار کي.

ڦِرن شامتن ڪان شيَن جا سَواد،
لڳي زَهر گُڙ، زَهر ڪايار کي.

گُهري باغ بَدران سَبا شَهر سُڃ،
نہ ٻارِي ڪَڏين ٻَر مَنجهان ٻار کي.

نہ سائينءَ جي سيوا ۾ سارِيئون سَواد،
تَڏهن بُت وَڻيا بُت پَرستار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ آيو يَهُودِيَن مَزو ماس مان،
مَجيئُون مَن مَجيا، مگر مَٽر ڏار ڪي.

نہ لُوطيَن کي لَذت ڏِني لاڏلِيَن،
وَٽيا مَرد، هَر مَرد مُردار ڪي.

پَرايَن پرين تي پَريا جي پُريون،
نہ اَڳرو چوَن اُن جي آثار ڪي.

ڪيئُون جيئَن ڪندا، تِيئَن ڪنديون پڻ قَبول،
اُنهن جُون پُريون تِن جي پيزار ڪي.

سُڌارا سَچا جِن کي سَمجهن صَديون،
ڪَڙو ڪُفر ڪوٺڻ اِنهيءَ ڪار کي.

ٻہ ڏِينهن آدمي جا ٻہ عادت ڪَري،
هَٽي پير هَٿ يا وَني وار کي.

نہ ٽِئي ڏِينهن پاٺين هَلن پير هَٿ،
نہ روڪي سَگهن تِن جي رَفتار کي.

مَڪڙ راج ميڙي وَريا ويڙهہ ڏي،
نميا پارڪر، ڪوڪرا پار کي.

خُدائي ڪَٽڪ کي خُدا ئي جَهلي،
ٻيو ڇا جَهلي جُنگ جَبار کي؟

سُٺون ڪِيَن سالن ۾ ڪِنهن ڪان اکر،
نہ ڏانهيو وَڏي دوست ڏادار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَلائن هَوائي ٻه حِيلا پيا،
وِجهن مار پيا مور ۽ مار کي.

مَري ڪِٿ مَڇي، مال، ڪَبرُون ۽ ڪانگ،
نه جوکو ذَري جو زِيانڪار کي.

رَهي سال پَر سال سالِم ڪِٿي؟
ڇَڏيئون ٻُور ٻيريون نه ڪِٿ ٻار کي.

جُهڪو دَر دَڏيءَ جي ته دُک دُور ٿِين،
جَهلي ٻيو نه اوزار آزار کي.

اُين ڏي اُڏايئون لَڪن جا لَغڙ،
هَلايئون هَوا مَنجهه هَسوار کي.

اَسان ڇا وِلاتن مان والاريو؟
نه اُپ سان وَڏايون ٻه والار کي.

ڄَمون ۾ ڄَمايا قَدم ڪافرن،
جَهتي ويا جُهونا ڳَڙهه ٻه ڳِرنار کي.

اَسان هَٿ نه اَجمير ۽ آگرو،
نِيائون ٻه مالواهه، مَلبار کي.

دَکن جا دُکن داغ، دِل ۾ دِلي،
ڇَڏيوسُون جِتي تَخت تَيار کي.

نه خانيءَ تي آئي خيانت ڪَنان،
اَسان جِي سَزا ڪِنهن سَزاوار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هُجن جي حَدُون، حُڪم اِسلام جا،
نہ ڏيھہ ۾ ڏِسُون ڏوھہ ڏَھڪار ڪي.

نہ ڪارو نہ ڪارِي ڪِٿي ڪار ڪَن،
ڏِسن جي سَزا سَخت سَنگسار ڪي.

وَڏيو چور جو هَٿ تہ چورِي وَجي،
پَلي لَس ۾ لوڏِن پيون لار ڪي.

ڪٿي نيڻ نِرتئون نَجد ڏي نِهار،
نہ جُرئت جُري، تان جَھٽي جھار ڪي.

وَڪالت وَڪيلن جي بَدين ۾ بَند،
هُجي تان لھي هيج هيجار ڪي.

وَٺو مال رُشوَت جو راشِيَن ڪَنان،
مَجيندا نہ سي مُور بِي مار ڪي.

اَجان جُھولندو هِڪ وَجي جيل ۾،
نہ تازِي طَمع بِي طَمعدار ڪي.

وَٺن روز هَمراھہ هِمياِئِيون،
هَٺن پوءِ هَمہ هامِ هَموار ڪي.

سَچا صاف هِي يا سَچو هُو صَفا،
ڪَريو گوش گوهر جِي گُفتار ڪي.

سِسيون ڏار، ڏَڙ ڏُوڙ، ڏاڙا لِڱن،
ڪُنائون ڪِنهين ڪانڌ ڪاڏيار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿِري ناٿ ٿَر ۾ نهن ڪِينَ ٿيون،
ڪِٿان سي رَسيون ڪاف ڪوهيار ڪي؟

لِپن شَهر ۾ ڪِينَ شاهينگ شاهہ،
ٿِيَن ٻانهن ٻيلي نہ ٻَڪرار ڪي.

ڦُريَئون پِنڊ پِنيي ڪي پَسندي پوليس،
نہ طاقت دَفع جِي دَفعدار ڪي.

اُنهن ساڻ ڪِنهن پَر نہ پُڇي پوليس،
جَهليائون جِنهِين جَهنگ جهالار ڪي.

ڪٿي پوءِ پوليس چا جو پَگهار؟
جَڏن ڪان جَڏهن جَهل نہ ڦُر مار ڪي.

ٻُڌون ٻار وَٺيا هِتي ۽ هُتي،
نہ لاهي ويا لاک لاکيار ڪي.

اَمن عام ويو، آهِہ آسان اَج،
ڦُرڻ روز شَب شَهر سَرشار ڪي.

ڪُپت ڪان ڪَنبايو شَهر کي شُعيب،
وَٽيو وَعظ تِنهن جو نہ وَٽجار ڪي.

نہ فِرعَون فاسِق چَڙي فوقيَت،
ڪٿي مَوج وَئي فَوج تَيار ڪي.

هُئا چا هَوائي نہ هوشيار هِي؟
ڦِريَل فَوج فِرعَون فُجار ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رَکيا ڪَن، اکيون چا نہ عاد و ثَمود؟
ڏِنائون ٿي ايندي اَندوڪار کي.

چَيائون اَسان تي اِها اَج اَچي،
پِيئَن تان پَلر پُوڄ پُرڪار کي.

پُلي مِينهن پاڻيَٺون، نہ پاڻيَٺون بَلاءِ،
ڪَڪر ڪونئيَٺون قَهر جِي ڪار کي.

اَسان جو بہ اَڄ ڪالهہ اَحوال اِيءُ،
گُنهہ گُل لَڳَن ٿا گَلي گار کي.

اَسان کي بہ اُپ تان اُتاريو ويو،
وَسايون نہ بَحرِ زَخار کي.

ڊِگهَا ڊور، مينهُون بہ بَڪريون، رِڍُون،
اُتاهُون مِلي اُت بہ اوتار کي.

مَنجهان چَنڊ چُونڊڻ چَڳايون چَڱُون،
چَڪاسِنِ چَقمق جِي چَمڪار کي.

ٿيو چا ڏِنو تو جي ڏُک سُور سان،
چَڪر چَنڊ تارن چَمڪدار کي؟

نہ فَرشي فَرشتا ڪَڏهن ٿِي سَگهن،
پُڇائِنِ بي پُڇ پِندار کي.

نہ مُون کي تَپايو تَپيدار خود،
اَگهاڙي پيو جَڻڪہ اوڏار کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِهي رِشوَتون ۽ اِهي حِشمتون،
جَهلي ڏَڏ نہ ڏاڍن جِي ڌَهڪار ڪي.

عَرض ڪَر تہ اُٿلو چوَن اِنتشار،
پَڪيزِئون بہ پُوريءَ طرح خار ڪي.

زَبان بَند پَر بَند ناهي زِيان،
رَسائي رَوا هَر رَساڪار ڪي.

اِنهيءَ لئي اَسان مُلڪ ماٺيو نہ مُور،
تہ ڪُڏڪيو پوَن قوم ڪُفار ڪي.

سَفر سِير سامهُون سَواريءَ سَوا،
نہ چاڙهون تہ نِئي ڪِنهن نِگُوسار ڪي.

نيئي سِير سُهڻي سَنجهي ئي مَنجهان،
مِلي ڪِيئَن بہ هاڻي سا ميهار ڪي؟

صَدر چا ڪَندو؟ جي نہ سُڌرن سَڌر،
خَبر خَلق جِي هَر خَبردار ڪي.

اَحد ساڻ 'احمد!' اَندر اور بَس،
نہ ڦِر ٻِئي ڪِنهِين دَر نہ دِيوار ڪي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيزو عام جا عيوضي

عَزيزو عام جا عيوضي! اَمن گُم عام ۾ ڪيسين؟
مُعزز مُلڪ جا ميمبرا! مُلڪ ماتام ۾ ڪيسين؟

مُسلماني حُڪومت ٿِي، مُسلماني حُڪم ناهِن،
عَقيدو انگريزن جي، عَبث اَحڪام ۾ ڪيسين؟

سُڌارو دِين دُنيا جو، نہ دِلبر! ديس ۾ دُوري،
لکين اِنسان اَڄ بُک ۾، اوهين آرام ۾ ڪيسين؟

مِيان مِمبر! مُدت گُذري، سُڌارو مُلڪ جو مَعلُوم،
اوهين خود عام تي آفت، اکيون اِنعام ۾ ڪيسين؟

بُکيَن برباد ڪيون بادشاهيون چِين، بَرما جُون،
اَثر اَڳتي اَچي وَڌندو، اَٽڪ آسام ۾ ڪيسين؟

اَميري اِشتراڪيَت ڪي، آڌو چا اَچي سَگهندي؟
غَني ڪي سَئُو تہ لک غُربا، غَمِ اَيام ۾ ڪيسين؟

اوهين ماريو مَزُورن کي، مَدد ڪَن رُوس جا مُنڪر،
نِلهو پوءِ دِين جي دَعوا جو داڻو دام ۾ ڪيسين؟

خُدا آدم خَليفو ڪِيو، بيا اولاد سَڀ اُن جو،
مِڙن وِچ مِلڪ مائٽ جِي، مُنجهارو مام ۾ ڪيسين؟

مَزا مَذهب جي نالي ماڻيو، ماريو مَزُورن کي،
اِهائي خَلق جي خِدمت، خَيالي خام ۾ ڪيسين؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِهو مَذهب نہ مَذهب آهِہ، ماري ٻيا مَزا ماڻڻ،
خُدا جِي خَلق کي ٺڳيو، خُدا جي نام ۾ ڪيسين؟

فَرض اِسلام ۾ آهي، اَدا! آذار اَپرن کي،
هِتي آزار تِن تي، اِيءُ عَمل اِسلام ۾ ڪيسين؟

حِصو اَولاد ڪُل جو آهِہ، آدم جي ايراضيءَ ۾،
اَباڻي گَنج ۾ گهٽ وَڌ جِي، گَڙ ٻَڙ گام ۾ ڪيسين؟

هَلن ٻي حال هارين جي، حَقن جا هيل تائين هُل،
اِها اَٽڪل ڪِ ٻيو اَٽڪاءُ، اِنهيءَ اَنجام ۾ ڪيسين؟

شَريعت ٻِل ٻَلا ٻانئي، اَچو ٽاڻي تي ٽاريندا،
اَوهان خود جو اِهو اِسلام، ٻيا اِلزام ۾ ڪيسين؟

مِهت ڏي مُنهن مَهيني ۾، نہ مُنهنجي مِهربانن جو،
سَنهان ماڻهون سَينيما ۾، صُبح ۽ شام ۾ ڪيسين؟

زِنا ظاهِر، زَڪواتون بَند، تَقويٰ گُم تَقاويءَ ۾،
اَوهان جي عيوضي هُوندي، گَهنگهر گُگدام ۾ ڪيسين؟

رَنڊي بازيءَ کي روڪڻ ۾، نہ پُڇجن راج ڪان رايا،
اِهي اِسلام جا عيوضي، نہ عِزت عام ۾ ڪيسين؟

شَريعت ساڻ ٽاريو شور، شَر شَيطان رُوسيءَ جو،
تَپي پُون ٽامڻي ٽيئي، ٽِلو پيا ٽام ۾ ڪيسين؟

عَرض 'احمد' نہ آهي اَڄ، اَميري عام جي سُک سان،
سُڌاري ڌار سوين جُون، سَڌون سِرسام ۾ ڪيسين؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جاڳ جاني

جاڳ جاني! چور ڪِهڙيا، گنج خاني تُنهنجي ۾،
خان! ڇڏ خُومار ڪي، خائن خزاني تُنهنجي ۾.

هَنجهه! هُونگارُون گهٽيون ڪَئي، هِرڪيو هِيرن مَٿي،
اوچتو اَڄ باز آيو، آشياني تُنهنجي ۾.

سا گهڙي ٿيئي گُذر، جنهن ۾ گهمين گُلزار گُل،
اَڄ عُقابن جُون اکيون، تو ۾ بہ، آني تُنهنجي ۾.

مَشرق و مَغرب جي وِچ هو، مُلڪ تُنهنجي مِلڪ ڪالهہ،
اَڄ پَرائو هَٿ پَسان، پيسي ڪِ آني تُنهنجي ۾.

جِن تي پاڙيو تو پَلاءُ پانئَي نہ ٿيندم پَڙ پَتار،
ناهِہ تِن کي ڪو نَظر، ننگي نِراني تُنهنجي ۾.

مَشرق و مَغرب جي وِچ هو، مومنن جو مان شان،
تُون عَجب آهِہ نہ آهين، خُوار خاني تُنهنجي ۾.

نَنڍڙو تُون پڻ نہ آهين، ياد هُوندئي يار! ڳالهہ،
ٿي جَڏهن قيصر ڪَمايو، ڪارخاني تُنهنجي ۾.

چِين، مَغرب، مِصر، مُوصل، هِند، سِنڌ، اِسپين، شام،
ڪالهہ هُئا سَڀ دَرج دَفتر، حاڪِماني تُنهنجي ۾.

واءُ وَرندي اَڄ وَجي، پَسندي وَطن واديون وَلهار،
تان ڪَڪر غَم جا ڪَندا، ڪارُون ڪَراني تُنهنجي ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُصطفيٰ مُرسل لڏيندي، مُلڪ، مِلت پرنيا،
سي نہ ٿيا غارت اَدا! ڪي غائباني تُنهنجي مِ؟

هاءِ! تُنهنجي حاضريءَ مِ، هَڙ هَٿان لُٽجي ويئي،
مُون نہ اِيءَ سُستي سُئي، ڏاڍي ڪِ ناني تُنهنجي مِ.

سَئو وَڏن تُنهنجي وِڏا، لاهيو هَزارن جا هِنيان،
هيڪلي هاٿي هَٽن، نيزا نِشاني تُنهنجي مِ.

ڪالهہ هِيٺن جي حَقن جو، تُون هُئين حافِظ اَمين،
اَڄ هَميرن هَٿ وِڏا، خود حَق حَقاني تُنهنجي مِ.

هو سَڄي عالَمَ تي سَچِٽا! سَيف تُنهنجي جو سُهاءُ،
اَڄ پَسان ٿو سا نہ تابِش، تازِياني تُنهنجي مِ.

قُرب، قُرباني ڪَرڻ جا، اَنگ هُئا تو مِ اَڳي،
اَڄ پَسان آرس، تو ۽ اَولاد، باني تُنهنجي مِ.

ڪالهہ نَوڪنڊ ٿي نَوازيئي، اَڄ نِهارين نان ڪي،
ڇَئو هَوا هِيءَ ڪِهڙي آئي، آب داني تُنهنجي مِ؟

تو قِلعا ۽ ڪوٽ ٽوڙيا، هِن ڪَرايَن ساڻ ڪَئين،
ڪِيئن ڇُٽي ڳهلا! پيئي، جا ڳِنڊ ڳاني تُنهنجي مِ؟

هَر ڳهڙي گُل گُل پُڪارين، پَر ڪَنڊن کان ڪَن هَٽين،
بي وَفا! بِلڪُل نہ اِيءَ، بُلبُل بَياني تُنهنجي مِ.

خُونِ دِل سان دِيندارن، دِين جو پاليو دَرخت،
ووءِ! وَڍجي ٿو زَمينان، سو زَماني تُنهنجي مِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضَرب ذِلت، مَسڪنت جِي، تو مَٿي لاشڪ لڳي،
فَرض، واڻهڙن جُون واڻون، وَهٽ واني تُنهنجي ۾.

ڇا هُنر حِڪمت ٿيا، هيڏي مُدي ۾ حاصلات؟
پَروسو پورا! اَجان، پانئين بيگاني تُنهنجي ۾.

عَقل، آزاديءَ ڪري، اِنسان اَشرف ليکجي،
نہ تہ اَڙيا خود خَر بہ ناهِن، خان! ڪاني تُنهنجي ۾.

آئي ساعت، سِر کي سَمجهن بار، سوپُون سي ڪَٽِين،
تُون تہ جِيئَن خوش جُبہ و دَستار شاني تُنهنجي ۾.

غَرق غَفلت کي نہ ڪَريِن، غَير مُسلم جا غُلام!
ناهِہ بارِي بي خَبر، بَندا! ٻَهاني تُنهنجي ۾.

تُون ڪُڙهو ڪِهڙن جو آهين، پَر ڪَري ڪُجهہ تُون ڏيکار،
جان رَهي ڪا آهِہ قُوت، ڪِهڙا! ڪاني تُنهنجي ۾.

شيِرِ نَر ناهين تُون ڇا؟ رِڍ جان رَڙيون ڪِهڙيون ڪَرين؟
صَفدري آهي صِفت، شُجري شَهاني تُنهنجي ۾.

پيروي پَهرِيَن جِي پُوري، جَهل تہ پاڪر پَهرِيِن،
فَيض بيو ناهي فَلاني، بِن فَلاني تُنهنجي ۾.

ڪِنهن غَرض ڳهارين اَڙي غافِل! غُلامن جو غُلام،
شَرمندا شايد هُجن، اَڳوان طَعني تُنهنجي ۾.

جان حَياتي آهين تان، هَٺ، پير پَنهنجا هَڻ حَبيب!
آس ياري يار! رَک تُون، رَب يَگاني تُنهنجي ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وِهه ويهڻ پائنج وَنهيان! وَهلُو وَطن آزاد ڪَر،
چور ڪي تَڪبير جُون، تارُون تَراني تُنهنجي ۾.

مَنزلُون مَقصُود ڏي تُون، جي مِيان! مارين ٻُڏاءِ،
قافلي سالار ڪِهڙو، ڪارواني تُنهنجي ۾؟

سا ٻلي ٿيندِي ٻَلائُن، جا چَري ڏاران ڏنار،
رِڇ، ٻَگهڙ رَت ڪي اُجيا، رَستي رواني تُنهنجي ۾.

چوڙ جاني! جَنگ جهيڙو، مُئي جَماعت کي جِيار،
ڪَڍ خُدا لڳ، جا خُصومت خانداني تُنهنجي ۾.

سِک وَري تَعليم تازِي، وَر تِجارت ڏاهن تيز،
پوءِ ساري ڏِس سُڌارا، ساليانِي تُنهنجي ۾.

رَهه مُسافر! مُلڪ ماڻِهن، ماڳ ڏي تاسين نه مُور،
ناهِه جاسين جانبازي، جان! جَهاني تُنهنجي ۾.

ڪَر فَنا فِي الحال فائق! فِرقه بَنديءَ جا فُتور،
ايڪتا گهُرجي ايرادي، مُخلصاني تُنهنجي ۾.

مُلڪ تُنهنجو، مِلڪ تُنهنجي، مُفت مالِڪ بيا مَگر،
ڇا اَدا! اَغيار جو ڪَم، آستاني تُنهنجي ۾؟

ايڪتا ڏي ڪوٽ ’احمد!‘ قَوم توڙي ڪَن ٻَڌا،
ته به هُجن مَر دَرج داهُون، داستاني تُنهنجي ۾.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پرين پيغام ويا وسري

اَسين اِسلام تي، اِسلام جا اَحڪام ويا وِسري،
رَکون اِلزام ٻئي تي، پاڻ تي اِلزام ويا وِسري.

سُڻو سَمجھو سَجڻ سائين! مَزا هِي ميمبريءَ تائين،
اُمراءُ عام جا آئين، اُمورِ عام ويا وِسري.

ٿيون مِمبريءَ ڪري ميڙون، وَزارت تي وَري ويڙهون،
جُمعون چَنچر ڀَڪيون چيڙون، گهڻن گهر گام ويا وِسري.

ڪَڙهي تِن ڪالهه جِن ڪانجهي، ٻَنيا ميمبر ته مُک مانجهي،
سَينيما ۾ صُبح سانجهي، ٻه سَجدا شام ويا وِسري.

اَڪابر آزمائش ۾، نه راحت ڪِٿ رَهائش ۾،
نَمونا ڪَئين نُمائش ۾، عَمل اِسلام ويا وِسري.

اَجان هِيڻن مَٿي حِشمت، اَجان راڻا وَٺن رِشوَت،
اَجان بَد قَوم جي قِسمت، اَمن آرام ويا وِسري.

اَجان بي دِين بي دِيني، اَجان مِسڪين مِسڪيني،
اَجان غَمگين غَمگيني، غَرض گُگدام ويا وِسري.

حُڪومت حَق جِي ڪِهڙي هَند؟ زِنا ظاهِر زَڪواتون بَند،
فَرض ٿا رِين ٻَڌيو فَند، مُقرر مام ويا وِسري.

دِلاسو دِينداريءَ جو، سُڌارو سِنڌ ساريءَ جو،
اَثر گهٽ اِختياريءَ جو، عَجب اَنجام ويا وِسري.

مِلي ڪُرسي قَرين کي، ڇَڏيئون غم ۾ غَرِين کي،
مَ چَئو 'احمد!' عَجبين کي، پرين پيغام ويا وِسري.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

انسان ٿي رهون

واجب اَسان تي آهِ ته اِنسان ٿي رَهون،
مَذهب تي مُستقيم مُسلمان ٿي رَهون.

اِنسان ڪِيو اَسان کي ڪَٺي خاڪ مان خُدا،
صَد حَيف هوءِ، پوءِ جي حَيوان ٿي رَهون.

ڪَلمون پَڙهي ڪَريم تي ڪاهِل ٿيڻ نه ڪار،
نَعرو لڳائي نِينهن جو نِيشان ٿي رَهون.

مَذهب مُحمديءَ سين مَچي جي مُقابلو،
تِنهن مَهل ۾ مُجاهدِ مَيدان ٿي رَهون.

سالِڪ سَدائي پاڻ کي سُونهي نه سانگ سِر،
قائم ڪَٽڪ ۾ قُرب جي قُربان ٿي رَهون.

جي اِيءُ اَمر اَدا! نه اَسان کان اَدا ٿِئي،
تَڏهن به مَيخان اَندر خان ٿي رَهون.

حَق تي هَلڻ جي لاءِ حَياتي مِلي اَٿون،
ناحق کي سِر نَمائي، نه نادان ٿي رَهون.

لُقمو حَلال هوءِ، نه حُلواڻ هوءِ ته چا؟
چو هِن هَڏي حَرام تي حَيران ٿي رَهون؟

ساندڻ شِڪم سِکيا جي صَغيريءَ ڪَنان وَني،
تِن جِيئن نه پيٽ لاءِ پَريشان ٿي رَهون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

صَدقي سَچي ڌَڻيءَ جي حُڪم تان هَزار جان،
مالِڪ مَٽي نہ مال تي مَستان ٿِي رَهون.

سَرڪار جي سَڏائي سَبب سَچ جي جيل پاس،
گُهرجي تہ اِهڙي مَرد جا مِهمان ٿِي رَهون.

آزاد ڪَن نہ ڪَن تہ اِهو آبرُو سَندن،
گيدِي نہ اَسين خاطِر گُذران ٿِي رَهون.

قادِر قُفل پَجي ٿو سَگهي قَيد ڪوٽ جا،
گُهرجي فَتح تہ تابع فَرمان ٿِي رَهون.

’احمد!‘ اَحد بِنان نہ عَرض ٻِئي اَڳيان سُونهي،
تُون آءُ تہ دَر ڌَڻيءَ جي دَربان ٿِي رَهون.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ديک دنيا جي دوست! دورنگي

وَڏي وَڏائي واحِد واهِب، جِنهن جا آهِن عَجب عَجائب،
مُلڪ سَيد کي بَخشيو صاحِب، يار سَڳورا نُوري نائب،
تِن تي قِيمتدار ڪَلنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٺورا نَنگي.

دانا ڪارڻ دِين شَريف، ڪَن حَياتي گهور حَريف،
طالِب سَڀ سَهن تَڪليف، ٺِينِ ضَرُورت ۾ نہ ضَعيف،
ڏِينِ جِهادُون جابِر جَنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٺورا نَنگي.

دانا ڪارڻ دِين مُنير، صَدقو ڪَن سِر، ساھ، سَرير،
سَچا سائِنءَ سين رَهن سُڌير، موٽن ڪِينَ مَرڻ کان مِير،
توٽي اَڳيان هُونِ تُفنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٺورا نَنگي.

صاحِب ساري، ڪِينَ وِساري، ساريو رازِق رِزق ڏِياري،
سَمجھ، ڏِنون سِر، ساھ سُونهاري، تِنهن مالِڪ کان مُنهن ماٺو واري،
ڍور ڍَڳن سان ٻَڌا ڍَنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٺورا نَنگي.

پاڪ خُدا جو جوڙي ڪيٽ، تِنهن ڏي لوڪن ناهي ليٽ،
ڪَن قَلب تي ڪَتيون چيٽ، ڦَرين سَمجهن رَب کان پيٽ،
وَتن ڪَندا سي واهڻ وَنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٺورا نَنگي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِينَ ڏِسن رَب ڏوري ڏوري، ذِڪر فِڪر ڪان جهوري جهوري،
گَنج گوهر تان گهوري گهوري، چَوندا آٽيو اوري اوري،
وِجهندا ٻَئي هَٿ ٻوڙا ٻَنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

عِلمِ لَڏيو ۽ عِرفان، گهٽيو عالَمُ مان اِيمان،
پَلٽيو جَهل ساڻ جَهان، ڪاهِل ڪِينَ ٻُڌن قُرآن،
ڦِريَل وَتن ڪَر قوم فرنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

جُوان جُوان، ٻوڙها ٻوڙها، سِڪيا نہ ڳاڙڻ ڳوڙها ڳوڙها،
ٻانگ صَلوات کان ٻوڙا ٻوڙا، ٿِيَن سُمهڻ لئي سوڙها سوڙها،
اِن جِي عادت آهِہ اَڏنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

تات سُمهڻ جِي ساري رات، ڪانہ ٻُڌن ڪا ٻانگ صَلوات،
پَيدا ٿِئي جِي پرهہ پرڀات، تہ ڪِن کي ٻَني ٻارو وات،
ڪِن ويهي جَهڻ جِي ماٽي جهنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

وَقت عِبادت ننڊ نِياڳ، سَنگت ٻَد لئي هُونِ سُجاڳ،
ڏُهل دَمامان، ڏُڪڙ راڳ، پَسند ڪَندا سي ٻائي ڀاڳ،
وِهندا ڪوني چارڻ چَنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

سَچ سِيل لنگهي ويو سَوارو، وو وو هَي جو وَريو وارو،
ڪُوڙ هَلي ٿو تِنهن ۾ ڪارو، ويو رُوح مان رَب سُونهارو،
دَمڙيءَ ڏانهن دِل ماڻهن ٽنگي، ديک دُنيا جِي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دُنيا وئي ٿي ڊِينئون ڏور، غَيرت ساري ٿي غَرقُور،
وَڏيو ڏيُوٿيءَ جو دَستُور، مُڙس لڳن ٿا ٿورا مُور،
لَڄ لِياقت لوڪن لَنگهي، ڏيک دُنيا جي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

جي ميڙو لڳو ڪِنهن مِير مَٿي، وَلي سَڳوري وِير مَٿي،
نہ پُهرين رَنون پير مَٿي، رَکنديون عَزم اَمير مَٿي،
پُنيان هَلندا مَرد مَلنگي، ڏيک، دُنيا جي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

حَضرت حَسن، حُسين اِمام، ڪُنا ايرادي ساڻ عَلام،
رَسم اِها ڪَن رافِض خام، ڏَهين مُحرم جي ڪَن ماتام،
تَڙيَل اِهي تَيمُور لَنگي، ڏيک دُنيا جي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

چا ڳايان ٻُچڙاڻون ٻي ڊِينن! ڦِڪت لڳي ڪان ڪَم ڪَمينن،
مَولا مَرهي شل! مِسڪينن، هادي ڏيکاري راهہ حَزينن،
دِل جا ڪوتا، وَهمن وَنگي، ڏيک دُنيا جي دوست! دورنگي.
اَڪثر نانگا ٿورا ننگي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتفاق

ٿو چَوان اَعليٰ عَجب اِسرار آهي اِتفاق،
دِين ۽ دُنيا سَندو دِيدار آهي اِتفاق.

زِره رُڪ جِي، ڍال پڻ، بَندُوق، ڀالو بي گُمان،
تِير توڙي توب ۽ تَلوار آهي اِتفاق.

صُلح جو سامان پڻ، ۽ جَنگ جو سارو سِپاهه،
سوڀ ۽ سَرسيءَ سَندو سِينگار آهي اِتفاق.

بَخت ڪارڻ بادشاهن، بادشاهيءَ جِي ٻه ٻيخ،
سوڀ وارن جو سِپهه سالار آهي اِتفاق.

تاج ڪارڻ تاج وارن، تَخت وارن ڪاڻ تَخت،
مَد نظر تي مُلڪ جي مُختار آهي اِتفاق.

ڀَلنٽيون تِنهن کي پَرُوڙج، خواهه مُٺ ڀُٽ ۽ پَناهه،
خواهه غَلبو، خواهه غَلبيدار آهي اِتفاق.

ڪَن مَڇر ميڙو نه ماري هُوند هاٿيءَ کي هَٽن،
اِن طرح اَپرن اَجهو آڌار آهي اِتفاق.

ٻِن سِيارن کان نه سَچ ٻَچ، شير جِي شيريءَ کي ڌَڀ،
اِيئن نه ڪِنهن ٻيءَ پَر ٿِئي، اِيءُ ڀار آهي اِتفاق.

خواهه ڪَثرت، خواهه قُوت، خواهه قُدرت، خواهه قَدر،
خواهه حِڪمت، خواهه حِشمتدار آهي اِتفاق.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عادتون اَپريون نہ ڏاريو، تان وَجي نِڪري نِفاق،
پوءِ نتيجو اِن جو آخرڪار آهي اِتفاق.

بُغض، بَدخواهيون ڇڏيو ۽ ڀاءَ بِرادر ٿِي وَڃو،
نامِ اِن نُڪتي سَندو نِروار آهي اِتفاق.

پاڻ ۾ هَشيار ڀائي، ڪِينَ اَي ڀائر! ڀُلو،
هوت! پَنهنجو هَٿ وَڏو هَشيار آهي اِتفاق.

آرسي ’احمد!‘ نہ ٿيو، اَللہ اَڪبر چَئي اُٿيو،
آهِہ نَعرو نُور اِيءُ ۽ نار آهي اِتفاق.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اڄ نه عالم ۾ ڏسان

اُو اڳيون اِقبال عالمَ، اَڄ نه عالمَ ۾ ڏِسان،
عِلم آدمِ جو نه اَڄ، اَولاد آدمِ ۾ ڏِسان.

ڏُر مُخالف ڏانهن مِڙوئي، مِهربانيَن مُنهن ڪَيو،
اَبر رَحمت جو اَسان تي، اَڄ نه آگمِ ۾ ڏِسان.

دوست پَنهنجي ديس ۾، اَڄ دَربدر ڏاريَن مِٿال،
دُشمنن جا دَور دَمِ، پَرديس دَمِ دَمِ ۾ ڏِسان.

ڏيهه تِن کي ڏان ڏِئي، جِن تي ڏَمر ڏاتار جو،
جي رَکن جَنت جي دَعوا، سي جَهنم ۾ ڏِسان.

فَخر ويا فِرعَون جا، نَمرُود ٿيو نابُود نيٺ،
پَر اَسان جا جي عَدُو، سي عَيش اَعظم ۾ ڏِسان.

ڪالهه جِن ڪان ٿي ڪَنبيا، ڪِسرا ۽ قَيصر قَصر ۾،
تَخت توڙي تاج تِن، تاراج طِلسمِ ۾ ڏِسان.

شَهر ۾ شاهينگ ڪِهڙيا، سَنئِين سَنجهي سَندرا ٻَڌي،
خان خانيءَ ۾ ڪَٽن تي، خواب خُرمِ ۾ ڏِسان.

ويو هَٽي سُهٽي ڪَٽي، ساهڙ سَنجهي ئي سِير مان،
غَمِ نه غَيرت پڻ نڪو، تِنهن تان ڏَمر ڏَمِ ۾ ڏِسان.

دِين جِي دَعوا چَپن سان، دِل اَندر دِلدار ٻيا،
دِين ٿيو دَرهمِ، دِليون دِينار دِرهمِ ۾ ڏِسان.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جي بَناوت ۾ بَرابر، ۽ بِرادر پاڻ ۾،
سي مُخالف هيڪ ٻِئي سان، مَرض مَرهم ۾ ڏِسان.

پير پَڙهيا پيا پِنڻ ۾، پَنهنجو پورهيو پاپ تِن،
جِن ڪي ڪافر ٿا ڪَهن، سي ڪِنهن نہ ڪِنهن ڪَم ۾ ڏِسان.

جَهنگلي جاهِل اَجان ڪِي، جان ڪي جَهليو جَهلين،
زاهِدن جا ذِڪر ذاتي، زُلف خَم خَم ۾ ڏِسان.

ناهِہ بِلڪُل ٻي ڪَمن مان، بيگ بَنڻو ٻي گُمان،
هَرطرح حِڪمت حُڪومت، حُڪم مُحڪم ۾ ڏِسان.

جِن نہ ڪيڙيو ڪيٿ ڪوئي، سي ڪَري مان چا ڪَڻن؟
مَنجهہ ڏَنڌي دائم رَهن، سي دَم بَدم دَم ۾ ڏِسان.

ٻي ڪَمن ڪي ٻُک پَلا، ۽ ري ٻِڪيا ٻيو چا سَري؟
ري ڪَمان روزيءَ پُنيان، مَنجهہ راج رَم رَم ۾ ڏِسان.

جِن نہ ڏُکيَن ڪي پُڇيو، ٻيو ڪير ڏُک ۾ تِن پُڇي؟
اَج غَريبن جِيئَن غَني، غَمگِين غَم غَم ۾ ڏِسان.

دِين ٿيو مِسڪين اَج، هَي ڙَي! مَدد ڪِنهن ڪان مَگي؟
ڪانہ ڪا قُوَت ڪَرائي، قَوم مُسلم ۾ ڏِسان.

دِين ۽ مِسڪين جِي، اَج مُلڪ مَهندان دانهن آهِہ،
دِين دانهيندي رَهيو، مِسڪين ماتم ۾ ڏِسان.

سَڌ سَقيمن ڪير سُڻندو؟ ويا سَفر سانگي سَخي،
هاڻ هَمدرديءَ سَندي، هِمت نہ حاتم ۾ ڏِسان.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُلڪ ۾ مَوجُود آهِن، مَرد پَر مُردي مِثال،
هِيءَ حَياتي حَرف هِڪڙي، هِت نہ هَڏ چَم ۾ ڏِسان.

هِيءَ حَقيقت حال جِي، حاضِر! هِنيِن سان سَڀ هَٿو،
جَلد اُن تي شل! عَمل لئي، ڪو عَزم تُم ۾ ڏِسان.

عَرض 'احمد' جو تہ آگا! عُمر ۾ آسيون ڏيکار،
مومنن جِي موتمر، مَڪي مُڪرم ۾ ڏِسان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مغربي تعليم

ٿيس هِن عِلم مان آئون، اَگهاڙي سِر ٿيڻ وارو،
ٿيو مُون بَخت بالا، يا بَلا بَرسر ٿيڻ وارو.

ٿيس دَهري، بَنيَس شَهري، پيَس پَهري، چَلت چَهري،
خُدا خود سان خودي، مُرسل ڳنان مُنڪر ٿيڻ وارو.

وَڃن مائٽ مِهت ڏي مَر، مَگر مِليو مُهت مُون کي،
سَينيما ۾ صُبح سانجهي، هَلي حاضِر ٿيڻ وارو.

ٿيس موٺو، مُٺان بيني، ٿِئي مُنهنجو نه مَٽ ڪو مِٽ،
گُهمان گهَٽيون، وَٺان چَٽيون، ڇَبر ڇهبر ٿيڻ وارو.

آهيان مُنشي، اٿم مَنشا، چَڙهان جي ٿو نه چَوٽان ڏَڪ،
حَقي حَقدار آهيان، اَڄ سُڀان اَفسر ٿيڻ وارو.

پَگهارن مان نه پَرجي پيٽ، رُشوَت تي ڪَريون رَونشا،
سُريتن ساڻ سُر پُر، گَنج خانو گهر ٿيڻ وارو.

وَران رُشوَت وَٺڻ تي پوءِ، واهڻ واهه! جا واهيان،
وِهان واعِظ ڪَرڻ پوءِ تان، گُفت گوهر ٿيڻ وارو.

ڇَڪاسڻ ڪان ڇُڪون پَنهنجون لِڪائڻ ۾ لَليچا خود،
اَچي ڪو دادگر دَر ڪان، نه دُف دَفتر ٿيڻ وارو.

ڪُڇي ڪُڇندا اَسان سان ڇا؟ جي ڇُونڊيل چال بازيءَ سان،
بيهر پڻ بَر اَسان جي تي، لَلُو ليڊر ٿيڻ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُيَس عَورت، وِيَس اِسڪُول ۾، آيَس پڙهي آخر،
نَمايُ نَر، نَموني نار مان ئي نَر ٿيڻ وارو.

مَزو ناهي مُسلمانيءَ مَنجهان ڪو هِن مُسلمانن،
ٻه ماڻهون ٻانگ تي باقي، ٿَنو نيٺر ٿيڻ وارو.

مَوالي مُلڪ جا مِمبر، شَرابي شَهر جا قاضي،
نِياءُ ناڻي مَٿي نِبري، ته ٽاٽو ٽَر ٿيڻ وارو.

قَيامت قَومِ تي قائم، سَندن قائم مُقامن ڪَئي،
اِهي عيوضي ته آباديءَ مَنجهان اَوسر ٿيڻ وارو.

رَسايون، رُشوَتون، لاپا، مِڙيئي ميمبرن مَهندان،
نه ڪِنهن جي مُنهن مُبارڪ مان، ذَرو ظاهِر ٿيڻ وارو.

حِصا آهِن هينئَن ساڻ، مَٿين جا مَڪر مَخفي،
پَٽيوالو ٻه تي پَيسا، اُدمُ اَندر ٿيڻ وارو.

ڦُرون، ڌاڙا ڌَڙا ڌَڙ، ڌَڙ سِسيءَ ڪان ڌار ڏيهه ڏيهه ۾،
سَنجهي هُو ويا، صُبح صاحِب، وَري واهر ٿيڻ وارو.

ڪَرائي خُون ڪَئين ته ٻه، خان ڪولي خُوب جي خُنچو،
ڪِنون لاشو، ڇُٽو قاتِل، قِصو ڪمتر ٿيڻ وارو.

اِهو اِسلام آهي ڇا؟ ته ڇَڪلائي رَهن چالُو،
نه بَندش رَن پَڃائڻ تي، نَشو نَئين سِر ٿيڻ وارو.

خَطا ڇا ناهِه چُونڊڻ، خان خِدمت خَلق جي خاطِر؟
غَنيءَ عيوَض غَريبن جو، ته گهر گهنگهر ٿيڻ وارو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻِهر هاڻي مَٺي هاڻان، اَندر آفيس پڻ آفت،
وَڃي جي شَهر شايد بَند مَنجهه بيگر ٿيڻ وارو.

اَسين عَصمت لُٽائڻ ۾، ڏِيون ٿا لِنڊ لَنڊن کي،
چُميءَ جُون چِڏ چِمي گويون، ڏَنڊو ڏِيگر ٿيڻ وارو.

اِهو اِسلام آهي ڇا؟ ته مَردن ساڻ وِڙهجي مَلهه،
بَهادُر، بي بَها دُر سان، پَرِيَل پاڪر ٿيڻ وارو.

ڏَڪڻ ۾ ڏُڪ پَري تِنهن کان، ٻُڏي تِن کي مَرڻ گهرجي،
مَٺن مومن سَندو نالو، بِنهه بَدتر ٿيڻ وارو.

نه مَردن مُنهن ۾ مُڇ ڏاڙهِي، اَگهاڙي اَڌ کان وَڌ عَورت،
وَڻي سو ڳام ڳهم ڳهمندي، ڳهڻون ڳوندر ٿيڻ وارو.

ڪَراچِي ڳهم، ڪِلفٽن ڳهم،مَنگهو ڳهم، خواهه ماڙيپور،
شَرم ڳم شَهر جيڪو ڳهم، نَظر نَشتر ٿيڻ وارو.

اِهو اِسلام آهي ڇا؟ ته وَڍجن هَٿ، وَٺي وَڍيون،
هَلي جِنهن راڄ ۾ رُشوَت، اُهو اَبتر ٿيڻ وارو.

اَسان کي اَنگريزي تَربيَت، آهي تَرتيب سان ڪاريو،
نَسب هو نيڪ جِنهن جو، سو نِپٽ نابِر ٿيڻ وارو.

چوَن قُرآن ۾ ڪُجهه ناهِه، ڪُوڙا قاعِدا ٺاهِن،
ڪري قُرآن کي قانُون، ڪِيئن ڪافر ٿيڻ وارو؟

نِهاريو نَجد ڏي، فُرقان موجب فَيصلا جِن جا،
اَمن اولهه، اَمن اوپر، اَمن ٿَر بَر ٿيڻ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَسان ڀانيو ته اِسلامي، حُڪم هَلندا حُڪومت ۾،
هِتي ڇا جِي شَريعت؟ بَلڪه شور و شَر ٿيڻ وارو.

هُئي قُرآن جِي جا ڪالهه، ڪُجهه سِکيا سِڪولن ۾،
نه سي اُستاد اَڄ، شاگرد پڻ شَشدر ٿيڻ وارو.

نِياڳي قَوم جا قانُون، ڪِيئن قُرآن سان نهڪن؟
نه آيت اَڌ پَڙهيَل، سو مُلڪ جو مِمبر ٿيڻ وارو.

ٿيا ڏَهه سال، ڏيهه ۾ ڏوهه، ڏَهُوٽان ڏِينهن هُوندي رات،
اڳي آزاد هو جيڪو، وَڏي ويتر ٿيڻ وارو.

وَزارت تي رَهن وِڙهندا، ڇِهين مَهيني پَٽن تي ڇَٽ،
ڪِريو هِڪ بيو چَڙهيو ڪُرسيءَ تي صاحِب سَر ٿيڻ وارو.

عَجب اِي دَور دُنيا جا، دورنگي دَهريَت پَکڙي،
مَرن مُنڪر، نه سَمجهن مُور، ڪو مَحشر ٿيڻ وارو.

نه آهي دِين جيسين دوست! دُنيا دَربدر تيسين،
ڀَلا ڇُونڊيو، ڀَلن مان بَس، ڀَلو بِهتر ٿيڻ وارو.

نه ڪَر اَرمان ڪو 'احمد!' ته اڪيون عام ڪي ناهِن،
اڪر اَڪسير تُنهنجي جو، اَثر آخر ٿيڻ وارو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ ڇڏيو سندم قوم قرآن کي

سَدا حَمد حنان، مَنان کي،
نہ پُهچون اَسين هِڪ بہ اِحسان کي،
ڏِنئي قُرب قُدرت تان قُربان کي،
مُڪائين مُحمد تي فُرقان کي،
سُيا شاهِدي شاهہ ذِيشان کي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

مَڪي ۾ مُڪو رَب، رَهبر رَسُول،
ڇڏيو ڪُفر، ڪَلمون ڪَريو ڪُل قبُول،
پَڇو باهِہ ڪان، بُت پَڇو بُوالفُضُول،
نہ وَريا اَبو جَهَل جِهڙا جُهُول،
سُيا ساک ڏِنئي، جا خَبر خان کي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

اَقِيمُوا الصَلوات و آتُوا الزَڪوات،
سَدا جي نہ سُڌرن، نہ سَنپرن صَلوات،
نہ اَنڌن، نہ مَندن، نہ ڏُبرن کي ڏات،
مَٿِ شاهہ شاهِد نَبي نيڪ ذات،
مَنديندا جِنهين مَهل مِيزان کي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ اوڏڻ اگهاڙن ۽ ڏُڪَنَ نہ ڏاج،
نہ لاهينِ اَڙيات جو اِحتياج،
ڪَريو حَج حَرمين لاهينِ حاج،
وِياجن تي چاڙهيو وَنن ٿا وِياج،
سُپا پيش سَپ ڳالهہ سُبحان ڪي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن ڪي.

پَڙهن پاڪ ڪَلمون چَپن ساڻ چور،
ڪُهن ڪاهِيو پوءِ ڏيرن تي ڏور،
مِڙيا ’مَا اُهِلَ‘ تي مُلان مُفتخور،
چِيَس رَب رَت سِير جو، ماس سور،
نہ سا ڪا مَنع ياد مَستان ڪي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن ڪي.

گُهمن اَڌ اگهاڙا اَميرون، اَمير،
وَنن مَنجهہ وَڻڪار هُيڪار هِير،
سَينيما ۾ ساگهر سُپيري سُڌير،
رَوش ۾ سَڏائينِ روشن ضَمير،
جَهليائون فَرنگيءَ جي فَرمان ڪي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن ڪي.

بِراهيم اڳ ۾ پَڳا بُت پَلير،
وَلي لات، عُزا، ڪِ عِيسيٰ، عُزير،
جَهليو تِن جي جاڻن ڪان مُرسل مَنير،
قُبن تي قَطارُون ڳَنڍيو ڪير ڪير؟
ڪُڏي ڪَيد لڳا قوم ڪُفران ڪي،
نہ ڇڏيو سَندم قوم قُرآن ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نَبي ڪِنهن نه اَڏيو قُبو سِر قَبر،
پِڳائون بُتن کي، سَنائون صَبر،
پُليا پَت مَٿي بِدعتي بي خَبر،
سُپا شاهه شاهِد مَٿن مُعتبر،
ڪندو پاڻ اِظهار اَرمان کي،
نه ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

خُدا کان چون، سَگهه وَليءَ کي وَڏي،
مُئا ڪَن مَدد، مَهند جن جِي مَڏي،
جُڪس ٿيئي جِيئرن جَماعت جَڏي،
سُڪا ساک جن جو سُوئر جِي هَڏي،
نَظر ۾ نَبي نُور نِيشان کي،
نه ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

اَدا! عالِمن کي ڇَڏي ويو عَقل،
مُقامن اَندر ماس کائن پَڪل،
جتي عام عِبرت، هُتي جِي هَڪل،
قَبر ۾ پوَڻ سان پَوي ڪُل کي ڪَل،
مَٿن دانهن ڏِئي دوست دَيان کي،
نه ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

ويا خَير وِسري وَڏن ۽ نَنڍن،
سُپيري سَبر کِير کائن کَنڊن،
نه آڏار پُڇن اَنڌن ۽ مَنڊن،
ڪَريو ٽِنڊ ٽِنڊڙيا پُٽن مَنجهه ٽَنڊن،
مُحمد چَوي مَهند مَنان کي،
نه ڇڏيو سَندم قوم قُرآن کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خَبردار! رَک ڪا خَبرچار اڳ،
اَنڌا ۽ مَنڊا سَڀ عَرضدار اڳ،
سَقيمن لڌي سُون نہ سُڌ سار اڳ،
يَتيمن سان ٿيئي ڪيهي ڪار اڳ؟
اڳيان شاهِدي شاهہ سُلطان ڪي،
نہ ڇَڏيو سَندم قَوم قُرآن کي.

قَيامت ۾، قُرآن هَٿ ۾ نَبي،
جِتي جِن، اِنسان حاضِر سَڀي،
حُڪم تي هَليا جي نہ غافِل غَبي،
رُلي روهہ ۾ ويا ڇَڏي رَهہ رَبي،
ڇَوي رُوبرُو رَب رَحمان کي،
نہ ڇَڏيو سَندم قَوم قُرآن کي.

اَصل ۾ نہ اُمت هُئي هيڪڙي،
سَڄي قَوم هِڪ جِيئَن ڪَڙيءَ ۾ ڪَڙي،
لڳي ڳالهہ قُرآن ڪِن کي ڪَڙي،
ڪَئي پوءِ پِيرن، پَڙهيَن پَچڪڙي،
ڪيَئون پاڻ ۾ عَدُو اِخوان کي،
نہ ڇَڏيو سَندم قَوم قُرآن کي.

ڪُنوارِيَن جو قُرآن سان ڪَن نِڪاح،
نہ مُورهين مُسلمان کي سو مُباح،
ڏِني شُوم شَيطان تِن کي صَلاح،
صَحي سار ٿيندِي تِنين کي صُباح،
لَڄائِون شَرافت سَندي شان کي،
نہ ڇَڏيو سَندم قَوم قُرآن کي.

اَٿئي ياد ’احمد!‘ ڪو عَهدو اَلست؟
تہ مَج هيڪ مالِڪ، مَ ٿِي مال مَست،
خُدا هِڪ زَبردست، ٻيا زيردست،
تہ ٿِي بَندگي تُنهنجي، بَنديءَ ۾ بَست،
نہ ڏِئي توتي ياداشت يَزدان کي،
نہ ڇَڏيو سَندم قَوم قُرآن کي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اڄان ڦيرو ڪيئن فرقان کي

صِفت سَڀ صُبح شام سُبحان کي،
نہ ڳائي سَگهي ڪو سَندس شان کي،
ڪَيئَن خاڪ مان خان خاقان کي،
بَنائِين ڀَلي ذات اِنسان کي،
نہ اِنسان ڪَن ياد اِحسان کي،
اَڄان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

پَڙهُون عام اَخبار ۾ اِشتهار،
تہ قُرآن ۾ ڪا ڪِجي ڦير ڦار،
اَڳي ئي ويا حُڪم ڦيريا هَزار،
تہ ڦيرڻ مَنجهان ڦَل وَريو ڪِينَ وار،
نہ رَسيو نَفعو ڪِنهن بہ نادان کي،
اَڄان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

خُدا پاڪ ڪولي چَيو بار بار،
تہ بِلڪُل نہ بِگڙو، بنو پار پار،
نہ پِيرن، پَڙهيَن جا پُڇو يار! پار،
ڪَيئُون هيڪ وَڻ کي ڪَپي ڏار ڏار،
سُڪائِون سَجي باغ بُستان کي،
اَڄان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَيائون جُدا قَوم جوڙي ڪِتاب،
هَلن هِڪ ٻہ آيت تي عالي جَناب،
ڇَڏي ڏِينِ فُرقان ٻيو فَيضياب،
اَچن شير جِيئن شور شَر تي شِتاب،
مَچائيون گهَٽي گوڙ گهمسان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

نَبي نُوح ۽ هُود، صالِح سَچار،
سَڀِن ڀَڪ ڪَئي پاڪ رَب جِي پَچار،
هَليون ڀَر سَندن تي پُريون پَنج چار،
ڇَڏي حَق ويا پوءِ هاريا هَچار،
نہ سي ياد ڪَن يار طُوفان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

پَچي بُت بِراهيم ڪِيا پَٽ پَٽي،
نہ دَرگاهہ ٻِي ناهِہ ڏاران ڏَٽي،
نہ سا ڳالهہ هِن واعِظيَن کي وَٽي،
پَڪي پِير تان پَڙ پَڪيڙيَئون ڪَٽي،
وِڃائون بہ مانيءَ مَٿي مان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

مَڪي ۾ مُحمد جِي لَلڪار لات،
نہ ڳڏيو ڏَٽيءَ سين نہ دَرويش ذات،
نہ عِزت جا حَقدار عُزا، مَنات،
مَگر مُلڪ ۾ اَڄ سَوين سومنات،
عَرض پيش اَجمير، مُلتان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُقرر ٿيا وَقت روزي، نماز،
ٿيا اَڄ اُنهن کان بَندا بي نِياز،
سُڻ صُبح سانجهي سَينيما ۾ ساز،
سَدا وَقت پُوري مَٿي ساز باز،
نہ مَسجد ۾ راحت مُسلمان کي،
اَجان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

سَينيما جو سَعيو سَويلو ٿيو،
پُٺيان گهوٽ گهَر ۾ اَڪيلو ٿيو،
اَچي ڪِنهن اُونداهيءَ ۾ ميلو ٿيو،
سَندو مَرد، مُردار ليلهو ٿيو،
پَيَر گڏ پِيَن سان چَپي پان کي،
اَجان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

حَسينہ بہ هاٽي ڪَرائي تَپاس،
ڏِکائِنِ سُهڻيءَ کي سَنهڙو لِباس،
مِڙيي مَرد مُنصف ويهن آس پاس،
پَسي پير، هَٿ، پيٽ ڪَن پوءِ پاس،
تہ ماريئي مَلُوڪت ۾ مَيدان کي،
اَجان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

نہ آڻِنِ اَپرن مَٿي اِختيار،
بَدي خواهہ بيمار کان بي مَيار،
تَقاوِي وَٺڻ لاءِ تَڪڙا تَيار،
سَقيمن کي سينيون چوَن سَخت يار!
پِريشان وَڏ ڪَن پَريشان کي،
اَجان ڦيرو ڪِيئن فُرقان کي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پَڙهين ڪابہ اَخبار يا اِشتهار،
ڏِسين دَر ڪِ دِيوار دَر ڪان ٻَهار،
نہ هِڪ دو حَسينہ هُجي ساڻ هار،
مَٿي تِنهن جِي مُورت بَڻي گُل ٻَهار،
نَنگيءَ جو نَظر ننگ نِگران ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

قُريشن ڪُنا ٻُڪ ڪَنان ٻار ٻار،
خُدا تِن ڪي ڪولي ڇَيو بار بار،
نہ روزِي سَپِن جِي جو باريءَ تي بار،
اَسين جي نہ ڪَريون اُتس اِعتبار،
نہ لعنت اِنهيءَ دِين، اِيمان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

نڪو دَور قُرآن، دُعائون دُرُود،
سَڄي رات سَڄڻ ۾ سُرندا سُرُود،
غَريبن جي غَم ڪان غَنيءَ ۾ غُنُود،
صَفا ڇُوٽ سَوداگرن لاءِ سُود،
نہ مُورهين مَنع ياد مَستان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

مُحمد مِٺو ڪُل اُمت جو اِمام،
ٻيا ڇا ٻُڌائين مَذڪُور مام؟
ٿلها ٿاهہ ٿِيون تَفرقا تَمام،
نہ هَلندن حَشر ۾ ذِمان ۽ ذِمام،
اَندر آڳ اُچلِين اَڳوان ڪي،
اَجان ڦيربو ڪِيئن فُرقان ڪي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رَنون رات ڏِينهن راڳ پُنيان رَئي،
جَهلي تَند هِڪڙي ته ٻِي تَند هَئي،
نه ٻانئِنِ پينر ڪِٿي ٻَئو ٻَئي،
چَئي ڏي، چَئي ڏي، چَئي ڏي، چَئي،
نه 'احمد!' اَندر ساندِ اَرمان ڪي،
اَجان ڦيرٻو ڪِيئَن فُرقان ڪي؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رب جي ڏني مان ڪجهه ڏنئي

ياد ڪر ڪِنهن يار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟
حَق ڪِنهِين حَقدار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

اَٿ قِسم قِسمت ۾ ڳڌ، قادِر ڪيا قُرآن ۾،
ڪِنهن بہ پائيوار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

پاڻ کائين ٿو خوشيءَ مان، صُبح سانجهي سَت طعام،
ڪِنهن لَنگهڻ لاچار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

تُون گُهمين گهوڙن چڙهيو، لَک جي سَوارين تي سَوار،
ڪِنهن بَدي بيمار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

دِين ۾ داخِل ٿيو، وِچڙيو وَڃُر پَنهنجي گنان،
ڪُفر کان بيزار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

ڳَٽ غُلاميءَ جا ڳِچي جِن، ٿِي پيا گولا غُلام،
ڪِنهن بہ نَر يا نار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

ڪيترا ڪنگال قَرضي، قَيد، قابُو ڪاٺ ۾،
غَم اَندر غَمخوار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

مال، بَيتُ المال لئي، جيڪِي ڪَني ڪَن قَوم مان،
ڇَٿو نہ تِنهن تَيدار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

راھہ رَب جِي ۾ لڏئي ڪا، ڪِنهن سِپاهيءَ جي سَنيال؟
يا سِپهہ سالار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

راهه ويندن کي پيارئي، ڪو ڪَڏهن رَب جو وَٽو؟
يا ڀِڳين بازار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

پَٽ ڏِڪائي پَنهنجي پُٽ کي، پَر مُئا مائٽ جنهين،
تِنهن تَوائي ٻار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

ٿِئين ٿَڦاويءَ مان تونگر، هَڙ ڦُري هارين سَندي،
ڪِنهن ٻُکيي بيڪار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

تُون سَوائيءَ مان سَويرو، سال ۾ وِئين سيٺ ٿِي،
ڪِنهن نِڌر نادار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

گس، گهٽي، بازار ۾، اکين ڏِسين اَنڌڙن قطار،
ڪِنهن اَنڌي آوار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

مُرشدن لئي مُفت مَوجُون، پَر ڦِرن فَوجُون فقير،
پَنج ڪٽي پينار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

حال هُوندو ڇا؟ جَڏهن حَقدار سامهان مَنجهه حُضُور،
شُوم شاهُوڪار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

بار بَيتُ المال تي، سو بادشاهن بَند ڪِيو،
سَڏ سُڻيا سَرڪار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

اَڄ بہ سَگهه سَرڪار کي، تِن جي سَنڀالڻ جي صَحي،
جي وَتن وِيچار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

اَڄ سُڻيا 'احمد!' سَڀئي، مِسڪين توٽي مالدار،
پُهچڻان هُن پار کي، رَب جي ڏِني مان ڪُجهه ڏِنئي؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اهڃاڻ آيا اوچتا

اَج اَجل جي پار ڪان، اُهڃاڻ آيا اوچتا،
جوش جِنهن جي جان، جِيءُ، جيرا جَلايا اوچتا.

’هَل اُتي هاڻي مَ ويهه‘ اِيءُ سُئم هَنگامون هَڪل،
ڪُوڪ ڪانڌاري اِنهيءَ، ڪُل اگ ڪنبايا اوچتا.

هِيءُ نه ڪوناري نه قاصِد، هِيءُ اُهو قابِض قَهار،
لاهي ڪَٽ تان خان ڪَئِين، کِهه ۾ ڪِپايا اوچتا.

هِيءُ نه اَعرابي ڪو آيو، هِيءُ اَجل اَرواح گِير،
راءَ چِني راڻين ڪنان، رُج ۾ رَهايا اوچتا.

’ناهِه ڪِنهن حِيلي جِيئڻ هَڏ هاڻ‘ تِنهن هوڪو هَنيو،
جِنهن اَچي تختا اُچت، اَڙبنگ اُٿايا اوچتا.

هِيءُ نه ماڻهو مُورهين، هِيءُ ٿيو اُهو مارِي مَلڪ،
سيج جا سُمهندڙ جِنهين، سُج ڏي سَنپايا اوچتا.

چَٽ هَٽي پَٽ تي، ڪَيائين شَهر بازاريون سُجان،
لاهي گاديءَ تان گهٽان ئي، گُل گُمايا اوچتا.

پيءُ پُٽن کي پاڻ ۾، وَرهن جا ڏولاوا ڏِنئين،
وَر چِني وَنيَن ۾، واويلا وِجهايا اوچتا.

اَجل جي اُبتين اکين ۾، قَهر جُون ڪاتيون رَهن،
گُرز ڪان وَڏ گهور تِنهن جِي، گهوٽ گهايا اوچتا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَوت آيو ڪِينَ موٽي، ڏِني نه مُهلت ڪا مَهل،
مَل ڇڏي ويا مَحل ماڙيون، مِلڪ مايا اوچتا.

جهور پيچ بُت ۾ پئي، بينو اَچي پيڙو اَسان،
سَڏ ڪري ڏِنڙم سَفر تي، سُور سَعيا اوچتا.

مَن مُرادُون مڙ اَجان، پُوريون نه ٿيون، تان پُور پيا،
سيج، پَٽراٽيون، پَلنگ، پِنبڻيَن پُسايا اوچتا.

نا اُميديءَ جا لڳا، نَعرا، نَغارا، نَوبتون،
غَم وُجُودن مَنجهه ويهي، واڄٽ وَڄايا اوچتا.

ڦير ۾ آيا فِڪر، فَوجُون فِراق موڪليون،
دَرد دَهشت ساڻ دِل ۾، دَم دَمايا اوچتا.

چاڪ چِڪيا چت اَندر، چورڻ ڪان اَڳرا چُور ٿيا،
ڀِهر پويون ٿيو، پَسهه ۾ پيچ پايا اوچتا.

ڏَڙ لَٽي ويا ڏُوڙ ۾، باقي ڏَٽي داني رَهياس،
پَٽ اَندر پُوري وَريا، پَنهنجا پَرايا اوچتا.

سال ٿيا سُج ۾ رَهيي، سارُون نه ڪِنهن ساٿي لڌيون،
خواهه وَني تُربت وَٽان، واٽُو وَٽايا اوچتا.

ويو هَلڻ دَم هَرڪوئي، ڏِيندي حَقيقت حال هِيءَ،
سَڀ سُٽائي سَرد آهُون، ٿيا سَٽايا اوچتا.

ڪِن ڪي سَرهائي سَفر ۾، سَخت سَمجهيئُون هِيءَ جَهان،
ڪِن مَرڻ جي مَهل ڪَئين، ماتم مَچايا اوچتا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خاڪ ۾ پئي خاڪ ٿيندا، خان ۽ خاقان ڪُل،
اَجل جا آهِن اَچڻ ۾، اَصل رايا اوچتا.

اِيءُ سُخن ’احمد!‘ ٻُڌي، عاقِل پيا اَرمان ۾،
مَنجهه اکيَن آگم ڪَري، تِن آب آيا اوچتا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دنيا درگذر جو ماڳ

جِنهن جو ڪائِن تِنهن جو ڳاءِ، نَمي نہ ٻِئي ڪي نَنگ لَڳاءِ،
توکي مُون کي رَب تَڳاءِ، شُڪر خُدا جو خاص جُڳاءِ،
ٻِئي جا ڪِهڙا لَهڻان لاڳ؟ دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنپُوڙو، جانِب! جاڳ.

سِج نہ ڪَري ٿو پاڻ سُهائي، ماءُ پيءُ پاڻان مِهر نہ لائي،
خاص خُدا جِي ٻاجھہ اِهائي، ٻانهان! چَڏ تُون پوءِ ٻِپائي،
مَن ۾ مومن وَحدت واڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنپُوڙو، جانِب! جاڳ.

جِهڙو اُپ تي چَندَ چَلائِين، تِهڙو پُونءِ تي پاڻ پَلائِين،
جِيئن مُحمد مِير هَلائِين، ٿورو اِيءُ ڪو ٿورو لائِين؟
بيشڪ پَنهنجو وَريو پاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنپُوڙو، جانِب! جاڳ.

اَللہ اَللہ ڪَر اَوير سَوير، چَڏ ٻيون گِرنديون، ڦِرنديون ڦير،
پَلن جا وَٽ پَلا! تُون پير، سَچ تہ سُونهان جِن اِهڙا شير،
وَهہ واهہ! تِن جِي سوپ سَپاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنپُوڙو، جانِب! جاڳ.

سُڻ تُون هاڻ نَصيحت نيڪ! هِڪ ڏِينهن ويندين هَليو هيڪ،
سوڙهي قَبر ڪانهي ويڪ، ڪَندئي ڪو نہ سَلام عَليڪ،
ٻَر ۾ پوڳيندين ٻيراڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنپُوڙو، جانِب! جاڳ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

زور چڙهي ڪر زارِي زارِي، مَوت مَٿي تي مارِي مارِي،
وَطن تُنهنجو وارِي وارِي، قَبر اَنڌارِي ڪارِي ڪارِي،
نِج مَشعلو ڪو تِنهن ماڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

سُئا هُوندا تو سِڪندر، دارا، سُورهه سُورهه رُستم پارا،
سي سَڀ ويا وَڃائي وارا، تِن جي ڪونهن ڪَنڌي ڪِنارا،
چِٻُون چِٻرا ڪَن اَڄ چاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

حاڪِم هُئا جي هاڪ گهٽي، آيو تِن تي اَجل ڪَٽي،
هِڪدم حُڪمان حُڪم هَٽي، تَختي چاڙهيئِين تَخت ڏَٽي،
ڏِنئين وِساري راڻين راڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

عاقِل! غافِل وَقت گُذارين، اَمر نَهيءَ کي ڪِينَ نِهارين،
پَنگ پِيو تو بُت کي تارين، هِڪڙي تاريو، ٻِي تو ٻارين،
دَوزخ اَندر ڏاکو ڏاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

وَڻ چِڙهي ويا قوت گهٽان، ڪاٺي وِيٺا ڪوٽ گهٽان،
ڳاڙها ڳاڙها گهوٽ گهٽان، ڪَلر ڦِٽي ٿِيا ڪوٽ گهٽان،
ويا وَنِيَن کي ڏيئي ڏُهاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

ڏِس تُون شاهي شَهر پُراڻا، جِت رَهيا ٿِي راڻيون، راڻا،
مَوت ڦِٽايا مِڙني ماڻا، تُون پڻ اَڄ سُيا سِياڻا!
اوڏهين وينديِن واري واڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏِسين بينو تُون هِي جي بُنيون، اُوچيون جهڙيون اُنن پُنيون،
لاشڪ اِنهيءَ لَڪ ۾ لُنيون، صُورتون تو ڪان سُهڻيون سُنيون،
وَري تِن تان ويو ويراڳ، دُنيا دَرگذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

هِي جي تُون ٿو لوڙهه لَتوڙين، پانيو ڊير مِٽي مُنهن موڙين،
تِن ۾ توکان ڪامِل ڪوڙين، تُون پڻ خيمان اِت ٿو کوڙين،
جَلدي ڇڏيو مال مِهاڳ، دُنيا دَرگذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

اَڄ نہ اڳُوٽين پيٽين پاڳيا، ڏُور وِلايت ڪِنهين واڳيا،
بَني وَنيءَ جا وارِث جاڳيا، مالِڪ بيا ٿيا مال نہ ساڳيا،
دَر تي ڏارين پُوري، پاڳ، دُنيا دَرگذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

گُل ڇڏي ويا ڪَئين گُلزاريون، زوريءَ وارن هَندن زاريون،
بَر ڦِٽي ٿيون ڪَئين بازاريون، ماڙيَن ماڳ اُڏامن واريون،
سَر نہ ليپي ڪا تِن جو ساڳ، دُنيا دَرگذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

جن چَندن سان چوٽي ڌوتي، مِيندن مَڙهيا ماڻڪ موتي،
فَخر ڇڏي سي ٿيڙيون فوتي، خاڪ ڪَيائون پَٽ ۾ پوتي،
وِسريَن چُوڙا چَندن چاڳ، دُنيا دَرگذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

جُوان جُوان، جوڙا جوڙا، تو جِيئَن سُهڻا سوڙا سوڙا،
مَري گَري ويا کُوڙا کُوڙا، ڏُوڙ مَٿِ ڪيا ڌوڙا ڌوڙا،
وَٺ ڪا عِبرت، ڇڏ اَياڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڄ وَڏيرا! راڄ نہ تُنهنجو، تُون ڪِنهن ٻئي جو، تاج نہ تُنهنجو،
مَوت مِيان! مُحتاج نہ تُنهنجو، آئي اُن، عِلاج نہ تُنهنجو،
هِڪدم هَٽندئي پَٽ تي پاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

توڙي شاهہ، تَونگر ٿِيندين، نيٺ مَري تہ بہ مُلڪ ڇڏيندين،
نيئي نيئي ڪَفن ڪو نِيندين، هِڪڙو آئين، هِڪڙو وِيندين،
ڪُوڙو بيو سَڀ سَنگ سُهاڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

ڪِينَ هَميشہ هُوندين هِهڙو، سَنجهي صُبح جيئن گَڏ ٿا سِهڙو،
آئين جِهڙو، ويندين تِهڙو، گَڏ قَبر ۾ پوندو ڪِهڙو؟
سَمجهي وَڻ سا ڳالهہ سُجاڳ! دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

’احمد!‘ ڏي مَ اَجايو جهاتيون، ڏور ڏَٽيءَ کي ڏِينهان راتيون،
پَروَر سان جن پِرتيون پاتيون، تِن سين ڏاتر ڪيَڙيون ڏاتيون،
ڪَلمون ٿيو ڪَون اَمن آڳ، دُنيا دَرگُذر جو ماڳ.
ساٿ سَنيُوڙو، جانِب! جاڳ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مٿو

سَدا صاحِبي تُنهنجي صاحِب سَدَر!
نہ ڪِنهن جو پِسر تُون، نہ ڪِنهن جو پِدر،
تُون اَوَل، تُون آخر، ڳُجهو تُون، پَڌَر،
بَقادار هِڪ تُون، بَندا دَربدر.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَچان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

اَرب، هيڪ آدم مَنجهان آدمي،
عَرب، ڪي عَجم، رُوم ويا ڪي رَمي،
ديهن ۾ وَجي ڌار وينا دَمي،
بَڌئون شَهر شاهي، نَواحي نَمي.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَچان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

عَجب شَهر هُئا، پڻ عَجب شَهريار،
مَحلا، مَحل تاج جِهڙا تَيار،
پيارا مَنجهن، پڻ مَنجهن هو پيار،
مَري ويا، نہ ڪِنهن تي مِلڻ جي مَيار.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَچان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جِتي شَهر شاهي، رَهيا شير اُت،
وَهيا ٿي وَڏا واهه ڪِنهن وير اُت،
وَڳي پير جِت ٿي، پَڳي پير اُت،
نه پَٽ ۾ پُراڻو پَسُون پير اُت.
ڇڏيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَڃان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

جِتي ڏُوهه دَرياءَ دائم وَهيا،
جِتي ڳوٺ ڳوٺن ۾ ڳهه جِيئَن ڳهيا،
رَهيا راڄ، پڙ راڄ راڻا رَهيا،
ڪَڇهرين ۾ ڪِنهن وَقت قَهه قَهه ڪَهيا.
ڇڏيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَڃان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

جِتي جام جِنسار جَڳ مَڳ هُئي،
پَکِ ٿي پَکِهه پوک پَڳ پَڳ هُئي،
لِکان چا! لکين خَلق لَڳ لَڳ هُئي،
اَسان ۽ اڳين کان به اڳ اڳ هُئي.
ڇڏيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَڃان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

اڳي جِت اوطاقون، نه آواز اُت،
جِتي نازُڪن ڳهر، نه اَڄ ناز اُت،
پيو جِهرڪين ۾ جُرو باز اُت،
دُنيا دَرگُذر، دَم نه دَمساز اُت.
ڇڏيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَڃان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُذر گُل گُلابين جُون گلزارِيون،
پکا بُلبُلا ڏئي بيزارِيون،
بَيابان، بَر، باغ، بازارِيون،
جتي ڪالھ زوريون، اُتي زارِيون.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٺو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پُرجي نٿو.

ڪِٿي ڪوٽ ڪِسرا ۽ قيصر سَندا؟
ڪِٿي ڪوڏ ڪَونرُو، چنيسر سَندا؟
نہ ڏھڪاءَ ڏيھہ ۾ ڏھيسر سَندا،
ڦِٽا ڪَر ڦِڪا! وَرق وسر سَندا.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٺو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پُرجي نٿو.

چِنان چانگ مان مَوت موتي ڪَٽان،
چڙي گھر گھنگھر مَنجھہ گڏيا گھٽان،
لِڪڻ ڪي لِڪي ويا لَکي لک جَٽان،
سُجان هَنڌ حويليون ڏِسيو هَٽ هَٽان.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٺو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پُرجي نٿو.

پلين پَد پُراڻان گُھمي گام گَڻ،
عَرب ۽ عَجم، رُوم ۽ شام گَڻ،
صَديون صاحِبيون صُبح تا شام گَڻ،
نہ نالو نِشاني، پلين نام گَڻ.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٺو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پُرجي نٿو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پُراڻن پَڊن جو پَتو ناهِ پار،
ويون اوڙڪُون اَورڪن ۾ اَپار،
وَڏا نَڪ، ڊِگها ڪَنڌ، ڪَرمَٽ ڪَپار،
ڪِيان اَج اُنهن مان اَچن آرپار.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

خَبردار! هِيءَ خاڪ ڇا مان بَٽي؟
ڪَسابن ڪان ٿيا جي ڪِروڙين ڪَٽي،
مِرُون، جِيت، ماڻهون پُرين ڪان پَٽي،
خُدا تِن مَنجهان خاڪ خَلقي ڪَٽي.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

خَبردار! هِيءَ خاڪ خاقان خان،
خَبردار! هِيءَ خاڪ خود خاندان،
خَبردار! هِيءَ خاڪ جُهونا جَهان،
خَبردار! هِيءَ خاڪ جوڌا جَوان.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

خَبردار! هِيءَ خاڪ خاڪو اَڳين،
مِرُون، جِيت، ماڻهون، ڪِ ڍورن ڍڳين،
لَکين سال لاشن کي لَهريون لَڳين،
ٿيا تَهه مَٿي تَهه، پَکيون سِر پَڳين.
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عَجب حِڪمتون تُنهنجون هادي سُبل!
چَوان پُون بَنائڻ جا چا ياد بَل!
وَڏا واڳهه وَنجهو، جَڏن مان جَبل،
لِڳا توڙ طَرحين تَماشا طَبل.
چَڏيو خاڪ ڪائِي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

اَدا! اَج نہ اُن ڪي سُجاڻين صَحي،
مِرُون، جِيت، مانگر، ڪِ ماڪڙ ڪَهي،
ڪِروڙين ڪَهي ويا، ڪَهي سا رَهي،
اَدا! حال پَنهنجو بہ هِڪ ڏِينهن هِي.
چَڏيو خاڪ ڪائِي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

نہ ’احمد‘ اَدا! عُمر تي اِعتبار،
طَبيعت طَبين بِلي بار بار،
ذَري زور مِ، مَنجهه ذَري زير بار،
پَناهہ پاڪ ڪَلمون سُپاٽي سَنپار.
چَڏيو خاڪ ڪائِي مِڙن جو مَٿو،
اَجان خاڪ جو پيٽ پَرجي نَٿو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خان سڀ ويا خاڪ ٿي

بي خبرا! وَٽ ڪا خَبر، تان خان سَڀ ويا خاڪ ٿِي،
پيو خَزانن ۾ خَلل، خاقان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ٿي رَکيا جن خاص خادِم، ويا تِنين خِيمان کَڇي،
ڪِنهن خَنجر خُوني ڪيا خيمان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

گَشت ڪَريو گهوٽيا، گهوڙن چڙهيو گهر موٽيا،
دَم گهڙي گهاري ڪَيئون گُذران، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

گُل وِڇايئون گِلم تي، گُلزار ۾ گُفتار ڪِيئون،
سي گهَنگهر گهيري ڪيا گهمسان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

جِن بَنايو بَنگلا، تِن ۾ بيهاريا باغ ٿي،
ٿيون بِنائون تِن بِنان بَيران، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

جِت بَڪاري باغ هُئا، ۽ بادشاهيون بي شُمار،
بادشاهه ۽ باغ ۽ بُستان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ڪيترا قهار، ڪَلنگيدار، قيصر، ڪَيقباد،
ڪو لڳن مَنجهه قَلب قَهري ڪان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

قَصد مان جِن ڪاهِيو، ڪيچ، ڪَڇ، ڪابُل، قندار،
قَبض ۾ ڪي ڏِينهن ڪيئون ڪِرمان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

عَرب ۾ اَرباب ٿيا، عالَم سَڄو جن اِختيار،
اَمر ۾ آين عَجم اِيران، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جِن جي اوطاقن اَندر، ڪِيون ٿي عَطر اُبڪارِيون،
اُو نہ آهِن مَنجهہ اگڻ اَيوان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

حِشمتي هوشيار حاڪِم، حِڪمتي حاذِق حَڪيم،
هِت ڇڏي هَستيون هَوَس، حَيران سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

مُلڪ ماري جِن مَچايا، پِيا مَري سي مَنجهہ مُقام،
پَس مَٿا مانجهِيَن جا مَنجهہ مَيدان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

مُورتون مَرجان موتي، موڪ ماڙيَن سِر مَڙهيون،
مَهل ڪا مَحلن ۾ هُئا مِهمان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

مَئي پِياڪُو مَست ٿيو، نِت مَجلِسُون لايون مُدام،
مِڙ اَچان موٽيا مَنجهان مَيخان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ويون مَڏيون مِيراث ٿِي، جن مال ميڙيا ڏيئي مَٿا،
مِلڪ مايا تي مَري، مَستان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

مُلڪ جا مُختار مالِڪ، مَرد مانجهي مُعتبر،
مَهل ڪا هِن ماڳ ماڙي مان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

سَرزمين سَردار، سَر، سَروَر، سَراسر سَرفراز،
سُونهن پَريا، ساهُو، سَبر، سُلطان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ساز سونا نِت سَنياريو، سِر سَمندن ٿيا سَوار،
سي سَٽي سُج ۾ سَيئي، سَروان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

سونُ سانديو سيج سِر، سُک ٿيو سُتا سارِي ڄمار،
سي ڇڏي سَودا سَلف سامان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سانگ سُج رُج سُور سامهان، ويا سَفر سُورهه سُڄاڻ،
سَربسر ساري سَڏيا سُبحان، سَپ ويا خاڪ ٿِي.

جَمجَمہ جَمشيد جِهڙا، جُرئتي جابِر جَوان،
مَنجھ جَنگين جِن ٿي ڪيا جَولان، سَپ ويا خاڪ ٿي.

ٿيا جُدا جَلدي تو جيڏا، ڪِنهن نہ ڄاتيو مَنجھ جَهان،
جِن جا جيرا، جِيءَ، جِسم، جِند جان سَپ ويا خاڪ ٿي.

لک پَدم پاڙا پَڊيو، پهرين پَڏايئون پاڻ کي،
پوءِ اُتي ڪا پهر پَسجي ڪانہ، سَپ ويا خاڪ ٿِي.

جِت طَرح جُون تَختگاهُون، تِت نہ ٻُڌجي ڪا تَنوار،
تَخت تازا، توشڪُون، طُولان سَپ ويا خاڪ ٿِي.

دَم دَمائي دَم گهڙي، دارا چَڏي هِيءُ دار ويو،
ديس ۾ لک دائيون، دَربان سَپ ويا خاڪ ٿِي.

ٿي رَکيون فَوجُون فَريدُون، فَخر هُئا فِرعَون ۾،
ڪِيا فَنا فِي الحال تِن فَرمان، سَپ ويا خاڪ ٿِي.

راڄ مان راڻا رَميا، ۽ پڻ ڇَڏيائون رُوپ رَنگ،
رات ڏِينهن رِڻ ۾ رَهي، رَيحان سَپ ويا خاڪ ٿِي.

وَس ڄِنين جي ٿي وُڻا، وَڻ ٽِڻ، وِلاتون، واديون،
ٿيو وَري تِن جو وَطن وَيران، سَپ ويا خاڪ ٿِي.

سَهسين شاهن شَهر جوڙيو، شَوق مان ڪِيا ٿي شِڪار،
پوءِ ڇَڏي سي شُغل، شاديون، شان سَپ ويا خاڪ ٿِي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٿي لڳا نالي جِنين، نعرا، نغارا، نوبتون،
ناهِ ڪو نِروار تِن نِيشان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

نيت ناٽا ڪم نه ايندئي، رَک ڪو نيڪيءَ تي نظر،
نِرت ڪر، ناحق نه ٿِي نادان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ڏِج ڏمر ڏاتار جي ڪان، ڏَر ڏِهاڙي ڏِيل ۾،
ڏِس ته جِن ڪي ڏيهه ڏِنائين ڏان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

ڪَر چڱائي، ٿِي چَڱون، چارو چَڱيءَ ري ناهِ ٻيو،
ري چَڱائي چارئي چوگان سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

عُمر اوڏي پَئي اَچي، اَڄ يا سُڀان ايندو اَجل،
رَک اَندر 'احمد!' اِهو اَرمان، سَڀ ويا خاڪ ٿِي.

*

گهڙيءَ سان گهڙي يار! گهٽبي وڃي

گهڙيءَ سان گهڙي يار! گهٽبي وَڃي،
ڪڙيءَ سان ڪڙي راند ڪٽبي وَڃي.

دُنيا دوست! لاهي نه دِل جا دَليل،
ڦَٽن تي ڦَٽن ساڻ ڦَٽبي وَڃي.

پَلر پاڪ مان پِڪ پيئن ڪِين پَڪ،
ڪَڪن تان مَگر ماڪ چَٽبي وَڃي.

ٻَلي! جوت، جوڀن، جَواني، جَمال،
جَٽي ڪِين، جهٽ پَٽ ۾ جهَٽبي وَڃي.

ٻه ٽي ڏِينهن ٻُوٽا ڪَڏن گونر گُل،
پَنجاهيءَ پُنيان پاڙ پَٽبي وَڃي.

اَدا! جوت جوڀن اَٽئي پَن پَنوَر،
وَٽن تان به ڏِس وير وَٽبي وَڃي.

مُندن سِر مَلهاريون، مَندل مَنجهه مَلير،
سِياري ۾ سَڀ ڳالهه سَٽبي وَڃي.

سَتر بَعد چوندين سَتر ڪَڄ سَتار!
مَٿم مِهر ڪَر، مُهر مَٽبي وَڃي.

فِدا ساهه جنهن سُونهن صُورت مَثان،
ڏِنم سا ڏَڪن هيٺ ڏَٽبي وَڃي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَنجهي جو سَڏن سان ٿِئي سار ڪانهہ،
اَسُر ساڻ خود اک اُپٽي وَجي.

ٻَچن مَوت کان ڪِينَ موتي ڪَٽان،
لِڳي واءُ، لَڪي لَعل لَٽبي وَجي.

ڏِسي ٻاغ پُورو تُون پورا! مَ پُل،
سَجي ٻاغ تي بَرف ڇَٽبي وَجي.

ٻَڌين ٻيڻ پائين ڪَمايان وَڌيڪ،
رَقم عُمر جِي روز ڪَٽبي وَجي.

ڪِلي گهوٽ کُنبا ڏَڪيا مَنجهہ خَميس،
جُمعي رات جوڙِي وِيَٽبي وَجي.

عُمر بَد عَمل سان نہ ڏِئي ڦَر ڦُلو،
پُليو پاڻ پائي تہ ڇَٽبي وَجي.

حَيا ڪَر حَياتي هَلي ڪيترو؟
سَنگت تُنهنجي سارِي سَلهٽبي وَجي.

گهٽان ڪَن خَزاني تي خالي مَخول،
مَخولي مِڙن جِي مَهٽبي وَجي.

طَبل چَڏ، طَبيعت طَبين ڏيکار،
اَڳُوٽي هِمت هاڻ هَٽبي وَجي.

اَحد کان نہ ’احمد!‘ پَري پاڻ ٿِي،
دوئِيءَ ساڻ دِل صاف ڪَٽبي وَجي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ادا! عمر آئي چڙهي ڏسندي ڏسندي

اَدا! عُمر آئي چڙهي ڏِسندي ڏِسندي،
گهَٽي هر گهَڙيءَ سان گهَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

وِيهين وَرهيہ ٿيئي وَهي واهہ! جِهڙي،
وَجي سُونهن سَٽ تي سَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

سَتر ۾ سَتر جِي نہ سُڌ ڪا نہ سامهُون،
چَئي ڪو ٻَڙو يا ٻَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

جوَانيءَ ۾ چَوندئي جَجها يار جاني،
چوَن پوءِ مَڙهو يا مَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

ڪَئين ڪوهہ اَج رات ڪاريءَ ۾ ڪاهين،
نہ چُرندين ڪَڏهن ري چَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

ڪَڏهن ڪَنڌ پَر ڪاڪ ڪاهيندين ڪَرهو،
چَڏي ماڳ موتين مَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

اَسيءَ ۾ اَکڙ خود اَسي ڪوهہ لڳندئي،
ڪِڙي تان ڪِرين آڙي ڏِسندي ڏِسندي.

ٻَلي! ٻَيت تُنهنجا، مِنو ساز آواز،
نوي ۾ نہ نِڪري نَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

صَديءَ ۾ سَڏون چَٽ، جَجهي عُمر جاني!
ٻَٽي پَئي بَلا ڪا ٻَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهُرين ٿو وَڏي عُمر پَر جي وَڏي ٿِئي،
نہ پوندين عُمر مان اَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

حَياتي بَنائي چڙهي بازِيون تو،
ٿئي نيٺ کوٺي ڪَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

لَهي ۽ چڙهي لَهر لَحظي بلحظي،
بُڏي ڪِنهن گهڙيءَ ۾ گهڙي ڏِسندي ڏِسندي.

سَوين اَڄ سَلامي، سَوين سال سُڄ ۾،
نہ پُڇندئي ڪو لالڻ! لَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

ڪَڙيءَ ۾ ڪَڙي وار ڪارا ڪُلهن تي،
جُدا سي ڪَڙيءَ کان ڪَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

اَلف مِثل قَد، نَڪ نيلوفر نَمونو،
پوَن لام وانگر لَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

صَفا ڏَند، سِپ وات، لَب لَعل موتي،
ڪِري مُنهن مان موتِيَن لَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

پَلين اَڄ چوَن پيا پَلين پاءُ آئِين!
ڪَڏهن ڏُور ڏِيندئي تَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

نَظر تيز اَڄ نِت نِظارن نَون ۾،
نہ پِيريءَ ۾ سَگهندين پَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

وَڏا مَلهہ دَسين دوست! پَر پاڻ پَٽ تي،
لَڳي جا اَجل جِي اَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مَعلُوم ڪِنهن مُور مَرندو مَنجي تي،
ڪِ ايندو اَجل اُپ ڪَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

اَچا ويا اَچي، مَوت موڪل وَهيٽون،
ٿُتي مُدعا مَن گهڙي ڏِسندي ڏِسندي.

قِلعا ڪوٽ ڪِهڙا بہ قابُو ڪَرائين،
سُجان مال، ماڙِي، مَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

شَرافت شَر آفت، تہ دولت بہ دو لت،
ٿيندئي پَڪ پَٽيءَ تي پَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

دُعائون، دَوائون شَفائون نہ ڏِينديون،
نہ ماڪي، نہ مِصري ڳَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

زَميندار جُون ڪِنهن زَماني زَمين ۾،
رَهن دُور ديهہ ۾ دَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

سَدائين سَوايون نہ ڪِنهن سيٺ ڦَٻنديون،
ڪَري ڏُوڙ ۾ ڏُو ڏَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

نہ دائم اِهي ڏَنڍ، نہ دُونهيون ڏَنارن،
نہ ٻُڌجي چِلڙ ۾ چَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

ڦِٽن باغ، بُستان، بَستيون، بَيابان،
ڍَهن ڳَڙهہ وَڏا پڻ ڳَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

مَرڻ مَهل پيري ويهن يار پار،
ٿِني رُوح راهِي رَڙي ڏِسندي ڏِسندي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پَسين هُوند پوِيَن پَساهن جِي حالت،
پوَن گَل تي ڳوڙها ڳڙِي ڏِسندي ڏِسندي.

سَدا گڏ خُدا هڪ، جُدا يار جاني،
اَئي جان جِن سان جڙِي ڏِسندي ڏِسندي.

پَلي هُونِ اَج باغ، بُستان، بَستيون،
لَپي پوءِ نہ لاندي لَڙهي ڏِسندي ڏِسندي.

اَندر رُوح ’احمد!‘ ٻُري ٻاٻيهي جِيئَن،
وَڃي وَقت تي سو ڦَڙِي ڏِسندي ڏِسندي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اهل مماتيءَ جو احوال

سڀُ ڪجهه سڄاڻي ڪين

سُڄ ۾ سُتو آهي سَدا، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟
گادي ڌڻي هو يا گدا، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

پاڻ هِيءُ پينار هو، يا مُلڪ جو مُهندار هو،
يا سَرزمين سَردار هو، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

هو مَرد جُهونو يا جَوان، يا هو نماڻو ناتوان،
يا پاڻ چائين پهلوان، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

دَرويش هو يا دَولتي، مَحبُوب هو يا مُحبتي،
مَهندار هو يا مِحنتي، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

راجا وَڏو مَنجهه راج هو، يا مِحنتي مُحتاج هو،
يا سَروَ قد سَرتاج هو، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

سُهڻو مَنجهان سُوڌي قَدن، يا نازنين نازُڪ بَدن،
دَندان جِنهن جا دُرِ عَدن، سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

يا مُحب مِصريءَ جا ڳڙا، يا قَول تِنهن جا سَڀ ڪڙا،
ڪِهڙا ڪِيائين ڪم ڪڙا؟ سَڀُ ڪجهه سُڄاڻي هاڻ ڪِين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا چاڳ ڪَئين چانگن چڙهيو، يا پِير هو يا ڪو پڙهيو،
ڪِهڙو مَٿس ڪاڙهو ڪَڙهيو؟ سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

ڪِنهن جو پِسر، ڪِنهن جو پِدر؟ ڪِهڙو سَندس هو هِت قَدر؟
سائل سَدا هو يا سَدر، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

يا ڏِينهن پُنان پَرديس تِنهن، يا دَم ڏِنون دَر ديس تِنهن،
ڪِهڙا ڪَيا وَر ويس تِنهن؟ سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

پَٽ ۾ ڪَري پُورا پَهر، ويجهو نه ڪو وارِث وَهر،
لائِي لَٽن تِنهن تي لَهر، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

لويون ٿي آيون لاڪ تِنهن، يا پَٽ سَچو پوشاڪ تِنهن،
ڪائِي ويئِي اَج خاڪ تِنهن، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

دائم وَسن ڏُوڙيون مَٿس، سِر ڏار پيو ڏَڙ ڪان اَٿس،
سَئو سِج اِنهيءَ سُج ۾ لَٿس، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

مُوڙهل مَٿو، مُنهن تي مِٽي، نَڪ، وات نِيشاني ڦِٽي،
ساڃس نه سُهڃاڻي ڇِٽي، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

ڏَڙ ڏُوڙ ۾ آهِس ڏَريَل، مُنهن وات واريءَ سان پَريَل،
هَڏ، ماهه، ميڇالا ڳَريَل، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

هَٿ پير هِڪ ٻئِي کان ٽُٽا، تِنهن جا چَنان چانيون ڇُٽا،
ڪَنڌيَن تي ڪانڌيرا ڦُٽا، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

وارن ۾ لَٽ، وِسريَس ڦَٽي، ٿِي پير ويا پُرزا پَٽي،
ڏَند خواهه ڏاڙهُون پيا ڇَٽي، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سُرمي نڪا سِينگار جي، حاجت نہ هِيري هار جِي،
ڏَند پيا چِٽي چِٽڪارجي، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

پَلٽِن مَٿس پاڻي پَلر، وَڙڪن ويچاري تي وَلر،
ڪُرٽي ڪَٽس ڪاڏو ڪَلر، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

اگرا اگهاڙا چا ڏِڪي! هَٿ پير ويچاري نہ ڪي،
ٿو ڏِيل مُون ڏِسندي ڏَڪي، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

ڪِنهن کي نہ ڪوئي ڪَم ڪَهي، ڪوسيون ٿڌيون سِر تي سَهي،
ڏِينهن رات رُج ۾ ٿو رَهي، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

توري نہ هيٺان ڪو تَڏو، سارو جِسم ٿِيڙس جَڏو،
ڪو ڪِٿ هَڏو، ڪو ڪِٿ هَڏو، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

غَم ۾ اَچي غمناڪ ٿيو، بُت چيرجي تِنهن چاڪ ٿيو،
خاقان هو تہ بہ خاڪ ٿيو، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

هو شان عالي شاهہ ڪو، تہ بہ تاج تِنهن سِر ناهہ ڪو،
ڪونهي سَندن ۾ ساهہ ڪو، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

جي مَرد هو مَسنَد جو گُل، ٿِيڙو ڪَلر جو قُوت ڪُل،
ڳِريو جِسم تِنهن جو جُمل، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

صُورت هُيَس جي سُونهن پَري، تہ بہ هُو ڪَندو، هِيءَ ڪوپري،
ڪاري ڪَلر ۾ ڪُل ڳَري، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

ڪو غَم ڪَري غَفلت سَبب، اکِيَن کي سيکاري اَدب،
آهي عَجب، آهي عَجب، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئَن؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عاقِل! اِهو اَحوال ڏِس، اِن مان ئي تُون اَمثال ڏِس،
تُنهنجي هَڏن جو حال ڏِس، سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

’احمد!‘ اکيون کولي اِتي، رَک اِيءَ پِرولي سِر پِتي،
هِي حال ڪِنهن جا ٿيا هِتي؟ سَگهجي سُجاڻي هاڻ ڪِيئن؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اهل مماتيءَ جو جواب

حال ٿيو مون هاڻ هيئن

سَمجهي حَقيقت حال ڪان، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!
اَحوال پَڙهه اَحوال ڪان، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

چانگن چَڙهيو ڪِيا چاڳ مُون، ڏاريا موچارا ماڳ مُون،
بيشڪ بُلند هُئا ڀاڳ مُون، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

هُئَس اَڪابِر آدمي، مُون ٿي دَمايا دَمدمي،
خادِمِ ڪَندا هُئا خادمي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

دائمِ دِماغن سان هَليَس، ڪو دَمِ نه داغن سان هَليَس،
بُستان باغن سان هَليَس، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

رَهلا رِهاڻيون ٿي ڪيَمِ، جاوا جَوانيءَ جا پيَمِ،
سَڀ عُمر نازن ۾ نِيَمِ، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

وارن ۾ وانگُوڙا بَڌمِ، ٿي مَن وَڏائيءَ ۾ وِڌمِ،
لوڏو نه لاڏن ۾ لَڌمِ، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڏِينهڙا خوشيءَ ۾ ڪارِيَمِ، ٿاني نه سُونهن ۾ سارِيَمِ،
سُرمي سين اک سِينگارِيَمِ، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سِينگار ڪَريو سِج لَٿي، گُهمِيَس گهنگهر پائيم نَٿي،
گهوڙا! چَڙهيَس گهوڙن مَٿي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

دَر ديس ۽ پَرديس هو، هوڪو سَندم هَر ديس هو،
وَهه واهه! جِهڙو ويس هو، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

پوشاڪ پَٽ جِي مُون مَٿي، بالم ٿِليَس ٿيو پُون مَٿي،
مَستي هُيَم ”مُون تُون“ مَٿي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

عالي هُئَس اِقبال سان، خوشبُوءِ مَکيم خوشحال سان،
مَغرُور مايا مال سان، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

هَرجاءِ مُنهنجي هاڪ هُئي، ٿي ڳالهه سَرداريءَ جِي سُئي،
چاپڙ ڪَنان جاتم نه رُئي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

مُون موتِيَن جي مُنهن مَٽان، گادي سَندم تي گُل گهَٽان،
لشڪر سِپاهي سَئُو جَٽان، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

هيڪر هَڏن اُجيو حَرف، تان هُل مَچايئُون هَر طَرف،
ڪِنهن چِيو آهيان اَهلِ شَرف، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چِيو ته نادِر نام مُون، عالَم مَچايو عام مُون،
هو اِرم ۾ آرام مُون، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چِيو ته آهيان اَرجمند، هو تخت مُون بيشڪ بُلند،
حاضِر سَواريءَ لئي سَمند، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چِيو ته عاقِل مُون اِسم، مَوجُود مايا ڪُل قِسم،
جَڙ پَڙ جَوانيءَ ۾ جِسم، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِنهن چيو ته مان دَولت ڏَٽي، دُنيا اَندر دَهشت گهَٽي،
سَنيَم نه پيرن تي پٽي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته مان صاحِب سَڌر، قادِر ڪيَم ڪيڏو قَدر،
دَربان دائم پيش دَر، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته حاذِق حال مُون، ڳائو، ميهو مِڙ مال مُون،
چالن رَکڻ سين چال مُون، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته سَوداگر صَحي، سامان سَگهندس چا ڪَهي،
ٿي پار پَيسن جي وَهي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته مان سائو سُکيو، نه ڏيهه ۾ ڏِنم ڪو ڏِينهن ڏُکيو،
دائم ڏِيئو دَر بَر ڏُکيو، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته مان نازُڪ نئون، قَد سَروَ جيئَن سُودو سَئون،
صُورت به سِج جهڙي چئون، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته نازُڪ ناز سان، هُنُرس مِني آواز سان،
سَڌ سوز وارو ساز سان، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته شِيرين شَهه پَري، سَنئين ڳَت سان صُورت پَري،
جُملي جِسم زيوَر زَري، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته راڻي راڄ جي، سُونهن صاف سِر تا پاءِ جي،
ساڪِن سُونهاري جاءِ جِي، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

ڪِنهن چيو ته راجا راڄ جو، سِر تَخت صاحِب تاج جو،
هو مُلڪ مُون مُحتاج جو، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئَن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِنهن چِيو تہ ماڻهون مُون مِثل، هُئا آبرُوءَ ۾ گهٽ اَصل،
هَر سال ۾ سالِ فَصل، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئن!

ڪِنهن چِيو تہ ’احمد‘ اَي اَدا! غافِل مَتان گهارين گدا!
ڪَئي مُون بہ سُستي ٿي سَدا، پَر حال ٿيو مُون هاڻ هِيئن!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهل مماتيءَ جي حالت

ايءُ آهِہ ماڻهو يا مٽي

چئو ڳالھ چيتاري چِٽي، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟
صُورت جِسم ساري ڦِٽي، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

مڙئي مِٽيءَ جو ڍير ٿيو، هَٿ پڻ نہ هِن جو پير ٿيو،
مُشڪل فَرق ۾ ڦير ٿيو، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

سارو ڳَل سُرمي مِثل، عُضوو نہ سالِم ڪو اَصل،
ڪِهڙو نَسب؟ ڪِهڙو نَسل؟ اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

وائي ويچاري جي وِيَل، سارو ڳَلر ڪارو پيَل،
ڪو ڪو هَڏو ڪُڪرا ٿيَل، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

پَر ۾ قَبر، ڪا ڪا هَڏي، سا پڻ سَون سُورن ڳَڏي،
هاڻي لڳي هَيبت وَڏي، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

اُهيائي اَج ناهِن چِٺا، مُنهن، وات، نَڪ ٿِيئي ڦِٽا،
ڪِهڙي سَلامن جي سِٽا؟ اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

هُو پير يا مُرڳو مَٿو، چوندي سَنيها سِج لٿو،
هَرگز حَرف ٻولي نَٿو، اِيءُ آهِہ ماڻهو يا مِٽي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پَٽ ۾ ڏِٺم پَر سال پيو، ڪُجھ ڪُجھ هَڏن ۾ حال هو،
اَڄ تان ٻيو اَحوال ٿيو، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

اَحوال اڳيون هو اڳي، اَڄ حال ڪان حَيرت لڳي،
تَصديق ٿِڙڪن ۾ ٿڳي، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

سَئو سَئو لَڏي سَردار وِيا، ڏَڙ ڪان ٽِنين سِر ڏار ٿِيا،
پَسجن سَندن اَڄ پار پِيا، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

سَئو سَئو سَواريون هُئا ڪَندا، جَڏهين ڪيئُون ڪَمڙا مَندا،
هاٽي رَهيا حَيرت وَندا، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

سَئو سَئو سَرڪش پِئي ٿِليا، خوشبُوءِ مَڪيو ٿي خوش ڪِليا،
هَي هَي ڪَندي آخر هَليا، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

هِي گهر گدايون چِڏ گدا! ’احمد‘ اَحد ڏي آ اَدا!
ڪَر ڪِي نظر سُڄ ڏي سَدا، اِيءُ آهِ ماٺو يا مِٺي؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وڳهه ڪوٽ

آهي اَوهان مان اَي اَدا! هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب،
مُنهنجا سَڄڻ! سُهڻا سَدا، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ڪِهڙو قِلعي جو ڪارگر؟ ڪِنهن جي مَٿس هَٿ جو هُنر؟
هو ڪير حاڪِم تِنهن اَندر؟ هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ڏِسجي ٿو شاهاڻو شَهر، مَضبُوط مُحڪم مَنجهه، ٻَهر،
پَر اَڄ مَٿس لَٽ جِي لَهر، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

رازن اَڏي جو راس ڪِيو، خاصو خُلاصو خاص ٿِيو،
پوءِ رات ۾ راڪاس پِيو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ڪِهڙو قَوي قابُو قِلعو، هُوندس ڪَڏهن ڪو غُلغلو،
آخر پَڳو ٿِي بي بِلو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ماڙيون مَنجهس موچارِيون، سُهڻيون سَرائون سارِيون،
هاڻي وَسن تِت وارِيون، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

هاريءَ مَٿي هارِي ڏِئي، سِر سِر سِين سِينگارِي وِئي،
مَحلات موچارِي ٿِئي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ماڙيون جِتي مَحلاتِيون، راڻيون رَهيون ڏِينهن راتِيون،
اُت ڪَن بَلائون باتِيون، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

هِت ڇَهڇٽا ڇَوڏار هُئا، هِت جوڙ، هِت جِنسار هُئا،
هِت سانگ، هِت سِينگار هُئا، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

هِيءُ ڪوٽ ڪِهڙو ڪوٽ هو! هِيءُ ڪوٽ ڪو يَڪچوٽ هو!
هيڏو نہ هِت بيو ڪوٽ هو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

بانهِي نہ بائي آهِہ ڪا، وَسندي نہ وائي آهِہ ڪا،
دَربان دائي ناهِہ ڪا، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ڇا سَن وِڳهہ جي وير هو؟ مالِڪ قِلعي جو ڪير هو؟
دُنيا مِ ڪيڏِي دير هو؟ هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

پُورو پَتو ڪِنهن کان پُڇان؟ ڇِت پِٽ ڇِٽي پَئي ناهِہ ڇان،
ڪِنهن کان پُڇان، ڪِنهن سان ڪُڇان؟ هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

دَعوائون جِن ٿي ڏارِيون، ماڙيون اَسان موچارِيون،
تِن کان پُڇون پُوڪارِيون، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ماڙيون ڇَڏي جي مُقتدا، ساڪِن ٿيا سُڃ مِ سَدا،
آئون ٿو پُڇان اُن کان اَدا! هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

جِن ڪوٽ هِيءُ قائم ڪَيو، ’آهيون اَسين‘ اِئَن ٿي چَيو،
پَل پَل پُڇان تِن کان پَيو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ماڙيءَ ٿي مارو جِن مَتو، گهَر گهَر گهَنگهر گهاٽي گهَتو،
تِن کان پُڇان پُورو پَتو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

مالِڪ ويا ۽ مال گُم، مَرجان، موتي، لال گُم،
خُوبيون خَتم ۽ خال گُم، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

راجا رَتولن مِ رَهي، سوپُون ڪَٿيون جِن ٿي صَحي،
آئون ٿو پُڇان اُن کان پَهي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اڳ تان ڪَڌهن اڳواڻ ٿيو، مارو ٿي مارُيءَ ڪاڻ ڪيو،
تن ڪان پُڇان پَرياڻ پيو، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

مالڪ ويا ماڙيون مَٽي، ڪي ڏِينهن قِسمت جا ڪَٽي،
پَرڏيهه ويا پَکڙا پَٽي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

ماڻهون مِٽيءَ ۾ پيا مَري، وِسري وِئِي ويڙن وَري،
ڪِنهن کان خَبر وَنجي ڪَري؟ هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

خاطِر وَڏيرن جي وَڏي، اوڏن عِمارت جا اَڏي،
تِنهن جِي ڏَٽِين دَعوا ڇَڏي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

وو ووا وِڳهه جيڏِي وَڏي، اوڏن عِمارت جا اَڏي،
تِنهن ۾ نه ڪو ماڻهو مَڏي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

مَضبُوط مُحڪم مَيل ۾، سُهڻو سَوايو سَيل ۾،
وارِث ڇَڏي ويا وَيل ۾، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

هُوندا هِتي حاڪم هُئا، دودا دِلاور ٿي سُئا،
ماڙيون ڏَنيون ماڻهون مُئا، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

پُڇندي پُڇڻ وارا ٿَڪا، وو ووا مِلي وَرندي نه ڪا،
بَندو بِلاشڪ بي بَقا، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

آيَس سَويرو سِج وَڏي، وو ووءِ! وَرندي ڪو نه ڏي،
بينس سَجوئي ڏِينهن سَڏي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

هِن قِلعي ۾ ڪال جي، سَرها گُذاريا سال ٿي،
هاڻي بُڏائن حال سي، هِيءَ جاءِ ڪِنهن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالھ ڏٿي قيمت وڏي، مَضبُوط ماڙِي جن اَڏي،
ڪيڏانھن تن جي لَڏ لَڏي؟ هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

چُپ ڪِيَن دِلبر! ڏاريو، يا ڪو ڏمر ڏيکاريو،
چو ڪِيَن وائي واريو؟ هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

مَغرُور! ڪِھڙو مَٺو اَٿئي؟ پانڻ ۾ پورا! پَٺو اَٿئي،
وَڏ عُمر نہ ٻہ سَٽ سَئو اَٿئي، هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

چا تي مِيان! آهين مَتو؟ ڪي ڏِينھن قائم ڪوٽ تو،
پُڇندا پيا پويان پَتو، هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

چا تي مَتو آهين مِيان! ڪِيندئي ڪِيان هَڏ، چَم، هِنيان،
هِيءَ ثابتي سامهين ڏِيان، هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

جِن جو آهين اَولاد تُون، ڪيڏانھن ويا ڪَر ياد تُون،
آهين ٻہ ڏِينھن آباد تُون، هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

تُنھنجا ٻہ مائٽ ويا مَري، تِن ڪان خَبر پُڇ تُون ڪَري،
وَرندي نہ مِلندي ڪا وَري، هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

’احمد!‘ اَجايو حِرص ڇَڏ، قَومون هُيون هِت ڪالھ گڏ،
اَڄ ڪو سُڻين ٿو اُن جو سَڏ؟ هِيءَ جاءِ ڪِنھن؟ ڏِئي ڪو جَواب.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مرڪ ٽورو

مَرڪ ٽورو مَرڪ ٽورو، مَوت ماريندو وَري،
ساهه نيئي صاحِب سَچو، سُڄ ۾ سُمهاريندو وَري.

ڪِينَ ٽُون شَب روز شامِل، سَمجهه هِي شَربت شَراب،
پُر پِيالو مَوت جو، پَروَر پِياريندو وَري.

پَٽ ڏِڪيندڙ، جي پَٽي، پَل ٿا نه پيرن تي سَهن،
تِن ويچارن کي به واريءَ ۾ وِهاريندو وَري.

سِر مَٿي اِنسان اَوسر، لَٽ اکيَن ۾ آل جال،
ڪو نه نازُڪ ناز نَخري، سان نِهاريندو وَري.

سال هُوندو ڪو حَياتي، هِت هَزارن جا هَزار،
سا به سُهڻي مِٺل سُهڻا! سا سَنپاريندو وَري.

هِي قِلعا ۽ ڪوٽ ڪِرندا، ڪوٽ وارا مَنجهه ڪَلر،
ڳوٺ ڳوٺائي مِڙئي، ٻُڌ ڳالهه ڳاريندو وَري.

حاڪِمن جو حال هُوندو، ڪو هَڏو ڪِٿ، ڪو ڪِٿي،
دَر تي دايون، ٻانهيون، دَم اُت نه ڏاريندو وَري.

ڏَن سُڄان ۽ ڏَڻ سُڄان، ڏُونهيون سُڄيون، سُڄ ۾ ڏَنار،
ڪو وَلهارن ۾ وَلر، وَس جو نه واريندو وَري.

ساهه ٻُت کان، سَنڌ سَنڌ کان، ڏَڙ به ڏَڙ کان ڌار ڌار،
اِن طرح ڏاتار ڏيهن، کي ڏيکاريندو وَري.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَخت وائن ڪان ڪَڇي، ٿيندي سَڃي سَرڪي زَمين،
واءُ ڏاڍو سو ڏُکيو، ڏُونگر بہ ڏاريندو وَري.

مَشرق و مَغرب جي وِچ، آنو ٿي ڏِسبو سين اکِيَن،
باد پُون سَرڪي پِلاءِ اِن پِٽ بيهاريندو وَري.

هِن بَرن هُن باغ جي وِچ، آهِہ بَرزخ جو بَيان،
ڪِي قَدر قادِر قَبر ۾، قَيد ڪاريندو وَري.

سُمهہ نہ اِيئن سَمجهي تہ ڪوئي، مُئي پُٺان سامهُون سَفر،
جاڳ جاني! جاڳ، صاحِب جَڳ جِياريندو وَري.

جَڳ جِياريندو وَري سو، جنهن جِياريو اڳ جَهان،
بِئي دَفعي سو سُهڪڙو، سَمجهو تہ ساريندو وَري.

جَڳ جِياريندو وَري، سو جنهن جِياريو اڳ جَهان،
خواهہ واءُ عُضوا مُئن، اولي اُڏاريندو وَري.

جَڳ جِياريندو وَري، ساڳِيا جِسم جوڙي جَبار،
تار ۾ توڙي بُڏن، تَحقيق تاريندو وَري.

جَڳ جِياريندو وَري سو، سُمهہ نہ جانِب! جاڳ جاڳ،
ڪِينَ وَعدي پَنهنجي کي، واحِد وِساريندو وَري.

جَڳ جِياريندو وَري، سو جانوَر ۽ جن لکين،
يا سَڙيا تہ بہ ساهہ تِن، ڏاتر ڏِياريندو وَري.

ماهہ، هَڏ، چَم، مَڙهہ مُئن، مِڙني مُقامن مان مِيان!
اُخرِجُوا جي اَمر سان، آڳو اُٿاريندو وَري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ، زَمينون، عَرش، ڪُرسي، جِنهن ڏِنا اڪِيَن اَدا!
سو نہ سَگهہ سُبحان جِي ۾، شَڪ شُماريندو وَري.

سَڏ ڪَندو صاحِب سَچو، اُٿيو مُئا مَحشر مَتو،
ڪو گهڙيءَ جِي پوءِ ڪِسر، گهوٽيا! نہ گهاريندو وَري.

سَڏ ڪَندو قادِر قَوي، قَبرُون ڇَڏيو آئي قِيام،
ڪير عاقِل پوءِ آرس، اِختياريندو وَري.

اَمر ۾ ڏِس آب واءُ، وَڻ ٽِڻ، پَهڻ پِيا بي پَساهہ،
پوءِ ڪِيئَن گسر ۾ پيو، مُئو غافِل گُذاريندو وَري.

ري اَتڪ آذار بِيٺا، واءُ اَندر آسمان،
اِن طرح عِبرت سين ڪَر، اَندر اُجاريندو وَري.

آهہ ’احمد‘ ڇَئي اَسان، آخر جِيئڻ جو اِعتقاد،
پاڪ پَروَر ڏيئي پَسهہ، پَڪ سان پَچاريندو وَري.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالم سڄو آخر فنا

اَلحمدُ لِلّٰه وَحدہٗ، لا شَيءِ حَقاً بَعدہٗ،
اَجلً مُسمیٰ عِندہٗ، عالمَ سَڄو آخر فنا.

ساري سَفر جو ڪَڻ سَمر، اوڏي اَدا! آئي عُمر،
اَڄ يا سُڀا ايندو اَمر، عالمَ سَڄو آخر فنا.

عِبرت وَٺڻ گُهرجي اَدا! جانيون جِسم ٿيندا جُدا،
خالِص وَڃي رَهندو خُدا، عالمَ سَڄو آخر فنا.

پُوري وَڃڻ تي پار پَٽ، ڏِينهن رات روئي هار رَت،
وو وو ڪندو هَر وار وَت، عالمَ سَڄو آخر فنا.

نِت هيڪلو هُوندين جَڏهن، رَت رات ڏِينهن رُوندين تَڏهن،
پَٽ ۾ وَڃي پُوندين ڪَڏهن، عالمَ سَڄو آخر فنا.

نِيندئي ڪَنڌولي تي کَڻي، ڪِنهن حَوض ۾ ايندئي هَڻي،
پَٽ ۾ پَئي ٿيندين پَٽي، عالمَ سَڄو آخر فنا.

ڪي دَم دَمائي دَم بَدم، آيا اوتاري مَنجهه عَدم،
اَڄ ڪونه پَسجي تِن قَدم، عالمَ سَڄو آخر فنا.

سَيڪِن سُڄي سَڪرات ٿي، پَوندا مِٽيءَ ۾ مات ٿي،
وارِي وَسي مَنجهه وات ٿِي، عالمَ سَڄو آخر فنا.

ماڙيون اَڏي ويندين مَري، ايندين نہ هَرگز هِت وَري،
ڪِنهن ڳالهه ڪان ويندين ڳَري، عالمَ سَڄو آخر فنا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قُدرت ڪُڇڻ جي ڪانہ ٿي، حاڪِم هَليا حَيران ٿِي،
بَر ۾ ويا بَيران ٿِي، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن خاڪ ۾ خاقان ڪَئِين، ٿِي خُون ويڙا خان ڪَئِين،
بَرباد ٿيا بُستان ڪَئِين، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

ڪِسرا ڪِٿي، قَيصر ڪِٿي؟ اِقبال اِسڪندر ڪِٿي؟
تِن جا لَکين لَشڪر ڪِٿي؟ عالَمُ سَڄو آخر فنا.

ڪَئِين مَل چڙهي ميلو مَتو، رِڻ ڏانهن ويا رُوندا رَتو،
گُم ٿيو گهٽان ڏِينهن تِن پَتو، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن مَوت ماريا مِير لک، جِن وَٽ هُئا جاگير لک،
وِڇڙي ويا پوءِ وِير لک، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن مَوت ماريا مَل مَيا، حاڪِم وَڏا هاجي هَيا،
خانن کِسي خِيمان کَيا، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن مَوت ماريا مَل گهَٽان، لاٿئين کَٽن تان لک جَٽان،
پيا مَنجهہ مِٽي موتي ڪَٽان، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن مَوت ماريا مَل لَکي، سَڪرات جُون سَختيون چَکي،
پِجرو چڙهي پُريا پَکي، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

هِن مَوت ماريا مَل وَڏا، جاڳائي جِت ڪِٽ جَل وَڏا،
ڪوٺن اَندر ڪَرڳِل وَڏا، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

نِت مَوت ماريندئي مَگر، دارُون نہ ٿِي سَگهندئي ڏِگر،
ويندئي گُري جيرا جِگر، عالَمُ سَڄو آخر فنا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِيءُ مَوت مِڙني تي ڳُڙي، آيو نہ مِرن پَر مُڙي،
ڪارو ڪلر جاڳهہ جُڙي، عالَم سَجو آخر فنا.

اِڪ ڪول عِبرت جي اَکي! سَڪرات سَڀڪنهن سِر سَکي!
دَوزخ ۾ دانهن دَوزخي، عالَم سَجو آخر فنا.

ٻيلي! ٻيَن سان چا ٻُجهو؟ الله ري ناهي اَجهو،
هُوندين نہ هِت هَرگز جَجهو، عالَم سَجو آخر فنا.

آهين اَجان تُون اَند تي، آئي قَيامت ڪَند تي،
ڪي پُور پَرڀين پَند تي، عالَم سَجو آخر فنا.

الله ڏي بَندا! پَجو، هُونهين ٿا هَستيءَ ۾ هَجو،
اَج يا سُڀا ڪَٽ تي ڪَجو، عالَم سَجو آخر فنا.

چا ڪَنون نہ ساڳيئين سُڻين؟ ٻيباڪ ٿيو پورا! پُٽين،
ڪِي پوڪ جو پوءِ لُٽين، عالَم سَجو آخر فنا.

دُنيا مِڙئي مومن! مَڪر، باطِن زَهر ظاهِر شَڪر،
مَغرُور! تِنهن تي مَئو مَ ڪَر، عالَم سَجو آخر فنا.

ڪو جوش آين جان ۾، عاقِل پيا اَرمان ۾،
ويا وِنجهلندا وَيران ۾، عالَم سَجو آخر فنا،

دائم نہ ٿيا دَم ڏار جي، گَڏجيو گُهميا گُلزار جي،
سي پيا تَري مَنجهہ تار جي، عالَم سَجو آخر فنا.

ڏاران ڏَٺي هِن دار ۾، هُوندو حَشر هُن وار ۾،
وو وو پَوندي وَڪار ۾، عالَم سَجو آخر فنا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رَهندا ٻَنيون ٻارا نہ ٻِج، وَرندي وَطن تي ڪا نہ وِڄ،
سِر پَٽ گَندو ساهو نہ سِڄ، عالَم سَڄو آخر فنا.

پَن ڏار پَوندا پَٽ ڇَٽي، ٿيندا پَھڻ پُرزا پَٽي،
کِھ مِٽَل ويندن واءُ کَٽي، عالَم سَڄو آخر فنا.

ڄاڃي ويا ڄاموٽ جي، گهوڙن چَڙهيا ٿي گهوٽ جي،
هَٿ پيا اَجل اَڻ موٽ جي، عالَم سَڄو آخر فنا.

بَهمن ويو، بَهرام ويو، جَمشيد وارو جام ويو،
شاهي اِرم آرام ويو، عالَم سَڄو آخر فنا.

راڻا رَهي ڪان راڄ ويا، ٿِي تَخت تِن تاراج ويا،
توشڪ تَڪيا ۽ تاج ويا، عالَم سَڄو آخر فنا.

ڪَر سُرت سَعيو سوپ تي، ليٽِين گهٽُون ڇو لوپ تي؟
آهين قَبر جِي ڪوپ تي، عالَم سَڄو آخر فنا.

سانئَم! مَٿي سُلطان تُون، اُهڪيون ڪَرين آسان تُون،
دائم رَهين دَيان! تُون، عالَم سَڄو آخر فنا.

’احمد!‘ عُمر فاني سَڄي، ڪِي لوچ لائق پَر لَڄي،
ٻَندا! خُدا جو ٿِي پَڄي، عالَم سَڄو آخر فنا.

*

سرڪار هيڪ

اَوَل اِسم اَللهُ اَعليٰ عَليم،
قَوي ڪُل تي قَيوم قائم قَديم،
حُڪم ڏِئي حِڪمتين حاڪِم حَڪيم،
جَڳتُ جوڙ جوڙي سو جَبار هيڪ.

بُزرگي بُلند بادشاهي سَندس،
ڏِنون شَمس کي شَرف شاهي سَندس،
سَيت شاهه سَڏجن سِپاهي سَندس،
هُجي ٻَلڪ حاڪِم ٿو هَر پار هيڪ.

نه واحِد وِياءُ ڪِنهن جو نه آهِس وَلد،
صَفا ٻِئي جِي صُحبت کان صاحِب صَمد،
قُرب جِنهن جو قُل هُوَ اللهُ اَحد،
سَدا آهِ سائين سو سَتار هيڪ.

مِيان! مَوت ايندو ڪَرڻ قَبض رُوح،
سَفر سِر سُجي ٿو سَوارو صُبوح،
نِهاري ڪو نِج ناڪُو مِثل نُوح،
اَڳيان آهِ طُوفان تَڪرار هيڪ.

هِتي تان نه هُوندي حَياتي هَميش،
اَئي پَهر آڄ اَجل جو اَنديش،
وَٺي ساهه ويندو هَٽي نوڪ نيش،
رَهي بُت بي رُوح بيڪار هيڪ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَجل ڪي اَصل ڪان آهي اِختيار،
گهَٽان گهوٽ گهائي ڪَنبائي قَهار،
هَٽي چَٽ پَٽ سان سَدا سَپ چَمار،
وَنج تِنهن ڪان وِنجهلي ڪو وِيچار هيڪ.

سَمند، بور، سَنجاب، اَبلق اَپار،
چَڙهيا چاڳ سان جِن تي حاڪِم هَزار،
ڪُڏائون ڪُميتن ڪي ڪَريو قَطار،
رَهيو ڪونه تِن مان ڪو هَسوار هيڪ.

هَزارن جا ڪاڏئون هِنيان هاڪ ۾،
پيون آفتون تِن جي اِملاڪ ۾،
خَفا خُون ٿِي ويا ڪِپي خاڪ ۾،
نِشاني نه پَسجي ڪا نِروار هيڪ.

اَندر جي اگهائي مُنجهايا مُجيب،
سَڏائون صِحت لاءِ تَهدل طَبيب،
ٿيَن رُوح رِحلت ڪي ڪِرندي قَريب،
هَلين ڪو نه حِيلو هَلڻ وار هيڪ.

مَنجهان راج راڻا لَڏي لَڪ وِيا،
پَشيمان ٿِي پَٽ ۾ پُجاڻان پِيا،
وَرڻ لئي ويچارن وَڏا وَس ڪِيا،
مَگر ڪونه موٽيو ڪو مَهندار هيڪ.

سِڪندر، سُليمان، دارا دِلير،
ڪِ بَهرام، بَهمن مُهائين مَٿير،
مَٿان تَخت تَهدل چَٽي پيا چُڱير،
رَهيَن ڪونه آخر ڪو اِختيار هيڪ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِنهين حوض هائل ۾ آيَن هَٽي،
ويا خان خاقان خيمان ڪٽي،
دَفن ڏُوڙ ۾ ٿيا ديهَن جا ڏَٽي،
نه اَڄ آڄڪو ڏين آثار هيڪ.

ڪِ تو ڪونه قارُون جو سُئُو قِصو؟
خزاني تان ڪاڏئين گھٽان ڏِينهن غُصو،
هَلي هيٺ هَر روز جِنهن جو جُسو،
مِثل قَد ماڻهوءَ جي مِقدار هيڪ.

مُلڪ ڪاڻ مارا ڪيا جال جِن،
مَٿا ڏيئي ميڙيا مَڏيون مال جِن،
پَسين جي پَٽاندر هَلي حال تِن،
نه پَسبو نه هَڏ هُوند هيڪار هيڪ.

جِنين ديس ڏاريون ڪِلم ڳاڏِيون،
لڳيون بَخت تِن جي ڪي بَربادِيون،
اَپر هُونِ عالَم ۾ آبادِيون،
سُونهي ڪو سَندن ڪونه سِينگار هيڪ.

رَکيا جِن رُپي جا رَتولن تي رَنگ،
ٿيا تُرت تُربت ۾ تَحقيق تَنگ،
پَئي تِن پُٺان ٿيا پُراڻان پَلنگ،
جُڙي ڪو نه جاين تي جِنسار هيڪ.

ڪَيا جن جهنگن ۾ ڪي شاهن شِڪار،
ڪَندين جي ڪَتڪ جي نيئي اُت نهار،
نه مارِي مَري ويا، وِلهو ٿيو وَلهار،
سُڄي ڪانه ڪِنهن جي ڪا ڪُوڪار هيڪ.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

سَنئي ڪِينَ ساعت سَوا جِن صَبر،
اَنئي پهر اُن سان ڪِليو ڪَئي خَبر،
سي ٿيا ڪالهه قابُو وَجي مَنجهه قَبر،
اَچي ڪا اُنهن جِي نه اَخبار هيڪ.

مُئا مُقبرن ۾ سِڪن لئي سَلام،
اَچي ڪونه اِنسان ڪَري ڪو ڪلام،
اِنهيءَ ڳالهه ڳاريو تِنين کي تَمام،
مُئان پوءِ نه ڪِيو ياد ڪِنهن يار هيڪ.

وَڏو مَوت مَحشر جو پانئيج پَئو،
پِتين پيڙ بَرسر تَنگي تاب تَئو،
اِنهيءَ سُور ساڙيا سَبر مَرد سَئو،
سَلامت لنگهيو ڪو نه سالار هيڪ.

بِنان رُوح ويندا ٿِي بيڪار بُت،
حَشر ٿيندو هَر ڪِنهن جو هيڪار هُت،
ڪندين اوچتي آهه اِظهار اُت،
جِتي ٿِي سُجي سَخت سَرڪار هيڪ.

ڦِٽي مُلڪ فِي الحال ٿيندا فَنا،
بَچي ڪونه باقي ڪو باريءَ بِنا،
سَدا ڪَر سَچي رَب جِي سارهه ثَنا،
وِسارج نه واحِد وَري وار هيڪ.

اگهائيج 'احمد' جو آگا! عَرض،
مَرهه ساڻ ميٽين مَنايون مَرض،
دَران تُنهنجي داور! گهڻان ڪَن غَرض،
پَلئو آئون به پايان ٿو پينار هيڪ.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعاتي شاعري

خلافت تحريڪ

(۱)

سُتا! ڪا سُڌ اٿو

سُتا! ڪا سُڌ اٿو، ٿيڙو سَمرنا، شام ۾ ڇا ڇا؟
لنگهيا ٿي ڪم، قِصا، اِن ڪوس ۽ قَتلام ۾ ڇا ڇا؟

اَناطوليا، عِراق و عَرب، عَربستان، اِستنبول،
مَچي ويا گوڙ باريون گوڙ، گهر گهر گام ۾ ڇا ڇا؟

ڪرائين ڪوس ڪعبي وَٽ، جِتي وَڍجي نه ڪک ڪاني،
رَهيو پوءِ حَرم جي حُرمت، اَدب اِڪرام ۾ ڇا ڇا؟

وَڃي حَضرت جي حُجرن تان، هَوائي شَر هَلايائون،
اَجان عُهدا پُڇن، اِن ڪِيو اَچي اِسلام ۾ ڇا ڇا؟

اَسان جا ڀاءُ ۽ ڀيڻون، ڪُهايا بي گُناهه پُورن،
ڪيئون ناحق، مَٺ نامُوس، نَنگ و نام ۾ ڇا ڇا؟

نه ڪِنهن ٻائي، نه ڪِنهن ٻچڙي، نه ڪِنهن ٻُڍڙي تي ٻاجهايُون،
وَڌيون آهُون عَجُوزن، عاجِزن، اِيتام ۾ ڇا ڇا؟

جَلائي جَڳ ڇڏيو، جَليان واري ٻاغ جي بَغداد،
ڪرايا خُون جِت خائن، خَيالي خام ۾ ڇا ڇا؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِها حالت حُڪومت جِي، حَرف ته به هِندواسيَن تي،
عَدالت ناهِه تان پوءِ، اَڻ ڏَنگي اِلزام ۾ ڇا ڇا؟

عَدالت ۽ اَميريءَ جو، اَصل تان دَور آهي هِڪ،
عَدالت وَئي، اَميريءَ کي، بَقا اَيام ۾ ڇا ڇا؟

عَدالت وَئي، اَميريءَ کي، اَجان ڏِينهن ڪيترا آهِن،
ڏِسُون آڏِر اَچي ٿو عَرش کان اِلهام ۾ ڇا ڇا؟

مُسلمانو! مُحمد جي مُحابي، مُنهن نه اَڄ موڙِيو،
پَرُوڙيو تان پَچاڙي ڇِيو، پِرين پَيغام ۾ ڇا ڇا؟

وِڃايا جِن هَٿان حَرمين، پَئي مَنجهه حُب حَياتيءَ جِي،
نه سِنڌڙي پوءِ شَفاعت آس، شافِع جام ۾ ڇا ڇا؟

اَوهين آرام عِزت ۾، عَدُو اِسلام جي پُٺيان،
اِنهيءَ عِزت، اِنهيءَ آرس، اِنهيءَ اِڪرام ۾ ڇا ڇا؟

ڪَجي اَرمان ’احمد!‘ ڇا، اَگهي نه آهه آگي وَٽ،
مَٿو مالِڪ قَبولي، تِنهن مَهل ماتام ۾ ڇا ڇا؟

*

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

(٢)

تڪبير ڇئو تڪبير ڇئو

ٿي تڪبر ڪان صَفا، تڪبير ڇئو تڪبير ڇئو،
اِيءُ اِسم اِسلام ۾، اَڪسير ڇئو اَڪسير ڇئو.

شَل! ٿِڪُندي جي شِڪل ۾، عَدُوءَ ڪي آڏي اَچي،
اِن طَرح تڪبير جا، تَفسير ڇئو تفسير ڇئو.

خواهه عِيسيٰ، خواهه مُوسيٰ، ويا اَميري اَڳ ڪمائي،
اَج نه مُلڪن جو مُحمد، مِير ڇئو مَل مِير ڇئو.

ڪُوڙ ڪي ڪِهڙي جَٺاءُ، ڪَلمي سَچي وَٽ قَسم سان،
سَرس سوپارو سَندس، سَچ سِير ڇئو سَچ سِير ڇئو.

ڏَڪ لَڳي جو دِين تان، سو دِيندارن لئي دَوا،
جيل ڪي جَنت جَڳهه، جاگير ڇئو جاگير ڇئو.

هَٿڪڙيون حَق تان ڪَڳڙ، ڦاسِي هَزاري هار سار،
ڪِيمَ اِيءَ زوري ذَرو، زَنجير ڇئو زَنجير ڇئو.

سوپ يا سَختي سِرن تي، صادِقن سامهين اَچي،
رَب تَعاليٰ جي مِڙئي، تَقدير ڇئو تقدير ڇئو.

مات مان مُلان! نه وَرندان، مُنهن ٻَڌڻ جي مَهل ناهه،
ڪا اُٿي تَقرير، پُر تاثير ڇئو تاثير ڇئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرڪشيءَ وارو سُخن، ڪِنهن ڪي نہ سِيبائي سُڄاڻ!
تَن تواضُع پوءِ تُون، تَقرير ڇَئو تقرير ڇَئو.

جا گهَٽِ ڪوهن تي گولي، سان هَٽي گُنبذ مِ گوڙ،
اَرٿ ڪي تِنهن توب جِي، تَصوير ڇَئو تَصوير ڇَئو.

پير پَنهنجا پيا ڇَمائن، پاڪ جاين تي پَليت،
حَق تَڙڻ تِن جِي سَندي، تدبير ڇَئو تَدبير ڇَئو.

مُنهن مُحمد کان مَٽي، جي ٿِين مُلحد سان مَدد،
سي پِٽيَل پُورا، وَٺي تِن پير ڇَئو تِن پِير ڇَئو.

بيا غَزا غوغا ٿيا، پَر گهَر بہ جي گهارين ڪِين،
تِن مَٿي طَرفان لِڪيَل، تعزير ڇَئو تَعزير ڇَئو.

مُلڪ، مَذهب جي مَدد کان، مَنع جو مُفتي ڪَري،
تِنهن تَڙيَل جِي رَد سَڄي، تَحرير ڇَئو تَحرير ڇَئو.

اَللہ اَڪبر ساڻ ’احمد!‘ آهِہ اِسلامي عِلم،
ٿِي تَڪبر کان صَفا، تَڪبير ڇَئو تَڪبير ڇَئو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٣)

وسارڻ ڪين ٿو سونهي

مِنو سائينءَ ڳنان سِر يار! سارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي،
وَسيلو بيوَسن واحِد، وِسارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

اَسان جو مِير موچارو، مُحمد مُصطفيٰ آهي،
شَفاعت شاهه جِي ۾ شَڪ، شُمارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

اُٿيندي ڏِينهن آخر 'اُمتي يا اُمتي' چوندو،
عَدُوءَ ڪي اُن جِي اُمت تي، اُٿارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

پياسُون هِن حُڪومت هيٺ، رَت حَرمين ۾ هارڻ،
ڳهڻون گورن جِي ڳولپ ۾، گُذارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

خُدا بَخشي چڙهيو خود خُون، خاطِر خانهءِ ڪعبہ،
اُتي مومن ڪي مومن! مُفت مارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

ڪَرائڻ ڪوس ڪعبي وَٽ، ڪِ ڪَرتا ڪيس قُرآن تي،
قَسم سان ڪم اِهو ڪِنهن قول، ڪارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

مَدد بَدران تہ مُرڳو، مُقدما مُرشد ڪَرائن پيا،
پِلَن جي آل ڪي اِيئن ڪُر اُجارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

ٻَچاءَ ۾ پائرن جي، جي پِلا بيوَس هُجون تان پڻ،
ڏِيئي قاتِل ڪي ڪاتي، قَتل ڪارڻ ڪِينَ ٿو سُونهي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

بَچائڻ پائرن جي جو، پَلا آهي پَلو چَرخو،
اَدا! آرس اِنهيءَ ۾ اِختيارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

بَچاءُ سِر پائرن جي جو، پَرم پڻ پينرن اِن ۾،
ڪَتيو ڪَپڙو ڪَتيو، اِيءُ ڪَم ڪُوارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

قُريشي چام ڪَم آندو، اِهو ڪَپڙو ڪَتيَل هَٿ جو،
تَڏهن تان تَرڪ ديسيءَ ڪي، ڏِيارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

سَچي اِنسان جي سِر تي، سُنت سَردار جِي لازِم،
پِٽيَل ڪوهه چَئي نه پَر پِرِيَن جِي پارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي؟

وَسان وِئي، ٿيا ويريءَ سين، ٿوڙڻ واسطا واجب،
نَفعو ناحق جي ناتن ۾، نِهارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

پيا چَوڪن مَٿي چَڪلا، نه چَئو ڪِيئَن چال سُڌرندي؟
صَحي ساٿيفَڪَٽ اِهڙو، سُپارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

چوَن جي گهَر جَهلي گهاريو، نه گُهرجي گوڙ فِتنو بيو،
پَلا تِن تي بَغاوت ڏوهه، بيهارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي؟

اَسان ڪي آيتن موجب، اَحد آڪي پيو ’احمد!‘
نه حُريَت هَٿ ڪَريو، هِمت ڪي هارڻ ڪِينَ ٺو سُونهي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۴)

عدالت ٿي ادا! راهي

عَدالت ٿِي اَدا! راهِي، اَندر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا،
خِلافت جو خُدا واهِي، خَطر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

فَرنگي چال نِت ڦيري، وِڙهيو وَعدا پَچي ويري،
مُوافق دِل نہ ٿِي ميري، مَڪر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

مَدينو ماڳ موچارو، مُڪرم ٿيو مَڪو سارو،
وِڌو وَڌ مُلحدن مارو، مِصر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

ڪيون ڏک دَرد دِليون دَر، ڪُتا ڪافر ڪَيُن ڪُوندر،
گهٽان گورن گَڏيا گُوندر، گهنگهر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

ٻَهر آهي اَچي چمڙِي، نہ اَندر داد ڪِي دَمڙِي،
ڪَميٽن ڪان نہ ٿِي ڪَمڙِي، ڦَهر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

اِنهيءَ سَرڪار مائي باپ، پَسو پَنجاب ۾ ڪِيا پاپ،
عَدل اِن جو ڪو سَنپرو آپ؟ زَهر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

چَگي پاسي چوَن چُوڪُون، هَٽن ٻي ڏوهہ بَندُوقُون،
فَرنگيءَ وَٽ فقط ڦُوڪُون، ڪِبر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

هُيَن آدمخوريءَ جِي اُڃ، ڪَيُون جَليان ۾ پَئي جُڃ،
سَٽي ڪَيُن سِر ڪيائون سُڃ، صَبر جا ڦَٽ وَهي چُٽندا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُنن موڙيون مُڇون مَڪڙيون، پَريون پَرهيز مان پَڪڙيون،
ڪيئُون لاهي لَيون لَڪڙيون، جَبر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

مُنن ڪَئي مارشلا جارِي، ڪَري چا قَوم ويچارِي؟
ٿيئي سِر جِن جَفا ڪارِي، جِگر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

گُناهن ري گِرفتاريون، رَهيون مَنجهه راڄ رَفتاريون،
بُڌن گورا نه گُفتاريون، گُذر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

پياسُون پيش پُوڪاري، ته ڪورٽ قَيد ۾ ڪاري،
نَصارن جي نَوي واري، نَظر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

اَندر الله اَڪبر جِن، رَهي خوش مَن نه دُشمن تِن،
عَدُوون کي ’احمد!‘ اِن، اَکر جا ڦَٽ وَهي ڇُٽندا.

*

(۵)

قابو قدم اسان جا

قُربان سِر ڪرڻ لئي، قابُو قَدم اَسان جا،
دُشمن دَبي نہ سَگهندا، ڪي دَور دَم اَسان جا.

مَڪي مَنجهان مَڪارن، ماري ڪَڍيا ٿي مومن،
اَبتر ويا عَدُو ٿِي، آخر عَدم اَسان جا.

چِيني چَڙهيا مَٿي چِين، دَعوت مِلي سَندي دِين،
آيا بہ طرف اِسپين، اَبلق اَدهم اَسان جا.

مومن مُريد ڪَلمي، ماريا نہ مُور مَرندا،
پِڙ ۾ پَتنگ ٿيندا، پَيدا پَدم اَسان جا.

يَرموڪ ياد ڪَريو، نَهہ پَهہ قِصو نِهاوند،
هارائي هَليا ڪَئين، جِن حَق ڪِيا هَدم اَسان جا.

اِسلام هيٺ آندو، عَرب و عَجم عَجيبن،
ڪو نامَوَر نہ چوندو، تہ نوڪر ندم اَسان جا.

بيشڪ اَجان بَدر تي، بَڌيو اَچن بُڌون پيا،
دَم دَم دُه--ل دَمامن، ڏِين ڏِينَ ڏَم اَسان جا.

نَو سَئو چَٽيهہ سَن ۾، سَئو شاهِدن سُئوسُون،
تاريخ ۾ طَلب سِين، لِکيا لَدم اَسان جا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَذهب ڪنان مِٺو ڪو، مومن مَٺو ڪندا ڇا؟
دُنيا دوباره ڏِسندي، دَم دَم بَدم اَسان جا.

سَختيءَ مَنجهان سَلامت، سُبحان! سوڀ ڏيئي ڪَڍ،
سُورهيہ، سُڌير، صابِر، ثابِت قَدم اَسان جا.

حَق ڪان هَٽي وَڃڻ ۾، آهي هَميش جِي حَيف،
داور ڏَٽي! پُڄائج، سِر دِين دَم اَسان جا.

بَرڪت مِٺي مُحمد، آهُون اڳهائي 'احمد'
سوڀا ڪَرين سوڀارا، صاحِب سَندم اَسان جا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٦)

ارمان ترڪيءَ جو

اِلاهي! يا اِلاهي! ٿئي اُچت اَرمان تُرڪيءَ جو،
سِگهو خوش سوپ ڏي سُبحان! ڪَر سُلطان تُرڪيءَ جو.

سَدا سُلطان جو واحِد! ڪو وارو وار ويرين تي،
نہ ڪُرتي ڪافرن کي ڪائي، قَهري ڪان تُرڪيءَ جو.

اَمانتدار اُمت ۾، اَميرالمومنين آهي،
خَليفو خَلق جو خاقان، خادِم خان تُرڪيءَ جو.

مُسلمانن جي مُلڪن تي، نہ مُنڪر مُستحق ٻيو ڪو،
خِلافت خَلق ۾ اَڄ خاص، حَق خاقان تُرڪيءَ جو.

ڏَٺم! ديڪاءِ ديسان ديس، دَهشت دِيندارن جِي،
جِگر ڦاڙي جَوانن جوش ۽ جَولان تُرڪيءَ جو.

قَوي قادِر! ڪَرم فرما، ڪَري چٽِي ڪُندن قائم،
سَدا فِي الحال هَر ڦيري، فَتح فَرمان تُرڪيءَ جو.

نہ ڏي طاقت تَقابُل جِي، ٽِنين کي ٻِئي طَرف کان تُون،
مَرن مُنڪر مُنجهي مَهندئي، ڏِسي مَيدان تُرڪيءَ جو.

حِصو حَق کان ٻُنيرن جو، هَزيمت هَرج هوءِ هَرجا،
ذري جو نوڪندن ۾ شل! نہ ٿِئي نُقصان تُرڪيءَ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَميشه هِن حُڪومت جِي، نه ڪَر هِمت، نه حِشمت گهٽ،
رَکج شَب روز وَڌ شاهي، شَرف ۽ شان تُرڪيءَ جو.

اَسان کي ڇا نفعو اِن مان، اَسين ڇو ٿا لُڇون اِن لئي؟
جِياريو دِين کي آهي، اِهو اِحسان تُرڪيءَ جو.

مَديني خواهه مَڪي ۾، مُبارڪ مَسجدُون سُونهَن،
جِتي ڪِٿ نيڪ ناميءَ ۾، نَظر نِيشان تُرڪيءَ جو.

شَفا هِن مَرض جِي مَولا! دَوا هِن دَرد جو تُون هِڪ،
تو ڌاران ڪو نه ٻيو دارُون، دَوا دَرمان تُرڪيءَ جو.

پَٽي بُنياد بَدخواهن جو، باري! ڇَڏ بَحر بَر مان،
اَندر اَقليم هَر ڪِنهن ڪَر، اَمن اِيمان تُرڪيءَ جو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٧)

ائٿون آس

اَٿون آس اِنشاءَ الله تَعاليٰ،
ته ويندا کُٽي جَهتَ خَصمَ خود خِيالا.

ڪندو رَب آزار کان عَرب آزاد،
ڪمانيءَ تان لهندا ڪشاڪش ڪشالا.

مَڪو، مِصر، مَدين، مَدينو مُنوَر،
تِنِين مان نَصارن کي مِلندا نيڪالا.

ٿِئي غير قَومن جي غرقُور طاقت،
وَڏن هَر طرف شال! تُرڪي رِسالا.

مَٽيو مال جن جو مالِڪ مِٽي کان،
پَسُون شال! تن وَٽ پِنڻ جا پِيالا.

دَغا جن کي دِل ۾، دُعا تن کي ڪِهڙي؟
رَندن ۾ رُلن شال! رَهزن رَذالا.

ٻِيَن ساڻ ٻيائي ڪَري ڪم ڦِٽائن،
ڦِٽن شل! اِنهن جا اَٽا ۽ اَٽالا.

اَمن جي سَيا کي اُميدُون گهڻن ۾،
اَسان جا ته صاحِب! تو هِڪ تي سَنڀالا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عَجب آزمائي ۾ اڳ اڳ ڏِناسُون،
پَلن سان ٿيَن پال، پُلين تي پالا.

اَبابيل اَبرھ سَندي اَڏ اُٿيارِي،
فَنا فِيل، بُختي، ڦِٽن بَخت بالا.

ٿيو ناس نابُود نَمرُود مَردُود،
مَڇر مَغز ڪاڙس مَني جا ميڄالا.

لنگھيا سِير سِبطي، ٻُڏي قَوم قِبطي،
ڪَڍيَن لَھر لاشن کي حِيلا حَوالا.

ھَمِيرن جا هِيٺن تي هاٺِي نہ هاٺان،
عُمر جو عُمرڪوٽ ۾ گِٽ نہ ڳالا.

اَحد! بَخش 'احمد' مُحابي مُحمد،
لَڙون مُدعيءَ سان جِنھين مُدعا لا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٨)

ظلم ۽ زور ٿيا آهن

اَدا! آخر زماني جا، عَجب اَڄ طَور ٿيا آهِن،
زَبردستيون، زِيان ڪاريون، ظُلم ۽ زور ٿيا آهِن.

ڪَريون حَرمين لئي هَي هَي، ته هِڪدم حُڪم بَندش جو،
غَريبن کي ڏِسي غَمگين، واهه! جا غَور ٿيا آهِن.

نه ٿِئي ٿو داد دانهن جو، نه دِلگيرن دِلاسو دَم،
رَکي سَرڪار پَئي سَختيون، ڪَڙا شَر شور ٿيا آهِن.

نه ڪائي گورخر ڪو گورخر کي، پڻ نه خَر کي خَر،
عَجب آهِه ته آدمزاد، آدمخور ٿيا آهِن.

اَمر اِسلام جي تان ڪو، مَتان اِيذاءُ ڪَريو اُمراءُ!
اَڳي اُن تان گهٽان گهر بار، گهوري گهور ٿيا آهِن.

روئي چَئون چو نه قادِر کي، ته قابُو ڪَر تُون ڪانئِرن،
جَڏهن مَحبُوس اَڄ مَحبُوب جِهڙا مور ٿيا آهِن.

عَجب جِهڙو اِهو اِنصاف، آهي پڻ عَجب اِنعام،
ڏِسو اَي دوستو! ڇا اَڄ دُنيا جا دَور ٿيا آهِن.

عُمر آرام آرس کي، نه اَڳتي قُرب ڏي 'احمد!'
جَڏهن حَق طالِبن تي تِير، توبون تور ٿيا آهِن.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

جيل ۾ چيل

خبر ناهي ڪٿي سرڪار

خَبر ناهي ڪٿي سَرڪار، يا ٿي خَصلتن ڪوٺي،
نه هِڪ لوٽي لَپي ٿِي ڪانه، بِي ريتي گڏيل روٽي.

سَڀُورو ڏِينهن صَفا آچار، عِيسائن اڳيان آهي،
ڪُليو خَيرات جو خُنچو، نه ڏِسجي بوڙ ۾ بوٽي.

پلن لئي بَند پُورن ڪي، بَنايو بورچي خانو،
اَندر حاڪِم جِي هوٽل چو، ٽُڪر ڪِيندي ٿِئين ٽوٽي؟

قَبولج ڪَرم سان قادِر! نَمازُون هِن نَماڻن جُون،
نه هِت پُورو مِلي پاڻي، سَنڌ تي پڻ سُڻَ چوٽي.

سَخاوَن وَٽ ڪَري سَرڪار! سِياسي لوڪ سان سِگهڙون،
مَتان تُنهنجو مُسافر! مُنهن نه ٿِئي هِن مُلڪ ڏي موٽي.

مَيارُون مُدعيءَ تي ڇا؟ عَدل هِيءُ هو عَدالت جو،
نه شاهِد سُست، قاضي چُست، چُستو چُست نُهن چوٽي.

ڪَيون سِين عَرب لئي آهُون، خَطا آهي نه آهي اِيءَ،
اَسان هِن اَنگريزن ساڻ، ڪِهڙي جَنگ بِي جوٽي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَڙي قُرآن تان قَيدي ٿيَل! ڪِهڙا ڪَرين ٿو غَمِ؟
سِگهي پاپن سَبب پَٿِي، اِنهن ڄامن ڄِي ڄاموٽِي.

اَحد ۾ آس ’احمد‘ ڪي، ڏِڄي اُن جي عَذابان پڙ،
نڪِي ٻيو ڪَم ڪَمانيءَ ۾، نڪو ڏَپ ڏاءُ ڏيپوٽِي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٠)

ڪلب والا جيلر تي چٻل

ڪلب والا تي ڪِري، وڄ قَهر جي ڪڙ ڪڙ ڪري،
پينگ ٽِٽي پُونگو سندس، جو بانگ تي ٻَڙ ٻَڙ ڪري.

ٻانگ ٻانگي جي ٻُڌيو، ٻيگهر ٻُڌڻ ڪان ٻَند ٻَدي،
گهر کي گهارو پَئيس شل! گُونيءَ مِثل گڙ گڙ ڪري.

ڏُک پَري ۽ ڏِک ڪري، ٻانهُون نه ٻُوڙي سين لڳن،
پَئي تڙپَل اَونڌ وَجي، تحتَ الثَريٰ تَڙ تَڙ ڪري.

تو لڳي اُيرڻ، ٻُڌيو الله اَڪبر ۾ اَذان،
لَفظ کِهڙي تان ڏِسو، لُر تو ڪِري لَڙ لَڙ ڪري.

جوش جِنهن جَهليا نه جَهلجن، ڪَر لٿو اُپ تان اُماڙ،
سو لڳو تاڪُر کي نَهه نَهه، نوڙ ۾ نَڙ نَڙ ڪري.

دِين جا دُشمن اِئين شل! لوک مان ڪُل چُوندِجن،
رَءُ ڪَڍن جِنهن رِيت سان، ٽَمبر مَنجهان نَڙ نَڙ ڪري.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۱۱)

جي خدا گهريو

سِگهو چُڻبو صَحي سَرهو، سَلامت جي خُدا گهُريو،
مُرادُون ماڻيون، لهندِي مَلامت جي خُدا گهُريو.

غُلامي غَير مُسلم جِي، جو لهندو غَم غَريبَن کي،
ٿَري عالَم مَٿان ويندِي، عَلامت جي خُدا گهُريو.

اَمن اِيمان جو مِلندو، وَري اُمت اُميءَ جِي کي،
لهي ويندا شِدت شَر شور، شامت جي خُدا گهُريو.

اَسان ۾ مَرد پِي مَوجُود، پڻ مَوجُود مَردي آهه،
نه آئي جاڻ آزادي، اِمامت جي خُدا گهُريو.

دَوا ۽ داد ڏک داهَن، اَسان جي جو اَدا! اَج بَند،
نه هُوندي هِيءَ حُڪومت ۽ حُڪامت جي خُدا گهُريو.

اَجهو اِسلام 'احمد' جو، اَدا اِسلام وارا! ڪُل،
ڪهي ويندِي قَريبَن تان، قَيامت جي خُدا گهُريو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۱۲)

چرخو

اَسان جو پَل پَلو چَرخو، بَڻي تَيار ٿيو بيشڪ،
هَٿيڪو هَٿ اَسان جي هِيءُ، هُنر هَٿيار ٿيو بيشڪ.

حَيا وارو هُنر هِيءُ پڻ، آهي هَٿيار هِمت جو،
مِشن گهر جي مُشابهه ارٿ، مُنڪر مار ٿيو بيشڪ.

اکر ناڙي ۽ ناڙيءَ جو، نَموني نوع ۾ هِڪڙو،
مَنجهان بارُوت بَمباري، پَرِيَل بِسيار ٿيو بيشڪ.

اَسان چَرخو هِتي چوريو، ته چوٽيون پير هُت چُريَن،
وِلايت وَلوَلي ۾ پئي، وِلهو واپار ٿيو بيشڪ.

ٿيو ڪورِيَن جو ڪم ڪمتي، پيا مَنجهه پيڙ پيچارا،
اَسان لويون لِڳن ڪييون، لَندن لاچار ٿيو بيشڪ.

چوَن گُهرجي گهٽائڻ ٿي، پَتي اُن جي پَگهارن مان،
اِهو تَنخواهه تِن جي ۾، تِتي تَڪرار ٿيو بيشڪ.

سُجان ويٺا ٿي سالن بِن ۾، ساڍا چار سَئو سينيون،
اِهو اَحوال اَخبارن، اَندر اِظهار ٿيو بيشڪ.

فَرض لهندو فَهيمن تان، غَرض پُجندو غَريبن جو،
عَدُوءَ جي عَيش عِشرت تي، به اِيءُ آزار ٿيو بيشڪ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عُمر فارُوق جي واري، سَزا ڪِپڙي سَنهي تي هُئي،
اِهو مِشڪواة مُشفق ۾، اَثر اَظهار ٿيو بيشڪ.

هَميشه هاشميءَ تي ويس، هو هَٿ جو هَلڻ تائين،
اُنهيءَ ڪِپڙي ڪَتَيل مان پڻ، ڪَفن ڪوهيار ٿيو بيشڪ.

اَڳي اَشرافزادين کي، اَرٿ هُئا ڏاج ۾ ڏِيندا،
ڀَلا ڪِيئن پينڙُون! آن تي، سو ڀاري بار ٿيو بيشڪ؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

مولوي صاحب خلاف ڪوڙي گواهيءَ بابت

فالله خير حافظا

يارن ڀلائي ڪَئي ڀلا، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا،
بالا ڏَٺي لاٿي بَلا، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

ڪورٽ ڪَري ڏيکارِيو، شاهِد اکر جِت کارِيو،
تِت ٿي سَبق سيکارِيو، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

شابس هُجي شاهِد سَچي، ڪاهي پيو مَنجهه ڪَم ڪَچي،
حَق چِيو حَلاليءَ جي بَچي، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

جِن مُقدمو ڪيڙو مَگر، سي پڻ نڪِي ذاريان ڍِگر،
آهِن اَسان جيرا جِگر، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

ڪو آدمي اِنسان ڪو، ڪونهي اَسان اَرمان ڪو،
خُواجو[1] هُجي يا خان[2] ڪو، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

آسيون وَڏيون اَلله مِ، داور سَندي دَرگاهه مِ،
هَمراهه سو هَرگاهه مِ، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

---

[1] گل محمد خواجو
[2] مسو خان چانڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دَولت فَرنگي فانيہ، باقي نہ هِيءُ بَرطانيہ،
جَهڙ ناس ٿِئي نَصرانيہ، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

جانِب! سَگهي ٿِي جيترو، چَرخو چَلايو تيترو،
آن کي چئون ٿا ايترو، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

اِهڙي اَمن وارِي سَيا، جِنهن ۾ وِڙهن ياءُ ساڻ يا،
آهِن اَمن سي اَڻ لَيا، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

واهہ ڙي! اَمن جِي اَنجُمن، لُڏيون زَمينون ۽ زَمن،
اِن ڪان مَٿي ڪِهڙو اَمن؟ فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

اَللهُ رَهيو آهي ڏِسي، نالس مَٿان صَدقو سِسي،
مُنڪر ڪُسي ويندا ڪِسي، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

حِيلا حَوالا بيا چُڪم، دَرخواست دَر داور مُڪم،
جِيئَن حاڪِمن حاڪِم حُڪم، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

گورن سان گڏ گُمراهہ ڪو، بيشڪ ٿِئي بَدخواهہ ڪو،
اُلڪو نہ 'احمد' آهہ ڪو، فَاللهُ خَيرٌ حافِظا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤)

غازي مصطفيٰ پاشا[١]

ڪيو غالِب، غني، غفار، غازي مُصطفيٰ پاشا،
ڪرارو ڪِيو قوي ڪلتار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

چَڙهيو توحيد جو طالِب، خُدا غازي ڪيو غالِب،
ڪُهائي قيد ڪِيا ڪُفار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ڪمالي فَوج پَئي ڪاهي، وِڌئين دِل دُشمنن لاهي،
ڪيا سِر تِن ڌَڙن کان ڌار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

خُدا جا خاص بَندا جي، ڦُٻن ڪي ڪوهه ڪندا سي؟
ڪٺِي تنبُو ڪري تلوار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ظُلم ٿيڙا يَتيمن تي، سَمرنا جي سَقيمن تي،
وَري لاٿا اُهي آزار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

اَصل توحيد تان تَنگيون، نيون جابِر ڏٺي جنگيون،
وَڃايا تَثليث جا تَڪرار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

خُدا جي دِين مان خارج، لَڙايا ڪيئن لائِق جارج،
مَٿِ هَڪلُون بَڌي هوشيار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

جَناور قوم جُوناني، هَجي وَئي مَنجهه حَيراني،
وِڌي تِن مُلحدن ۾ مار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شِڪستيءَ ڪان پڳا شُومي، نہ پَئي مارگ جِي مَعلُومي،
مُنجهاين حَوصلو هيڪار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ہَڏي جِنهن بي گُهہ بيڊِي، ڪُتا ڪي، ڪي ٿيا قيدِي،
جُهڳو يُونان ڏوتو يار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

جَڏهن آيا جُهلي جوڙا، سِپهہ سالار خود سوڙا،
وِڌي ويرِيَن ۾ وارو وار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

وَڏيو اِسلام جو وارو، ٿيو ڪافر جو مُنهن ڪارو،
ٿيون سوپُون سَنديون سَردار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ٿيا سامان هَٿ سالِڪ، ڏِياريَس مال بيا مالِڪ،
غَنيمت وَڌ سَري غَمخوار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

جَجهو لاشڪ نہ لَشڪر هو، تَوڪل جو ہَڏي تُرهو،
رَکيا بارِي ڏَٽيءَ تي بار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

مَتو ماڻ مَڪارن تي، نِپاڳَن تي، نَصارن تي،
ڪَئي جِن سين قَتل جي ڪار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

فتح ٿِي حُڪم سين هادي، گَهرو گهر شُڪر ۽ شادي،
نہ ڪَئيو جَنگ ۾ جُونجهار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

دُعائون دوستو! ڪَريو، نہ واڌايون مِلن وَريو،
ڪَري نِت سوڀ سان سِينگار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ڦِتي نَوبت نَصارن جِي، ڪَيَئِين سَرسي سَچارن جِي،
ڏِني مَولِي مَدد مَهندار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُسلمانو! مُسلماني، جِياريو بَعد ئي جاني،
مُبارڪ آهِہ تِنهن مُختار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

ڏَٺِم! هِيءَ ديس دَم دَم ۾، ڪَري فَرياد ڪَم ڪَم ۾،
اِلاهي! ٿِي اَجهو آڌار، غازي مُصطفيٰ پاشا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۵)

ڪمالي مصطفيٰ[۱] پاشا

وِڏي سَٽ ڪُٽ ڪَمينن ۾، ڪَمالي مُصطفيٰ پاشا،
جُهڪو يُونان جو ڏوتو، ڏَمالي مُصطفيٰ پاشا.

سَمرنا شَهر سوما، خواهه عسڪي، خواهه ايڊريانوپل،
چڙهيو تِن مان نَصارن کي، نيڪالي مُصطفيٰ پاشا.

حُڪم بازِي هَلائي جن، هَٽي هِيڻن حَزينن تي،
ڪَڍيا سي حُڪم سين هادي، هَڪالي مُصطفيٰ پاشا.

ٿيو يُورپ تي يارو! هاڻ، مُشڪل مَسئلو مَشرق،
ٽِپي پيو رَهزنن جي مَنجهه، رِسالي مُصطفيٰ پاشا.

نہ سانگي سِرسَجڻ ري ٿِئي، سِپهہ سالار جي سَرسي،
فِدائي ٿِي ڏيکاريو، فَرض پالي مُصطفيٰ پاشا.

کِوڙ جِنهن پَر کِوي ڪُڻ ڪُڻ، مَٿي بُوندن پِنبي بادل،
ڪَيو تِيئن بَحر بَر بَندُوق، پالي مُصطفيٰ پاشا.

وِهاريو جن ٿي ويرين کي، صُلح نامي سَيوريءَ ۾،
نَصارا سي نَمايا، نيڪ نالي مُصطفيٰ پاشا.

عِلاقن جا عِلاقا اَڄ، ڪَيئن اِسلام لئي آجا،
وِٺو سوپن سَندا صُوبا، سَنڀالي مُصطفيٰ پاشا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قِلعي ڪِنهن مان لنگهيا ڪُنجي، قِلعو ڪو ڪاروائيءَ ري،
هَٿي پاڻهين ڪيئون هِڪدم، حَوالي مُصطفيٰ پاشا.

ڪُشادي قَلب سان ڪَم تي، ڪَمر ٻڌو ڪَشي ڪامِل،
ڪَيون قَومون ڪَنان ڪيڏي، ڪَشالي مُصطفيٰ پاشا.

لُچي ٿو لائڊ جارج جي، ڪُچي تان قَوم ۾ ڪارو،
ڏَڪي ڏهڪي وِڏس مَنجهه ٿَنپ ٿالي مُصطفيٰ پاشا.

مَرن شل! مُدعي مُنڪر، نه ٿِئي تِن مُدعا مَن جِي،
ڪَندو جَلوو جَلالت شال! جالي مُصطفيٰ پاشا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ جي تحريڪ

(ا)

ادا! گوري جو گولو ٿي

اَدا! گوري جو گولو ٿِي، گُذارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟
سَچي ڪَلمي تي ڪافر ڪي، ڪَرارو ڇَو ڪندا ڪيسين؟

رَهون گورن سَندا گولا، سَهُون ٿا بي گُنهه گولا،
ڀَلا اِن بي پِتيلي کي، ڀَلارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

مُسلمانن جي مُلڪن تي، ڏِنون ماٺ مَچائي جِن،
اَجان اِن اَنگريزن ساڻ، آرو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

ڀَلي ڀُورو گهُري ٿو ڀُون، ڀُلي جِي بادشاهي اَج،
اَگڙ اِن جي سَندو ٻيلي! ٻُهارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

وَسيلي ٿي وَصيت ڪَئي، جَزيري عَرب جي آخر،
وَري ساڳي وَصيت جو، وِسارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

نَجف اَشرف، مُعليٰ ڪَربلا، بَيتُ المقدس، بَغداد،
فَرنگيءَ کي تِنهين ۾، فَتح وارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

نہ اينڊِي ميمبري، بَندُوق، ڪُرسي ڪِنهن قَبر ۾ ڪَم،
ڇَڏي اِسلام عُهدن ڏي، اُهارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

اُٿي اَللهُ اَڪبر چَئو، وَڏي آواز سان 'احمد!'
ڪَڙو نالو نَصاري جو، نَقارو ڇَو ڪَندا ڪيسين؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٢)

انگريز حڪومت

اَدا! اَحوال ٻُڌجو، اَنگريزن جِي اَصالت جو،
حُڪومت اَهلِ شُومت، پُر خُصومت جِي خِصالت جو.

مَصالح مِرچ سَودڻ لئي، مُسافر مُلڪ ۾ آيا،
وِيَن جهٽ ۾ لڳِي ٻيو جهٽ، ڪيئُون جذبو جَلالت جو.

نہ ڏايا سي ڏِرڙ ڏِل مان، نہ لائِيُون لوڪ تي لوڪل،
وِڌائون ٽئڪس اِنڪم اَيڪٽ، اِجاره نئون اَيالت جو.

ٿيا مَعافي نہ ماڻهن کي، مَچي ۽ لُوٽ مينهَن جا ڪَڪ،
ٻڌئون وڙاهه تي واتون، وَٽن واڻو وَڪالت جو.

هُنر هِندُو ۽ مُسلم جو، حُڪومت هَٿ ڪَپي ڪَڍيو،
وَري اِن ڪارگر مان ڪير، سِڪندو ڪم ڪَمالت جو؟

اِها قُر قاعِدي سان ڪُل، بِنان قانُون جي ڪِهڙي؟
رَسائي، چيڙ، رُشوَت آهِہ، لاپو لا مَحالت جو.

پُڇين جي پار پوئواري، سَندا پوليس جي پُورا،
چِگون جي چور نہ تہ چاڪي، صَحي لَٽ سان تَڪا لَت جو.

پَريو ڪِيسو نہ ڪِهڙي ڪوس بابت ڪيس ڪورٽ ۾؟
ٻني ٻُنياد ڪان ايندو، ٻهانو ڪو بَطالت جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَنڌا شڪ آهِين جي ۾، اُگهاڙو عورتن کي ڪَن،
نہ پئي هَرگز حَلالِيَن کي، حَيا ڪر تِن جي حالت جو.

ٿِيَن اِنصاف اِهڙا اَجِ، اَنگريزن جِي اَميريءَ ۾،
اَجان آڪِن آسان جِهڙو، ڪو ٿيو عُمدو عَدالت جو؟

سَچي سَرڪار ناهي سَچ، چَئون آزادگيءَ کي اَچ،
بَري مُنڪر مَٿي مَر مَچ، مَلامت جو مَلالت جو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

ڪوي ٿي به ڪڻ

تُون آواز اَللهُ اَڪبر جو سُڻ،
هَڪيو اَچ هَڪل سان، هَڪو ٿِي مَ هُڻ.

مانادور، مَلبار، دَهلي، دَڪن،
قِلعو لال پَنهنجو نه ڪشمير پُڻ.

اُٿي خان! ڪَڻ تُرت هَٿ ۾ تَرار،
نه ڪوري ٿِي ڪَڍهن ڪَفن پَنهنجو اُڻ.

مُسلمان ٿِي مَردا! مَيدان جَهل،
بُتن باطِلن جِي ڪَڍي بيخ بُڻ.

گهٽان گهورڙيا نه ٻه ڪٽان ڪم اَندر،
چَڱيءَ چال ڏي چوٽ، چوٽي نه چُڻ.

اَٿي بيو نه آڌار اَللهُ ڌار،
چِڏي ڊر ٻِنَ جا ڌَٽي پاڪ ڌُڻ.

ڏِسيو ڪوس ڪَئونسل ڪُچي ڪِنَ ڪُجهه،
گهُري ٿِي گهٽان ڏِينهن گُونگن جِي گُڻ.

اَٽن زور اَئنم بَنائڻ مَٽي،
نه هَلندي سَندن پڻ جَجهو وَقت جُهڻ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اُٿي مَرد! اَللهُ اَڪبر چَئي،
ڪَپي ڳاج شِينهن جِي، نہ ڪُونجن جِي ڪُڙ.

اَٿئي سوپ ’احمد!‘ لِکيل لَوح ۾،
وُنو يا وَسي ٿو، ڪِوي ٿِي بہ ڪُڙ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۴)

ٻِلا! ڪر ٻِلو دين اسلام جو

اَوَل نام اَللهُ عَلام جو، مِنو نام مُرسل مِڻي ڄام جو،
صَلواتون پڙهو صُبح ۽ شام جو، اَمانت مَٿس بار اِلهام جو،
اَمانت جِي مَعنيٰ اَمن عام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

گهُرُون ٿا عَدالت اِلاهي جِتي، سو پَٽ پاڪ پَنجاب شاهي جِتي،
سَندا سِنڌ، سَرحد سِپاهي جِتي، بَلوچن سَندي بادشاهي جِتي،
بَندوبست بَنگال، آسام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

عَرب، شام، اِيران، اَفغان ڪُل، مِڙئي تُرڪ، مِصري مُسلمان ڪُل،
ڪِروڙن سَتن ۾ قَدردان ڪُل، اَسين ٿي اَچان سَرس اِنسان ڪُل،
نہ ٿورو اِهو اَنگ اَقوام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

لِکن ڏَهہ لَکن لوڪ لَبنان ۾، تہ ڦاٿا فِرانسيَن جي فَرمان ۾،
ڇَهہ صُوبا هَٽن ٿا هِندستان ۾، مَگر آهِہ مُڙسي مُسلمان ۾،
تہ مَهتن مَٿي مِينهن ماتام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

فَلسطِين جو فَيصلو دَستخط، ڪِروڙن ٻَجا ڪيتِرا لَک فَقط،
ڪِروڙن ڏَهن جِي قَضا ڪِيئن غَلط؟ ڏِئي ڳالهہ ڪي ڪو قَدردان قَط،
تہ آزادگي عَين اِسلام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

اَسان جي نہ هَٿ هيٺ هِندُو وِهن، تہ ٻيا واٽِيَن سان رَهي ڪِيئن رَهن؟
ڪِروڙن ڏَهن کي بہ قِلت ڪَهن، سَلامي بَنائِين صُوبن ڇَهن،
جِتي دَٻدٻو ڏُوم ۽ ڏام جو، ٻِلا! ڪَر ٻِلو دِين اِسلام جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِروڙن ڏَهن جو ته ڪُوڙو ڪلام، ڇهه صُوبا سَچا ڪَن نه ٻئي جو سَلام،
غَرض ناهه ٻَٺو غُلامن غُلام، غُلاميءَ تي ڪَن مُلڪ سارا مَلام،
ڏِسو مَسئلو مِصر ۽ شام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

گهٽائي اَسان جِي نه گانڌي مَجي، ته ٻيو ڪير واٽِن جي پاسي وَجي؟
وَجي سو بَرابر تو پيٽيون پَجي، سُيان سيٺ ڏِيندو به سِينون سَجي،
هَٽن ڏَڪ ڪُلهن تان ڪَشي ڪام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

نه نهچل سَگهي ڏيئي هِڪ نمبري، ڇهه صُوبن سَجن لئي پيا سَنبري،
قَبولي نه ڪَثرت ڪَڏهن قَنبري، نه سي مُلڪ مِلندن نڪا مِمبري،
وَجي خَرچ خالي خَجل خام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

مُسلمان جي مُلڪ مان هِڪ ذَري، وَجي جي ته واجب وَڃڻ ٿي وَري،
ڇهه صُوبا ڇَڏڻ ڳالهه آهي ڳَري، مِلن سي نه مَهتن پوَن مَر مَري،
نه گُسندو اکر هِڪ به اَنجام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

وَڃڻ جِنهن جو واجب وَڏي چوٽ سان، نه واجب وَڏو سو وَڃڻ ووٽ سان،
مَرڻ حَق نه مِهٽو مُڙڻ موٽ سان، فَتح روڪجي فَوج ۾ قوٽ سان،
نه گهوڙا! ڪَپي گوڙ گهر گام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

ڇهه صُوبا ڇَڏڻ جو ڇَڏي ڏي سَوال، وَڃڻ آهه واجب وَجن جي به وال،
پَڙهيا يا ڪَڙهيا ڪُفر جا ڪوتوال، گينواريا گهمن ساڻ گانڌي گُوال،
ڇَڏيو عالِمن عِلم اَحڪام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

گهڻن عالِمن جي به آهي ڪِٽي، هَڏي هوڏ ڪان هيٺ ڳهلن ڳِٽي،
نِڙيءَ ۾ اَڙي نيٺ نِڪري نِٽي، اَٽن رام جي راڄ جِي رِٿ رِٿي،
پِيَن سِر اَندر سُور سِرسام جو، ڀلا! ڪَر ڀلو دِين اِسلام جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڻن عالِمن عِلم ڏوئي چَڏيو، گَلي جو گلو ساڻ گانڌي گَڏيو،
لڳو تِن پُنيان جي نہ لالڻ! لَڏيو، عَرب خواهہ اِيران آسڻ اَڏيو،
هِتي راج رَهندو وَجي رام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

عَجب پاڻ ڪي نيڪ نِيت بہ ڪَن، وَري نيڪ نِيت نَصيحت بہ ڪَن،
وَڏا وات ڦاڙيو وَصيت بہ ڪَن، هَٽيو رام جِي ٿا رَعيَت بہ ڪَن،
اِهو آهِہ اِسلام اَظلام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

دَيانند دُشمن اَڳيان دِلپذير، نٿُورام، گوپال، هَر هِڪ وَزير،
ڪَيا جِن نَبيءَ تان نَقل ۽ نَظير، وَني طرف واڻِين جو واٽيو وَزير،
هَلي بَحث بَندش تي بَدنام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

ڪَديا ڪافرن ڪي ڪُفر جا ڪِتاب، ٻَلائي نَبيءَ جِي اَجايا عَتاب،
ٻَلن بَند ڪَئي سا شِڪايت شِتاب، ڪُيو تِنھن تي ڪولو ڪِيئن پيچ تاب،
گھَٽون گوڙ گانڌي ۽ گَھنشام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

ڏَرم ڏُوڙ جِهڙو ڳِلا گار گَند، گُهري پاڻ گانڌي نہ ٿِئي گار بَند،
هُلائِن چَوايو هِندُوڪار هِند، نہ سَتياگرهہ لئي سَفر پار سِنڌ،
سَري ڪُجهہ نہ سَرندن سَراَنجام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

ٻَلائي نَبيءَ جِي مَٿي زور ڏِين، ڳِلاخور سان گَڏ ڳِلاخور ٿِين،
ڪَديو نُور مان نار ۾ نور ٻِين، چَوان تِن ڪي چو دِين جا چور ڪِين،
ڪَديو دُشمنن دِين دُشنام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

زِياده نَهيو بَلڪہ ظاهِر ذَري، وَجي جي نہ وَنبي نہ وَنبي وَري،
بموجب حُڪم پاڪ پيغمبري، پُڇان ٿو پَڙهين ڪان خَبر اِيءَ ڪَري،
پَتو ڪو اِنهيءَ پاڪ پيغام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَمه حَرڪتون هِندُوئن جُون هِتي، اِنهن اَنگريزن کي آندو اِتي،
ٿلو جَنگ کان جَنگ جهيڙا جِتي، ڪِجي ڪِن طَريقن تَرقي تِتي،
اڪيَن ۾ نه اُهڃاڻ آرام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

گهڻون وَقت راجا رَهيا راجپُوت، بَنايو اُنهن آدمين کي اَڇُوت،
نه پائين پاءَ بَلڪه پائين پُوت، لڳي هَٿ اُنهن جو ڪَڍهن ساڻ قُوت،
نه ڪَن ٿا گلو بَند گُگدام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

نَبيءَ کان ڦِرن تِن نِهارين پيا، وَچن ڏِئي نه وِچ ۾ وِهارين پيا،
مَدد لاءِ ميمبر بيهارين پيا، هَزارين هَزارن تي هارِين پيا،
دَغا دوست! داڻو اِنهيءَ دام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

ڳِلاخور غافِل گَڏيا غَير سان، بيهن خَرچ خَيرات تي خَير سان،
سِيارو به سارو سَفر سَير سان، فَنا فَوج ڪَن ڦُوڪ جي ڦير سان،
حَريفن جَهليو حَرف هَرنام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

مُسلمان ڪِهڙو مِٺو مورڙو، ڇُهاري سَندن کي ڇُهي ٿورڙو،
نه پَڳوان ڇَئي ٿو پَڇي پورڙو، مِلين جي زِيادہ ذَرو زورڙو،
نه اَللهُ حافِظ اَمن عام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

اِهي ڪانگريسي اَٿو ڪانگ ويس، ڪِروڙن تي قَبضو گهُري ڪانگريس،
اَسين ڪِيئن ڇَڏيون سَندو دوست ديس؟ لٿو ڇاڻ تِن لوپين تان لِبيس،
نه مَذڪُور مَخفي اِنهيءَ مام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

هَٽِن هارِين لاءِ هامن تي هام، وِياجن وَنڻ لاءِ وامن تي وام،
گهُمائِن گُمراهه گامن تي گام، پَوي قَوم جو ڪَم نه ڪامن تي ڪام،
نه هَمدرد هِهڙي کي حَق عام جو، پَلا! ڪَر پَلو دِين اِسلام جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُسلمان جِي ليگ سان دِل لڳي، وِڳوڙن وِجهڻ لئي به ويري وڳي،
تَڙيو جو طَرف ڪان نه سو تِر تڳي، اَڃان آزمُودو اَڳي ڙي اَڳي،
اَڳي حَق نه ڪِنهن هُل نه هَنگام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

ڏِني ليگ لاشڪ لَڙائي گهَٽي، تَڏهن ٻائرو! بات ٻِگڙيَل ٻَٽي،
نه هاٽي ڦِٽايو نه هِڙدي هَٽي، وِچان مُلڪ واٽيان وَڃن ٿا ڪَٽي،
مِلو تِيئَن اڪر جِيئَن اَلف لام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

ٻَلا ليگ جِنهن ڪي نه لائق ڳَٽي، نه چو بار خِدمت خَلائق ڪَٽي؟
ڪَٽي شُغل ڪِهڙو به شائق وَٽي، ٿلهي فَوقيَت سان نه فائق ٻَٽي،
نه آسان ٿيَڻ عيوضي عام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

وَٺڻ جو فَرض تِير تَلوار سان، وَٺو سو ڏيئي ووٽ وِيچار سان،
ڪَٿن جِن وَڏيا ووٽ وَهنوار سان، سُٻان فَيصلو هِند سَرڪار سان،
اِهو آخري وَقت اِڪرام جو، ٻَلا ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

عَجب رَنگ اِسرار سي خاڪسار، سي گانڌيءَ سَندي گَس جِي خاڪ سار،
ٻَجن پاڪ ٻَٽ ڪان نه سي پاڪ سار، نه سي مِينهن مُوران مَگر ماڪ سار،
اَسان تي عَبث بار اِلزام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

وِجهن پاڻ ويچو وَري ڏوهه ڏيَن، نه هِي پاڻ ۾ هِڪ نه ٿا ڪوهه ٿيَن؟
وَڏا پاڻ ڏوهِي مَگر ڏوهه ٻيَن، سِڌي راهه بَدران وَنيو روهه نيَن،
نَظر نيڪ ڪَم ڏِئي نه نيڪام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

اَسين هِڪ خُدا جا ٻَندا هيڪ هَئُون، مَگر بُت ٻُوڄارين جو نِت نِت نئُون،
ٻَلا پاڻ ۾ ڪِيئَن لڳي ٿِي به لَئُون؟ ٻيا ڳَئُون ڪي سي پاڻ ٻُوڄِين ڳَئُون،
اَسان ۾ اِهو فَرق اَيام جو، ٻَلا! ڪَر ٻَلو دِين اِسلام جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَڍن انگريزن مَنجهان عَيب اِيءُ، نہ ٻِئي ڪي نَمائين نازيب اِيءُ،
اَسان جو بہ آواز آهہ غيب اِيءُ، اِلاهي! تِني بَند آسيب اِيءُ،
اَٿئون آسرو تُنهنجي اِنعام جو، ٻَلا! ڪَر ڀَلو دِين اِسلام جو.

جَلن شال! جان ۾ جَل هُجن، ڪَڙهڻ جن جِي قِسمت اَندر ڪَل هُجن،
هِندُو خوش هِندستان ۾ شَل! هُجن، مُسلمان مُلڪن مَٿي مَل هُجن،
وِنگو وار تِني ڪِنهن نہ وَريام جو، ٻَلا! ڪَر ڀَلو دِين اِسلام جو.

اَحد ۽ اَحد ساڻ آرام مُون، مَجيو دِل مَنجهان دِين اِسلام مُون،
گُلن مِٿل گُفتا ڪَندو گام مُون، پَرُوڙج پَڙهي پَر پُڇين نام مُون،
نہ اَلحمد مان ڪَڍ اَکر لام جو، ٻَلا! ڪَر ڀَلو دِين اِسلام جو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سفر حرمين

(ا)

ڪير صاحب! تو سوا

هِن عَميقن مان اُڪاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟
ڪم سَفيمن جا سُڪاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

ٿيون اَچن اُوچيون اُنن جِيئن، ڪَنڌ ڪٽيو لَهريون لَطيف!
هيٺ واري تِن وِهاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

اَي غَني غالِب! تو پَرتو، هِن غَربن جو غُراب،
نيئي رَسائي پَر ڪِناري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

رَک سَفيني کي سَلامت، سار لهجئن سِير ۾،
ڪان ڪُنن ڪِشتيءَ کي واري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

بار بارِي! هيڪ تو تي، اَي پَلا! هِن بَحر ۾،
تار مان تَڪرار تاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

مَوج پُنيان مَوج ٿو، ماري مَچيو مِهراڻ مَست،
تِن سَٽائو واءُ واري، ڪير صاحب! تو سَوا؟

لُطف سان لَهريون لَنگهائين، جي لڳن ٿيون لک هَزار،
نيئي بَندر تي بيهاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

جِيءَ جُدائيءَ ۾ جَليا، جَلدي مِلائين تُون جَبار!
ڏيهه عَرب ڏاتر ڏيکاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُلڪ موچارو مَدينو، ماڳ مُتبرڪ مَڪو،
نِئي اَسان اِن ديس ذاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

آهِه اَرواحن اَسان جي، آبِ زَم زَم جِي اُداس،
پاڪ پاڻي سو پِياري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

بُلبُلون باغِ بَدن ۾، ٿيون رَهن هِت بي قَرار،
تِن پَکيئڙن کي اُڏاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

آهِه آڳا! هِڪ عَجب مُون، آب جو، پيو آگبوٽ،
قُدرتون هِن رِيت ڪاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

شَهر هيڏو حُڪم تُنهنجي، ساڻ هاڪاريو هَلن،
سَئو سَبق اِهڙا سيکاري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

آئون نہ اَي صاحِب سَچا! سَگهہ تان سَندئي صَدقي وَجان،
پيو وَري ماري، جِياري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

اَي ڀَلا بارِي! ڪَبيون، تُنهنجون ڀَلايون چا بَيان!
ذات ڏوهيَن کي ڏِياري، ڪير صاحِب! تو سَوا؟

اَي اَحد اَلله اَعليٰ! عَرض 'احمد' جو اڳهاءِ،
تِنهن نماڻي ڏي نِهاري، ڪير صاحِب تو سَوا؟

*

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

(٢)

ٻساءِ ٻٽ پاڪ پرور

ٻساءِ ٻٽ پاڪ پرور! جت ٻرين پيرا لڳا آهن،
ڏڪاءِ ديس سو، جت دوست جا ديرا لڳا آهن.

مديني ميڙ مون مولا! مُلڪ ۾ مَلڪ جت مِليا،
چُمڻ سي چانٺ چَشمن ساڻ، چوڦيرا لڳا آهن.

سِڪهو سائين! ٻساءِ مون، سَڳورو شَهر سَرور جو،
جِدي ۾ هِن جُدائيءَ ڪان، جَلڻ جيرا لڳا آهن.

جِدي ۾ ٿو جُدا رَهجي، جَڏو سو ميڙ جانِب سان،
گدا سِر هِت گهنگهر گُوندر، ڪرڻ گهيرا لڳا آهن.

اَئم مَقصُود اَي مَولا! تہ مُرسل ساڻ ڪج ميلو،
چِنڻ ڪان جِنهن جي چاتيءَ ۾، چُريون چيرا لڳا آهن.

ڪريون ڇا هاءِ هادي! هِت، حَقيقت حال پَنهنجي جِي؟
مُدامي پَئي مَدائن ڪان، تہ مُنهن ميرا لڳا آهن.

مَدد ڪر مُلڪ جا والي! مَتان مَحرُوم ٿِي موٽون،
ويچارن کي وَڏا ويچاءِ ڪي هِن ويرا لڳا آهن.

اِلاهي! ٿار عاشِق جو، وَصل جي آب سان اَندر،
جِنهن ۾ سِڪ جام جِي ڪان، جَر جِپيون جيرا لڳا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳَندو قادِر نہ ڳَنداسُون، ڦَرين جِي قَدم بوسِي،
ڪَپت چا ڪان ٻُڌي ڪارڻ، ڪَرِيَل ڪيرا لڳا آهِن؟

قَدم ڪٽندي ڦُريشيءَ ڏانهن، ’ڳَندائي!‘ ڪِيمَ ٿِي ڪاهِل،
ڀَلا ڪِٿ باغ تان ٻُلبُل، ڀَجِڻ ڀيرا لڳا آهِن؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٣)

سفر حرمين دوران مختلف جاين تي چيل چند شعر

(١)

ڏِسي خانهٔ خُدا ڪَم خُوب ٿيندم، جي خُدا گُھريو،
مَٿي مِهراڻ مان مَطلُوب ٿيندم، جي خُدا گُھريو.
خُدا جي گهر گُناهن ۾، پَوي گهوڙا ڙُي گهوڙا ٿِي،
عَفو ڪان اُت عَجب اَسلُوب ٿيندم، جي خُدا گُھريو.
خُدا جي گهر خودي ڪِهڙي؟ نَبيءَ جي دَر نَوابي ڇا؟
جِسم مَحبت ڪَنان مَجذُوب ٿيندم، جي خُدا گُھريو.
قُريشيءَ جي ڪَرامت ۾، قَسم قادِر ڪَمي ڪانهي،
مَدد مُشڪل مَهل مَحبُوب ٿيندم، جي خُدا گُھريو.

*

(٢)

ٿا ڪَهُون قاصِد قَطاري، قافلو قافن مَنجهان،
نِج سَلامت سو سَنپاري، قافلو قافن مَنجهان.
اَي تَبارڪ رَب تَعاليٰ! تو سَندي تارِي تَڳُون،
ٿا اَسين اُسهُون اُٿاري، قافلو قافن مَنجهان.
مَحبتي مُشتاق رَڪيو، مُنهن مَديني ڏي وَڃن،
تُون پُڄائين دَر پِياري، قافلو قافن مَنجهان.
ٿا سُونهَن نِيلُون مُنارا، جِت مُحمد مِير جا،
ٿو وَڃي اُن ديس ڏاري، قافلو قافن مَنجهان.
يا اَحد! 'احمد' سَنديون، آسيون اُميدُون ڪُل پُڄاءِ،
خوش وَطن پوءِ ميڙ واري، قافلو قافن مَنجهان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٣)

تو اڳيان آڳا! اَپر عِصيان ڪِيو اَج ٿا اَچون،
آهہ صَد اَفسوس ۽ اَرمان ڪِيو اَج ٿا اَچون.
بَندگي بِلڪُل نہ ٿِي ڪا، هِن بَندي ڪان بادشاهہ!
ڪَئِن ڦِٽا واجب، فَرض، فَرمان ڪِيو اَج ٿا اَچون.
گهَٽ ڪَئِي مُون ڪانہ گهوڙا! مَنجهہ گُناهن غِيبتن،
شامتن سان شَرمندا، شَيطان ڪِيو اَج ٿا اَچون.
عاجزيون، آزيون، عَريضيون، اِلتجا آهي عَرض،
مِنتون ۽ مَعذرت، مَنان! ڪِيو اَج ٿا اَچون.
تو ڪَئِي قِسمت ڪَندي ڪان، ڪَعبة الله ذي ڪَرِيمِ!
بُلبُلن جِيئن باغ ۽ بُستان ڪِيو اَج ٿا اَچون.

*

(٤)

مَديني مُنهن ڪَريون ٿا موڪلائي، فِي اَمانِ الله،
ڪَندو بارِي پَلي پيڙو پَلائي، فِي اَمانِ الله.
وَڏا ڪي وَس وَصل خاطِر، وَجي ڪَنديَس نہ وِڄ وَرنديَس،
جُدائي جانبن جِي جِيءَ جَلائي، فِي اَمانِ الله.
هِنيين تي هَٿ بَڌي، حَضرت نَبِيءَ ڪي حال چَوندس هِيءُ،
ٺَڪيَن ٺورو ڪٽي ڪو لِله لائي، فِي اَمانِ الله.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۴)

عارف وري عرفات ۾

اَلحمدُ لِلّٰه! آئيا، عارِف وَري عَرفات ۾،
جِنهن پَر اَدا! مِڙندا اَچي، عالَمَ اَڳيان عَرصات ۾.

عالَمَ مِڙيا آڳي اَڳيون، بَد نفس جُون پيٽيون پَڳيون،
لَبيڪ جُون لوليون لَڳيون، لَک لوڪ ٿيا اِن لات ۾.

حَضرت نَبي هِت حَج پَڙهيو، عَرفات تي عَربي چَڙهيو،
مَولا مُحب موتِيَن مَڙهيو، مَٿ جِنهن نہ مَوجُودات ۾.

ڏاتر ڀَلارو ڏِينهن ڪِيو، سِر لوڪ مِهرن مِينهن پِيو،
شاغِل وَري هَر شِينهن ٿِيو، ساراهہ ۽ صَلوات ۾.

لَبيڪ اَللهُمَ لَڳن، ٿا رُوح ۾ راول رَڳن،
طالِب طَهُورا ٿا چَکن، بيشڪ ڀَلي اِن ٻات ۾.

جَهليا عَفو جا جِن اَجها، جاڳير جُڙيا تِن جَجها،
عاصِي لنگهيا اَوسر مَنجها، پيا ٻاغ ۾ بَرسات ۾.

ساڪِن عَجم توڙي عَرب، شَوقئون مِڙيا شَرق و غَرب،
تِن کي سَندي رَحمان رَب، واڪاڻ وائي وات ۾.

حاضِر هَزارين لَک ٿِيا، اَللهُ اَللهُ ڪَن پِيا،
تِن روح ۽ راڙها ڪِيا، اَج ذِڪر ذاتي ذات ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عاصِي عَرض اَچ ٿا ڏيَن، قادِر! ڪَرم تُنهنجا ٿيَن،
آهِن اُميدُون عاصيَن، ڏاتار! تُنهنجي ذات ۾.

رَحمت ٿيئي رَحمان ڪان، عاصِي ڇُٽا عِصيان ڪان،
آجا ٿيا اَرمان ڪان، قائل هُئا فِڪرات ۾.

بَخشش ڪَرم بِسيار ٿيو، وَڏجي وَهم وِيچار وِيو،
هِهڙو نه ڏِينهن ڏاتار ڪِيو، مَوجُود مَوجُودات ۾.

اِن ماڳ لَک مَوجُود ٿيا، زارِيَن ڪَرڻ ۾ زُود ٿيا،
مَوجُود تِن مَقصُود ٿيا، جايون مِليَن جَنات ۾.

جِت عام اِنعامون ٿِيون، باجُهون پَدم پَلٽن پِيون،
اُن جاءِ تي 'احمد' ڪِيون، آهُون هَمه اَوقات ۾.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵)

هو منارا مير جا

هُو مُنارا، هُو مُنارا، هُو مُنارا مِير جا،
اَڄ ڪَيا اونئَن اِشارا، هُو مُنارا مِير جا.

قاف ڪاهي قافلو، ٿيڙو قَريبَن ڪي قَريب،
جَر جَبل ٿيا جِيءَ جِيارا، هُو مُنارا مِير جا.

هُوءَ نَبِيءَ جِي نِيل سوني، آهِه ٿِي نِڪري نِشان،
جِيئَن سُونهَن اُڀ ۾ سِتارا، هُو مُنارا مِير جا.

دَرد دُوريءَ جو لٿو، داخِل ٿياسُون دَر رَسُول،
شُڪر ڪَريو شَوق وارا! هُو مُنارا مِير جا.

هُوءَ قُبا مَسجد قَريبَن، هُو قُبا، هُو ڪُنگرا،
ٿا سُونهَن اِن طَرف تارا، هُو مُنارا مِير جا.

هُو سَچو سَردار، هُو صِديق، هُو عادِل عُمر،
ٿيئي پيڙا گڏ پَلارا، هُو مُنارا مِير جا.

هُو مَدينو، هُو مَديني جا مَحل ۾ ماڙِيون،
هاڻ ٿيو مومن! مَتارا، هُو مُنارا مِير جا.

اَڄ تہ ’احمد‘ ڇَئي اڪيَن جِي، عِيد اَندر عِيد ٿِي،
ٿيون ڏِسن باغ و بَهار، هُو مُنارا مِير جا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٦)

اي شاهِہ عالمَ الوداع

حَضرت مُحمد مُصطفيٰ! اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!
سَردار سَيني سَيدا! اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

حَضرت مُحمد مُصطفيٰ! سُلطان! صُورت با صَفا،
تو هَٿ شَفاعت جِي شَفا، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

حَضرت مُحمد مُحترم! ڪامِل! ڪِجا مُون سان ڪَرم،
هاريان هَنجُهون ٿو مَنجهہ حَرم، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

اَحمد مُحمد اِسم تو، اَعليٰ قَسم سان قِسم تو،
جوهر جَهانن جِسم تو، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

مَهتاب آهين مَحفلن، مَهندار مِڙني مُرسلن،
بيشڪ ڀَلارو مَنجهہ ڀَلن، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

آهين اَڄهو آڌار تُون، سَيني سَندو سَردار تُون،
مالِڪ اڳيان مُختار تُون، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

مُرسل مُحمد مِير تُون، عَربي نَبي اَڪسير تُون،
وارِث وَسيلو وِير تُون، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

مَحبُوب تُون، مَرغُوب تُون، مَن جو مُدعا مَطلُوب تُون،
سارِي خَلق ۾ خُوب تُون، اَي شاهِہ عالَمَ اَلوداع!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عالَمَ ۾ عالي شان تُون، سالِڪِ طبع سُلطان تُون،
سارِي خَلق جو خان تُون، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

تُون شاهه شافِعِ اُمتن، غمخوار ڪاشِف غم تَن،
هَمراهه عالي هِمتن، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

آڏار تُون آهين جَڏهن، تو وَٽ تَوسل لئي تَڏهن،
هَلِيو اَچن هِيٽان هَڏهن، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

دَر تي اَوهان جي دَم بَدم، پينار پَرچن ٿا پَدم،
آئون پڻ پَري آيَس قَدم، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

شافِعِ شَفاعت جا ڏٽي! آيَس خَطائون سَئو کٽي،
ٿِي تار ۾ تُرهو ٽٽي، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

ڪَر مِهر سِر مُحتاج تُون، جِنهن کي هَزارين حاجتُون،
سَڌڙا سُڄ سَرتاج! تُون، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

مُنهنجو سَماءَ سِر سَير ڪَر، حاصِل خُدا تُون خَير ڪَر،
غَرقُور دِل جو غَير ڪَر، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

دِلبر! نہ دَم جِي دير ڪَر، مُون تي شَفاعت شير! ڪَر،
پڻ ماڙ محشر وير ڪَر، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

تو لاءِ عالَمَ جا اَجها! ڏورِيام ڏُونگر ڏيهہ جَجها،
هاڻي ڪَڍو هَولن مَنجها، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

تو لاءِ سالُون ٿي سِڪيَس، قِسمت ڪَرم سان پوءِ چِڪيَس،
اوڏر لُطف جِي ۾ لِڪيَس، اَي شاهِه عالَمَ اَلوداع!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

صاحِب سَٺايا سال ڪِيا، بيحد پِلايون پال ٿِيا،
ڏَک ڦَٽ چُٽي فِي الحال وِيا، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

ديکي اَجان دَرسن ذَرو، اکيَن نہ پِليو آسرو،
مارِيو موٽيو مامرو، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

تُون پيشوا پيغمبرن، تُنهنجي ڪَري بُوءِ عَنبرن،
ساٿي سُپاٽي سَنبرن، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

مَقبُول تُون مَنجهہ مُقبلن، مُون کي مَنجهان هِن مَحفلن،
مُشفق! نِيو ڪِن مُشڪلن، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

ديکي قُبا ۽ ڪُنگرا، مِحراب، مَسجد، مِنبرا،
لاٿي نہ مُون سِڪ سَروَرا! اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

گهوڙا! گهر گلشن ڏِسي، روضا چَمن روشن ڏِسي،
ڊائي نہ دِل دَرشن ڏِسي، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

هَفتي بَجا حَضرت! هِتي، سارِي عُمر گُذري اِتي،
تہ بہ ڏِٺو نہ جانِب! تُون جِتي، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

ڏَهہ ڏِينهن ڏِٺي ٿي ڪِين ٿِيا، تان غم نيئي غمگين نِيا،
ماتام ۾ مِسڪين پِيا، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

قِسمت ڪَندي ڏاري ٿِيم، سُورن سَندون سازِي نِيم،
وَڍِ وَڍِ وُجُودن مَنجهہ پِيَم، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

قِسمت ڪَندي ڏاري ڪِيئُون، چَڏ باغ بُلبُل کي چِيئُون،
آرام اَندر جو نِيئُون، اَي شاهِہ عالَمِ اَلوداع!

books.sindhsalamat.com　　www.sindhsalamat.com

لاٿيم نہ سِڪ صُحبت ڪَري، پرِيَمِ! وَريو جان پَئي ڀَري،
دِلڙي ڏَليلن ۾ ڳَري، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

مُرسل! تو جهڙي مِير سان، ڏُکيو وِڇوڙو وِير سان،
طاقت نہ پَر تدبير سان، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

بيوَس وَطن وَريو وَڃان، بُت بي قَراريءَ کَئون پَچان،
آهِہ اکيَن کي اُڃ اڃان، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

هِي دَر ڏِسي دَربارِيون، گُنبذ سَنديون گُلزارِيون،
ڦاٽي هِنيون ٿيو ڦارِيون، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

روضي مُبارڪ وَٽ رَڙي، گهوڙا ڙي گهوڙا ڪَئي گهڙي،
ڳوڙها ڳِلن سِر پيا ڳڙي، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

حَضرت! ڏِسيو حُجرن طَرف، هَي هَي جو واتان پَئي حَرف،
وِڳهريَمِ بُت جيئَن ڪَر بَرف، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

مِحراب مِنبر تو سَندا، ڏُسڪن ڏِسيو ٿا ڏُک وَندا،
ڪامِل! وَچن ڪُوڪُون ڪَندا، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

حَنان ٿَنڀ هاڻي جهلي، بينس رُوئڻ ۾ پَر جَهلي،
جيئڙو جُدائيءَ کَئون جَلي، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

مَسجد حَرم جِي مان هَلي، ڏُونهن چانڻ جي آيَس چَلي،
ماتم مَچايو اِت مَلي، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

چانڻ چانديءَ جي چُوَن، لَک رَت تِپي راول رُوَن،
قُربان ٿيو قُربئون پُوَن، اَي شاهِہ عالَم اَلوداع!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِن پَر مَديني ڪَٿون مِيان! جاني! جُدا اَڄ ٿو ٿِيان،
غم جا پِيالا پُر پِيان، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

رُخصت رَضا اَڄ رَهبرا! طلبيَم اِجازت اَنوَرا!
ٿو موڪلايان مِهترا! اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

ذر ذر جُدائيءَ ۾ جَفا، بَرسر سِتم صَدمان صَفا،
اَڄ موڪلائي مُصطفيٰ! اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

مُرسل مِٺا، مَن جا مُدعا! جاني! ٿيان ٿو اَڄ جُدا،
موٽي ڪَندو ميلو خُدا، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

جانِب! خَبر ناهِہ ڪَري، تان ڪِيئَن عَرب ايندس وَري؟
يا ماڳ ٻِئي ويندس مَري، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

دِلبرا! دُعا جو ڏَيِ ڏِجا، ڪامِل! ڪَرم موٽي ڪِجا،
آخر نماڻو گڏ نِجا، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

دِلبرا! دُعا دَرگاهہ مان، عَربي! گُهرج اَللهُ کان،
موٽي مِلان تو ماهہ سان، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

دِلبرا! ڪِجا دَم دَم دُعا، مَوجُود ٿِئي مَن جي مُدعا،
آخر شَفاعت شافِعا! اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

تو مِثل مُورت ۾ نہ ٻيو، سِيرت ۽ صُورت ۾ نہ ٻيو،
ضامِن ضَرُورت ۾ نہ ٻيو، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

مُنهنجو ٻَهر ٻيڙو ڪِجا، موٽي سَندم ميڙو ڪِجا،
’احمدؔ‘ اَحد ٻيڙو ڪِجا، اَي شاهِہ عالَمُ اَلوداع!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڄامشورو پُل

وِيهن ٽِيهن ڪِروڙن سان، ٻَڌي پُل ڄامشوري تي،
لڳا ماڻهون لَٻاڙن تي، ڏَنڊُون پوڪيئون ڏَنڊوري تي.

گُذر لئي گاڄِيا، گُوني، هَلائيون هيڪ ٻِئي هيڻان،
لُڙهي ويو سَئُو لَکن جو ڪَم، اُڇل سان آبَ ٿوري تي.

ڦُليلي ڦُل وَهڻ ڪان بَس، عَلي پُر ڪان ٻه دَر اُن کي،
وَهن ٿا واهه تِنهن ڪان هيٺ، ٿورا سي ٻه ٿوري تي.

اَچي ويو لاڙ کي لوڏو، نه لالڻ لاڙڪاڻي ۾،
گُهمن ٿا مُفت موٽر ٻي مَهل موري ڪَٺوري تي.

ڪِروڙين ڪوٽڙيءَ ۾ ڪُٽ، ڪِروڙن جو ڳَلر ۾ ٻِڃ،
سُٽي سَرڪار اُپربي سِڄ، ڇُري ڪِنهن جي نه چوري تي.

ٻَنايو ٻَند کي بيڪار، جِنهن عَملي اَڃاٽپ سان،
هَلي سو چو نه هِڪدم ڪيس، تِنهن ناطِق نِدوري تي؟

وَزيرن مان وَڃي ڪِنهن وَٽ، پُڪاريو پُوڇڙيءَ وارن،
نه اُلٽو داد ٻَدران دوست، ڪَن ٽوڪُون ٽَڪوري[1] تي.

---

[1] مولوي صاحب جو دوست محمد بچل ٽکورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هَلن واري وَٽيءَ تي، فَرش ٽوڙڻ ۽ ڀَڏڻ جا ڪم،
لَهن لَحظي ڏَهُوٽان ڏَنڊ، ڪِنهن ڏاڏي[۲] جي ڏوري تي.

گُهرو اَللهُ کان 'احمد!' تہ مَولا مِينهن وَسائي ڪو،
پِڃي ٿَر، ٻَر، ٻَديٽا، پِٽ، ٻَنو، ٻُلڙي، ٻَنوري تي.

*

۲ مرحوم حاجي عبدالله شاهہ تي ڪڙين جي منهن ٽوڙائڻ تي محمد خان پناڻ داروغي ڪيس ڪيو جنهن تي مسيح الزمان ڏهوٽو ڏنڊ مڙهيو جيڪو مولوي صاحب معاف ڪرائي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انحرافي ڪيئن ٿئي

اِنجنيئر هِڪ جي اَمر جِي، اِنحرافي ڪِيئن ٿِئي؟
مُلڪ مَر بَرباد ٿِئي، پَر بَرخلافي ڪِيئن ٿِئي؟

اَڌ اَوائل ۾ اَسُوءَ جي، واهه گهاڙِي بَند ڪَئي،
ڪَم ڪَٽيءَ جو اَي ڪَمشنر! چَئُو ته ڪافي ڪِيئن ٿِئي؟

پوک پاچاٽي ته پَڪ، بيهندِي اَجان مُدت ٻه ماهه،
سوڪ مَنجهه سَرڪار! چَئُو، سا سار صافي ڪِيئن ٿِئي؟

تار ڪَلڪٽر ۽ ڪَمشنر کي، ڪِيائون ڪُجهه نه ٿيو،
حَق تَلفي مَر ٿِئي، پَر حَق تَلافي ڪِيئن ٿِئي؟

ڪي ٻَنيون ڪِيري ۾ ڪاٽيون، ڪي اَڳِي نِسرڻ جي ناس،
پوءِ مَٿا پِٽيا مُخادِمِن، ته مَعافي ڪِيئن ٿِئي؟

مَهند مادِي چَئِي چُڪا، ٻانگون ڪُڪڙ جُون چا ڪَنديون،
اَنگريزن جي اَبِتڙ جِي، اِعترافي ڪِيئن ٿِئي؟

جَو پَٽاٽن تي مَ ٻُلجو، ٻُون اِنهيءَ جو پير ٻيو،
جابجا يُورپ جِهڙِي، جاگرافي ڪِيئن ٿِئي؟

چائي پَئِي سَرڪار سُڌريَل، مُند سِيارن جِي نه سُڌ،
تِنهن وَٽان سَچ پَچ، سُڌارن جِي صَرافي ڪِيئن ٿِئي؟

ڏي سِگهو ئي سوپ صاحِب! ڪَر سَقيمن کي سَگهو،
تو سَوا سانيَم سَچا! ٻيو شَخص شافي ڪِيئن ٿِئي؟

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نجم الدين سريوال جي اليڪشن بابت

سريوال مان مَن! سري وال ڪو

پُڌم قاضين هَٿ ڪنيو ڪال ڪو،
سِريوال مان مَن! سَري وال ڪو.

گُهري هَر هَزاري هَٿيڪو هَزار،
نہ سَئو ڪن تي سَگهندو ڪَٿي سال ڪو.

وَڏيرا بَنيا مال وِڪري سَندو،
ٿِئي مانَ! نيڪن جو نيڪال ڪو.

وَڏا ووٽ وِڪٽيو وِڃائِنِ واٽ،
بيهر پاڳ پَڌندو قَضا نال ڪو.

هُجي مولوي يا هُجي مالوي،
مُفت ڪي ڪَپي مُفت جو مال ڪو.

قَطارُون ڪَريو ڪالهہ مُون سان هَلياء
چِنان چانگ مان سي ڏيئي چال ڪو.

منٽ جِي نہ مُهلت ڏِني مُور جن،
وَجي تِن وَسايو بيو هال ڪو.

وَجن جِنهن بہ ووٽر تي موٽر وَٺي،
نہ ٿيلهو گُهري يا ٿَميَل ٿال ڪو.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

چَڱائيءَ مَنجهان اَڄ چڱهائي رَسي،
چَڱائي مَلهائي چَڱيءَ چال ڪو.

سِريوال سَرسي ڪَٽي خَير ڪا،
پَلي ڳَڌ ڳُهمائي ڳُرو ٻالڪو.

ٿلهي ڪَر نہ ڪِر ڪِر ڪِرڻ ڪان اڳي،
نہ ’احمد‘ ٻُڌي تُنهنجو اَحوال ڪو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زلزلو ڪوئيٽا ۱۹۳۵ع

هڪ منٽ ۾

اڪيون ڪول اِنسان! هِڪ مِنٽ ۾،
مَ ٿي مَست مِهمان! هِڪ مِنٽ ۾،
اَٿئي رُوح رَيحان هِڪ مِنٽ ۾،
گُهمي ڏِس گلُستان هِڪ مِنٽ ۾.

اَچان ياد جاپان، بَرما، بِهار،
نہ آيو وَري اوچتو اِشتهار،
نہ ڪِيو قَهر ڪوئٽيا تي قادِر قَهار،
خَتم ڪَم ڪوهستان هِڪ مِنٽ ۾.

سَنجهي جو سُتا جي ٿڌي هِير تي،
بَدن گُل بَنيا بادِ شَبگير تي،
اَسُر وَقت وَريو وَڳر وِير تي،
تَباهيءَ جو طُوفان هِڪ مِنٽ ۾.

اَسُر وَقت اڪڙيون ڳَري گهَر ۾،
نہ ڪوئٽيا اَچي ويو ڪِنهين قَهر ۾،
سَدا شُغل شاديون جِنهين شَهر ۾،
سُڃي ڪُوڪ اُت ڪانہ هِڪ مِنٽ ۾.

سَنجهي شَهر ۾ شُغل ۽ شادِيون،
گُلن سين مَرڙهيون گهوٽ لئي گادِيون،
فَجر وَقت فَرياد فَريادِيون،
خوشيون ڪيل خَيمان هِڪ مِنٽ ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَنجهي جو سُتا خان ڪَٽ تي ڪِلي،
اَسُر وَقت سَڀ ويا مِٽيءَ ۾ مِلي،
رَهيَن دِل جو دِل ۾ ارادا دِلي،
سُجان ساز سامان هِڪ مِنٽ ۾.

وِڇڻءَ وَقت گُلشن ۾ ڪَن گهوٽ گشت،
پِنيرڪي بَنيا سي بَيابان دَشت،
بَري باهِه اُت، جِنهن کي ڀانئيون بِهشت،
ڦِٽا باغ بُستان هِڪ مِنٽ ۾.

سَڄڻ! ڇا سَليان ڳالهه اِن سُور جي؟
مُصيبت سَندي مَوت مَذڪُور جي،
نہ ويا ڀَرپين پُور ۾ پُورجي،
عَجب رَنگ اِنسان هِڪ مِنٽ ۾.

جِتي باغ، بَنگلا ۽ بُستان ڪَئين،
مَزن لئي مِڙيا مال مَستان ڪَئين،
زَبردست هُئا، زيردستان ڪَئين،
ٿيا تُرت تاباں هِڪ مِنٽ ۾.

سَحر وَقت سَيڪو مِٺي ننڊ ۾،
نہ آين اَجل جي چِٽي ننڊ ۾،
نہ ڪِنهن، ڪِنهن جي صُورت ڏِٺي ننڊ ۾،
جُدا ٿيا جِگر جان هِڪ مِنٽ ۾.

اَسُر وَقت آرام ويٺا وَٽي،
نہ ڏَرتي ڏُٻي ساڻ دَهشت گهَٽي،
هُئي پيڙ پِٽيَن، پيئي چِت چِٽي،
سِرن هيٺ سَروان هِڪ مِنٽ ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَنجهان سِنڌ، پَنجاب، ڪابُل، قَنڌار،
ڏِلي خواهہ ٻئي ديس ڪان ڌار ڌار،
اُڳُوڻ تي اَڳرا مِڙيا مَت سُڌار،
ٿيا دوڳ ڏِگران هِڪ مِنٽ ۾.

جُمعي رات جاني! سَتاويهن صَفر،
سَوا تي ٻَجي ٿيو سُتن سَڌ سَفر،
نِگُوسار ويا شاهہ، نَوڪر، نَفر،
ڦِٽن نام نِيشان هِڪ مِنٽ ۾.

سُٺو ڏيکھ سَئو ٿِيھہ، وِيھہ مَيل ويڪ،
اِنهيءَ وِچ ۾ آيو ڪو لوڏو ئي هيڪ،
نہ ڪَئي ڪِنهن ڪِنهين سان سَلامٌ عَليڪ،
ٻَريا شَمع، پَروان هِڪ مِنٽ ۾.

مُڪيہ شَهر مَستونگ، ڪوئِٽيا، قَلات،
ننڍا ڳوٺ هِڪ سَئو، لڳي جِن جِي لات،
جِتي عَيش هَر ڪِي هُئا حاصلات،
مِڙئي مُلڪ مَيدان هِڪ مِنٽ ۾.

لِکَهار ليکو ٻُڌايو ٻَڌي،
اَسي ڪِن هَزارين ڪِ ويندا وَڌي،
ڪَري ڪَهل ڪَر، ڪِنهن نہ لاٿن لَڌي،
ٿِيَن حال حَيران هِڪ مِنٽ ۾.

مُئا مِير، ماڙيون ڍَهي ڍير ٿيون،
ڏَڙن هيٺ دانهُون گهٽي دير ٿيون،
وِلهن جُون نہ واهُون ٽِنهين وير ٿيون،
وَڻيَئون راهہ رَحمان هِڪ مِنٽ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَندا نَو ڪمشنر رَمي ويا رَئيس،
بَچيا وِيهہ، مَنجهان چِئِن هَزارن پُليس،
ڪِريا ڪوٽ، ٿيا ڪوئِٽيا پاس ڪِيس،
ڪِپر هيٺ ڪِپتان هِڪ مِنٽ ۾.

خَتم ڪيل ڪاتي هَوائيءَ سَندو،
رِسالو بہ چَٽ ريلوائيءَ سَندو،
هَليو ڪوس اِن ڪاروائيءَ سَندو،
حُڪم ساڻ حَنان هِڪ مِنٽ ۾.

پِٽيَن ۾ اَڇي ويا بَهادُر بَلوچ،
نِياءَ جن نِبيريا ڪَري سَمجهہ سوچ،
ويا لال لَٽجي ڪَندي لوچ پوچ،
ٿيا خُون ڪَئِين خان هِڪ مِنٽ ۾.

گهَٽان گهوٽ گهوڙا! چِپن ۾ چِنان،
لَٽيا لاش لالن، ڪَڙهي ٿيا ڪِنان،
نہ سَرڪار ڪوٽيا، نہ ڪوٺڙ ڏِنان،
دَڙن هيٺ دِيوان هِڪ مِنٽ ۾.

هُئا سَئو تي سورنهن چَٽا هِڪ ڪُٽنب،
مِڙن ڪي رَڪيا مَوت سِيني تي سُنب،
بَچيا اُت بہ باقي مَنجهان باغ اَنب،
غَمن ۾ سي غَلطان هِڪ مِنٽ ۾.

سَندا شَهر شِڪارپُر شاهُوڪار،
هُئا ڪي اِنهيءَ هَنڌ بارهن هَزار،
نہ آين ڪو اوڏو ڪندي اِنتظار،
ڏِنائون جَلي جان هِڪ مِنٽ ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَجي شَهر تان سانئر ڦِريو سُتي،
حَشر حادثا اَچ هَزارين هُتي،
جِتي راڄ هُئا، روڄ راڙها اُتي،
مَتا گوڙ گهمسان هِڪ مِنٽ ۾.

جِتي ٿي رَهيا راڄ ڏوليا ۽ ڏَٽ،
اَجل سَڀ اُجاڙيا اُمالڪ اُڦٽ،
بَچيا سَئو تي ڏَهه، چار تِن ۾ ٻه چَٽ،
ڦِٽو نَڪ، ڦٽي ران هِڪ مِنٽ ۾.

جِتي مَغز واسيو ويا واس مان،
هُئي هِير هُٻڪار هَر پاس مان،
بيهي اُت سَگهي ڪو نه اَچ باس مان،
لُڙهي ويا ٻه لوبان هِڪ مِنٽ ۾.

پُنان دادلن جا ڏَڙن هيٺ دَم،
اَسُر وَقت ڪِيَئون آستانو عَدم،
ٿيا ڪوئٽيا ۾ ڪِروڙين پَدم،
نَقد مال نُقصان هِڪ مِنٽ ۾.

جِتي گهوٽ گهوڙن تي، گهوڙا اُتي!
جِتي لال هُئا، لال گوڙها اُتي!
جِتي وَصل وايون، وِڇوڙا اُتي!
اَمن هَنڌ اَرمان هِڪ مِنٽ ۾.

ڪُنڊين ۾ جِنين ڪالهه ڪانيون ڪَجل،
مَٽي تان مِٽي اُن ڪي وارِي اَجل،
هَميشه هُجي هِڪ خُدا عَز وَ جَل،
ٿِين خاڪ خاقان هِڪ مِنٽ ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هُئي آس جنهن اَولياءَ ۾ وَڏي،
اُنهيءَ کي به آفت اِهائي گڏي،
خُدا پاڪ خالي ڪَرائي ڇڏي،
حَويلي حَسن جان[1] هِڪ مِنٽ ۾.

گدا ٿيو وَتي گل مُحمد وَزير،
وَجي ڪُل وَڳر مان رَهيو راج وِير،
بَدن ۾ بُکون، سِر اُگهاڙي اَمير،
ويَس شَوڪتون شان هِڪ مِنٽ ۾.

سَدائين هُيون جي سُهاڳڻ پَريون،
ٿيون ڏِينهن هِڪ ۾ ڏُهاڳڻ پَريون،
بُکون هاڻ پوڳِين پاڳڻ پَريون،
پَريءَ رُوءِ پَريشان هِڪ مِنٽ ۾.

اَميرن جو اَولاد اَڄ چوررڙو،
مِلي تِن کي مُشڪل ٽُڪر پوررڙو،
مِليا ڪالهه جِن جي ڪُڇڻ ٿوررڙو،
پُلائون ۽ پَڪوان هِڪ مِنٽ ۾.

سَوالي وَتن اَڄ سَوين سينيون،
هُيون ڪالهه پُرپُور جِن پينيون،
لَٽا لِير، تِن تي لَٽون ويٺيون،
پَسڻ ۾ پَشيمان هِڪ مِنٽ ۾.

لهو سار ساوا! سَقيمن سَندي،
رُلي پاڳ رَنڙين، يَتيمن سَندي،
اِها ڪار آهي ڪَريمن سَندي،
ٿِيَن عَفو عِصيان هِڪ مِنٽ ۾.

---

[1] پيير حسن جان سرهندي

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

سُڪن گڏ اَندر آڳ آلا ٻرن،
ڦِٽو شهر شامت ڪَنان مُنڪرن،
ڏِسيو ڏيهه ۾ ڏوهه ڏُونگر ڏرن،
جَبل مَنجهه جولان هِڪ مِنٽ ۾.

غَضب غافِلن تي گُڙيو ٿو گُڙي،
مَٽي ڪِنهن نه آيو، نه مُورهين مُڙي،
وَٽن جي جُڙيا، ٽِن نه جوڙي جُڙي،
وَسيون، شَهر وَيران هِڪ مِنٽ ۾.

ڏيکاري ٿو ڏاتار ڏوهين ڏَمر،
ڪَني تان ٻَڌن ڪَم چَڱي تي ڪَمر،
پُڄي ڪِينَ ايندو اِلاهي اَمر،
اُجڙ اَهل اَيوان هِڪ مِنٽ ۾.

غَضب غافِلن تي ٿو گوڙيون ڪَري،
ڪَڏهن قَهر هَٽندن تَباهي تَري،
ڪو سَمجهي ته وَهلُو خُدا ڏي وَري،
ڇَڏي ڪار ڪُفران هِڪ مِنٽ ۾.

عَرضدار ’احمد‘ جو آذار اُو،
لهي مانَ! سَڪرات ۾ سار اُو،
پَڙهي پاڪ ڪَلمون پَسان پار اُو،
اَمن ساڻ اِيمان هِڪ مِنٽ ۾.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۵۵ع ۾ جهمپير واري ريل گاڏيءَ جي حادثي بابت

ڏيل ڏکيو ٿا وڃن

حادثي جا حال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن،
جر اکين مان جال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

ڪوھ جاٽان قهر ڪهڙو، وچ ڪراچي، ڪوٽڙي،
جُنگ، جهم، جنجال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

ٿي سٽيءَ کان اڳ سٽيشن، موت جي سامهون صحي،
اڳ نه وڌيا وال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

ٿيا ڪراچيءَ جي عيوض، قابُو قبر جي کوپ ۾،
منجهه مِٽي مَتوال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

جن اَجان آسيون گهٽيون، اکيُن اندر ۾ سانديون،
ٿيا فنا فِي الحال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

ڪونر ڪيڪاٽيون ڪندي، ڪئين ٿيا ڪڙهي ڪارا اگارا،
پرٽيل پرسال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

آگ اَٿ گاڏا سَجا، ڪوڙي ۾ ڪِيا قابُو ڪٽي،
پوءِ پَڌري پَال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

باهِ ۾ جيئري جَلي، ڦُلهيار ٿيا ڦُلهيار سان،
ڪوڪ ڪَنڌ ڪنمال، ڏسندي ڏيل ڏکيو ٿا وڃن.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪي سُتي ئي ويا سَڙي، ڪِن کي تہ ساريو پيا سَڙون،
ڪَن بہ چا ڪَنگال؟ ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

گَس تي گاڏو گَيس جو، پيو تِنهن تان پاڪِستان مَيل،
مَيل چاليھ چال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

سَئو سَڙي ويا سِنڌ ۽ پَنجاب، سَرحد جا سَوار،
ٿيا پُجي پيمال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

وير ۾ ڪِنهن وَر وِڃايو، پڻ وِياءَ ڪِن ڪان وِيا،
ڪِنهن جِي ضايَع زال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

ڪِيئن سَڳا تِن کي سُڃاڻن؟ پير، هَٿ، مُنهن، نَڪ، نِراڙ،
چَٽ سَپِئي چِٽسال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

ڇِپ ڀَڙ، ڇِپيَن ڀُڃاريا، مَڙهہ مَٽي ۽ هيٺ ڏِٻِن،
ساڻ چُون چُون چال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

لاش ڳوليندي لَپِن ڪي، ڪي ڪِٿي ڪاريون هَڏيون،
اِيءُ اکيَن اَحوال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

ڪير ڪيري کي سُڃاڻي؟ ڪير هِي، يا ڪيترا؟
مَت مُنجهي مَتوال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

ڪَم خَطائون يا خُدا! نہ تہ خَير ڪوڻهي خَلق ۾،
شامتي اَعمال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

هَر جَماعت ۾ جُمعي ڏِينهن، پَڪڙيون خَبرُون خَميس،
هِيءُ قَضيو ٿيو ڪال، ڏِسندي ڏِيل ڏَکيو ٿا وَجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرهه ۾ پنجين ٻجي، ننڍڙا وڏا سڀ ننڊ ۾،
لُوٽجي ويا لال، ڏِسندي ڏِيل ڏَڪيو ٿا وَڃن.

سال تيرهن سَئو ٽيهتر ۾، ساماهان سڙندا رَهيا،
مَرد، مايون، مال، ڏِسندي ڏِيل ڏَڪيو ٿا وَڃن.

اوچتو آين اَجل، نه ’احمد!‘ پُنيون آسيون اَندر،
رَحم پَئي رَب شال! ڏِسندي ڏِيل ڏَڪيو ٿا وَڃن.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سال ١٩٥٥ع جي شروعات ۾ مينهن نه وسڻ تي چيل

مولا! مينهن وساءِ

مُلڪ جا مالِڪ مِٺا مُختار، مَولا! مِينهن وَساءِ،
ڏِينهن ڏُکيا ڪَر ڏُور ڏيهه ڏاتار، مَولا! مِينهن وَساءِ،
پَئي پَٽن پُوڪار پالڻهار، مَولا! مِينهن وَساءِ،
وَڻ، وَلِيَن جي وات ويروتار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

هَٿ اُٻا هادي! تو اڳيان، حال هِيڻون مَنجهه حُضُور،
تو ڪَنان مَخفي مَعافيون، تو اڳيان زاريون ظُهُور،
هِت نه هَلڻو زور، پَر زاريون اڳهامن ٿيون ضُرُور،
ٻاجهه سين ٻانهَن جِي ٻُڌ ٻاڪار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ٻيا نه سُڻندا سَڏ ته چا؟ پَر تُون نه سُڻندين پوءِ ته سُور،
سَڏ سُڻج سائيم سَچا! توکي عَرض آڏي اَسُور،
ڪَر ڪَمينن تي ڪَرم، توڙي هُجن ڪيڏا قُصُور،
بَخش بَديون، پيج بَخشڻهار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ڏيهه کي ڏاتار! ڏاتيون، ڏوهه ڏِسندي ٿو ڏِين،
پوءِ نه هَٿ ڪٽندي هِتي، آٽيون نه حِيلو مَنجهه هِنيين،
آسرو آهي اَسان کي، جَلد راضي رَب! ٿِيين،
لاهِه ٻُلِيَن تان ٻَلا! ٻُلڪار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

سِر نَوائن بي نَوا، ناقِص نَوازيندڙ! نِهار،
جي وَجن واڍوڙِيا، سي وانديون واري وِهار،
مِينهن گهاٽو، گوڙ پَرتُو، تِنهن پُنيان بُوندُون بَهار،
ٿِي وَجي ٿَر بَر مَٿي ٿَڌڪار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

وَس ويئي ۽ وَس چُڪا، وِسري وَسيلا سَپ ويا،
هَٿ ڪَنياسُون، هَٿ نه ڪَڍ تُون، هاڻ حِيلا سَپ ويا،
ڪي ڪِٿي ۽ ڪي ڪِٿي، ڪاهي قَبيلا سَپ ويا،
بَس تو بارِي هيڪڙي تي بار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

وينٽيون وَر وَر به توکي، پيو وَجون وو وو ڪِٿي!
ڪانِيون ڪُرٽِنِ ڪاريون، ڪَک سُڪل ڪوڪو ڪِٿي!
ويا وَلهارن مان وَلر، اَپرين پُنيان او او ڪِٿي!
پاڳ، پُوري ۽ بَگي بيمار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ڏَڻ مَري ٿو، ڏيهه ڏَٽي! اِيءَ دانهن هَر ڪِنهن ديهه ڏانهن،
ڏِينهن ڏُکيا، ڏيهه ڏُليا، ڏوهه ڏَهه ڏَهه ڏيهه ڏانهن،
هِن ڪِ هُن ڪُڻ کان ڪِوائين، مَن! ڪِوائي ڪيهه ڏانهن،
ڪَڍ ڪَڪر ڪِنهن ڪُنڊ کان ڪَلتار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

رَب رَحيماً تُنهنجو نالو، رَنگ رَحمت جا رَچاءِ،
مال، ماڻهون ۽ مِرُون، سَپ بُک مَرن تِن کي بَچاءِ،
پُوج پاڻي ڪَر پَٽن تي، پوک کي پَروَر! پَچاءِ،
ٿيون سُڪن ساريون، سِگهو لهه سار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

اَڄ نه آگا! تُون اَسان جي، عادتن اَعمال تي،
ڏي مَعافي، مِهر ڪَر، ماڻهن مَٿي يا مال تي،
مِهر ڪَر ماڻهن مَٿي، يا پِرٿي پَيمال تي،
آهِه هَر هِڪ جِي نه حالت زار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

نيڪ يا نيڪار آهيون، ته به سَهاري تو سَندي،
مال، ماڻهون ۽ مِرُون، پَروَر! پَناري تو سَندي،
سِنڌ سائي ڪَر سَبب، نالي سُونهاري تو سَندي،
ڪَر وَلاسو ۽ وَنگو وَسڪار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جَلد مَولا! مِينهن وَساءِ، گُفتگُو گُل جِي اِها،
جَلد مَولا! مِينهن وَساءِ، بات بُلبُل جِي اِها،
جَلد مَولا! مِينهن وَساءِ، ڪِيرت اَسان ڪُل جِي اِها،
جَهنگ، جَر، بَرپٽ، جَبل جُهونگار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

واڳَ سارنگ جِي سِگهو، ڪا مُلڪ تي موڙِي وَجي،
مِهر سان ماندا، مِينهن جِي، جَلد ڪا جوڙِي وَجي،
مَنجهه چَنن چانچر، چَبر چِپ چِپ مَٿي ڊوڙِي وَجي،
چَهچٽو چِيهو چِلڙ چَوڏار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ڦِير 'احمد!' اڪ اُتر، اَلحمدُ لِلّٰه! آگميو،
ڪُڻ سَٽائي ٿِي ڪِوي، خالِق خَطائون سَپ ڪَميو،
مِينهن نارو نار، ناري ۽ نَبيسر ڪان نَميو،
ساڻ ڪَلمي ڪُل ٿيا ڪَم ڪار، مَولا! مِينهن وَساءِ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪڇ پچ ۾ ڏڪار واري حالت تي چيل

مولا! مينهن وساءِ

مُلڪ جا مالِڪ مِٺا مَنان، مَولا! مِينهن وَساءِ،
ڪاٽ غم گُندر غني غُفران، مَولا! مِينهن وَساءِ،
اَي سَخي سُلطان ۽ سُبحان، مَولا! مِينهن وَساءِ،
رَحم ڪَر ڪو رَحم رَب رَحمان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

واءَ واچُوڙا وَريا، وَر وَر وَسن ٿيون وارِيون،
سَر سُڪڻ سارا لڳا، ساٽيون رَهيون ٿي سارِيون،
گُل گهنگهر گُوماٽيا، گاهن چڏيون گلزارِيون،
پيا سُڪن اَڄ باغ ۽ بُستان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

تُنهنجي گولن ڪي گهنگهر، گُندر ٿيون گهارڻ گهڙيون،
جَهنگ پَٽ جهوري جهليا، جهانگين مَٿي سِر جُهوپڙيون،
روجهه ڦاڙها مَنجهه رِڃن، ڪَن رَحم لاءِ رَب! رَڙيون،
مال، ماڻهون ۽ مِرُون مَستان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ڏُک وَڏيو ڏولائو ٿيو، پيو ڏُڪارن تي ڏُڪار،
پَئي پَٽن 'پاٽي ڙي پاٽي' جي پُڪارن تي پُڪار،
سُڻ سَڀاجها سائين! سَڏڙا، ڪَر سُڪارن تي سُڪار،
ڪَر چڱون گولن سَندو گُذران، مَولا! مِينهن وَساءِ.

حُجتون توسان نه هَرگز، حاجتون هَردم تو ۾،
بيو ڪِٿي ڪيرت ڪَهُون؟ قادِر! مِڙوئي ڪم تو ۾،
تُون آهين اَلله هِڪڙو، آسرو عالَم تو ۾،
آسرونَدن تي تُون ڪَري اِحسان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لاهہ ڏينهن ڏولاءِ جا، خالِق! خَلق سارِي مَٿان،
ڪَر مِنا محبُوب مالِڪ! مُند موچارِي مَٿان،
ڪا ڪِوڻ خَيري ڪِوائين، ڪُڻ اُتر وارِي مَٿان،
آڻ ٿَر بَر تي پَري باران، مَولا! مِينهن وَساءِ.

اَي پلا! پاڳون پَلائي، پاڳ ۾ پُلين جي وار،
رِڻ بَنائي ريلڙيون، رَحمت ڪَري رُلين ڪي وار،
وَڏ ڦُرو واري وَسائي، وَڻ وَليون ڦُلين تي وار،
سَبزين سِينگار ڏي سُبحان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ڪَر پلو بارِي! بَلائون ٽار، بانور ڪُل پَڳا،
تَنگ تَڪليفن ڪَيو، تو ري نہ ڪا تارِي تَڳا،
آهيون لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله تي لڳا،
تو ڪَيو جو قَول مَنجهہ قُرآن، مَولا! مِينهن وَساءِ.

ياد ڪَر يا رَب! يَتيمن تو بِنان ياور نہ يار،
پُر پيالو ڏي پياسين، پوڪڙين پاڻي پيار،
ڏَر مُئي مُدت ڪَنان، جبار! جلدي تِنهن جِيار،
ڪَر سُجن ۾ ساوڪُون سامان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

هُوندڙي حَرفن هَزارين، هاڻ هِيڻَن هَٿ بَڌا،
سُک سَقيمن ساڻ ڪَر تُون، تو ڪي سَگهہ سَپڪا سَدا،
توپ ٿانور ڏي ڏُکين کي، ٿُوهر ٿاڻا ڪَر ٿَڌا،
لاهہ ڏينهن ڏولاءِ جا، ڏي ڏان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

جَر جَجهو جَبار! جهانگين تان جهلائي ڪِيم هاڻ،
هِيءَ دُعا داور! قَبولي، دير لائي ڪِيم هاڻ،
هَٿ کَنيا خاطين، خَلق تِن تان ڪِلائي ڪِيم هاڻ،
ڍَڪ اَسان جا عَيب ۽ عِصيان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

تُون صَمد صاحِب سَچو، سبُحان سَتارُ العُيوب،
تُون اَحد اَللهُ، اَعليٰ شان عَلامُ الغُيوب،
تُون سَدا غالِب غَني، غُفران غافِرُ الذُنوب،
تو بِنان قادِر! ڪَندي بِي ڪانہ، مَولا! مِينهن وَساءِ.

يا اِلاهي! يا اِلاهي! اَهنج اَوسر لاهِين،
رَب غَني! گولن گُنهگارن جو گُوندر لاهِين،
ڪَر سَٽائو سال سائيم! سوڪ ساجُهر لاهِين،
آڻ مَوجُون مَوج ۾ مِهران، مَولا! مِينهن وَساءِ.

نِت ڪَدي نالائقيون، آيا ٽماٽا اَج ٽمي،
ڪَيِ قُصُورن تان قَلم، تُنهنجي ڪَرم ڪانهي ڪَمي،
غَور فَرمائي غَني! لاهِہ غَريبن تان غَمي،
ڪَر سَندن مُشڪل مِڙئي آسان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

آجزيون آزيون اَسان جُون، تُون اَگهائين تان اَگهن،
تو سَوا سائيم سَچا! ڇا ٿِي سَهُوليَتون سَگهن؟
رَک اَبوجهن آبرُو، ڏي آب اُجيَن، سَگهہ اَگهن،
لاهِہ اَڙِيائن سَندا اَرمان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

اَسقِنا غَيثاً مَريعاً، ميگهہ مِينهن ماندياڻ ڪَر،
ڪُل ڪَمايو ڪَچ اَسان، تُون ڪَرم پَنهنجو پاڻ ڪَر،
ڳوپ ڳيرُوئن پَسي، ڪو ڳُڻ ڳهيلن ساڻ ڪَر،
ڏي اَسان جِيئن پُنيان جيئدان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

اَسقِنا غَيثاً مَريعاً، غَيرَ ضارِ نافِعاً،
مِينهن مِهرئون موڪلي، مَنظُور ڪَر مَن جي مُدعا،
رَد مَ ڪَج 'احمد' سَندي، اَعليٰ ڏَٽي داور! دُعا،
سُڻ سَقيمن جي صَدا سُلطان، مَولا! مِينهن وَساءِ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سال ١٩٥٥ع جي گهڻي مينهن پوڻ کان پوءِ چيل

وچڙيون وار، واري ٻئي ولهار

بَخش بَخشڻهار! وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار،
سِنڌ سَڄي ٿِمڻار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

هِيءُ بَديڻا ۽ ٻَنورو، ماتلي ۽ مِيرپُور،
تَعلقا سَڀ تار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

ڪوٽڙي،ڪُنري،ڪَراچي، ڪاڪ، ڪَنديارو، ڪَندو،
تار ٿِي ٿَلهار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

هِڪ نہ ڪارُونڀار ڪَڙڪيو، ٻيو ڪَڪر ڪارُون ڪَيون،
مِينهن نايا نار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

اَڄ تلاءُ اَڇراند جو، پوڻن ۾ پاڻي سِر پُڄن،
پِرهہ پُرهيَل پار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

سارِيون سَر سِير ۾، وَريو وَڻن، وَوڻنَڻ مَٿان،
غَرق گُل، گُلزار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

ڪُجهہ نہ ٿِي ٿو، ٻوڏ توڻي سوڪ ۾ سَرڪار کان،
اَي سَدا سَرڪار! وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِڪ پَرِيا ڍورا ڍَنڍُون، ٻيو ڍُونڍ ڍورن ڍير ٿيا،
پيئي مِرُن ۾ مار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

ڪولِين تان خُوب گهارا، روڪِين تان رُوڻ بَند،
بَند ٿيا بيڪار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

هَول ۾ هالا، مَٽياريون، دُف نٿو، دادُو، نَواب،
گام گهر ڪَئين گار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

طالِبُ المولىٰ مُذڪر، گڏ ضَرُورت ۾ ضَرُور،
سِر ڪُلهن ڪوڏار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

ڪَئين ٻَچن، ٻارن، ٻُڍن جُون، اَڄ ٻِپاريون ٿا ٻُڌون،
اَڄ اَندر اُچنگار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

قَوم جِي ڪاراٺ مُون تي، ڪاروان اَخبار ۾،
ڪَر ڪَرم ڪَلتار! وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

مُفت مايون ڦُوڪ ڏِيو، مُون ڪي مُئو پِٽيانس ڪَن،
چُلهه مَٿي چَوڏار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

هَٿ ڪٽِن هاري، زَميندارن ۾ زاريون رُوءِ زَمين،
پاڳيا بيزار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

سِر دِڪي دانهِن پيا، ڪي دَر ڏِيو دوڪان کي،
ويو بيهي واپار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

مِلڪ تُنهنجي مُلڪ سارا، مِينهن جا مُحتاج سَپ،
پُڄ، بَمبئي، مَلبار، وِچڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

’ٻيج ٻادل‘ جي ٻَجاءِ، ٻيوَس ٻَندا ’ٻَس ٻَس‘ چوَن،
ٻُر ٿيا ٻينار، وِڄڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

اڳ ٻہ ڪِيا آگا! تو آگم، عَرض ’احمد‘ جا سُڻي،
ٻِي ٻہ ٻُڌ ٻاڪار، وِڄڙيون وار، واري ٻِئي وَلهار.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

1956ع جي سنڌو نديءَ جي اٿل وقت چيل

مهر ڪر مهراڻ جهل

سِنڌ سَلامت رَک تُون سائين! مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل،
مَهل هِن مَئي مُهڙ تائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

تُون اَجهو اُجهندن سَندو، تو ري اُجهاڻل سَڀ اَجهور،
تُون ڇپر پڻ تُنهنجي ڇائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

هَول جهِڙيون حالتون، حِيلا نه هَليا حاڪِمن،
توکي سَگهه سَيڪا سَدائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

مِلڪ تُنهنجي جِن، مَلڪ، مُلڪ، مالِڪ! مَعاف ڪَر،
بيو نه تُرهو توڙ تائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

پَرت مِينهن، مِهراڻ پَرتُو، ماپ مَهندين ڪان وَڌيڪ،
ڌَهه ڌَهين، نَو قُوت نائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

پِٽ پَکِي، ڪِنهن پَٽ وَٽِي پَٽ؟ سِر پَٽڻ، پَٽ يا پَٽي،
جُهوپڙي جوڙيون ڪَڪائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

ڪَنڌ ڪَنڌُوءَ ڪي ڪَنيو، سَونڪو سَڪر، سَڪرنڊ ۾،
هَول ۾ هالا هَنيائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

سَر ڪَيا سَيلاب سَنجر، پڻ سِجاول، ساڪرو،
مُلڪ ميڙيا سِر مَٿائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهہ جو سَونڪو سِپاهہ و شاهہ ڪي، ساهُوءَ ڪَنان،
ٿِي پيا مُنهن ٿَڪ مُهائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

ٽَڪرين سان ٽَڪريو، ٽِمٽار ڪِيائين ٽِيهہ ڳوٺ،
جهنگ، جَبل ۾ جهور جهائين، مِهر ڪر مِهراڻ جَهل.

ڳوڙ ڳهليون تي ڳهٽان، گهارو گهٽيءَ ۾ ويو ڳٽي،
مَيل ٿي، مَيلن وِڇائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

هيبت هَولن ۾ هَزارين، هُو هَوائيءَ ۾ سَوار،
ڊوڙ ۾ ڊائين ڊُڪائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

ڪڙ مَٿان قابُو ڏِسڻ ۾، هيبت ڪارُونيار ڪُن،
آب اُڌمي ٿو اُٿائين، مِهر ڪر مِهراڻ جَهل.

ٻَنڌ ڏاڍي ٻاهِران، ٻائڻ لڳو ٻاتار ڪان،
روڪ يا رَب! رُوڻ رائين، مهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

تو چَيو لا تقنطُوا، پڻ تو چَيو ڪندس قَبول،
جي ڪَندا ڪو عَرض آئين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

عَرض ’احمد‘ جو نہ آگا! لاهِہ لاهو لاهہ ڪي،
ڪِج نہ مُنهنجي لات لائين، مِهر ڪَر مِهراڻ جَهل.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

۱۹۶۴ع واري ساموندي طوفان بابت

يا الاهي! الغياث

يا اِلاهي! يا اِلاهي! يا اِلاهي! اَلغِياث!
گِهنگهريا گولا گُناهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

سال تيرهن سَئو، اُٺل چورااَسي آئي اُٿل،
اوچتي آفت اِلاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ٿا لِکن طُوفان جِي رَفتار، هِڪ سَئو وِيهه مَيل،
بيو نه تو ري اَج ٽلاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

مِينهن پَندرهن اِنچ پُورا، چوهو چَمڪيو ڇَهه پَهر،
ٿا سُٽائن سَربراهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

مِينهن گهٽان مَولا! ڏِناسُون، هِيءُ نه مُرگو بادِ عاد،
هيڪ آنڌي، ٻِي اُونداهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

هِڪ ڇُهو واءُ، بيو نه ڇِنيڻ جو، ڇَهن پَهرن ۾ ڇيهه،
هَر طَرف آندئي تَباهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

پِرهه سان پَسجي نه پَٽ ۾، ڪو پَکي توڙي پَکو،
سانگ کِهڙي ڪَن سَنباهي؟ يا اِلاهي! اَلغِياث!

مَنجهه ڪَنگالن ڪَنگ رَڙ پَئي، ڪُنگرا ٿيا ڪُنگڙا،
مَنجهه ڪَلا جي ڪَج ڪَلاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَٽڪ ڪونيَن ۾ پُسي پَئي، وَل تَري وَئي تار ۾،
جا اَجان ٻُوڏن نہ ڳاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

هُوءَ پَريان مَضبُوط ماڙِي، جا ٿيئي تاڙِي تَيار،
واءُ ڏَبڪي ساڻ ڊاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

هَر شَهر ۾ هُل حَشر، بيٺون اَندر ٻَهراڙيَن،
ڇا نِهاريون مَنجهہ نَواحي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

مال سان رِڻ لال ٿيو، ماڻهون مُئل گڏ ٿيا لُڙهي،
ٻَر وَڏي ڪِنهن واهہ واهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

اَلغرض آيا نہ موٽي، ڏُر ڏَٽي، ڏَڻ يا ڏَراڙ،
واءُ ڇوهي سَپ ڇانگ ڪاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ڏَڻ مَري ويا، ڪَڻ تَري ويا، وَڻ ٻَري ويا، وَونئڻ ناس،
بادِ صَر صَر ڏِئي نہ ساهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

سَئو ٻہ ماڻهون، مال مُئو، اَٽڪل اَڍائي ڪن ڪِروڙ،
روز اڳِتي اَنگ شاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ڇا ڇَرن چالُون چِلڙ ۾! چيلهہ گوڏو چاڙهہ تي،
لَهر لاهو لاهہ لاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ٿا وَڃون جِنهن واٽ تان، لاشن جا لاشڪ ڍير اُت،
مال، ماڻهون، مُرغ، ماهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

پِير ويا پِن ۾ پَهي، پينار تِن جا بي پَناهہ،
بي پَناهن ڏي پَناهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جِنهن بَچائِين سو بَچي، وِچ ۾ نہ بِئي ڪِنهن جو اَچي،
پِرتئي تو پاڻ ٿاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ماٺ ۾ ميمبر مَتارا، مُلڪ ٿيو ميدان صاف،
واهہ! جِي نيڪن نِباهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

خَلق خَلقي رَحم لئي تو، رَحم ڪُرجي يا رَحيم!
تو سَوا اوهي نہ واهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ٿو اُماٽين آفتون، تان مانَ! عِبرت ڪا وَٺن،
هِت تہ ساڳي رُوسياهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ياد يارن عاد وارو باد، پڻ طُوفان نُوح،
لَک جن جِي لُوهہ لاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

سَخت سِيءُ، سارنگ ۾ سَئو رَنگ، سُر ۽ سُرندا سارنگيون،
مومنن مجلس مَلاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

هَٿ ٺلها، ٻُک پيٽ ۾، سَٿ سيٺ بوريءَ جِي ٻَڌن،
واهہ! خِدمت خَيرخواهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

چانهہ ڪارِي، ڪوپ آڌيو، رَنگ رَحمت لائيا،
خوش رَهاڪُو خواهہ راهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

روز رازا ۽ ڪَمي، ڏيڍو وَٺن ڏيڍيءَ مَٿي،
ڪَڙڪ ڪانيارو بہ ڪاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ريڊيا رِڊ جيئن رَڙن، تَوبہ بَجا تُڻ تُڻ تُٽون،
صُبح سين صُحبت صُراحي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِهر بَدران قَهر ڪَن، واپار يا ڪم ڪار ۾،
فَرض تِن جي لاءِ ڦاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

خَير ڪِيا ڪَئين خَيرخواهن، بَرڪ تِن ۾ پُرڳڙي[1]،
ٿيو سَچو ثابِت سِپاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

اَن ٻه سَئو مڻ، ڏَن ڪِيائين، دان حاضِر پَنج هَزار،
پَنج، پَندرهن، يا پَنجاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ڪُجھ هَزان ۽ ڪُجھ وَڙان، ڪيئي مَدد مُختيارڪار،
ٻيا ٻه حَضرت هَم صَلاحي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

هَر ترقيءَ جو حَقي حَقدار هاشِم[2] ڪاردار،
شال! ماڻي شان شاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ڪِن ڏِنان لِيرُون لَتا، ڪارا ڪَتا پُسيَل اَتا،
واهه! جِي تِن وَٽ وِراهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

مِهر بَدران قَهر ڪِرڙو، جن مَٿي سي ڪِيئَن وَرن؟
پيا ڳِچيءَ ۾ ڳَٽ ڳِراهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

جي حُڪم هِهڙا هَلائيي، پوءِ نه ٻيو هُوندو هِتي،
تُنهنجي باقي بادشاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

ڪَر نه ڀُلين سان ڀَلا! پيڙو اَسان ڀُلڪار ۾،
رَحم ري پوڪي نه راهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

---

[1] رئيس نبي بخش خان پرڳڙي
[2] ان وقت جو مختيارڪار محمد هاشم ميمڻ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِهر موڪل، قَهر ڪي جَهل، هِت جَجهو ناهي جَهلو،
بَس ڪُنگي مِينهن جِي گُواهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

تُون اَحد اَللهُ، بيو ڪِنهن کي عَرض ’احمد‘ ڪَري؟
سُڻ صَدائون صُبح گاهي، يا اِلاهي! اَلغِياث!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سرڪاري امداد بابت

(۱)

وهه واهه جي واهر وري

مُلڪ مِڙ هو مانُ ۾، وَهه واهه جِي واهر وَري!
مِسڪين مُرڳو ڪانُ ۾، وَهه واهه جِي واهر وَري!

تَڪ ۾ وَڏا تَڪرار ٿيا، مِسڪين ڪائِن مار پيا،
اِهڙا سَهنج سَرڪار ڪِيا، وَهه واهه جِي واهر وَري!

ڏَڪ سان لڳو دِيوار کي، ٿيو خار خِدمتگار کي،
ٿَڦڙون ٻه ٽاٽيدار کي، وَهه واهه جِي واهر وَري!

بي قاعِدي جي ڪَم هَلي، پوءِ ڪير جهيڙي کي جَهلي؟
پوءِ سَئو کُنهه ڪِنهن جي ڳَلي، وَهه واهه جِي واهر وَري!

ٿِي هاڻ بي رَحميءَ جي حَد، ڪيڏو نه ڪامورن کي ڪَد!
هَمدرد جو ضامِن ٻه رَد، وَهه واهه جِي واهر وَري!

ديهه ديهه ۾ سَٽ چا ڪَري؟ سَٽ مان سَوَن کي چا سَري؟
سانجهي مَٽي، پَنڌڙو پَري، وَهه واهه جِي واهر وَري!

سَٽ مان نه سَرچائن ديهن، گهوري مَدد، مَر گهَر وِيهن،
ڏاتار لاهي ڏُک ڏِيهن، وَهه واهه جِي واهر وَري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهُون ڪِنهِين سيني سَدر، ڪَنگال جو ڪِهڙو قَدر؟
هَفتو ٻہ هَفتا دَربدر، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

ٻُک کان ڪُتل ڪُرڙي لڳي، اِمداد اينگهي پيئي اڳي،
مِسڪين تيسين ڪِيئن تڳي؟ وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

پَر مِ ڪَرڻ گهُرجي پُڇا، مِسڪين مِليو مال ڇا؟
يا ٿِي اَميرن تي اِڇا، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

اَفسر اَميرن کي ڪَٽَن، تِن کي سَندن ووٽ وَٽن،
ٻيا پيا ٻَلين ٻَٽ جيئن ٻُٽَن، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

اَفسر اَميرن کي پُڇن، تِن سان ڪَرم جِن لئي ڪُڇن،
لُولا نہ لولي لئي لُڇن، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

اِمداد ساري عام پوءِ، پَهرين ٻُڌل، گَهر گام پوءِ،
ڇو ڪَن خوشامد خام پوءِ؟ وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

آئي مَدد ڪَم مِمبرن، جيڪي سُياڻي سَنبرن،
جو ووٽ ڏِئي تِنهن ڏي وَرن، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

’احمد!‘ عَجب اِمداد اِي، ڏِس داد يا بيداد اِي،
ڦَٽيل مَٿي فَرياد اِي، وَھہ واھہ جِي واهر وَري!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۲)

هرڪو چوي مون کي ملي

ڏِس ميڙ ماڻهن جا مِيان! هَرڪو چوي مُون کي مِلي،
ڪِهڙو ڏُکيو؟ ڪِنهن کي ڏِيان؟ هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

جِن ڪِروڙين ڏَن ڳَني، سو پڻ وَظيفو ٿو وَٺي،
آندِي چِني چِڳي، مَني، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

جِن وَٽ ڏُڏي ڏائِي نه هُئي، سي پڻ چوَن ٿا زار رُئي،
مُنهنجي مِڙوئي چانگ مُئي، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

هِڪ وَٽ نه لولي لُوڻ ڪو، بيو نيئي ٻُهاري ڳُوڻ ڪو،
داتا ڪٽي ڏِئي ٽُوڻ ڪو، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

جِنهن جو ڪِٽي ٽارو نه ٽَپ، تِنهن جو لڳو هِن مَهل مَپ،
مُنهنجو ٻه ٿيو ڳهر ڳهاٽ ڳپ، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

جو ڪالهه ڪان ڪَنگال هو، ڪاغذ ڏِنائين ڪال ڪو،
مُنهنجو ٻه سَٺ ڪن مال مُئو، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

دَرخواست وارو ديهه ڏَٽي، آيو ڪَٽڻ مَل خَط ڪٽي،
مُنهنجو ٻه پيو چاچو چِٽي، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

سِر پَينچ سانوَل پُر سَندو، ڳُهمندو وَتي ڳهٽيون بَندو،
چورِي ٿيو تِنهن جو چَندو، هَرڪو چوي مُون کي مِلي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جا قِسط سانوَل پُر صَحي، وَئي ڏيهه ڏَڦريءَ ۾ وَهي،
ڪامِل تَڏهن آيو ڪَهي، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

اِيءَ سَڀ اَمانت عام جي، نامِ خُدا ناڪام جي،
تِنهن ۾ خِيانت خام جي، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

واپار وَڏ جِنهن جو هَلي، بيو پيٽ پَنهنجي تي پَلي،
چاڪاڻ جهولِي سو جَهلي؟ هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

جِنهن جُون زَمينداريون زَبر، سَودا سَلف مَنجهه بَحر بَر،
بُکيا پِنن چو بي خَبر؟ هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

خَيرات جو ڪوليو ڪَندو، پائي نه پيسو جِن سَندو،
تِنهن ڪِنهن طَرح تاڙيو تَندو، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

ووٽن جي ڪِنهن وِڻجهار ڪي، تِنهن تار ڪَئي سَرڪار ڪي،
مَنجهه خَير ڳَڏيئون خار ڪي، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

گهوڙا ڙَئي گهوڙا گام ۾، پَنهنجن کي پَهرين لام ۾،
ڏارين دِلاسا شام ۾، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

ڏاها ورهائن ڏيهه ۾، هِڪ ڏيهه جو ٻي ڏيهه ۾،
اِهڙو سِتم ساٽيهه ۾، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

هِيءُ خَير خالِص نال تِن، ماڻهون مُئا يا مال جِن،
حَيران هاڻي حال ٿِن، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

’احمد!‘ اَحد ڏي آءُ وَري، گُهر يار هِڪ ڪان ياوري،
دائم جِنهِن جي داوري، هَرڪو چَوي مُون کي مِلي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩٦٥ع واري جنگ تي چيل

لاهور وارن تي سلام

لوڪ ۾ لولي لڳي، لاهور وارن تي سَلام،
راهه ۾ رَب جِي شَهيدن، شَهسوارن تي سَلام.

جِن بَدن سان بَمَ بَدي، ٽَينڪُون ڇهه سَئو ٽوڙي ڇڏيون،
اَڌ ڪيئون اَڌ لَڪ ڪُفارن، تِن ڪَرارن تي سَلام.

جي ڪِهڙيا گهمسان ۾، گهر گهات گهوٽن گهورِيا،
قَومِ تان قُربان ٿيا، تِن قُرب وارن تي سَلام.

جِن ويهڻ ڪي وِهه پاتو، سيج سُوري، گُل ڪَندا،
بَمَ بَندُوقون پال پاتيئون، تِن پَلارن تي سَلام.

جَنگ جو مَيدان جِن، مَحلات مُومل جو لَڳو،
ڪاڪ تي ڪَرهل ڪي ڪاهيئون، تِن ڪُنوارن تي سَلام.

هِت ڇڏيئون شاديون مُراديون، موڙ مَهندان تِن بَڌا،
هَند وِڇايا جِن جا حُورن، تِن سُونهارن تي سَلام.

ٿيا سَئوڻ ساڻ سامهان، ساهه جو سانگو ڇڏي،
تِن جي تَن مَن، پير هَٿ، پُرزن ۽ پارن تي سَلام.

ناهِه پَروَر ڪان پَري، پُرزور پُرزن کي ڪَرڻ،
تِن سَدا جِيئرن شَهيدن، شاندارن تي سَلام.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قافلن تي قافلا، ڪافر قَطارن تي قَطار،
سَڀ فَنا فَوجُون ڪيئُون، تِن فَوجدارن تي سَلام.

جيءَ جِگر جاني چَڙي، ٿيا جَنگ جِگريءَ لئي تيار،
گهوريئُون پَنهنجا پيارا، تِن پيارن تي سَلام.

هِن هُئڻ تان هَٿ کڻي، هُوندا هَميشه سي حَيات،
جاءِ جَنت ۾ ڪئي جِن، تِن جِيارن تي سَلام.

ديس جا دُشمن دَسي، جِن ديس جو ڪِيو مُنهن مَٿي،
سِر ڏِنائون دِين تي، تِن دِيندارن تي سَلام.

سِر سَبيل الله ڏِنان جِن، رُو ۾ ’احمد!‘ اُن مَٿي،
چَئُو سَدا صَد آفرين، تِن صِدق وارن تي سَلام.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

مير خدا بخش لانبٽ جي ڪيل ماني ۽ پيسو ملڻ جي مذمت ۾ چيل

واھه ماني مير جي

ڪَئِين مُلڪ ۾ مِهمانيون، پَر واهه ماني مِير جِي!
ڪَئِين پَت پُڳا بِريانيون، پَر واهه ماني مِير جِي!

دُنيا ۾ ديڳيون دُرس ڪَئِين، پَرٽان مَلهائن پُرس ڪَئِين،
عِيدُون، عَقيقا، عُرس ڪَئِين، پَر واهه ماني مِير جِي!

ڪَن عَيش آدمزاد ڪَئِين، عِيدن مَٿي اِمداد ڪَئِين،
يَخني پُلاهُون ياد ڪَئِين، پَر واهه ماني مِير جِي!

چوڪن چَڱن جُون نه ته چِنيون، ڏوري اَسان ڏِسيون ڏِٺيون،
موڪُون مَزا، مانيون مِٺيون، پَر واهه ماني مِير جِي!

چوڏار چَٽيون ڇهِريون، تَيار تازيون تَهِريون،
مَنجهه لوڪ لَحمن لَهِريون، پَر واهه ماني مِير جِي!

حُلوان حَلوا هَر طَرف، سُنڌيَن مَٺان سوڌا بَرف،
شِيري شَڪر سَڀ کي شَرف، پَر واهه ماني مِير جِي!

ڪَئِين روٽ نَعرا راڄ ۾، قِسمين ڪَبابن ڪاڄ ۾،
تَهريون طَبق تاراڄ ۾، پَر واهه ماني مِير جِي!

ڪَئِين قورمان قِيمان ڪَهن، شاديون شُغل شاهن شَهن،
لَحماً و شَهماً لَڪ لَهن، پَر واهه ماني مِير جِي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيشڪ بَديش ۾ پُڳا، بَنيو بَنورو پَت رُڳا،
چوڏار چُوزا ۽ چُڳا، پَر واهه ماني مِير جي!

سَتاهه، سِيراٽيون، ساڪرو، ڀيلو، ڀُهارا ڀاڪرو،
اِيمان آهي آڪرو، پَر واهه ماني مِير جي!

مُلان نه پَت، گهوڙا نه پَٽ، هِي جي ڪشيا، رَسيا نه جَهٽ،
هُو جي وَري وِينا نه چَٽ، پَر واهه ماني مِير جي!

مُلان نه قُل، گهوڙا نه بُل، رَک هِن تي جُهل، چَئو هُن ڪي جُل،
تِنهن ۾ اِنهن ٻِن جو نه تُل، پَر واهه ماني مِير جي!

مُلان نه ماني ماس سان، جُهولِي نه هِيءُ جِن واس سان،
پِرندو پُڳي جي باس سان، پَر واهه ماني مِير جي!

مُلان نه ماني مُفت جي، خواهِش خورش خُفت جي،
بي جِنس جوڙي جُفت جي، پَر واهه ماني مِير جي!

مُلان نه ماني موئي جِي، خَتمن تي مَرندا ڪوئِجي،
پَرواهه نه پائي پوءِ جِي، پَر واهه ماني مِير جي!

عالِم اَڪابر آهِيون، لولن مَٿي لَذ لاهِيون،
سَٽو سَڪر ساراهِيون، پَر واهه ماني مِير جي!

آهيون پَٽن جي پيٽ ۾، عِيدُون سَڀئي اڪ ٽيٽ ۾،
پاڌا سَوين هِن پيٽ ۾، پَر واهه ماني مِير جي!

چَنٽين بَدو چِٽ مَن مَٿان، ٿَهريون نه وِسرن تَن مَٿان،
اِيمان صَدقي اَن مَٿان، پَر واهه ماني مِير جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاصِي ڪڏهري جِي خبر، اوتُون عِنايت جا اَبر،
موڪُون مَليدا مُعتبر، پَر واهه ماني مِير جي!

مَوجُون مِنايون ميوَڙا، ڪِشمش، قَنداري، ڪيوَڙا،
تِن تان پُلن ڪي بي وَڙا، پَر واهه ماني مِير جي!

اَج مَغز پُر مَغزيات ڪان، ماني، مَکڻ، ميوات ڪان،
ڪايو وَرُون ٿا وات ڪان، پَر واهه ماني مِير جي!

تَهريءَ مَٿي تَحرير جي، طاقت وَڏي تَقرير جي،
دَعوت دَوا دِلگير جي، پَر واهه ماني مِير جي!

پَيڪيون پَٽاري پان جُون، ڪِکيون به کَٽيل خان جُون،
سُونگھون سَبُوري سان جُون، پَر واهه ماني مِير جي!

طاقت طَبيعت ۾ چَڙهي، مَسجد بَجا مُنهن ۾ مَڙهي،
اِئِن ٿا چوَن آيت پَڙهي، پَر واهه ماني مِير جي!

وِرسيا وَهابي وات تان، روڪِن جيڪي جاٽ تان،
هِيءُ پيٽ پَنهنجو پاٽ تان، پَر واهه ماني مِير جي!

وَحدت وَهابيَن کي وَٽي، پَنهنجي نه سَڀ دُنيا ڏَٽي،
پاٽي، پَٽر، پُوجيون پَٽي، پَر واهه ماني مِير جي!

جو حَق چَوي هِڪڙو خُدا، سو ٿيو جَماعت کان جُدا،
مَجتا مُئن جي مَن مُدعا، پَر واهه ماني مِير جي!

ڪِهڙي طَمع تَوحيد ۾؟ تابع رَهو تَقليد ۾،
اَگِتي به هُوندا عِيد ۾، پَر واهه ماني مِير جي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

تارِڪ رَهو تَقدير کان، پُٽ کِير سَمجهو پِير کان،
وَهرُون گُهرو پيا وِير کان، پَر واهه ماني مِير جي!

سُومار ساگهر پيٽجي، پڙ ۾ پُنن پَر ليٽجي،
مُشڪل مِڙوئي ميٽجي، پَر واهه ماني مِير جِي!

ڪارهين ڪندا لهندو قَرض، ٿيندا مَعافي سَڀ مَرض،
ڦوڙِي فَقيرن ڏهه فَرض، پَر واهه ماني مِير جِي!

ڏَپ ديڳ داخِل دِين ۾، چُوزا چَڪاسيون چِين ۾،
سِر اوجهِري اوجين ۾، پَر واهه ماني مِير جِي!

ماني مُسلماني فَقط، تِنهن ساڻ رُوحاني رَبط،
بيو غَم غَريباني غَلط، پَر واهه ماني مِير جِي!

مَلاح جِي ماني وَجي، جو هيڪ مَولا کي مَجي،
پيٽون پَٽن جُون ٿو پَجي، پَر واهه ماني مير جِي!

’احمد‘ اَحد جي نام تان، آهي فِدا اِسلام تان،
اُن جو اَثر اَج عام تان، پَر واهه ماني مِير جِي!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مولوي صاحب جي خلاف سوشل بائيڪاٽ بابت چيل

تو مَٽي ڏمريو ڏسان ٿو

تو مَٽي ڏَمريو ڏِسان ٿو، ڏيھ ڪِھڙي ڏوھ تان؟
ڪوھ قاضي ڪيترا ڳَن، ڪاوڙيون سَئو ڪوھ تان؟

چور، ڀَنگي، بي نمازي، پاڙ ڪِيندڙ پار ٿيا،
ھِڪ اَدا! تو ڪان اَنديشو، آھِ ڪِنھن اَندوھ تان؟

ھِندُوئن سان ھيڪ جِھڙا، ھيڪ ٻِئي سان ھِير ڪِير،
دانھن تُنھنجي ديھ ۾، اِيءُ دُونھن ڪِھڙي دوھ تان؟

ڪِنھن مَھل مُنھن ۾ مِلي، تہ ٻہ مُنھن وَٽي وَيجا مَٽي،
اَڄ ٻُڌم اِعلان اِھڙو، عِيد جي اَنبوھ تان.

يا خَطا، يا خُون ڪَئي ڪو، يا خِيانت شَرم ۾،
پاءَ! نہ پانيان ھِيءُ ٻِگيڙو، ڪِنھن پَڏي ۽ بوھ تان.

ڏيھ ۾ ٿيندا ڏِسين ٿو، ڏوھ ڏَھ ڏَھ ڏِينھن ۾،
پاڻ خاطِي سي ڪِيئن چا، ڪاھ مُنھنجي ڪوھ تان؟

حَق ڏَٽي ھِڪڙو چَوان ٿو، جِيئن حُڪم حَضرت رَسُول،
ڳَل پوَن ٿا ڳَھلڙا، اِن ڳالھ، اِن ڳُجھ ڳوھ تان.

ھِڪ ڏَٽي داتا چَوان، ڏاران تِنھِين دَرگاھ ناھِ،
لوڪ تِنھن تان ٿو لُڇي، ڪَر لِڱ لڳن ڪِنھن لوھ تان.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِڪ خُدا کي خاص پُوڄيان، خار تِنهن تان خارجين،
ٻيو نہ مُون ڪان مُنهن مَنئُون، ڪِنهن مَهہ لقا مَن موهہ تان.

جوڙيَل کي جوڙ ڪَن، جوڙڻ ۾ جوڙڻهار سان،
سَچ ڪِ تارا تِن ويا، يا توهہ پيڙن توهہ تان.

جِنهن ڦُڙي مان ڦُل بَنايا، جي ڦِڪا تِنهن کان ڦِرن،
تِن ٽُڪين ٽورين تي ٽُو ٽُو، توهہ گُهرجي ٿوهہ تان.

اَولياءَ تي اوليا، اولو چڙهي اَللهُ جو،
راهہ رَب جِي ڏانهن واريان، تِن رَهين کي روهہ تان.

پاڪ پَروَر کي پَچاريو، پير چا پُٽ کِير ڏِين؟
پاڻ پَنهنجي پيٽ لئي، ڪَن پَهہ پِنڻ جو پوهہ تان.

ڏِئي ڏيهن کي هِڪ ڏَٽي، ٻيا ڏيوَ ٻيا ڏاتار ڪُوڙ،
ڪَم نہ ٿيندو ڪِنهن قَبر، ڪِنهن وَڻ، ڪَندي، ڪاموهہ تان.

جي مَري پيڙا مِٽيءَ ۾، سي نہ مَٽ مالِڪ ٿين،
مَٽ ڪَري سو جهٽ ڪِري شل! ڪَند پَر ڪِنهن ڪوهہ تان.

يا اَحد! ’احمد‘ بَندو، ڪِهڙو گندو تہ بہ تو سَندو،
ري ڪَمائي ٿو ڪُڏان، تَحقيق تُنهجي توهہ تان.
*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پير صاحب جي سون جي ڏوليءَ ۾ سواري ڪرڻ بابت

جيس ڙي! منهنجي پيرل جي

جِيَس ڙِي! مُنهنجي پِيرل جِي، ڪنئِي جِيئِري اَچي جهولي،
ٺَرن ٺا نار نيٽن جا، ڏِسيو ڏُوران اِها ڏولي.

پَسڻ ۾ پِير پانوڙو، نڪِي مِرگهيل مانوڙو،
ڪُلهن تي ٽِنهن جو ڪانوڙو، ڪنيو ٽِلندي اَچي ٽولي.

گَڏهه، گهوڙا بہ گڏ شامِل، چَڙهيو تہ بہ سِر ڪُلهن ڪامِل،
اَديون! آيو اگڻ عامِل، ٻُڌو ڙِي! ٻابيهل ٻولي.

چُٽي پَرهيز وارِي پَر، لٿو مُرشد مُريدن گهَر،
ڪَري اِرشاد ٿو اَندر، چَڪاسي چيلهہ ۽ چولي.

وَنيءَ جو وَر نہ ٿيو جينو، پِيارل پِير گهَر پينو،
وَٺي زالن جو وِچ ويٺو، لڳائي پير پاٿولي.

پُڄاري پِير جِي پُٺ ۾، پيا جاهِل وَڏي جُٺ ۾،
ڏِنئون مُرشد سَندي مُٺ ۾، گَڏهہ، گابو، ڪِ گهَر، گولي.

پِنن پَهرن ۾ پَرڏيهي، ڪَرامت ٿِن سَندي ڪيهي؟
رَنن جي راڄ ۾ ويهي، ٻَڌن ٿا گُرگ گِرگولي.

اَسان جو آهِہ اَڄ ٻيو حال، ٿِي گُهرجي دوڙ ڏارِين زال،
ٻَني نِت حال جُهولي لال، لالڻ کي ڏِيان لولي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيا فَياض اَج ڦاٽي، گُونهاندي ٿِي گھَٽي گھاٽي،
ڪِيئَن گُگدام گيلاٽي، لڳي هُونگار ۽ هولي.

بَنيا سي جاهِلن جا جَج، ڪَهن ڪعبو قَبر کي ڪَج،
پِھڻ تي ٿا پڙهائن حَج، پيا مَنجھه ڪُفر ڪچڪولي.

زَماني ۾ هُئا زاهِد، وَڏي آلت ٿيا عابِد،
ويو وِسري بہ تِن واحِد، رَلي اُن جي رِيا رولي.

نيون رَسمُون نِڪِتَن ٺاهيون، پَکيڙيون چار ۽ ڦاهيون،
اَسين، چي اَولياءَ آهيون، خَبر اِيءَ خَلق ۾ کولي.

نَبِيَن مان نَبي ڪِهڙو؟ وَلِيَن مان وَلي ڪِهڙو؟
چَڙهيو مُحفِن مَلي ڪِهڙو؟ عَياشي ڪِنهن اِها گولي؟

ڇَڏيو سَردار جِي سُنت، پيا بي دِين مَنجھه بِدعت،
اِنهن اِسلام جِي اُمت، چَوائي اَولياءَ اولي.

لِڪَن اَلله سان ڪو اَنڌ، پُنيرو پيرويءَ کان پَنڌ،
بَڌن حَق تي هَلڻ کان بَنڌ، گَڏي چُن ساڻ چيرولي.

نہ اَج پُوڄا رَهي پَروَر، چُٽي سُنت سَچي سَروَر،
وَتن واٽون وِنگيون وَر وَر، بَني ڪا بات بي دولي.

نِهاري نِعمتُ الله![1] هَل، خُدا جو خاص پاسو جَهل،
سَچو سُونهون مِٺو مُرسل، نہ ڪر ٽِيَن پاس ٽاپولي.

*

[1] مولوي صاحب جو ڪاتب حافظ نعمت الله هاليپوٽو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمرڪوٽ

ڏِنم اَڄ اکين سان عُمرڪوٽ کي،
عَقل چَرخ ڏِسندي عَجب اوٽ کي،
لَکين آفرينون عُمر گهوٽ کي،
ڀَلين ماءُ ڄائو بہ ڄاموٽ کي.

قِلعا ڪوٽ قابُو ڏِٺم ڪيترا،
نہ جاڏو ڪو جِهڙس ڏِٺم جيترا،
سَچا سال سَت سَئُو هَليو هيترا،
اَڄان ڪَس نہ ڪا ڪوٽ ڀَڪچوٽ کي.

مَٿي هيٺ نَقشو نِهاريو ويو،
ڀِٽِن ڀَر بَرابر بيهاريو ويو،
نہ صَديَن ڪَنان سو سُڌاريو ويو،
اَڄان اک ڀَرائي ٿو اکڙوٽ کي.

قِلعو واهہ! جو ڪُنگرا واهہ! جا،
وَٽِن ٿا مَنجهس ويڙهہ وَٽراهہ جا،
سُونهَن ساوڪُون، قِسم گُل گاهہ جا،
ويهي جهاڙ جانچيَم ڀَڄي جوٽ کي.

وَڏو ويڪرو، ڦير ڦِرندو بہ ڪوهہ،
مَٿي ڪَرڪ وارِي لڳو ڪوٽ لوهہ،
دونالين جِي ڏُو ڏُو ڪَنديَس اَڄ بہ ڪوهہ؟
دَٻائي ٿو دُشمن جِي دَٻڙوٽ کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏکڻ پٽ ٻيا طرف باغ و بَهار،
عِنب، اَنب، اِنجير، ليمان، لِيار،
ڪِٿان گُل، ڪِٿان ڪيوَڙا دَر قطار،
ڏِسي باغ چڙهيو بَدن تُوت کي.

مَنجهس ٺُل مَٿاهُون ٻہ توبون تَيار،
بَنايا ٿي بَنگلا جِتي ٻَختيار،
لَکين فَوج لَشڪر اَندر اَختيار،
سَتي ڪَن سُنوالو سَبر سوٽ کي.

اَميرن اکين جي عَجب يادگار،
ڏِسيو ڪوٽ قابُو پوَن ياد يار،
سَنپالِين سي سَڀ ٻُڌي ويا ٻِهار،
نِهارين ناٽي نَقد نوٽ کي.

عُمر ڪوٽ ڏِسندي ڪيَم آهہ سَرد،
ڪَڏهن مُلڪ ۾ هُئا مُسلمان مَرد،
ڏکڻ پٽ عَجب باغ ٻيا اِرد گِرد،
نَظر سان ڏِٺين عُمر اَڏڙوٽ کي.

هُئا ٿي صَديون سُومرا سِنڌ تي،
هُئي حاڪمن هاڪ هَر هَنڌ تي،
ٻڙودو، بيڪانير، ڀُڄ، هِند تي،
جهليو ڪنهن نہ چَئنچل سَندن چوٽ کي.

اَوَل اِبنِ سُومار ڀُونگر ڀَلير،
چَنيسر، ننگر شير، دودو دِلير،
ٻہ طائي ۽ طاهِر هُئا ڇَٽ ڇُڀير،
مُڙن ڪِين، مِهڻو چوَن موٽ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿِيَن ووءِ! وَيران ويڙهو تَڏهن،
پِيَن پاڻ ۾ جَنگ جهيڙو جَڏهن،
رَهيو ياءُ نه ياءُ ساڻ پيڙو هَڏهن،
سَڀُو سَوٽ سُوٽڻ لڳو سَوٽ کي.

ڦِٽا پوءِ ڦِٽي صاحِبي سُومرن،
هَٿان هيڪ ٻئي جي سَجڻ سَو مَرن،
وِڳهہ ويو، وَڳا ويا، مَرن سو مَرن،
ڦَٽن ري نه ٻي ڪا فَتح ڦوٽ کي.

عُمرڪوٽ آهي، نه آهي اَمير،
نه سِينهڙو، نه پُنرو، نه راڻو، هَمير،
نه مُومل، نه مارُئي، نه مارُو، نه مِير،
مِڙئي مُنهن پيا مَوت اَڻ موٽ کي.

عُمرڪوٽ اَحوال ڏِئي ٿو اِيهو،
حُڪومت هَلايو نه هِڪ ٿِي ٻِيهو،
ٿِيَن چَڙ وِچڙ تن چِيهائي چِيهو،
پِنن لوڪ لاشڪ ڪٽي لوٽ کي.

حُڪم آهہ حَضرت نَبِيءَ جو نِبار،
نه عامِل سو جِنهن تي رَکي عام بار،
اَميري گُهرن جي ڏِئي اِعتبار،
نه وَنندس وَري نيٺ نِڙگهوٽ کي.

گُهري ڪير هِن ميمبرن لئي مَرهہ؟
نه وِڙهندي وَزارت لئي ٿيا ڪَئِين وَرهہ،
اَجان سَڀ اُونداهي، نه پَيدا پِرهہ،
وِڙهيو پوءِ وِڪاندو وَنن ووٽ کي.

ڪَنهار ڪِهڙا ڪِڙن پاڻ ۾؟
نه مِمبر جَڏهن ٿا مِڙن پاڻ ۾،
وَزارت تي اَچيو وِڙهن پاڻ ۾،
وِجهيو چَڪ ڳَڍن ٻانهن مان ٻوٽ ڪي.

ٿيو هِڪ نه هِڪ تي نه اُسرن هَزار،
هُجن جي هَزارين بَدِيءَ ڪان ٻَهار،
نه هِڪڙو هَزارن تي تَهدل تَيار،
ڪَٿن ڪِٿ نه ڪوٽا، ڪَٿن ڪوٽ ڪي.

ڏَئيم! دُشمنن کي فَنا فوت ڪَر،
حَشر ڏِينهن گڏ هاشمي هوت ڪَر،
عِنايت جِي 'احمد' مَٿي اوت ڪَر،
پِنان پاڪ ڪَلمي جِي پالوت ڪي.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پوپٽي هيراننداڻيءَ جي بيان جي مذمت ۾ چيل

پوپٽي

ماروِي مارُن مَنجهان، هِيءَ پَنِي پَڌائي پوپٽي،
پاڻهين پَرڌيهه پَلاڻي، پوپٽي اڪ پو پَٽي.

شاهه ڪِن شَرميلين جا، شان ڳايا شِعر ۾،
پُڇ مَ تِن جا پار، جِن پاڙي ڪي پاڙهِي پوپٽي.

ڪَئِين دِلاسا دِلبرن ڪي، پَر نه ويا دِل مان دَليل،
ڪام جا ڪمزور هُوندي، ڇا جهلِيندي پو پَٽي؟

گهر ڇڏيو گُجرات ۾، اَڄ گوڙ ڪَن ٿيون گُجريون،
پير پَنهنجي ۾ ڪُهاڙو، ڇَو نه ڪِهڙي پو پَٽي؟

هُن ڇَڏيا شَربت شَرم ڪان، هِن وَٽِن شِيشا شَراب،
هُوءَ جَڏهن پُهتي پَنوهارن پار، پيتَئِين پو پَٽي.

هار هِيرن هِن وَٽِن، هُوءَ هِير تي هاري هَنجُهون،
پير ۾ پازيب ڇا ڪَن؟ ڪَن نه پائي پوپٽي.

هِيءَ پُڇي مَحلات ماڙيون، مارُئي مارُو پُڇي،
سُڌ پَڪن جِي ڏِئي پَڪيئڙو، خواهه پوپٽ، پوپٽي.

هِيءَ عُمر جي ڪوٽ اَچِڻي، هُوءَ نه ڪَڪ ڪوٽِن ڪَنان،
پيچ پِينگهي ۾ پَنوهارن سان، پَڙهيائِين پو پَٽي.

هِن اَندر ۾ اَنب ’احمد!‘ ڇا پَپِي سَمجهي پِپُون؟
هُن مَجر موڙي هَٿن سان، پاند ۾ مَڪ پو پَٽي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارشل ٽيٽو جي دهريتي بيان جي مذمت ۾ چيل

واهه ٽيٽو تنهنجي ٽيٽ

پُون گُهمي پورا! ٻه پيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!
هو جَڏهن گُم هوش تيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

ٿو چَوين ٿِرِيَس چَڪيءَ جِيئن، پَر نه ديکيم ڪِٿ ڏَٽي،
چا وَجي ڪَئي چيهه چُڳيرا! واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

چا لَتاڙي لوڪ سَپ، ڪَئي دَنگ دُنيا جو وَجي؟
يا ٻه ٽي ڦَٽ ڦَٽ تي ڦيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

ڪوهه ڪوڙين اوريان ٿِي، اَڻ ڏِٺو آکين ٿو چا؟
چَڏ اِهي ناقِص نِبيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

دَنگ ناهي پَر ڪٽي چَئو، دَنگ دُنيا جو جِتي،
دُور تِنهن کان دوست ديرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

هَڻ هِنيين تي حَرف، وَاللهُ مِن وَرائهم مُحيط،
جَڳ سَڄي کي گول گهيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

اک نه تُنهنجي اک ڏِسي، اَلله آخر ڪِيئن ڏِسي؟
سِج ڏِسن شَب پَل نه شيرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

چَندبَ جي چوٽيءَ مَٿي، چوٽون ٻه چُوها ڏيئي چُڪا،
گهَر اَڏيندا اُت اَويرا، واهه ٽيٽو تُنهنجي ٽيٽ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فَوج سان فِرعَون ڦُٺو، نمرُود کي ماريو مَڇر،
مَرد ٻَئي تو کان مَٺيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

ڪَل ڇِڪي ڦِڦڙن جا ڦوڪُو، اُن ڪَنان آهِن اَوَس،
رُوح جا تارا ٽِڪيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

ڪِنهن جي حِڪمت سان، هَزارين سال ساڳي صُورتون؟
مور، ماڪُون، وِڇ، وَڇيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

مِينهن نه مالِڪ موڪلي، پوءِ ڇو نه وس ڏِينهَن وَسن؟
ڦِڻ پَٽ تي پَنج سيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

جِنهن ڦُڙي مان ڦُل بَنائي، جي ڦِرين ٽِنهن کان نه ڇا؟
ٽا جُهڪن ٽِنهن جَڳ جَجهيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

ڇو ڳَڏين تُون ڳَدڳيءَ ۾، اي سَڄڻ! سالُون سَڄيون؟
مَوت وارج مَوت ويرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

اَڄ سُيان ’احمد‘ ڇوي، مَرندين، مَري ويندين وَٽس،
ڏِينهن به آهِن ڏُڪيرا، واهه ٽيٽو ٽُنهنجي ٽيٽ!

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چنڊ تي پهچڻ واري خلائي سفر تي چيل

دنگ دنيا جو نه ڪٿ

دَنگ دُنيا جو نہ ڪِٿ، هَڻ دُوربينون دُور دُور،
هَل اُتر، اولهہ، ڪِ اوپر، ڏِس ڏکڻ ڏي ڏُور ڏُور.

وَڃ مَٿي جيسين وَٺي، يا هَل هَزارين سال هيٺ،
هَل پَڇم ڏي، پُڇ مَ بيو ڪُجهہ، پوءِ پُورب پُور پُور.

تُون بيهين جِت اک بيهي، اَئُم مَٿي اُڇلائيين،
موڪلين ڪوبون ڪُتيون، پُنيان ڪَرين پيو ڪُور ڪُور.

عَرش اوريان، فَرش اوريان، اڳيرو آڳو اَڃان،
تُون بيهين جِت اک بيهي، اڳتي چِٽايون چُور چُور.

تُون نہ مُوسيٰ ڪان بہ مِهتر، جو ڏِسين ڏاتار کي،
تُنهنجي ڪيرِي اک ڪِوڻ وَٽ، هُو نِسورو نُور نُور.

نُور کِي بيا نُور جا، آڏا سَتر، سَتر هَزار،
نہ تہ تجليءَ سان جَلن ها، جِيئن جَلي ويو طُور طُور.

چَنڊ تي چَوڪيون چُڪيون، هِيءَ پُون بَندا! تولاءِ بَس،
سِج، سَجڻ! هِڪ گَرم گولو، اُت نہ بيلا ٻُور ٻُور.

توکي هيٺان پُون پَري، تہ بہ اُپ تہ خالي خال آهِہ،
وَڃ ڪَندو جِيئن تو وَٽي، لَئڪا ڪُٽيءَ جِيئن لُور لُور.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فَخر سان فِرعَون وانگي، چڙهه مَٿي جيسين چڙهين،
پوءِ گهوڙو، گهوٽ ٻَئي، گِرداب جِي مَنجهه گهور گهور.

ساهه پَنهنجي کي نه سَمجهين، ساهه جو صاحِب نه اَور،
هُن کان مَخفي مُور ناهي، تُنهنجي اک جِي گهور گهور.

چَنڊ مان چُوندڻ چڱايون، واجبي جِيئَن وِچ مَنجهان،
پَر اُپو اُپ کي ٽپڻ، آهي سَراسر سُور سُور.

تُون چوين آئون نه آهيان، پَر نه آهِه ڪو ڏَٺي،
اَي نِڌڻڪا! اِن نَظر کان، اک ڪٽي تُون پُور پُور.

پاڻ هِڪ ٻَئي تان ڪِلُون، ڪِل پوءِ ڪولي ڏي خَبر،
تُنهنجو هاوِي هَنڌ هُوندو، يا هِندورا حُور حُور؟

اَڳ نه هُئين، پوءِ نه هُوندين، ڏِينهن ٻه اَڻ هُوندو مَ هَل،
پوءِ چُٽي پِهري وِڃان، هَر پِهر تي نئون پُور پُور.

عِلم 'احمد' کي وَٽي ٿو، پَر نه پُوڪن جُون ٻَڪُون،
جو نه مالِڪ کي مَڃي، سو آهي مُورک مُور مُور.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪنري، ضلعي عمرڪوٽ ۾ هڪ جلسي بابت چيل

مُلان مشرڪ پڪا آيا

مُبارڪ، مَرحبا ڪِهڙي؟ مُلان مُشرڪ پڪا آيا،
نہ مُرشد، بَلڪہ مُفسد، بَلڪہ مُلحد مُطلقا آيا،
ذَٽي دَر ڪان ڌِڪاريا سي، ڌِڪيَل ڪائڻ ڌِڪا آيا،
سَچي توحيد ۾ تِن جي، طُفيلي تفرقا آيا،
اِهي مَهندار تان مَهندان، مَٿي تي مُترڪا آيا.

سَچو جَلسو سَچڻ! جانچيَم، نہ سَئو سَئو جا سَلامي سَپ،
غَني غَفار کان غافِل، غَرض جي ڪَن غُلامي سَپ،
نہ هِڪ قُرآن جو قاري، ڪُفر سان هَم ڪَلامي سَپ،
نہ مُفتي بَلڪہ مُخطي، مُفتخوريءَ جا مَلامي سَپ،
عَدُو اَللہ جا آهِن، نہ عارِف اَصدِقا آيا.

مُحمد مِير تي ميلو، مُقرر ناهِہ مُوران ڪو،
نہ دَر دِلدار جو ڪولِيَن، ڪَن دِيدار دُوران ڪو،
مِليو حاضِر صَحابن کي، حُڪم اِهڙو حُضُوران ڪو،
هِتي بُت جِيئَن بُٽيَن تي، پَت بَنايو بي شُعُوران ڪو،
حُڪم حَق جا پَچي، حُڪمان حُڪم ڦيرڻ حقا آيا.

نہ سَمجهن خَلق خالِق جي، چوَن مَخلُوق کي خالِق،
نہ سَمجهن رِزق رازِق کان، چوَن مَرزُوق کي رازِق،
هَٽن ميڙا مُقامن تي، مِڙن مَعشُوق ۽ عاشِق،
فَرض ڦوڙي، سُڪا سُنت، هَٽن صَندُوق ۾ صادِق،
اِهي ناڪُر نلهين نِڪرين، نلها ڏيئي نَڪا آيا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وَني جو واٺ وَحدت جِي، وَهابي ٿا چوَن تِنهن کي،
خُدا هِڪ کي مَڃڻ خاطِر، خَرابي ٿا چوَن تِنهن کي،
اَچي سُومار تي ساگهر، صَحابي ٿا چوَن تِنهن کي،
گهُري گُل غَير کان جيڪو، گُلابي ٿا چوَن تِنهن کي،
عَجب عالَم، عَجب عالِم، عَجب اَهلِ تَقا آيا.

وَهابي واٺ وَحدت تي، هِنن جو وير واحِد سان،
رَکن شيخيءَ مَٿي شوخِي، نہ هَلندن شور شاهِد سان،
نہ آهي زور زاريءَ ري، زِياده ڪِنهن بہ زاهِد سان،
مُخالف پاڪ مالِڪ جا، لَڙن مومن مُجاهِد[1] سان،
ڪَبا ٽي داڙِهون ٽوڙي، پَلين ٽِيٽان ٽَڪا آيا.

هُئا هِندي نہ سِنڌي جي، هِندورن ۾ لُڏن هاٺي،
اَٺين پُرپين نہ اُٺ هَٿ ۾، اُهي اُپ تي اُڏن هاٺي،
ڦِريا قَيوم قادِر کان، ڦُٻن تي ٿا ڪُڏن هاٺي،
ٻلي جِيئن ٻوڙ تي ٻوڙا، لُڏن ٻيڙا ٻُڏن هاٺي،
مَتو مِهراڻ، مانگر مَڇ جي، مُنهن ۾ مارڪا آيا.

پُٽن لئي پير پُوڄيو، پيروي شَيطان جي ڪَن ٿا،
مُخالف پاڪ مالِڪ سان، مَدد مُلتان جي ڪَن ٿا،
غَرض خاطِر غُلامي ڪِنهن، غَلط غَلطان جِي ڪَن ٿا،
نَجس ناحق نِلائي، نَجد جي سُلطان جِي ڪَن ٿا،
ڪَري ڪاوڙ ڪَڪر[2] واري تي، ڪارا[3] ۽ ڪَڪا[4] آيا.

---

[1] حاجي ابراهيم ميمڻ

[2] مولوي عبد الرحيم پڇمي

[3] مولوي محمد عمر شيخوپوري

[4] پير غلام مجدد سرهندي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُقرر مُشرڪن جا، مُقبرن تي مُون ڏِٺا ميلا،
ڪٿي وَحدت جي وائي ناهِه، وو وو! هاءِ! واويلا!
عَجب افسوس! اُمت جا، نه ٿيا اڳواڻ اَلبيلا،
چڱن جِي چانٺ تي چَڪلا، چڱون تِنهن کي چوَن چيلا،
لُچا لالچ مَٿي لِچڪن، پَسڻ لالڻ لَقا آيا.

اَسان ۾ عَيب اِيءُ آهي، نه هِڪ الله کي مَڃيون،
سَچو مَهندار مَذهب جو، مُحمد شاهه کي مَڃيون،
ڏَٽيءَ ڏاران ڪري داتا، نه بِي دَرگاهه کي مَڃيون،
نه بِلڪُل ڪِنهن بُتيءَ کي، پڻ نه بُت بي ساهه کي مَڃيون،
ٻَري اِن ٻول تان اَڄ، هِڪ ٻه ٻانيڻ ٻالڪا آيا.

ڪِري شل! قَهر قادِر جو، اِنهيءَ ڪُوڙي ڪميني تي،
ٻَڌي جو بي گُنهه بُهتان، بَديَن جا بَديني تي،
سَچي سَردار جِي سِڪ آهِه، سونو نقش سِيني تي،
مُنوَر ماڳ، مَولا واڳ، موڙي شل! مَديني تي،
وَري جيئري ڏِسان جَلوا، جِتي جوهر جهڪا آيا.

اِهو اَبرهه، نه اِبراهيم[1]، جو الله سين آڏو،
گُهري گادي گَدائيءَ جِي، اَٿس گپ ۾ گَٿو گاڏو،
ڏيهَن ڏاتار ڏِئي ڏاتيون، ڏَسي هِيءُ ڏِئي سَندس ڏاڏو،
نه پُوڄا پِير جِي مان مَن! مِلي پينار کي پاڏو،
سَڙيَن کي سيڪ سيڪڙ جو، سَڏائي سي سَڪا آيا.

پِنن ڏَهه ڳوٺ ڏِينهن ۾ ڳَڻ، ڳَٽائن هِي اَجان حَق تي،
ٻَلارن جي بُتيَن کي بُت، ٻَٽائن هِي اَجان حَق تي،
چڱن جِي چانٺ تي چَڪلا، هَٽائن هِي اَجان حَق تي،
خَيالِ خَلق، خالِق تان، ڪَٽائن هِي اَجان حَق تي،
مُريدن کي مُنجهائي، مَرد ماڻڻ مَوج ڪا آيا.

[1] پير ابراهيم جان سرهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوَن پِيرن ڏِنون هِيءُ پُٽ، ٻَچي ’پِيرن ڏِنون‘ نالي،
حَقيقت ۾ نه پِيرن ڪي ٻه، پَروَر پاڪ ٿو پالي،
ڪٿي هَٿ مُلڪ تان مالِڪ، وَٺي مَت ڪِنهن ٻه مَتوالي،
خَلق فاني، مَلڪ فاني، فَلڪ فاني، نه جَڳ جالي،
خُدا باقي، سَدا باقي، ٻَندا سَڀ بي بَقا آيا.

اَسان وَٽ عَيب عِيسائِن، عَقيدو ٽِن خُدائن جو،
عَجب اَفسوس آهِه اَڄ، اَدا! تِن جِي اَدائن جو،
ڳِلا ناهي، ڳلو سارو، ڪَيائون ڳَڏ ڳدائن جو،
مَتو هَر مُقبري تي، مُفت ميڙو مَن مَدائن جو،
پَڳا ڪي هِن ٻُني، ڪي هُن ٻُنيءَ تي بي نَڪا آيا.

پِٺوري پِير، پارُوءَ تي، نارائڻ سَر مَٿي نانگا،
نه پيري ساڻ پيڙا ڪِنهن، ٻُنيءَ تي پيا ٻُڪيا پانگا،
ويا وِسري سَپِن سَچ پَچ، سَچي سائِنءَ سَندا سانگا،
عَرب ڏي اَڄ ڪٿي اَحوال، اُمت جو اُڏر ڪانگا!
نه مومن مُقبرن تي، مُشرڪن جِيئن مُشفقا آيا.

پَٽو پَٽيِن پَلي جا پال، پُليا! تو نه اِيئَن پانتو؟
پَڙهيِن ڪِنهن ڪان ڪِ پَنهنجي مُنهن، تو پُٽڙو پِير ڪان پانتو؟
خَبر ڏي اِيءُ خَلقڻ جو، خُدا ڦيريو ڪَڏهن ڪانتو؟
وِئِن تَڙجي تُون توڙئون توڙ، ڪَئِي تَحقيق تو سان تو،
تَڏهن ٻارهن ڪنيا ٻارن، چِڪي تو ڏي چَڪا آيا.

ڪِٿي قُرآن ۾ آهي، نه قادِر هَٿ ڪَڏي وَرتو؟
نه هِيءُ پاڙو ڪِ هُو پاڙو، فلاڻي پِير ڪي پَرتو،
چَڏيو رَب ڪي، سَڏيو هِن ڪي، نه سَڀ سُڪجي اِهو سَرتو،
سِگهو پُوري پُڄاڻان پوءِ، پُڇندو پاڪ پَروَر تو،
نه چَئو تُون ڪِنهن جي تابِع؟ تَخت توڙي تَعلقا آيا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻَچا ڙيندئي ٻَچاڙيءَ ۾، جَڏهن پُوري پُچا ٿيندِي،
اَچا ڪارا چِٽِي ٻَوندا، اَچن تي اُت اِچا ٿيندِي،
ٻَلن سان ٻال، ٻُچڙن سان، نه ٻُچڙي ئي ٻَچا ٿيندِي،
اَٿي ڪَل ڪافرن سان، مَنجهه قَيامت ڪار چا ٿيندِي؟
ٻَديءَ جو آهِه ٻَدلو ٻَد، ٻَدن ٻي رَونقا آيا.

رَسُولِ پاڪ روضي تان، تَڙيا تِيئن تِير ٿِي نِڪتا،
گَڏهه ڪاهي گَپن ۾ پيا، گَندا گهَگير ٿِي نِڪتا،
بَرابر بيلچي وارا، ٻَڙا ٻي ٻِير ٿِي نِڪتا،
سَڳوري سِنڌ ۾ پُهچي، سَرهندي پِير ٿِي نِڪتا،
خُدا ڪِيو خُوار تِن ڪي، تُون نه ٿِي خوش، خوش لِقا آيا.

پَيغمبر پاڪ پاٻوهيو، پِرِيَن پَيغام جي اَندر،
نه ري اَللهُ ناهي ٻيو، اَجهو اِسلام جي اَندر،
اَحد ’احمد‘ اَندر آهي، اَلف جِيئن لام جي اَندر،
ٻَلين ٻَڙڪي اِنهيءَ تان ٻاهِه، ڪِنهن بَدنام جي اَندر،
هِتي هُت پاڪ ڪَلمي سان، چِيهن ڪان چوٽڪا آيا.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شيخ اياز جي ڪتاب 'پونر پري آڪاس' جي مذمت ۾ چيل

مقالي اياز

ڪِروڙين قِسم قُدرتون ڪارساز،
نہ اَنگين نہ اکرين اُنهن جو اَنداز،
ٿيو دَنگ دُنيا جو دُور و دَراز،
نہ سَرحد ڏِسي ڪو سَگهي سَرفراز،
ٺلهو شوخ ٿيو شيخ نالي اَياز.

نہ اولهہ يا اوپر، اُتر يا ڏکڻ،
پَلين هيٺ هَل يا مَٿي پير ڪَڻ،
نہ ڪِٿ پير پَڳ پِرٿيءَ مان رَکڻ،
نہ لوڪن جو ليکو چَلي ٿيو چَکڻ،
خَلل ڪان نہ خالي خَيالي اَياز.

ڪَڏهن ڪِينَ هو ۽ ڪَڏهن مَنجهہ قَبر،
نہ مَحرم سَندس مُلڪ جو مُعتبر،
ڪِٿي شَهر ڪِهڙا، ڪِٿي بَحر بَر؟
سَڄي خَلق جي ڪيس ڪِهڙي خَبر؟
اَجايو اُجهي مَنجهہ اُجالي اَياز.

نہ سُڌ شيخ کي خود سَندس ساهہ جِي،
نڪا مُند، مادي، نہ وِڄ، واهہ جِي،
تہ ڪِهڙي اَلک پاڪ اَللہ جِي؟
گهٽون دُور دُنيا ڪان دَرگاهہ جِي؟
نہ قابِل قَبولي قَبالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نِشانيَن تي عاقِل رَکي اِعتبار،
صُبح آهِہ سِج جي نِشاني نِبار،
رَهيَل لوڪ ڪان ڪِينَ جوڙون جَبار،
چَڙهيو چِت مَٿي ڪو غَبيءَ کي غُبار،
ويو مَنجهه ڏِسڻ جي ڏيوالي اَياز.

هَوا، رُوح، مادو ڏِسي ڪونہ ڪير،
مَگر تِن جي مَوجُودگيءَ ۾ نہ ڦير،
هُئڻ ۾ ڏِسڻ شَرط چا جو چُڱير!
ٺلهي ڳَن ڳِدڙ مِثل گُمراهہ گير،
مُڙن ڪِينَ مُنڪر مِثالي اَياز.

نہ پاڻهين جُڙن هِي زَمينون زَمان،
نڪِي عَرش ۽ فَرش، اُپ آسمان،
ڳمان دار ڏاران نہ چُٽندي ڳمان،
غَلط آهِہ، گُمراهہ ڳَن جو گُمان،
ڏَمن تي ڏَمون ٿو ڏَمالي اَياز.

چوَن ڪِينَ ٺاهيا زَمانا زَمين،
نہ گَهڙ ڪِينَ ڪان ڪِينَ چَئبا ڳَمين،
اُپت ڪا اُپائِنِ اڳيان اَمين،
اڳي جا نہ آهي اَندر عالمَين،
نہ مَعلُوم ٻيا ڳَن مَقالي اَياز.

ڪِٿان آهِہ سَگهہ ڪِينَ مِسڪين کي،
نہ ڪِي ڪُجهہ بَنائي سَگهي ڪِين کي،
تَفو هَر طَرف تِنهن جي تَلقين کي،
لڳي بُود نابُود نابين کي،
نِڌڻڪو ٿيو ڪوئي نالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَمان ۽ اَبي جو نه اُن کي اَدب،
سُگهڙ ٿي سُدارين سِندي اَدب،
نه ڄاڻن وَزن، يا وِتر، يا سَبب،
ڇُنون ۽ رُنون راند ۾ روز شَب،
نَچي ٿو نَموني نِرالي اَياز.

ڪَري خَلق ڪِيئن ٿي خُدا پاڪ ڪان،
ڏِسن ڪِينَ ڪِيئن خَلقيا خاڪ ڪان،
اَنڌا عَرش ۽ فَرش، اَفلاڪ ڪان،
هَوا، رُوح، مادي جي اِدراڪ ڪان،
پيو مَنجهه گهٽي ڪِنهن گهوٽالي اَياز.

اَجان سُڌ اَڌُوري اَلڙ ٻار کي،
اُماڻين اِسڪُول آوار کي،
مِليو ماسٽر مَست مَيخوار کي،
ڪَڍيئين دِين دُنيا مان دِلدار کي،
سَگهي پاڻ کي ڪِيئن سَنڀالي اَياز؟

اَجان مَس ڦُٽن اَلڙ آني مَنجهان،
نه ڄاڻن زَمين ۽ زَماني مَنجهان،
نه نِڪريو وَڃن خان خاني مَنجهان،
سِڌو رَب تَعاليٰ تي طَعني مَنجهان،
سُڪن گڏ لڳي آڳ آلي اَياز.

اُپائي نِپائي ڪَيَس رَب وَڏو،
نه مَنجهه لال بازار لاٿئين لَڏو،
پيو جَنگ تِنهن ساڻ جوٽي جَڏو،
سُيا گڏ نه هُوندس هَڏي سان هَڏو،
نه ڪِنهن سُڌ نه هو هِت ڪو نالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جَمن اَصل اِسلام تي ٻارڙا،
وَڏن جِي وَتن واٽ ويچارڙا،
ڪٿن پير جِهڙا پِيَن پارڙا،
هِندُو يا مُسلمان موچارڙا،
نڪا واڳ وَس جِي وِصالي اَياز.

اِها آهِه تعليم اَڄ ڪال جِي،
نه ڳَڻتي ڳِپورن کي ڪِنهن ڳال جِي،
نَنڍا ٿيا اِنهيءَ ۾ وَڏا وال جِي،
ٻَلين پوءِ ٿِئي عُمر سَٺ سال جِي،
پَڄي پال ڪان طرف پالي اَياز.

اِها توڙ ڪان آهِه تَعليم تِن،
خُدا پاڪ خود جِي نه تَعظيم تِن،
نِياپا نَبيءَ جا نه تَسليم تِن،
رَڳُن ۾ رُڳو روڳ ۽ رِيم تِن،
مَچڻ جِي نه مُڄ مَنجهه ميڄالي اَياز.

وِڃائي وَهي پوڙهپڻ ۾ پيا،
نه ٻِئي جِي ٻُڌن ٻوڙپڻ ۾ پيا،
ڪَري ڪُوڙ ڪَئِن ڪوڙهپڻ ۾ پيا،
گُنگا ۽ گَنجا نوڙهپڻ ۾ پيا،
هَلي توڙ سين تِرڪ تالي اَياز.

سَندي ڪارگر ڪوبه ڪَم ڪار ٿِيو،
ڏِسي ڪار بَدڪار اِنڪار ڪِيو،
ٻَٽي هِيءُ نِڌڻڪو ڏَٽيءَ ڏار پِيو،
جَڏهن سو جَڏو پيش جَبار وِيو،
اُباسي نه ايندِي اَبالي اَياز.

گِرامي[1] لکو تِنهن جي گُفتار تي،
گِرفتار جهڙس گِرفتار تي،
هَلي ڪانگڙو ڪَبڪ رَفتار تي،
طَبع خوش تَنبُوري جي تَند تار تي،
سَنگت سانگ سُرندا سَنپالي اَياز.

گِرامي گِرامر سِنڌي چا لِکي؟
بَديءَ ري بَندو مَنجهه بَندي چا لِکي؟
بِنان گُفتگُوئي گَندي چا لِکي؟
خُدا کان قِرِيَل خود وَندي چا لِکي؟
جُمعي رات پيو مَنجهه جَمالي اَياز.

خُدا جي نه ڪائي خَبر خان کي،
چوَن حَق مَوجُود اِنسان کي،
مَوالي پُڇائي ٿو مَيخان کي،
گَڏيو گهر ۾ پوءِ گوهر جان کي،
چِتائي چَلي ڏِس تُون چالي اَياز.

نه اکين ڏِسن ٿا عَجب آسمان،
نه ظاهِر بَظاهِر زَمينون زَمان،
چوَن حَق اِنسان کي اَلاَمان!
خُدا خود کي بي دِين پائن گُمان،
کَڻَن ٿا خُواري خَجالي اَياز.

گهڻون ديس کان دُور هُئا دَهريا،
پَڙهائي جي پيٽي اَچي سَهريا،
وَٽيون واپرائي وَگر وَهريا،
چوَن ٿا نه چَڪلي طرف پَهريا،
هَلي هَٿ هَنيو تِن جي تالي اَياز.

[1] مولانا غلام محمد گرامي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيارن سَندن کي لِکي ٿو پيام،
اَڃو ۽ نَچو عُمر باقي اَيام،
نہ مَنجهہ سُود سَمجهو صَلواتون صِيام،
قِياماً قَبوليو نہ ڪارِي قِيام،
رَکو ڪا پَتي مَنجهہ پيالي اَياز.

نہ هِيءُ سِنڌ يُونيورسٽيءَ جو شان،
جِتي آهِہ ناظِر نَبي بَخش خان،
نہ تِنهن کي ڪَجي دَهريَت جو دُڪان،
پَڪو پَڪ چوَن ٿا پَڪا مُسلمان،
نہ ماني ويئي مانَ والي اَياز.

سُڄ ڳالهہ سالِڪ! ڪَري دِل ٿَڌي،
شَرابي سُڃاڻي سَگهن ماءُ نہ ڏِي،
وَٺيون پِي وَٺي تِت وَڃن ٿا وَڌي،
ڪَن ڪِن پيا سي ٻَنڌڻ ۾ ٻَڌي،
ڏَماليو ڏوئِن پيا دوشالي اَياز.

نَبي پاڪ پَيغام پَيغمبري،
شُتر بي مَهار آهِہ اِيءَ شاعِري،
سُهڪ مان سُتي صاف ڪِن کي سَري،
ڦُٽي شاعِريءَ مان مَگر ماعِري،
مِلي ماعِري سا مَوالي اَياز.

نَشي ۾ نَمازُون نہ آهِن رَوا،
نہ ڪِهڙا ٿِيَن ڪَم سَنوان تِن سَوا؟
نہ اُپ يُونِ اَندر ڪا پَوائِن پَوا،
ڪِرن کُوهہ ۾ ڪَر هَلن مَنجهہ هَوا،
ڇَڏيو حَق تعاليٰ هَڪالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ چاڙهن شَرابي شَريعت نِڪاح،
مِلي سو مَلُوڪن کي مِڙئي مُباح،
نہ جَهلجي جَهلي باهِہ سانجهي صُباح،
اِهو سَڀ اِنهن وَٽ اَدب اِصطلاح،
هَمہ حَق نہ حاجت حَلالي اَياز.

ڪَهو ڪير آهين اِهڙا فَياض؟
عَرب ۽ عَجم، رُوم يا مَنجهہ رِياض،
تہ اُن تي اَجايا ڪيَئُون اِعتراض،
پَلين بَيت ڪِهڙا لِکيئُون مَنجهہ بَياض،
ڪَڏُون اک مَنجهان تان اوپالي اَياز.

مَتان سي اُهي جِن چَوايو اِلہ،
پَڳا بي پَناهن طرف بي پَناهہ،
وَٽيون واپرائي کِهڙيا مَنجهہ گُناهہ،
نَشي ۾ نہ ڪا نار، نَر جِي نِگاهہ،
نہ بَندش ڪِٿي بَد خِصالي اَياز.

نہ حَج، خَير، روزو نہ چاڙهن نَماز،
چوَن مَعرفت مَنجهہ مَحَبت مَجاز،
رَندِيَن ساڻ شَب روز راز و نِياز،
صُبوحي صُبح سان سُريلون ۽ ساز،
دَنبُورا وَڄائي دُنبالي اَياز.

خُدا سان خودي، اِيءَ خَرابي خَمر،
نَشي ۾ نِهارِين نازُڪ ڪَمر،
پَڄن پَنگ پوٺا اِلاهي اَمر،
ڏيکارِين ڏاتار خود تي ڏَمر،
جَجهو جَنگ اِن ۾ نہ جالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اِهو ناهِه جِنهن کي اَدب پاڪ رَب،
ڪَندو ڪير تِنهن بي اَدب جو اَدب؟
وَسي بي اَدب تي خُدا جو غَضب،
نہ سَمجهي سَگهون ٿا تہ ڪِهڙي سَبب؟
خُدا سان خودي خود خِيالي اَياز.

مَڇر ناس نَمرُود جِهڙا ڪِيا،
لُڙهي فَخر فِرعَون وارن وِيا،
اُتي شوخ جي شيخ جِهڙا ٿِيا،
بہ هَٿ جِنهن جي هَٿ ۾ هَلي تِن پِيا،
جَهليو آهِہ جَهنم جي جالي اَياز.

پُليا پَونر آڪاس تي پورڙا،
تَپيو تَنگ تِنهن لئي چِنن چورڙا،
نِڏُڪا نِيَر ۾ نَچن نورڙا،
بَنيا دَهريا ڊار جا ڊورڙا،
وَبائي ڪٽن ٿا وَبالي اَياز.

يارو! نہ هِيءَ يُونيورسٽي کَپي،
تہ گِرامي وَجيو گَپ گَرِٿ ۾ گَپي،
گِلا خود خُدا جِي چَپاڪُو چَپي،
نہ اِن جي اَدب ۾ اَدب ماءُ ۽ پي،
نہ ساڃاهہ سُهري نہ سالي اَياز.

اِهو مُلڪ جي آهِہ اِسلام جو،
نہ گُهرجي بَڌڻ بُوٿ اَظلام جو،
اَدب جِنهن نہ اَللهُ جي نام جو،
نہ مُرسل مَديني سَندي جام جو،
غَزل جانچ هَر هِڪ غَزالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خُدا ڪان ڦِرڻ آهِہ خامي سَندس،
نہ هِمت مَنجهن پڻ نہ حامي سَندس،
پري پَونر ۾ بَد ڪَلامي سَندس،
پَڙهن نَظم نامي گِرامي سَندس،
نہ بيا ڪي ٻُڌن ٻول ٻالي اَياز.

نہ هِيءَ پرٺي آهِہ پاڻهين جُڙي،
مَٿان مِينهن آيو نہ پاڻهين ڳُڙي،
نہ واهُڙ وَسن ٿي ڦُڙي ۽ ڦُڙي،
نہ اُپريو نہ پاڻهين مَٿان ويو مُڙي،
نہ اُپ پُون بَنيا ساڻ آڳي اَياز.

نہ آهي خُدا جي تہ سَڀ خاڪ بَس،
نہ ڪوئي ڪي ڪُتڪو نہ جيسر ڪي جَس،
مَگر آهي، آهي تہ پوءِ ڪِنهن ڪي ڪَس،
اَوس ڏِئي اَندر باهِہ ۾ بُوالهوَس،
نَتيجو پَلي ڪو نِڪالي اَياز.

خُدا هو، خُدا آهِہ، هُوندو خُدا،
نہ هَلندا جَجهو مُدعيَن جا مُدا،
حَقيقت بَني جي هِتي هُل ٻُڌا،
جَڏهن جان ٿيندِي جِسم کان جُدا،
ٻُڌج ڳالهہ پوءِ جا بہ ڳالهي اَياز.

صَحابي، ڪِ تابعي، تَبع تابعين،
نہ اَللهُ چَوايو اُنهن اَجمعين،
مَگر پوءِ ٻَڌاڪي لڳا پُٺ لَعين،
سَزائون اُنهن جُون سُيون سامعين،
نہ فَتوا مَجي ڦيريالي اَياز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جَڏهن ٽِين صَدي ٿيئي آخر اَچي،
سَفر سَپ سِڌاريا چوَن جي سَچي،
تَڏهن پيا لَنگهن سان گهٽان گهر نَچي،
هَٽن دَمر اَنا الحق مَوالي مَچي،
جهلي پُٺ سَندن پيٺ پالي اَياز.

ويون قَومر مان ڪُل قَضائون جَڏهن،
مَچي مُلڪ ۾ پيا مَوالي تَڏهن،
چُڪو پِي چوَن ٿا اَنا الحق هَڏهن،
مَٿان ڪَند ڪَرڪي قِيامت ڪَڏهن،
اُنهيءَ دَمر بُڌج آهہ نالي اَياز.

اَگهامي نہ 'احمد!' اَگهاڙو اَدب،
نہ لَڄ لوڪ ڪان پڻ نہ ڏَپ ڏاءُ رَب،
سَزا تِن تي سَرڪار جِي اِن سَبب،
اَگهاڙن تي آهي خُدا جو غَضب،
نہ پَروَر ڪي پَرواهہ پالهي اَياز.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فتح مصنوعي حج لواري

(۱)

پُر امن ستياگرهه جو سڏ

نعرهِ اَللہ اَڪبر تي، اَچي جيڪو اَچي،
ڪاهه آهي ڪِنهن بہ ڪافر تي، اَچي جيڪو اَچي.

پُر اَمن سَتياگرهه جو، سَڏ سَمُوري سِنڌ کي،
بيو بہ ڪو موقعي مُقرر تي، اَچي جيڪو اَچي.

قَبر کي ڪَعبو بَنايو، حَج پَڙهن هِت هيج مان،
تِنهن زَباني ذات مَظهر تي، اَچي جيڪو اَچي.

خاڪ مان خَلقيَس خُدا، سو خود خُدائيءَ ۾ پيو،
مُلڪ سَڀ جو ميل مُنڪر تي، اَچي جيڪو اَچي.

هَٿ حَياتيءَ تان کڻي، هوڪو هَڻي آيا هَزار،
سي سِپاهي سَڀ سِتمگر تي، اَچي جيڪو اَچي.

اَڄ مُقرر مومنن جو، مَعرڪو مَيدان ۾،
ڏوڪبو دُشمن سَندي دَر تي، اَچي جيڪو اَچي.

شير نَر نِروار نِڪتا، نادري نَعرو هَڻي،
حَيدري حَملو بہ هِڪ شَر تي، اَچي جيڪو اَچي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَسخريون مَڪي مَٿان، مومن سَهي ڪيسين سَهن؟
چا بہ ٿئي، نَعري نِشانبر تي، اَچي جيڪو اَچي.

عِيد اُضحيٰ تي هُيون اُضحيون اَڳي ڪَيون پيون،
اَڄ تہ صَدقي جو حُڪم سِر تي، اَچي جيڪو اَچي.

خان ليٽي خاڪ خُون تي، خَلق ۾ خوشبُوءِ ڪَندا،
مَرد مُشڪي مُشڪ عَنبر تي، اَچي جيڪو اَچي.

ڪَن خُدا تان سِر فِدا، سي تان اَدا! جِيئرا سَدا،
آهِہ بُڇڙو مَوت بِستر تي، اَچي جيڪو اَچي.

بَندخانا هِي مَ ڀانيو، بَلڪ باطِن ۾ بَهار،
گُل چَمن تي، گَنج گوهر تي، اَچي جيڪو اَچي.

غَير مُسلم جي غُلامي، غَرق ڪِيا غَم ۾ غُلام،
زيبِ تَن زَنجير زيوَر تي، اَچي جيڪو اَچي.

جان قُرباني ڪَرڻ ري، قَدر ڪِهڙو قَوم جو؟
اَڄ اِهو مَضمُون مِنبر تي، اَچي جيڪو اَچي.

جِن حَياتيون گهور حَق تان، هَر هَميشہ سي حَيات،
خود شَهادت، شَهد، شَڪر تي، اَچي جيڪو اَچي.

گهوٽ! گهَر پيٽان گهَٽان ڏِيٺهن، شَوق سان شَربت گِلاس،
جَلد جاني! جامِ ڪَوثر تي، اَچي جيڪو اَچي.

واهہ! نائيٺءَ جو نِظارو، نَئون نَظر ۾ بي نَظِير،
ڏُو لُوارِيءَ جي بہ لَشڪر تي، اَچي جيڪو اَچي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اوچتو اَزغيب آئي، اَڄ اَبابيلن جِي فَوج،
اُونڌ اَبرهہ عَدُو اَبتر تي، اَچي جيڪو اَچي.

آبرُو اِسلام جي تان، گھور ’احمد!‘ آبرُو،
بيو بہ ڏِئي جو ساهہ سَروَر تي، اَچي جيڪو اَچي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲)

الله اڪبر ٿيو جڏهن

اِيمان آيو جوش ۾، الله اَڪبر ٿيو جڏهن،
پَرواز پَردي پوش ۾، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

اِيمان جو ٿيو اِمتحان، نِروار نَعرو ناگهان،
مَنجهه جوش جَذبن ڪُل جهان، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

الله جو اَعليٰ اِسم، قُربان تِنهن تان ڪُل قِسم،
جَهليو نه جَهلجي ڪِنهن جِسم، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

الله جو نالو مِنو، سَيڪنهن چَڱائيءَ جو چِنو،
اُن جو اَثر ڏيهَن ڏِنو، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

الله جو نالو نُور ٿِيو، دِل تان ڏَٽي ڏَپ دُور ڪِيو،
پڙ ۾ پَچرُ جو پُور پِيو، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

الله جو اَڪسير ناءِ، تَن مَن ڪَيو تَڪبِير تاءِ،
خود جيل ٿيو جاگير جاءِ، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

نالي ڏَٽي، نَعرو هَٽي، نَعرو هَٽي، آيا ڪَٽي،
آيا ڪَٽي وائي وَٽي، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

آيا پَکي پَرواز سان، نازُڪ مَرڻ تي ناز سان،
اُپ پُون گَجن آواز سان، الله اَڪبر ٿيو جڏهن.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِچ ڪان هَليا ڪامِل ڪُڏي، آيا اُتر ڪان ڪي اُڏي،
لاشڪ لُواري وئي لُڏي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

آڳُون اُتر اَفغان ۾، ٿَر بَر بَلوچستان ۾،
مانجهي مِڙيا مَيدان ۾، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

ڪَئمپون لڳيون قاضياهه پَر، عالي نِظارو عُمر پَر،
سَيڪو چَوي ساٿي! سَنپر، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مَسجد اڳيان مَيدان ٿيو، جِنهن قُرب هو قُربان ٿيو،
هَرڪو پَسي حيران ٿيو، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

جِن ڪالهه ڇيو هِي ڇا ڪَندا؟ اَڄ ساهه سوڙها تِن سَندا،
پَيڪي اُٿيا بيشڪ بَندا، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

بيشڪ بَدينا باغ ٿيا، لاغر هُئا سي لاغ ٿيا،
دُشمن ڪي دِل ۾ داغ ٿيا، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

آواز ڪِٿ آباد جو، ڪِٿ زور زِنده باد جو،
بَرباد حَج بيداد جو، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مَيدان ۾ مُشتاق مَل، موجب اَمن اُن جا عَمل،
قِريا قَهارن جا ڪَمل، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

سَودو سِرن هِن سال ۾، لوڏو لُواري لال ۾،
هِندُو مُسلمان حال ۾، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

طالِب فِدا تَوحيد تي، سَڀ عَيش وِسرِيَن عِيد تي،
دِل مَست دَرسن دِيد تي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَڄ جان هِت جاني ذِبي، گڏ نِينهن نِيشاني نِبي،
بِي ڪا نه قُرباني ڪِبي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

اَٿ ڏَهه هَزارن جي عَدد، آيا مُجاهد مَنجهه مَدد،
دَهليا دِلاور دام دَد، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

ٿي سَئو، مَٿي پَنجاهه ڪَن، پوليس پَهري تي لَڳن،
ڪِنهن جِي نه رَب ڏاران رَڪن، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

آئِي مَدد ۾ مِلٽري، شامِل سِپاهي سَنتري،
آخر اَمن سان ويا ٿَري، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

پاسي لُواري لَشڪري، ڪَعبي، مَڪي تان مَسخري،
ٿيئي خَرن جِي بَس خَري، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

نِڪتو جَٿي پُنيان جَٿو، ليڪو لُواريءَ جو لَٿو،
مُنڪر ڪُٽي ٿو مُنهن مَٿو، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

لَشڪر لُواريءَ تي لَٿا، نِڪتا جَٿن پُنيان جَٿا،
صاحِب مَٿان صَدقي مَٿا، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

نِڪتو جَٿو پُنيان جَٿي، پَريا جَوانن جيل ٿي،
سُورهه ڇَهه سَئو تيرهن مَٿي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

شَيطان جِي ڇَٽ ٿِي شَڪل، هَر پار ۾ حَق حَق هَڪل،
ڪِنهن جِي پَوي ڪِنهن کي نه ڳَل، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

ڪَعبو نه ٻَٽندي ڪا قَبر، پُوڄين بُت کي بي خَبر،
تَن ۾ لڳن تِير و تَبر، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

بي ڏِين جو پيو حَج پَجي، وِيئي لُواري ٿِي لَڄي،
پَئي حاڪِمن هِمٿ هَڄي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

پيڙا بَديني ٿيا پَجي، پيرا وِيَن پَهرين ڪَڄي،
دَهلي هَلي دُنيا سَجي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

اُن تي عَلامت اوٽ ۾، لعنت مَلامت موٽ ۾،
ڪاڙهو قِيامت ڪوٽ ۾، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

حَج ۽ لُواري ڇا لَڳي؟ دوکو ڏِيو دُشمن ٺَڳي،
پيٽي نہ آهِس ري پَڳي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

سَڀ هيج پُورا هاڻ ٿيا، ايندي پَشيمان پاڻ ٿيا،
ڏهہ ڏِينهن تِن کي ڏاڻ پيا، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

اَرمان ۾ پيڙا اَچي، مَهندان ممڻ وِيڙا مَچي،
ٿيڙن ڪمائي ڪُل ڪَچي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

اَحمد زَمان[1] اَرمان ۾، دِل جي دَوا دَرمان ۾،
ڦيرو پيَس فَرمان ۾، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

لَڳيس لَڳت، پَڳيس ڪُني، ڇا ۾ سَڏائي سو سُني؟
هِن پير جي پِيري پُني، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مَولا مَدد مَخفي مُڪي، وِيو ساهہ ماڻهن جو سُڪي،
هِن پِير جِي پِيري چُڪي، اَللهُ اَڪبر ٿيو جَڏهن.

[1] لواريءَ جو ڇهون سجاده نشين پيير احمد زمان

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِن پير جي پيري چُڪي، جِنهن کي جَماعت ٿي جُهڪي،
ويو سو ڇَوي وانگر ڇُڪي، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مومن مُريدن ۾ مِيان! حَق ڏي لُڏي آيَن هِنيان،
ڪِيو دِين پاسي تِن ڏِيان، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مومن مُريدن ۾ ٻه ڪي، جِن ساهه صاحِب کي سِڪي،
وَريا وَطن واڳُون ڇِڪي، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

مومن مُريدن ۾ ٻه جي، ڪيئي حَقيقت تِن هُجي،
حَج ڪَعبة الله جو ڪَجي، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

حَق جي حِمايت ٿوپ ٿِي، جاءِ ڪُفر جي ڪوپ ٿِي،
سَچ جي سَراسر سوپ ٿِي، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

’احمد!‘ اَمن هَر هَنڌ ٿيو، هِيءُ حَج هَميشه بَند ٿيو،
روشن سِتارو سِنڌ ٿيو، اَلله اَڪبر ٿيو جَڏهن.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٣)

حزب الله جو نارو

لڳو حَج جي حِفاظت لاءِ، حِزبُ الله جو نارو،
اَحد اَلله اَڪبر سان، اُٿيو عالَم ڳجي سارو.

خَلق هِڪ جو خُدا آهي، خُدا تان سِر فِدا آهي،
نَبي نُورُ الهُدا آهي، مُحمد مِير موچارو.

طَبع ٿِي ڳُل تَصرفن تي، حَبيبَن جي ٻه حَرفن تي،
تَجليون تاب طَرفن تي، ڪَري تَوحيد جو تارو.

مُحمد جا مَڪي ڏي سَڏ، پُڇن ٻِي ڏِس ڏِهاڙي ڏَڏ،
لُواريءَ پاس لاٿون لَڏ، پيو لوڀِيَن ۾ لابارو.

مَڪي ڏي مُصطفيٰ سَڏيو، لُواريءَ ڏانهن هِنن لَڏيو،
حُڪم حَق جو اَٿن ڇَڏيو، ممڻ تِن تي مَچڻ وارو.

نه لائق حَج لُواريءَ ۾، پيا خالي خُواريءَ ۾،
وِڏائون وات واريءَ ۾، مَٿن لَعنت جو لامارو.

شَرع تان شور شَهرين ۾، ٻَري ٿي آڳ ٻَهرِيَن ۾،
ٿيو لَعنت جي لَهرِيَن ۾، لُواري ڳوٺ لَهوارو.

سُونهَن سامهان سَتياڳرهي، صَبر سان صِف ٿِيَن سَرهي،
چوَن صَدقو ٿيو سِر هِي، وَري مَن! وَصل جو وارو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَسين آرام، عِيدن ۾، خُواريون زَرخريدن ۾،
مُربيءَ ۾، مُريدن ۾، مَتو ماتام ۽ مارو.

بَدينا بَرک ٿيا بيشڪ، وِڏئون سِنڌ ڪي نہ سونو نَڪ،
لڳو دُشمن ڪي دِل تان ڌَڪ، ڪَري وِيچار ويچارو.

مَڪي ڏي مُنهن مُوَحد جو، سُنو مَذهب مُحمد جو،
اَحد سان عِشق ’احمد‘ جو، نہ ٻيو اَللهَ ري آرو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۴)

حزب الله جو هوڪو

لڳو حق جي حمايت لاءِ، حِزبُ الله جو هوڪو،
ويئي دِل دُشمنن دهلي، لٿو دُنيا مٿان ڏوڪو.

جِيئڻ جي ٿا گُهرو جاني! سَراسر تاج سُلطاني،
نہ ڪَريو ڪار قُرباني، اِهو اِسلام اَصلوڪو.

خودي مُٺ خاڪ جي ڪوٺي، اَسين سَڀ غَرق ٿُهن چوٺي،
مَري سَيڪو مَگر موٺي، نہ هِٿ آيو نہ اِيندو ڪو.

ٿيا لالڻ لُواريءَ وَٽ، قَبر ۾ ڪَعبة الله سَٽ،
ٻَڌي اِهڙو اُگهاڙو زَٽ، ڪَٽر ڪُوڙن مَنجهان ڪوڪو.

مَڪاني حج مَڪي ٻَدران، ڇيها نِت چوٽڪي ٻَدران،
ڪَٻا ٽوڙي ٽَڪي قَدران، لُواري هيڪ لَٽ لوڪو!

لُواري لَعن طَعنن ۾، جِيئڻ جاڳڻ جَوانن ۾،
ٻَهاريون ٻَندخانن ۾، لڳي اَڄ باغ ۾ ذوقو.

ٻَندن جِهڙو ڀَلا ٻَندو، ٻَندن جو ڇا ٻَچاءُ ڪَندو؟
نظر ڏَڻ تي ڏَٽيءَ سَندو، نہ لهندو ٻيو ٽلهو ٽوڪو.

ٽلهو ٽوڪو ٽَڳي آهي، لُواريءَ کي لَڳي آهي،
ٻُلَين تان پِٽ پَڳي آهي، مَٿ ڪِيو ڦهر ڪَڙڪو ڪو.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

اسين قربان ڪعبي تان

اَسين قُربان ڪَعبي تان، خُدا جي نام تان صَدقي،
مَرڻ مَنظُور مَذهب تان، مُحمد جام تان صَدقي.

مِٽي مَولا جِي مَرضيءَ لئي، مَٽي ڪان وَڌ نہ مُلهہ مُون وَٽ،
اَسين اِسلام تي آهيون، تہ سِر اِسلام تان صَدقي.

مَٽي ۽ مال جي مُلهہ تي، مِلن جاگير جَنت جا،
اِهو اَنجام آيت ۾، اِنهيءَ اَنجام تان صَدقي.

ڪَري سَيڪو سِپاهي سِر فِدا سَرڪار پَنهنجي تان،
اَسين اَللهُ جا آهيون، سَندس اَحڪام تان صَدقي.

لُواريءَ ۾ لَٽون وَسنديون، مَگر ڪَعبو سَدا قائم،
خُدا جي گَهر مَٿان گهوري، گَسن ۽ گام تان صَدقي.

مُقرر حَج مُسلماني، فقط مَڪي مُڪرم ۾،
ڏَٺيءَ تان ۽ ڏَٺيءَ جي دوست، دِل آرام تان صَدقي.

مَري پَوندا مِٽيءَ ۾ سَڀ، مَرڻ کان چو مُڙڻ گُهرجي؟
اَسان جو بُت، رَڳُون، رَت، رُوح، رَب عَلام تان صَدقي.

حُڪومت هيڪ ٻِئي پُنيان، اڪيَن سان اَج ڏِسي رَهندي،
نہ هِڪ 'احمد' سَوين اَحمد، اَحد جي نام تان صَدقي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٦)

مرڻ منظور مذهب تان

اَسين آهيون ڪَڙولا قَيد، ڪَعبي تان ڪَٽڻ وارا،
مَرڻ مَنظُور مَذهب تان، نه آهيون مُنهن مَٽڻ وارا.

قَبر ڪَعبو ڪَريو ڪاهِن، لُواريءَ ۾ لَڏون لاهِن،
پُٺي تِن جي پيا آهِن، پَڪي پاڙن پَٽڻ وارا.

گهَٽيون گهَٽ گهوٽ سَڀ گهمندا، نه چاڪر چانٺ اَڄ چُمندا،
ڪَري سِينان سِپر سُمهندا، سِپاهي سِر سَٽڻ وارا.

پَلين سُتلن جي سِيني سِر، لَنگهائن لارِيون موٽر،
ٿيا لِلّٰه گڏ لَشڪر، لُواريءَ کي لَٽڻ وارا.

مَٿو حاضِر، مَڏي مايا، مُٺا سي جَڻ نه ماءُ جايا،
مَلهي مَيدان ۾ آيا، مُجاهد مُڇ وَٽڻ وارا.

مَچين مَذهب مُحمد جو، نه ’احمد!‘ ڏي اَحد تان سِر،
هِتي جِيءُ ڪيترو جِيئندين؟ جِتي جَهٽ پَٽ جهَٽڻ وارا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

سرفروش سنپوڙا سويل هيل

سَرويچ، سَرفروش سَنپُوڙا سَويل هيل،
چمڪي ٿو سوڀ جو نہ سِتارو سُهيل هيل.

ڪعبي ڪَريمَ ساڻ هَٽي ٿو ڪُلهو ڪُلال،
تِنهن جي مَٽي تي آهِ مَٽيرن جو ميل هيل.

اَبرهہ تي پيا اَچي ڪي اَبابيل اوچتا،
مُنڪر خُدا سَندو نہ خَتمَ آهِ ڪيل هيل.

مَنجهہ لوڪ اوڪ موڪ لُواريءَ تي لَعنتون،
اِن رِيت رَحمتن جِي ٿِئي ريل ڇيل هيل.

جِن حَج مُبارڪون ٿي مِليون ڪالهہ ڪوڙ مان،
ڏِينهن رات بات وات تِنين ويل ويل هيل.

يُوسف عَليہ السَلامَ جِي سُنت جو سال آهِ،
ڪريو جَوان! جيل پَرڻ ۾ نہ ڍيل هيل.

پَرسال جِن کي پاڻ ڪيو ووٽ ڏِئي وَڏو،
جَهليا وَڃن جَوان تِنين جي طُفيل هيل.

اَللہ ۾ اُميد اَٿئون آسرو وَڏو،
هِن حَج سَندي حاج لهي هيل هيل هيل.

’احمد‘ جِي عِيد ويئي ۽ اَحمد زَمان[1] جو حَج،
هُن لاءِ هَميشہ ويل، اَسان لاءِ جيل هيل.

*

[1] لواريءَ جو ڇهون سجاده نشين پير احمد زمان

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٨)

سر گھور

سِر گھور گھوٽ اَڄ نہ گھٽان ٿيا گُمان ڪان،
هِھڙو ظُھُور ٿيو نہ زَمين تي زَمان ڪان.

ڏاڏس جِي ڏِس قَبر کي ٿو ڪعبو ڪھي ڪُلال،
اِن مَسخري تہ ماٺ نيئي مُسلمان ڪان.

ڪاهي ڪُڏي جي ڪاله هَليا قَرض لاهي ڪُل،
آيا اَري تي، ڪِينَ ڏِڃن اِندمان ڪان.

موتيءَ مِثال مَوت ڪان موڙيا مُڙن نہ مُور،
خاٺن چڏيا خَيال ڪَٽي خان مان ڪان.

ويريءَ کي پيا وُجُود ۾ ڪي وَڍ وَڍن مَٿي،
ڪَڙ ڪَڙ ڪَري ٿو ڪان مَنجھن ڪِنھن ڪمان ڪان.

اَفسر کي چوَن تہ اِن کي نہ ايندي ڪِتان ڏِسُون،
اُپڙن پيا اِتي ڪِ لٿا آسمان ڪان.

صَد آفرين ’احمد!‘ اَڄ عَرش فَرش ۾،
هِڪ ٿِي اُميد، بيو نہ ويو ڪم اَمان ڪان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(٩)

نه موٽو پوئتي موٽو

اَدا! اِسلام تي آهيو، نه موٽو پوئتي موٽو،
خُدا کي خوش ڪرڻ چاهيو، نه موٽو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ حَج مُسلماني، لُواريءَ جو لَقا فاني،
اَٿو جي نُور اِيماني، نه موٽو پوئتي موٽو.

مَندل مَڪي مَديني ۾، پِڳا آئين بَديني ۾،
اَٿو سِڪ ساهه سِيني ۾، نه موٽو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ مومنن ميڙا، بَدينن ٿيا اُوهين پيڙا،
نه ٻوڙيو جي هَٿين ٻيڙا، نه موٽو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ مومنن ميلا، ڏِسيو پَٽ رُوح ڏِئي ريلا،
اَٿو ڪو عَقل اَلبيلا! نه موٽو پوئتي موٽو.

مَڪي ڏي مَرد مَنزِل ۾، دَغا آن کي پيئي دِل ۾،
رَهو قابُو مَٿي ڪلمي، نه موٽو پوئتي موٽو.

حَرم ڏي ويا هَلي حاجي، اَوهين ٿيا پِير جا پاجي،
اَٿو نِيت ٿيون ناجي، نه موٽو پوئتي موٽو.

مَڪي جي حَرم جا حاجي، مِليو نالو تِنين ناجي،
ڪَريو جي آخرت آجي، نه موٽو پوئتي موٽو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَڪو مَعمُور بَيتُ اللهﷲ، نِسورو نُور بَيتُ اللهﷲ،
اَتو مَنظُور بَيتُ اللهﷲ، تہ موتو پوئتي موٽو.

خُدا جِي هِڪ خُداوندي، نِسوري بِي نَظربندي،
اَتو ڪا سَمجهہ اَي سِنڌي! تہ موتو پوئتي موٽو.

قَبر ڪي ٿا ڪهو ڪَعبو، صَفا اِيءُ سامري گابو،
بَدن بُت لئي نہ بي قابو، تہ موتو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ حَج پَڙهن مومن، جِتي ڪَعبو سَيِن قَومن،
اَتو نالو ڏَٽيءَ جو مَن، تہ موتو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ ميڙ مَقبُولن، لُواريءَ ۾ لَڏون لُولن،
نہ پَريو مُفت مَحصُولن، تہ موتو پوئتي موٽو.

مَڪي ۾ اَڄ مِنيون ٻوليون، لڳن لَبيڪ جُون لوليون،
اَتو خواهِش خُدا ڳوليون، تہ موتو پوئتي موٽو.

مَڪي ڏي مُصطفيٰ ڪوني، اَوهان پُوريو طرف پوني،
نہ پُوڄيو جي تِڪر توني، تہ موتو پوئتي موٽو.

سَڏي سَردار سَچ پاسي، اَوهان جِي ڪاهہ ڪَچ پاسي،
ڪَريو جي مُنهن نہ مَچ پاسي، تہ موتو پوئتي موٽو.

مُحمد جو مَڪي ڏي سَڏ، لُواريءَ ۾ اَوهان جِي لَڏ،
هِنيين لايو حُڪم سو هَڏ، تہ موتو پوئتي موٽو.

مُحمد جو نہ مُرشد مَٽ، ڪَيان ڪهڙو تِنين ڪُوڪٽ؟
نہ آهيو جي نَظر ڪان چَٽ، تہ موتو پوئتي موٽو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُحمد جو نہ مُرشد مُل، مُحمد مُصطفيٰ هِڪ گُل،
ڪريو قُربان تِنهن تان ڪُل، تہ موتو پوئتي موتو.

لُواريءَ ڏي نہ لَڏ تاڙيو، مَلهي! مَحفل مَڪي ماڙيو،
صِدق اَللهُ تي آڙيو، تہ موتو پوئتي موتو.

اِنهيءَ حَج تان هِندُو هاٽي، ڪِلُون ڪَن ٿا خُدا ڄاٽي،
نہ پَئو جي تار ۾ تاٽي، تہ موتو پوئتي موتو.

ڇُٽا پَرهيز ۽ پَردا، لڳا چَمڪار چَوگردا،
جِيئو جي ٿا جَوان مَردا! تہ موتو پوئتي موتو.

مَڪي ۾ سَڏ مُسلمان کي، حُڪم مَنظُور سو مان کي،
ذرا اِيمان کو آن کي، تہ موتو پوئتي موتو.

مَڪي ۾ حَج مُقرر بَس، حُڪم اَللهُ اَڪبر بَس،
اَٿو جي پَر پَيمبر بَس، تہ موتو پوئتي موتو.

مَڪي ۾ حَج مُوَحد جو، اِهو اِعلان ’احمد‘ جو،
مَجيو مَذهب مُحمد جو، تہ موتو پوئتي موتو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٠)

لواريءَ سندا لال! ور پوئتي

لُواريءَ سَندا لال! وَر پوئتي،
ڇڏي عُذر اِهمال، وَر پوئتي.

ڏَمر تو مَٿي ڏيھ ڏاتار جو،
پَلي بَند ڪِيا پال، وَر پوئتي.

خُدا لاءِ ٿيو خير مُحمد ڪَڙو،
گهُرين خير خوشحال! وَر پوئتي.

مِڙيا ڪَئين مُسلمان مَيدان ۾،
ڇڏي سانگ سِر مال، وَر پوئتي.

اڪر اَنگ آيا تہ اَٺ ڏھ هَزار،
مِڙيا مَرد مَتوال، وَر پوئتي.

بَدينا تہ تو لئي پَريا باھِہ سان،
اَڃن روز اَحوال، وَر پوئتي.

خُدا وَٽ خُدائي نہ ٻِئي جي هَلي،
خودي ٿِي پَئي خال، وَر پوئتي.

گُذاريئي گهٽان ڏِينهن گُستاخ ٿِي،
جِيئڻ هاڻ جَنجال، وَر پوئتي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻَچاءَ جي بَندوبست هُوندي بہ هيل،
نہ ٻَچندين ٻَچين شال! وَر پوئتي.

لُواريءَ جو ليکو لهي ويو لهي،
ڪنان پيڙهہ پيمال، وَر پوئتي.

وَنهيان! وارِثن کي وِساري مَ ويهہ،
کهن ٿا بہ ڪنگال، وَر پوئتي.

چڙهي ريل ۾ ٿيو رَوانو بہ مَيل،
نہ ڪاغذ مِليَس ڪال، وَر پوئتي.

ڏِنيَس سِنڌ سَرڪار سُهڻي صَلاح،
سَٽائو نہ هِيءُ سال، وَر پوئتي.

سِٽيشن صَدر تي سَنيهو مِليَس،
نہ اڳيان گَري ڳال، وَر پوئتي.

هَميشہ لڻي حاج هِن حَج سَندي،
چڱي قِيل ۽ قال، وَر پوئتي.

فَتح هِن سَندي، فاتِحہ پار تو،
نہ ٻيو فَرق مَنجهہ فال، وَر پوئتي.

اَندر راهہ رَمندي رَهيو روڪجي،
ڪُليا تار ۾ تال، وَر پوئتي.

اَحد اَحد 'احمد' رَهيو رُوح ۾،
پُڄي سو نہ ٻئي نال، وَر پوئتي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۱)

جيئي جيڪو مري ڄاڻي

هَلائون حق رَسائيءَ لاءِ، حِزبُ الله جُون هاڻي،
سِگهي لهندا صَدين جا سُور، سَرويچن جي ساماڻي.

نہ ڄاڻِ! ڪم جُدائيءَ سان، خُدا لشڪر خُدائيءَ سان،
فَتح فَوجن فِدائيءَ سان، جِيئي جيڪو مَري ڄاڻي.

مَرڻ کان مُنهن مَٽيندو جو، نہ لاشو تِنهن لَٽيندو ڪو،
سِپاهي سِر سَٽيندو سو، مُئان پوءِ پڻ مَزا ماڻي.

محبت مَوج تي آهي، اَمانت اَوج تي آهي،
فَرض هِن فَوج تي آهي، ڪَرڻ خِدمت ڪُٺي ڪاڻي.

دِليري تپ دِليرن تي، نہ شيرِي ڪاهہ شيرن تي،
ڏِسي پِڙ ڏِينِ پيرن تي، نہ سي ڏاڙهون وِيهن ڏاڻي.

اَسان جا مَرد جَڻ مايون، وِلايت جُون وَڻ وايون،
وِڙهي ڄاڻن جِتي ڄايون، ڇَڏيائون اَرت اولاڻي.

نہ حِڪمت ۽ هُنر مِ هَٿ، ڪَرامت، ڪَشف ڪُوڙي ڪَٿ،
ٿيون پيريون پِنڻ جا پَٿ، ويهڻ وارِي بہ بيو واڻي.

هَلن حاڪِم هَوائَن مِ، سَکر سِينيون سَوائَن مِ،
ويڳاڻا لوڪ وائَن مِ، قِنَين فَرحت قَنَين ٽاڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَريشان حال پاڙا اَجِ، مَريضن مَن مُونجھاڙا اَجِ،
ٻَچا اَپرن اگھاڙا اَجِ، رَهيا سي تونِ ۾ تاٽي.

عَرب ۾ بَند ٿيو بادل، اَميريءَ ۾ عُمر عادِل،
فَنا ٿيو فِڪر ۾ فاضِل، اَڙين جا غَم اندر آٽي.

خَليفن جي خِلافت اِيءَ، شَريفن جي شَرافت اِيءَ،
لَطيفن جي لَطافت اِيءَ، وَڳر جي وهر واڳاٽي.

وَني ڏِئي حَق هارين کي، ڏُکيائي ڏِئي ڏُهارين کي،
يَلا باغن ٻهارين کي، ڪَٻو چا قَوم ڪُوماٽي؟

اُجاريو حَق اَدائيءَ کي، تَڙيو گَڏجي گدائيءَ کي،
مِيان! ٻِئي جي مَدائيءَ کي، چَڏيو چاتيءَ مَٿان چاٽي.

رَکن پڙ ۾ پَتنگ جِيئَن پَگ، اُنهن لئي عِيد ’احمد!‘ اَگِ،
چَوي جوڏن کي جَس جَس جَڳ، وَطن وَڙاهه واڪاٽي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٢)

پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان

هيل حَج بي حال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان،
سَخت ڏاڍو سال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

ڪِنهن به ماڻهوءَ کي مِليو، ميلي پُڄاڻان ڪو مُريد،
قَول تُنهنجو ڪال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

نعرهِ ’اَللهُ اَڪبرُ‘ ڪِيو اُين تائين اَثر،
مُلڪ مالا مال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

مومنن جو حَج مَڪي ۾، بيا مِڙئي پَڄ جا مَڪان،
هِيءَ ڳُجهو هِڪ ڳال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

جو ڪِيتوني نال ساڏي، سو نه ساريندي نِسي،
ظُلم زالان نال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

ڏُوڙ جا ڏُوڙيا وَسي ويا، ڪوٺ ڪانگهارن به ڪانه،
مُنهن مَٿي رُومال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

ڪُل مُريدن، مَرد، ماڻ، تي جهليون مُنهن ۾ مِٺيون،
سَڀ لَڏو ئي لال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

شَرم جي ڪهڙي شِڪايت، ساهه جو سَوڪو جِتي؟
چِرڪ سان ڳڏ چال هو، پر ڳالهه توسان ٿو ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن لُواري پُٺ لڳي، لَعنت سَني سُون لوڪ جي،
ٻيو پَرم ۽ پال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

خان صاحِب خوش هُجن، جِن خَلق روڪي خُون کان،
نہ تہ جِيئڻ جَنجال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

جِنهن کي مَظهر ٿا مَڃيون، تِنهن جو تہ ويو مُرڳو مَٿو،
قَيد ڪِٿ ڪَنگال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

لَک اَچي ويا، لاک ويئي لِک ۾ لُواريءَ جي لَهي،
سَڀ تَماشو تال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

هار حِزبُ الله پاتا، ۽ لُواري هار ۾،
گُم گُرو گهنٽال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

تو سُئو ۽ مُون سُئو ’احمد!‘ ٻيَن کي اَت مَ ڏِج،
اِيءُ عَجب اَحوال هو، پَر ڳالھ توسان ٿو ڪَريان.

*

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

(۱۳)

چوهاخان کي چٺجو

لُڙهي ويئي لُواري لال، چُوها خان کي چَٺجو،
بُرا ٿيا حاجيَن جا حال، چُوها خان کي چَٺجو.

لِڪي ڀُٽا لُواريءَ تان، لڳن جيڪِي لڳڻ ٿُهرجي،
بيهڻ ۾ پُل، ڀڄڻ ۾ پال، چُوها خان کي چَٺجو.

لُواريءَ ڏي لنگهڻ جا رَند، هَر ڪِنهن هَند بِلڪُل بَند،
ڦِري فَوجُون ويون فِي الحال، چُوها خان کي چَٺجو.

ڇَٽي پيَڙا ڇِهن جا ڇيهه، ڇِڇي ڇوڙبو سَتِيَن سَندرو،
ڳُڙي ڳهر ۾ ڳُرو ڳهنتال، چُوها خان کي چَٺجو.

اُميدن ۾ اَچي ويا اوچتو اَحڪام بَندش جا،
پُني نوٽيس تي ناتال، چُوها خان کي چَٺجو.

مَٽان ڀُڳڙن مِٿل ڀُڳجن، ڀڳا ڀانيان ته اِن ڀَنو ڪان،
ڪِ سارِيُون ڳُوٺ جِي ڪا ڳال، چُوها خان کي چَٺجو.

پِٽي ’پيغام ڪُل‘ وارو، ته پيا پَيسا ئي پاٽيءَ ۾،
وَڏي ٻاتڙ سَندي ٻرهال، چُوها خان کي چَٺجو.

نه آخر هِڪ اکر نِڪتو، سَچو اِعلان اُن جي مان،
سُتي سَتياگرهه هِن سال، چُوها خان کي چَٺجو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِٿي صُوفِيَنِ سَندون سِر بازون سَرڪار کي سامهون؟
ڪَچُون ڪُوڙيون ڪُتيان ٿي ڪال، چُوها خان کي چَئجو.

قَلم ڪُوڙن تي ڪِيو ڪَڙڪو، نہ بي ڏَڙڪن جَهليو دَڙڪو،
چُٽِن ڦَڙڪو، ڦَٽيَن ڦُٽَ بال، چُوها خان کي چَئجو.

ٿيئي تَڙ پيڙ تَئي تازِي، تہ غازيءَ سان نہ گَڏ غازِي،
رُلي ويڙِن رَلِي رُومال، چُوها خان کي چَئجو.

ڪِٿي تي لَک لُواريءَ ۾، لِکيا جي ٿي لِکڻ وارن؟
ٻَڌا ٻِئي هَند ٻَچڙيوال، چُوها خان کي چَئجو.

چَڙهيو لَشڪر لُواريءَ تي، لِڪا سي پيا لِڪن چا ڳُون؟
اَجان اَهنجو وَڏو اِقبال، چُوها خان کي چَئجو.

مُئل کي 'مالِڪُ الڪُل' جو لَقب ڏِيندي لَڄڻ گُهرجي،
وِڙهن وارِث مَٿي جِنهن مال، چُوها خان کي چَئجو.

اَجان چو پيا اَجايو آزمايو آزمائي کي؟
ڏِٺان نامُوس نيٺان نال، چُوها خان کي چَئجو.

خَبر پوندي ڪَڙي ڪَڏ تان، ڪُڙيون خانن وَڃن لڳنديون،
پوَن پَنهنجي شَهر تان شال! چُوها خان کي چَئجو.

اَوهان جا مَهنديان مَدفُون، مَڪي ڪي مَديني ۾،
چَگُون ٿِي چَل چَگَن جِي چال، چُوها خان کي چَئجو.

اَٿان مَعلُوم اَبرهہ جِي، عُقوبت، عاقِبت عاقِل!
ڪِرو ٿا ڦَهر ۾ ڪَنگال! چُوها خان کي چَئجو.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

سَچي ڪَعبي سَندا قائل، ڪِروڙن سَٽ سَتر آهِن،
اِنهن سامهُون نہ ڳِرندئو دال، چُوها خان کي چَئجو.

ڪُتي ڪُوڙا ڪِروڙن سان، پَلين ڪَريو اوهين ڪَثرت،
نہ ظالِم! آڻجو ڪا زال، چُوها خان کي چَئجو.

مَڪو رَحمت، مَڪان رَحمت، هُتي بَرڪت، هِتي حَرڪت،
اَجان بيا ڪي عَبث اَفعال، چُوها خان کي چَئجو.

مَڪي ۾ حَج، مَديني ۾ مُحمد، بيا مَڪر مِڙئي،
پُڇين 'احمد!' اِهو اَحوال، چُوها خان کي چَئجو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٤)

مرحبا اي مسلمانو! آفرين

صَد مُبارڪ، مَرحبا، اَي مُسلمانو! آفرين!
شير دِل شاباس آن کي، جَس جوانو! آفرين!

اَڄ بَدينا بَرک بَنيا، سِنڌڙي سِهرو بَڌو،
نَئين نَموني ڪم نِپايان، نيڪ ڀانو! آفرين!

مِلٽري مَيدان ۾، پاسن ڪنان پهرا پوليس،
ڪِنهن دَٻاءَ پَر دِل نه لوڏيان، دِلستانو! آفرين!

ڇا ڪندا ڪلتر، ڪماني؟ قَلب ۾ ڪلتار هيڪ،
پِڙ کٽي ويا پُور پهريِن، پهلوانو! آفرين!

هِڪ ڏٽي، نَعرو هٽي، آيا کٽي، وائي وٽي،
جانبازي جَلوَه گر ٿِي، جان فِشانو! آفرين!

حَج لُواري لال جو، لَت هيڪ سان لوڙهي ڇڏيان،
مَرد ٿِي مَيدان ماريان، مِهربانو! آفرين!

عِيد جي موقعي مُبارڪ تي، مَزا مِڙئي ڇڏي،
قَيد ڪعبي تان قَبوليان، قَدردانو! آفرين!

آر اَبرهه جا پيگا، آئين به ٿيا آزاد زُود،
آفرين صَد آفرين! عالي نِشانو! آفرين!

اَڄ زَمين و آسمان ۾، آهه اَهنجي آجيان،
خوش خُدا، خوش مُصطفيٰ، خوش خَلق، خانو! آفرين!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥)

صد مبارڪ

صَد مُبارڪ مولوي اِسحاق بَدرالدين کي،
جنهن تَدبُر ساڻ تازو، تاج ڪِيو تَحسين کي.

جِت هَنگامون هيترو هو، هَر طرف حاضِر حَشام،
تِت سَنپاليئين صُلح سان، سَتياگرهہ سَنگين کي.

هِن وِڳوڙي وَقت وِچ ۾، وِير هِهڙو جي نہ هوءِ،
سِند کي صَدمون رَسي ها، جيئن چَڪر اَج چِين کي.

اَفسرن سَپني کي هو، اونو اَمن ۽ اِنتظام،
پَر دُنيا سَپ داد ڏِني ٿي، دوست مَن ديرين کي.

لَج لُواريءَ جي رَکيئين، سَرهي بہ ٿي سَرڪار سِند،
پڻ مِليو موقعو مُناسب، مُون جِهي مِسڪين کي.

ٿِن ڏُرين سان هيڪ پڙ تي، پَت پَري ويو پهلوان،
آفرين آهي بہ اُن جي، عَقل ۽ آئين کي.

شال! ٿِني اُن کي عَطا، عُهدو اَجان اَعليٰ اُتم،
اِيءُ عَرض الله کي، ’احمد!‘ چَئج آمين کي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٦)

هت اچي

قَبر کي ڪَعبو بَنائين، سو ڪَليڪٽر هِت اَچي،
سو ڪَليڪٽر، سو ڪَماني، سو ڪَمشنر هِت اَچي.

دِين جا دُشمن ڏِسڻ ۾، بَرک بيشڪ اَگِ بَدين،
جِنهن بَندش لاٿي، پَلي بَروقت بِهتر هِت اَچي.

اَنگريزن دِين ۽ اِسلام جي عِزت رَکي،
پَر مُسلمان ٿِي، مَنع جو لاهي مُنڪر هِت اَچي.

هِت سَڏائي اِسم اَحمد، هُت سَڏائي خود خُدا،
اِي چَوي اَلفاظ، سو اِبليس اَبتر هِت اَچي.

سو مَڪو ۽ سو مَدينو، سا لُواري بي گُمان،
آ کِلي، آکي اِهي اَلفاظ آخر هِت اَچي.

جِنهن جو هِت ڪَعبو، هِتي عَرفات، هِت زَم زَم، بَقيع،
تِن مَٿي طَيراً اَبابيلن جو لَشڪر هِت اَچي.

پير کي پَهري ۾ پَڌرو، جَل جَلالو هُت چوَن،
بِئي طرف اَڄ نعرهِ اَللهُ اَڪبر هِت اَچي.

حَج پَڙهي هِت جي چوَن، ’حاجي‘ ڪِ ’ناجي‘ پاڻ کي،
هيڪ بِئي کي ڏِينِ حَج جِي کِير خوشتر هِت اَچي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪُفر تِن جو جن قصيدن، اِشتهارن جي اندر،
ٿا پڙهن قُرآن بَدران، سو نه دَفتر هِت اَچي.

ٿِنهن بِروهيءَ[1] کي بُرو چئجي، نه ڪِهڙي چُڪ ٿيئي؟
جو حِفاظت جي هَٽي ٿو هام، هيڪر هِت اَچي.

قوم ڪعبو ڪِيئن ڇڏي، پيڪيون بِروهيءَ جُون ٻُڌي؟
مُلڪ ماري، يا مَري، مَيدان اَندر هِت اَچي.

ڇو نه دُشمن دِين جا، لِک ۾ ڪَجن لاهي ڦِٽا،
جو مَجي رَب ۽ رَسُول الله رَهبر هِت اَچي.

جي اَجان ڪُرسيءَ مَٿي قائم، نه ڪوئي خير قوم،
مَر نه موقُوفي سَندن جو، حُڪم حاضِر هِت اَچي.

ڪَن مَدد موقُوفيَت ۾، سَڀ مِلي ميمبر، وزير،
نه ته، نه موٽي ميمبريءَ لئي، ڪوبه ميمبر هِت اَچي،

قوم جا قاتِل اِهي، سَرڪار سانڊي جي اَجان،
پوءِ ڪَڏي پَرديس ڏي، پَر هِڪ نه ڪِنهن پَر هِت اَچي.

ڪَک مَٿي ڪعبو وِڪيائون، لَک مَٿي ليڪو ئي لال،
هَٿ ٻَڌا 'احمد' نه اِهڙو، ڪو نه اَفسر هِت اَچي.

*

(۱) ۱۹۵۸ع ۾ ان وقت جي ايس. پي، حيدرآباد عبدالعزيز بروهي رشوت وٺي ميلي جي اجازت ڏني هُئي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(۱۷)

اهو ٿو وڃي

لُواريءَ جو حاجي، اِهو ٿو وَڃي،
ڏِسو گوڙ گاجي، اِهو ٿو وَڃي.

هُئا هَر هَندان هِت هَزارين هَشام،
وَنيو واڄ آجي، اِهو ٿو وَڃي.

پَکو ٿي پَنپُوري پَنيا ڏي طرف،
مَٽيو ماڳ ڀاڄهي، اِهو ٿو وَڃي.

وَريو وِير وَهٽائِيَن ڪان وَڃي،
ٻِندي ڏانهن ناجي، اِهو ٿو وَڃي.

لُواريءَ ڏانهن ليٽيو ٻِندي سان لڳي،
يَڪي پُور پاجي، اِهو ٿو وَڃي.

پَکو سو، پَيَس پاڳ ۾ پوڳڻي،
ڪفارت قَضا جِي، اِهو ٿو وَڃي.

لڳو ماڳ موٽڻ ۾ موٽر ڪي مِنٿ،
فَلڪ ڏِس فِدا جِي، اِهو ٿو وَڃي.

رَسڻ ساڻ رَسيَس خَبر خوش اَثر،
بَندش جي بَلا جِي، اِهو ٿو وَڃي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لَليجي تي لَلڪار وئي لڳي،
هَلا ۽ ڪَلا جِي، اِهو ٿو وَجي.

نہ مَعلُوم ماڻس، نہ پُوري پَرُوڙ،
اِنهيءَ جي اَبا جِي، اِهو ٿو وَجي.

سِرائي ٻِرائي ڪِ ٻِي قَوم ڪا،
اَٿس دَٻ دُعا جِي، اِهو ٿو وَجي.

زِيارت نہ زَم زَم، نہ عَرفات جِي،
نہ مَروي صَفا جِي، اِهو ٿو وَجي.

اڳي حَج پَڙهڻ ڪان لهي حاج وَئي،
وُضُو ويو وِياجي، اِهو ٿو وَجي.

اَبابيل اَبرهہ تي آيا نہ هِت،
خَلق ٻِي خُدا جِي، اِهو ٿو وَجي.

قَبر تي ڪِريا ڪالهہ ڪَئين ڪوڙهيا،
اُنهن جو عِلاجي، اِهو ٿو وَجي.

اَبو عارفاڻي[1] چَڙهيو اُت مَٿي،
ڪَڍڻ ڏانهن ڪاجي، اِهو ٿو وَجي.

لِکيو جِنهن لُواريءَ جو هَٿ ساڻ حَج،
رِڪيبي، رَواجي، اِهو ٿو وَجي.

---

[1] مولوي عبدالحڪيم ميمڻ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خُدا ساڻ ڪِهڙي خُدائي هَلي،
بَندي بي بَقا جِي؟ اِهو ٿو وَجي.

مُسلمان موٽي نہ ايندا اِتي،
سَوا ڪِنهن سيوا جِي، اِهو ٿو وَجي.

صَحيح ڳَت نہ سَپ ڪُجهہ تَوهان لئي تَيار،
بَصر، گوشت، ڀاڄي، اِهو ٿو وَجي.

مَڪي جي بَجا ناهِہ حَج مَنجهہ مَڪان،
نہ چِڪناڻ چا جِي؟ اِهو ٿو وَجي.

صَحيح ڏيئي پُوريو ڪِنهِين پارڪر،
لَنجن مَنجهہ لَجاجي، اِهو ٿو وَجي.

نہ مَنجي مَڪو، ميٽجي ويو مَڪان،
ڦِٽيَن رام راجي، اِهو ٿو وَجي.

اَحد پاڪ 'احمد!' اِنهن جِي اَخير،
پَيگي بَد مِزاجي، اِهو ٿو وَجي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(١٨)

صحيح وارن جو سائو منهن

لُڙهي ويو حج لُواريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن،
ڦِٽو مَندِل مَداريءَ جو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

قَبر ڪَعبو ڪَريو ڪاهِن، لُواريءَ ۾ لَڏا لاهِن،
ڦِريا اِسلام ڪان آهِن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُبارڪ وار جِي وائي، نئين جوڙِي اَٿن جائي،
ته ڪَن سامهين سَنَد سائي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڏِنئون خانئہ خُدا کي پُٺ، نئين عَرفات، پڻ نئون اُٺ،
جُهلي آيا، جَهليائون جُٺ، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڀَلا هِي تان ڀُليا بيشڪ، مَڪو ناهيَئون مَڪان کي ڀَڪ،
ڇڱائي ڇڏو ته وِڃهندئي ڇڪ، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مَڪو ڪِهڙيءَ طرح مَنبو؟ نه ڪَعبي جو قَدر گَهٽبو،
هِتان جي حَج ڪَنان هَٽبو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

نه ڪَعبو ٿِئي قَبر حَضرت، وَسي جِت روز شَب رَحمت،
لُواري ڇا لَڳي حَيرت! صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اَوهان سَيني کي سُڌ آهي، نه اَبرهه ناهه اَگ ناهي،
هَليو ڪَعبي مَٿي ڪاهي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُواري حَد لَنگهي ويئي، اَسين آهيون پَڪي سيئي،
مَدد ڪَعبي ڏَٽي ڪيئي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڇَڏي ڪِن واٽ ووٽن تي، مَجيو ڪِن ناٽ نوٽن تي،
خُدا جِي مار ڪوٽن تي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ٻَڌي اِت پارٽي پِيرن، نه مارِن مولوِيَن، مِيرن،
تَباهه ٿيا پاڻ تَقديرن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

بِروهي ڇيو پَلين سائين! مَدد مُنهنجي ڪِجا آئين،
نه ڪُهندس لوڪ لَڪ نائين، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

بِروهي ڇيو پَلين حَضرت! وَهائيندس رَندن تي رَت،
ڪُهائيندس ڪَتڪ ڪَثرت، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

بِروهيءَ کي هُئي پَونري، ڪِ اوڊِيئين پاڻ تي اَونري،
ٿَري سِر تان وِيَس ٿَونري، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ٻيا ڪهڙا ڪَهن ته ٻه ڪوهه؟ مَگر ڪَعبي جو ڪهڙو ڏوهه؟
ٿي ٻانئون سو ڪَري ڪو ٻوهه، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڏِهي ويا ٻوهه سَپ تِن جا، ڏِٺا ويا ڏوهه سَپ تِن جا،
ڇَنڊيا ويا ڇوهه سَپ تِن جا، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

بَديٽن مان ٻه ٿي بَدتر، وَڃي واڻ جو وَرتئون ٽَر،
نه نِڪرن اُن مَنجهان اَبتر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

پَلين مُرشد! ٻَنو ميمبر، مَگر ڪاهيو نه ڪَعبي سِر،
نه مَرڪو مَهند مَنجهه مَحشر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَلين نوڪر وَتن ناڻان، مَگر مِهتر نه هِي جاڻان،
نه ڪَعبي ڪان قِرن ڪاڻان، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڪَديڻ ۽ راڄواهه، گُوني، ڳُجهارت ڳالهڙي اُونهي،
لِڪيل جُٽ جِن مَٽي جُهوني، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُلان ۽ مولوي مَعلُوم، مَڪي ڪان ڪي قِريَل مَخدُوم،
ٿيا شامت ۾ شامِل شُوم، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

رَهيو گوپانگ[1] گهر ويهي، ڪِدڙ جِيئن گُر جَهلي گيهي،
پُسيي[2] جِي پڻ پُسي پيئي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

نه هو تِن کي قَدر ڪَعبي، جَهليو گابر طرف گابي،
ڪُڇيو عاقِل[3] نه اَلفا بي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

دَلن جي دِل لُڏي چا تي؟ سَندن بيڙي ٻُڏي چا تي؟
ويا ڪِنهن وَٽ ڪُڏي چا تي؟ صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

نه ڏِسجي ڪابه اَڄ ڏاڙهِي، هَنيئون تَڪبير سان تاڙِي،
ٿِيا ڪي گهار، ڪي گهاڙِي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

جَڏهن مومن مَرڻ وارا، ڪَليڪٽر ڏي ڪَٽي ڪارا،
هَليا اَڏ لک هَٽي نارا، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

تَڏهن ڏَرتي ڏُٻي ويئي، ڪَليڪٽر کي به ڪَل پيئي،
ٿِياڪر ويا ٿُبي ڏيئي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

---

[1] مولوي غلام علي گوپانگ (اول)

[2] مولوي عبدالرحمان پسيو

[3] عاقل دل

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏِنو ڪلٽر نِظارو ڪُل، پيا ٻاهِر هُلائن هُل،
نہ هِت هِڪڙو نہ گُل يا ڦُل، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڪَڏِڻ ۾ ڪي ڪَڏِن ٻوليون، نہ ٿيون قَيد ڪَئِين ٽوليون،
لُواريءَ ۾ لڳِن لوليون، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اِجازت مَس اَچان پَڪڙي، نہ پيا سَپ ٻَر ٻَجر ٻِڪڙي،
جُهڏو، ڏينگاڻ ۽ ڏِگهڙي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ٺٽو، نيڙي، ٽِڪڙ، ٽَنڊو، ڪَراچي، ڪوٽڙي، ڪَنڊو،
اَچي اُسريو اَنڊو، مَنڊو، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

سَکر، سانگهڙ، سَماواتي، سِجاول، ساڪرو، جاتي،
چَٽيهہ لڪڻ ڏِني چاتي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڪَڏهرو، خَيرپُر مِيرس، پَنو عاقِل، پَنو پِيرس،
لڳي ويجهي پَري وِيرس، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

عَجب! اُپ ۾ مَلڪ يا جِن، پيا اَللهُ اَڪبر ڪَن،
پَوي هوڪو هَزارين ڪَن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

نَون مَيلن ۾ سي نارا، ٻُڌا ٿي ويا بہ ڏِينهن سارا،
پُڇن، چاهي؟ پُڇڻ وارا، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

صَحيح وارا! سُٺو نارا، مَرو ٿا مَرد موچارا!
مَلڪ اُپ کان اَچڻ وارا، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

سُٺو صاحِب صَحيَن وارا! تَپاسيو سَپ طَرف سارا،
هَٽن ٿا ڪير هِي نارا؟ صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صَحيح وارن کي سَونڪو سِر، ڏِنئون ڏُڪندي دُڪان دَر،
مَتان ڪاهِين اِن اَندر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

ڏِني تَڪليف جِن تازي، چَيا سي گُل حَسن[1] غازي،
دُعا بَدران دَغابازي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُلان عالي، مَوالي سَڀ، وَني سَرتا سَوالي سَڀ،
خَزانا ٿيا نه خالي سَڀ، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُنجهايو مُون کي مَت مُوڙهن، ڪُجهئي ڪونهي چَيو ڪُوڙن،
پَڳا سي پير ڏِئي پُوڙن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

عُقيلي[2] ويو اَچي آخر، اَٿس شاباس نه ٿاريئين شَر،
مُبارڪ تِنهن کي تا مَحشر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اَٿس شاباس نه ٿاريئين شَر، وَجن ها نه نه سَوَن جا سِر،
ويو ٿِي ڪوٽ ڪُل سِر سِر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

اِجازت رَد نه ٿِي اَڄ ڏِينهن، نه مومن ڪَر مِڙيا جِيئَن مِينهن،
شَهادت کي رَسيا ڪَئِين شِينهن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

تَڏهن طَيراً اَبابيلن، هَٿائي ڪو نه ڪِنهن حِيلن،
ڪَندا فاني فَنا فِيلن، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

عُقيليءَ کي عَجب آهي، نه چو ڪُوڙن ۾ پيا ڪاهي؟
نه ڪُجهه ڪونهي، قَلم لاهي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

---

[1] لواريءَ جو سنتون سجاده نشين پيير گل حسن

[2] ان وقت جو ڪليڪٽر الهبخش سرشار عقيلي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عُقيلي پاڻ ڪِيو اِظهار، تہ مُون وَٽ ڪيترا مُنهن ڪار،
پَڇي آيا تہ بَندش ٽار، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُبارڪ مِير مِهتر کي، عُقيلي نيڪ اَفسر کي،
رَضاڪارن جي لَشڪر کي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

نہ وِسري 'ڪاروان' جو ڪَم، لِکيا جِنهن ليک ٿي هَردم،
رَهي خوشحال خوش خُرم، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

'نواءِ سِنڌ' وارو نَر، لهي واڌائيون ويتر،
اُتر، اولهہ، ڏکڻ، اوڀر، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

مُبارڪ خَير مُحمد[1] کي، مُبارڪ فَضل اَحمد[2] کي،
مُبارڪ باد 'احمد' کي، صَحيح وارن جو سائو مُنهن.

*

[1] مولوي خير محمد نظاماڻي

[2] مولوي فضل احمد غزنوي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

متفرقات

منظوم سوانح حيات مولوي احمد ملاح (رح)

شُڪر رَب اَلحمدُ لِلّٰهِ! دَم بَدم دَر صُبح شام،
مِهربانيون جِنهن جُون مُون تي، مِينهن مُندائتي جِيئَن مُدام.

مُٺ مِٽيءَ جي مان بَنائي، موتيا موتي ڪٽان،
بيا نِڪر ناهينِ جِنهن مان، پاڻ جوڙي جام چام.

ڪِينَ ڪي ’ڪُن‘ سان ڏِنائين، پير، هَٿ، ڪَن، مَن، اکيون،
جِسم سارو جَس لهي ٿو، واهه ڙي! عُضوا اَندام.

سُرت سِرجڻ کان نه اڳ جِي، پوءِ ڦُڙو، فَرزند پوءِ،
پوءِ پينگهي ۾ به پُورا سال، جُهولو جُهول جام.

پوءِ گهوڙيءَ ۾ گُڏي، پاڻهين ويهڻ وارو وَري،
پوءِ سُرڻ، اُسرڻ اَٽڪ تي، پوءِ وِڪڙيون، پوءِ وام.

پوءِ ٻارن ساڻ ٻاهِر، جُهوٽ جُهوٽان، راند رُوند،
دَم بَدم داڻُون نه ڪاڻم، هِن ڪِي هُن کان مار مام.

پوءِ ڊوڙڻ، پوءِ ڊورن ساڻ مَنجهه ڊورن ڊَنڊين،
وَس وَلهارن ۾ وَلر سان، گاهه گولاڙا گُدام.

ڪاڪ، ڪَنڌڙي، ڪَئونرسر ۾، مور، مارڌ ۽ مَلير،
يا اَڏيءَ ۾، يا اَڏاءَ ۾، يا دِمن ۾ ڏُوم ڏام.

ڊور چاريندي اَچي ويو، اوچتو مُون کي خَيال،
عِلم ري اِنسان ڪي، ڪُجهه ناهِه عِزت اِحترام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عِلم ري اِنسان جو، حَيوان وانگر حال بَد،
وَهتَ ڦَرجن ۽ وِيامن، ٻِي نہ ڪيڻ ڪر قِيام.

عِلم سو، جنهن سان سُڄاڻن، پَنهنجي سائينءَ کي صَحي،
نا تہ دَهرين جِيئَن ڏَمون، پوءِ بَند دوزخ ۾ دَوام.

ياد آهِم، سال يارهين ۾ پڙهڻ وِيٺس پَٽي،
ڏِينهن هِڪ ۾ باب پُورا، سال ۾ سَندس ڪلام.

پارسي، سِنڌي، ڪِ عَربي، عِلم ساڍا پَنج سال،
عُمر ساڍا سال سَترهن، ٿِي اُٿر اِنعام عام.

مولوي مَشهُور خِضري، خَير مُحمد خان وَٽ،
ٽِن رَفيقن ساڻ رِپ لَڳ، مَنجهہ ڳهڙي گُلزار گام.

خُوب خُنچو ڪوليو، اَلحاج عَبدُ الله رَئيس،
مانِيون، مِهمانِيون، بِريانِيون طَهريون طَعام.

پوءِ ڳهڙي جي گام ڪان، گهر موٽيس ٻي گهر غَريب،
حال هِيڻون، هَول هاڻان، ڇو هَٽان ٻِي هاڻ هام؟

بَر وَڏو ۽ بار بَرسر، بار باريءَ تي رَکيم،
تُون سَچو سائين سَندم، آئون گدا گولو غُلام.

ڪَئي هِدايت ۽ حِمايت، حَق تَعالىٰ هَر طَرح،
پَنهنجي هَٿ ۾ ئي رَکيئين، احمد بَندي جو اِنتظام.

ڇو نہ ڳايان ڳالهہ تِنهن جي، جنهن ڪيا ڳُڻ اڻ ڳڻيا،
سو سَندم ساٿي، سِسيءَ ۾ ساهہ، يا مَڙهہ مَنجهہ مُقام.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

نَنڍپڻ کان نَظم تي، مُنهنجي طَبيعت هُئي تيار،
پوءِ پڙهڻ سان پاڻ ٿيو، اُن ۾ اِضافو اِهتمام.

غزل، مَدحُون، بَيت باتيون، چاڙِهيَم چوٽيءَ مَٿي،
سِهِ حَرفِي، صَنعتون، طَرحين مَنجهس تَجنيس تام.

بيخ بِدعت جي پَٽڻ ۾، ڪِيا رِسالا راس مُون،
’هيڪڙائي حَق‘ پڙهيو، حَق حَق چوَن حاذِق هُمام.

آهِه عَبدُ الله عالِم، نيڪ جُوڻيجي ڪي جَس،
پيو لِکيو پَٽ ۾ پَڪيڙيي، نَظم نامان نيڪ نام.

پَنجوَنجاهه کان پوءِ پيَم پَهه، ترجمي سِنڌيءَ سَندو،
عُمر پُوري پَنجهَٽ ۾، تَرجمون ٿيڙو تَمام.

سال تيرهن سَئو، اُٺَل اُوٺاَسي سُومار شام،
ٻاويهين تاريخ ذُوالحج، مِينهن وَسندي وَالسَلام.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آيت الڪرسيءَ جو منظوم ترجمون

سو ڏٽي، ٻيو ڪو ڏٽي جنهن ڌار ناهِه،
سو سَدا جِيئرو، سَنڀاليدار آهِه.

ننڊ وَني جِنهن ۾ نه جُهوتو مَنجهه سَنڀال،
مِلڪ اُن جِي مُلڪ پُونيون، اُڀ ٻَجال.

ڪير آهي جو اُهو ڪِنهن وار ۾،
ري حُڪم تِنهن جي دَڙي دَربار ۾؟

پَر اِجازت سِين سَندس، پڻ سو ٻُجهي،
جو اُنهن اڳيان به پويان تِن هُجي.

۽ نه چاڻن عِلم اُن جي مان ذَرو،
پَر گُهري پَروَر ڏيَڻ جيڪِي پَرو.

بادشاهي تخت اُن جو بي گُمان،
ويو وَڪوڙي اُڀ، زَمينون، آسمان.

تِن ٻنهيءَ جِي نِت نَظرداري وَري،
اَصل ناهي ڳالهه ڪا اُن تي ڳَري.

۽ اُهو مِڙنيان مَٿاهُون مُعتبر،
سو وَڏائيءَ ۾ وَڏو ظاهِر زَبر.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

التحيات جو منظوم ترجمون

هِڪ خُدا لئي خاص تَعريفون تَمام،
مِهربانيون ۽ بہ موچاريون مُدام.

اَي نَبي! توتي سَلامن سَئو هَزار،
رَحمتون رَب جُون بہ بَرڪت بي شُمار.

پڻ اَسان تي پاڪ صاحِب جا سَلام،
پڻ مَٿي نيڪن بَندن آڳي عَلام.

پڻ ڏِيون ٿا ساک پُوري سُنهن کڻي،
تان ڌَڻي سائين نہ ڪو ڌاران ڌَڻي.

۽ ڏِيون ٿا ساک هِيءَ ثابِت صَفا،
تان مِنو مُرسل مُحمد مُصطفيٰ.

آهِہ سو اَللهُ جو بِهتر بَندو،
۽ بہ پيغمبر پِيارو تِنهن سَندو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

درود شريف جو منظوم ترجمون

مِهر ڪَر مالِڪ! مُحمد مِير سِر،
۽ سَڳر تِنهن جي سَڳوري سَربسر.

جيئن تہ اِبراهيمؑ، اُن جي آل تي،
مِهر ڪَئي سائيمَ سَچا! هَر حال تي.

دَرحقيقت حَمد جو حَقدار تُون،
تُون وَڏو ڪيڏي قَدر ڪلتار تُون!

اَي مِٺا مالِڪ! مُحمد مِير کي،
واڌ ڏي، پڻ آل تِنهن اَڪسير کي.

جيئن ڪِ اِبراهيمؑ تي ۽ اُن جي آل،
ڪَئين ڪَيا تو ڀال ڀالن تي بَحال.

تُون سَدا ساراهہ جوڳو بي گُمان،
تُون وَڏو والي، وَڏائي تُنهنجو شان.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دعاءِ قنوت جو منظوم ترجمون

رَب! رُڳو توکان گهُرُون ٿا هَر مَدد،
توکان بَخشايون بُرايون بي عَدد.

۽ اَسين توتي رَکون ٿا اِعتبار،
۽ رَکون صَدبار بارِي! تو تي بار.

تُنهنجا سُک ساراهِيون سارِي ڄَمار،
تو ڀَلي جا ڀال ڀانيون بي شُمار.

جو ڦِري فاجِر ٿِئي توکان يا خُدا!
تَرڪ تِنهن ڪَريون، رَهون تِنهن کان جُدا.

رَب! رُڳو توکي نَمون، ڪَريون نِياز،
خاص تو لئي يا خُدا! ڪَريون نَماز.

توکي سائيم! سِر نمايون ۽ جُهڪُون،
رات ڏِينهان تو طَرف ڊوڙون ڊُڪُون.

تُنهنجي رَحمت ۾ اُميدُون ٿا رَکُون،
۽ ڊِڄون تُنهنجي سَزا، آزار کُون.

ڪِ سَزا تُنهنجي سِٽاٽِي ساڙ سُور،
آهِ ڪافر ذات سان لاڳُو ضَرُور.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سيدالاستغفار جو منظوم ترجمون

پاڪ پَروَر! مُنهنجو پالڻهار تُون،
ٻِي نہ ڪا دَربار پَر دَربار تُون.

۽ بَنائِي مُون ٻَلا! ڪِي ڪِين مان،
آهِيان تُنهنجو بَندو مِسڪين مان.

ٻول تُنهنجا، قول تُنهنجا بَرقرار،
پاريان پيو آئون پَنهنجي پُهچ هار.

تِن جي جوکيان، جي ڪيم غَلطيون گُناهہ،
تو ڪَنان پَر مِ ڍِنان پَردو پَناهہ.

ٿو ڪَريان خانون ڪَڍهن پَنهنجي خَطا،
پڻ ڪَريان آسڻ، مَٿم تُنهنجي عَطا.

ٻوءِ مَعافيءَ ساڻ تُنهنجي مَرهہ مُون،
۽ مَٿم ڪَر مِهر وارا! مِهر تُون.

ٻيو نہ پُوڪارڻ جِهو ڪو پُوڄ پِير،
پَر ڏَٽي هِڪ آهِہ داتا دَستگِير.

هيڪڙوئي ڪُل ڪَندڙ ڪَم ڪار آهِہ،
اُن جو بِلڪُل ڪوبہ پائيوار ناهِہ.

مُلڪ اُن جو، بادشاهي بَرقرار،
شُڪر اُن جو، پال اُن جا بي شُمار.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

۽ سَدا سو آهِه جِيئرو جَل جَلال،
پڻ نہ مَرندو ۽ مَرڻ اُن جو مُحال.

هَٿ اُنهيءَ جي ۾ ٻَلايون سَڀ ٻَجال،
۽ اُهوڪُل شَيءِ مَٿي قادِر ڪمال.

رَب تعاليٰ! جِنهن جِي ڪيئي روڪ تو،
تِنهن ڪي لاهيندڙ نہ لَحظي لوڪ ڪو.

ڪوششون،ڪوشش ڪَرڻ وارا ڪِنهين،
ڪِينَ ڏِينديون ڪو نفعو تو ڪان تِنهين.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماز

پيرمردن، پيرزادن، خواهه پيرن تي نماز،
ڪُل وَلِيَن ۽ ڪُل نبِيَن، بي نَظيرن تي نماز.

نَوڪرن تي، مالڪن تي، نِت فَرض سو نيڪ بَخت،
بالِغن تي، بادشاهن تي، بَشيرن تي نماز.

عاجِزن تي، عاجزائن تي، عَجُوزن تي اَمر،
زال، مَردن، مِيرزادن، خواهه مِيرن تي نماز.

مِير مِيري هِت نه ڪِنهن جِي، مِير مِيرن جو خُدا،
اَمر اُن جي ساڻ حَق آهي اَسيرن تي نماز.

شاهه شاهي ناهِه ڪِنهن جِي، شاهه شاهن جي اڳيان،
قَسم بِاللہ فَرض قادِر ڪَئِي ڪَبيرن تي نماز.

جام جامي ناهِه ڪِنهن جِي، جام جامن جي اڳيان،
شاهه شاهن جي رَکي، شاهن شَهيرن تي نماز.

خان خاني ناهِه ڪِنهن جِي، خانِ خانان جي اڳيان،
اُن خُدا خالِق رَکي، خانن خَبيرن تي نماز.

ناهِه حاڪِم حاڪِمي ڪا، پيش حاڪِم حاڪِمن،
روز شَب رازِق رَکي، راڻن هَميرن تي نماز.

راءِ رائي ناهِه ڪِنهن جِي، راءِ رائن جي اڳيان،
تَخت ڏِيندڙ جي طَرف کان، تَخت گيرن تي نماز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جان جاني ٻِيُ نہ ڪِنھن جِيُ، جانِ جاناں جِت جَبار،
نازُڪن تي، ناز وارن تي، نَذيرن تي نماز.

آهِہ راجائن جو راجا، راءِ رائن جو رَحيم،
حُڪم واحِد جو وَڏو، وِيرن وَزيرن تي نماز.

آهِہ مالِڪ مالِڪن جو، مِير مِيرن مَل مَلن،
تِنھن سَچي صاحِب رَکي، سَدرن سُديرن تي نماز.

آهِہ سَڀ سائِنَ جو سائِين، ۽ بہ صاحِب صاحِبن،
مُلڪ جي مالِڪ رَکي، مِيرن مُشيرن تي نماز.

آهِہ رَب اَرباب اَربابن، رَئِيسن جو رَئِيس،
چو نہ چَئجي فائِقن تي، پڻ فَقيرن تي نماز.

آهِہ حاڪِم حاڪِمن جو، ڪُل اَميرن جو اَمير،
فَرض دائِن بائِين، دَربان دَبيرن تي نماز.

مُلڪ والي والِيَن جو، مَنجھہ وَڏن نالس وَڏو،
اَمر اُن جي سان اَسيرن تي، اَميرن تي نماز.

قَدر طاقت ڪُل تي قادِر، اَمر ڪِيو اِسلام بَعد،
سِر وَڏن سالِم، نہ پَر سارج صَغيرن تي نماز.

نِينھن وارن وَٽ نِھايت، نِت نمازُون سُهڪڙيون،
بار ٿِي شَب روز سا، شوخن شَريرن تي نماز.

آهِہ 'احمد' اَمر مَجيو، تان اَحد اَللہ ڪاڻ،
ساھہ، سَنڌِين، ماھہ، هَڏ چَم، سِر سَرِيرن تي نماز.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

مبارڪ ماهه رمضان

مُبارڪ مُبارڪ مُسلمان! جاڳ،
مُبارڪ ڏِنو ماهِه رَمضان، جاڳ،
لٿو جِنهن ۾ فائق جو فُرقان، جاڳ،
شَب قَدر جو جِنهن ۾ شاهي شان، جاڳ.

مَهينو ڀَلو ۽ ڀَلي رات ٿيئي،
ڀَلي رات تا پرهه پِريات ٿيئي،
تَهجد تَراويح جِي تات ٿيئي،
سَپِن وات سُبحان! سُبحان! جاڳ.

مَنجهس مَسجدُون ۽ مُنارا سُونهن،
شَمع دَر شَمع شَهر سارا سُونهن،
بَتيون بِجليون، چَند تارا سُونهن،
سَجو شَهر ٿيو شُغل شُڪران، جاڳ.

ويو خَر وِچان خَلق کي ڪارڻون،
فقط توکي فَرمان پيو پارڻون،
ڀَلو يا بُرو پاڻ ڏيکارڻون،
نه ٿِي پاڻهين پاڻ شَيطان، جاڳ.

اڳي عام اِلزام اِبليس تي،
نه روزو رَکين اَڄ ڪِنهن جِي رِيس تي،
نه ٻَڌبا ٻيا چار سَئو ٻِيس تي،
تُنهنجو تو مَٿي بار بُهتان، جاڳ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَڳي حَيف ٻِئي ڪي ڏِٺِين هاڻ تُون،
وِڃهين ڪاڻ رَب ساڻ چاڪاڻ تُون؟
ٻُرو يا ڀَلو شَخص تہ ٻہ پاڻ تُون،
ڪو ڏيکار جوهر سَندو جان، جاڳ.

سَڄي رات رُخصت مَنع ڀِر چار،
اُٿي ڪَر اَدل! ڪا پِرِينءَ جي پَچار،
اَٺئي سُڄ ۾ سَئُو سال سُمهڻو سَچار،
اُٿي خانداني خَتم خان! جاڳ.

چَوي هيڪ روزو وَري ۽ وَري،
چَوي ٻيو تہ روزو ٽَري ۽ ٽَري،
ڀَلا ڪير ٻِن مان ٺَري يا ٻَري؟
ڪَريو پَڪ پَڙهي پاڻ قُرآن، جاڳ.

مُقرر مَنجهس شَب قَدر شاندار،
وَٽي جاڳ سا يا مَهينن هَزار،
هَزارن کان هِڪڙي ڀَلي بي شُمار،
نَصيبن مُيَسر ٿِئي مان! جاڳ.

وِيهين بَعد وَهہ واهہ! ويهڻ ڏهو،
ڏهي مَنجهہ ڏاتيون ڪُڄاڙو ڪَهو؟
ويهو تان وِيهُون لال لاشڪ لَهو،
نِسورو ئي مَنجهہ نِنڊ نُقصان، جاڳ.

ڏَٺيءَ کان دُعائون گُهرو دوستا!
ڪَريو جوڳ جاڳو سُتَت او سُتا!
خَبر ناهہ اڳتي گهٽي اوستا،
مَهينون تہ ڪا مَهل مِهمان، جاڳ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اُٿي سار ’احمد!‘ اَحد ۽ اَحد،
اَحد ۽ اَحد ڪان مَهد تا لَحد،
اَحد لاءِ حَق حَمد جِنهن جِي نہ حَد،
تہ رَهندين اَمن ساڻ اِيمان، جاڳ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

روزيدار! جاڳو

ڏِنو رَمضان، روزيدار! جاڳو،
ٿيئي روزي رَکڻ جي وار، جاڳو.

لٿو قُرآن جِنهن ۾، شَب قَدر پڻ،
بيون پڻ بَرڪتون بِسيار، جاڳو.

شَقي شَيطان جَڙيو مَنجهه جَنجيرن،
وَسي رَحمت، وِساڻي نار، جاڳو.

سَمُوري رات چُوتِي، ڏِينهن روزو،
اِهو ناهِ ڪِي ايڏو بار، جاڳو.

رَکو روزو تہ بُک جو قَدر پَونيان،
لهو ساري سَقيمن سار، جاڳو.

رَهي ٿو رُوح روزن مَنجهه راضي،
بَچي بُک کان بَدن بيڪار، جاڳو.

رَکو روزا تہ اِن سَختِي سَهڻ سان،
ٿِئو ٿِي جَنگ جا جُوبَنجهار، جاڳو.

ڏُکي بُک ڏِينهن جي يا باهِہ دَوزخ؟
ڏِسو توري تَڪي تَڪرار، جاڳو.

ڏُکي اُڃ ڏِينهن جي يا روڳ دَوزخ؟
پِتيَل پُون پِي ٿِيَن پُرڪار، جاڳو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَريو ڪِريون حَڪيمن جي حُڪم سان،
نہ پوءِ ڪِهڙو خُدا سان خار؟ جاڳو.

نہ بيماريون رُڳو ظاهِر بَدن جُون،
بيا پڻ ڪَئين اَندر آزار، جاڳو.

خُدا سين خار ۾ ڪو خَير ناهي،
نہ هَلندو زور زاريءَ ذار، جاڳو.

خُدا خَلقيا ڪُٽي مُٺ خاڪ جي مان،
اُنهيءَ سان ڪو سُونهي اِنڪار؟ جاڳو.

نہ مالِڪ مَٺ، مِٽي تُنهنجي مِٽيءَ سان،
ٿِئين تِنهن ۾ دَفن دِلدار! جاڳو.

سُٺو پيا سَڀ، فَلاڻو فَوت ٿيو اَڄ،
نہ بيا پڻ ڏيهہ ۾ ڏِينهن چار، جاڳو.

وَري اُن مان اُٿاريندو اُهوئي،
اُپايو جِنهن بہ اَوَل بار، جاڳو.

هَڪل سان حاڪِمن کي حاضريون اَڄ،
سُپاڻي سَڏ وَڏي سَرڪار، جاڳو.

رَکو روزا تہ ميوا مَهند ماڻيو،
اَٿان دَعوت سَندي دَربار، جاڳو.

پَڪي جاڳيا، نہ جِن لئي باغ جَنت،
توهان لئي، جو گُهرو تَيار، جاڳو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻهُون ٻيلن ۾ ٻاٻيهل ٻُرن ٿا،
ڪوئل جِي ڪُوڪ مَنجهہ ڪُهسار، جاڳو.

ٻُڌو تُوتن ۾ طوطن جُون تَنوارُون،
چَمن ۾ ڪَن چَٽُون چِينگار، جاڳو.

چوَن ڪُجهہ باغ ۾ گُل گُل تي ٻُلبُل،
لڳي هُو هُو هَنجهن هُونگار، جاڳو.

ٻَهاريون ٻَخششن جُون ٻَر ٻَحر ۾،
اَچي هِيرن مَنجهان هُٻڪار، جاڳو.

صِفت ڪَن سَڀ شَيون سُبحان الله،
جَبل، جَر، جَهنگ ۾ جُهونگار، جاڳو.

اُٿي 'احمد!' ڪَريو اَلله اَلله،
پَڙهو سُبحانہٗ صَدبار، جاڳو.

*

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

تون سخي آن کي سڏي

اَي سَوالي! اَي سَوالي! تون سَخي آن کي سَڏي،
موٽ مَولا ڏي مَوالي! تون سَخي آن کي سَڏي.

گَنج خانا اُت گهڻان، گوهر خَزانا اُت گهڻان،
خوش ٿيو خِلوت خِيالي! تون سَخي آن کي سَڏي.

مِهربانيون موڪ آهِن، موڪلُون نِت مَنگتن،
ڪِنهن ڇڏي خالِق نه خالي، تون سَخي آن کي سَڏي.

موڪ مِهرُون تِنهن مِيين ڪان، اَي مَنگتا رو! مَنگ،
اَي ڏُهاريا ڏيهه ڏيوالي! تون سَخي آن کي سَڏي.

تَند ڪا تَوحيد جي، طالِب! هَڻو تَحقيق سان،
وَحدهٗ ڳايو وِصالي! تون سَخي آن کي سَڏي.

تو اُين پُونِين اَچي، آواز اُدعُوا رَبڪُم،
اَي فَقيرو لا اُبالي! تون سَخي آن کي سَڏي.

اَي فَقيرو! فَقر فاقي جو فِڪر لاهي ڇڏيو،
مِلڪ ڏِيندان مُلڪ والي، تون سَخي آن کي سَڏي.

چَنگ چوري چانٺ تي، چُرجا نه چارڻ! چار پير،
اِيءَ چَڱي تان آهه چالي، تون سَخي آن کي سَڏي.

نِت مَنگو نِعمت پَلِين پيا، نا اُميدي ناهِه هِت،
شَرف سَرندان شان عالي، تون سَخي آن کي سَڏي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڀَٽ! ڀَتون ڪِيندا ڀِتن ۾، پَر پَڄي ڀِڪ جي جهليو،
تان ڪرم ماٽيو ڪمالي، ٿو سَخي آن کي سَڏي.

دانهين دَر تان ڪِينَ ڏِڪٽان، ڏينِ دُهرا دان ڏِين،
ناهه نَمندن تي نيڪالي، ٿو سَخي آن کي سَڏي.

لُطف ٿيو لا تقنطُوا مِن رَحمةِ الله ڏي لَڙو،
قَول آهِس اِيءَ قَوالي، ٿو سَخي آن کي سَڏي.

ڪوهه گهٽان پائني گُنهه، غافِل رَهو غُفران کان؟
ناهه مَعافي هِت مُحالي، ٿو سَخي آن کي سَڏي.

اَڄ اَحد جي پار 'احمد!' عَيش آهِن آل جال،
ڪا نه وائي قَحط سالي، ٿو سَخي آن کي سَڏي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نور ايمان

اَٿان نُور اِيمان اَندر نماز،
ٿيئي فَرض فُرقان اَندر نماز.

خُدا کي وِساري، سو وِسري وَڃي،
جِياپو جِسم جان اَندر نماز.

مُسلمان لئي آهِ آسان ڪم،
لڳي بار بُوزان اَندر نماز.

رَهيا هاڻ پَنجاهہ مان پَنج وَقت،
اَڃان تو کي اَرمان اَندر نماز!

گَدا، شاهہ گولا اِنهيءَ دَر سَندا،
نَمن خان، خاقان اَندر نماز.

اَدا! آخرت جي طلبگار لئي،
سَمر ساز سامان اَندر نماز.

نمازُون اَٿو نَوڪري رَب سَندي،
ڪي دُهرا وَڏا دان اَندر نماز.

عِبادت اِها ڏاج اِسلام جو،
لڀي ڪانہ ڪُفران اَندر نماز.

سَيو سُڄ سائِنءَ جي سيوا سَوا،
اَٿو باغ بُستان اَندر نماز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿِي خود مُحمد مِٺي تان مَعاف،
لَڙڻ مَهل مَيدان اَندر نماز.

رَهن پوءِ ڇو سُست پِير و فَقير؟
وِڃهي پيٽ پَڪوان اَندر نماز.

سُونهي ٿِي نہ سُستِي سِياڻا! سَندئي،
ڪَندي ڪار گُذران اَندر نماز.

اَدا! عُذر ٿورو ٿَڪي جا گُذار،
جَڏهن جَنگ جَولان اَندر نماز.

مَزُورن کي ڏِئي ٿِي مَزُوري مَزو،
مَگر لَعل مَرجان اَندر نماز.

پرين! تور پَهرين حَشر ۾ هَلي،
مَندبي وَقت مِيزان اَندر نماز.

سُياڻي صَحي چوٽڪاري سَندا،
بَندن لاءِ بُرهان اَندر نماز.

ٿِئي خاص مِعراج جو مَرتبو،
مُيَسر مُسلمان اَندر نماز.

گُناهن، گَندي گُفتگُوءَ کان جَهلي،
نہ ڪو شَر شَيطان اَندر نماز.

بَدن پاڪ، مُنهن پاڪ، هَٿ پير پاڪ،
اَچا اڳ اِنسان اَندر نماز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

صَفائي رَکڻ جو سِياڻا! سَبق،
صَحي چاڻ سَروان! اَندر نماز.

مُساوات جي مَسئلي جي مِيان!
ڏِني سَمجهه سُبحان اَندر نماز.

تَفاوت ڪُلي تَرڪ ٿِي ٿا وَڃن،
سَندا خادِمن، خان اَندر نماز.

غَني خواهه غُربا ۽ گولا، رَئيس،
سَپن ڪي سَري شان اَندر نماز.

جِنهِين رِيت پيڙا بَرابر بيهن،
سِپاهي ڪِ سُلطان اَندر نماز.

اِنهيءَ رِيت آهِن اَصل سَپ شريڪ،
نَظر آڻ نِيشان اَندر نماز.

جَماعت جُزِي جَمع جُملي ٿِئي،
پُنيان هيڪ اَڳوان اَندر نماز.

غَرض اِيءَ ته آهيون غَزا لئي تيار،
جِنهِين رِيت رَحمان اَندر نماز.

تُون سُلطان آهين، سِپاهي اَسين،
ڪَريون ڪاهِلي ڪانه اَندر نماز.

جَمع آهِه جُملي جَماعت اِمام،
پُٺي تِن جي پَروان اَندر نماز.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَجِڻ هَٿ سِسيءَ ڏانهن تَڪبير وَقت،
رَکي راز قُربان اَندر نماز.

ڪَپي دِين دُنيا جي ڪَم ۾ اِمام،
سَبق اِيءُ سُخندان! اَندر نماز.

نہ حاڪِم سَوا حَج، نہ فِطرو، زَڪوات،
وَجي نيڪ نُقصان اَندر نماز.

سَڀئي شَرط سَمجهي سَجڻ! ڪَر سُجُود،
بَجا آڻ اَرڪان اَندر نماز.

اِلاهي! تُون 'احمد' اَمر تي بيهار،
نہ ڪَج سُست سُبحان! اَندر نماز.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجاڙي لئي ڪَڏان ڪاسا ٻين جا

ڪِ هِڪ سائِڻءَ کي يا سائِنَ هَزارن،
بَٺائيءَ وَقت پَريان ڏان پائي!

چِڏيا مُون لاڳ عُزا، لات ڪُل جا،
اکيَن وارن سَندي ٿِي پَر اِهائي.

ڪُجاڙي لئي ڪَڏان ڪاسا ٻيَن جا،
ڪِ ڪِنهن ٻئي پوک پَروَر ري پَچائي؟

نه نيئي جهندبن ڏَٽيءَ تي جَهندب لاهيان،
بِنان رَب هِيءَ بَناوٽ ڪِنهن بَنائي؟

ڏِسان ڪُل ڏيهہ جو ڏاتار هِڪڙو،
اَدا! ڪونڻ اِتي آبَت اَجائي.

پَلين ماڻهون، مَلڪ، مُلان، مَشائخ،
ڏِنگو چَئي مُون، ڏَمرجن ڏيهہ سَجائي.

پَلين راضي رَهي، راضي نه اِن مِ،
ڪِ ساهڙ، يا صَدُو، ساجن سَوائي.

وَجان چاڪاڻ سُتلن تي سَلامي،
ڪِ ڪِنهن آگي بِنان لائِي اگهائي؟

مِنو مُون ساڻ جي مَحبُوب مُنهنجو،
ڪُجا ڙو پوءِ ڪَندم ٻئي جي ڪَڙائي؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِٺو مُون ساڻ مَولا هيڪڙو جي،
نہ سارو مُلڪ جڻ مُون لئي مِٺائي.

وِڏُوڙو سو نہ وَڻ ئي پوءِ ويري،
پِدر، مادر، مَلڪ، مُرسل مِڙائي.

پَڄي جيڏانهن وَسي پُلڪار تيڏانهن،
اَتس اَينَا المَفر جِي ويل آئي.

ڏِئي پَروَر، وَجيو تُون پِير پُوڄين،
ڦَٻي سَگهندئي نہ ٻيلي! اِيءَ ٻِيائي.

سَچو سُبحان جِنهن ڪِنهن ساڻ سَرتو،
مُلڪ تِنهن جا نہ مَهندان مَرحبائي.

سَندا اَللهُ جي، اَللهُ اُن جو،
سَچي سَردار اِهڙي سُڌ سُڻائي.

شَفاعت شاهہ جِي تِنهن لئي يَقيناً،
سَندي وَحدت وِساري جو نہ وائي.

مِٺي مُرسل مُحمد کي مَڃيوسين،
سَچي سَروَر جِي سُنت مُون سُهائي،

وَرِيَس وَجَهتُ وَجهِي لِلذِي ڏي،
ٺيو اَللهُ دَر 'احمد' عَطائي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي

قُدرتون ڪَلتار، قادِر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي،
جوڙجڪ، جِنسار، جوهر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي،
گَنج، گُل، گُلزار، گوهر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي،
ڏِس عَجب اِسرار آخر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪول عِبرت جُون اکيون، اَللهُ جا ڪَم اَور ٿيا،
مِينهن ڦُڙو موتي بَڻيو، ماڻهون مَنيءَ مان مور ٿيا،
لعل پَيدا ٿِي پَهڻ مان، گُل ڪَنڊي جي ڪور ٿيا،
بيا بہ سُونهن سِينگار صادِر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ٻُوند باغن پاس، ٻُلبُل ڏِئي گُلن تان گهمرِيون،
ڪُونجڙيون ڪُڪڙن، ڪوئل، ڪَبڪُون، ڪَبُوتر، قُمرِيون،
جِنس سَيڪنهن جِي جُدا، آلاپ، اَڏيون، عُمرِيون،
ديک ڏَنڊا ڏار دِلبر! سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

خان، خادِم سَڀ خُدا جو، رِزق کائيندي ڏِٺم،
ڳوٺ ڳَپرُو سَڀ ڳُڻن جِي، ڳالھ ڳائيندي ڏِٺم،
پِير، پَيغمبر، پَڙهيا، سَڀ پاند پائيندي ڏِٺم،
پيش پالڻهار پَروَر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

سَڀ مَلڪ، مُرسل، وَلِي، مُحتاج مالِڪ وَٽ ڏِٺم،
پاڻ هِڪ چَرخو چَلائي، بيا چَلٽ چَٽ پَٽ ڏِٺم،
مَٽ نہ مالِڪ جو ڏِٺم، ڏوليا ڏِٺم، ڏَٿ پَٽ ڏِٺم،
مِير مَٽيادار مِمبر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهِہ حامي هِڪ ڏَٺيءَ ري، هِيءُ حُڪم حَضرت هُمام،
پير پِرِيَن پيا سُجيو، بيهندي تَهجد ۾ تَمام،
عاجزيون اَللّٰه کي اِن پَر، ڪَيون عَربي اِمام،
جِنهن پُنيان اَخيار اَطهر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

چاپندي چاڙ نہ ٿيندِي، ڪوهہ چاڙان ڪِيئن چَمار،
بَر وَڏو ۽ بار بَرسر، رِچ بَلائون بي شُمار،
رَهہ مُسافر، مُلڪ ڏاريو، روز مَنزل موتمار،
جِت بہ گهم، جِت گهار گوندر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪِٿ گُذاريان ڪِٿ گهُمان؟ نِت گُوندرن گجگاهہ گوڙ،
سُور، سَختيون، سانگ، سُج، رُج سوڪ، سَونڪو، ساهہ، سوڙ،
ڪي ڪِٿي ڪاهيو رَسن، ڪيڏانهن ڪَريان پوءِ ڪَنڌ موڙ؟
وَر، وِندر، وَٽڪار وِسيَر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪَنڌ قابُو فِي ڪَبد ۾، ڪِيرتون ڪِهڙيون ڪُڇان؟
پاڻ مُون ۾ پُهچ ناهي، پُهچ واري جو پُڇان،
ڪير لاهيندم لِڱن تان، لوهہ هِي جِن ۾ لُڇان؟
ڪِيئن ٽَرن ٽِمٽار ٽاڪُر؟ سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

هيڪ ڏوهن ۾ ڏِهاڙي، ٻيو ڏَمر ڏوهن مَٿي،
ڪُن ڪَلاچي ڦَهر جا، ڪَڙڪا پوَن ڪوهن مَٿي،
حادثا، هوڪا، هَلائون، هُل، حَشر، هوهن مَٿي،
لُڙ، لَهر، لَلڪار، لَنگر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

آفتن تي آفتون، آخر اڪيون ڪولڻ لڳس،
هِن بَلائُن کان بَچان ڪِيئن؟ ڳالهہ اِيءَ ڳولڻ لڳس،
ٻاجهہ ٻيلي! ڪا ٻُڌايو، ٻول اِيءُ ٻولڻ لڳس،
تان مِليَم مَهندار مِهتر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

تان مِليَم مَهندار مِهتر، مُنهن مَگر هَر ڪِنهن پيو،
دَر پيو دَربان پيو، ڏاتار گهر هَر ڪِنهن پيو،
جِنس بي جِنسار پيو، جان و جِگر هَر ڪِنهن پيو،
هَر ڪِنهين جا ڏار دَفتر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

هيڪڙا ڪاهينِ ڪاشِي، قَبر تي ڪاهينِ ٻيا،
چي، اَجهو اولو اَسان، اِي اَولياءَ آهينِ ٿِيا،
لاڳ لازِم لوڪ تي، لَحظي ۾ ڏُک لاهينِ پِيا،
ٿا لهن سُڌ سار صابِر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪي مَڱن مَلڪن ڪَنان، ڪِن آسرو عِيسيٰ، عُزير،
ڪي قُبن تي ڪاھہ ڪَن، جن ۾ سُتا مانجهي مَٿير،
ڪي سَلامن لاءِ سَنبرن، صُورتن پاسي سُڌير،
مَنجهہ ٻُتن بي سار ياڪر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪو چَوي مُون ڪي نہ مَطلب، مُورتن تان مُور ٿِين،
ڪو نَڪتُ ڪي ٿو نَمي، نازِل اُتاهين نُور ٿِين،
ڪو ڏَسي ڏاڍي تي هَل، تان ڏُک مِڙيئي ڏُور ٿِين،
ڏِئي وَٺون هَر وار واهر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪي چِڪينم قَبر ڏي، ڪاني ڪَرامت هِت اَٿي،
ساھہ جِنهن وس، سو سُتل، سُج ۾ سَلامت هِت اَٿي،
عُمر سارِي دُور آفت، ۾ عَلامت هِت اَٿي،
هِت پِنن پينار پاڪر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

ٿيا وَلِيَن جا ويهوڙا، واٽ ڪِنهن جِي تي هَلُون؟
پُوڄجن ڪَئِين پير، پُوڄا پاٽ ڪِنهن جِي تي هَلُون؟
هِي جَهلينَم، هُو جَهلينَم، جاٽ ڪِنهن جِي تي هَلُون؟
هِت نہ ٿيا آڌار اودر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تِن ٽِڪاڻن ڪان ڏِنم، ٽَرِيَل نه ٽولي هيڪڙِي،
لَت هَنئي جِن لات کي، لَبيڪ لولي هيڪڙِي،
ري ڏَٽي ٻيلي نه ٻيو ڪو، آهِه ٻولي هيڪڙِي،
ڪَن اِهو اذڪار اَنور، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

واهه! وَرنَم واهِرُو، ٻِجليون، ٻَهاريون چَمڪِيون،
دِل ڏَٽي هِڪ ساڻ دائم، دُور ڏارئَن ڏَمڪِيون،
رَب رُٺو جِن سان، رِهاڻيون رات تِن ڪان رَمڪِيون،
پيا ڪِري ڪَنڌار ڪُونڌر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

هِي جَهلينَم پُوڄ پَرور، هُو جَهلينَم پُوڄ پير،
هِي ڏَسينَم هيڪ ڏاتر، هُو ڏَسينَم ڏهه فقير،
هِي چوَن والي سو واحِد، هُو وِجهن وِچ ۾ وَزير،
چار اولهه، چار اوپر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

هِي ڏَسينَم هيڪ ڏاتر، هُو ڏَسينَم ڏهه ڄڻان،
ڪِنهن جو گُهتو گوش ڪَريان؟ گوڙ ٿيا گهاتا گهڻان،
مُون هِنيون هِڪ سان ٻَڌو، ٻِئي تان هَمه ٿو هَٽ ڪَٽان،
ٻيا وَڃي سَپ ٻار ٻاهِر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

ظُلم ظاهِر ٿيو زِياده، ذات هِڪ مان ذات ٻي،
راهه پُليا، روهه رُليا، رات هِڪ مان رات ٻي،
پيٽ باطِل سان پَريائون، بات هِڪ مان بات ٻي،
ڪِن بُکون بيمار بِستر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

هِڪ خُدا جا خاص چايون، خار تِنهن تان خارجيَن،
ٻيو نه ميڙو ڪِٿ مَچايون، خار تِنهن تان خارجيَن،
ٻاهِه ڪان ٻُرڙو ٻَچايون، خار تِنهن تان خارجيَن،
سُور اِن ۾ سار سانبر، سَئو سَجي ۽ سَئو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيٽ پارا ٿا پَچن، پَروَر سَندي پيغام تان،
چا ڪَڄي اَرمان اُن جي، عَيب ۽ اِلزام تان،
خار خالي خارجيَن کي، هِڪ خُدا جي نام تان،
مَنجهہ ڳِلا ۽ گار گاذر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

هِڪ پَلي جا پال چَئو، تان بُت پُلين پالي مَٿان،
چا ڪَڄي اَرمان اُن جي، عَيب اوپالي مَٿان،
مُفت اَحمد کي اَحد، اَللهُ جي نالي مَٿان،
ڏِين پيا آزار آذر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

چا ڪَريان نِروار نورن، نات، نالا ۽ نُڪُون؟
ري بَهڻ بيهندا نہ بِلڪُل، جن بَچيون باري بُڪُون،
ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ڪُچندا،جَڏهن پرين ڪُتن وانگر ڪُڪُون،
ڪوءِ! کِکي کاپار کوهر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

ڪُوڙ ڪوڙين ڪيترا، ڪارهيون قَضا ڪارين ٿا،
روڙ نَعري راڳ ۾، رَب جي رَضا سارين ٿا،
مُفت مايا مال لئي، مُونان مَٿا مارين ٿا،
بَحث باتيون بار خاطِر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

مَعرفت مالِڪ مِني جِي، ناهِہ تِن مَنظُور مُور،
قَول جي قُرآن ۾، تِن ڪان ڪوهن جا ڪوهہ دُور،
حَق نہ ڄاڻن پڻ حَديثون، هاشمي حَضرت حُضُور،
ڪُوڙ تي تيار تومر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

جو ڪَري ڪارهين، ڪَدي ڪاسا، قَبر تي ڏِئي ڪُني،
مُنهن نہ مالِڪ ڏانهن جِنهن جو، مال ۾ ڪوڙي مُني،
جي پَسن سُومار ساگهر، سي وَٽن سالِم سُني،
چِٽ چُنيون چَمڪار چادر، سَئو سَڄي ۽ سَئو کَبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِي قَدر قُدرت جو ناهي، قادريءَ جي ڪاٿ ۾،
هِي مَگَن مُنهن ساڻ مَددُون، پاڻ ميٿ و ماٿ ۾،
ڏيوَ جا ڏَس ڏِين، جن کي ڏاڻ ويٺا ڏاٿ ۾،
ٿا مَرن مُردار ماتر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

قَدر قادِر جو نہ ڄاڻن، قادريءَ تي ٿيا ڪُٺل،
راس ساري راڄ سان، پَر هيڪڙي رَب سان رُٺل،
مُور مالڪ ڏي نہ موٽن، سي مَنائيءَ جا مُٺل،
ڪَن ڪُفر جي ڪار ڪافر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪِن تَياريون تُربتن تي، ڪِن طَمع تَصوير ۾،
ڪي بَنائن بَيت بُچڙا، ڪي ٽِڪا تَحرير ۾،
ڪي گِھُون گجراڙ ڪَن، تَڙيَل تَپيو تَقرير ۾،
ٿا هَڻن بَس لاف لوفر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

بيا وَلِي سَپ وات جا، مُون کي نہ والي هِڪ وَٽي،
هِڪ پَلي جا پال پانيان، پَٽ پَلي تِنهن تان پُٽي،
بَيت سامهُون بَحر هُوندس، پَل اَچان پيرا ڪَٽي،
بيا بہ شامِل ڪار شاعِر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

ڪَئِين پَڙهيا ۽ پِير پُچيَم، پوپ، پنڊت، پادري،
ڪي چوَن ڪاشيءَ ۾ قُدرت، ڪي ڏَسينَم قادري،
مُفت ميڙڻ مال جي لئي، ٿا مُنجهائن مادري،
ڪَن نِهارُون پار نابر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

مُون نہ سَمجهي ڪِيو صَحي، سُبحان سائين هيڪڙو،
جو لهي سارُون سَپِن جُون، سو سَدائين هيڪڙو،
تَخت تِئي تابان بِن سان، توڙ تائين هيڪڙو،
ٿا تِڳِن تِنهن تار تاجِر، سَئو سَچي ۽ سَئو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جي ٻِيَن تي ٻوڙ ڊُڪ ڪَن، ڏير تِن ڊَهندا رَهن،
ڪم ڪَندو ڪَلتار، اوڏهين قافلا ڪهندا رَهن،
قافلا ڪهندا رَهن ٿا، ڪَئِين ڪُتا ٻَهندا رَهن،
ٻِدعتي ٻَدڪار باندر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

هَر طَرف تَوحيد تان، تَنزِيل تَپايو ٿا ڪَڻ،
خود خُدا سان خار جِن کي، سِر ڪَپايو ٿا ڪَڻ،
سوپ سائيم! ڏِچ سَگين، سَهوار پايو ٿا ڪَڻ،
کوڙ تِن خُونخوار خَنجر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

بادشاهه پيڙا ٻه بِلڪُل، بادشاهيءَ م ڪِٿي؟
بار سَئُو سائِين سَهي، سا سَگهه سِپاهيءَ م ڪِٿي؟
ٻِن اِلاهن جاءِ پوءِ، آهي اِلاهيءَ م ڪِٿي؟
ڪَن اِها گُفتار گوهر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

هَٿ ڪَڍي هادي حُڪومت، جي حَوالي ڪَئي ٻِيَن،
سي وَري ويا، يا وِڙهي پيا، يا سُتا، يا ٿَڪ ٿِيَن،
آهه! اُپ، يُونيون ڦِٽي ويا، هُوند وَسنديون سَپ وِيَن،
هِي نه هُئا جِنسار جيڪر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

اَنبياءَ ۽ اَولياءَ، عارِف اَڪابِر جيترا،
جُوت جاڻ جات ٻي، جُونجهار جابِر جيترا،
هيڪ سائِينءَ کي سِڪن، سارِين، صابِر جيترا،
ٿا سِڪن سَردار سَروَر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

مَوت مُشڪل مَهل، مالِڪ مُلڪ جي مُختار ڏانهن،
ڪم قَبر تان ڪِينَ ٿيندئي، پَر قَدم ڪَلتار ڏانهن،
سي نه ڏِينهان رات ڏوري، ڏيهه جي ڏاتار ڏانهن،
ٿا رَکن رَفتار رَهبر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

آدميءَ مان آدمي، آدم وَٽان جُڙندا اَچن،
اِي سَگھون سُبحان جُون، ثابِت سَدائين وَٽ سَچن،
جِنس جوڙي جِنس مان، ٻَڪَ ٻَڪَ ٻَڪَهه ٻوڪُون ٻَچن،
جَو، جُواريون، سار، ٻاجھر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

ٻِئي جو ٻانهون تان ٿِجي، جان ٻار جوڙي ٻيءَ طرح،
وَڻ نہ وَڻ مان، ڪَڻ نہ ڪَڻ مان، سار جوڙي ٻيءَ طرح،
قاعِدا قُدرت ٻَجي، ڪَم ڪار جوڙي ٻيءَ طرح،
نا تہ ٻيا نيڪار ناظِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

مُند مَٽ سَٽ مُند تان، مُدت مُقرر هَر حَمل،
اِيءُ قَديمي قاعِدو، اَللهُ هِڪڙي جو عَمل،
پوءِ قُبا قَبرُون نهيا، ڦِريو جَڏهن ڪِن جو ڪَمل،
ٿيا ڦَڏا ڦُرمار خاطِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

آدمي آدم گڏي سَڀ، رَب پُڇيو روزِ اَلست،
سَچ ڪِ سائِين آئون سَڀِن جو، هيڪ آئون دائم دُرست،
اِي اَٿو مَوجُود مَهندان، زور ٻَريا زبردست،
مَنجهہ حُڪم هَر بار حاضِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

اِي اَٿو مَوجُود مَهندان، مُلڪ والي مِير سَڀ،
آمساهان مَنجهہ اَدب، اڪِين ڏِسو اَڪسير سَڀ،
پاڪ پَروَر هيڪ آئون، ٻيا پُوڄاري پِير سَڀ،
جابجا جُونجهار جابِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

اُن ڪَري اَنجام وَرتئين، آهِہ مَنجهہ اَعراف اِيئن،
تان نہ سامهان ٿِي سُڀاڻي، پوءِ سُڻايو صاف اِيئن،
چي، اَسان اڪِين نہ جانچيو، آهِہ ڪو اِنصاف اِيئن،
ٻيا بہ آڏا ڏار ڏُونگر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِت سُخن پاري سَلامت، سِيل رَکيو ڪِن سَچن،
سَئُو ٻِيَن سان ٻيا وَڃي، ٻَر ٻَر ٻَڌا ٻارن ٻَچن،
جو ڏِنائون، جو ڏِنائون، سو وِيَن وِسري وَچن،
ويڙهيا وِينجهار ويسر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

هُت چَيائون هِڪ ڏَٽي تُون، هِت لَڳن ڪي حاضري،
ڪِي قَدر قُدرت ۾ ڳَڏ ڪَن، ساڻ قادِر قادري،
خَلق خَلقي جو سَگهي، تِنهن هِڪ خُدا جِي خاطري،
ڪَن عَبث اِنڪار اَبتر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

پَڙ، ڪِ پَهرُو، پَنج پَيسا، جو پني پينار آهِہ،
پاڻ پالي پِرٽي، سو پاڪ پالڻهار آهِہ،
جِنهن ڏِجي سِر پاڻ ڏُبرو، ڏِئي اُهو ڏاتار آهِہ،
ٿا چوَن مُختيار ماهِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

پُل وَڏي پائيج پائڻ، پال هِڪ جو پال ٻِئي،
نامُناسب آهِہ نَمبر، نال هِڪ جو نال ٻِئي،
مُلڪ هِڪ جو مُلڪ ٻِئي جو، مال هِڪ جو مال ٻِئي،
ٿا هَلن تَڪرار تِنهن سِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

مُلڪ مالِڪ هيڪڙي جو، مِلڪ ميَت ليکِيين،
راڄ رَب جي ۾ رَهي تُون، ٻِئي جِي رعيَت ليکِيين،
ناحقي نالائقيءَ ۾، نيڪ نيَت ليکِيين،
تِنهن اَندر وِيچار ويتر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

جي لَڙن ڪِنهن بادشاهہ سان، بادشاهيءَ ۾ رَهي،
سي سَڄين اَگرين نہ سارَ، سِر وِڃائيندا سَهي،
ڪُوڪرا ڪَرٻَل ڪَلهن ۾، جِت ڪَٿڪ پُهتن ڪَهي،
پاءُ ڪان بيزار پائر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خود خُدا سان ڳَن خودي، جيڪي خُدائيءَ ۾ رَهي،
سي خُدا جي صاحِبيءَ مان، سَنئين سَنجهي نِڪرن سَهي،
جِت وِلايت بِئي وَليءَ جي، تِت ويهن ٿَهري ٿَهي،
نا ته مُنهن ۾ ناد نابِر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

خود خُدائيءَ ۾ خُدا جي، جو ويهي تِنهن سان وَڳي،
ڪير تَلهيدار تِنهن جو، ڪِنهن جي تارِي ٿو تَڳي؟
هِت اُجڙ اُن جو اَٿالو، آڳ بِي اُن لئي اَڳي،
مُترڪا، مَچ، مار مَحشر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

پارسي هِندُو ڪِ بُڌ، صابي، نَصارا ۽ يَهُود،
هيڪ سائِين سَپ چوَن ٿا، پَر سَوَن کي ڳَن سُجُود،
ڪي پَٿر، ڪي پِدر جِي، نِڪرن زِيارت لاءِ زُود،
هار هَس هُبڪار هيڪر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

هيڪ سائِين سَپ چوَن ٿا، پَر سَوَن تي سَڌ سَوير،
ڪي مَڱن مَلڪن ڳَنان، ڪِن جا عَرض عِيسيٰ، عُزير،
تِن کي ڪافر ٿو ڳَهِين، ڇَئُو توکي ڪوٺيون پوءِ ڪير؟
جِيئَن تو ٿاهيا ٿار ٿيٺر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

پوک، پَرٽان، ڪِير، پُٺ، تو ۾ ٻه ڪَئِين پَتيار پِير،
خواهه خالِق سَمجهه اُن کي، خواهه خالِق جا وَزير،
هيڪ سائِين ڪِن سَگهن ۾، پوءِ سارين ڙي سُڌير!
هِي ته نِيڪيدار ٿاڪُر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

پير هَٿ، پُٺ، ڪِير، پَرٽان، پاڪ پَرور ڇا ڏِنون!
ڇا ڪِ ڏيئي ڏُک رُڳا، ڏاتار ڪيئي چورو چِنون،
قَدر قُدرت ڪِينَ ڄاتئي، ڪالهه هُئين قَطرو ڪِنون،
اَڄ ڪَرِين تَڪرار تَڪبر، سَئُو سَچي ۽ سَئُو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

آهِه هِڪ الله ۾، ڪِهڙو اَجان اِيمان تو؟
ڪَئِين پَٽر ۽ پِير پُوڄين، جاٿ تي جَولان تو،
مُقبرن ۽ مُورتن تي، مَست مَن مَستان تو،
حاضريون هَسوار هَمسر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

تو وَٽان تَنخواهه ڪائي، ٻِئي جي گابن ۾ گُهمي،
پِير هِڪ جو پَڙ پُڄائي، چانٺ ٻِئي ڪِنهن جِي چُمي،
مَرد مُنهن سان هِڪ ٻُڌائي، پَر سَوَن سان گَڏ سُمهي،
ياد هُونَس يار ياور، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

ٻِئي جي گابن ۾ گُهمي، ڏِڪجي ڏُران سوئي ڏَرار،
چانٺ ٻِئي ڪِنهن جِي چُمي، تِنهن جِي نه پيٺا بَرقرار،
جا سَوَن سان گَڏ سُمهي، لاهين تِنهن جو نَڪ نِرار،
بَد سَڏينَس يار، پينر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

چانٺ هِڪ مان ٻِي چُمي، تِنهن کي چوَن چوڏس چَريو،
جن ڏَٽيءَ جو دَر مَٽي، ڏارين جي دَر ڏَرٽو ڏَريو،
پوءِ خالي هِڪ چوَڻ مان، چا کَٽيو ڪَٽندو ڪَريو؟
جِنهن سَندا ٿيا ڏار داور، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

جا سَوَن سان گَڏ سُمهي، تِنهن کي سَڏي ڪِهڙو سَتي؟
پوءِ ڪَئي جِنهن پاڻ ۾، پَنجاهه پِيرن جِي پَتي،
هِڪ چوَڻ، تِنهن جِي چَٽر، راضي نه رَب اُن کان رَتي،
جي پَسن سُومار ساگهر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

هيڪ راجا راج جو، ۽ ٻِئي اَگيان روئي رَڙن،
ڪير اُونائي اِنهن جِي؟ اِي ڪِٿي اُهکي اَڙن،
چا ڏَٽيءَ وَٽ داد تِن جو؟ جِن جُون دانهُون سِر دَڙن،
مَر نه پُونن يار! پادر، سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جو بہ رَعيت وَٽ رَڙي ٿو، بادشاھہ پَنهنجي بَدل،
دوست! تِهن دَرخواست جو، اَڪين ڏِٺي ڪِٿ ڪو عَدل؟
چا ڏٺيءَ وَٽ داد تِن؟ ٻِئي سان سَلن جي دَرد دِل،
مَر ڪِيئن پيا مار مُنڪر، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

ڏِئي ڏَهُوٽون ڏان ڏِل ڪان، هَٿ ٻِيَن حاڪم سَوا،
اِيءَ رَسم ڪِنهن راڄ ۾، ناهي رَوا، ناهي رَوا،
زور ضَبطيءَ ساڻ چَوندن، قِسط ڪاٺي اَي ڪَوا!
پوءِ پَڇن اوڏار آهر، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

دَرج ڪِنهن دَرخواست ۾، گوهر هُجن، گُل اَرمني،
جِنهن ۾ نالا نَوڪرن جا، سا رَکن مُنهن تي مَني،
رُوس گُهم ءِ رُوم گُهم، توڙي جَپاني، جَرمني،
جانچ عُهديدار اَفسر، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

جِنهن ۾ نالا نَوڪرن جا، مُنهن تي حاڪم سا هَڻن،
بَلڪہ ايندي مَنجهہ عَدالت، خود ڪَلا تِنهن تي ڪَڻن،
پوءِ والي وَحدهٗ ڪي، وينتيون سي ڪِيئن وَڻن؟
جِن ۾ ناليوار نَوڪر، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

جِن پَٽر ءِ پير پُوجيا، پاڪ پَرور کي ڇَڏي،
هِيءُ نِياپو هَر نَبي، تِن کي ڏِنون واڪي وَڏي،
ناھِ سائِين هِڪ سَوا، سَڏ ساڻ گَڏ، جيڪو سَڏي،
پَس تِنهين جا پار پاور، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

جِن سُٺي سَنيهو سَچو، سائِين سُجاتو سيگهہ مان،
مُلڪ تِن مَعمُور ويو ٿِي، مِينهن، موڪُون ميگهہ مان،
وِيءَ پَچي وَئي، ويڪ ٿيئي، ڏِئو مَٿي ڏِئو ڏيگهہ مان،
شُڪر شاديون سار شاڪِر، سَئو سَجي ءِ سَئو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نُوح نِرمل جو نِياپو، هو اِهوئي اِطلاع،
ناهِ واحِد ري وَهارُو، ڪو وَلِي، وَد يا سُواع،
هيڪ مالِڪ کان مَگُو، تان مِينهن پوَن، ماڻيو مَتاع،
بَخششون بِسيار بَرسِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

مُختصر ماڻهن سَوا، مَت ڪِنهن نه مُرسل جي مَڃي،
پوءِ اُٿليا بَحر پيڪي، جن رَکيون پيريون پَڃي،
ويا وَهڻ ڪي وِير ۾، ڪِنهن ڪَئي نه واهر تِن وَڃي،
ٿيا تَوائي تار اَندر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

فِڪر ۾ فَوجُون پيون، نَميا مَڇر نَمرُود تي،
موچڙا ڪائي مُئو، مَهندان بہ مَڇ مَردُود تي،
آگ اُٿلائي وِڌي، آگي اُڇت اُخدُود تي،
ٿيا سَڙي ڦُلهيار فاجِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

موڪليو مُوسيٰ نَبِي، فِرعَون ڏي فائق ڏٽي،
ڪَر اَسان جي قوم آجي، تان وَجون خِيمان کٽي،
سِر حُڪم حاڪِم نہ سُئُو، هِن کي وِڌو هَستي هَٽي،
ڪَن چِڙون چوڌار چاڪر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

قَوم سان ڪامِل نَبِي، لنگهيو سُڪي پَٻ سِير تان،
فَوج سان فِرعَون ڪاهيو، دَم وَڌي سان وِير تان،
دُوبدُو ڏَڏڪا ڪري، دَرياءُ پيو دِلگير تان،
ٿيا لُڙهي لَهوار لَشڪر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

هيڪ سائِنءَ کان سَوا، سُونهي نہ بي سيوا سُجُود،
اِيءُ سَندو صالِح سَنيهو، اِيءَ هِدايت پاڪ هُود،
اُٿلندو اُن ڳالهہ تان، اڪيون ڪَڍيون عاد و ثَمود،
مار ۾ مُنهن ڪار ماڪر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَبي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پوءِ اُنهن تي قَهر قادِر جو ڪِريو ڪَڙڪا ڪَري،
مال، ماڻهن مِينهن سَمجهيو، واهہ! وارو ٿو وَري،
تان ٺَڪا، پاهڻ تي پاهڻ، ڏِيل ڏِسندي جن ڏَري،
مَنجهہ گهَڙِي گهر ٻار گهَنگهر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

پُوڄِيَئُون ڪَئِين پير پَر، ٻُڌِيَن نہ پائِي ڪِنهن پُڪار،
ڪُل ڪُنواريون، ڪَونر ويا ٿِي، قَهر قادِر جو شِڪار،
هَل نہ هَڏ هاڻي ٻہ لهندين، جِت مُئا آهِن مَڪار،
شَهر، گهر، بازار، سَڀ ٻَر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

پِير سي پُهتن نہ اُت، پِڙ ۾ پَڙايون جن لَفن،
دير تائِين دوست! تِن جا، ڌَڙ رَهيا ڌاران دَفن،
قَوم ڪُل جو ڪَم لهي ويو، ڪير ڏِيندن پوءِ ڪَفن؟
ٿيا مَري مُردار مُنڪر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

قَهر ڪَڙڪيو ڪو نہ ٽاري، پيا ڪِري ڪُوندر ڪِها!
ڪو عَجب اُن مان وَٺو، اَحقاف ۾ آيت اِها،
چو نہ وَريا سَڌ سُڻي؟ جِن سان سَوا سائِين سِها،
ڪِٿ ڪيهي وَڻڪار واهر؟ سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

هِڪ لِڳان لَنگهيا لَڳي، اُن قَوم تان ڪامِل قَريب،
عَرض اَصحابن گُذاريو، اَڄ اِجازت ڏي عَجيب!
هُو هَڏا جي حِجر ۾، تِن جي پَسُون حالت حَبيب!
جِت سِسيون سَينسار وانگر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

مُصطفيٰ مَنظُور ڪِيو، ماڳِن مَڏن ڏِسندا هَلو،
جابجا جهوڙِي جِهجهڻ، جايون جَڏن ڏِسندا هَلو،
جَلد هاريندا هَنجُهون، حالت هَڏن ڏِسندا هَلو،
ٿي رُنان اُت زار ظاهِر، سَئُو سَڄي ۽ سَئُو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَٽ هَزارن ٿي ٻَڌا جِن، اِي اَٿو اُن جا هَڏا،
واهِرُو وَريَن نہ ڪو، هِن ڪي ڪَيا واڪا وَڏا،
ڦِهر سامهُون ڪير ايندو؟ قَبر پُوڄڻ ڪم جَڏا،
ٿيا ڏَڙا ڊِيوار يا دَر، سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

هِن مَٿان وِيرُون وَريون، واهر وَسيلا سي ڪِٿي؟
هَڙ سَڄي ويئي هَڄي، هَمراهہ حِيلا سي ڪِٿي؟
هِي قِلعا هُو ڪوٽ، ۽ قَومون قَبيلا سي ڪِٿي؟
سي قِصا ڪَن ڪار قاصِر، سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

مُلڪ والِيءَ ڪي نہ وِسهن، سِر وَلي ويڙها وَري،
اِن طرح جُنيون جَڏن سان، تہ بہ جَنگيون جهيڙا وَري،
ٿِي نہ مَهندين سان مَدد، تہ بہ سِر مُٺن ميڙا وَري،
نُنهن، نِياڻيون، نار، نِينگر، سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

مَرحبا! آيو مُحمد، مُلڪ سَڀ مَعمُور ٿيو،
مُلڪ مالِڪ هيڪ جو، اِيءُ مَسئلو مَذڪُور ٿيو،
مَسئلو مَذڪُور ٿيو، سو مُلڪ ۾ مَنظُور ٿيو،
تُرت تابِعدار طاهِر، سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

خَلقيَل آهيان خُدا جو، خاڪ مان تِنهن خان ڪِيوم،
اُمتي عَربي نَبي، عالي لقب اڳوان ٿِيوم،
اِسم سان الله جي، اَندر مَٿان اَرمان وِيوم،
عَطر گُل اُبڪار عَنبر، سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

عَدل ڪي آئون نہ پُهچان، فَضل جو ڦيرو ٿِئي،
دَم بَدم دَرڪار دَرسن، دِل اَندر ديرو ٿِئي،
آئون پُليَس بَر ۾ پَلا! ڪو پال جو پيرو ٿِئي،
ڪات غَم غَفار غافِر! سَڱو سَڄي ۽ سَڱو ڪَٻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهہ! آهيان آهُڙن ۾، آهِہ سَڌ اَللهُ ڪي،
واهہ! مُنهنجا واهِرُو! رَس، واهہ تِي بي واهہ ڪي،
هيڪ لَحظي هيٺ لاهِج، لَهر لاهو لاهہ ڪي،
بار پيڙا ڪار بَندر، سَئُو سَجي ۽ سَئُو ڪَبي.

وَهم ۽ وِسواس والي! سَڀ وُجُودان مُون وَڍيج،
نام سُهڻي ساڻ سائيمَ! ساهہ ڳوپُون ڏيئي ڳنڍيج،
عَرض 'احمد' جو تہ آخر، رُوح ڪلمي سان ڪَڍيج،
سِر اُتي اَنوار اوجر، سَئُو سَجي ۽ سَئُو ڪَبي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مولوي عبدالرحيم پڄميءَ بابت

اَڄ بہ سَنگت ساٿ ساريو، مولوي عَبدالرحيم،
جِنهن نہ واحِد کي وِساريو، مولوي عَبدالرحيم،
سِنڌ سارِي کي سُڌاريو، مولوي عَبدالرحيم،
ڪَچ ڪَڪر مان ڪُفر ٽاريو، مولوي عَبدالرحيم.

اڳ بہ هُئا عالِم گهڻا، ڪَچ سِنڌ ۾ سالِم سُني،
پَر ڏَڪي وِيٺا مَٿي تي، حَق چوڻ کان سي چُني،
ڪاهہ ڪوهن ٽان ڪَري، ڪِيندا هُئا ڪارهين ڪُني،
بَند ٽِن جو قُوت ڪاريو، مولوي عَبدالرحيم.

سَوٿ ۾ ماسات مِڙئي، ’مَا اُهِلَ‘ جي ماس تي،
ڪُل بَکهاڙن مِٿل بِکڙيا، پَٽ پُڳي جِي باس تي،
’مَا ذُبح‘ مِڙندا اَچي، هِيءُ خَير خالِق واسطي،
ڪُڪ پَري ڪِنهن ٿي ڪُواريو؟ مولوي عَبدالرحيم.

پِير پَڇمائيءَ جِي پُوڄا، هُئي پَڇم ۾ عام جام،
ڪَئِين سَمان ٽِنهن جا سَلامي، پيا ڪَندا هُئا رام رام،
مَچ ڏِسي ڪُنيون ڪِيائون، پوءِ ساميءَ جو سَلام،
ٽِن کي دَر داور ڏيکاريو، مولوي عَبدالرحيم.

اڳ نِمازِيَن جُون نِمازُون، هُئا ٽلها ٽُونگا بہ ٿي،
مَس مَٿو پَٽ تي لڳو، اُٿيا وَري ساجُهر سَٽي،
ڪَر لڳڻ ڳوڙي وِچان، پيو ڪانگ ڪَڻ جَهٽ پَٽ جَهٽي،
ٽِن کي صَحي سَجدو سيکاريو، مولوي عَبدالرحيم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪِيئن خُدا ڪارڻ ڻئي، خَيرات قَبرن وِچ ڪُٺل؟
جاءِ عِبرت جِي جِتي، مَنجهه مَوج مائِنَ جا مُٺل،
هَٿ هَزارن وَٿ ٻَڌن، پَر هيڪڙي رَب ڪان رُٺل،
تِن کي پَروَر ڏي پُڪاريو، مولوي عَبدالرحيم.

حاضِرن تي هو حُضُورِ قَلب هَرگز حاصلات،
جِنهن گهڙي اَللهُ اَڪبر جِي لڳايئون لات لات،
لوڪ ۾ لالڻ ڪَٿيو، لائق لَقب حَيَي الصَلوات،
مُئي جَماعت کي جِياريو، مولوي عَبدالرحيم.

’مَا اُهلَ‘ ۽ ’مَا ذُبحَ‘ ٻَئي آيتون آگي عَلام،
سَمجهه کِهڙو صاف آهي، پاڪ قادِر جو ڪَلام،
ڪَن پيا تاوِيل تِنهن ۾، غَرق غَرضن ۾ غُلام،
تِن کي اُونهي مان اُڪاريو، مولوي عَبدالرحيم.

زال، پُٽ ۽ مال ۾، پِڙ پوک ۾ پَتيار پِير،
مال، ماڻهن ۾ مَرض ويلي هُئا ڦِرندا فَقِير،
ڪِنهن بہ شَيءِ ۾ حَق نہ سَمجهن، حَق تعاليٰ جو حَقِير،
ڏُر ڏَٽيءَ کان تِن ڊيڄاريو، مولوي عَبدالرحيم.

واٺ وَحدت جِي وَٺائي، نام رَب جي ساڻ نِينهن،
رَحمة الله عَلَيہ، نِت مَٺ مِهرن جو مِينهن،
سَن تيرهن سَئو سَتهتر ۾، ڏَهہ ٻَجي آچار ڏِينهن،
پَنهنجي سائِنءَ ڏي سِڌاريو، مولوي عَبدالرحيم.

اَگ نہ سَگهندو هو ڪُڇي ڪو، هيڪڙائيءَ تي حَرف،
پوءِ رَکي قادِر تي ڪَم، تَوحيد ڦيرِي هَر طَرف،
عُمر عالِمِ دِين جي جِي، هُئي سَتر سالُون صِرف،
تِنهن ۾ پُورو فَرض پاريو، مولوي عَبدالرحيم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪَر اَدب خاتون ڪَريمان تي ڪَرم قادِر ڪَريمِ!
جا سَمي صاحِب سَندي ڏِيءَ، ڪَچ ڏِنارا ۾ مُقيمِ،
عَرض ’احمد‘ جو تہ اِهدِنا الصِراطَ المُستقيمِ،
قَلب ڪَلمي سان اُجاريوِ مولوي عَبدالرحيمِ.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ملڪ واليءَ ڏي ورو

وَس وَليءَ جي ڪُجھه نه يارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو،
چو ڪَريو ميڙن تي مارا؟ مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

سائي سُومر جا سَلامي! جي سَلامت ٿا گھرو،
اَي سَوالي! تان سَوارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

هِي گڏهه، گھوڙا پَلاٽيو، گھوٽ! گھوڙا! ڪِٿ وَڃو؟
اَي غَريبو غَرض وارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

يا قَوي قَيوم ويجھو، يا قُبو پانيو قَريب،
نَحنُ اَقرب ٿيا اِشارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

يا ڏٽي ڏيان ويجھو، يا اِها دَرگاهه دوست!
ڳالهه سَمجھو اَي سُونهارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

چو چَوين مُرشد! مُڪمل، ڪَر مُريدن سان مَدد؟
ٻَن ٻِيَن ڏيئي ٻِپارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

فَهم ۾ فَرمان فَفِرُوا اِلَي الله جو رَکو،
چو ڪَريو غافِل گُذارا؟ مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

هِيءُ نه تُنهنجو هَنڌ هَميشه، هِيءَ حَياتي ڏِينهن هيڪ،
ڇا اَٿان آرس اَسارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

ڏي مَدد مَولا! مُدامي، ميٺ مَديون ڪَر مَعاف،
روز پُوڪاريو پِيارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سَڌ صُبح سانجهي ڪَريو، صاحِب! اَسان جِي لھ سَنڀال،
تان ڇُٽو مُشڪل مَنجهارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

سَڌ صُبح سانجهي ڪَريو، صاحِب سَچي سُبحان کي،
تان ٿِيَن سَيئي سُڌارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

سَڌ ڪَريو دانا ڌَڻيءَ کي، ڏي اَسان کي دان دِين،
تان تَرن تُرها تَهارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

سَڌ ڪَريو، صاحِب! اَسان کي، ڪَر سُيا سُهڪو سَفر،
هَٿ ڇڏيو هِن هَند هَچارا! مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

آهِہ 'احمد' جِي اِهائي، دانهن آخر سين اَدا!
ڪِينَ وِهجا ٿِي وِسارا، مُلڪ واليءَ ڏي وَرو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

خلافت مِلي خاص انسان کي

خِلافت مِلي خاص اِنسان کي،
نہ پُهتا مَلائڪ اِنهيءَ مان کي.

مَلڪ نُور مان ۽ بَشر خاڪ مان،
بِنهيءَ جي ڏِسو عِلم عِرفان کي.

جُڙيا جِن، مَلڪ نار ۽ نُور مان،
بَنايئين مَنجهان خاڪ خاقان کي.

ڪِيو اَمر مَلڪن کي مالِڪ جَهان،
نمو مُنهنجي خاڪي بَشر خان کي.

نميا نيڪ نُوري، نہ نارِي نميو،
تَڏهن ويو تَڙيو توڙ تابان کي.

چَيائين نہ آئون بَشر کان پَلو،
نِهوڙي نِيو نَفس نادان کي.

خُدا بَعد بيشڪ بَشر بادشاهہ،
بَنائي ٿو بَستيون ۽ بُستان کي.

پَلين جِن، مَلائڪ بَشر ساڻ پيٽ،
ڪَٽيون، قُطب، موتي، ڪِ مَرجان کي.

خُدا خَلق ۾ خُوبتر خَلقيوس،
اُتو اَڪرمُ الخُلق اِنسان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پيو کو بَرابر بيهڪ ۾ بيهي،
اکيون جانچ، عُضواءِ بہ اَرڪان کي.

بَشر سان ٿو مَلڪن تي مَرڪي خُداءِ
نہ مِهڻو نہ تِنهن کان مُسلمان کي.

مَجيندا مُسلمان، مَلڪن مِثال،
وَڻي حَيف سان ڪِنهن بہ حَيران کي.

وَڻي مَج حَقان حَق حُڪم حَق سَندو،
وَڻي پِير پينون پَريشان کي.

وَڏو وات ڦاڙي، ڪَري گار گَند،
پَڙهي گڏ پيو پاڪ قُرآن کي.

ڪَهي مَنجهہ ڪَچهري ڪُلهي تي ٽنگاءِ
مَچائن گهَٽي گوڙ گهمسان کي.

ٻُڌي گهر ۾ گاريون اُتو عَورتن،
نہ موئي چَڏيو شَرم ۽ شان کي.

بَشر جي چوڻ ۾ ٿو پيڙا ڪَري،
خُدا ۽ نَبيءَ ساڻ شَيطان کي.

سُڻي سو سُخن جي بہ سَرها ٿيا،
وِڃايو اُنهن دِين اِيمان کي.

نَبي نُور آهي، بَشر پڻ بَشير،
عَطا بيا بہ اَلقاب اَڳوان کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قُريشي قَبيلو، مَڪي، هاشمي،
نَبيءَ جو نَسب پُڄ نَسبدان کي.

بَشر ري نَبي چا مان سادات ذات؟
پَريو جِن عَجم، عَرب، اِيران کي.

مَتان ذات سادات سان ضِد اَٿس،
ڪَدي ٿو سَندن بيخ بُنيان کي.

نہ ’احمد!‘ اِنهن ساڻ تُون ڏَند ڏي،
مَڃي جو نہ فائق جي فَرمان کي.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڇا تو نه سُئو

اَصل ۾ اَلله هِڪ اِسرار هو، ڇا تو نه سُئو؟
اُپ نه پُون، سِج، چَنڊ، نه ٻيو جِنسار هو، ڇا تو نه سُئو؟
جِن نه ماڻهو، يا مَلڪ موچار هو، ڇا تو نه سُئو؟
خال هو، جِنهن جو نه هِيءُ، هُو پار هو، ڇا ٿو نه سُئو؟
خال خالي واءُ سين پُرڪار هو، ڇا تو نه سُئو؟

ٻَند خالي خال ۾ واءُ، جِيئَن بَدن ۾ ٻَند ساهه،
واءُ پَگهري پوءِ ٿيو، پاڻي اِرادي سان اَلله،
اَڄ جِتي اُپ، پُون، اَسين، جِن، يا مَلائڪ، مِهر، ماهه،
تِنهن سَمُوري ۾ سَراسر، دَور ڪِيا دَرياهه شاهه،
عَرش تائِين آب آرو پار هو، ڇا تو نه سُئو؟

رَب بَنايا رُوح پَهرين، پوءِ موچارا مَلڪ،
پوءِ جِن جوڙيَئِين وَري، پُون، تِنهن مَٿان فائق فَلڪ،
پوءِ آدم کي اُپايئِين، نُور جي جِنهن ۾ جَهلڪ،
پوءِ فَرمايئِين فَرشتن، پيش تِنهن پَئو مَنجهه پَلڪ،
اُت مَگر اِبليس جو اِنڪار هو، ڇا تو نه سُئو؟

باغ ۾ اِبليس آدم لئي، گِهڙيو ناهي نَڱي،
وَئي نَڱي تِنهن جي لَڱي، پُلجي پَلي ٻَندش پَڳي،
مُدتن کان بَعد ٿيو، مَنظُور تَوبهه سان تَڳي،
آئون پَلو، اِبليس چِيو، تِنهن تان مَٿس لَعنت لَڳي،
خود خُدا بَدڪار کان بيزار هو، ڇا تو نه سُئو؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اُپ مَٿان آدم لٿو، اِبليس پڻ اُپ تان لٿو،
وير وارڻ لاءِ ويري، مُدتون ماريو مَٿو،
پَر پُرِيَن تائِين نہ پُهتو، سِر ڪُلهن خالي ڪٿو،
نُوح وارِي نات ۾، ڪو هَٿ پيَس پڙهيَن جَٿو،
تِن تي هِڪ حِيلو هَليو هيڪار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

اُن وَري اُن عالِمن جي، هِن طرح رولي رَلي،
ووءِ! ويا وارو وَڃائي، وَد، نَسر وارا وَلي،
صُورتون جوڙي سَندن، ڪَريو مَٿن مجلس پَلي،
خُوب ڪَريو وَعظ تِن کي، جي ٿيَن حاضِر هَلي،
چار ڏِينهن اِيءُ ڇهڇٽو ڇوڏار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

ويا جَڏهن عالِم اُنهن مان، پوءِ ٿيئي پُوڄا سَندن،
دَر ڏَٺيءَ جي ڪان ڦِري، پيش لڳا بيديون بَندن،
پوءِ وَري پڙهيا پَنجُو، چِنتا جِنين چاليهہ چَندن،
تِن کي فَتوا ساڻ ڦاسائِون، بہ ڦيري سين ڦَندن،
مَنجهہ بُخاري اِيءُ عَيان اَذڪار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

موڪليو مالِڪ مَنجهن، پهرين نَبِي پَرهيزگار،
پِئي پُڪاريئين ڪِنِ پُورا، سال پَنجاهہ گهٽ، هَزار،
وَد، نَسر وَدَ نہ بہ وَلِي، اُن کي بہ جِيئري اِختيار،
ڇا مَدد ڪَن موءِ؟ موٽو پاڪ پالڻهار پار،
نُوح جو نَعرو اِهو نِروار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

لاڳ تي ڇا ياڳ ڏِئي؟ جِنهن ماڳ تُربت جو تَرو،
وَد، نَسر وَدَ نہ بہ وَلِي، وَدَ لاءِ واليءَ ڏي وَرو،
مِهر سان مَرهي، اَوهان تان لاهي بَديَن جو پَرو،
وَڏ ڦُڙو آن تي وَسائي، ڪِير پُٽ ڏِينان ڪَرو،
وَحدهٗ جو وِرد ويروتار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نُوح پَنهنجي نات کي، آهُون ڪَيون آزيون اَپر،
پَر نہ پَروَر پاڪ پاسي، پير پاتئون ڪِنهن بہ پَر،
پوءِ اُٿل آئي اُنهن تي، ڇَر ڇَڏيا ڇانئي ڇَپر،
قَهر ڪِريو قَوم تي، ڪوهن مَٿي ڪَڙڪا ڪَپر،
هَر طَرف طُوفان تارو تار هو، ڇا تو نہ سُڻُو؟

نُوح جي پوٽن، پُٽن ۾، هيڪ پَروَر جِي پَچار،
جيترا عالِم اُنهن ۾، ڪي هُئا سالِم سَچار،
سَبق ’سائِين هيڪ سِوا نيڪ‘ صَديون پَنج، چار،
پيٽ پارڻ لاءِ پوءِ، ڳوليڻ لڳا حِيلا هَزار،
ياد تِن طُوفان سو تَڪرار هو، ڇا تو نہ سُڻُو؟

ياد هو طُوفان، تِنهن هُوندي، ڇَڏي تَوحيد تِن،
بَعل نالي ڪِنهن بَندي جو، آستانو عِيد تِن،
پوءِ نَبي اِلياس آيو، تِنهن ڪَيو تاڪيد تِن،
دَعوتون ڏِيندي نہ پيو ڪو، دَر ڏَٽيءَ جو دِيد تِن،
ڇا اُنهن جو حال آخرڪار هو، ڇا تو نہ سُڻُو؟

آهِہ اِبراهيم جو اَحوال، اُمت وَٽ اَڳي،
ڪِيئَن قاتِل، ڪافرن تي، ٿيو سَندن بُتڙا ڀَڳي،
بادشاهہ ٻِگڙي پيو، ڇي هِيءُ نہ هِت تارِي تَڳي،
باهِہ تِنهن تي باغ ٿِيُئي، هِير هِينئڙي کي لَڳي،
ٻَهر ٻارڻ، گهر اَندر گُلزار هو، ڇا تو نہ سُڻُو؟

ڦُونديو فِرعَون فاسِق، جِنهن سَڏايو خود خُدا،
خان، خادِم قَوم جا، جِنهن مَرتبا جوڙيا جُدا،
موڪليو مُوسيٰ کي، پڻ هارُون کي هادي هُدا،
هِڪ جِها ماڻهون مِڙئي، اِيءَ آهِہ مالِڪ جِي مُدعا،
ڪِنهن بہ ڏُر جو ڪِينَ دَرجو ڏار هو، ڇا تو نہ سُڻُو؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فَخر ۾ فِرعَون فاسِق، ڪاهي پيو ڪافر ڪُڏي،
ٻيا مِڙوئي نِيچ نَوڪر، پاڻ گاديءَ تي گُڏي،
وِير ويرِيَن تان وَري وَئي، ٻار ۾ ٻارِي ٻُڏي،
پيو چَوي آمنتُ آخر، ويو چَڏي هِڪدم هُڏي،
لَهرِيَن ۾ لاش تِنهن لَهوار هو، چا تو نہ سُئو؟

لاپ وَٽيو لاب خورن، لوڪ ڦُريا سين فَريب،
عام ٻُڪيا ۽ اَگهاڙا، هُن مَٿي زَربفت زيب،
ٻاجهہ ٻَدران ٻيڻ وَنٽو، راج ڦُرٽان ساڻ ريب،
موڪليو مالِڪ مَنع لئي، تِنهن شَهر ۾ پوءِ شُعيب،
هُن کي ساڳي لاپ جو لاچار هو، چا تو نہ سُئو؟

لُوط لَوندي بازِيَن کان، رَهزنن روڪيو گهَٽون،
تہ ٻہ نہ روڪي روڪِيا، هِرڪي پيو هَر هِڪ چَٽون،
پوءِ اَسُر سان شَهر اُوندو، ٿِي ويا ڪَڻ ڪَڻ ڪَٽون،
پيو هَلي هِن حال هُوندي، لوڪ ۾ لَونڊڪ پَٽون،
پُڇ گَندن کي گام چا تان گار هو، چاتو نہ سُئو؟

عاد ناهي ڪو اَڳاهُون، پڻ نڪِي صَديون ثَمود،
هِن طرف صالِح سُونهون، هُن جِي هِدايت لاءِ هُود،
حِجر ۾ حُجرا سَندن، ماڙيون مُنارا تُود تُود،
ٿُڙ کُٽل پاڙان کَڃيَن جِيئن، ويو سَندن نِڪري نُخُود،
پير، هَٿ، هَڏ، ماهہ، سِر، ڏَڙ ڏار هو، چا تو نہ سُئو؟

پوءِ نَبي آخر زَمان، لائي ڏِني لِلّٰه لات،
سَڀ اَچو اَللّٰه ڏي، عِزت نہ هَٿ عُزا، نہ لات،
ڪِيرتون تِن کي ڪَرڻ مان، هَڙ نہ ٿيندِي حاصلات،
ڍير ڍاهي، پوءِ ڪَرائين، لي مِٿي مَندر مَنات،
هِيءُ سَندن پَيغام هَر ڪِنهن پار هو، چا تو نہ سُئو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُون سَڏائين ٿو، نَبي آخر زَمان جو اُمتي،
ڪِيئن قُبو ٺاهي قَبر تي، پاڻ کي گهاٽي گهَتي؟
ڏي سَچي سَردار کان، اِن جي صَحي ڪا ثابتي،
لَت هَنئي جِنهن لات کي، عُزا جي ڪَئي بي عِزتي،
مُلڪ مان هَر مُقبرو مِسمار هو، ڇا تو نه سُئو؟

هَل نَبي آدم وَٺان، تائين نَبي آخر زَمان،
وَقت ڪِنهن جي ۾، قَبر تي ڪو قُبو يا آستان؟
جِنهن مَٿي ميلو ڏِنو ڪو، سو اکيَن سان آسمان،
هِڪ ڏَٺيءَ ڏاران نه هُئي، ٻِئي ڪِنهن جي پِيٽا بي گُمان،
هيڪ بارِي بادشاه تي بار هو، ڇا تو نه سُئو؟

نُوح وارِي نات ڏاڍو، وَد، نَسر کي سارِيو،
عاد وارن تان اُونداهيءَ کي، وَلي ڪِنهن وارِيو؟
فَوج سان فِرعَون لُڙهيو، تار مان ڪِنهن تارِيو؟
نامَور نَمرُود کي ڏِس، ڪِيئن مَڇر هِڪ مارِيو،
خود خُدا سان جِنهن خودي، خُومار هو، ڇا تو نه سُئو؟

آهِه صَد اَفسوس! ڪِنهن پَر مَت موئي ماڻهن جِي مُور،
ڪيترين قَومن اڳي، جاٿون هَٿين جوڙيون ضُرُور،
نُوح تائين ناس ٿينديون، ٿي ويون ظاهِر ظُهُور،
ڪو وَريو واهر نه اُن جو، اَولياءُ اوڏو ڪِ ڏُور،
جِيئن به ڪِيو ڪَلتار تِيئن ڪَم ڪار هو، ڇا تو نه سُئو؟

واءُ جَڏهن والي بَنايو، هو نه ڪو ماڻهو، مَلڪ،
جِن، مَلڪ جوڙيئِين جَڏهن، هو پِير ڪِهڙو تِنهن پَلڪ؟
آدميَن ڪِنهن ڪو اُپايو، آدمي آدم تَلڪ؟
پِير کان پُٽ ڪِير پانڻ ۾، پُليا آهِن بَلڪ،
هيڪڙو هُو هَر طرح هوشيار هو، ڇا تو نه سُئو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نُوحؑ اِبراهيمؑ اَحمد مُجتبيٰ اَڄ جي اَچن،
آهِہ لا اِلہ اِلا الله، سَنيهو جِن سَچن،
هِي قُبا قَبرن مَٿي، پاڻيو نہ ڪَر باقي بَچن؟
ناس سَڀ نِيلُون نِظارا، نور ڪَر اُت پيا نَچن،
حال حاجي لات وانگر زار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

نُوحؑ اِبراهيمؑ آدمؑ وَڏ، ڪِ وَڏ تُنهنجا وَلي؟
ڪَئين صَديون ۽ سال جِن جِي، پُٽ پَلي حَق تي هَلي،
ڇو نہ لالن جِي لَپي اَڄ، ڪِنهن طَرف تُربت ٿَلي؟
مُفت هِن مُفتِيَن اَوهان جِي، پِن سَنديَن رولي رَلي،
خود خُدا سان خارجِيَن کي خار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

عِلم اُن جِي آخرت کي، سَچ ڪِ پُهتو آهِہ پَڪ،
ڏِينِ تِن ڏَن چاليها، جِن کي ڏِنائون پاڻ ڏَڪ،
بَلڪہ اِنهيءَ آخرت ۾، شامتِيَن کي آهِہ شَڪ،
بَلڪہ اِي اُن ڪان اَنڌا، ڪَن پيا ٿلهي بيڪار بَڪ،
قَول اِيءُ قُرآن ۾ ڪَلتار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

هَل هَلُون تُنهنجي وَليءَ تي، ڇَئُو نہ پَٽ مان پُٽ ڏِيار،
جوءِ ڏي، ڪا جوڙ نئين، اُپ مان پَلر پاڻي پِيار،
يا سَندئي مائٽ مُئَل کي، ڇَئُو نہ جَلدي تُون جِيار،
جي ڪَيائين تُنهنجو ڪَم ڪو، پوءِ مِڙئي مُون تي مَيار،
شَرط مُنهنجو واجبي وَهنوار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

آءُ سَندم اَلله ڏي، اُن جا عَجب اِسرار ڏِس،
رات، ڏِينهن، سِج، چَنڊ، اُپ، پُون، گُل، گوهر، گُلزار ڏِس،
تُنهنجي صُورت، مُنهنجي مُورت، بيا سَوين سِينگار ڏِس،
مُنهنجو مالِڪ هيڪڙو، ڪُل مُلڪ جو مُختار ڏِس،
پِير تُنهنجو پاڻ هِڪ پينار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَب ٻِگر، ٻِگڙن ٻيا، ٻِگڙن پَلين پيا بار بار،
موئي جي مُحتاج ڪان، مُون لاءِ بَس جِيئرو جَبار،
پاڪ ڪَلمي ساڻ مُنهنجي، قُوت، قُوَت ڪاربار،
آهِہ 'احمد' جو اَحد، اَللہ هِڪ ۾ اِعتبار،
توڙ تائين تِنهن نہ وِنگو وار هو، ڇا تو نہ سُئو؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ايءَ ڪرٽي خدا جي اي ادا

باغ ٻَنجي ٻَر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!
شاهه ٿِئي چاڪر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

سُست ٿيا الله ڏي، اَڪثر عَقيدا عام جا،
ڏِس گُهمي ٿَر ٻَر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

مَن مُرادُون غير ڪان پائِنِ، باقي ڏُک مَهل،
ٿا چوَن هِن پَر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

پُٽ ٿيو پَيدا، ته ايندو پِير پُورئِل پاس پَڙ،
جي جَمي نينگر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

مِهر ڪَئي مُرشد، مِليو جي مال ڪِنهن مَجهُول کي،
جي کُٽي پيو خَر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

مِهر ڪَئي مُرشد سَچي، ماڻي شَفا جي ڪو مَريض،
ويو مَري آخر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

وَر وَني پَرڻيا، ته پيو وَڃڻو وَليءَ تي ٻي حِجاب،
جي پُڳو ڪِنهن گهر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

پوک پُوريءَ طرح جي ٿيئي، ته پُوري پِير پاس،
ناس ٿيو نَمبر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

چَڏ ڪٿي عامِيَن کي 'احمد!' آءُ اَحد الله پاس،
جاڻ سَيڪنهن ڪَر، ته اِيءَ ڪَرٽي خُدا جِي اَي اَدا!

*

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

تو ڏنو يا ڪنهن ڏنو

پِير توکي پُٽ ڏِياريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟
مَرد مَيت موت ٽاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

مَرض ماري مان مَدد سان، جِند ڇَڏائي جِبرئيل،
يا اَچي عِيسيٰ اُٿاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

تُنهنجي حَق ۾ هَٿ کڻي، هَرگز هُتي حَضرت عُزير،
پاڪ پَروَر کي پُڪاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

ڪِنهن نَبي نُوري حُضُوري، ڪِنهن مَلڪ مالِڪ سَوا،
باغ بَرسائي بيهاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

ڇَٺُو سَوا سائِن، سُڪل داڻي مَنجهان سائو سَلو،
ڪِنهن جِي قُدرت سان ڪُنداريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

پاڻ حَق جِيئَرن تي، جِن لئي خَير، خَتمان ۽ دُرُود،
سَچ ڪِ اُهکيان اُن اُڪاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

اَڄ نہ پَنهنجي پُٽ جَڻڻ جِي، مُور طاقت ميَن،
پُٽ ڏِنل جِن جو پَچاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

پُٽ نہ ڏِئي پاڻان مُئَل کي، پَر بِنان پَروَر ڏيکار،
ڪِنهن بہ جِيئَري مُئَو جِياريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

ويو گَهٽان ئي ڏِينهن گهوڙا! گهوٽ گهَر خالي ڪَري،
سو لهي سارُون تو ساريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير پَرٽائي ڪِ توکي، پاڻ جوڙي هِيءَ پَري،
اُن اگڻ تُنهنجو اُجاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

ويا ڪٽي وارِث وِراهي، جاڳهون جاگير جِن،
تِن سَمر تُنهنجو سُڌاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

سَچ ڪِ پَروَر پاڪ ري، پاڻان پَچائي پوک تِن،
جن جي سيڪڙ فَرض ساريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

سال سَئو ٿيندا نہ ٿِي جَڳ ڪان جُدا سُج مِ سُتا،
جِن ڪي سَڌ سان گڏ سَنپاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

رِزق سَڀ رَحمان هَٿ مِ، تو اَچي اُپ ڪان اُلهي،
بِئي بہ ڪِنهن اُن ري اُتاريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

ري وَسيلن واسطن، واحِد ڪَري جيڪا وَٿيس،
تو طُفيلو وِچ تَنواريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

سَڀ مَلڪ، مُرسل، نَبي، موجب حُڪم هَٿ جوڙ ڪَن،
ڪِنهن بہ اُن جو اَمر واريو، تو ڏِنو يا ڪِنهن ڏِنو؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئو ته پوندس ڇهنڊڙي

پِير ڪي چڍُ، پُوڄ پَروَر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي،
اِيءَ سُنت سَردار سَروَر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

ڪُل خَزانا هِڪ خُدا جا، جو گَڏي تِنهن ۾ گهٽان،
اُن جو نَمبر ٻِئي جو نَمبر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

خَلق سَڀ ڪائي خُدا جو، ڳائي جيڪو ڳُڻ ٻِيَن،
اُن جو لَنگر ٻِئي جو لَنگر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

ڏاتِيون ڏاتار جُون هِيِ، سَڀ ڏَسي جو ڏيوَ ڪان،
اُن جو زيوَر ٻِئي جو زيوَر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

وَر وَني والِي مِلايا، پوءِ وَلِيءَ تي ڇو وَجي؟
اُن جِي ناتر ٻِئي جِي ناتر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

پاڪ پَروَر پُٽ ڏِنون، پَر پَڙ وِجهي ٿو پِير تان،
نَقش اُن جو نَقش ٻِئي نَر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

پوڪ پَروَر ٿو پَچائي، پوءِ پَتي ڏِئي پِير جِي،
ديهه اُن جِي ديهه دِيگر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

هيڪ بارِي ٿو بَچائي، پَر بُنيءَ تي بار جِنهن،
اُن جو لَشڪر ٻِئي جو لَشڪر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

خاص سائِنءَ جي سَگهن ۾، جو سَلهاڙي سَئو جٽا،
اُن جو گهَر ٻِئي گهوٽ جو گهَر، چَئو ته پَوندس ڇُهنڊڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص چاڙھ هِڪ خُدا جو، جِنهن ڪَريل ڪي ڪار اِيءُ،
اُن جو چوڪر ٻِئي جو چوڪر، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

جو گَڏي غالِب غَنيءَ سان، غَير جو چائي غُلام،
اُن جو نَوڪر ٻِئي جو نَوڪر، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

هُت نه حَق ڪي حاضري ڏِئي، حَج هَچارو هِت هَٽائي،
پَڄ حُڪم تِنهن ٻِئي ڪي حاضِر، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

داد لئي دانهين ڏِسو، جِت ڪِٿ وَڏيرن وَٿ وَجن،
اُن اڳيان اَللهُ اَڪبر، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

مَنجھه ٻَهاري سَپ پُوڄاري، جي ڳَنڊين پيو پِير پِير،
هِڪ ڏَٽيءَ جي وَصف ويٺ، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

ڪَر اَحد جو حَمد 'احمد!' مَڃ مُحمد مُصطفيٰ،
دوست ٻِئي ڪي دِين تي وَر، ڇَئُو نه پَوندس ڇُھنڊڙي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڇئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن

ناهِ سائينءَ ساڻ ثاني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن،
جوڙ جوڙي هيڪ جاني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

ري وَسيلن ۽ وَڪيلن، وَڙ ڪري واحِد وَهاب،
مُلڪ ڪُل تي مِهرباني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

خاص آهيان هِڪ خُدا جو، خار خَر کي تِنهن مَٿان،
رَب ڏِنون جَلوو جَواني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

مال، ماڻهون، مِلڪ سَڀ کي، مُلڪ جو مالِڪ بَچائي،
پِير تُنهنجو پاڻ فاني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

پوک پَروَر ٿو پَچائي، پُڇ ڪِهڙي پِير کي؟
پاڻ جو مُحتاج ماني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

چا بَني صُورت مَنيءَ مان! اِت نه مُورت جِي مَجال،
اِيءَ ته رَب جِي رَمزداني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

هِيءَ وَني والي ڏِياريَ، پوءِ وَليءَ تي چو وَجان؟
ياد جِنهن بائي نه ٻانهي، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

عَورتون ڳَڌ اَولياءَ تي، اَمر پائنِ، پَر عَجب!
آڻ فاضِل وَٽ فَلاني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

ڏيهه ۾ پِنندا ڏِسُون، تن کي ڏِيِن چاڪاڻ ڏَن؟
ٿِي سَندو ڏاتار ڏاني، ڇَئو ته ڪانيءَ مان ڪڍن.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

پيءُ، پُٽن کي پاڻ پالي، پارتن پَر جي سَوا،
بي سَبب نِعمت نِهاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

گَهر سَنڀالي گهوٽ هِڪڙو، غَير تان غَيرت اَچيس،
هِڪ خُدا هَٿ ڪَم جَهاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

پاڻ پائيءَ ۾ نه پائي، پاءُ کي پائين گڏ،
مُلڪ هاديءَ جو حَقاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

هِڪ جو خادِم ٻِئي جو خادِم، چَئُو ته پَوندس ڇُهنڊڙي،
هِڪ خُدا جِي خاص خاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

گهاٽ هِڪ چَئُو گهاٽ ٻِئي جو، گَرم ٿيندو سو گهٽون،
خَلق خالِق جِي نِشاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

پِير هِڪ جي پوئلڳن ۾، پِير ٻيو پَهري ته رَنج،
هِڪ خُدا جِي حُڪمراني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

قُدرتي قانُون موجب، پُٽ بَني پيءُ، ماءُ مان،
اِيءَ مِڙئي رَحمت رَباني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

نيڪ ۽ نيڪار کي، ٿو نَسل نُطفي مان ٿِئي،
ناهِ تِنهن ۾ ڪشف ڪاني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

مُلڪ سَپ مَستان 'مُرشد هيڪ سيوا نيڪ' تي،
هِڪ خُدا ظاهِر زَباني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

حُب هَزارن سان رَکن هَر هَنڌ، ڪِنهن تي حَرف ناهِ،
هِڪ ڏَٺيءَ لئي دِل دِيواني، چَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چور، پَنگي، بي نمازي، بِدعتي، بَدڪار گڏ،
هيڪ بَخشڻهار باني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

ڪِنهن جي ڏِيءَ، نُنهن ۾ نهارِن، ته به نه نيڪالي نَصيب،
وَحدهٗ جِي وَصف خواني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

پاڪ پالڻهار مُنهنجو، بيو نه ڪِنهن پَر پُوڄيان،
چو ڪٽان ذِلت زَماني؟ ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

جِن، مَلڪ ۽ مُلڪ مِڙئي، مِلڪ مالِڪ هيڪڙي،
ڇَڏ بَندا ڙي! بدگُماني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

آهِ حاڪِم، بَلڪه حاڪِم، حاڪِمن جو هيڪڙو،
خواب ٻِئي جِي خانداني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

ڳوٺ ۾ ڳالهيون وَٺن، پَنهنجي پَڙهين، پيرن سَنديون،
وَصف خالِق خوش زَباني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

قاعِدن قُرآن جي تي، ڪِيَن جِهڙا ڪَن چَندين،
اَمر آيت آسماني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

نُوح، اِبراهيم، آدم، مُصطفيٰ، مُوسيٰ، مَسيح،
اَمر اُن جا مَڃ اَماني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

مَڃ مِنو مالِڪ مِيان! جِنهن پَر مَڃيو ٿي مُصطفيٰ،
بَد ڳِڇي ٻِئي جِي نه ڳاني، ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

اِسم مُون اَلحمدُ لِلّٰه، لَفظ ڀَريون لام ري،
چو پَريان ٻِئي ڪي ڇَھ آني؟ ڇَئُو ته ڪانيءَ مان ڪَڍن.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سدا راضي رهي رحمان

سَدا راضي رَهي رَحمان، رَب رَهبر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

ٻَهاريون ڪَن پَلايون ٻَخششون بَرسر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

مَلڪ مِهرُون گهُرن، رَب پاڪ! رَحمت ڪَر،مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

رَسُولن کي پَوي ٿو رَحم دِل اَندر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

سُڀاڻي سَڏ سُڻي وَرندو سَچو سَروَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

حَبيبن جي هَٿان ٿيندو عَطا ڪَوثر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

ويَل نِنڊڙا به ڪَندا والدن تي وَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

مَدد ٿيندا مُصلا، مَسجدُون، مِنبر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

ٻَڻن ٿا باهه خود مان باغ گُل بِهتر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٺي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، ٻِنهن تي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چَڏي پيريون پَچڻ، بَنجي بَجر مان بَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

طُويٰ ۽ طُور هَرجا نُور جَلوَه گَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

پيو خَناس ماري خار خارج خَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

هَلي جادُو نه جِن، شَيطان سَندو شَر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

ڪَڏهن غالِب نه ٿِي سَگهندو ڪَٿو ڪافر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

پُٽي بي ڏوهه بِگڙيو بِدعتي باندر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

اَحد ٻاران وَسي ’احمد!‘ عَطا اَڪثر، مَگر ڪِنهن تي؟
ڏَٽي هِڪ کي مَجي داتا، نه دانهي دَر دِگر، تِنهن تي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَ ٿي دلگير اي دلڙي

سِڳهو موٽي ايندو ميڙو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!
اَچي پُورل ٿيندو پيڙو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

مَتا ميڙا مُقامن تي، سَڄڻ سَنبريا سَلامن تي،
اِجهي آيا اَنجامن تي، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڳهَڻان ڏِينهن هو ٿي ڳُوندر مُون، ڪَندو اَڄ ڪَرم قادِر مُون،
سَڄڻ ايندو وِجهي سُرمُون، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

مُحب ميڙي مَٿي اِيندا، وَڏا ٿورا وَري ٿِيندا،
مِڙئي مَطلب ڪَرڻ ڏِيندا، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڪُنواريون ڪَئِن ڪَچر ڪوني، ڪَيئُون پَدريون مَٿي پوني،
اُرهہ اُن جا لِڳا اوني، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

وَني ڏِيءَ، جوءِ نِڪتا نُنهن، ڪُتن جو آهِہ ڪارو مُنهن،
سَهنج ٿيندا خُدا جو سُنهن، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

سُپيريان جا سُئاسُون سَڌ، اَڇن لائق ڪٽيو پيا لَڌ،
جَهلي اُن جي اَسان پڻ اَڌ، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ٻَڌا جوبَن مَٿ جهيڙا، هَليا پاڙيا ٻہ ٿِي پيڙا،
اَچي مَردن ڪَيا ميڙا، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

پِيادا ڪي پيا پَهري، ڪي مُرڪن مُحب سِر مَهري،
ڳِچي دِلبر سُونهي ڏُهري، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پِرين پُھتا اِنهن پارن، ڪُلها جهليا قُرب وارن،
ڪَيئُون پَهه ساڻ ڪنگهڪارن، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

سَنهون بُت ۾ صَفا صُورت، مِنو ڳالهائي، مِني مُورت،
ڪيئُون پاسا وَني پُورت، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

جِتي ٻَيران هو بَر ڪو، اُتي ڳُجرين ڪيو گهر ڪو،
لڳو تِڪ ٽونر جو جهرڪو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڪَڳڻ، ڪنمال، ڪَڙيون ڪُل، جُهمڪ جهالر جِي پاٽئون جُهل،
لڳو هَس هار جو هُل هُل، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڏِٺئون آجُون اکيون ڪوڙي، لُنبن پاسا جهليا لوڙهي،
ايندا مَحبُوب ڪر موڙي، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

نِيڻ ميڙي مَٿي ماديون، وَڏيون تَحقيق اِي تعديون،
وَجيو پوءِ اُت وَسن واديون، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڪٿي خاصيون ڳُلون ڳاڙهيون، اَچي وينيون پَري واڙيون،
ٻه آڏيون وَصل کي ٻاڙيون، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

رَنن مُڙسن ۾ پيو ريڙهو، ٽولو ٻاڙين ٿيو پيڙو،
اَچي وينيون پَري ويڙهو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

ڪَڏون، ڪاٽيون، لِيون، لاٽا، مِلڻ جا اِي مِڙئي ٽاٽا،
مُحب مِلندا چَڏي ماٽا، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

هُئي ٻَيران پيٽي پُون، لڳي تِنهن ماڳ تُون هِي تُون،
مَولا مَحبُوب ميڙيا مُون، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

اِنهيءَ هَنڌ اَولياءَ هُئا اڳ، نٿي پاتو تَڏهن ڪِنهن پَڳ،
مِڙئي اَڄ لوڪ لالچ لڳ، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

جِنين جوين ڏِنو ميڙو، شُروع ۾ تن چُٽو چيڙو،
بيا چَرندا سَندن سيڙهو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

وَلِي وَرنهه قُطب ڪامِل، رَنن سان چا رَکن رِلمل؟
بيا شائق ٿيندن شامِل، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

اَجر عَورت نِيئڻ کهڙو؟ سَدا پَرهيز ۾ سهڙو،
مَتان بيا ڪي ٿِيَن بهڙو، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

حَيا وارا سُٽي هِيءَ جُٺ، اڳين، پوين کي ڏِيندا پُٺ،
پَڪا پاڙيا پَلاڻِن اُٺ، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

نہ ڪِنهن اَشراف جِي 'احمد!' ڪَجي هَلڪائي هِهڙي حَد،
سَندن ميڙا، سَندن مَقصد، مَ ٿِي دِلگير اَي دِلڙي!

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير، ڪنهن ملهه مٿي

ڪير، ڪِنهن مُلهه مَٿي تَيار مِلي؟
دَر وَلِي وار ڏي ته ٻار مِلي.

پُٽ نه پَيدا ٿِئي ته پِير مَٿي،
نار سان وَج ته نَر نِبار مِلي.

ڀانڊيَن کي پَساءِ نيئي پڙ ۾،
ته قَبر تان ڪوئِل ڪُنوار مِلي.

خانگاهه تي خَرار مان ڪارِي،
ڏي، ته ڪاريءَ مَٿي خَرار مِلي.

وارثي وار، وير ڏِيندو رَهه،
ته توکي ڏَڻ مِلي، ڏَنار مِلي.

هيڪ مَهريءَ تي چاڙهه مُرشد کي،
ته ڪَنواٽن سَندي قَطار مِلي.

ٻه ڪُتا ڏي قُريشيءَ کي،
جِت پُٽن جوڙ جِيءَ جِيار مِلي.

ڪَر مُقرر مُقام تي ميلو،
ته شَڪر ماڻهن، شِڪار مِلي.

پِير ٻَنجين ته پوءِ ٻِهشت هِتي،
نِت نئين حُور دَرڪِنار مِلي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڏيهه ساري کي ڏِئي ٿو هِڪ ڏاتار،
ناهِ گڏ غَير، جَئُو ته گار مِلي.

واهه 'احمد!' عَجيب ڳالهه ڪيئي،
جِنهن مَنجهان قَلب کي قَرار مِلي.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سڳورو صفا ڏينهن سومار جو

لَنگهيو لوڪ لِيهو، لَپي ڪانہ لَڄ،
وَٺيو غَير جي غَور، گَس غار جو.

تہ وَڃ واليائي! وَٺي آءُ ڇَهہ وال،
هُجي جِنهن هَنيَل رَنگ هالار جو.

ڇَئَج مُون ڪي مُڙسم مُڪو مانَ سان،
تہ خانو ڏِسان خان ڪينپار جو.

هِمت ساڻ آيَس هَلي هِت هَٿار!
ڪَپي خُوب پَٽڪو پُٽم ٽار جو.

ڇَڪي ڇَهر ٿياسُون ڇَندو چار ماهہ،
اَٽي ڏيڊ ٽويو ڪو ڏي ڏار جو.

وَني لاهي واپار وَر ڏانهن وَري،
تہ وِهسي ڏِسيو ويس هَر وار جو.

مَري ڪِينَ ٿو مَرڪ وَنندي مِرُون،
ڇَڏيو زال ڪي ڇيڪ ڇُلنگار جو.

ڇِڇي چانگ مان جي ڪو ڇيلو رَهي،
تہ هُوندو ٻيو حال ٻَڪرار جو.

ڇَڏي اُن نہ سَگهندا ڪا ساعت سُجان،
ڦِڪن ڪي ٿِئي فِڪر ڦُرمار جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَگر جي مَهينو لڳي زال کي،
نہ اُلڪو نہ اِن ڪم اُڦٽ مار جو.

ٿِيَن ڪم نہ قادِر جو ڪَن شُڪر ڪِين،
ڪَڍن پيا گهَٽو پِير گهيٽار جو.

پَٽي هِيءَ پَڇم جي سَندي پِير پاڪ،
حِصو هِيءُ پَلي پِير پاڳار جو.

مَجيَم بَٽ بُنيءَ جِي، تَڏهن پُٽ مِليوم،
ٿيو نظر مُرشد مَددگار جو.

مَدد ساڻ مَخدُوم مَرڪڻ مَلُوڪ،
ٿيو آهِہ اَولاد اَوِيار جو.

اِنهيءَ طرح اِيمان مان هَٿ ڪَڍن،
وَٺن تُرت تَڙيَل تَرو تار جو.

هَٽن سي هِنيين ۾ نہ هادي حُڪم،
ڦُٻن پاس ڪَن ڪار ڪُفار جو.

رَنون مُڙس مُشتاق ميڙي مَٽي،
سَنو پيا ڪَندا اَڱ اَٽي چار جو.

ڪِٿي ڏِينهن چَنچر جي چَڻ چَڻ لڳي،
اَچي ٿِي ڪِٿي عام آچار جو.

اَچن ڪِٿ اَڱارو، ڪِٿي اَربعا،
سَڳورو صَفا ڏِينهن سُومار جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڏئون پاڻ وَٽ، تان لُطف لک هَزار،
اُتي ڪَن اِنو نا تہ اوڏار جو.

ڪٽي ٻانڌڻا ٻَڪ، چُنيون ساڻ چِٽ،
لَنگهائِنِ لُنب وَقت لاچار جو.

سَٽر تي سُٿڻ، ٻيا جَڄها سَر سَنڌياس،
پَسو دوست! دَستُور دَستار جو.

ٻَڌل نَر ڪي نورو تہ نوري سين نار،
جُدا ڊول جهالر جِي جَهلڪار جو.

سُونهَن ڪُونج ڪِڇيَن جي ڪَنمال ڪَنڌ،
ڪَڍي هوش ڪان حُسن هَس هار جو.

ڇَلا ڇَل وِجهي، هيٺ ڇوڙيُون ڇَٽيون،
ٿيو جوڙجڪ جوت جِنسار جو.

لَڳي جال جهانجهر جِي جهان جهان ۽ جُهون،
سَبب سِينڌ ٿِي سُونهن سِينگار جو.

هَليو هاڻ سَنبري ٿَوابن سَبب،
ڪَٽڪ قافلو قَوم فُجار جو.

گِيهر ڪِن گَڏهہ سان، ڪي گهوڙي سَوار،
مَٿي ڪِنهن مَيي اَهل مَننار جو.

ڪِٿان ڪان پيادا پُريا لک پَدم،
لَڳو وَجهہ ڪَري ڪيتي ڪَنگهڪار جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وئي ڳالهہ ڳُڙ ٿي، لڳي ڳاڙهہ اَچ،
چڙهيو ڪُند وَٽي ڪو ڪَڪر ڪار جو.

مُهاڙيون جهلي مَرد ميڙي ڏِينهان،
ڏِسج ڇهڇتو چَرخ چوڌار جو.

نہ عَورت سين اَرباب ايندي نظر،
نہ رَهندو اُتي ڪار اِنڪار جو.

گهٽان خان پڻ هُونِ خانيءَ ۾ بيلهہ،
اَچي وَڳ پيو وَهٽ وِينجهار جو.

ڪِٿان ڪَنڌ اَچيو قَنبراڻي ڪَڏين،
ڪِٿان ڪان لَڏو لَونگ لاڪيار جو.

ڪِٿان پيرڙيو پاڻ هُوندو پِٽيَل،
جُهڳو جهڻ سَجو جُنگ جُونجهار جو.

ڪِٿان واٽ ڏِيو واهہ واهِي اَچن،
قَبيلو ڪِٿان ڪُڙم ڪمدار جو.

هَليا هِڪ هَنڌان پاڻ هارِي اَچن،
ڏِمون بيءَ پَران لَڏ زَميندار جو.

پَلي ۽ دِلي جو نہ رَهندو فَرق،
نہ تِنهن هَنڌ سَنڌو هُوندو هِندڪار جو.

سَلامي سَلامت سين سَهڙيا اَچي،
ڏِنئون ماڳ مُرشد مَٽيادار جو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِٺي لائي مُنهن کي مَکيئُون نَڪ نِراڙ،
پَلو فَيض فاتِح کان ڦُلهيار جو.

جَهندڙن لاءِ جويون مِڙن جابجا،
لڳي شُغل پوءِ چَنڊ چَنڊڪار جو.

اِنهيءَ جاءِ جويون، اِنهيءَ جاءِ جُوان،
اُرهه پيا، لڙو اَهنج آزار جو.

مَحبت مِڙئي مُلڪ مَحرم ڪَيا،
سَندو ڪونه پائنِيِن پاءُ پار جو.

شِينهَن جي نه صَدقي ڏِيا پئي سِيار،
پَلو ڏِينهن ڏاتار نَنگ پار جو.

پَڪي پوک هِڪڙي جِي، پئي ريج راڄ،
پَڳو ڪَنڌ اِنهيءَ قول ڪوتار جو.

رَهن بَعضي راضي، رَهن بَعضي رَنج،
سُٺي هِيءُ سُخن سَخت سُڌ سار جو.

سَڏايان سَدا تِن سَڳورن جو سَڳ،
جِنِين عِشق آڳي جي اَذڪار جو.

ڪُوا ءِ ڪَوا جي، ڪَيان تِن ڪُوار،
نِيان ڪِينَ نالو نِڪُوڪار جو.

اِها جُٺ جُڙِي لاءِ تِن مَنجهه جَهان،
هُجي جِن نه حَق ياد هِڪوار جو.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٽپائي چڙيائون مٺن جا مقام

خَرابي پَئي خَلق ۾ خاص عام،
ٽپائي چڙيائون مُٺن جا مُقام.

اَدب ناهه اَڄ اَوليائن سَندو،
نه پيشو مَنجهن پيشوائن سَندو.

مُٺن ڪان مَرڻ جِي نه مَعنيٰ وَٺن،
مَنائي لڳي اُت مِنائي مَٺن.

مُٺن حال ڏِسندي نه هوشيار ٿِين،
ڪريو يارڙيون ياد، گڏ يار ٿِين.

وَٺن مَرڪ ميڙي ۾ موڙي مُڇن،
ڪَنڌيءَ پاس قَبرن ڪُڇو ٽا ڪُڇن.

ڪو گهوڙو، ڪو گاڏِي پَلاڻيو اَچي،
پَرائي، ڪو پَنهنجي ڪي ٽاٽيو اَچي.

نه خَيرات، خَتمون، دُعا ۽ دُرُود،
سُٽن تي سَڄي رات سُرندا سُرُود.

ڪِٿان بَيت بازيءَ جِي بَڙ بَڙ لڳي،
ڪِٿان نَڙ، نَغارو، ڪِٿان نَڙ لڳي.

ڪو ناريل آڻي ٿو، ڪو نارنگي،
ڪو سُرندو وَڄائي ٿو، ڪو سارنگي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

زِيارت تي ايندي زِنا جو خِيال،
نہ ڪو نازنين ڪي ’نا‘ جو خِيال.

زِيارت ٻهانو زِنا ڪاڻ ٿي،
حَيا ۽ حَقيقت هَلي هاڻ ٿي.

مَچن ميڙ ڪَئين ٿا مُقامن مَٿي،
سَلامي اَچن ٿا سَلامن مَٿي.

ٻَهانو ٻِلَن جي سَلامن سَندو،
اَندر اُن ڪي اونو اَنجامن سَندو.

رَسيا خاص خادِم اَڱيان خانگاهہ،
ڪُنو نازنين مَنجهہ نظر ۽ نِگاهہ.

سَندو شاهہ سُومار ڦِرو لڳو،
پَريءَ چَهر جو چَهر چَهرو لڳو.

وَني پَنهنجي وَر ساڻ وَڃَندي اَچي،
لَنبوسِيَن سَندي لانگ لَڳَندي اَچي.

سَني لڱ سَلامن سَڳورن سَندي،
گُنهگار گَدِيا مَٿي ڪَمہ گَندي.

پِرِيَن جي پَسڻ جو هُئَن پَهہ پَڪو،
ٻيو اَولياءَ تي اِرادو نہ ڪو.

اِرادي مُوافق اَچي عاصِيَن،
سَنجهي سِرهيو صُورتن خاصِيَن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُدا جائزن جُون هُيون جاڳهون،
وينا اَهل عاشِق ڪَري آڳهون.

گُلابي هَٽي گُهندِ گُهونگهٽ هَليا،
رَنن گهاٽ ڪي، رَهزنن گهَٽ جَهليا.

ڦلاڻن جو ڦُڙدي تي ڦُڙدو لڳو،
حَرامينَ جو هُڙدي تي هُڙدو لڳو.

نڪا واٽ وانڊِي وِڇان وانڊِينَ،
مِڙيون مانڊيون، مَندِ لڳو مانڊِينَ.

گَڏيا گُل سين بُلبُل، گهَٽيون گهاڙِيون،
پَري پير پَڙ پِير تي چاڙِهيون.

گُنهگار وينا جَهلي گهيڙ، گهَٽ،
ڪو ڪِنهن ڦَر وَٽ، ڪو ڪِنهن ڦَر وَٽ.

ڪو ڪَڏ ۾ لِڪل، ڪَڏ ڪِناري ۾ ڪو،
ڪو لاٽي، ڪو لئيءَ ۾ پيو هو لِڪو.

ڪو وينو وَڻي واٽ واجهائي ٿو،
اِجهو ٻاٻيهل مُون تي ٻاجهائي ٿو.

جَهلي جُهل اِن طرح وينا ٿَلون،
اکيون اِنتظاريءَ ڪَنان ڦاٿلون.

سُپيرينَ جِي سُرٽ سُرٽ سُهائي هُئي،
اَندر تِن ڪي اُرٽ تُرٽ اُهائي هُئي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڦُلاٻا ڦُلاٻن تي مَنجهه ڦَلب تِن،
اَچيو تِن اُلٽن تي اُلٽا اُٺن.

پَسڻ لئي پِرين جي پوَن پُور ٿا،
سَنيهڙا سَنيهڙا اُٺين سُور ٿا.

اڪين مان ڦِري سي اڪوٺا ٿيا،
نہ سُهڻا مِليا، سَوڻ ڪوٺا ٿيا.

اَجان سَڀ نہ آسيون پُنيون عاصين،
ڪي ٿورا خُلاصا مِليا خاصين.

نہ رَن چور هِڪ جي ليي چُوڪ پئي،
هَلا ڙي هَلا! جِي لَڳي هُوڪ پئي.

هَڪل، هُوڪرو، هُل هَنگامون ٿيو،
ڪِٿان ڏاڙ، ڪِٿ ڏاڙِيامون ٿيو.

ڳَڏهہ ڳهوڙيون ڏِيِن ڳُهتون ڳوهِيون،
حَراميءَ جو هِڪدم هَجي ويو هِنيون.

ٻُڏُو مَل ٻُڏو جو ٻَڏو ڙي! ٻَڏو،
نہ هِندُو هَڪل ساڻ هَنگي وِڌو.

پُڳو ۽ چَيائين نہ پُڳوان! رَس،
پَسي حال هِيٺون هَنومان! رَس.

اِهو تو اَچي ڙي! اِهو تو وَجي،
اِهو ڙي! اِهو چُونِ آگر سَجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهو ڙي! اِهو ٿو اَچي مادري،
شَقيءَ کي رَسي شال! شاهہ قادري.

هِتي ڪو هُئَن راڄ رَن چور زور،
پَڳا چور، ڪَنين ٿِي جَڏهن چور چور.

هَڪل ٿِي جو هِڪ کي تہ پانيو پِيَن،
اِهو هُل اَسان تي صَحي سُڌ پِيَن.

چَڙيا خَوف، خَطري، خَيالن ڪَٽي،
رَهيا مَنجهہ تَڙ پِيڙ تاڙِي هَٽي.

اَچي اوچتي ڪا عَلامت ٿُٽي،
سَلامي پَڳا ۽ سَلامت ڇُٽي.

گَهٽون گوڙ گَجگاهہ غوغا ٿيو،
ڇِڪي چور هَرڪو تہ چوغا پيو.

ٿيا گهورِيَن مان ڦِري گهيرِيون،
فَقيرن فِڪر جُون ڏِنيون ڦيرِيون.

صَغيرن جو سُوسات، سُوسٽ وَڏن،
لتون ٿي جَهليون جام جيڏن جَڏن.

گَلن جا گَلا گوش گوشي مَنجها،
اَچن لُنب هِڪ ٻِئي تي ڪِلندا جَجها.

گَلا پيا گَلن تان، گَچا پِيھہ ٿِي،
گَچا پِيھہ ۾ ٿي ٻَچا پِيھہ ٿِي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَچي بَدمعاشن ۾ تان ٻاجَ پَئي،
رَنن تان ڪِنن جا رُليا راجَ ٻَئي.

ڪنيو بي حَيائن حَياتيءَ جو ڏَپ،
هُئن وامَ ۾ وامَ ۽ ٿَپ ۾ ٿَپ.

چِپاچِپ چَڙهيو هيڪ ٻِئي تان وَچن،
ڪِنهين جو ڪُلهو، ڪِنهن جو ڪَرنگهو ڀَچن،

ڪَري هيڪ هاها، اَهاها ٻِيو،
ذري گهَٽ هُئس گهاءُ گهايَل ڪِيو.

وَليءَ جي وَسيلي وَهين واٺ تي،
ڪَرامت سين ڪامِل قَضا ڪاٺ تي.

قَضيي ڪان ڪَريو ڪاهه ڪاهيو وَچان،
ڦِٽم سُک، سُڪانات لاهيو وَچان.

بيٺي آهِه گهايَل تي گِيهر اَچي،
حَرف لاهينديَس هاڻ ٻِيهر اَچي.

ڀَلي پِير بيشڪ بَچائي وَٺيس،
مَنجهان چارِيَن چُست چائي وَٺيس.

ٻِگڙجي ڀَڳا، ڪَر ٿِيون ڳوٺ ڳَئون،
ڳِڏي ڪِنهن جِي ڳُم ٿِي، ڪِنهين ڳوڏ ڳَئون.

ويچارن وِساريا ٿَيڙ ٿاهه ۾،
ٿيو رَن چَڏي ڪو رَئي راهه ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪو اولهه وَجي ٿو ڪو اوڀر ٻيو،
ڏکڻ ڏِس ڪِنهين، ڪو اُتر پَنڌ پيو.

اِيئن آئڙن سَخت حالت هُئي،
لڳي ڪِنهن جو لَوڙهو، ڪو ڪوڙي ڳُڻي.

ڪِريو ڪَنڌ پَر، ڪَنڌ وَريو ڪٽن،
وَڏي ۾ وَڏو وامُ پَريو ڪٽن.

ڪي ٽِريون ڏيئي ٽُرت ڦُٽا تَڏي،
ڪي وَريا وِچان واٽ واڪي وَڏي.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اڄ سنّي ڪنهن کي سڏين

جو مَجي ڪُل مُلڪ جو، مالِڪ ڏَٽي مُختار هِڪ،
ڏوهه ڏورڻ ڏيوَ بيا، ڪُل ڏيهه جو ڏاتار هِڪ،
قَول 'ڪُن' سان ڪِينَ مان ڪَئين، ڪَم ڪري ڪلتار هِڪ،
بيا وَسيلا سَڀ وِساري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، ڳَول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

جو مَجي اَللهُ کان اوري، اَجها آڌار ڪَئين،
تو ڏِسي ڏاتن ڏيڻ ۾، ڏيوَ ڪَئين، ڏاتار ڪَئين،
پٽ، دُعا، پُٽ، کِير، پَرٽي، پوک ۾ پَتيار ڪَئين،
ڪَئين شَريڪن حَق شُماري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو مَجي مَذهب مُحمد، مُصطفيٰ مَهندار جو،
قَول جِيئَن قُرآن ۾، قادِر، قَوي، ڪلتار جو،
جِيئَن حَديث ۾ حُڪم، حَضرت هِنيين جي هار جو،
بيا اکر مَن مان اُتاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، ڳَول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

جِنهن مَٽي ڇَڏيو مِيان! مَذهب مُحمد مِير جو،
پوئلڳ ٿيو پاڻ جهڙي، ڪِنهن پَڙهيي ۽ پِير جو،
وَحي واحِد کان بہ واڌُو، وَهم جاڻي وِير جو،
ڏَرم پَنهنجو ڏار ڏاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نيڪ ٻانهون، نَرم دِل، جِنهن جو نمازن ساڻ نِينهن،
رُوح رَحمت سان رَتو، رَب سان رِهاڻيون رات ڏِينهن،
مُنهن مِهت ڏي هَر مَهل، توڙي مَٿان مانداڻ مِينهن،
صِف اَندر سانوَڻ سِياري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گَول واري، اَج سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

جو پَلين بُنياد ٻُڻ ڪان، بي نمازي ٿِي ٻيهي،
پَر پِياري پِير جو، پِينار پازي ٿِي ٻيهي،
تُرت تِيرٿ واسطي، تَيار تازي ٿِي ٻيهي،
گَهر سَچو ساگهر سِڏاري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو اُگهاڙن اَنگ ڍَڪائي، پيٽ ٻُکين جا ڀَري،
رَحم رَنڙين، چورڙن تي، ڪَرم قَرضيءَ سان ڪَري،
وِک ڀَري جاسين وَري، صَدقو ڪَري جيڪِي سَري،
ڏات ڏُنڙيَل کي ڏِياري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گَول واري، اَج سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

ڪَٽ چَڙهيو جِنهن قَلب تي، ڪوڏي نہ ڪِنهن ڪَنگال ڏِئي،
پِير مُرشد کي مَگر، ڪِي مُڙس ڏِئي، ڪِي زال ڏِئي،
مال ڏِئي، ڪَنمال ڏِئي، ڏَن، چاليها ڏِئي، چال ڏِئي،
ڪِنهن بہ وَٿ مان هَٿ نہ واري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو قُبا، قَبرُون چَڏي، ڪاهي ڏِسي ڪَعبو وَڃي،
ٻيو نہ پائيوار پانئي، ٻُت ڪَري پورا پَڇي،
حاضري ڏِئي هِڪ ڏَڏيءَ کي، مِهر تُنهنجي مُون مَڃي،
آئون پيَس تُنهنجي پَناري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گَول واري، اَج سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

جو اُچت اَجمير ڏي، يا ٺاڪ ٻِئي ڪِنهن ٺان تي،
لَڏ لُواري لال ۾، يا مُنهن رَکي مُلتان تي،
پِٽ، ٻُڪيرا، خواهه ٻُلڙي، حَج هَيبت خان تي،
قَبر ڪَعبو مَنجهه ڪِناري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرث عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو ڏَٽيءَ جا دان ڳائي، دِل پَري دِلگير جي،
وَڙ وَڏا واحِد ڪَيا، وَهه واهه! وائي وِير جي،
پاڪ پَروَر پُٽ ڏِنم، تِنهن ۾ نه پائي پِير جي،
شال! ڪُوندر ڪُر اُجاري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، ڳول واري، اَج سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

پَس ڪِني پاٽيءَ مَنجهان، پيءَ کي پِسر پَروَر ڏِنون،
پوءِ قَطاري زال ڪاهِل، قَبر تي ڪاهي ڪِنون،
پِير هِن، چي پُٽ ڏِياريو، اڳ هُئَس ڇورو ڇِنون،
ڏِئي وَليءَ تي وار واري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرث عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

شُڪر شاديءَ تي ڪَري، سالِڪ سَچي سُبحان جا،
اَج پُنان، اَلحمدُ لِلّٰه! آسرا اِنسان جا،
گهر سَندم گُلزار بَڻيو، رَحم ٿيا رَحمان جا،
ڪاج سانئَم ٿو سُڪاري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، ڳول واري، اَج سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

ڪانڌ کي قادِر ڏِيارِي، هُوءَ ڪُنواري ڪُونج ڪَنڌ،
پَر پِٽيَل پَرٽي پُنيان، پيو پِير پُوريَل پار پَنڌ،
’حُور هِيءَ‘ چي هِن ڏِنم، جِنهن جو هِندوري هيٺ هَنڌ،
ڊور جِيئَن مَنجهه ڊار ڊاري، اَج سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرث عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جو ڏِسيو ساوا سَلا، ساراهي سَگهه سائين سَچي،
هِي ٻَهاريون تو بهاريون، تُون بَچائين تان بَچي،
ٿو چَوي اَلحمدُ لِلّٰه، اَن جَڏهن اُن کي اَچي،
خَير ڪاري، خوش نِهاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گُول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

قَبر تي ڪُنيون ڪَري، قادِر جَڏهن ڪيئي ڪَتي،
هُوءَ شَرع هُن شيخ جِي، هِيءَ پِير پارس جِي پَتي،
جِنهن مَشائخ جِي مَدد سان، اَڄ ڪَتي مُون لئي مَتي،
ڏئي اُٿي ڪَرها قَطاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو ڳَڻي اَلله جا، اِحسان عِبرت جي وِچان،
جِنهن جو حِڪمت ۾ هِنيون، حَيران حَيرت جي وِچان،
ڪِير چاڙهي چا بَنائين! چيڙ ۽ رَت جي وِچان،
پاڪ پَروَر ٿو پِياري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گُول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

ڏئي ڏِهاڙي ڏَن، جَڏهن دَر تي ڏُڌي ڏائي هُجيس،
وَڙ وَلي وَريام ڪِيا، اِيءَ وات ۾ وائي هُجيس،
پَر پُرين کان پاڪ پَروَر جِي، نه پَروائي هُجيس،
پرهه سان پيرن پَچاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو چَوي آڳي اُپايس، اُو عَلامت کان رَکيم،
مَهٽ موڙي خواهه ماڻهن جِي مَلامت کان رَکيم،
شُڪر سَئو شَب روز تِنهن جا، شِرڪ، شامت کان رَکيم،
جوت جُرئت سان جِياري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، گُول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُئو نہ مَولا ماريو، ڪُل ڪان ڪَرارو ڪِبريا،
جي اگهائيءَ مان اُٿيو، چوندو اُٿاريس اَوليا،
پوءِ پَچي پيٽي ٻُنيون، پَٽ پوت ڏيندو ٻي حَيا،
طَرف تُربت جي تَنواري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

جو چَوي مُون سان مُدامي، هيڪ مَولا جِي مَدد،
آئون تِنهن هِڪ جو سَلامي، هيڪ مَولا جِي مَدد،
غَير جي چَڏيمِ غُلامي، هيڪ مَولا جِي مَدد،
هيڪ پَرور کي پُڪاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اِيءُ وَهابي، ڳول واري، اَڄ سُني ڪِنهن کي سَڏين؟

جو چَوي مُون سان مُدامي، پِير مُرشد جِي مَدد،
مَرض موڙي ڪان بَچائي، مِير مُرشد جِي مَدد،
پوک، پَرٽان، پاڻ خوش، پُٽ، ڪِير مُرشد جِي مَدد،
اُهڪيان مُون کي اُڪاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين،
اَرٿ عاقِل! ڪَئي اَچاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

ٿي وِئي پُرزا پِرولِي، پارڪُو پَرکي وَني،
ڳالهہ مالِڪ مُلڪ جي جِي، ٿي لڳي ماڻهن مَني،
بَخش جِي پائئِن پورا، پَر ٻُني بيني بَني،
دُور پَندان ڏُوڙ ڏاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

پُٽ مَٿي ’پيرن ڏِنون‘ نالو رَکيو ناڪامياب،
هيڪڙي ڏِينهن تِنهن ڪَنان، هادي هُتي وَندو حِساب،
پُٽ توکي پِيرن ڏِنون، يا پاڪ پَرور ڏي جَواب،
ڇا سَبب ڏِيندو سَواري؟ اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هاءِ! سَوداگر ڪِ سَمجهيئون، ڏيهه جي ڏاتار کي،
جو ٻِنان عيوض ٻَنائي، آدمي اِسرار کي،
مائٽن جِي مَت ڏِسو، جِن مُلهه ٻَڌو مُٽ وار کي،
حال ڦِهڙو جِنهن هَچاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

چي، وَڏو جوکو وياءَ کي، جي وَليءَ تي ڏِئي نه وار،
وار جي قِيمت نه ڪوڏي، خُون ڻِتي ڪِيئن اَي خُوار!
اِيءَ وَليءَ جِي وَصف ناهي، بَلڪه ڪامِل جي ڪُوار،
اِن طرح ڀائڻ ڀَلاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

ڪِيئن وَلي چوندو نه مُون وَٽ، آءُ وَني تُنهنجي وَني؟
آڻ نه نه نِيندئي اَجل، اِيئن ڪو چَوي آدم ٻَني؟
چا ڪَري ڏوسيون ڏِسي؟ جِنهن جِي نه ڏِينهَن ڪان ڏَني،
هِيءَ نه ڏِت ڏيهه کي ڏيکاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

مَچ مجوسين جيئن مَچي، جو آڳ تي ڦِرندو اَچي،
ساز سُرندي سارنگيءَ سان، سُڪ اَچي سالِڪ سَچي،
لال جي لانگوٽيَن جِيئن، مَست مَستو تي مَچي،
سو چَڙهيو نِينهن جي نِظاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

وَڻ ٻِير، ٻاڻي ٻَٽر تي، ٿِين هِندُو گڏ هَلي،
رَن رَندي راهِن نه اُت، ڪا ٻُون جِتي ڀائڻ ڀَلي،
ٻَر اَسان جي اَولياءَ تي، ديک چِڪلا تُون چَلي،
هِڪ سُمهاريو، ٻيو سُمهاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

ڪَڻ ڪَتيءَ ۾ ڪِينَ ٿيا، چي قَهر هِيءُ ڪاريو خُدا،
مال مُئو، يا زال، پُٽ، يا ڀاڻ مُئو، ماريو خُدا،
وات ڦاڙيندو وَڏو، هِيءُ واقِعو واريو خُدا،
مُڪ مَٽي کي موڪ ماري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پاڻ خوش، پُٽ، ڪِير، پرٽان، پوک پنجئي رَحمتون،
سي مِلن مُورت ڪنان، يا تُربتن تي تُهمتون،
پَر مُصيبت، مَوت، مُشڪل، گهر زَبوني زَحمتون،
سي ڏٺيءَ پاسي ڏِڪاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

پاڻ خوش، پُٽ، ڪِير، پرٽان، پوک پيرل ڪان پَسي،
ڇو نہ روضن وَٽ رَڙي؟ جي رَنج تِنهن کي ڪو رَسي،
خوش خُدا کان ڪِين ٿِي؟ جو اِي خوشيون پَنجئي کَسي،
تِنهن کري گوشي گُذاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

اِن سَبب ناهي نمازن ۾، اِنهيءَ جو اِعتقاد،
اِن سَبب والي وِسارئين، پَر وَلي هَر وَقت ياد،
اِن سَبب مَسجد مَنٿائين، پَر مُقامن ۾ مُراد،
اِن سَبب سيڪڙ سُپاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

اِن طرح الله کي، آفت جو گهر نهرائي ٿو،
پوءِ پاسي ٿِي پرينءَ کان، پير ڏي پهرائي ٿو،
سُور سَختيون سال سَيڪنهن، لاڳ ڏيئي لَهرائي ٿو،
قَبر تي قِنديل باري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

جو مَلهي مُرشد جهلي، مَجتا مُقامن تي مَجي،
ڏِئي سُکائون، سيڪڙو، ۽ سِر بہ سَجدي ۾ سَجي،
جوءِ سُوڏو جات تي، سو جاءِ جَنت ۾ وَڃي،
فَرض، واجب سَڀ وِساري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

جِنهن ڇَپيو الله، سو اَڇي ويو آر ۾،
جِنهن سَڏيو سالار کي، سو ڏِس تَري ٿو تار ۾،
ڪيترا ڪُوڙا قِصا، هِهڙا هَلن هَر پار ۾،
تِن مَٿي ويسهه وِهاري، اَڄ سُني تِنهن کي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هَنئي فَقيرن جِي ڦِڪي وَٿ، ڪِينَ واحِد ڪان وَري،
اِن طرح اَللهُ ڪي، سَمجهي اَوَس اَپرو ڪَري،
ڪير قادِر وَٿ اُهو، جو دَمِ هُئڻ جا دَمِ پَري؟
سُور سَفري ۾ سَواري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

جو حَديش جي هَلڻ ڪي، ٿو بَنائي بي ڪَمون،
چي، مَ ڏِس مُصحف جِي مَعنيٰ، تَرڪ ڪَر تُون تَرجمون،
هَل وَڏن جِي واٽ تي، ويندين ڇُٽي مُنهنجو ڏِمون،
قَول قُرآني ڪُواري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

پُڄ مِيَن واري مِيين، ٻيلي جي ٻيلائيءَ ڪَنان،
پُڄ ٻَنورو يا ٻَني جي، پان پيلائيءَ ڪَنان،
خوش مِيان! ڏِسندين مِڙيئي، مَرد ميلائيءَ ڪَنان،
ڏِينِ رُخصت روٺ ناري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

جو نه مالِڪ ڪي مَڃي، سو مور توڙي مُور چائي،
جِنهن نه نالو رَب وَٺي، سو نور توڙي نُور چائي،
ته ٻه ڇُتو ڇَندال ڇَٻو، چور توڙي چُور چائي،
پاڻ ڪَريو، خَلق ڪاري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

اَڄ خُدا هِڪ ڪي مَڃڻ ۾، خَر خَرابي ٿا چوَن،
واٽ وَحدت جِي وَٺي، تِنهن ڪي وَهابي ٿا چوَن،
ڦَر فَقيرن ڪان پِنڻ ۾، فَيضيابي ٿا چوَن،
سَئو سَنپاليدار ساري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

هيڪ راڄا راڄ ڪُل لئي، گهوٽ گهر لئي هيڪڙو،
خادِمن لئي خان هِڪ، ۽ پيءُ پِسر لئي هيڪڙو،
پَر ڪَٽي ڇَئو خاص خالِق، جِن، بَشر لئي هيڪڙو،
تان ڪَرَيَل ٿو ڪار ماري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مِير ڪي چَئو تُنهنجو ماڻهو، مال چاري راڄ جو،
خان ڪي چَئو تُنهنجو خادِم، تُل بہ تُنهنجي تاج جو،
ڳهوٽ ڪي چَئو تُنهنجي ڳهر تي، هَٿ ٻِيَن جي حاج جو،
ڪَر ڪُتي جِيئَن قَتل ڪاري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

پيءُ پسر ڪي ڏِئي وَني، يا ڏِين ڪارهندا ڪَٽان؟
ڳهوٽ ڳهر ڪي ڏِئي وَني، تِنهن ۾ ٻُڌايو ڳَڏ ڳهٽان؟
پوءِ صاحِب جي سَڳهن ۾، ڪِيئَن سَلهاڙيو سَئو ڇَٽان؟
اِيءُ عَبث ڪَم جِنهن اَساري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

اُن جو نَوڪر ٻئي جو نَوڪر، چَئو تہ پَوندس ڇهنڊڙي،
اُن جو نمبر ٻئي جو نمبر، چَئو تہ پَوندس ڇهنڊڙي،
اُن جو ڳهر ٻئي ڳهوٽ جو ڳهر، چَئو تہ پَوندس ڇهنڊڙي،
پَر سَوين سائين سَنياري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

پاءُ ڪي پيڙو نہ پائي، پاڻ پيري اِئِن پَلا،
پَر ڳَڏي غالِب، غَنيءَ سان، اُن جي ڳولِن جا ڳَلا،
خوش خُدا تِنهن کان نہ آهي، مار ڪَرِيل ڪي ڪَلا،
جِنهن ڇَڏيو سائين سُونهاري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

پِير ڪي پُٽ لئي پُڪارُون، اِيءَ نہ سَروَر جي سُنت،
قَبر تي ڪُونجن قَطارُون، اِيءَ نہ سَروَر جي سُنت،
اَي سُتل! لهجو سَنيارُون، اِيءَ نہ سَروَر جي سُنت،
اِي قِصا ڪافر ٿو ڪاري، اَڄ سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

هيڪ سائينءَ ڪي سَنيارڻ، اِيءَ سُنت سَردار جي،
هيڪ پَروَر ڪي پُڪارڻ، اِيءَ سُنت سَردار جي،
غَير کان گوشي ڳُذارڻ، اِيءَ سُنت سَردار جي،
اِن سُنت ڪي جو سَنياري، سَچ، سُني تِنهن ڪي سَڏِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَقت پَنجئي پيشوا ٿِي، هَٿ بَڌا حَضرت هُمام،
ٿي ڪيون الله اڳيان، عاجزيون عَربي اِمام،
پير پرِيَن پيا سُڄيو، بيهندي تَهجد ۾ تَمام،
اِيءَ سُنت بَرجا بيهاري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

آهِه ’احمد‘ چَئي، اَحد الله جو آذار هِڪ،
هيڪ داتا، هِڪ ڏَٺي، دَرگاهه هِڪ، دَربار هِڪ،
اِيءَ سُنت سَردار جِي، سَردار وَٽ سَرڪار هِڪ،
قَلب ڪَلمي سان قَراري، سَچ، سُني تِنهن کي سَڏين.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪِ حج ناهي ته ڇا

اَڄ ٻه مُردن پاس ميلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟
ساٿ سَنبريو ڏِس سَويلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

هُو قَطارن تي قَطارُون، قافلن تي قافلو،
هيڪ ٻِئي تي ٿونس ٿيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

مُقبرن ۾ مِهرِيون، جِيئَن مَنجهه مِنا ۽ سومناٿ،
گوشت ڪِيندو گُر ڪِ ڇيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

’جِيءُ پيارا‘،’پِير جِيءُ‘ لَبيڪ جِيئَن لوليون لڳن،
پُر طَوافِيَن سان طُفيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

زال آئي سِر زِيارت، ڪاهي، ڪُوڙائڻ جهَنڊا،
گهوٽ هُوندو گهر اَڪيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

قِيمتي ڪَپڙو ڍَڪائيون، قَبر کي ڪَعبي مِثال،
جِنهن ڏِني ڏِئي رُوح ريلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

سال ساري ۾ هَلڻ لئي، آهِه هِڪ ڏِينهن حَج مِثال،
واهه! ميلو، واهه! ويلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

پِير! ڀَرُو تُنهنجو باسيَم، هِيءَ پَتي پُوري سَندياءِ،
ڏَڻ سَڄي مان ڏُوڄ ڇيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

پِڙ اَندر پُورا ڪَندا، ويهي وَڏن جا ڏِينهن ٻَڌل،
مَر مَٿو هوئِنِ ميلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي ته ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِدعتي يائنِن بَرحق، هِي هَمہ جُزِتو حُڪم،
ٿا چوَن تِنهن کي طُفيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي تہ ڇا؟

هِي قِصا ڪُوڙا نہ ڪَم جا، هاڻ 'احمد!' ٿِي حَنيف،
ڇڏِ صَدُو ۽ ساڌ ٻيلو، هِيءُ ڪِ حَج ناهي تہ ڇا؟

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واصل وصالي ٿا وڃون

سَگ شَراڪت جو نہ سُونهي، طرف صاحِب جي سَڃون،
ڄامِ ڄامن ڄَڻ نہ ڪِنهن جو، عَيب اُت ڄاڻون ڄَڃون،
ٻائيءَ وارِي ٻائيواري، بدگُمانيءَ کي ٻَڃون،
ساڻ ٿورن ٿو نِڀائي، ٿوپ ڇا ڏِينديون ٿَڃون؟
واٽ وَحدت جِي وَٺيو، واصِل وِصالي ٿا وَڃون.

هَٿ ٻَڌيو هاديءَ ڳَنان، هَردمِ ٻنون هَمراهِيون،
وينٽيون ڪَريو وِهاڻي، رَت وَنِيَن مان واهِيون،
قافلا ڪوهہ قاف مِ، ڪَم ڪار ڪَريو ڪاهِيون،
ٻانگ ٻينگيا بي سَمر، ٻُکيا ٻَرادي آهِيون،
ڏيهہ جي ڏاتار وَٽ، ڏُکيا ڏيوالي ٿا وَڃون.

روز شَب رَحمان اڳيان، رَحم لئي رِڻهُون رَوا،
دانهن دَر داور ڏَٽي، جِت دَرد جو دارُون دَوا،
رَب وِڇوڙي کي وَڍي، واري وَصل جو شال! وا،
سَڏ سَدا تِنهن سِر، نہ سيوا ڪِنهن سَندي سائِنءَ سَوا،
دَر سَچي صاحِب، صُبح سانجهي سَوالي ٿا وَڃون.

ڳَن سَندئون سَرها سَدا، سِرندي سَواري سُر ڳَنان،
هوش مِ آيو هِنيون، هِڪدم حَقاني هُر ڳَنان،
غَفلتون ٻانيون گَهٽيون ٿا، گَنج، گوهر، دُر ڳَنان،
آهِہ اِيءَ دُنيا دُني، ڏُوتي ڏُتاري ڏُر ڳَنان،
ڪِنَ رازِق رَب مَٿيو، وَٽ رَن ريزالي ٿا وَڃون.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چا ٿيو جي پيٽ پُر ٿيا، ساڻ پُلهن پالڪن؟
صُحبتي صَدقو مَٿي سان، ڪاڻ مالِڪ مال ڪَن،
مُلڪ،ماڻهون، جِن، مَلڪ، مَنجهه مِلڪ مالِڪ مالِڪن،
صُبح سين صاحِب سَنياريون، سُڌ سُٺاڻ سالِڪن،
پوءِ خالِق جي خَزانن، ڪان نه خالي ٿا وَڃون.

سَڱ نه سائينءَ ساڻ ٿيندو، ڪِنهن به سَرڪائي نه ڪا،
دَر مَٿي ڏاري نه اُو، دَربان پڻ دائي نه ڪا،
پاڻ وهيٺون پاتشاهه، پَرور کي پَروائي نه ڪا،
وَڻ، پهڻ، وَڻڪار ۾، واحِد ٻنان وائي نه ڪا،
سَچ ته صاحِب ري اَسان، سَڀ سُڄ سَنپالي ٿا وَڃون.

سَچ ته ڪو سَرڪو سَدا، ساريون نه سائينءَ ساڻ ٿا،
نام واحِد جو وَٺيو، وينا ڪريون واڪاڻ ٿا،
هَٿ، هُونئڻ، هَستيءَ جُون هِت، هاريون هَنجُون نِت هاڻ ٿا،
پِي پيالو پِرت جو، پَل پَل پياريون پاڻ ٿا،
تِنهن مِني مَولا اڳيان، مَستو مَوالي ٿا وَڃون.

بَر وَڏو بَرسر اَسان، باري! اَچي ويا بار بار،
سَڏ صُبح سانجهي سَدا، صاحِب! سِگهو لهه سار سار،
دانهن داور کي ڏِيون ٿا، ڪَر نه دَم تُون ڏار ڏار،
هِت ڏَرو زوري نه زاريءَ ري، رُئون ٿا زار زار،
دَر خُدا ڪائي خودي، ۽ خود خِيالي ٿا وَڃون.

چا جَهانن ساڻ ڪَم؟ جِيءَ جو جِياپو هِڪ جَبار،
رَب، غَني، غالِب جي نالي، سان لهي ٿو غَم غُبار،
سِر، سِسي، سامان صَدقو، ڪاڻ صاحِب جي سَنيار،
تِر اَسان کي ناهِه عاقِل! هِن عُمر تي اِعتبار،
اِجهه اَندر سَرڪارِ عالي، لا اُبالي ٿا وَڃون.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

خواهه طالِب عِلم، عالِم، خواهه سالِم، صُحبتي،
تِن مَنجهان هِڪ ٿِيج مومن! ڪَر نه مِحنت مَحبتي،
مال ميڙڻ ۾ ڏِنا مُون، مَرد جيڪي مِحنتي،
هَٿ ٿلهي هَليا هِتان، ويا هَول ڪِيندا هَيبتي،
پيش مالِڪ، مُلڪ ڇَڏيو، مِلڪ مالي ٿا وَڃون.

نَفس ۽ ناسُوت تي، ناريون پَري نايون اَسان،
جِيءَ جَڙيي جَبار سين، جَبرُوت ڪِيون جايون اَسان،
لوليون لَبيڪ جُون، لاهُوت ۾ لايون اَسان،
مُلڪ مَنجهه مَلڪُوت جي، نِت مَنزلُون پايون اَسان،
مَرض، ماتم، مَوت اُت، مِڙئي مَحالي ٿا وَڃون.

ساهه ۾ ساراهه صاحِب جِي، سَدا ويٺي سُتي،
اِيءُ اَٿئون دَونکو دَوامي، دِل مَتان دُنيا ڏُتي،
اَنبياءَ ۽ اَولياءَ، ڪَن عاجزيون بيٺا اُتي،
حُجتون ۽ حاڪِميون، هَرگز نه هَلنديون ڪُجهه هُتي،
پيش پَروَر پادشاهه، پورهيَت پَخالي ٿا وَڃون.

ضار، نافِع، نام رَب جو، ناهِه تِنهن ۾ بيو نَواب،
سائي سُومر تي ڏِنم، ويو هِڪ سُڄون سَمجهي ثَواب،
جَلد وَر جَبار ڏي، پَر ڪَن نه ڪِيو جاهِل جَواب،
پوءِ سَٺي سَختيءَ مَنجهان، ساري چيَم سَنئون بَرصواب،
تُون وَليءَ تي وَڃ، اَسين وَٽ مُلڪ والي ٿا وَڃون.

سَڏ سُڻي، سَردار سَيد جي مُحابي ڪَر مَعاف،
مُون، مِيين حَضرت مُحمد جي مُحابي ڪَر مَعاف،
اَحد! ’احمد‘ کي، اَحمد جي مُحابي ڪَر مَعاف،
آل ۽ اَصحاب اَمجد جي مُحابي ڪَر مَعاف،
اِيئن ڪَندا داتهُون، اَندر دَرگاهِه عالي ٿا وَڃون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنشاءَ الله 'احمد' چئي، آهي اَسان اِهڙي اُميد،
تان ڪندو قادِر ڪندي، ڪهڙو ڪنبُون پَر قَهر قَيد؟
آسري اَللهَ جي آهيون، نہ آهر عَمر و زَيد،
پيش مالِڪ مِهر واري، مُنهن مُنوَر سان سُفيد،
قَول ڪلمي جو ڪندا، ڪامِل ڪمالي ٿا وَجون.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هِيءُ ڪراچي، هُو ڪلفٽن

هِيءُ ڪَراچي، هُو ڪِلفٽن، ڪَلب خانا خان ڏِس،
هِيءَ ڪِيماڙي، هُو مَنهوڙو، هُو مَنگهي جو مان ڏِس.

باغ بَندر روڊ ڪُل، بازارين ۽ گُل بَهار،
پوش پَردو سِر پُٽن، مُنهن ۾ پَريءَ جي پان ڏِس.

لال بازارين تہ لَعنت، داغ آهِن ديس تي،
خود مِينا بازار مِينا، مَجلسُون مَيخان ڏِس.

جِيئَن اَڪابر آدمي، تِيئَن اَڌ اُگهاڙيون عَورتون،
هِيءَ شَريعت جِي شَرافت، هِيءُ شَرم جو شان ڏِس.

هِڪ نَندي نينگر کان پُڇيَم، چو وَٽِين شِيشا شَراب؟
چَئي مِيان! ڪَر ماٺ، مُون وَٽ مِير آهِہ مِهمان ڏِس.

سُک سَينيما ۾ مِلي، ڪِنهن کي سَڌي پيو وَر سَندس،
پيٽ پيٽيءَ ۾ رَهي، هِڪ باغ ڪُل بَيران ڏِس.

ڪَلبن نُمائش ۾ نَمونا، نازبُو ۽ نازنين،
سَڀ طرح سُبحان الله! ساز ۽ سامان ڏِس.

هِيءَ غَنيَن جِي نُمائش، هُو غَريبن جُهوپڙيون،
هِت عَجب اَعليٰ اُتم، هُت اُجڙيَل اِنسان ڏِس.

ڪالهہ خادِم خَلق جا، پَر اَڄ خُدا سان خود خودي،
ڪير چَئي ڪُرسي نَشين کي، قاعِدو قُرآن ڏِس؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن عَزيزن کي عَمل، اِسلام تي اُهڪو اَچان،
اَنگريزن جي اُصُولن تي عَمل آسان ڏِس.

آمين چَئو مَ ’احمد!‘ ته ويا اَلحمدُ لِلّٰه! اَنگريز،
اُو عَمل، اُو عادتون، اُو بي عَمل اِنسان ڏِس.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دين اسلام ڏس

اَسان جو صَحي دِين اِسلام ڏِس،
اَگھاڙو اُرهہ، بَدن بادام ڏِس.

مِهت ڏي نہ مُنھڙو مَهينن ڪَنان،
سَينيما ۾ ساگھر صُبح شام ڏِس.

ٻُڌن ٻانگ بَدران سَينيما جو سَڏ،
وَڃي پيو وَلر ساڻ وَريام ڏِس.

چُڪو چَرس جو، چاش چَڪلي سَندي،
گھُري جو ڪَرڻ بَند، بَدنام ڏِس.

نہ شَربت ڪَپي، بَلڪہ شِيشا شَراب،
ڳِلا ناهِہ، ڳَڏ پيو ڳُل اَندام ڏِس.

ڇهہ سَئو تي وَنڻ سُود، سُنت صَحي،
اَميرن سَندي عام اِنعام ڏِس.

ڪَڍيو قَوم جو ساهہ سُوسائٽين،
زَمين ضَبط، گھر گام نِيلام ڏِس.

ڪُسن راءِ رُشوَت مَٽان رُوس ۾،
هِتي حِشمتون، رِشوَتون عام ڏِس.

ڇوَن ٿا ڳُڻهہ ناهِہ ڳَڏيَل وِياج،
حُڪومت جي حامِيَن سَندي هام ڏِس.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اَسان جي ڪَري راڳ تي رُوس رِيس،
گڙن سان گڏجاڻيو سَچو گام ڏِس.

پڙهڻ ۾ گڏيل چوڪرا، چوڪريون،
جيئن لام ۾ اَلف اِدغام ڏِس.

لهن سُک نہ سُمهي مُئا مَنجهہ مُقام،
مَزيدار ميلاءِ جُوا جام ڏِس.

لڳي ڪِنهن بہ طالِب پُنيان طالِبان،
سَندن مائٽن مَنجهہ ماتام ڏِس.

رِڊن مَنجهہ ريڊار سان ريڊيو،
اَندر گهر اِنهيءَ ري نہ آرام ڏِس.

گهمن بيگ ري بيگمون بي گُمان،
مِصر، شام، اِسپين، آسام ڏِس.

پُڇين جي پِهي مُون سَندو نيڪ نام،
تہ اَلحمد 'احمد' بِنان لام ڏِس.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ونهيان! ڳالهه سيان

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ڳالهه سُيان ڳال ڳال،
مولوي مُون وَٽ لٿل آهِن، ڪَندا محفل مَقال،
قَول رَب، قال النبيءَ جِي، ڪُل ڪَندا سي قِيل قال،
چي، مِيان! ڪَر ماٺ، مُلن جو پَري مُنهن هوءِ شال!
پاڻ سِر ڪوڙيو سُمهون، ٿيندِي بہ سِج اُڀريي سَنڀال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ڳالهه آهي ڳُڙ جيهي،
راند، ڪافيون، راڳ مُون وَٽ، ٽول ٿيندا اِي ٽيئي،
چي، واهه ٻيلي! واهه! ٻولي، اَڄ وِهامندي ويهي،
ڏَم ڏُڪڙ لاٿا، دِلي تي، دِل بہ دِلمل ٿِي پيئي،
اَڄ تہ خوش آهيون اَسين، اَولاد خوش، پڻ خوش عَيال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، آهي سَڌ آن کي اِيهو،
ٻانگ ٻانگي تي چَڙهيو، ٻانگو ٻُرائي ٻاٻيهو،
نيڪ سَڀ نِڪري اَچو، نِيتي نمازُون ڳڏ ٻيهو،
چي، مِيان! هِيءَ مُند سِياري، ٿا چوَن تِنهن چاليهو،
ٿيو مَٿي ميري مَهينو، ۽ وُضُوءَ کي وِيهه سال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، پيَم ڪَن تي ڪُور ڪُور،
يا ٻِلو، يا سيڙهه ٻيلي! نِت مِرُون ڪو مُور مُور،
چي، سَڄڻ! صَدقي وَڃون، اَڄ سَڀ لهي ويا سُور سُور،
دانهن ديهان ديهه ٻوڙِي، ڏُو دونالِيَن دُور دُور،
هِڪ طرف هُر ماڻيها هُر، ٻِئي طرف چِڪڻاڻ چال.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڳوٺ وَنهيان! ڳالھ سُيان، آهي مُون کي مَصلحت،
مومنان! ڪَريو مَدد، جوڙائيون مَسجد مِهت،
چي، مِيان! چڱ مَصلحت، هِيءَ حُب نمازن ناهِ هِت،
آدمي ايندو نہ ويندو، خواهہ هُوندن سُک صِحت،
وَهٽ پيا وِهندا مَنجهس، ٿيندو وَڏيرن تي وَبال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالھ سُيان، جَلد ڏِيو ڦوڙِي فَرض،
مِير مُرشد آئيو، جو مَهٽ ٽاري ٿو مَرض،
ڪَم ڪَرائيندان ڦُبي تي، ٻيو بہ ڪامِل تي قَرض،
چي، بَدل آهيون اَسيءَ مِ، مانَ! اُونائن عَرض،
آهِيون سائِنءَ مَٺي، ساگهر سَلامي ماهہ، سال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالھ سُيان، اَج بہ ميڙو ڪِنهن ميَت،
دير ۾ دُوريءَ سَندي، دِيدار بازي اَج ديَت،
لال بازر، مال حاضِر، نيڪ ناظِر جِي نيَت،
چي، اڳي تيار آهيون، وَر، وِياءُ، وَنيون ويَت،
سو بَدينو، سو مَدينو، سا لُواري پاڪ لال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالھ سُيان، خَير سان کُليو ڪُتاب،
عِلم تي اَولاد چَڙيو، آهِ اِن ۾ آب تاب،
مَرد عَورت لاءِ عِزت، مَس، قَلم، ڪاني، ڪِتاب،
چي، ابا، ڏاڏا نہ پَڙهيا، عِلم خود آفت عَتاب،
مال ڏاريون، مال چاريون، مال ڏاران پائمال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالھ سُيان، پُٽ کو ڏِيندو پيٽ تي،
ساليانو سال کان پوءِ، چار پَيسا چيٽ تي،
چي، پَلين آئين پَلارا! ڪَر پَلائي پيٽ تي،
هِيءُ بہ حاضِر، هُو بہ حاضِر، ڪَم ڪَري ۾ کيٽ تي،
هَٿ ڪَنباٽي، ٻيو بہ ڪَٽندو، پاڻ پاٽيءَ جِي پَخال.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، دوستو! ڪوليو دُڪان،
جِنهن مَنجهان ماڻهن ڪمايا، مال، ماڙيون ۽ مَڪان،
ڇي، اَسين سَڀ اَڻ پڙهيا، سَودي سَندي سُڌ ڪا بہ ڪانہ،
آٽِيون ۽ چاڙِهيون، گهوريا پُلاهُون ۽ پَڪان،
ڪوٺ رَڪبو قَرض ۾، نہ تہ ڪِٿ بہ بيهبو ڪوتوال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ڳالهه ناهي ڪا ڳَري،
اُو ڪَرو اَج خَير سان، ڪُليو خَبر آئي ڪَري،
ڇي، ڳَٽيون چا ڳُڻ سَندئي، وَئي عُمر ڳَٽين ۾ ڳَري،
خَر مَٿي خُرزين ڪِنهن جِي، مَنجهه ڪُلهن ڪِنهن جِي ڪَري،
دَرس ڪو، دَرويش ڪو، ڪو شيخ، ڪو شاهہ، ڪو شِغال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، جَلد نِڪرو جَنگ تي،
ڏُو پَرائي ڏِيءَ ڪٽڻ تي، يا دَنگو ڪِنهن دَنگ تي،
ڇي، فِدا سَنگت مَٿان، سِر سَنگ تي، پَر سَنگ تي،
يار پائرن تي بيهي ويا، ڳوٺ ڳاڙهي رَنگ تي،
ڪِن ڦَٿيو، ڪي ڦَٿ مُئا، ڪي اَڌ ڦَٿيل مَنجهه اِسپتال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، شَهر مَنجهه شِڪارپُر،
شَخص صاحِب شَرع آيو، حِڪمتي، هوشيار حُر،
عام ڦيرايو ڍَنڍورو، گُفتگوئيءَ لاءِ گُر،
هِڪ بہ ڏيهاڙا ڏِياريو، پِئي پڙهو داناءِ دُر،
پَر نہ پُورو وَعظ تي، ڪو خَلق ڏيڪاريو خَيال.

ڳوٺ وَنهيان! ڳالهه سُيان، سَڌ وِڌئون ٽِئين ڏِينهن وَري،
هِڪ لَڪيءَ وَٽ آهِہ لاشڪ، مَسخري جِي مَسخري،
راند ڪَسبياٽي بہ ڪَندي، سونَ جِي جِنهن ڪي سَري،
ڳُڙ ڳَڙيون ڳائِڻ سَندس ۾، پاڻ جِهڙي ڪَر پَري،
تان هَمہ آيا هَلي، پَرچي ويو فِي الحال هال.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻُوڌ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ويا شُروع ٿي راڳ رَنگ،
مَسخري مَهندان پُڇين، مَعنيٰ ٻُڌايو مُون ملنگ!
ڇا ڏُڪڙ جي دانڊ ۾؟ ڇا ٿو ڇَوي چارڻ جو چَنگ؟
سارنگيءَ جي سَئو رَنگيءَ ۾، آهِه ڪهڙو ٻول ٻَنگ؟
ڇا ٿي ڪسبياڻي ڪهي؟ ڪَريو هَٿ جي تور تال.

ٻُوڌ وَنهيان! ڳالهه سُيان، پاڻ ڪَئي مَعنيٰ مَلُوڪ،
چَنگ چَئي لعنت ۽ لعنت، ڏُوڙ ڦِٽ ڏُڪڙن ۾ ڏُوڪ،
ڏُوڙ لعنت ڪِنهن ڪُون، ڪِنهن ڪُون؟ سارنگيءَ ۾ اِيءَ سِلُوڪ،
هُو ڇَوي هِن حاضِرن، هِن حاضِرن تي هُوڪ هُوڪ،
جي مِڙيا ڪُل کيل تي، ناهِن خُدا پاسي خيال.

ٻُوڌ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ٻُڪ لڳيم بيحد گهٽي،
پَر چَڪاسيو چار آنا، هِي هَمه هَٿ ۾ ڪَٽي،
ڇي، اَٿئي چاندي صَفا، جا ڪُوڙ جي ڪانهي ڪَٽي،
پَر نه هوڻل تي هَلي، توڻي ٻيهن هَٿ هَٿ هَٽي،
مُهر ويئي ميٽجي، ري مُهر مُهرن مُلهه مَحال.

ٻُوڌ وَنهيان! ڳالهه سُيان، ڪانه پيان پُوري پَرُور؟
مُهر چانديءَ جي ٻه مومن! مُهر ري هَلٽي نه مُور،
تِيئَن اَوهين جي آدمي، هُوندا ڪٽي ظاهِر ظُهُور،
پَر نه هُوندو هِن هِنيين تي، نَقش نالو رَب غَفُور،
پوءِ 'احمد!' رَد اَحد وَٽ، مُهر ري جِيئَن رَد رِيال.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پر نه گهرجي گام ۾

سَپ شَيون سُبحان الله، ڪَن صُبح ۽ شام ۾،
آهِه عالَم آسرو، اَلله جِي اِنعام ۾،
نيڪ، نُوري ڪَم نمازن، ناهِه جِنهن ناڪام ۾،
سو فَسادي، فَرض جو مُنڪر نه گُهرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو، هِيءُ به آهي، پَر نه گُهرجي گام ۾.

آهِه آفيمن سَندي، اوڊِي چَگّي اوطاق ڪِين،
سُرڪ تي سَڙ سَڙ سَڙين، سُلفيءَ کي سُوٽا ڙا چِڪين،
بي نمازي پِنگ پِي، بي فائديون باتيون بَڪين،
ڪِنهن مَواليءَ جو مَنهه، مَنتر نه گُهرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو، هِيءُ به آهي، پَر نه گُهرجي گام ۾.

چور مان ڪانهي چَگائي، چور چوريءَ مان ڪَمائي،
يا ڪَدي ڪِنهن گهر کي گُهمرو، يا گَڏهه گابو گُمائي،
پوءِ ڪنَس عامِل اُگهاڙو، هَٿ مَٿان هَٽنَس نمائي،
سو گَندو، گانڊُو، گَلو، گِيهر نه گُهرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو، هِيءُ به آهي، پر نه گُهرجي گام ۾.

جِنهن به وَهٽائيءَ ۾ ويهي، واڙِيون وَننڊو وِياج،
'شائِن حاجُر' هَٿ بَڌي چَوندو، جَڏهن پَوندس ڪا حاج،
ڳَوٺ کي نِيندو ڳهي، پوءِ تان بَني پَر مان پَهاج،
سَچ ته اِهڙو ڪُلفتي، ڪافر نه گُهرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو، هِيءُ به آهي، پَر نه گُهرجي گام ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ناچ ناچُو، ناز نَخرا، راند، ڪافيون، راڳ بَيت،
ڏَمِ چڪر، دَم دَم دَمامن، دَف، دِلا، ڏُڪڙن سَميت،
مَنجھ ڪَچي اِهڙي ڪَچھري، ڪِيَن اَچن ڪاهي ڪُميت؟
خَير ڪونهي تِنهن خَلل اَندر، نه گُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو، هِيءُ بہ آهي، پَر نہ گُهرجي گام ۾.

غَير ڪان غَيرت نہ جِنهن کي، گهوٽ غافِل گَهر ڪَنان،
بَعض ايندا، بَعض ويندا، بَعض وِهندا پَر ڪَنان،
پيا ٿِيَن ديري ۾ داخِل، دوست ڏاريان دَر ڪَنان،
سو مَجُو اِهڙو مُهارِي، مَر نہ گُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو، هِيءُ بہ آهي، پَر نہ گُهرجي گام ۾.

لُچ لانبڙ، لانگ چوٽو، لُوف، بَدلڪو، لُفنگ،
ڪِنهن نِياڻي ۽ سِياڻيءَ جو، نہ نانگي کي ڪو ننگ،
ناهِ لانداري جو لائق، ڪِنهن جِي لانديءَ ساڻ لنگهہ،
بي حَيا، بَدڪار سو، بَدتر نہ گُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو، هِيءُ بہ آهي، پَر نہ گُهرجي گام ۾.

جو اَچي اِسڪُول مان، عامِل اڪر آڌا پَڙهي،
ڪِينَ جهڙي ڳالهہ تان، جِنهن کي وَڃي ڪاوڙ چڙهي،
پوءِ ڏَمي دَرخواست ڪُوڙي، ڪُوڙ ڪاڙهي ۾ ڪَڙهي،
سو مُخالف، مَست مُنشي گَر، نہ گُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو، هِيءُ بہ آهي، پَر نہ گُهرجي گام ۾.

دوست لائي دوستن سان، اِيءُ ڏَنڊو دَم دَم جِنهين،
ناهِ لائق لِڪ وِهارڻ، لائي چاڙهي ڪَم تِنهين،
ڪَم جِنهين ڪُلفت وِجهڻ، سو ڪِيَن ايندو ڪَم ڪِنهين،
فِتني، ڦِيٽار سو، فاجر نہ گُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو، هِيءُ بہ آهي، پَر نہ گُهرجي گام ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پير چائي، پيرويءَ ڪان، پير پاسي چاڙِ چاڙِ،
ٻي نمازي ٻنگ ٻڌي، پِنڪيِنَ ۾ پِنڪيون ڪاڙِ ڪاڙِ،
پوءِ جَتن وَرسائي وارِث، ٻِن جَهانن جاڙِ جاڙِ،
اَصل ڪان آنڻ اِهو، اَبتر نه گهُرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو هِيءُ به آهي، پَر نه گهُرجي گام ۾.

سَونڻ،شَڪ ڪَم شِرڪ جو، سَوٽِي صَفا ڪُوڙو ڪَذاب،
هِڪ ڪَدائي ڪاڏٺا، ٻيو پڻ ڪَري ڪُوڙو حِساب،
ٻار، ٻاين ۽ ٻُگهن ڪي، شِرڪ ۾ ڪيري شِتاب،
سو ڪُڌو، ڪاهِن، ڪَچو، ڪَمتر نه گهُرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو هِيءُ به آهي، پَر نه گهُرجي گام ۾.

مولوي ويچهو ته مُرڳو، مَرد، مايون مِڙ مُنا،
جي هَميشه ڪَم هَليا، چَوندو ته ناهِن سي سُنا،
پَر ڪَريو پَرهيز جِي، مُنهن، پيٽ ڏَڪيو پڻ پُنا،
گوڙ مَچندو پوءِ گهَڻون، گهَر گهَر نه گهُرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو هِيءُ به آهي، پَر نه گهُرجي گام ۾.

ٻَئي ٻَچي هاڻي بَرابر، واهه! ٻَن چوڙئي پِرا!
عِلم پَڙهيو لوڪ اَڙيو، عِلم وارا اَونڙا،
اِن جي تابع جي ٿِيَن، اُن ڪي هَٽن تَحتَ الثَرا،
ڪو مُلان، ڪو مَدرسو، مِهتر نه گهُرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو هِيءُ به آهي، پَر نه گهُرجي گام ۾.

ڪُوڙ ٻانئج ڪِين، سَچ ٻَچ، هاڻ ٿِي حالت اِها،
ڪاٽڪُو، ڪَمذات، ڪاذِب ۽ ڪَچر، ڪافر ڪِها،
سي ته ساڪِن گڏ سَپئي، سُهٽا سَندن سَنگت سِها،
اُن ڪي باقي عِلم جو گوهر، نه گهُرجي گام ۾،
اِيءُ ته خاصو هِيءُ به آهي، پَر نه گهُرجي گام ۾.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عِلم آگي موڪليو، اِحسان اُمت تي ٿِيا،
عِلم آندو مُصطفيٰ، عُلماءُ وارِث اَنبيا،
عِلم کان اَفسوس! عامي، اَج اَدا! اَڙجي پِيا،
عِلم وارو عامِيَن، آخر نہ ڳُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو هِيءُ بہ آهي، پَر نہ ڳُهرجي گام ۾.

عِلم آندو مُصطفي، اُن تي بِنا اِسلام دِين،
عِلم آهي پاڪ مُصحف، جِنهن اَندر اَحڪام دِين،
عِلم پاران پاڪ رَب، پريَن ڏِنون پيغام دِين،
پوءِ ڪِيئن پيغام پيغمبر، نہ ڳُهرجي گام ۾؟
اِيءُ تہ خاصو هِيءُ بہ آهي، پَر نہ ڳُهرجي گام ۾.

يا اِلاهي! وَڏ اَسان تي، عِلم جو اِحسان ڪَر،
عِلم بَخشي اُمتِيَن، اَڙيون سَندن آسان ڪَر،
ڪَم اَسان جا ڪُل، مُوافق قاعِدي قُرآن ڪَر،
بي روش ۽ راهہ، اَي رَهبر! نہ ڳُهرجي گام ۾،
اِيءُ تہ خاصو هِيءُ بہ آهي، پَر نہ ڳُهرجي گام ۾.

يا اِلاهي! آسرو 'احمد' کي آهي تو سَندو،
بادشاهن بادشاهہ تُون، آئون بَندن مان هِڪ بَندو،
تو سَوا بيو ناهِ ڪو، سو ناهِ ڪِهڙا ڪَم ڪَندو؟
ڪَرم تُنهنجي ڏار بيو، قادِر! نہ ڳُهرجي گام،
اِيءُ تہ خاصو هِيءُ بہ آهي، پَر نہ ڳُهرجي گام ۾.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سيدعبدالرحيم شاهہ سجاوليءَ بابت

سجاول جي سوغات

سَخي مَرد سادات عَبدالرحيمؔ،
ڀَلارو ڀَلي ذات عَبدالرحيمؔ،
ڀَلو بَحر بَرڪات عَبدالرحيمؔ،
سِجاول جِي سَوغات عَبدالرحيمؔ.

سِجاول جو سُلطان سَيد سَدَرؔ،
عَلي شاهہ جو آل عالي قَدَرؔ،
زَميندارِ اَعظم عِلاقي اَندرؔ،
سَخي مَرد سَڀ وات عَبدالرحيمؔ.

اَڀِچن تي اُن جُون عَطائُون اَنيڪ،
يَتيمن سَقيمن جو هَمدرد هيڪ،
نَمازي پَنجئي وَقت پابند نيڪ،
سَندو صَوم صَلوات عَبدالرحيمؔ.

مَداحي سَندس مَسجدن جا اِمامؔ،
دُعاڳُو دِلين ساڻ طالِب تَمامؔ،
ڪَئِي هَٿ جَڏهن ڪي بہ حاجي هُمامؔ،
نہ بِلڪُل ڀِڃي بات عَبدالرحيمؔ.

ڏِنئِين ڏان جِن چو دُعائُون نہ ڳَڻ،
لڌئِين سار جِن چو ثَنائُون نہ ڳَڻ،
سُڌارئِين بہ جِن چو صَدائُون نہ ڳَڻ،
نہ ڏاتا رُ! ڏِڃ ڏات عَبدالرحيمؔ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

نہ تِنهن مال ميڙڻ جي مَحبت مَجاز،
هَميشہ هِنين ۾ هُئَس حُب حِجاز،
چَڙهيو ٿي جَماعت وَٽي مَنجهہ جَهاز،
اُپو مَنجهہ عَرفات عَبدالرحيم.

پَڙهيو پاڻ اَٿ حَج چَڱان اِئَن چُوَن،
پَڙهائِين بہ مِسڪين ميڙي سُوَن،
هَزارن تي حَرمين اَندر هُوَن،
صِدق ساڻ صَدقات عَبدالرحيم.

پَڙهن دِين جو عِلم مَن! مُسلمين،
اِرادي اِنهيءَ ساڻ آخر اَمين،
اَسي يا نَوي لَک جي لائق زَمين،
ڪَئي خاص خَيرات عَبدالرحيم.

وِڏائِين پَڙهائڻ جو پايو پَڪو،
نہ ٻِئي وَقف تعليم لئي ڪِيو ٿَڪو،
سَڄي سِنڌ جي سُونهن سَيد يَڪو،
مِڙن کي ڪَيو مات عَبدالرحيم.

سَندس مَدرسي ۾ سِکن سَئُو سَچار،
تَنوارِين طوطا پَڙهن پَهر چار،
پَکن ۽ ڪَکن ۾ پَکيڙي پَچار،
سَندي دِين دِن رات عَبدالرحيم.

سِکيا لئي نہ ڪِيو سِنڌ مان ڪِنهن سَکر،
پَڙهن جِنهن جي آڌار تي ڪي اکر،
نہ سانگهڙ، سَنجهورو، نہ سيوَهڻ، سَکر،
ڪَٿيو خَير اِيءُ ذات عَبدالرحيم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چَڳائي ڳهڻ ۾، چَڱائي نہ چِڪ،
لڳي وِڪ تِهِن کي چَڱيءَ ڏانهن وِڪ،
لَين لک ٻين وٽ لَپي پَر نہ لِڪ،
مَنجهن جوش جَذبات عَبدالرحيم.

سَندن 'مدرسہ هاشمي' ياد باد!
شَب و روز شاگرد رَهن شاد باد!
سِجاول جي جامِع بہ آباد باد!
اِهي خَير خِدمات عَبدالرحيم.

سَخي شاهہ هاشِم عَلي بيو وَلي،
نوازِ عَلي پڻ غُلامِ عَلي،
پَلَن ڪَم پَلي ۾ سَندن پَر جَهلي،
هَمہ نيڪ حَضرات عَبدالرحيم.

ٻارهن سَئو مَٿي سال پَنجانوي،
تہ گهر گهر پَئي صَد مُبارڪ پَوي،
تہ اُڀريو اَڄ چَنڊ سَيڪو چَوي،
پَر بُرج سادات عَبدالرحيم.

تيرهن سَئو مَٿي سَرس سَٺ تي ڇهہ سال،
تہ وو وو! ڪَيو وِير وَرنهہ وِصال،
تہ ٿيو مِير مَخفي سو موتيءَ مِثال،
بَدرجہ سَعادات عَبدالرحيم.

حُڪم مولوي نيڪ مَحمُود جو،
تہ لِک شِعر ڪو شاهہ مَسعُود جو،
سِجاول جي مَحبُوب مَودُود جو،
ڏِنان ڏان ڏِينهن رات عَبدالرحيم.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مَجيو اَمر 'احمد' تَذهن ري طَمع،
تہ سَيد سَخي هو جَمع جِي شَمع،
ڪَيائين قَلمبند جوڙي جَمع،
حَسب حال حالات عَبدالرحيم.

*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ساري سدا ساراهيان

ساري سَدا ساراهِيان، غالِب غَني غُفران کي،
مَولا، مُهيمن، مُقتدر، مالِڪ مُلڪ مَنان کي.

قَيوم قائم ڪِبريا، اَوَل، نہ اُن جِي اِبتدا،
آخر، نہ آهِس اِنتها، دائم بَقا دَيان کي.

اَللهُ اَڪبر عَز وَ جَل، بُرهان بارِي بي مِثل،
آهي اَبد تائِين اَزل، حِڪمت حُڪم حَنان کي.

چَيا حَق ٻہ حِڪمت جا حَرف، تِنهن سان لڌو سَپِني شَرف،
سِج چَنڊ چِمڪيا چوطرف، بَرپاءُ ڪُن بُرهان کي.

هِڪڙو هِنيِين جي هَند ڪان، پُٽ ڪان ڦُڙو ٻِئي ڦَند ڪان،
جوڙي جُزو ٻِن جِند ڪان، خَلقي خُدا خاقان کي.

جِن ديوَ جيڪِي جانوَر، پاڻُون ڪَري پَروَر پَڌر،
سِينگار ڏِئي صاحِب سَڌر، موتي، مَٽيي، مَرجان کي.

وَسندي ٿِئي وَڻڪار ۾، سَبزيون رَهن سِينگار ۾،
گُل ڦُل ٽِڙن گُلزار ۾، رَونق رَسي رَيحان کي.

نازُڪ نَمونا نِت نَوان، ڪِيا سَروَ سَئو صاحِب سَوان،
عاجِز ٿيو اَڪثر چَوان، سارهہ صِفت سُبحان کي.

ڇَڏ شِرڪ جو شر شور تُون، وحدانيَت سين وور تُون،
ڏاتر ڏِهاڙي ڏور تُون، ڪَر ياد هِڪ يَزدان کي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

روز ڪِين رَحمان جو، شيوو رَکين شَيطان جو،
اِيءُ ڪَم اَٿئي ڪُفران جو، پَٽ بيخ ڪان بُطلان ڪي.

هَستي هُوندِ چَڏ هاڻ تُون، خالِق خُدا هِڪ ڄاڻ تُون،
مَحبت جا ميوا ماڻ تُون، آڻي اَندر اِيقان کي.

سائين ڪَيا ايڏا سَهنج، پَنجاهه مان ٿيا وَقت پَنج،
پورا! چو پائين روز رَنج، اِهڙي عَمل آسان ڪي؟

ظاهِر رَهين ٿو زَيب ۾، غافِل گُذارين غَيب ۾.
پَئو ڪِيمَ ڪِنهن جي عَيب ۾، مَر مَرد! پَنهنجي مان ڪي.

چاندي رُپي جي چال ڇا؟ مُشڪل ڪَندا حَل مال ڇا؟
سَگهندي سُپا ٿِي ڍال ڇا؟ قَهري اَجل جي ڪان ڪي.

سُرخا، سَمند، سَنجاب سَئو، ڪَرين مَٿي جِن مَوج مَئو،
وِسري پَلا ويندءِ پَئو، بيحد پَسي بَيران ڪي.

مَئو ۾ وَتين مَغرُور ٿيو، ڏيهه کان ڌِڪاٽي ڏُور ٿيو،
دَر تان دَڙيءَ جي دُور ٿيو، هَستي هَٽي حَيران ڪي.

هِن مُلڪ جا مالِڪ بيا، توڪي خَلل خالي پيا،
اَڄ ڪالهه ويندا ڪي ويا، سُڄ ۾ ڇڏيو سامان ڪي.

آهِم اِهو عاقِل! عَجب، جِيئَن نيڪ ڄائين مَنجهه نَسب،
ڏِيندين سُڀاڻي ڇا سَبب، ٿِي رُوبرُو رَحمان ڪي؟

آهين مُسافر! مَهل ڪا، پُونءِ ۾ پَئي ٿيندين پُڪا،
بِلڪُل بَندا! ناهي بَقا، هِڪ مَهل جي مِهمان ڪي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

حاڪِم هُجين جي هِند جو، سَردار ساري سِنڌ جو،
جوکو اَٿئي ته به جِند جو، دارُون ڪَندي دَرمان ڪي.

ٻالهيَن ۾ ٻُوڙها يار ڳڌ، هَلندا نه هُت هِڪ وار ڳڌ،
بَرسر بَديَن جا بار ڳڌ، ويندين ڪٽي وَيران ڪي.

جِن گَنج گوهر گَڏ ڪَريو، چائِون وَڏيرا ٿي وَريو،
سَڪرات ويلي چا سَريو، مايا مَنجهان مَستان ڪي؟

ڪوجهي ڪَمائي ڪِيمَ ڪَر، ڪولي اکيون ڪَر ڪا خَبر،
ڪِهڙي ڏِني قُوت ڪُفر، قارُون ۽ ڪِنعان ڪي؟

پَنهنجو پَرُوڙي پاڻ تُون، هَٿ آڻ حِيلو هاڻ تُون،
تانگهو نه توڙان جاڻ تُون، اِن بَحر بي پايان ڪي.

ڪو جو اِنهيءَ ڪُن ۾ قَهر، لَڪ لوڏيا جِنهن جي لَهر،
ٿيو سِر مَٿي ساري شَهر، طَرفان حُڪم طُوفان ڪي.

ڪَئي گوڙ گِردابن گَجي، هِڪدم هَزارين ويا هَجي،
بَرسر پيَن پيريون پَجي، گُوندر گَڏيئون گُذران ڪي.

لَڪ پاٽي پاتار اِن، بيڙيَن سين بوڙيا ٻار اِن،
ڪونهي تَٽي مَنجهه تار اِن، تَوبه بِنان تابان ڪي.

تُنهنجي تَجربي هيٺ ڪَئين، ويا نَر نِپائي نيٺ ڪَئين،
حِڪمت جي هُوندي هيٺ ڪَئين، لائي لَقب لُقمان ڪي.

دارا ڏِنون دانهيندي دَم، جَمشيد جهوريو پَنهنجو جَم،
اُهڪيءَ ۾ آيا ڪِينَ ڪَم، حِيلا هَمه هامان ڪي.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

فوجُون رَکيون فِرعَون ٿي، سانديئَين سَوين بيا سون ٿي،
پانيئَين بَرابر ڪونہ ٿي، طالِع پَسيو طُولان ڪي.

بَهرام، بَهمن، جَمجَم، حاذِق وَڏا حاڪِم هَم،
هَليا اُٿي هِڪدم هَم، آخر وَني اَرمان ڪي.

خُوني اَجل آيو ڪَٽي، حُڪمان حُڪم ويو سو هَٽي،
تِر جِي نہ سَگهيا ڏئِي تَٽي، سالِم سُخن سُبحان ڪي.

ڪاٽي خوديءَ ڪي چڏ ڪَٽي، ڪَر ياد دِل سان هِڪ ڏَٽي،
پاٽان پيهي جاٽج پَٽي، هِن باغ ۽ بُستان ڪي.

ڪَر دِل وِياچي ڪو ڏِيان، مَحشر اَٿئي مَهندان مِيان!
هِڪدم وِجهن لاهي هِنيان، جابِر ڏِسي جَولان ڪي.

شاهِد سَوين سامهان ڪِبا، آڻي عَمل نامان ڏِبا،
ڪاهي قَيامت مِ نِبا، ماڻهون مِڙئي مَيدان ڪي.

تَڪليف، تِڙڪو، تاب ٿَئي، سِج ايندو نيزي پاند ٿَئي،
دَوزخ ڪَندو دَهشت دَئي، مَندبو اُتي مِيزان ڪي.

پُٽ پيءُ ۽ ڌِيءَ ماءُ، مَرد، زَن، هَر هيڪ هُوندو مَنجهہ حُزن،
آڳو اُتي ڏِيندو اِذن، تِنهن شاهہ عالي شان ڪي.

اُونائي 'احمد' جا عُذر، نِرمل ڪَندو نافِع نَظر،
سَڀ دَرد ٿيندا دَرگُذر، دائم لَڳي دامان ڪي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حمد هر هر ڪيترا

هَر طرح هاديءَ ڪي لائق، حَمد هَر هَر ڪيترا،
ناهِه سَئو لک جو سَندو، ساريان سَراسر ڪيترا.

ڏِس عَجب اِسرار جهڙا، جوڙ تِنهن جا مَنجهه جَهان،
مَلڪ، ماڻهون، جِن، پَريون، اُپ عَرش اَختر ڪيترا.

ڪَن سَدا سِج، چَنڊ، سِتارا، سِر سَماءَ جي سوجهرو،
ڏِين سُونهان تِن سَبب، مُلڪين مُسافر ڪيترا.

مَن مَڻيان، مَرجان، موتي، مال، ذَرَ، مَهري، مَيا،
سَڀ اُپائين تول اِي، اِنسان آهَر ڪيترا.

مِينهن پاڻي مُلڪ تي، مِهرُون رَکي مَوجُود پاڻ،
ڏِين وِڄڙيون سِر وَلهارن، مُند وُٺي وَر ڪيترا.

اَمر سين الله جي، اوپڙ لَکين اِظهار ٿِين،
گُل، گُولاڙا، گاهه، گُلُون، ڪانهن ڪَئين سَر ڪيترا.

باغ ۾ باري بَهاري، وَڻ گَهڻيَن پاسي گهاٽان،
سَروَ سُورج ۽ سَمن، سُنبُل صَنوبر ڪيترا.

تو هَلائي حَق هَوا ۾، مَنجهه هَمائون ۽ هُما،
باز بَحري، بُلبُلون، قُمريون، ڪَبُوتر ڪيترا.

تا پُٽن پُونءِ تي پَٽون، سَپ نانگ سُوبِٽ سُرجتا،
ڪَن گُذر ڪِيڙيون، ڪِيان، واسينگ، وِسيَر ڪيترا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قِسم قُدرت جا سَندس، ڪِنهن پَر ڪَري سَگهبا بَيان،
پاڻ جاڙي، پاڻ آڙي، پَدر پَروَر ڪيترا.

پَنهنجي قُدرت پاڻ جاڙي، پَئي نہ ڪِنهن کي اُت پَرُوڙ،
ويا مُنجهي مَذڪُور اِن ۾، مَرد ماهِر ڪيترا.

هِي زَمينون، هِي زَمانا، ٿيا نہ اَڄ ظاهِر ظُهُور،
اِن کي هَلندي اِيئَن لنگهي ويا، وَرهہ ويتر ڪيترا.

خَلق خَلقي وَئي ڪَڏانهن، تِنهن جِي تہ خالِق کي خَبر،
ٿا لِکن اِظهار اِيئَن، عُلماءُ اَڪابر ڪيترا.

تان جَڏهن آدم هِتي، آيو لهي ڪَئون آسمان،
ساڻ بَرڪت تِنهن جي پَريا، بَحر ۽ بَر ڪيترا.

خاڪ خالِق جي اَمر سان، ڪَئي تَڏهن ڪولي خَبر،
ٿي چيئَين آدم اَڳيان، اَحوال اَظهر ڪيترا.

چِي پِيَس پِيريءَ ۾ آئون، ٿِئين تَڏهن پَيدا پِرين!
سَئُو لَگين سَن سال اَڳ، سَنپران سَراسر ڪيترا.

سي سَدا سِج، چَندُ، سِتارا، مَنجهہ اُپن اُپريا اَصل،
ٿي رَهيا مُنهنجي مَٿي، مخلُوق مُقرر ڪيترا.

سَچ، سَچا مُون تي سَوا لَک، ٿي لنگهيا آدم اَڳي،
جِن پُٺي تو جِيئَن هُئا، اَولاد اَڪثر ڪيترا.

ٿي ڪَئي هَر ڪِنهن حُڪومت، هِت اَچيو هِڪ ٻِئي پُٺيان،
ويا وَڃائي پوءِ وارو، وِير واهر ڪيترا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

لَک جُڳَن جا جوڙ سَنپران، چام! ناھِم ڳَھٽ ڄَمار،
رَھہ پَھر تُون پڻ سَندم، پُٽ تي پيغمبر ڪيترا.

پوءِ بہ خالِق خاڪ مان، آدم جَڙھن خَلقيو خُدا،
ھُئا زَمينن جا تَڏھن، پڻ زيب ظاھِر ڪيترا.

باغ ۽ بُستان سان، ھِيءَ پُون تہ سارِي ھُئي پَرِيَل،
مُلڪ ساري ۾ ھُئا، ميوا مُيَسر ڪيترا.

وَڻ ڪَندن وارو ڪَڏھن، ڪو ڪونہ ھو قائم ڪِٿي،
گُل ھُئا گُلبن ھُئا، گُلزار گوھر ڪيترا.

پوءِ ھَٿان قابيل ٿيو، جِنهن ڏِينهن ڪُسي ھابيل خُون،
ڏوھہ ڏِسي اُو ويا ڏَڪي، تِنهن ڏِينهن ڏُونگر ڪيترا.

رُو مُلڪ جِي ويئي مَٽجي، ٿِي ڪَري ڪارِي زَمين،
خَوف جاڳيا خَلق کي، اِن خُون خاطِر ڪيترا.

گُل چَڏي گُلزاريون ويا، وَڻ لڳا پوءِ ٻيا وَري،
ڪِرڙ، ڪانديرا، ڪَنڊا، اَڪ، ٿوڪ، ٿُوھر ڪيترا.

تِنهن پُٺيان طُوفان ٿيو، مَنجھہ نُوح جِي نَوبت نُزول،
ويا لُڙھي لَھرَن ۾ جِنهن جي، ڪُند ڪافر ڪيترا.

پَھڻ پاٽيءَ ھيٺ پيا، وِيرُون وَريون وَٽڪار تان،
خَلق ۾ ڪارا ٿيا پوءِ، سَمُنڊ سائر ڪيترا.

نُوح نُورانيءَ پُٺيان، لَک نامَور نِروار ٿيا،
ٿي چَڙھيا تِن ساڻ گَڏ، چَوڏار چاڪر ڪيترا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻور ٻيرا ڪيو ٻچائون، هَٿ ڏيو هَٿ ۾ هَزار،
ٿي مِڙيا مَيدان ۾، اُمراءُ اَڪابر ڪيترا.

پوءِ ويا پُونءِ ۾ پُڪا ٿي، سَڀ اُهي گهوڙي سَوار،
ڏار آهِن ڏڙ ڪنان، سُڄ ۾ پيا سِر ڪيترا.

تِن پُڄاڻان پوءِ وري، آيا ٻَدم ٻيا پهلوان،
ٿي چڙهيا ڪريو ڪٽڪ، ڪِسرا ۽ قيصر ڪيترا.

ٿي رَهيا دارا جي دَر، دَربان دايون دَم بَدم،
ٿي سَدا سَهڙيا سِپاهي، وَٽ سِڪندر ڪيترا.

تِن پُڄاڻان پوءِ وري، پَرتا ٻِيَن کي پَرٻَٽان،
نِت رَهيا جِن جي نَظر ۾ نِيچ نَوڪر ڪيترا.

لَک دَمامان، ڍُهل جَنگ ۾، ٿي وَڳا سامهان سُرُود،
ٿي نِڪيا نَعرن نَغارن، ساڻ نادِر ڪيترا.

سَڀ سَندِيَن ڪان پيا ڇڇي، سُڄي نه ڪو سالِم اڳَن،
بَلڪه پُونءِ ۾ ويا پُري، بانڪا بَهادُر ڪيترا.

اِن طرح آيا لَکين، اَڄ سين وَني آدم ڪنان،
ويا کِپي لَک خان، خاقان، خاڪ اَندر ڪيترا.

هِي ٻُڌيون ٻانءِ مَ ٻورا! وَٽ اَدا! عِبرت اُپي،
قَسم سان اِن ۾ اَٿئي، ڪامِل قَلندر ڪيترا.

مَوت مُوران ڪِنهن نه ڇڏيو، گَڏ گُذارڻ ڏِينهڙا،
ويا جُدا ٿي هيڪ ٻِئي کان، يار ياور ڪيترا.

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

ڪِينَ ڪِي اِن کي رُڳو، واحِد وِڇوڙو وِچ وِڌو،
ويا هَٿان هَر ڪِنهن جي هُوندا ڀاءَ بِرادر ڪيترا.

ڪِن مَري مائٽ ڇَڏيا، پيا ڪِن جا مائٽ مَنجهہ مُقام،
ٿِي پَري ويا پاڻ کان، پُٽ پيءُ اِن پَر ڪيترا.

ڪَئِين هَزارين گڏ هُئا، هِڪ هِڪ هَليا ٿِي هيڪلا،
ٿِي دَفن ويا ڏُوڙ ۾، او دوست دِلبر! ڪيترا.

ڪِن کي آيون هَٿ زَمينون، ڪي ذَرا ٿيا مَنجهہ زَمين،
ٿا رَهن ڪِيئن مانجهِيَن جا، مُلڪ مُضطر ڪيترا.

هاڻ هِنيان پوءِ پيا هَلندا زَمانا هِي گهڻون،
ڪوهہ ڪَرين تاريخ تُون، پوءِ تَڪبر ڪيترا؟

مانُ مِلڪيَت مِڙ ڇَڏي، ٿيندين مَري مَدفُون نيٺ،
بَعد تُنهنجي بَخت ٻيا، نِيندا بَرابر ڪيترا.

تُون قَبر جي هيٺ قابُو، قَيد هُوندين سين قِيام،
پيا اِتي وَسندا مُدامي، مِينهن مُند سِر ڪيترا.

هِي مِڙئي جَڳ جوڙ جوڙ، هُونِ جارِي مَنجهہ جَهان،
پيا ڪَندا سِج چَنڊ ساهو، سال ساجُهر ڪيترا.

اَمر اِسرافيل کي، آڳو ڪَندو پوءِ عاقِبت،
ڦُوڪ ڏَنڊ جِي سان ٿِيَن، فاني فَنا دَر ڪيترا.

پَهڻ پُرزا ٿِي پُرن، اَڏ ٿِي اُڏامن آسمان،
ڏُونڻ ڏَرتيءَ کي هَٽن، وايا وَڏاندر ڪيترا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مُلڪ ۾ مخلُوق ڪو، مَوجُود رَهندو ڪونہ مُور،
ذات پَنهنجي سان ڳَندو، اِئِن قَول قادِر ڪيترا.

آهِہ اُن مان ڪو هِينئر ڇا؟ جي ٿي مَرڪيا مِلڪ تي،
خوش ٿيو وينا ڳَتن تي، خان خوشتر ڪيترا.

پاڻ پُڇندو پاڻ هُوندو، پاڻ چُوندو پوءِ جَواب،
مُلڪ آهِن مِلڪ ڪارڻ، رَب قاهِر ڪيترا.

آهِہ هُو، هُوندو هَميشہ، حال هِڪ تي پاڻ هِڪ،
حال ٻِئي اَحوال لنگهندا، اَوَل آخر ڪيترا.

حَق خُدا هِڪ، حَق مُحمد، حَق قَيامت، حَق ڪِتاب،
حَق مَجيو جِيئندا هُئا، مَنجهہ ماڳ مَحشر ڪيترا.

مِڙ مري هيڪار پوءِ، ٿيندا حَياتي مَنجهہ حَشر،
هَٿ ۾ هَر ڪِنهن کي ڏِبا، دَرپيش دَفتر ڪيترا.

آهِہ ڏاڍو ڏِينهن اُهو، ڏُهلو ڏُهارين لاءِ سَخت،
غَرق ٿِي ويندا گُناهي، مَنجهہ گُوندر ڪيترا.

ٿا ڳَندا ڪافر ڪِهُون، يا لَيتَني ڪُنتُ تُراب،
مَنجهہ مَگر ويندا ٻَري، مَردُود مُنڪر ڪيترا.

مومنن تي مَهند ميوا، ڏِين ماويٰ مَنجهہ مَڪان،
جِنهن ۾ ميوا مِڙ مُيَسر، زيب زيوَر ڪيترا.

آهِہ 'احمد' يا اِلاهي! آسري تُنهنجي رُڳو،
ڏي دِلاسو ڏيهہ ڏَٽي! دانهيان ٻيا دَر ڪيترا.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد ڏاتي وهاب ڪي

واحِد ڏاتي وَهاب ڪي، واڪاڻ ويروتار آهِہ،
سُبحان تيري صاحِبي! سارهہ سَندس صَدبار آهِہ.

والِد نڪو آهي وَلد، لائق لَطيفي لَمۡ يَلِد،
مَنجهہ قُل هُوَ الله اَحد، اِظهار اِيءُ اَذڪار آهِہ.

اُپ، عَرش، پُون، ڪُرسي، قَلم، آهينِ مَنجهہ اُن جي عِلم،
هادي وَڏو صاحِب حِلم، غالِب غَني غَفار آهِہ.

ڪَئِين گُلبدن گُل آب مان، پَيدا ڪَري پيشاب مان،
عاقِل! مَٿي اِن باب مان، عِبرت وَڏي اِظهار آهِہ.

ٻانهان! ٻيا شَڪ ٻار تُون، واحِد جِي وائي وار تُون،
هَردمۡ هَنجُهون پيو هار تُون، ٻيو بَحث سَپ بيڪار آهِہ.

پورو مَ ٿِي اِن باب ۾، خالي دُنيا جي خواب ۾،
گهوڙا! اِنهيءَ گِرداب ۾، طُوفان، تِڪ ۽ تار آهِہ.

مُشتاق آهين مال جو، زينت، زَر يا زال جو،
رَک هوش پَنهنجي حال جو، واجب ڪَرڻ وِيچار آهِہ.

تو لاءِ جاڳي جوش جَل، ڪِيئن ٿو وِجهين ڪانيون ڪَجل؟
اوڏو اَدا! آيو اَجل، هوڪو سَندس هَر پار آهِہ.

هِت ٿي ٻُڌا حاڪِمۡ وَڏا، لَنگهيا ٻَڌي لوڪان لَڏا،
ڪِٿ ڪِٿ لِين ڪِن جا هَڏا، جِن ۾ نہ ڪا سُڌ سار آهِہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَرتاج ساري ڏيهه سَندا، زاريون ويا ظاهِر ڪَندا،
باقي نه رَهندو ڪو بَندا! هَر ڪِنهن هَلڻ هيڪار آهِه.

جوتي جَنگيون جولان ۾، مانجهي بينا مَيدان ۾،
ٿي اَج چيئون چوگان ۾، تائين لٿي تَڪرار آهِه.

حاضِر هَزارين لک هُوا، مِڙ مَرد ماري ۾ مُوا،
پِڙ ۾ وَجي پَس تِن پُوا، ڇا ٿي قَتل جي ڪار آهِه؟

ڪِن جا مِٽي پَريا مَٿا، ڏاڙهُون چِٽيون ۽ ڏَند لَٿا،
ڪِن اَهلِ ماڙيءَ جي مَٿا، واريءَ جِي وارو وار آهِه.

وَرندي نه ڪِنهن جِي واڪ ٿي، سَڀ خاڪ ۾ ويا خاڪ ٿي،
آخر سُجي اوطاق ٿي، بَيران سَڀ بازار آهِه.

قائم جَنگي قانُون ٿيا، ڪِن خُون ڪِيا، ڪي خُون ٿيا،
پوءِ مِڙ مَري مَدفُون ٿيا، تِن سِر تَنگي تَڪرار آهِه.

لک لک لَڙايون ٿي لَڳيون، بانڪا وِڙهيا پيرُون وَڳيون،
آخر ڦِرو دَورو اَڳيون، هَڏ هَڏ نه گَڏ هِن وار آهِه.

حَملا ڪِٿي هامان جا؟ خِيمان ڪِٿي خاقان جا؟
اُمراءُ ڪِٿي اِيران جا؟ دارا جِي ڪِٿ دَربار آهِه؟

مَنجهه خاڪ آهِن ڏِس ڪَرو، تُربت جو تانگهي ڏِس تَرو،
ڪو ڪِٿ ڏَرو، ڪو ڪِٿ ڏَرو، پُورو سَندن اِيءُ پار آهِه.

ڏِس تُون مُئن پاسي مِيان! تان ڪيتِرن ۾ پيا ڪِيان،
هَٿ، پير، سِر، هَڏ، چَم، هِنيان، هر هيڪ ڏارو ڏار آهِه.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قابُو قِيامت ٿِي ڪٽي، هاوِي هَڪل بينو هَٽي،
ڪائي جِسم جِي ڪَل ڪٽي، اَڪثر مَنجهس آزار آهِ.

ڪُفار ڪارو مُنهن ڪَري، داخِل ڪبا دَوزخ تَري،
هِي ٿِين بارڻ، هُو بَري، اِن ۾ نہ ڪو اِنڪار آهِ.

هَرڪو هُجي حَيران اُت، اِيندِي عِزت ڪم ڪانہ اُت،
گهُرجي اَدا! اِيمان اُت، دَولت نہ بِي دَرڪار آهِ.

سارِي عُمر ويئي سُتي، هَي! حال چا ٿيندو هُتي؟
اَلغرض ’احمد‘ جو اُتي، بارِي! مَٿي تو بار آهِ.
*

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

عطر آنست ڪہ خود ببوید، نہ آنکہ عطار بگوید. عطر پنهنجي اپڪار سان پاڻ کي پڌرو ڪندو آهي، نہ ڪہ عطار جي چوڻ سان. اسان جو ممدوح مولوي احمد ملاح رحہ ان مثال تي مِن و عَن پورو اچي ٿو.

قوم: مسڪين ملاح

جاءِ پيدائش: ڪڇ جي رڻ جو ساٿ ڏيندڙ ڳوٺ ڪنڊو

تعليم گاهہ: غريباڻا مدرسا

صحبتي: ويلي لاءِ محتاج علماءُ ۽ مفلس عوام

مقابل: وڏا زميندار، جاگيردار، تاجر، گادي نشين پير، ان وقت جي انگريز سرڪار ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ باطل جي نمائندگي ڪندڙ مفڪر

وسيلن جي محتاج دنيا ۾ بي وسيلي مولوي صاحب کي شڪست اچڻ کپي، پر هتي مقابل سندس قادرالڪلاميءَ کان پنهنجي تحريڪ کي ٽٽندو ڏسي ميدان ڇڏيندي نظر اچي ٿو. بيان جو ڌڻي، معانيءَ جو مير، علم بديع ۾ بي بها، سلاست ۽ بلاغت جو بحرِ بيڪران هئڻ جي حيثيت ۾ سندس ڪلام موزون شاعريءَ ۾ هڪ اعجازي رتبو رکي ٿو.

پروفيسر ضرار رُستماڻي کيرون لهڻي جنهن هن خاتم الشعراءِ جو ڪلام تحقيق ۽ ترتيب سان پيش ڪري سنڌي قوم تي خصوصاً ۽ مسلمانن تي عموماً احسان ڪيو آهي. الله تعاليٰ سندس ڪيل پورهيو قبول فرمائي. آمين!

مولانا عبدالرحمان جمالي

عمرڪوٽ

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book